# نيوهالا کان نيويارک

## (آمريڪا جو سفرنامو)

الطاف شيخ

الطاف شيخ جي ذاتي ويب سائيٽ

www.altafshaikh.com.pk

# فهرست


- مسافر پاران
- هوائي ۽ ساموندي سفر ۾ فرق
- پائلٽ سڌي ليڪ ۾ جهاز ڇو نٿو هلائي؟
- هاڻ آمريڪا ۾ آچار ۽ ڳڙ بہ ملي ٿو
- آمريڪا ۾ خوشحاليءَ جو راز
- آمريڪا ۾ پريالو ڳوٺ جو همراهہ
- مون سان پنهنجن ئي ويڌن ڪئي
- ساڳيو ’ڪاسائڪو‘ ڪم ڪندس
- چار ئي شير آمريڪا ۾
- نيويارڪ اچڻ تي واڱڙو ٿي ويس
- آمريڪا مفاصلن جو ملڪ
- ظفر فاروقي ۽ رام رنگواڻيءَ جا پار
- مائرن ڪي ننڍ جي دوا ڏيڻ ڪپي
- بيماريءَ جو گهٽو راڳ نہ ڳايو
- ايمرجنسيءَ ۾ ائٽلانٽڪ ڪراس نہ ڪندس
- هڪ سنڌيءَ ڪي بہ ايئرپورٽ تان موٽايو ويو
- اسان لاءِ JFK ايئرپورٽ سهوليت وارو آهي
- JFK ايئرپورٽ تي هوائي حادثا
- هر حادثي پويان مسلمانن جو هٿ
- هالا جي ليليٰ ۽ اُنڙ پور جو رمضان آمريڪا ۾
- مرحوم صديق گاجٽيءَ جو اولاد آمريڪا ۾
- سپ هتڙي ئي تہ آهيون
- آمريڪا جو دلپسند صدر ڪينيڊي
- ڪينيڊيءَ جا قاتل ڪير هُئا؟
- جئڪي اسانجي فئوريٽ، اوناسز اسان جو باس
- ڪهڙو آمريڪا؟
- يورپين جو آمريڪا پهچڻ
- آمريڪا وارن پنهنجين حڪومتن مان جان ڇڏائي
- غلام شاهہ ڪلهوڙي جي ڏينهن جو حيدرآباد

- آمريڪا جي مختصر تاريخ
- آمريڪا جي پنجاهين رياست هوائي ٻيٽ آهي
- واشنگٽن جي سنڌي شام
- آمريڪي فوج ۾ ڦهريون سنڌي
- پروفيسر جاويد پٺي سان ملاقات
- ابراهم لنڪن ٽپتائي نہ هو
- I have a dream مارٽن لٿر ڪنگ جو خواب
- ڪنگ لٿر جي "I have a dream" مشهور تقرير آهي
- نجم جي دال جي چا ڳالهہ ڪجي
- عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ امر سنڌو
- پروفيسر جاويد پٺو ۽ نفيسہ هود ڀائي جي ڪهاڻي
- ڪجهہ نيويارڪ بابت
- نيويارڪ شهر پنجن حصن ۾ ورهايل آهي
- نيو يارڪ جي ترقي ۽ مشهوري
- نيو يارڪ ڪي پُليون ۽ سرنگهون ڳنڍين ٿيون
- جهاز وارن لاءِ نيويارڪ جي نئروز ويرازانو پُل اهم آهي
- ماتلي جا ماڻهو بہ آمريڪا ۾ فراڊ پيا ڪن
- ”ڪل هو يا نہ هو“ فلم ۾ نيويارڪ جي ويرازانو پُل
- آمريڪا جي خوبصورت ندي ـ هڊيسن
- فوٽو ڪڍڻ جي اجازت ناهي.....
- نيويارڪ جون پراڻيون پُليون....
- نيويارڪ ۾ گمبٽ جي ڊاڪٽر ڪئپٽن مفتون سان ملاقات
- نيويارڪ جون ڪجهہ ٻيون پُليون
- نيويارڪ جون ڪجهہ وڏيڪ پُليون
- آمريڪا ڪندن ۾ سڀ کان گهٽي هسپانوي هلي ٿي ڳالهائي وڃي ٿي
- نيويارڪ تي ڦهرين ڊچن قبضو ڪيو
- ايڊيسن، وال وٽمن ۽ مارلن براندو بہ ڊچ هئا.
- هي نيويارڪ جو علائقو بي رج نہ پر بيروت آهي
- پورچو گالي ۽ هسپانوي ٻولين ۾ فرق
- هيمون ڊرائنگ ۾ فيل ٿي پيو

- اصحابي مسعب بن عمير نالي نيويارڪ ۾ مسجد
- امام رضا شاتا جرمني ڇڏي نيويارڪ آيو
- هيري جي چونڊ سولي، سگ جي چونڊ ڏکي آهي
- ماڪيءَ جهڙي مٺي آواز ۾ چيو تہ مونکي قبول آهي
- آئون بي عزتيءَ جي سرن سان اڏي وئي آهيان.
- مسلمان پنهنجي ملڪ ۾ پر اسلام ولائت ۾
- اڄ ٻيبيون ٿي پيون آهن
- آمريڪا گجراتي پٽيلن سان ڀريو پيو آهي
- کهڙي شيءِ آهي جيڪا آمريڪا ۾ نٿي ملي!
- ڪمينٽ مينٽ بہ ڪا شيءَ ٿيندي آهي
- شيراز هوٽل جو ميان عزيز ۽ آصف رشيد
- اهو ڪيئن ٿا چئو تہ مغرب جا ماڻهو ڪافر آهن.
- امام صاحب FBI جو ماڻهو نڪتو
- سنڌ ۾ ڪو بزنيس ڪري نہ سگهندين
- حبيب آمريڪن بئنڪ جو سنڌي مئنيجر
- نديم جوٽيجو ۽ سندس زال سميرا قاضي
- هميراڻي صاحب ٻارن سان ملڻ لاءِ آمريڪا آيو
- سنڌ جون خبرون، خوشيءَ جون نہ آهن
- آمريڪا ۾ مهانگائيءَ سان گڏ بيروزگاري بہ ...
- وزٽ ويزا وارو آمريڪا ۾ سوچي سمجهي نوڪري ڪري.
- ڳوٺ چمون آگامو (رتوديرو) جي محمد پناهہ راڄپر جا پوٽا USA ۾
- ڇا ان کي چئبو آهي اسلام جي خدمت؟
- هاڻ تفريح بہ هٿن مان نڪري ويئي
- بشير انصاري ۽ غلام مصطفي ٻگهئي جا ٻار
- نيو جرسي جي مشهور رٽگرز يونيورسٽي
- ڪارنيل يونيورسٽي جتان منهنجي والد M.Sc ڪئي
- ڊاڪٽر علي ابڙو ۽ سندس گهرواري
- Yala ۾ پرسٽن يونيورسٽي
- تون ڪٿي آهين پرين......
- Zarina Baloch is a Talented Soul
- آمريڪن ڪير آهي؟

- آمريڪا جي صدرن جون ملندڙ ڳالهيون
- واسواڻي سينٽر نيو جرسي ۾
- ورلڊ ٽريڊ سينٽر جو حادثو
- ڪجهه دلچسپ ۽ تاريخي ڳالهيون
- نيويارڪ ۽ مئن هٽن جي جهمپا لاهيري
- وڌياڌر سورج پرساد نائيپال (V.S. Naipaul)
- نندي ڪنڊ جي ليکڪن جا ڪتاب آمريڪا ۾
- نيويارڪ جا نرالا نالا
- نيويارڪ جو بندرگاهه، ريل ۽ ٽئڪسيون
- آمريڪا جا ڇهه ٽائيم آهن
- آمريڪا ۾ دنيا جون اتانهيون عمارتون
- واشنگٽن ۾ سب وي ۾ سفر
- واشنگٽن ۾ ملائيشيا جو سفارتخانو ۽ UDC
- 42 سالن بعد انور ميمڻ سان ملاقات
- خالد هاشماڻي پاڻ به ايراني ٿو لڳي
- خالد جا ياءُ پيٽ ۽ اقبال جماڻيءَ جا يار
- انور ميمڻ جو مشهور انگريزي گانو
- ايرانين ۽ اسان ۾ فرق ڪُرڙ وارو آهي
- اقبال ترڪ ۽ سندس پائر
- آمريڪن يونيورسٽين جا سنڌي گرئجوئيٽ
- نيو جرسي جا بهترين تعليمي ادارا
- دنيا جي وڏي ۾ وڏي لوهي مورتي
- لبرٽي، ايلس ٻيٽ ۽ مجسمو
- مجسمي جي ڪجهه عضون جي ماپ
- Give me your tired, your poor
- هڪ اکر Ellis ٻيٽ بابت
- ڊاڪٽر خميساڻي ۽ هاليپوٽي جو احوال
- هڪ اکر ورلڊ سنڌي ڪانگريس بابت
- واشنگٽن ۾ منور لغاريءَ وٽ وچڙ جو  ارادو
- دادوءَ جو ابراهيم چنا نيو جرسيءَ ۾
- خالد ۽ مسعود چنا هاڻ انجنيئر گهٽ طبيب وڌيڪ آهن.

- نئچرل فوڊ واپرائٽ جو فئشن
- طفيل چانڊئي بهَن، بيدمُشڪ ۽ لوسڻ جا فائدا ٻُڌايا
- نواب شاهہ جو شَڪيل ميمڻ ۽ هن جا پائر پينرون
- حيدرآباد جو حڪيم نظير احمد شيخ
- ڪُڏن تي لغڙ اُڏائيندڙ هالا جو نجم نيويارڪ ۾
- ٽنڊو جان محمد جو بابُو عبدالرحمان ۽ يوسف ڏاهري
- پاڪستان جي شيءِ مفت ۾ بہ نہ ڪپي
- رميش ٺاروانٽيءَ ۽ مکي سرواڻند جو احوال
- چگو جو مون توهان کي جهاز گهمايو
- ائٽلانٽڪ سٽي جواخانن جي ڪري مشهور آهي.
- ڊيلا ويئر ندي ۽ چيزاپيڪ خليج
- چيزاپيڪ خليج جي پس منظر ۾ لکيل ڪتاب
- فلڊلفيا جي ڪارن (شيڊين) سان ڪير نہ پُڄي
- ڊاڪٽر خورشيد چنا ۽ ڊاڪٽر نصرت قاضي آمريڪا ۾
- فلڊ لفيا آمريڪا جي خوبصورت شهرن مان هڪ
- ڪرنڊڙ تعليم ۽ ڏاڙيلن بابت لياقت عزيز جا ويچار ......
- فلڊلفيا کان بالٽيمور ۽ پوءِ واشنگٽن
- فلڊ لفيا کان واشنگٽن ڊي سي
- واشنگٽن شهر جا رستا ۽ گهٽيون
- اڄ وري ياد آيا پنهنجا پيارا
- منور جو هڪ ڪمري وارو گهر
- واشنگٽن ۾ سنڌي شام
- ائمبسڊر جان ڊبليو مئڪڊونالڊ - امن جو رکوالو
- سنڌ ۾ پاٽيءَ جي اٽاٽ ۽ هيءَ چوڪري ڪير آهي
- حميرا رحمان بابت بہ اکر
- پليجي صاحب جي رلي ۽ شوڪت نظاٽيءَ جي اجرڪ
- هتي هر شيءِ اوڏر تي ورتل آهي
- منور جي ڪار جيڪا سندس ملڪيت آهي
- هالا جي نجم ميمڻ جي آمريڪا پهچڻ جي ڪهاڻي........
- نجم هڪ گوريءَ سان شادي ڪئي آهي
- ڇا اهي خوشيءَ جون ڳالهيون آهن؟

- وائيٽ هائوس اڳيان احتجاج
- ڊائنا آرٽرز سان ملاقات
- آئون انهن پوائٽين يادگيرين ڪان ڇوٽڪارو چاهيان ٿي
- ان تي بش بي چين ٿي مشرف کي فون نہ ڪندو
- ان پٺيان سندس سالن جي محنت آهي
- And come out of the Land that belongs to others
- سنڌ ۾ ان جي عوام لاءِ آزار بٽيل اڳواڻ
- ٻيڙي ٻيڙي ٻڌ، سورائتي سندرو
- آمريڪا ۾ سنڌين جون تنظيمون ۽ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (WSI)
- انٽرنيٽ تان ورتل
- پاڪستاني سفير جنرل جهانگير ڪرامت سان ملاقات
- مليحا لوڌي ۽ اشرف جهانگير قاضي بہ هتي هئا
- آئون ائين ئي اچي آمريڪا پهتو آهيان
- نان ڊپلومئيٽ جنرل صاحب سان ڪهڙا ويهي سور سليان....
- ڪجهہ ٻڌيءَ شهريت بابت
- آمريڪاَ ۾ پاڪستان جو سفارتخانو ۽ قونصل خانا
- پير جي ڳوٺ جو ڪليم خلجي ۽ سندس پائر پينرون
- اهڙيءَ جينٽري سان ئي چاڻ سچاڻ ٿيندي.
- آمريڪن ڪانگريس مئن ٿام ٽانڪريڊو سان ڊنر
- يوگا ذريعي بہ ماڻهن خوب پئسو ڪمايو آهي
- نيويارڪ جي بخارا هوٽل جي مٺائي
- تہ اسانجو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي
- شمع ۽ ان جو ناناڻو خاندان
- واشنگٽن جو انڊين ريسٽورنٽ ۽ ان جا ڪاڌا
- ان ڏنگي ماڻهوءَ سان ملاقات ڪيئن ٿي؟
- جابلو رياست جو هي رهاڪو ڳالهائڻ جو ڪرو آهي....
- دلپي سنگهہ سانڊ ۾ مئڊم ڪوسا
- هيءَ ڊنر ڇگي مهانگي پيئي
- آمريڪي حڪومت جو ڍانچو

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1. اناميڪا
2. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3. پيار جي گهُٽ
4. وايون وڻجارن جون
5. سي پيڙيون رکين پاجهہ سين
6. دنيا آهي ڪاڪ محل
7. سمونڊ جن ساٿيهہ
8. بندر بازاريون
9. سمونڊ جي سيوين
10. سي ئي جوپن ڏينهن
11. بندر ديسان ديس
12. خبرون ڪيڙائن جون
13. ڪويت ڪنارا
14. ڇا جو ديس ڇا جو وديس
15. جاني تہ جهاز ۾
16. جپان جن جي جيءَ ۾
17. ڳالهيون تنهن جپان جون
18. خدا ڏي خط
19. جپان رس
20. سانپاهو سمونڊ جو
21. موج نہ سهي مَڪڙي
22. الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
23. بهترين سفرناما
24. لنڊن تائين لفٽ
25. ٻارن جون آکاٽيون
26. ٽوڪيو جي گيشا گرل
27. مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28. سنگاپور ويندي ويندي
29. ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ
30. ماستر هريام جو بئنڪاڪ وڃڻ
31. دُنگيءَ منجهہ درياهہ
32. ڏاهي جهرڪي
33. جت جر وهي ٿو جال
34. يادن جي انڊلٺ
35. ڳالهيون آهن ڳچ
36. اي جرني ٿو ٿائليند
37. Proverbs Of Far East
38. اوهريا جي عميق ڏي
39. اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا
40. ملير کان مالمو
41. جت برف پئي ٿي جام
42. ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن
43. ارائونڊ دي ورلڊ
44. رٿي آهي گهوٽ سان
45. يورپ جا ڏينهن راتيون
46. اي روڊ ٽو مدينا
47. هيلسنڪي جي حسينا
48. سنگاپور ٿو سڏ ڪري
49. آل ابائوٽ سنگاپور
50. ملائيشيا منهنجي من ۾
51. پلي پار تان پيرو
52. هي ٻيٽ هي ڪنارا
53. بوتلن جو سفر
54. سوزيءَ سان پيار
55. جل پريون
56. ملائيشيا 12 سالن بعد
57. تيستائين گڊ باءِ
58. جپان پنجويهہ ورهين بعد
59. ڪراچيءَ کان ڪوڪورا
60. دهليءَ جو درشن
61. نيو هالا کان نيويارڪ
62. بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور
63. ايران ڏي اُڏام
64. چنڊ چوانءِ سچ
65. هلي ڏسجي هندوستان
66. پکي اڏاٽا پنهنجي ديس
67. ممباسا، شيدي باڇا همباشا
68. ڏيهہ پر ڏيهہ جو سفر
69. بمبئي منهنجي پاکر ۾
70. هليو آ، هليو آ، ملائيشيا
71. مونکي موهيو ملائيشيا
72. آمريڪا ڙي آمريڪا

اردوءَ ۾

73. سمندر کے دن
74. ملائیشیا کے دن
75. یورپ کے دن
76. کراچی سے کوپن ہیگن
77. ایران کے دن
78. جہاز چلانے کے دن
79. جپان کے دن

80. گیشائون کے دیس مین

## انتساب

## رشيد ڪرل جي نالي

رشيد ڪرل نہ منھنجو ڳوٺائي آھي ۽ نہ ئي وري ڪو اسان ساڳي اسڪول مان پڙھيا آھيون. البت سندس ننڍي ڀاءُ تسنيم ڪرل، اسان واري دؤر ۾ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ضرور داخلا ورتي ھئي. رشيد عمر ۾ بہ اسانکان ٽي سالَ کن وڏو آھي.

رشيد سان مونکي اسانجي ڪلاس ميٽ شوڪت جماڻيءَ 1960ع ڌاري خيرپور ۾ ملايو، جڏھن اسان نائون ڪلاس پاس ڪري، مئٽرڪ ڪلاس ۾ وڃڻ کان اڳ، ڳوٺ ۾ موڪلون گذاري رھيا ھئاسين.

خيرپور جي دوست شوڪت جماڻي لاءِ لکي چڪو آھيان، تہ ھن کي ننڍي ھوندي کان نہ فقط پاڻ کان وڏن سان ملڻ جو شوق ھو، پر ڪيس قدرت طرفان ڳالھائڻ جي طريقي جو ڏانءُ بہ آيو ٿي. اسان ھر سال موڪلن ۾ جڏھن ھن جي گھر خيرپور ويندا ھئاسين، تہ ھو صبح کان وٺي شامَ تائين شھر جي مختلف ماڻھن سان ملندو وتندو ھو. آفيسر، سياستدان، سيد، پير، مائٽ مٽ ۽ پوءِ خيرپور جا ماڻھو ڪتندا ھئا تہ سکر، راڻيپور ۽ گمبٽ وٽي ھلندو ھو. سڀ کان گھڻو سندس پاڙي ۾ رھندڙ وڪيل ھادي بخش لاڙڪ صاحب وٽ ويندا ھئاسين ۽ ٻئي نمبر تي جسٽس عبدالرحيم ڪرل صاحب وٽ. تنوير عباسي، نسيم ڪرل ۽ رشيد پٽي جھڙن خيرپور ۽ سکر جي اديبن سان شوڪت ملايو. ھونءَ رشيد ڪرل شوڪت جي وڏي ڀاءُ محمد (نصير) جو ڪلاس ميٽ ھو، جنھن سان ھو ملڻ ايندو ھو تہ ساڻس شوڪت جي گھر بہ ملاقات ٿي ويندي ھئي. تن ڏينھن ۾ ھي خيرپور جي ممتاز ڪاليج مان انٽر ڪري چڪا ھئا.

جسٽس عبدالرحيم ڪرل صاحب شوڪت جماڻيءَ جي والد عبدالواحد جماڻي صاحب جو تڏھن کان دوست ھو، جڏھن اجا شوڪت وارا خيرپور لڏي نہ آيا ھئا ۽ پر واري ڳوٺ ٺيڙھيءَ ۾ ئي رھندا ھئا. ھادي بخش لاڙڪ صاحب شوڪت وارن جو پاڙيسري ھجڻ کان علاوه جسٽس ڪرل صاحب جو نياڻو پڻ ھو. جسٽس صاحب جي وڏي نياڻي نيلوفر جيڪا ليڪڪا بہ آھي، ھادي بخش لاڙڪ جي زال آھي. ڪجھ سالن بعد نسيم ڪرل ۽ رشيد ڪرل جي شادي بہ جسٽس ڪرل جي گھران ٿي، جيڪو ھنن جو سڳو چاچو ٿئي.

1857ع واري انڊين بلوي بعد ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي ڪافي اٿل پٿل ٿي. ڪيترائي پنجاب جا رھاڪو لڏ پلاڻ ڪري، ھيٺ ڏکڻ طرف سنڌ ۾ اچي رھيا. رشيد ڪرل وارن

جا وڏا بہ ان وقت راوي ۽ چناب ندين جي دوآبي واري علائقي مان لڏي، هيڏانهن اچي آباد ٿيا هئا. انهن ڏينهن ۾ هنن جو وڏو خوشي محمد ڪرل هو.

رشيد ڪرل جي ڏاڏي محمد صالح ڪي بہ پٽ عبدالڪريم (رشيد جو والد صاحب)، عبدالرحيم جج ۽ هڪ ڌيءَ عظيم خاتون هئي. 1921ع ۾ مير علي نواز ٽالپر پنهنجي والد مير امام بخش جي وفات بعد خيرپور رياست جي تخت تي ويٺو. بقول پير علي محمد راشدي صاحب جي تہ هي مير وڏو سخي مرد هو. هن هميشہ هٿ کليو رکيو ۽ رعايا کي ڏيندو ئي رهيو. رشيد جي والد صاحب کي هن مير طرفان ئي زمينون مليون. مير علي نواز صاحب اهو مير آهي، جنهن جو پنجاب جي هڪ عورت باليءَ سان عشق ٿيو ۽ هن 1923ع ۾ ساڻس شادي ڪئي. هن عشق ڪيس اڙدوءَ جو شاعر بہ بڻائي ڇڏيو ۽ سندس تخلص ”ناز“ هو. سندس ان عشق جو داستان KTN ٽي وي وارن ”بالي“ نالي ڊرامي ۾ پڻ ڏنو آهي.

عبدالڪريم ڪرل صاحب ڪنهن ڪاليج يا يونيورسٽي جو گريجوئيٽ نہ هو، پر هن ان وقت جي عالمن کان عربي ۽ فارسي جو علم پرايو. پاڻ لاڙڪاڻي جي پر واري ڳوٺ سنهڙي جي مدرسي جو ڪافي عرصو شاگرد ٿي رهيو. فارسيءَ ۾ لکيل سندن شعر اڄ بہ موجود آهن. اسانجي ڳوٺ هالا جو قاضي اعظم صاحب سندن گهاٽو يار ۽ مداح هو.

عبدالڪريم صاحب کي ڇهہ پٽ ۽ بہ نياڻيون ٿيون. سليم نالي وڏو پٽ ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو، جنهن جو نالو وري پنجين نمبر پٽ تي رکيو ويو، جيڪو (ڊاڪٽر سليم) جناح اسپتال ڪراچي Jinnah Postgraduate Medical Centre ۾ پئٿالاجي جو پروفيسر آهي. سندس زال ياسمين (راٽيپور جي مشهور ڊاڪٽر قادر بخش جي ڌيءَ) پڻ ڊاڪٽر آهي ۽ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ ڪم ڪري ٿي.

سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل سندس ٻيو نمبر ڀار هو، جنهن جي شادي جسٽس ڪرل جي ٽيون نمبر ڌيءَ انيس فاطمہ سان ٿي. نسيم کي پنج نياڻيون (فريال، زافرين، شارمين، ماريا ۽ سمن) ۽ هڪ پٽ فيصل آهي. نسيم ڪرل کان پوءِ رشيد آهي. سڀ کان ننڍو ڀاءُ نعيم آهي. جيڪو PPP طرفان گمبٽ جو MPA آهي. کين بہ ڀيڻيون: عظيم خاتون (جسٽس عبدالرحيم جي پٽ خليل الرحمان جي گهرواري) ۽ عزيز فاطمہ (عبدالقادر منگي صاحب جي گهرواري) آهي. اسان واري رشيد صاحب جي شادي جسٽس صاحب جي ڌيءَ جميلا سان ٿي، جنهن مان کيس ٽي ٻار آهن. وڏو شرجيل جنهن جي شادي روشن کهاوڙ جي ڌيءَ نصرت سان ٿي، اڄ ڪلهہ لاڙڪاڻي ۾ پوليس D.P.O آهي ۽ ٻيو نمبر پٽ راحيل ڪراچيءَ ۾ وڪيل آهي، ٽيون ۽ آخري ٻار ڌيءَ ساران اٿس.

مونکي اڄ ڏينهن تائين خبر نہ پئجي سگهي آهي، تہ رشيد جو سرڪاري ڪاتي ۾ نالو رشيد آهي يا فهيم، جو اسان گذريل 47 سالن کان جڏهن کان ساڻس سڃاڻپ ٿي آهي،

ڪيس ٻنهي نالن سان سڏيندا اچون. هي انتساب لکڻ کان اڳ فون ڪري پهريون دفعو پڇيو مانس تہ، يار تنهنجو نالو رشيد آهي يا فهيم؟

ٺهڪ ڏيئي وراڻيائين: ”منهنجا پنج نالا آهن. امان اسان ڀائرن ۾ هر هڪ تي پنج پنج نالا رکيا.“

”ڏاڍي ٻڌايئي. اسان تہ تنهنجي ٻن نالن ۾ ئي منجهي پيا آهيون. باقي ٽي ٻيا ڪهڙا آهن؟“ مون پڇيومانس.

”هڪ تہ رشيد آهي ۽ ٻيو فهيم. ٽيون اٿم علي صالح، چوٿون محڪم دين ۽ پنجون نالو مون کان بہ وسري ويو آهي“

مون رشيد جو پاسپورٽ، ڊگري يا برٿ سرٽيفڪيٽ وارو ڪاڳر نہ ڏٺو آهي، جنهن تي سندس نالو پڙهي خبر پوي تہ سندس سرڪاري ڪاتي تي اهو نالو آهي، پر پاڻ جڏهن سنڌ گورنمينٽ ۾ ”هوم سيڪريٽري“ هو، تہ سندس آفيس جي ٻاهران لڳل تختي تي اي. آر ڪرل يعني عبدالرشيد ڪرل لکيل هو، ان ڪري پاڻ هتي ڪيس رشيد سڏيون ٿا. ان ڏينهن دراصل مونکي ڪنهن ٻئي سيڪريٽريءَ وٽ وڃڻو هو، جيڪو اجان آفيس ۾ نہ آيو هو، سو آئون سنڌ سيڪريٽريٽ جي  بلڊنگ جي ورانڊن ۾ واڪ ڪري ڏسي رهيو هوس، تہ سنڌ حڪومت جا هتي ڪهڙا ڪاتا آهن ۽  انهن جا سيڪريٽري ڪير آهن. رشيد ڪرل جو نالو پڙهي ساڻس ملڻ تي دل چاهيو، پر سندس آفيس جي در جا ٻئي طاق ڪليل ڏسي سمجهي ويس، تہ صاحب اجان نہ آيو آهي. پڪ ڪرڻ لاءِ ورانڊي ۾  ٻيٺل دربان کان پڇيم: ”صاحب ڪهڙي وقت ايندو.“

”صاحب ڪڏهوڪو اچي ويو آهي. ويٺو آهي.“ هن ٻڌايو. مون پنهنجو ڪارڊ ڪڍي دربان کي ڏنو، تہ جي هو ڪنهن ميٽنگ ۾ مصروف نہ هجي تہ آئون ملڻ اچانس. پر دربان ڪارڊ وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو: ”صاحب جو چوڻ آهي تہ ڪنهن بہ ملاقاتيءَ کي جهليندو نہ ڪر، سو توهان وڃي سگهو ٿا.“

”واهہ سائين واهہ“ مون اندر گهڙندي رشيد کي داد ڏنو. ”جڻ تہ ملائيشيا ۾ اچي ويو آهيان. جتي چاهي منسٽر وٽ وڃ يا گورنر وٽ، آفيس جا دروازا هر وقت کليل رهن ٿا“

بهرحال مٿيون قصو لکڻ مان منهنجو مقصد اهو آهي تہ رشيد کي پهرين ڏينهن کان وٺي نياز ۽ نوڙت سان هلندي ڏٺو اٿم. هو کلٽو ملٽو، يار ويس ۽ سادگي پسند انسان آهي. هن هميشہ پنهنجن پراون جي مدد ڪئي. آمريڪا جي هن سفر ۾ هڪ سنڌي همراهہ تمام وڏي عهدي ۽ پئسي واري سان ملاقات ٿي. هن ٻڌايو تہ هو جڏهن انجنيئرنگ جو شاگرد هو تہ هن کي چارئي سال خرچ جو ڪجهہ حصو رشيد ڪرل ڏيندو رهيو، جو پڙهائيءَ دوران هو بيحد غريب هو ۽ سندس غريب پيءُ وڏي عيال ڪري، سندس پڙهائيءَ جي خرچ جو پورائو ڪري نٿي سگهيو. هڪ پنجابي فئمليءَ جي برٿ ڊي فنڪشن ۾ منهنجي عمر جو سنڌ جو

Settler، اهو پڪي تہ آئون سنڌي آهيان، مون سان اچي مليو. پاڻ عمر جو وڏو حصو ڪنهن عرب ملڪ ۾ اعليٰ عهدي تي نوڪري ڪري، هاڻ ريٽائرمينٽ جي عمر آمريڪا ۾ پنهنجي اولاد وٽ گذاري رهيو آهي. هو مون کان ڪيتري دير رشيد ڪرل جو حال احوال وٺندو رهيو جنهن سان هو هڪ وڏو عرصي کان Out of contact هو. پاڻ ٻڌايائين تہ رشيد جا مٽس وڏا ٿورا آهن. تعليم حاصل ڪرڻ بعد جڏهن هن کي نوڪري ملي، تہ هن وٽ حيدرآباد ۾ رهائش جي ڪا سهوليت نہ هئي، رشيد کيس بنا ڪنهن لالچ يا معاوضي جي ٻہ سال پنهنجي گهر ۾ رهائيو.

رشيد سان اسان هميشہ چرچا پوڳ ڪندا رهون ٿا، پر هو ڪڏهن بہ ڪاوڙجڻ يا دڙڪو ڏيڻ بدران مرڪندو رهيو آهي. شوڪت جماڻي ۽ اسان جو هڪ ٻيو مرحوم دوست تاج ٻگٽي تہ ساٿس شروع کان ڏاڍو فري رهيا. جيتوڻيڪ تاج ٻگٽي سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌس شاگرد بہ ٿي رهيو. انهن ئي ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ هڪ دفعي تاج ۽ شوڪت کي هڪ فنڪشن ۾ وڃڻو هو، پر سٺا ڪپڙا نہ هين، هو رشيد وٽ آيا. انهن ڏينهن ۾ رشيد انٽرنيشنل هاسٽل جو وارڊن هو. آئون بہ هنن سان گڏ هوس. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هو هڪ هڪ ٿي سنڌس بيڊروم مان ٿي باٿ روم ۾ ويا ۽ رشيد جي ڪٻٽ مان هڪ هڪ اوڇي پينٽ پائي، مٿان پنهنجي شلوار چاڙهي ٻاهر نڪتا. بعد ۾ رشيد پنهنجون پتلونون ڳوليندو رهيو، بلڪہ تاج ٻگٽي تہ سنڌس پينٽ پائي سنڌس ڪلاس اٽينڊ ڪندو رهيو. آخر جڏهن کيس خبر پيئي تہ ڪاوڙجڻ بدران کلي ٻُجا ڏيندي، کين چيائين: ”هاڻ اهي پتلونون پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏيو.“ اڄ بہ اها ڳالهہ ڪنهن محفل ۾ ٿيندي آهي تہ اهو وقت ياد ڪري شوڪت کل ۾ ٻُڏي ويندو آهي.

رشيد ڪرل سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهائڻ سان گڏ، اتي جيئن تہ وارڊن پڻ هو ان ڪري کيس يونيورسٽيءَ جا ڪيترائي شاگرد جيڪي اڄ ڪلهہ سڄي دنيا ۾ پکڙيل هجڻ سان گڏ آمريڪا ۾ بہ جام نظر اچن ٿا، کيس سڃاڻن ٿا ۽ سڀ کيس سُٺن خيالن سان ياد ڪن ٿا جو بيورو ڪريٽ ۽ وڏيري هجڻ باوجود هن جي ڪڏهن بہ اها سنڌي ڪاموري يا وڏيري واري روايتي ذهنيت نہ رهي آهي.

رشيد ڪرل 16 آگسٽ 1941ع تي جنم ورتو. پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي والد مرحوم جي ڳوٺ عبدالڪريم ڪرل جي اسڪول مان ورتي، جيڪو خيرپور رياست جي تعلقي گمبٽ ۾ آهي. ان بعد پري مئٽرڪ تائين خيرپور جي ناز هاءِ اسڪول مان پڙهيو ۽ مئٽرڪ وري گمبٽ جي مراد هاءِ اسڪول مان ڪيائين. ان بعد ڪاليج جو پهريون ۽ ٻيو سال خيرپور جي گورنمينٽ ممتاز ڪاليج مان 1960ع ۾ ڪيائين. هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن اسانجي خيرپور ۾ ساڻس پهريون دفعو ملاقات ٿي هئي. ان ملاقات بعد رشيد هر هفتي ڏيڍ اسان وٽ پيٽارو ايندو هو يا اسين ساڻس حيدرآباد ملڻ ويندا هئاسين ـ جو هن حيدرآباد ۾ سنڌ

يونيورسٽي واري پراڻي ڪئمپس ۾ B.Sc آنرس جي داخلا ورتي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ رشيد جو ننڍو ڀاءُ تسنيم ڪرل پيٽارو ۾ آيو ۽ لياقت جتوئي، هادي بخش جتوئي، سکر واري عاشق شاهه (سيڪريٽري)، مرحُوم محسن پنهور (DIG)، هالا واري ڪئپٽن رشيد ابڙي ۽ ظفر شوري وارن جو ڪلاس ميٽ رهيو. مزي جي ڳالهه اها ته پيٽارو  ڇڏڻ بعد تسنيم سان وري ملاقات نه ٿي آهي. پيٽارو ۾ هو لياقت هائوس ۾ رهندو هو، جنهن جو JUO يعني وڏو مانيٽر آئون هوندو هوس. هينئر خبر ناهي تسنيم جسماني بيهڪ ۽ طبيعت ۾ ڪيئن آهي. باقي تن ڏينهن ۾ صحت مند يعني متارو ضرور هو، پر هو صفا سڌو سادو مسلمان. هر وقت پنهنجن ڪلاس ميٽن ۽ ساٿس گڏ ڊارمينٽري ۾ رهندڙ درجن کن ڪئڊيٽن جي دانهن ڪٽي ايندو هو، ته مونسان جهيڙو ٿا ڪن. رشيد به اچڻ سان ئي اها ڳالهه ڪندو هو ته منهنجي ڀاءُ سان سڀ وڙهن ٿا ۽ آئون ڪيس چوندو هوس ته خدا جا ٻندا سنڌي نه ٿي، جيڪي فقط روئي پنهنجو حق گهرن ٿا، ٿورو وڙهڻ به سک. پيو نه ته شاهد پرويز (هاڻ فوج ۾ ليفٽيننٽ جنرل) ۽ لياقت جتوئي (وفاقي وزير) جهڙن سنهڙن ۽ جسماني طرح ڪمزور ڇوڪرن ڪي ته تون به موچڙا هڻي سگهين ٿو. پر تسنيم جي آخر تائين اها رڙ هئي ته سائين مونکي ظفر شورو به ماري ٿو ته نصير قاضي به مونسان وڙهي ٿو. مزي جي ڳالهه اها ته اُهي سڀ اڄ به کيس ڀائين ٿا ۽ ياد ڪندا رهنس ٿا. مونکان اڪثر پڇندا آهن ته تسنيم ڪٿي آهي، يڪو وڃي ڳوٺ وسايو اٿس ڇا.

رشيد ڪرل جي اها همت ساراهه جوڳي آهي ته هڪ ڳوٺاڻو نينگر ٿي ڪري، هن B.Sc زولاجيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ڪئي. ان بعد 1964ع ۾ هن M.Sc به ڪئي. سندس تنهن وقت جا ڪلاس ميٽ هئا:

- محب الله شاهه (سيڪريٽري)
- قمر الدين بلوچ (ڊائريڪٽر فشريز)
- اقبال صمد (مئنيجر ريلويز)، وغيره

M.Sc ڪرڻ  بعد ان وقت جي وائيس چانسلر حسن علي عبدالرحمان صاحب رشيد ڪرل کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ئي نوڪريءَ ڪرڻ لاءِ چيو. ان وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ رشيد سان گڏ جيڪي پڙهائي رهيا هئا، انهن مان ڪجهه شخصيتون هي هيون:

- ڊاڪٽر محي الدين - وائيس چانسلر قائد اعظم يونيورسٽي
- ڊاڪٽر ممتاز قاضي - وفاقي وزير
- عشرت حسين - گورنر اسٽيٽ بئنڪ
- روشن ضمير - اڳوٽو هوم سيڪريٽري
- تسنيم صديقي صاحب، وغيره

رشيد ڪرل سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ دوران، سنڌ لا ڪاليج مان سال 1967-68ع ۾ وڪالت LL.B جا امتحان پڻ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيا. تعليم دوران هو لا ڪاليج جي يونين جو جنرل سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو. Law بعد رشيد ڪرل سال 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان انٽرنيشنل رليشنس ۾ ڊپلوما ۽ ان بعد پبلڪ ائڊمنسٽريشن ۾ ڊپلوما فرسٽ ڪلاس ۾ ڪئي. پاڻ 1965ع کان وٺي 1968ع تائين انٽرنيشنل هاسٽل جو وارڊن بہ ٿي رهيو.

1968ع جي آخر ۾ ويسٽ پاڪستان فاريسٽ سروس وارن جو مقابلي جو امتحان ٿيو، جنهن ۾ رشيد ڪرل جي فرسٽ پوزيشن آئي ۽ هن ڪي سنڌ يونيورسٽي ڇڏي فاريسٽري ۾ M.Sc آنرز ڪرڻ لاءِ پشاور يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻي پئي. ڊگري حاصل ڪرڻ بعد پاڻ پهرين اسسٽنٽ ڪنزرويٽر ٿيو. پاڻ 1994ع تائين ٻيلي کاتي ۾ رهيو ان دوران ڪيس 1975ع ۾ هالينڊ وڃڻو پيو. جتي هن Aerial Photography & Remote Sensing ۾ ڊپلوما حاصل ڪئي. ان کان علاوه حڪومت طرفان ٽي دفعا آمريڪا ۾ مختلف ڪورس ڪرڻ لاءِ پڻ هن ڪي وڃڻو پيو.

1994ع ۾ رشيد سنڌ حڪومت جو هوم سيڪريٽري ٿي رهيو. ان بعد 96 - 1995ع ۾ فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ جو سيڪريٽري ۽ ان بعد لئبر ۽ ٽرانسپورٽ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. پاڻ 2001ع ۾ سنڌ حڪومت مان ريٽائرمينٽ حاصل ڪئي. اڄ ڪلهہ رشيد ڪراچيءَ ۾ ٿي رهي ٿو. ٻني ٻاري جي نگهبانيءَ لاءِ هن ڪي ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ خيرپور بہ وڃڻو پوي ٿو.

آمريڪا ۾ هوس تہ اتي رهندڙ اسانجا ڪيترائي گڏيل دوست ۽ رشيد جا شاگرد، رشيد بابت هر وقت پڇندا رهيا ٿي. سيني ڪي رشيد جي صحت جو الڪو رهيو ٿي. جو هنڪي ٽي دفعا هارٽ اٽئڪ ٿي چڪو آهي. رب پاڪ ڪيس وڏي ڄمار ڏي.

الطاف شيخ
ڪراچي
1 آگسٽ 2006ع

**مسافر پاراڻ**

منهنجي جهاز هلائڻ واري نوڪريءَ ۾ شروع وارا سال (1968ع ڪان 1972ع تائين) جنهن جنهن جهاز ۾ منهنجي نوڪري رهي، ان ڪي آمريڪا وٽي وڃڻو پيو ٿي ۽ پوءِ هفتن جا هفتا، ڪڏهن ته مهينا، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي مختلف ننڍين وڏن بندرگاهن ڪان علاوه ڪئريبئن سمنڊ جي مختلف ٻيٽن: ٽرنيڊاڊ، ٽباگو، برمودا، ڪيوبا وغيره ڏي به وڃڻ لڳو رهيو ٿي.

ان بعد اهڙو اتفاق ٿيو جو رٽائرمينٽ جي عمر سٺ سالن تائين، ساموندي نوڪري جا باقي سال جهاز ڪي آمريڪا بدران يورپ، آفريڪا ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن ڏي ٿي وٺي وڃڻو پيو. نوان جهاز ٺهرائڻ توڙي پراڻن جهازن جي repair لاءِ به ٽوڪيو (جپان)، بوسان (ڪوريا) ۽ هانگ ڪانگ وڃڻو پيو ٿي يا وري بريمن، هئمبرگ ۽ لورپول.

منهنجو آمريڪا جو هي سفر ٽيٽيهه ڪن سالن بعد پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ هڪ مئرين انجنيئر جي حيثيت ۾ نه پر، هڪ مسافر جي حيثيت ۾ هوائي جهاز رستي ٿيو آهي ۽ آمريڪا ۾ جيڪي ٿي چار مهينا ڪن رهيس، ان ۾ هڪ شهر ڪان ٻئي شهر اچڻ وڃڻ پڻ پاڻيءَ جي جهاز يا لانچ ۽ فيريءَ ذريعي نه، پر ڪار، بس ۽ ٽرين ۾ ٿيو آهي.

آمريڪا جي هن سفرنامي ۾ نه فقط اڄ جي آمريڪا ۽ ان ۾ رهندڙ پنهنجن پراون ماڻهن، عمارتن ۽ واقعن جون ڳالهيون آهن، پر گذريل دور جون پڻ جهلڪيون آهن، جڏهن آئون ايڪهٺ ٻاهٺ سالن بدران چوويهه پنجويهه سالن جو جوان هوس.

آمريڪا به دنيا جو هڪ عجيب ملڪ آهي، جنهن ڪي سڀ ڪان گهڻا ماڻهو گاريون به ڏين ٿا ته پسند به ڪن ٿا. هي اهو ملڪ آهي جنهن لاءِ اسين چئون ٿا ته عربن جو دشمن آهي، پر آمريڪا ۾ اسان پاڪستانين ۽ انڊين ڪان وڌيڪ جيڪي فلسطيني، لبناني، عراقي ۽ شامي عرب رهن ٿا، انهن ڪان ڪٽي پڇ ته هو آمريڪا جي تعريف ڪندي نٿا ڍاپن. چوندا آمريڪا اسان جو ابو امان آهي، جنهن اسان ڪي ڏکئي وقت ۾ جيءَ ۾ جاءِ ڏني. اسان ڪي اجهو ۽ لٽو مهيا ڪيو. هتي اسانکي نوڪريون ۽ پنهنجا ڌنڌا آهن ۽ پنهنجي وطن ڪان وڌيڪ هتي اسان سک چين ۾ آهيون. ايتري قدر جو اسانجا پنهنجا امير مسلمان ملڪ سعودي عرب ۽ ڪويت جهڙا به اسانجو نه خيال ٿا رکن ۽ نه پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ ٿا ڏين.

اسان آمريڪا ڪي ڪافرن جو ملڪ سڏيون ٿا، پر آمريڪا ۾ پهچي چوڌاري نظر ٿي ڪجي ته جنهن رفتار سان آمريڪا جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ مسجدن جو تعداد وڌي

رهيو آهي، تہ حيرت ٿي ٿئي ۽ اها تہ حقيقت آهي تہ آمريڪا ۾ سڀ کان تيز رفتاريءَ سان جيڪو مذهب وڌي رهيو آهي، سو اسلام آهي.

آمريڪا ۾ رهڻ دوران سوين ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون، انيڪ شهرن، جاين، جڳهين ۽ رستن تان هلڻ ٿيو. هر هڪ ماڻهوءَ، جڳهہ ۽ رستي جو نالو ياد رکڻ ايترو آسان ڪم بہ نہ آهي، خاص ڪري هن عمر ۾. ڪوشش تہ تمام گهڻي ڪئي اٿم تہ هر ڳالهہ صحيح لکجي ۽ لکڻ بعد ان سلسلي ۾ واسطيدار ماڻهن يا انهن جي مائٽن ۽ دوستن کان سنڌن نالن، مختلف تاريخن ۽ واقعن جي تصحيح ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي اٿم، پر انسان کان غلطي ٿيو وڃي، خاص ڪري جڏهن ايڏو جلدي جلدي ۾ لکجي. ٿي سگهي ٿو ڪٿي ڪا تاريخ يا ڪنهن جي مٽ مائٽ جو نالو مون طرفان يا ٽائيپ ڪرڻ واري طرفان غلط لکجي يا ڇپجي ويو هجي. ان لاءِ آئون اڳواٽ معافيءَ جو طلبگار آهيان ۽ هيٺ پنهنجون اي ميل ائڊريسون ڏئي رهيو آهيان، جيئن پڙهندڙ اهڙين غلطين جي نشاندهي ڪري سگهن، جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ هن ڪتاب جو ايندڙ ڀيرو ڇاپو اهڙين غلطين کان آجو رهي.

الطاف شيخ
آڪٽوبر 2006
altafshaikh2004@yahoo.com.uk
altafshaikh2005@gmail.com

## هوائي ۽ سامونڊي سفر ۾ فرق

عرب امارات جو هوائي جهاز جيڪو چار سؤ کن مسافر دبئيءَ مان کڻي، پنهنجي منزل نيويارڪ ڏي وچڻ جو سفر طئي ڪري رهيو هو، اهو هاڻ يورپ کنڊ جون آخري سرحدون گذرندو، ائٽلانٽڪ سمنڊ مٿان اڏامڻ لڳو. جنهن جي خبر اسان کي پنهنجي سيٽ اڳيان رکيل ٽي وي جي اسڪرين تان بہ پيئي تہ جهاز جي پائليٽ بہ اعلان ڪيو ۽ ان سان گڏ ايئر هوسٽس مختلف هنڌن تي بيهي، جهاز جي مسافرن کي هڪ دفعو وري اها معلومات ڏني تہ هوائي جهاز ۾ هوا جو دٻاءُ گهٽجڻ تي، آڪسيجن جي سپلاءِ لاءِ، مٿي لڳل ٻوٽاڙو **(Breathing mask)** خودبخود ڪري پوندو، جنهن کي منهن سان لڳائي ساهہ کڻي سگهو ٿا ۽ جهاز جي سمنڊ ۾ ڪرڻ تي سيٽن هيٺان رکيل لائيف جئڪيٽ پائي، پنهنجو بچاءُ ڪري سگهو ٿا. لائيف جئڪيٽ سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان بچائي ٿي ۽ ان ۾ ٻڌل سيٽي ۽ ٽارچ سان پري کان ويندڙ ٻيڙي وارن يا جهاز جو پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائي سگهو ٿا... وغيره وغيره.

مون جهاز جي دريءَ مان هيٺ ڏٺو.... ڪپهہ جهڙا ڪڪر هيٺ تري رهيا هئا. اهي نہ هجن ها تہ شايد سمنڊ ۽ ان تي ترندڙ جهاز ڏسي سگهان ها، جن جو هن ائٽلانٽڪ سمنڊ تي گهٽو ڪري هڪ ئي رخ هوندو آهي، اولهہ ڏي آمريڪا کنڊ طرف يا اوڀر ڏي يعني آمريڪا کان يورپ يا آفريڪا کنڊ ڏي. ڪڪر نہ هجن ها تہ بہ جهاز تہ نہ، پر سمنڊ بہ نظر نہ اچي ها، جو هي اسان جو جهاز چاليهہ هزار فوٽن جي بلندي تي اڏامي رهيو هو، جتان هيٺ نظر پوڻ مشڪل ڳالهہ آهي. زمين ۽ ان تي ٺهيل گهر گهاٽ، رستا لاريون يا سمنڊ ۽ ان تي ترندڙ جهاز ۽ ٻيڙيون فقط تڏهن ڏسي سگهجن ٿا، جڏهن جهاز لهڻ وارو يا چڙهڻ وارو ٿئي ٿو يا وري مٿانهينءَ **Altitude** تان هيٺ اڏام ڪري ٿو. هڪ دفعي اسلام آباد کان ڪراچي هوائي جهاز وٺي ايندڙ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي پائليٽ سان پراڻن ڏينهن جون ڳالهيون ڪندي، هو ايڏو تہ جذباتي ٿي ويو، جو هن نہ فقط پنهنجي جهاز جي اڏام ۾ **Deviation** آڻي، جهاز کي پيٽارو مٿان لنگهايو، پر ڪافي هيٺ تي پڻ هلايو، جتان اسان ڪاليج جون عمارتون، رستا ۽ ٻي جنگ عظيم جو ٻڌل رن وي ڏسي سگهياسين ٿي. ”هي آهي تہ ڏوهہ جهڙو ڪم“. هن چيو، ”پر اڄ پنهنجي ڪاليج کي ڏسندا هلون، جتي جي ميدانن تي پاڻ رانديون ڪيڏيون، گهوڙي سواري ڪئي، سزائون ڪاڌيون ۽ پي ٽي پريڊ ڪئي.“

پر لڳي ٿو تہ ڪي ڪي هوائي جهاز هيٺاهين **Altitude** تي بہ هلن ٿا يا شايد ائٽلانٽڪ يا پئسفڪ سمنڊ لتاڙڻ مهل، ٽريفڪ نہ هجڻ جي صورت ۾ هيٺاهين اڏام

اختيار ڪن ٿا يا شايد اڄ کان اڌ صدي اڳ جي هوائي جهازن جي ايڏي بلند اڏام نہ هئي جو 1968ع کان 1972ع واري زماني ۾, جڏهن آئون پاڻيءَ وارن جهازن (Ships) تي مئرين انجنيئر هوس ۽ جن جهازن کي هر وقت ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي آمريڪا اچڻو پيو ٿي يا آمريڪا کان واپس يورپ ۽ آفريڪا ڏي وڃڻو پيو ٿي، انهن ڏينهن ۾ پنهنجي جهاز جي عرشي (deck) تي بيهبو هو تہ مٿان اڏامندڙ KLM, PIA، برٽش ايئرويز ۽ ٻين هوائي ڪمپنين جا ڪمرشل هوائي جهاز ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس ڪندي نظر ايندا هئا, تڏهن تہ اسان کين ڏسي ٿڌو شوڪارو ڀريندا هئاسين تہ هوائي جهاز هلائڻ وارا ڪيڏو نہ خوش نصيب آهن, جو ڪجهہ ڪلاڪن بعد منزل تي بہ وڃي پهچندا ۽ سياٽي جڏهن تہ اسين اڃا هي سمنڊ جهاڳي رهيا هونداسين تہ هو موٽندي بہ نظر ايندا.

آمريڪا جو سفر بہ تہ سفر آهي. انهن ڏينهن ۾ جڏهن اسان کي آمريڪا جهاز وٺي وڃڻو پوندو هو, تن ڏينهن ۾ سئيز ڪئنال بہ بند هو, ان ڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ فقط ڳاڙهو سمنڊ ۽ ڀوُنچ سمنڊ Mediterranean سمنڊ اڪرڻ بدران, سڄو بحرهند (Indian Ocean) پار ڪرڻ لاءِ آفريڪا کنڊ جو ڦيرو ڪري سندس هيٺ ڪاڏيءَ وٽ ڪيپ ٽائون بندرگاهہ پهچڻو پيو ٿي، جيڪو Cape of Good Hope وارو سمنڊ سڏجي ٿو ۽ جتي اسان واري پاسي جو بحرهند آمريڪا جي ڪنارن کي ڇهندڙ ائٽلانٽڪ سمنڊ سان ٽڪرائي ٿو. ڪراچي کان ان منزل (ڪيپ ٽائون) تائين پهچڻ ۾ بہ 15 ڏينهن کن لڳي ويا ٿي. ان وچ ۾ جتي ڪجهہ سٺا ڏينهن ملندا هئا, اتي ڪجهہ ڏينهن موزمبق چئنل وارا ۽ ڏينهن بہ ڪيپ آف گڊ هوپ واري سمنڊ جا رلائي رکندا هئا ۽ پوءِ ڪيپ آف گڊ هوپ کان ائٽلانٽڪ شروع ٿيندو هو, جنهن جي ٻئي ڇيڙي تي آمريڪا کنڊ آهي. ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙڻ ۾ هفتو کن لڳي ويندو هو, تنهن بعد ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ برازيل تائين پهچبو هو. پوءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي آخري حصي وٽان ڪنارو ڏئي گهانا, وينزوئلا, جئميڪا ۽ ڪيوبا وغيره لتاڙي USA جي ڏاکڻن بندرگاهن هيوسٽن, نيو اورلينس, ميامي ۽ ٽئمپا پهچندا هئاسين. ائٽلانٽڪ وڏي سمنڊ (بحر) جو هي سامونڊي حصو ڪئريبين سمنڊ سڏجي ٿو, جيئن اسان وٽ هندي وڏي سمنڊ (بحرهند) جو اهو حصو, جيڪو ڪراچي کي ڇهي ٿو عربي سمنڊ سڏجي ٿو.

برازيل کان ڪئريبين سمنڊ لتاڙي ميامي يا نيو اورلينس پهچڻ ۾ بہ بہ اڍائي ڏينهن لڳيو ٿا وڃن. اهڙو ڏينهن بہ اتان کان نيويارڪ تائين پهچڻ ۾ بہ لڳيو وڃي. سو پاڻي وارو جهاز هلائي هلائي, آخري هفتو بہ تہ ساٿا ٿي پوندا آهيون. سمنڊ تي آچر ڏينهن بہ جهاز هلائڻو پوي ٿو ۽ چار ڪلاڪ رات جا ۽ چار ڪلاڪ ڏينهن جا هر هڪ کي جهاز هلائڻو پوي ٿو, يعني چار ڪلاڪ جهاز هلائي, ماني کائي سمهڻو پوي ٿو. ننڊ ڪري

هٿ منهن ڌوئي وري جهاز جي ڪنٽرول روم ۾ يا انجڻ روم ۾ ڊيوٽي تي! ڪراچي کان نيويارڪ ۽ واپس يا چين ۽ ملائيشيا کان نيويارڪ سفر ڪري ڪري اندازو ٿي ويو هو ۽ ڏينهن ڳڻڻ بدران آئون پنهنجي ٽٺ پيسٽ کي ڏسندو هوس. ڪراچي کان نيويارڪ پهچڻ ۾ مُني ٽٺ پيسٽ ختم ٿيندي هئي. هانگ ڪانگ کان نيويارڪ سڄي ٽٺ پيسٽ. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي هئي تہ ڪناري جي ڊيوٽيءَ وانگر سڄي رات ستو پيو هججي ۽ ڪڏهن ڪڏهن جڏهن سُڪاٽي يا تيل وارو، جهاز هلائڻ لاءِ "ڪواٽر" چئي اٿاريندو هو (يعني ڊيوٽي شروع ٿيڻ ۾ هاڻ وجي 15 منٽ بچيا آهن)، تہ لڳندو هو ڄڻ هن ڪچيءَ ننڊ مان اچي اٿاريو هجي ۽ ٿي چار ڪلاڪ سمهڻ بدران لڳندو هو ڄڻ اجان هاڻ مس اک لڳي هئي تہ هن نپاڳي اچي جاڳايو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ننڊ جا خمار اهڙا چڙهيل هوندا هئا (خاص ڪري خراب سمنڊ ۽ طوفاني موسم ۾ اهو عام آهي) جو ٻئي جي ڊونڌاڙي اٿارڻ تي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ ڪٿي آهيون ۽ هي ڪير آهي ۽ ڇو ٿو اٿاري ۽ پوءِ يڪدم هوش اچي ويندو هو تہ مار پاڻيءَ جي جهاز تي آهيون ۽ مسافر نہ پر جهاز هلائڻ وارا جهازي آهيون. جلدي هٿ منهن ڌوئي چارج سنڀالجي ۽ جيڪي گذريل ڇئن ڪلاڪن کان جهاز هلائي رهيا آهن، انهن کي آجو ڪجي. ڪنجهندي ڪُرڪندي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ واش بئسن اڳيان بيهي سوچيندو هوس تہ خبر ناهي نيويارڪ ڪڏهن ايندو ۽ اجان ڪيترو سفر رهي ٿو. ان وقت ڏينهن يا تاريخون ڳڻڻ جو ڪنهن کي هوش! بچيل ٽٺ پيسٽ ڏسي اندازو لڳائيندو هوس تہ سفر جو ڪيترو حصو پورو ٿيو ۽ باقي چوٿو حصو ٽٺ پيسٽ بچڻ ۾ ڪيترا ڏينهن وجي رهيا آهن. دل چوندي هئي تہ ڪاش ائين ممڪن هجي، جو اچ ئي ٽٺ پيسٽ کي نپوڙي چوٿي تائين پهچايان ۽ منهنجي ڪئبن جي پورٽ هول (دريءَ) مان نيويارڪ جون عمارتون نظر اچن. اهڙن موقعن ۽ مهلن تي آسمان مان ڪنهن هوائي جهاز جو آواز ايندو آهي تہ پنهنجا ڪاليجي پائليٽ ساٿي ممتاز الحق، بلال حيدر، خالد ليا ۽ ٻيا ياد اچي ويندا هئا، جن اسان وانگر سامونڊي نوڪريءَ بدران هوائي جهاز جي نوڪري ڪئي ۽ انهن مان ڪو **PIA** جو هوائي جهاز اڏائي نيويارڪ پيو ويندو هو تہ چاڻ تہ پهتو. ڪٿي هفتن جو سامونڊي سفر ۽ ڪٿي چند ڪلاڪن جو هوائي سفر!

بهرحال اها منهنجي سوچ تڏهن جي هئي، جڏهن اجان مون کي نيويارڪ هوائي جهاز ۾ وڃڻ جو موقعو نہ مليو هو. بعد ۾ هوائي جهاز ۾ سفر جا موقعا مليا، پر ڪراچي کان يورپ تائين يا وڌ ۾ وڌ جپان تائين. آمريڪا جا بندرگاهہ ڇڏڻ بعد هاڻ ٽيٽيهہ سالن بعد انهن ماڳن کي ڏسڻ لاءِ وجي رهيو هوس، پر پاڻيءَ واري جهاز ۾ نہ، هوائي جهاز ۾. سو بہ سور ساهہ کڻي نہ، يعني جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي جو بار مٿي ۾ کڻي نہ، پر هڪ مسافر جي صورت ۾ وجي رهيو هوس. اسان جو دلپسند مزاح نگار

حليم بروهي شاديءَ لاءِ چوندو آهي تہ شادي سٺي شيءِ آهي، پر هڪي ڪنهن ٻئي جي، اسان فقط دعوتي هجون پيٽ ڪاٽڻ لاءِ. سو اسين جهازي بہ چوندا آهيون تہ سامونڊي سفر تمام سٺي شيءِ آهي، بشرطيڪ جهاز ڪو ٻيو هلائي، اسين فقط مسافر هجون ۽ جنهن وقت وڻي ننڊون ڪريون، جنهن وقت وڻي جهاز جي عرشي تي پسار ڪريون ۽ سمنڊ جون لهرون ۽ ڪناري جا ماڻهو ڏسون. پر هاڻ ڪراچي کان نيويارڪ جي ارڙهن اٺويهہ ڪلاڪن جي لڳاتار هوائي سفر ۾ اهو ئي محسوس ٿي رهيو آهي تہ نہ فقط هوائي جهاز هلائيندڙ، پر اسان مسافر بہ وڏي تڪليف ۾ آهيون ۽ ايترو وقت هڪ هنڌ ويهي ويهي، سانچي ۾ پيل شيءِ وانگر ان سانچي جي صورت اختيار ڪري ويا آهيون. ان کان تہ مهيني جو سامونڊي سفر سٺو آهي، جنهن ۾ ڏکو ٿي پلنگ تي سمهجي ٿو، عرشي تي واڪ ڪجي ٿي، والي بال ۽ باسڪيٽ بال کيڏجي ٿي، سئمنگ پول ۾ سئمنگ ۽ جهاز جي جمنازم هال ۾ باڊي بلڊنگ ۽ ورزش ڪري سگهجي ٿي ۽ جهاز (Ship) نہ هلائيندڙ يعني مسافرن لاءِ تہ اجا بہ وڏي عياشي آهي. آئون اجايو هيترا سال هن سمنڊ (يعني ائٽلانٽڪ) ۽ پئسفڪ تي جهاز هلائڻ دوران پاڻ کي هوائي جهاز وارن سان ڀيٽي ڏکي ٿيندو رهيس.

## پائلٽ سڌي ليڪ ۾ جهاز ڇو نٿو هلائي؟

پاٽي جي جهاز تي ختم ٿيندڙ ٿٺ پيسٽ کي ڏسي آٿت ملندي هئي، تہ چاڻ تہ منزل آئي ۽ هن هوائي جهاز ۾ سامهون ٽي وي جي اسڪرين تي وڌندڙ ليڪ ڏسي خوشي ٿي ٿئي، جيڪا دنيا جي نقشي تي نيويارڪ طرف وڌي رهي آهي ۽ جنهن جي منهن تي تير (Arrow) بدران هوائي جهاز ٺهيل آهي. يعني اهو هوائي جهاز اسان جي جهاز کي **Represent** ٿو ڪري يعني نقشي تي جنهن ملڪ يا سمنڊ جي حصي تي اها ليڪ پهتي آهي، اُتي اسان جو هي جهاز آهي. آئون هر وقت ان نقشي ڏي ڏسان ٿو. ماني کائي وري ڏسان ٿو. ڪجهہ دير رسالا ڪتاب پڙهي وري ان کي ڏسان ٿو. آئون اهو ئي سمجهان ٿو تہ جهاز ڪافي اڳتي هلي چڪو آهي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي جهاز **600** ڪلو ميٽر في ڪلاڪ کان بہ مٿاهين رفتار تي وڃي رهيو آهي، پر اوڏهين انچن جي ٽي وي اسڪين تي لڳي ٿو تہ اتي ئي بيٺو آهي. جونءِ برابر رفتار بہ نٿي چئي سگهجي جو جونءِ تہ ان جي مقابلي ۾ ڪافي تيز ٿي هلي. انسان ڪنهن بہ ڳالهہ مان خوش نظر نٿو اچي. فرحتي ڪرسيءَ تي ويهڻ باوجود دل ماندي آهي تہ هن سانچي مان ڪڏهن نڪري ٻاهر چرپر ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ ان جو وقت تڏهن ايندو، جڏهن ٽي ويءَ جي اسڪرين تي ٺهيل دنيا جي نقشي تي اولهہ طرف وڌندڙ ليڪ نيويارڪ تائين وڃي پهچندي ۽ اها ئي هڪ شيءِ آهي، جنهن کي ٽي وي جو ڪو

ڊائريڪٽر، پروڊيوسر يا ڪئميرا مئن يڪدم اڳيان فاسٽ فارورڊ ڪري نٿو سگهي. ان ليڪ کي فقط هن جهاز جو پائليٽ جهاز کي نيويارڪ تائين پهچائي، مقرر ٽِڪي تائين پهچائي سگهي ٿو ۽ پائليٽ کي فقط اها اختياري آهي تہ هو جهاز جي مالڪ ڪمپني جي پلي لاءِ جهاز کي **Economical** رفتار تي هلائي، جنهن ۾ هوائي جهاز جو مهانگو تيل آڪٽين جيترو سڙي، ان جي مقابلي ۾ گهٽي ڪان گهٽي رفتار حاصل ڪري سگهي. ان ڪان علاوه پائليٽ لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ هو جهاز کي منزل ڏي سڌو وٺي هلي... مون اها ڳالهہ جڏهن پرواري پريشان مسافر سان ڪئي (جيڪو مون وانگر سيٽ جي سانچي ۾ ڪُپي ويهي ويهي ٿڪجي پيو هو) تہ هن يڪدم چيو. ”پر هي نياڳو پائليٽ جهاز بہ تہ سڌو نہ پيو هلائي. ڪراچي ڪان دبئي آٽڻ وارو پائليٽ تہ جهاز کي سڌو وٺي آيو، باقي هي دبئي ڪان هلندڙ ٻيو جهاز تہ ڪڏهن ڪيڏانهن پيو وڃي تہ ڪڏهن ڪيڏانهن. سڌو هلي ها تہ لبيا، الجيريا، موراڪو مٿان ٿيندو، ائٽلانٽڪ ٽپي، هن وقت نيويارڪ بہ پهچي وڃي ها، پر هي مٿي يورپ ڏي جرمني، انگلينڊ وٽان ٿيندو، اتر طرف آئس لينڊ وٽان ڦرندو، هاڻ وري هيٺ ڏکڻ ڏي ڪئناڊا جي ويجهڙائي وٺندو، نيويارڪ ڏي پيو هلي. انگڙ ونگڙ ليڪ کي ڏسي هڪ ٻار بہ چوندو تہ هي پائليٽ جهاز کي هيڏانهن هوڏانهن رلائيندو نيويارڪ ڏي پيو وڃي.“

آئون چپ تي ٿو وڃان تہ ڪيس هڪ عام ماڻهو جي حساب سان هن بيحد **Sensible** سوال جو سولو سڌو جواب ڪهڙي طرح ڏيان، جو جيئن هو جاگرافي ۽ نيويگيشن ڪان اڻواقف هوندي بہ مون جهازيءَ جي ڳالهہ سمجهي سگهي.

هن مون ڪان وري پڇيو، ”ڇا پائليٽ غلط رستو وٺي منزل ڏي نہ وڃي رهيو آهي؟“

”نہ.“ مون وراڻيو.

”ڇو ڀلا؟ توهان پاڻيءَ جا جهاز بہ ائين هلائيندا آهيو؟“ هن کلندي مون کي چيو.

”جي ها ۽ اهو ئي صحيح ۽ سڌو رستو آهي، جنهن ذريعي جهاز گهٽ وقت ۾ گهٽ تيل ساڙي، منزل تي پهچي رهيو آهي.“ مون وراڻيو.

”پر هي جهاز تہ سڌي ليڪ ۾ وڃڻ بدران ڦڏي ليڪ ۾ پيو وڃي. ڇا ان ۾ يقين نہ اٿوَ تہ،

**An straight line is the shortest distance between two points?**

”جي ها اٿم ۽ هي پائليٽ بہ سڌي ليڪ ۾ پيو وڃي. هو **"Greater Circle"** فالو پيو ڪري ۽ ان مطابق جيڪڏهن نقشي تي سڌي ليڪ هجي ها تہ پوءِ پاڻ چئون ها تہ پائليٽ غلط راهہ وٺيو پيو هلي. اهو ان ڪري آهي جو دنيا رومال وانگر فليٽ نہ، پر بال وانگر **Sphere** آهي، بلڪ بال تہ بلڪل گول آهي، هيءَ ڪجهہ بيضي وانگر آهي.“

ڌرتيءَ تي تہ پڪا ۽ ريل جا رستا اڳوات ٺهيل آهن, سو سواريون ان تان هلن ٿيون. سمنڊ ۽ هوا ۾ هرهڪ پنهنجو خيالي رستو ٺاهي, ان تان پنهنجي پاڻيءَ واري جهاز, ٻيڙيءَ يا هوائي جهاز ڪي وٺي هلي ٿو. جيڪڏهن سامونڊي ڪُنَ ۽ لهرون نارمل آهن, طوفان نريل آهن تہ پوءِ پاڻي وارا جهاز ۽ هوائي جهاز آمريڪا وڃڻ لاءِ گريٽر سرڪل وارو ئي رستو اختيار ڪن ٿا. دنيا جي اتر اڌ گول ۾ اڏامندڙ جهاز اولهہ ڏي ويندي, اتر ڏي لڙي هلن ٿا. ايتري قدر جو آرڪٽڪ ريجن ۾ ڪٽي نہ پر ان جي ڪافي ويجهو پهچن ٿا. جيئن هن وقت اسان جي هوائي جهاز رستو اختيار ڪيو آهي, جيڪو عمل پائليٽ جي هوشياري ۽ ڄاڻ جو ثبوت ڏئي ٿو.

هڪ عام ماڻهو جي معلومات لاءِ هتي فقط ايترو لکندس تہ **Great Circle** اهو دائرو (چڪرو) آهي, جنهن جو **Circumference** ڌرتي جي گولي جي برابر آهي ۽ دنيا کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائي ٿو. سامونڊي يا هوائي جهازن سان واسطو رکندڙ, نيويگيشن, جاگرافي, هائر مئٿس سان واسطو رکندڙ ۽ پنهنجي پڙهندڙن جي يادگيريءَ لاءِ هتي فقط اهو چوندس تہ:

**"The great circle on the spherical surface is the smallest curvature. And hence an arc (an orthodrome) is the shortest path between two points on the surface."**

۽ اهو پڻ تہ:

**"The Great Circle serves as the analog of "straight lines" in spherical geometry (gnomonic projections)."**

# هاڻ آمريڪا ۾ آچارڻ ڳڙ به ملي ٿو

مئرين انجنيئر جي حيثيت سان جيئن ئي مون 1968ع کان جهاز جي نوڪري شروع ڪئي ته شروعات جي فقط ڪجهه سفرن ۾ ڪولمبو، هانگ ڪانگ، چين ۽ يورپ پاسي (روس، رومانيا، بلغاريا، لبنان ۽ ترڪي جهڙن ملڪن ۾) جهازن ڪي وٺي وڃڻ کان علاوه باقي عرصو 1972ع تائين، چار سال کن لڳاتار، منهنجو مختلف جهازن تي گهڻو وقت آمريڪا جي بندرگاهن ۾ وڃڻ ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ سئيز ڪئنال بند هجڻ ڪري جهاز کي سڄي آفريڪا کنڊ جو ڦيرو ڪرائي پوءِ آمريڪا ڏي وٺي وڃڻو پيو ٿي. رستي تي ڪئريبين سمنڊ جي ويسٽ انڊيز بندرگاهن: ٽرنيڊاڊ، ٽوباگو ۽ ڪڏهن برمودا ۽ هوانا (ڪيوبا) ۾ ساهي پٽي يا سامان لاهي، پوءِ آمريڪا جي ڏاکڻن بندرگاهن ۾ پهرين پهچڻو پيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ اڃان **Container** سروس شروع نه ٿي هئي. جهاز بندرگاهن ۾ گهڻندو هو ته ٻاهر نڪرڻ جو نالو نه وٺندو هو. سامان ٽرڪن ذريعي ٿورو ٿورو ٿي پيو بندرگاهن ۾ ايندو هو، جنهن کي نيٽ ذريعي جهاز تي چاڙهيو ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته شهر ۾ ٽريفڪ جام هجڻ ڪري سامان جون ٽرڪون بندرگاهن ۾ نه پهچنديون هيون ۽ سامان چاڙهڻ يا لاهڻ وارا مڪاني مزدور به ويٺا آرام ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته فيڪٽريءَ ۾ مال تيار نه هجڻ ڪري جهاز پرجڻ جو ڪم بند ٿي ويندو هو. مطلب ته انهن ڏينهن ۾ اسان جهازين (جهاز هلائيندڙن) جا مزا هئا. بندرگاهه ۾ رهڻ لاءِ ڪافي ڏينهن ملي ويندا هئا. هاڻ ته بندرگاهن ۾ ڇهه اٺ ڪلاڪ به مس ملن ٿا، جو جهاز پهچڻ کان اڳ سامان ڪنٽينرن ۾ بند ٿيل ملي ٿو ۽ لاهڻ مهل به جهاز ڏينهن ڀن ۾ سڀ ڪنٽينر لاهيو هليو وڃي ۽ پوءِ پيو ڪنٽينرن مان سامان نڪري ٽرڪن ۾ چڙهي ۽ ان ملڪ جي مختلف شهرن ڏي روانو ٿئي. يعني اڄ ڪلهه جهازن کي بندرگاهه ۾ گهٽ ٻيهڻو پوي ٿو ۽ سمنڊ ۾ گهڻو هلڻو پوي ٿو. اسان جهاز هلائيندڙن لاءِ ساموندي نوڪري جا اهي ڏينهن مزيدار ۽ رنگين ٿين ٿا، جيڪي ڏينهن بندرگاهه ۾ ترسڻو پوي ٿو. ٻين لفظن ۾ اسين جهازي اهو ئي چاهيون ٿا ته جهاز تي سامان جيترو آهستي آهستي چڙهي ۽ جيترا گهڻا ڏينهن بندرگاهه ۾ ٻيهي اوترو سٺو. چوٽي مشهور آهي ته هر Seafarer (جهازيءَ) جو اهو ئي خواب هوندو آهي ته هن جو جهاز بندرگاهه ۾ پهچي ته دڪي (Jetty) جي مزدورن جي اسٽرائيڪ هجي. نه اهي ڪم ڪن ۽ نه جهاز تي سامان چڙهي ۽ نه جهاز بندرگاه مان ٻاهر نڪرڻ جو نالو وٺي. ساڳي وقت جهازن جا مالڪ

اهو ئي چاهين ٿا ته هنن جا جهاز بندرگاهه ۾ بيهڻ بدران گهٽي کان گهٽو وقت سمنڊ ۾ هلندا رهن، ڇو جو جهاز مالڪن کي تڏهن ئي گهڻو ڪمائي ڏين ٿا، جڏهن هو سامان کڻي، هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچائين ٿا. سامان کڻائي پاڙو، سامان جي مالڪن کان سمنڊ ۾ سفر جي مفاصلي يا ڏينهن موجب ملي ٿو. جهاز جي بندرگاه ۾ بيهڻ تي ويتر مالڪ جو خرچ ٿئي ٿو. ڪراچي جهڙي بندرگاه ۾ به رڳو هڪ ڏينهن جي پارڪنگ في چار پنج لک رپيا آهي. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي خرچ آهن. اسان جهاز هلائيندڙن لاءِ هڪ طرف سمنڊ تي جهاز جا لوڏا، جهاز هلائڻ جون پريشانيون ۽ اوجاڳا آهن ته ٻئي طرف بندرگاهه ۾ آرام ۽ خوشين جي زندگي آهي.

اسان جي ڏينهن ۾ يعني منهنجي ساموندي زندگيءَ جي شروعاتي سالن ۾، آمريڪا جو سفر تمام ڏگهو ضرور هو (بلڪ انهن سالن ۾ اجا به وڌو هو جو سئيز ڪئنال بند هجڻ ڪري سڄي آفريڪا کي ڦيرو ڪري، پوءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ ٽپي آمريڪا پهچندا هئاسين) پر هڪ دفعو آمريڪا پهچڻ بعد في الحال موج مزي ۾ اچي ويندا هئاسين، جو آمريڪا جا ڪارا مزدور هميشه ڦڏي بازيون ڪري، پاڻ به سامان چاڙهڻ ۽ لاهڻ کان هڙتال ڪيو وينا هوندا هئا، ته اسان کي به سمنڊ ڏي منهن ڪرڻ کان بچايو وينا هوندا هئا. ٻي ڳالهه ته گهڻو تڻو سامان آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي بندرگاهن لاءِ ئي چڙهندو لهندو هو، جيڪي بندرگاهه هڪ ٻئي جي ايترو ته ويجها آهن، جو وڏي ۾ وڏو سفر به ڏينهن ٻن جو مس ٿئي ٿو، نه ته ڪيترائي بندرگاهه فلڊلفيا، بالٽيمور، نيوارڪ، نيويارڪ وغيره جهڙا ته فقط چند ڪلاڪن جي فاصلي تي آهن ۽ اسان هڪ بندرگاهه ۾ هفتو ڏيڍ رهڻ بعد چند ڪلاڪ جهاز هلائي، وري ٻئي بندرگاهه ۾ پڙ هٽي بيهي رهندا هئاسين. اهڙي طرح ٻه به ٽي ٽي مهينا آمريڪا ۾ گذري ويندا هئا، پوءِ ورلي ڪو ڪيوبا، برمودا يا وڌ ۾ وڌ آفريڪا جي بندرگاهن: ڊڪار (سينيگال) ۽ عابد جان (آوري ڪوسٽ) لاءِ سامان کڻي وڃڻو پوندو هو. جتان پوءِ وري جهاز کي **USA** وٺي اچڻو پوندو هو. نيويارڪ، نيو اورلينس، هوسٽن، بالٽيمور، فلڊلفيا، سواناهه، بٽن روج جهڙن بندرگاهن ۾ ته ايترو وقت ۽ ايترا دفعا وڃڻ ٿيو، جو پنهنجي ڳوٺ هالا ۽ حيدرآباد جي گهٽين جي به ايتري ڄاڻ نه ٿي، جيتري آمريڪا جي مٿين شهرن جي.

انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ سنڌ جا ماڻهو ته گهٽ هئا، پر پاڪستان جي ٻين صوبن جا به نه هئڻ برابر هئا. حلال گوشت ۽ ٻين شين جهڙوڪ چپاتي، نان، آچار، مٺائي ملڻ ناممڪن ڳالهه هئي. اسان جو جهاز جنهن بندرگاهه ۾ پهچندو هو، اتي رهندڙ اسان جي وطن جا ماڻهو ڪا نه ڪا سڃاڻپ پيدا ڪري، جهاز تي پهچي ويندا هئا ۽ پنهنجي وطن جا ڪاڏا ڪائي، هنن کي خوشي ٿيندي هئي. نيويارڪ ۾ نور احمد نظاماڻي، يوسف ڏاهري، بشير مغل، سليم شاهه ۽ ڊاڪٽر ابڙي صاحب سان ملاقات ٿيندي هئي.

شهر جا چڪر هڻي ماني جهاز تي اچي کائيندا هئاسين. ڪڏهن هنن وٽ ڪاٺ ٽيندو هو تہ گوشت کنهن يهوديءَ جي دڪان تان وٺي، گهر ۾ رڌيندا هئا، پوءِ ڊبل روٽيءَ سان ئي کائڻو پوندو هو. ڪٿان اٽو ملي ۽ ڪير چپاتي يا نان پچائي؟ پر هاڻ جڏهن ٽيٽيهن سالن بعد آمريڪا جي انهن بندرگاهن کي ڏسان ٿو تہ نہ فقط انهن وڏن شهرن ۾، پر ڪُوٽ ڪُوٽ ۾ حلال گوشت جا دڪان آهن ۽ نہ فقط مصري ۽ فلسطيني ڪاسائي نظر اچن ٿا، پر پنجابي ۽ پٺاڻ بہ جام آهن. بالٽيمور ۾ هڪ سنڌي عاشق لاڪو نالي بہ مليو، جيڪو جيتوڻيڪ پنهنجي ڳوٺ (سکر ضلعي) جي ڪاليج ۾ هڪ بهترين ليڪچرر هو، پر آمريڪا جي لاٽري واري ويزا ملڻ بعد هتي بهترين ڪاسائي آهي ۽ بقول سندس جيتري ڪمائي آمريڪا ۾ **Meat Shop** ۾ آهي، اوتري ٻئي ۾ نہ آهي. هو ٻڪري ۽ ڍڳي ذبح ڪرڻ بعد جنهن نموني ۽ تکي رفتار سان جديد مشينن ذريعي، ان جانور جون، گراهڪن لاءِ ٻوٽيون ٺاهي ٿو، اهو قابل داد آهي. محنتي ماڻهو هر فيلڊ ۾ محنتي ٺئي ٿو. جهڙو هو هڪ قابل ۽ محنتي استاد هو، اهڙو ئي هو ڪاسائي آهي. هن کي پاڻ وٽ نوڪري ڏيڻ لاءِ هر وڏو دڪاندار آڇ ڪري ٿو، پر هن هاڻ ٻن ٻين پاڪستانين سان ملي بالٽيمور ۾ پنهنجو دڪان کوليو آهي. بهرحال آمريڪا ۾ اڄ ڪلهہ نہ فقط حلال گوشت سولائيءَ سان ملي ٿو، پر ”پڪي پڪاين“ چپاتين، اڦراٽن، نانن جو ملڻ بہ آسان ٿي ويو آهي ۽ نہ فقط انڊين ۽ پاڪستاني دڪانن تي، پر هتي جي گورن آمريڪين جي دڪانن تي بہ، هر ديسي شيءِ ويندي آچار، دال، سوجي، ميدو، لونگ ڦوٽا، هيڊ، مُستي، گدامڙيءَ کان وٺي رڌ پچاءَ جا ٿانوَ: وٽا، ڪريون، لوٽا، ويلڻ، چاڏيون ۽ توا رکيا آهن. ان کان علاوه اهو ڪهڙو آمريڪا جو شهر آهي، جنهن ۾ انڊين ۽ پاڪستاني هوٽلون نہ آهن، جن ۾ ڏهي ٻڙن ۽ ڪبابن کان وٺي چولا، چڪن تڪا، پڪوڙا ۽ مٺائيون نہ ٿيون ملن!

## آمريڪا ۾ خوشحاليءَ جو راز

هتي انهن پاڪستانين لاءِ، خاص ڪري سنڌين لاءِ، جيڪي ملڪ کان ٻاهر نہ نڪتا آهن يا جيڪي نوڪريءَ کي آفيسري سمجهن ٿا ۽ هو فقط اهڙي نوڪريءَ کي سٺو سمجهن ٿا جنهن ۾ هنن کي اڇا اجرا ڪپڙا پائي، پنهنجي مرضيءَ سان آفيس وڃڻو پوي، جنهن ۾ پنهنجي اختيارن جو ناجائز فائدو وٺڻو پوي، غريب عوام کي سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح تنگ ڪري پگهار کان وڌيڪ حرام جو پئسو اوڳاڙڻو پوي، انهن لاءِ هي لکڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ٻاهر جي ملڪن ۾ ائين ناهي. اتي هڪ وڏي آفيسر کي بہ پورهيو ڪرڻو پوي ٿو ۽ عوام جي خدمت ڪرڻي پوي ٿي. خاص ڪري يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ ۽ ڪنهن حد تائين جپان ۽ ملائيشيا جهڙن سڌريل ايشيائي ملڪن ۾

پڻ، جنهن جو مثال ملائيشيا واري سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان تہ اتي هڪ پوليس جو ايس پي بہ روڊ تي بيهي ماڻهن جي مدد ڪرڻ دوران عام ماڻهوءَ کي **Sir** چئي مخاطب ٿئي ٿو. منهنجي پڇڻ تي هڪ وڏي آفيسر وراڻيو: ”قانون جي عزت ڪندڙ هر ماڻهو اسان جو باس آهي. عوام جي ڏنل ٽئڪس مان تہ اسان کي پگهار ملي ٿو ۽ اسان جي ٻچن جو گذر سفر ٿئي ٿو.“

بهرحال منهنجو مطلب اهو آهي تہ سڌريل ملڪن اندر ان ۾ ڪابہ خرابي يا گهٽتائي نٿي سمجهي وڃي، تہ ڪو ڪهڙي نوڪري ڪري ٿو. هر نوڪري جنهن مان ملڪ ۽ قوم جو ڀلو ٿئي، سٺي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي، پوءِ اها نوڪري ڪٿي ڊاڪٽر جي هجي يا نرس جي، پائليٽ جي هجي يا ايئرهوسٽس جي، چوڪيدار جي هجي يا ڊپارٽمينٽ اسٽور ۾ هڪ مزور جي، واڍي يا رازي جي هجي يا ڪاسائي يا ٽيچر جي. آمريڪا توڙي يورپ ۾ هرهڪ کي ايمانداريءَ سان نوڪري يا پورهيو ڪري، حق حلال جي روزي ڪمائڻي پوي ٿي ۽ هر اهو ماڻهو جيڪو محنت مزوري ڪري، حق حلال جي ڪمائي حاصل ڪري ٿو، اهو سوسائٽيءَ ۾ عزت حاصل ڪري ٿو. پوءِ اها نوڪري يا پورهيو ڪٿي ڪهڙو بہ هجي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترا اسان جا ڊاڪٽر ۽ انجنيئر آمريڪا ۾ پيٽرول پمپن تي ڪم پيا ڪن يا ٽيڪسي پيا هلائين. هڪ اهڙي ڊاڪٽر وٽ بہ منهنجو رهڻ ٿيو، جيڪو پاڪستان مان ڊگري حاصل ڪرڻ ۽ ڪجهہ سال ان اسپتال ۾ نوڪري ڪرڻ بعد آمريڪا آيو، جتي هن سال بہ ڊاڪٽري ڪرڻ بعد هڪ پيٽرول پمپ خريد ڪيو ۽ هن محسوس ڪيو تہ هن جو مائينڊ ڊاڪٽري پيشي کان بزنس ۾ وڌيڪ **Active** آهي، ان ڪري هن ڊاڪٽري ڇڏي پيٽرول پمپ تي ڌيان ڏنو. اڄ هن جو پيٽرول پمپ بالٽيمور شهر ۾ وڏي ۾ وڏو پيٽرول پمپ آهي ۽ ان سان گڏ سيون اليون ۽ مسٽر ڊونٽ جهڙا بہ ٽي دڪان پڻ هن جا آهن. هن سان گڏ جيڪي بہ چار ڊاڪٽر آيا ۽ هتي آمريڪا ۾ ڊاڪٽري ڪري رهيا آهن ۽ ڪين سٺو پگهار ملڻ ڪري هو خوش آهن، پر ڊاڪٽريءَ بدران پيٽرول پمپ هلائڻ وارو ڊاڪٽر هنن سڀني ۾ بهتر ۽ خوشحال آهي. جيتوڻيڪ شروع وارا سال هن ڊاڪٽري ڇڏي، ڪم سکڻ لاءِ ڌارين جي پيٽرول پمپ تي مزور ٿي ڪم ڪيو.

سو هتي آمريڪا ۾ اها ڳالهہ هرگز خراب نہ ٿي سمجهي وڃي. اسان جي ملڪ ۾ پورهئي وارا ڪم عيب سمجهيا وڃن ٿا. ان ڪري اسان جا ڪيترا ماڻهو جيڪي آمريڪا ۾ رازا، واڍا، سيلزمين، ٽيڪسي ڊرائيور، اسٽور ڪيپر، چوڪيدار ٿي ڪم ڪري رهيا آهن، پنهنجي وطن پنهنجن عزيزن ۽ دوستن کي نٿا ٻڌائين. اتر سنڌ جي هڪ سنڌي ٽيڪسي ڊرائيور مون کي منع ڪئي تہ آئون سندس ڪهاڻي ضرور لکان، پر اهو ڪنهن کي نہ ٻڌايان تہ هو آمريڪا ۾ ٽيڪسي هلائي ٿو.

”خبر اٿئي.“ مون کيس کلندي چيو. ”مون کان جي **Choice** پڇين ته مون کي سڀ کان بهتر ٽيڪسي هلائڻ لڳي ٿي. خاص ڪري جي پنهنجي ٽيڪسي آهي. ڇو ته هر ٽيڪسي ڊرائيور پنهنجي پاڻ جو باس آهي. جنهن وقت وڻيس ان وقت هلائي. رات جو ننڊ نه اچيس ته به روڊ تي هليو اچي. سڀ کان وڏي ڳالهه ٽيڪسي ۾ هر قسم جو ماڻهو ويهي ٿو. پاڙو وٺڻ کان علاوه هن جي کهاڻي به ٻڌي سگهجي ٿي.“

”هي جاب وٽي ته مون کي به ٿي. پر پنهنجي ملڪ ۾ ان کي خراب سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري پنهنجن کان لڪايان ٿو.“ هن ٻڌايو.

## آمريڪا ۾ پريالوءِ جو همراهه

اسان جيئن ئي سامونڊي نوڪريءَ ۾ داخل ٿياسين ته سمنڊ جي لوڏن ۽ جهاز جي انجڻين اهڙو ته بيزار ڪيو جو اسان جا ٻه ڪلاس ميٽ هڪ انگلينڊ ۾ ۽ ٻيو نيويارڪ ۾ جهاز ڇڏي ڏنو ۽ وڌيڪ پڙهڻ يا ٻي ڪا نوڪري ڪرڻ بدران ٽيڪسي هلائڻ لڳا. اڄ هو ٻئي اسان سيني کان خوشحال ۽ سکيا آهن. سو آمريڪا **(USA)** جهڙن ملڪن ۾ ڳالهه سرڪاري يا غير سرڪاري نوڪريءَ جي ناهي، پر محنت جي آهي. جيڪو محنت ۽ ايمانداريءَ سان پورهيو ڪري ٿو، اهو خوشحال زندگي گذاري ٿو ۽ حق حلال جي پورهئي کي هتي عيب هرگز نٿو سمجهيو وڃي. منهنجي اِها ڳالهه تي سگهي ٿو پنهنجي ملڪ ۾ رهي ڪنهن کي سمجهه ۾ نه اچي، پر آمريڪا ۾ پهچي هرهڪ کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچيو وڃي. ان ڪري ڪيترن کي سنڌ جي ڏورانهن ڳوٺن ۾ رهي، اها ڳالهه تعجب خيز لڳندي ته پريالوءِ جو عاشق لاکو جيڪو سکر ۽ خيرپور جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ته ٽيچر ۽ ليڪچرر هو، اهو بالٽيمور ۽ ائٽلانٽڪ سٽيءَ ۾ ڪاسائي آهي. پر هتي آمريڪا جي رهندڙ جي نظر ۾ جهڙو پورهيت ٽيچر، ڊاڪٽر، حجم آهي، تهڙو ڪاسائي، جيڪو ڊاڪٽرن وارو ائپرن پائي، ايئرڪنڊيشن ڪمري ۾ رکيل جديد مشينن ذريعي گوشت کي ڪَٽي، ٻئي ڪمري اندر قطار ۾ بيٺل گراهڪن کي واري واري سان ڏئي ٿو ۽ انهن گراهڪن ۾ آمريڪا جا ڪاروباري ماڻهو به آهن ته جج، ڊاڪٽر، فلمي ايڪٽر به.

آمريڪا جو هي سنڌي رهواسي عاشق لاکو صاحب، سکر ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ پريالوءِ جي حاجي واحد بخش لاکي جو پٽ آهي. کيس ٻيا به ٽي ڀائر آهن. حاجي مشتاق جيڪو رٽائرڊ استاد آهي ۽ حاجي ممتاز جيڪو زمينداري ڪري ٿو ۽ ڪائنس وڏو آهي ۽ الطاف نالي ننڍو ڀاءُ پريالوءِ جي هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد آهي. سندن والد صاحب سرڪاري کاتي **Irrigation** ۾ نوڪري ڪئي ٿي.

سنڌ جو ڳوٺ پريالوءِ سکر شهر لڳ نيشنل هاءِ وي تي آهي ۽ خيرپور کان سکر طرف ويندي اٽڪل **15** کن ڪلو ميٽر ٿيندو. عاشق لاکو هن ڳوٺ ۾ **12** مئي **1969**ع تي ڄائو. ميٽرڪ پنهنجي ڳوٺ جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان ڪيائين. گريجوئيشن **BA** ۽ اسلامي ڪلچر ۾ **MA** شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ڪري، پريالوءِ هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ استاد ٿي رهيو. هن آمريڪا اچڻ کان اڳ اٽڪل ٻارهن سال پڙهايو.

”توهان جو آمريڪا اچڻ ڪيئن ٿيو؟“ مون عاشق لاکي کان پهرين ملاقات ۾ پڇيو هو، جيڪا بالٽيمور جي هڪ مسجد ۾ جمعي نماز تي ٿي. آئون لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽر منور عباسيءَ جي گهر رهيل هوس، جتي حيدرآباد جو مشهور بئنڪ آفيسر غلام مصطفيٰ پلهه به اچي نڪتو ۽ سڀ گڏجي هتي جي جامع مسجد ۾ جمعي تي آياسين، جتي نماز بعد اوچتو لاکو صاحب ملي ويو هو.

”ادا آمريڪا ته ڇا مون کي ڳوٺ ڇڏي حيدرآباد يا ڪراچي ۾ رهڻ جو به ڪو خواب خيال نه هو.“ عاشق ٻڌايو.

”پوءِ پلا هي ڪم ڪيئن ٿي ويو؟“ مون ڪلندي پڇيومانس.

”ٿيو هيئن جو سن **1998**ع ۾ آئون عمري لاءِ سعودي عرب ويو هوس.“ لاکي صاحب پنهنجو احوال ٻڌايو، ”اتي پنهنجي ميرپور ماٿيلي جي دوست غلام محمد ڏهر جي گهر ويس ته هو پنهنجي پٽ ڊاڪٽر عبيدالله لاءِ آمريڪا جي ويزا جو لاٽري فارم ڀري رهيو هو. مون پڇيومانس ته هي ڪير ڀري سگهي ٿو، جنهن جي جواب ۾ هن مون کان پڇيو ته آيا مون وٽ پنهنجا به فوٽا هوندا. مون پنهنجي ٻٽوڻ مان پنهنجا فوٽا ڪڍي کيس ڏنا ۽ هن فوٽو اسٽيٽ فارمن مان ٻن تي مون کان صحيحون وٺي، باقي خالي جايون مون پاران پاڻ پُر ڪري، پنهنجي پٽ جي فارم سان گڏ پوسٽ ڪيا.

”پلا آمريڪا **(USA)** پهچڻ تي ڪهڙي شهر ۾ آيئو.“ مون پڇيومانس.

”آئون پهرين ورجينيا رياست ۾ آيس، جتي اسان جي پرواري ”پير جي ڳوٺ“ جو رهواسي ڪليم خلجي رهيو ٿي. ڪليم خلجي ان وقت واشنگٽن ۾ اسان جي پاڪستان ايمبيسيءَ ۾ نوڪري ڪئي ٿي. هن مون کي مهينو کن پاڻ وٽ رهايو ۽ ڏاڍي خدمت ڪئي، جيستائين مون کي نوڪري ملي.“

آمريڪا جي گاديءَ وارو شهر واشنگٽن (ڊي سي) جتي آمريڪا جي صدر جي آفيس پينٽاگون ۽ دنيا جي ملڪن جا سفارتخانا آهن ۽ پرواري رياست ورجينيا ائين آهي، جيئن اسلام آباد ۽ پنجاب صوبي جو شهر راولپنڊي. ڪيترا ماڻهو جيڪي واشنگٽن ۾ نوڪري ڪن ٿا، اهي درياهه جي ٻي پار ورجينيا رياست ۾ ٿي رهن، جتي راولپنڊي وانگر اسلام آباد کان وڌيڪ سستائي آهي.

ڪليم خلجي اڄ ڪلهه وري پاڪستاني ايمبيسي ۾ آهي. هو ان وقت پهريون مدو ختم ڪري پاڪستان هليو ويو هو، جتي سال ٻه رهي، هاڻ وري هتي آيو آهي. اسان جي ايمبيسي جي سفير جنرل ڪرامت جهانگير سان ملاقات بعد آئون سندس آفيس ۾ به ڪجهه دير اچي ويٺو هوس. مون ڪيس بيحد محنتي، ڪم جو چاڙُو ۽ ماڻهن جي مدد ڪرڻ وارو آفيسر محسوس ڪيو. سندس تفصيلي ذڪر ڪنهن ٻئي هنڌ ڪنداسين. اتفاق اهڙو جو عاشق لاکي سان نه فقط آمريڪا ۾ ملاقات ٿي، پر ٿي چار مهينا آمريڪا ۾ رهي وطن موٽي رهيو هوس، ته اسان جو نه فقط هوائي جهاز ساڳيو هو، پر سيٽون به پر ۾ هيون ۽ نه فقط جهاز ۾ پر دبئيءَ جي هوائي اڏي تي اٺ ڪلاڪ ٽرسٽ دوران پڻ خبرون ڪندا رهياسين.

”پلا ڳوٺ ڪڏهن وڃو؟“ مون عاشق کان پڇيو.

”هر سال وڃان ڪڏهن ته ڇهين مهيني به.“ عاشق وراڻيو.

”شاباس هجناوَ! ايترو سگهو سگهو!! ڇئبو ته جيڪو ڪمائيندا هوندائو، ان مان هر سال لک به هوائي جهاز جي ٽڪيٽن ۾ خرچ ٿي ويندو هوندانوَ؟“ مون پڇيو.

”ڇا ڪجي. ان کان علاوه هفتي ۾ ٻه يا ٽي دفعا مائٽن کي فون ٿو ڪريان، پوءِ به اسان جي ڳوٺ ۾ مون کي ڇوندا آهن ته ڪهڙو ته ڪنور دل آهين، جو ايڏو ڏور هليو ويو آهين. هن ڀيري ته اجان چار مهينا به نه ٿيا آهن، ته وري ڳوٺ پيو وڃان.“

”خيرَ ۾؟“

”گرين ڪارڊ ته مون کي هتي اچڻ سان مليو هو. اڳئين دفعي ڳوٺان ٿي آيو هوس ته مون کي هتي جو (USA) جو پاسپورٽ به مليو، جنهن جي ملڻ سان منهنجي زال ۽ ٻارن آمريڪا جي ويزا ۽ گرين ڪارڊ لاءِ اپلاءِ ڪيو. مهيني کن بعد ڪين انٽرويو لاءِ اسلام آباد گهرايو ويو ۽ هاڻ مون کي اطلاع مليو آهي ته هنن جا ڪاغذ پٽ ٿهي ويا آهن ۽ ڪين پاڻ وٽ آمريڪا گهرائي سگهان ٿو.“

”مبارڪون هجنئي. منهنجي خيال ۾ توهان پنهنجي ڳوٺ پريالوءِ جا پهريان آمريڪن سٽيزن (شهري) ٿيائو؟“

”جي ها، پر گرين ڪارڊ ڳوٺ جي ڪيترن ئي ماڻهن وٽ آهي.“ عاشق لاکي ٻڌايو.

”پلا هتي آمريڪا ۾ توهان جا ويجها دوست ڪير آهن؟“ مون عاشق کان پڇيو.

”هتي آمريڪا ۾ اڄڪلهه اسان جي ڳوٺ پريالوءِ، پيرجوڳوٺ ۽ ٻين پروارن ڳوٺن جا ڪيترائي رهن ٿا. نيويارڪ ۾ نذير احمد مخدوم آهي، ورجينيا ۾ عرفان جماڻي آهي، واشنگٽن ۾ اڄڪلهه وري ڪليم خلجي آيو آهي، ان کان علاوه حسنين شيخ آهي، پي آءِ اي ۾ حبيب الله آهي، جنهن جو ڀاءُ بلال وري لاس اينجلس ۾ آهي. پير جي ڳوٺ جو حبيب مغل پڻ هتي آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ آهي.“

## مون سان پنهنجن ئي ويڙن ڪئي

عاشق لاڪي سان جڏهن پهريون دفعو جمعي نماز تي ملاقات ٿي هئي تہ هن ملڻ سان مون کي چيو هو تہ هو مون کي پنهنجي زندگيءَ جي هڪ اهم ڳالهہ ٻڌائڻ ٿو چاهي، تہ هن سان آمريڪا ۾ ڪيڏو ظلم ٿيو آهي. ان وقت ڪجهہ ٻيا سنڌ جا دوست بہ اچي مليا، خاص ڪري شڪارپور جو اعجاز ابڙو جنهن سان گڏ پروگرام موجب بالٽيمور جي پرواري ڳوٺ **East Rolling Cross** وڃڻو هو، جنهن تڪڙ پئي ڪئي. تنهن هوندي بہ عاشق کي پاسي تي وٺي چيم تہ خير تہ آهي، هتي جي حڪومت توکي گهرائي هاڻ ويزا يا پاسپورٽ نہ ٿي ڏئي ڇا؟

”نہ. اها ڳالهہ ناهي.“

”هتي جي ڪارن سان تنهنجو جهيڙو ٿي پيو آهي؟“ مون پڇيومانس جو ويجهڙائيءَ ۾ اهڙيون بہ ڪيتريون ڳالهيون ٻڌي چڪو هوس، تہ اسان جي وطن جا نوان آيل، جيڪي هتي جي بلئڪ ڪميونٽي جي غريب علائقن ۾ رهن ٿا، اهي انهن طرفان رکي رکي تشدد جو شڪار ٿيندا رهن ٿا، جو هتي جا شيدي غربت، بيروزگاريءَ ۽ نشي پتي ڪري ننڍا وڏا ڏوهہ ڪندا رهن ٿا. خاص ڪري ڦر ۽ چوريءَ جا.

”نہ. اها بہ ڳالهہ ناهي. مون سان تہ پنهنجن ئي ٺڳيون ڪيون آهن.“ عاشق ٻڌايو.

”چڱو مون کي پنهنجو نمبر ڏئي ڇڏ، ڪڏهن نويڪلي ملاقات ٿي تہ خبرون ڪنداسين.“ مون ڪانئس نمبر وٺندي چيو، جو بالٽيمور ۾ اعجاز ابڙو وٽ منهنجا آخري بہ ڏينهن هئا. ان بعد مون کي جارجيا ۽ الاباما رياستن ڏي، ڏکڻ طرف وڃڻو هو جتي جي بندرگاهن ۾ سٺ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ جهاز وٺي ايندا هئاسين ۽ انهن بندرگاهن بابت احوال منهنجي شروع جي سفرنامن ۾ لکيل آهي.

هاڻ اسين ساڳي هوائي جهاز ۾ نيويارڪ کان دبئي سفر ڪري رهيا هئاسين ۽ ٻئي واندا ويٺا هئاسين. ڪجهہ دير عاشق بہ پنهنجي اڳيان لڳل ٽي ويءَ جا ٻہ چار چئنل گهمائي ڏٺا ۽ پوءِ ڪجهہ دير تسبيح پڙهي ڪيسي مان چيغم ڪڍيا، جيڪي دوا جي گورين وانگر هڪ پتري تي ٻن قطارن ۾ جملي ڏهہ هئا. هڪ کي دٻائي پاسي کان ڪڍي وات ۾ وڌائين ۽ هاڻ باقي پترو ڪيسي ۾ واپس رکڻ وارو هو تہ هڪ مون بہ گهريومانس.

”پلا هڪڙو مون کي بہ ڏي تہ آئون بہ ويهي تو وانگر چٻاڙيان، تہ ڪجهہ تہ وقت پاس ٿئي.“

”نہ هي تنهنجي لاءِ نہ آهن.“ عاشق يڪدم چيو، جنهن مان مون کي ڪجھہ چرچو لڳو، پر جڏهن ڏٺم تہ مون کي هڪ بہ ڏيڍ بدران واپس ڪيسي ۾ رکي ڇڏيائين تہ تعجب لڳم.

”ڇو سائين خير ۾؟ شگر جو مريض تہ آئون نہ آهيان، جو مون کي ٽِڪي چاڪليٽ نہ کائڻ ڪپي.“ مون ڇيومانس.

”نہ. ڳالھہ هيءَ آهي تہ هي چيغم دوا جا آهن، هنن ۾ ڪجھہ نڪوٽين پيل آهي. مون سگريٽ پيئڻ بند ڪيا آهن، سو ڊاڪٽر ڪجھہ ڏينهن لاءِ هي چٻاڙڻ لاءِ ڏنا آهن، جيئن سگريٽ بند ڪرڻ جي تبديليءَ جو جسم تي اوچتو اثر نہ پوي.“

”ڏينهن ۾ ڪيتري سموڪنگ ڪندا هئائو؟“ مون پڇيومانس.

”شروع ۾ تہ سموڪنگ ورلي ڪا ڪندو هوس، پر پوءِ پريشانين ڪري وڌي ويئي ۽ اهڙو عادي ٿي ويس جو هر وقت سگريٽ جي ٻاڙ لڳڻ لڳي.“ عاشق ٻڌايو ۽ ان ئي وقت سندس پهرين ملاقات واري ڳالھہ ياد آئي، جيڪا هن مون کي ٻڌائڻ چاهي ٿي ۽ هي وقت اهڙو هو جو هو سڪون سان ٻڌائي سگهيو ٿي ۽ آئون بہ سڪون سان ٻڌي سگهيس ٿي.

”عاشق! تو پهرين ڏينهن ٻڌايو هو تہ توسان هتي ڪنهن دوڪيبازي ڪئي ۽ اهو ڪو ڌارئين ملڪ جو نہ پر پنهنجو ئي هو.“

”بس سائين ولايت ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن تي ڀروسو نہ ڪجي. مون گذريل ٽن چئن سالن ۾ حق حلال جو ۽ هٿن جي پورهئي سان ڏاڍو پئسو ڪمايو، پر مون کي پنهنجن ئي جن تي مون ڀروسو ڪيو، ڦري ويا.“

عاشق جي ڳالھہ مون لاءِ نئين نہ هئي. منهنجي اڳيان ڪيترائي اهڙا مثال هئا، جن ۾ پرديس ۾ ڪيترن کي پنهنجن هم زبان، هم مذهب يا ڳوٺ وارن پهرين همدردي ڪري پوءِ سندن ترا ڪڍيا هوندا. ڪجھہ سال اڳ هڪ اسان جو دوست، پنهنجي وڏي عهدي واري سرڪاري نوڪري ڇڏي، گهر ۽ زمينون وڪڻي، ڪئناڊا وڃي **Settle** ٿيو، تہ هاڻ اتي بزنس ٿو ڪريان. ڪيس سندس ڪاليج جي ئي هڪ سينئر گشا پتا هٿي، اهڙي بزنس ۾ لڳايو، جتي هن جو سمورو پئسو پنهنجي ڪاليجي ساٿيءَ ڏي هليو ويو. نوڪري بہ ويئي تہ گهر بہ ويو ۽ زمينون بہ! اهو بہ شڪر جو هن وٽ آمريڪا جي پيٽروليم جهڙي سبجيڪٽ ۾ اعليٰ ڊگري هئي ۽ عمر ۾ بہ اجا ننڍو هو، هڪ عرب ملڪ ۾ نوڪري ملي ويس. هاڻ سندس ٻار بہ اتي پڙهي رهيا آهن ۽ گهر وٺڻ لاءِ نئين سنئين‌ءَ بچت ڪري رهيو آهي.

منهنجو هڪ ڪلاس ميٽ جنهن سڄي عمر ابوڌابيءَ ۾ نوڪري ڪئي ۽ هاڻ رٽائرڊ ٿيڻ تي هتي آمريڪا ۾ هڪ پنهنجي ئي مائٽ سان گڏ بزنس شروع ڪيو. پر چند

مهينن ۾ هن کي خبر پئجي وئي ته سندس مائٽ هن سان فراڊ ڪري، پنهنجو ۽ هن جو پئسو ڪڍي، آمريڪا مان ئي ڀڄي ويو آهي. اسان واري ڪلاس ميٽ هن تي ڪيس داخل ڪيو آهي، جيسين هو همراهه آمريڪا موٽي اچي ۽ هن تي ڪيس هلي، تيسين هن جا مهانگا وڪيل پنهنجي اڌ في اوڳاڙي چڪا آهن.

## ساڳيو ’ڪاسائڪو‘ ڪم ڪندس

عاشق لاکي جي ٽريجڊي به اهڙن ڪيسن کان مختلف نه هئي. هر پرديسي ڌارئين ملڪ ۾ پهچي چاهي ٿو ته هن کي جلد از جلد ڪٿي ڪو پورهيو ملي وڃي، جيئن ٻين تي بار ٿيڻ بدران هو پنهنجي ڪمائي کائي. ورلي ڪي خوش نصيب هوندا، جن کي پنهنجي تعليم ۽ ڊگرين جي آڌار تي ۽ انهن مطابق آمريڪا ۾ نوڪريون مليون هونديون، نه ته وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽ انجنيئر به پهرين اسٽورن ۽ دڪانن تي مزوري ڪن يا هوٽلن ۽ ريسٽورنٽن تي بئراگيري يا سيلزمين ٿي ڪم ڪن. بهرحال ڪم ڪرڻ واري ۾ همٿ ۽ محنت جو جذبو هجي، باقي جيئن شروع ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته هتي حق حلال جي ڪمائي لاءِ ڪنهن به قسم جو پورهيو ڪرڻ ڪا بي عزتي ناهي ۽ آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ هڪ مزور به چڱو خاصو ڪمائي ٿو. بلڪ ڪيترن وائيٽ ڪالر جابس (آفيسرن) کان وڌيڪ هڪ مزور ڪمائي ٿو. عاشق ٻڌايو ته هن کي ورجينيا رياست ۾ (جتي هو پنهنجي ڳوٺ جي دوست ڪليم خلجي وٽ رهيل هو) هڪ ڪاسائيءَ جي دڪان (سلاٽر هائوس) تي ڪم ملي ويو.

”سائين مون گهر ۾ ڪڏهن هٿ ۾ ڇري نه ڪنئي هئي، پر پوءِ مون يڪدم فيصلو ڪري ورتو ته يار عاشق هتي ڳوٺ واري ماستري ته هرگز نه ملي سگهندي ۽ پورهيا سڀ پورهيا آهن. مون کي محنت سان گڏ هن ۾ دل لڳائي سکڻ ڪپي. پوءِ مون ايترو ته خيال سان ڪم سکيو ۽ ڪيو جو آئون گوشت ڪٽڻ ۾ ايڪسپرٽ ٿي ويس. ٻڪري هجي يا ڍڳي، جديد مشينن تي لڳل ڪاراين ۽ **Cutters** ذريعي سڄي جانور جون گهٽ وقت ۾ بهترين نموني جون ٻوٽيون ٺاهي سگهيس ٿي. ڇهن مهينن اندر ورجينيا، واشنگٽن ۽ پروارين رياستن مئري لئنڊ ۽ ڪئرولينا ۾ رهندڙ مسلمانن ۾ منهنجو نالو مشهور ٿي ويو.“

”مالڪ ڪير هو ۽ گهڻو پگهار ڏيندو هئي؟“ مون پڇيو.

”ان دڪان جو مالڪ ڪراچيءَ جو هڪ ڪاسائي هو. هو مون کي هفتي جا **250** ڊالر يعني پنهنجا 15 هزار ڪن روپيه ڏيندو هو. هفتي ۾ ٻه ڏينهن موڪل ٿيندي هئي، پنج ڏينهن ڪم هلندو هو، يعني ان حساب سان روزانو ٽي هزار روپيه ملندا هئم. رهائش ان سلاٽر هائوس ۾ فري هئي. عيد تي ماڻهن منهنجو ڪم ڏٺو ته تعجب کاڌو.

عيد جا ٻہ ڏينهن موڪل وارا خوب پئسو ڪمايم. بهرحال ڪجھ مهينن بعد لاهور جو هڪ ڪاسائي دڪاندار اچي منهنجي پنيان لڳو تہ آئون هي دڪان ڇڏي، هن وٽ هلي ڪم ڪريان تہ هو مون کي پگهار بہ دل وٽان ڏيندو.

آخرڪار مون هن وٽ ڪم شروع ڪيو. هو مون کي هفتي جا يعني پنج ڏينهن ڪم ڪار جا چار سؤ ڊالر ڏيڻ لڳو. ڪنهن هفتي پنج سؤ ڊالر بہ ڏيندو هو. ظاهر آهي تہ آئون ڪيس ڪم بہ اهڙو ڪري ڏيندو هوس. ٽي سال مون هن وٽ مزوري ڪئي، ان بعد هن مون کي پنهنجي دڪان ۾ ڀائيواريءَ جي آڇ ڪئي. اسان هڪڙو ٽيون پارٽنر بہ ڪنيو يعني هرهڪ جو ٽيون حصو ٿيو. دڪان ۾ ان ۾ رکيل سيني مشينن جي ماليت ڪَٿي، ان جو ٽيون ٽيون حصو اسان پنهنجي بئنڪ بيلنس مان ڏئي، دڪان جا مالڪ ٿياسين.“

”ڀلا هي ڪم ڪنهن وڪيل اڳيان لکپڙھ ۾ ٿيو يا ائين زباني؟“ مون وچ ۾ عاشق جي ڳالھ روڪي پڇيو.

”هي سڄو ڪم ائين ويساھ تي ٿيو، جو ٽئي ڄڻا گذريل ٽن سالن کان هڪ ٻئي کي ويجها هئاسين ۽ هن ٽئي دڪان ۾ ڪم ڪري رهيا هئاسين. ڪنهن کي بہ ڪنهن جي نيت تي ذرو بہ شڪ نہ هو. ان هوندي بہ دڪان جي مالڪ کان قرآن تي هٿ رکرائي، هن کي پئسا ڏناسين. پر افسوس جو هو سال اندر بدديانتيءَ تي لهي پيو ۽ ان سال جا سڀ پئسا هضم ڪري ڀڄي ويو. ان بعد باقي بچيل همراھ مون سان شامل ٿي ڪم ڪرڻ جي رضامندي ڏيکاري. اسان هر ڳالھ لکت ۾ ناهي. سال ڏيڍ هن سان صحيح ڪم هلندو رهيو، ان بعد هن مون کي مٺيون مٺيون ڳالهيون ٻڌائي، سڄو دڪان پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيو. مون کي جو خبر پيئي تہ منهنجا هوش خطا ٿي ويا. غريب ماڻهو پرديس ۾ وڃان تہ وڃان ڪيڏانهن. جنهن وٽ بہ وڃان تہ مون سان همدردي ڪرڻ بدران الٽو مون کي دڙڪا ڏئي تہ اهڙي بيوقوفي ڇو ڪيئي. آخر هڪ نيڪ انسان يهودي وڪيل منهنجي ڳالھ ٻڌي، مون سان واعدو ڪيو آهي تہ هو هي ڪيس بنا في وٺڻ جي وڙهندو ۽ هتي جي ڪورٽ مان مون کي انصاف وٺي ڏيندو. وڪيل جو نالو رچرڊ ڊبليو مور آهي ۽ هتي جو وڏو آڙيڪاپ وڪيل آهي. هڪ اڌ شنوائي هلي آهي ۽ مون وارو پارٽنر سخت پريشان آهي، جو هر شيءِ لکت ۾ آهي ۽ انشاءَ الله هڪ اڌ شنوائي بعد ڪيس جو نتيجو ظاهر ٿي ويندو، تيسين آئون ڳوٺان چڪر هڻي ٿو اچان.“

”ڀلا ڳوٺان موٽڻ بعد ڪهڙو ڌنڌو ڪرڻ جو ارادو آهي.“ مون عاشق کان پڇيو.

”ڌنڌو يا نوڪري ٻي ڪا ڪرڻي ناهي، اهو ئي ڪاسائيءَ وارو پورهيو ڪرڻو آهي، جنهن ۾ رب پاڪ مون کي قابليت بخشي آهي. ماڻهن وٽ منهنجي صاف سٿري ڪم

جي ساک ۽ عزت آهي ۽ محنت سان جي هي ڪم جاري رکندو هلان تہ هن ۾ سٺي ڪمائي آهي.“

توهان جي ڳوٺ جون ڪي اهم شخصيتون؟“ مون عاشق لاکي کان پڇيو.

”ڊي آءِ جي نثار صديقي صاحب، جيڪو سکر ڊويزن جو ڪمشنر بہ رهي چڪو آهي، اسان جي اسڪول ۾ ٽيچر هو. ڊاڪٽر عبدالغفار ميمڻ جيڪو آرمي ۾ ميجر آهي، اهو پڻ اسان جي ڳوٺ جو آهي.“

”توهان جي ڳوٺ جو نذير شاهہ سجاڻين؟“ مون کي اوچتو ياد آيو.

”نہ.“ عاشق وراڻيو.

”ٿي سگهي ٿو تہ تون نہ سڃاڻندو هجين، جو هو ننڍي هوندي کان ڳوٺ کان ٻاهر رهيو. هو عمر ۾ توکان گهڻو وڏو ۽ مون کان بہ ٽي سال ننڍو هو. ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ نذير شاهہ ناليِ مون کان ٽي سال کن جونيئر بہ ڪئڊٽ هئا. هڪ سکر جي عاشق شاهہ ۽ جاويد شاهہ وارن جو ڀاءُ ۽ ٻيو ٻڌائيندو هو تہ هن جو پريالوءِ ڳوٺ آهي. ڪاليج بعد هو ڪجهہ سال پاڪستان ۾ هو، ان بعد هو مون کي بہ ٽي دفعا ناروي پاسي مليو.هاڻ تہِ ان کي ويهارو سال اچي ٿيا آهن، جو هن جي خبر نہ اٿم تہ ڪٿي آهي، پر اها پڪ اٿم تہ هو پريالوءِ جو آهي جو ان ڳوٺ جو نالو مون پهريون دفعو هن کان ٻڌو هو.“

”پلا توهان جي ڳوٺ جي ڪا اهم تاريخي عمارت، درگاهہ يا مندر مسجد؟“ مون عاشق لاکي کان پڇيو.

”مخدوم محمد اسماعيل جي مزار آهي، جنهن کان اسان جو ڳوٺ مشهور آهي.“ عاشق ٻڌايو.

آخر ۾ هتي اهو لکڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ عاشق لاکو صاحب نہ فقط نيڪ انسان، تعليم يافتہ نوجوان، سٺو ٽيچر ۽ ذبحہ جي ڪم جو ماهر آهي، پر قرآن مجيد جو ياد حافظ پڻ آهي. پاڻ قرآن پڙهڻ ۽ حفظ ڪرڻ جو ڪم ننڍي هوندي مڪمل ڪيائين جڏهن هو اٺين ڪلاس ۾ هو. سندس استاد هئا، قاري محمد حسن سميجو ۽ حافظ غلام حسين ڏاليٺ. سندس شادي 2002ع ۾ ڳوٺ مان ٿي ۽ ڪيس ٻن سالن جي اسرا نالي ڌيءَ آهي.

# چارئي شير آمريڪا ۾

آمريڪا جهڙي ڏورانهين ڏيهہ ۾ جِتي ڪنهن زماني ۾ هم وطني ورلي ڪو ملندو هو، اتي اڄ ڪلهہ، باوجود ڏکين اميگريشن قانونن، هوائي جهاز جي ڳرن پاڙن ۽ نوڪرين جي ڪوٽ جي، پنهنجا جِتي ڪٿي نظر اچن ٿا. نہ فقط نيو يارڪ، واشنگٽن، بالٽيمور، هيوسٽن جهڙن وڏن شهرن ۾ (جيڪي جڻ آمريڪا جا قاسم آباد ۽ نسيم نگر آهن) پر ننڍن ڳوٺن ۾ بہ. آمريڪا جي ڪن شهرن ۾ تہ ڪن ذاتين وارا خاص ڪري ڏاهري، قلباڻي، فاضلاڻي، عباسي، ابڙا، چنا، لغاري، ميمڻ، شيخ ۽ سومرا تہ ايترا آهن، جو لڳي ٿو تہ اهي ذاتيون سنڌ جون نہ پر ڪولمبس پنيان آيل اسپيني ماڻهن جون هجن.

ڪو زمانو هو، يعني سٺ جي ڏهاڪي جا آخري سال ۽ ستر جا شروعاتي سال، جڏهن جهاز هلائڻ جي ڪري مونکي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي مختلف بندرگاهن ۾ رهڻو پوندو هو انهن ڏينهن ۾ پنهنجي هم زبان يا هم وطن کي ڳولي ڳولي ٿڪجي پئبو هو.... هو ورلي ڪنهن شهر ۾ نظر ايندا هئا..... سو بہ نيويارڪ ۽ هيوسٽن جهڙن وڏن شهرن ۾. شهرن کان پري ٻهراڙيءَ ڏي نڪرڻ تي پاڪستاني تہ ڇا، پر انڊين بہ نظر نہ ايندو هو! ۽ هاڻ حال اهو آهي، جو آمريڪا جي ڳوٺن ۾ بہ انڊين ٽي وي چئنل پيا هلن. اڳ ۾ ڪو ڏاريون ملندو هو تہ اسان سان بہ زوريءَ زوريءَ پيو ڳالهائيندو هو، هاڻ پنهنجي هم زبان سان ملڻ کان اڳ سوچڻو پوي ٿو تہ پهرين ڪنهن سان ملجي. اسان جي ڳوٺ جي نينگري ڊاڪٽر ليليٰ ڪيريو ۽ سندس گهوٽ ڊاڪٽر رمضان انڙ ڪيڏو خلوص سان پنهنجي آمريڪي شهر نيويارڪ ۾ اچڻ جي دعوت ڏيندا رهيا، پر افسوس جو ڇئن مهينن دوران هنن وٽ وڃي نہ سگهيس. اهو ئي سوچيندو رهيس تہ ساڻن واشنگٽن SANA جي فنڪشن ۾ ٽي ڏينهن ڪچهري ٿي، هاڻ ٻين سان ملجي، پوءِ جي ٽائيم مليو تہ آخر ۾ ڪٽي ڏسبو. پر آخر تائين ڏينهن ڪٽي پيا، ملڻ لاءِ نوان نوان ماڻهو نہ ڪٽا. ڊاڪٽر ليليٰ ڪيريو ۽ سندس فيمليءَ تي اڳتي هلي ڪجھ لکڻ چاهيان ٿو، جيئن اسان جي اڄ جي نوجوان کي اتساهہ (Inspiration) ملي تہ ڪيئن ڳوٺ ۾ رهندڙ، گهٽ آمدني واري ليليٰ جي والد پنهنجن ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏياري.

آمريڪا ۾ منهنجي ملاقات هڪ تہ سنڌ جي انهن مختلف ماڻهن سان ٿيندي رهي، جيڪي ڏنڌي ڌاڙيءَ، نوڪري چاڪريءَ يا تعليم خاطر هِتي Set آهن ۽ ٻيو پنهنجي پراڻي ڪاليج ”ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو“ جي ساٿين سان، جيڪي نہ فقط اسان جي پيٽارو اولڊ بوائز ايسوسيئيشن (Petarians) جا ميمبر آهن، پر هنن هِتي آمريڪا ۾ هڪ الڳ چئپٽر PANA جي

نالي سان پڻ ڄاڻيو آهي، يعني پيٽارين ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا. ان ڪان علاوه جهازي دنيا سان واسطو رکندڙ پنهنجي ۽ ڌارين ملڪن جي انهن جهازين سان ملڻ کي ترجيح ڏيندو رهيس جيڪي مون سان گڏ پڙهيا يا جن مون سان گڏ جهاز هلايا يا جيڪي منهنجا ملائيشيا ۾ شاگرد ٿي رهيا. انهن مان ڪيترا هِتي Set آهن ۽ پنهنجي پروفيشن سان واسطو رکندڙ ڪم ڪن ٿا يا ان کي خير آباد چئي، بيو ڪو ڌنڌو ڪن ٿا. جيئن پهرين بہ هڪ هنڌ لکي آيو آهيان تہ اسان جي ڪجهہ ساٿين جهازن جي ڏکين امتحانن يا ساموندي ڏاکڙن کي منهن ڏيڻ بدران آمريڪا ۽ انگلينڊ جهڙن ملڪن ۾ ٽئڪسي اچي هلائي يا برگر اچي وڪيائون ۽ اڄ هنن کي نہ فقط انهن ملڪن جي Citizenship حاصل آهي، پر خوشحالي بہ ۽ اڄ پڻ ان خوشحاليءَ ۽ پاسپورٽ لاءِ اسان جي ملڪ جا ماڻهو آمريڪا جهڙن ملڪن ڏي رُخ رکن ٿا. مون کي شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو مليو هجي، جنهن چيو هجي تہ هو آمريڪا ۾ خوش نہ آهي يا هو پنهنجي ملڪ جي پيٽ ۾ هِتي ولايت ۾ سڪون نٿو  محسوس ڪري. ڪيترائي اهو ضرور چوندي ٻڌا ويا تہ آمريڪا ۾ فزيڪلي گهڻو ڪم ڪرڻو پوي ٿو، پر هنن کي هِتي ذهني سڪون آهي. هنن جي چوڻ مُطابق هِتي سڪون سان عبادت ڪري سگهجي ٿي، جنهن جي هر هڪ کي آزادي آهي. هِتي محنت ۽ پورهئي جو سٺو  اجورو ملي ٿو.... امن امان آهي.... ها اسان جي ماڻهن کان اهو ضرور ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ پرديس ۾ رهي ڪين ڳوٺ جي ياد اچي ٿي.... دوست احباب ياد اچن ٿا... پر ساڳي وقت اهو بہ چيائون ٿي تہ ڳوٺ ۽ مائٽن جي سڪ ۾ هِتان وڃجي ٿو تہ پوءِ ڳوٺ پهچي ڪجهہ ڏينهن بعد اهڙو بيزار ٿيو پئجي جو افسوس ڪرڻو پوي ٿو تہ چو آياسين. ”پاڻ وٽ ساڙ، حسد ۽ اڻ سَهپ آهي. ان ڪان هِتي ولايت ۾ سک چين آهي.“ ڪيترن جي واتان اهو ٻڌم ۽ اسان جي ديسي ڪميونٽيءَ کي هِتي عيد برات تي پاڻ ۾ ملندو ۽ enjoy ڪندو ڏسي لڳي ٿو تہ ان ۾ گهڻي پاڳي حقيقت پڻ آهي.

آمريڪا ۾ رهندڙن ڪيترن هم وطنين کان تہ جڏهن پڇيم تہ عيد جهڙن ڏينهن تي توهان پنهنجن مائٽن کي ياد نٿا ڪريو تہ اهو ئي جواب مليو تہ سڀ هِتي ئي تہ آهن. نيو جرسيءَ ۾ جِتي آئون رهيس ٿي، اتي پيٽارو جو مون کان گهڻو جونئر ۽ منهنجن پاٽيجن ثمير ۽ ضمير وسطڙو جو دوست خيرپور جو فلڪ شير بہ رهيو ٿي. هن وٽ اسان جي گهڻي اچ وڃ رهي. بيحد قربائتو ۽ بين جو خيال رکڻ وارو نوجوان آهي. سندس بيا ڀي پائر ميجر خورشيد ۽ ڪوهہ شير بہ پيٽارو جا پڙهيل آهن هو پاڻ ۾ ڪل پنج پائر ۽ بہ ڀيڻيون آهن. چوٿين پاءُ جو نالو ارض شير ۽ پنجين جو انجم شير آهي.

سندس ٻن ڀيڻن مان وڏي ڊاڪٽر شاهہ جهان جيڪا LMC جي گريجوئيٽ آهي، پنهنجي مڙس حفيظ آرائينءَ سان گڏ لاهور رهي ٿي، باقي ننڍي ڀيڻ ڊاڪٽر فردوس جيڪا ڊينٽل سرجن آهي هِتي نيوجرسي ۾ آهي. سندن والده ڪڏهن ڪوهہ شير وٽ تہ ڪڏهن

فلڪ شير وٽ نيوجرسي ۾ رهي ٿي. عيد ويجهي اچڻ تي سندس والده کان پڇيم: ”ادي توهان پنهنجن پٽن کي ته عيد تي ياد ڪندا هوندا؟“

”ها وڏو پٽ جيڪو پيٽارو بعد آرمي ۾ ويو, اهو اسلام آباد ۾ آهي, ان کي ياد ڪندي رهان ٿي.“ هن ٻڌايو.

”۽ باقي پٽن کي نه ڇا؟“ مون سوال ڪيو.

”اهي هِتي آمريڪا ۾ ئي ته آهن. منهنجو فقط خورشيد پاڪستان ۾ آهي, باقي چارئي شير هِتي آهن.“ هن مرڪندي وراڻيو. سندس چرچي واري نموني ۾ نه فقط ڏنل جواب پر سندس پٽن جا نالا اسان سڀني کي وڻندا آهن. ڪو آسمان جو شينهن (فلڪ شير) ته ڪو جبل جو شينهن (ڪوهه شير), ڪو تارن جو شينهن (انجم شير) ته ڪو ڌرتي جو شينهن (ارض شير). فلڪ شير وارن جو اصل ڳوٺ خيرپور ميرس جي پرسان آهي, جِتي سندن ڏاڏي علي بخش صاحب جو 1898ع ۾ والد عبدالله صاحب جو 1928ع ۾ جنم ٿيو. 1985ع ۾ سندن والد صاحب جي وفات بعد هي آمريڪا هليا آيا.

## نيويارڪ اچڻ تي وائڙو ٿي ويس

منهنجو هيءُ سفر گذريل سفرن کان ان ڳالهه ۾ بلڪل مختلف آهي جو پراڻا سفر ڊيوٽي (نوڪري) ڪري ڪرڻا پيا ٿي, جن ۾ سفر کي شيڊول مطابق رکڻ ضروري هوندو هو. انهن ۾ سفر قائم رکڻ لاءِ جهاز هلائڻو پيو ٿي, خرابيءَ جي حالت ۾ جهاز کي صحيح ڪرڻو پيو ٿي, يعني اسان جو سڄو وقت گهمڻ بدران جهاز جي سار سنڀال لهڻ پٺيان لڳو ٿي. ڪڏهن وقت بچيو ٿي ته ان ۾ ماڻهن سان ملي سفرنامي لاءِ خبر چار لکيم ٿي. پر هن سفر ۾ ماڻهن سان ملڻ ۽ خبر چار حاصل ڪرڻ لاءِ هي سفر ڪري رهيو آهيان. وقت, ڊيوٽي ۽ شيڊول کان هن دفعي بلڪل آزاد آهيان. هي سفر سفرنامي لکڻ لاءِ اختيار ڪيو اٿم. آمريڪا اهو ملڪ آهي جِتي ٽيٽيهه سال اڳ 1968ع کان 1972ع تائين جهاز وٺي اچڻ جي سلسلي ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ لڳو رهيو. ۽ هاڻ ان ملڪ (آمريڪا) جا اهي ماڳ (بندرگاهه), هڪ دفعو وري ڏسڻ آيو آهيان. ان وچ ۾ ڪٿي ڇئجي ته مسي سپي ندي, ڊيلاور ندي يا مڊسن ندي يا آمريڪا جي ٻي ڪا ندي ڪٿي ڪٽجي ته ان مان ڪافي پاڻي وهي چڪو آهي. سياسي ۽ سماجي طرح, ويندي مذهبي ۽ ٽيڪنالاجي طور آمريڪا ۾ ڪافي تبديليون اچي چڪيون آهن. افغانستان مان روسين جو تڙجي وڃڻ, سوويت يونين جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ بعد آمريڪا جو اڪيلي سر دنيا جي طاقت بڻجڻ ۽ نائن اليون جو حادثو, افغانستان سان لڙائي, عراق سان لڙائي, مسلمانن لاءِ اميگريشن جون سختيون.... وغيره وغيره.... تيل جي مهانگائيءَ ۽ بيروزگاريءَ به آمريڪا ۾ پنهنجا ڪافي اثر ڏيکاريا آهن ۽ ڪافي تبديليون

آنديون آهن. ظاهري طرح بہ تہ ذهني طرح بہ.... انهن شين جو اثر مڪاني ماڻهن تي پيو آهي تہ ڌارين ۾ اميگرينٽس تي بہ.

آمريڪا پڪيڄ جي خيال کان ڏٺو وڃي تہ هڪ ملڪ نہ، پر ڪئين ملڪ آهن ۽ واقعي ڪنهن زماني ۾ هن ملڪ جا الڳ حصا ۽ رياستون هيون. ڪي فرينچن حوالي تہ ڪي ڊچ، هسپانوي ۽ انگريزن حوالي. پاڻ ۾ وڙهي جُهڙي، گڏجي، ڏار ٿي هاڻ وري سڀ هڪ ٿي ويا آهن. هاڻ يڪو هڪ ملڪ آهي، هڪ ئي حڪومت، فوج، سڪو ۽ ڪلچر آهي، جيتوڻيڪ ڪو ڪو قانون سڄي ملڪ جو ساڳيو آهي تہ ڪو قانون مختلف رياستن جو ٿوريءَ گهڻيءَ ڦيرقار سان الڳ آهي. الاسڪا ۽ هوائي رياستن کي ڇڏي، باقي جيڪي 48 رياستون هڪڙو ئي ڇَڪُ ٺاهين ٿيون انهن ۾ چار ٽائيم زون آهن، يعني هڪ ئي ملڪ USA ۾ ٽئن ڪلاڪن جو فرق آهي. ڪراچيءَ کان ڍاڪا ٽائين فاصلي ۾ هڪ ڪلاڪ کن جو فرق ٿو اچي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اتر آمريڪا کنڊ جو هي ملڪ USA جنهن کي اسين عام طرح ”آمريڪا“ سڏيون ٿا، ٻين ملڪن کان ڪيڏو وڏو آهي. پاڪيءَ جي جهاز ۾ جتي ڪراچيءَ کان انڊيا جو سڄو اولهہ وارو ڪنارو پورو ڪري، ڪولمبو (سريلنڪا) ٽائين پهچڻ ۾، اسان کي ٻہ ڏينهن لڳندا هئا، اتي فقط آمريڪا USA جو اوڀر وارو ڪنارو پورو ڪرڻ ۾ يا فقط ڏاکڻي بندرگاهہ هيوسٽن کان اتراهين بندرگاهہ بوسٽن پهچڻ ۾، چار ڏينهن لڳي ويندا هئا ۽ هي ملڪ ويڪر ۾ يعني اوڀر واري شهر نيويارڪ کان اولهہ واري شهر لاس اينجلز (يا سئن فرانسسڪو) ٽائين اٽڪل ساڍا چار هزار ڪلو ميٽر مفاصلو آهي، يعني ڪار رستي پهچڻ ۾ پنج ڏينهن لڳن ٿا. مون پنهنجو سفر اوڀر واري ڪناري وارين رياستن ٽائين محدود رکيو ڪنهن دوست يا سڃاڻوءَ جو مون کي پاڻ وٽ گهرائڻ جو فون آيو ٿي، تہ يڪدم نقشو ڏسي ڳالهائڻو پيو ٿي. آمريڪا لاءِ نڪرڻ کان اڳ اسان جي پيارو جي دوست ڊاڪٽر رامچند جو فون ايندو رهيو، تہ آئون پنهنجن ياٽيجن وٽ لهڻ بدران، پهرين هن وٽ ڪولوروڊو پهچان ۽ ڪجهہ ڏينهن ترسي پوءِ نيو جرسي وڃان، جو ڪراچيءَ کان جنهن هوائي ڪمپنيءَ جي جهاز ۾ آمريڪا وڃي رهيو هوس، ان جو ڪراچي کان آمريڪا (USA) جي ڪنهن بہ هوائي اڏي تي لهڻ جي ٽڪيٽ ساڳي هئي، پر آئون نيويارڪ جي هوائي اڏي JFK (جيڪو ڪينيڊي جي نالي آهي) تي لهي پيس، جو اتان نہ فقط نيو جرسي رياست ويجهي آهي، پر ان جو اهو ڳوٺڙي جهڙو شهر اوينيل پڻ جتي مون کي شروع جا ڏينهن پنهنجن ياٽيجن وٽ رهڻو هو.

آمريڪا جو ”جي ايف ڪينيڊي“ ايئرپورٽ سمجهو تہ نيويارڪ رياست جي پوڇڙ واري علائقي Queens وٽ آهي، جيڪو بروڪلن سان ڳنڍيل آهي. ڪئينس، بروڪلن، مئن هٽن، اسٽيٽن آئلينڊ ۽ برونڪس وغيره ننڍڙا ٻيٽ ملي نيويارڪ شهر ٺاهين ٿا. JF ڪينيڊي ايئرپورٽ کان نيو جرسي جو اهم شهر نيوارڪ يا پروارا ننڍڙا ڳوٺ Avenel، ووڊبرج، Iselin، راهہ وي، لنڊين، ڪولونيا وغيره ڪلاڪ ٻن جي پنڌ تي آهن. ايئرپورٽ تي لهي ڪار ذريعي ڪئنس کان بروڪلن ۽ پوءِ هڊسن نديءَ تي ٺهيل هتي جي مشهور پل ويرازانو (verazano

(Narrows) برج ٽپي، اسٽيٽن (Staten) ٻيٽ تي پهچي وڃجي ٿو. اسٽيٽن ٻيٽ تان پلين ۽ ڪراسنگ ذريعي ڪيترائي رستا، نيو جرسي جي لئنڊ تي پهچائين ٿا، جن مان آئوٽر برج ڪراسنگ ۽ Goethals پل پڻ آهن. وچ ۾ جيڪو سمنڊ جو حصو آهي، اهو نيوارڪ خليج (Bay) سڏجي ٿو. اهو ٽپندي جهاز هلائڻ وارا پراڻا ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي هن نيوارڪ خليج ۾ اچي لنگر ڪيرائبو هو. هڪ پاسي مئن هٽن جو پاسو هو ۽ پري کان آزاديءَ جو مجسمو پيو نظر ايندو هو ته ٻئي پاسي نيو جرسيءَ جو اهم ۽ مشهور هوائي اڏو نيوارڪ. تن ڏينهن ۾ نيويارڪ ويجهو هجڻ ڪري نيو جرسي جي بندرگاهه نيوارڪ جي ايتري اهميت نه هوندي هئي پر هاڻ ته هڪ ٻئي پويان هوائي جهازن کي نيوارڪ جي هوائي اڏي تي لهندو چڙهندو ڏسي، تعجب ٿو لڳي. بلڪ هن پهرين ڪلاڪ ڏيڍ جي سفر ۾ ئي پنهنجيون وايون بتال ٿينديون محسوس ٿين ٿيون. چوڏاري اوچيون اوچيون عمارتون، ور وڪڙ کائيندڙ رستا ۽ انهن رستن تان ڦٽندڙ انيڪ برانچ Exit روڊ ۽ ٻاهران ڏوڪي ايندڙ رستا ۽ انهن رستن تي ٽريفڪ جو اڻ ڪٽندڙ سلسلو، خاص آمريڪا لاءِ ٺهيل وڏيون مهانگيون ۽ نئين ماڊل جون ڪارون، قدم قدم تي چمڪندڙ ۽ پڙڪيلا پوسٽر، فئڪٽريون، چين اسٽور، هوٽلون، موٽلون ۽ خوبصورت ريسٽورينٽون ڏسي، آئون گهٻرائجي وڃان ٿو ته آئون ڪيئن گهمي ڦري سگهندس. آئون پنهنجو پاڻ کي ائين محسوس ڪرڻ لڳس جيئن چاچڙي يا چلگرين جهڙي ڏورانهن ڳوٺ جو ڪو ڳوٺاڻو، پهريون دفعو ڪراچيءَ جي ڪنهن پيهه پيهان واري علائقي ۾ اچي نڪري. آئون هتي جي پٽن سان هڪ دفعو وري فئميلر ٿيڻ ٿائين، اهو سوچيندو رهيس ته اڄ کان 33 سال اڳ تائين هتي جي شهرن ۾ پهرين ڏينهن ئي ڪيئن نه اڪيلو گهمڻ لاءِ نڪري پوندو هوس. اڄ جي آمريڪا جي ٽرئفڪ، عمارتون ۽ هڪ ٻئي هيٺان مٿان لنگهندڙ رستا ڏسي، جيڪو مون تي خوف طاري ٿي رهيو آهي، ان جو سبب آمريڪا جو وڌيڪ Urbanized ۽ ماڊرن ٿي وڃڻ آهي يا منهنجو پوڙهو ٿي وڃڻ. دنيا جا شهر ڪيڏو تيز رفتاريءَ سان وڌي رهيا آهن. ويندي اسان جو ڪراچي، حيدرآباد، لاهور ۽ پشاور پڻ.

## آمريڪا مفاصلن جو ملڪ

آئون جڏهن پهريون دفعو 1969ع ۾ نيويارڪ شهر ۾ رهي موڪل تي ڳوٺ آيو هوس، ته منهنجو والد (گل محمد شيخ) پنهنجي تعليم جي ڏينهن واري نيويارڪ بابت مون کي ٻڌائڻ لڳو. پندرهن سال اڳ وارو اهو نيويارڪ مون کي پنهنجي وقت جي نيويارڪ جي مقابلي ۾ هڪ ڳوٺڙو تي لڳو. 1972ع تائين منهنجو نيويارڪ وڃڻ ٿيندو رهيو ۽ هاڻ ٽيٽيهه سالن بعد جي هن نيويارڪ ۽ نيوارڪ کي ٿو ڏسان ته هو مون وارو نيويارڪ به اڄ جي نيويارڪ جي مقابلي ۾ ڳوٺ هو. ايڏي ٽرئفڪ، ايترين لارين ۽ موٽرن کي رستن تي ميلن جي قطارن ۾ هڪ ٻئي پويان ويندو ڏسي آئون پنهنجي پاڻيجي ثمير کان پڇان ٿو ته ڪي آمريڪن گهرن

۾ بہ آهن يا سڀ پنهنجيون ڪارون ڪڍي رستن تي نڪري آيا آهن. رامچند کان ڪولوروڊو کان فون ايندو رهي ٿو ۽ هتان ڪراچيءَ کان سندس پاءُ نولراءِ اوڏ جو بہ تہ آئون ڪولوروڊو ضرور وڃان. آئون آمريڪا جي نقشي تي نهار ڪيان ٿو. مار! ايڏو پري ۽ هاڻ ڊاڪٽر رامچند جي فون اچڻ تي ڪيس چوان ٿو تہ، نہ بابا! ايڏو پري تو وٽ ڪير ايندو؟

”يار ڪمال ٿو ڪرين! پري تہ سان فرانسسڪو ۽ لاس اينجلس آهي!! اسان تہ پنجن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهيون.“ رامچند پنهنجي ڊيرج واري اسٽائيل ۾ سمجهائي ٿو ۽ مون کي گهڙي کن لاءِ لڳي ٿو ڄڻ ڪراچي کان ڪنڊيارو يا دادو جيترو فاصلو هجي. اهي بہ تہ پنج ڪلاڪن جي پنڌ تي آهن پر پوءِ يڪدم هوش اچي ٿو تہ، نيويارڪ کان ڪولوروڊو جتي رامچند رهي ٿو ايترو وڏو فاصلو آهي جو سڄي پاڪستان کي ڊگهو ڪري ان جي وچ ۾ رکجي تہ، بہ گهٽي جاءِ بچي.

”ڇا مطلب! پنج ڪلاڪ؟“ مون حيرت مان سوال ڪيو.

”جي ها، پنج ڪلاڪ.“ رامچند ان ساڳي ٺڏاڻ واري لهجي ۾ جواب ڏنو، ”منهنجو مطلب آهي باءِ ايئر.“

”نيويارڪ کان تو وٽ اچڻ کان تہ بهتر آهي، تہ ان پاڙي ۾ ٻئي سال ڪراچيءَ کان ڪوالالمپور هليو وڃان. مفاصلو ۽ هوائي پاڙو ساڳيو آهي. پلس ملائيشيا ايئر ڪمپني تي ڏينهن هوٽل ۾ رهائش مفت تي ڏئي.“ مون ڪلندي رامچند کي ٻڌايو.

سو امريڪا (USA) مفاصلن جو ملڪ آهي، جتي جي ڪو چوي ٿو تہ هُو توهان جي ويجهو رهيل آهي، سو بہ گهٽ ۾ گهٽ سئو ڪن ميل توهان کان پري هوندو. رميش ٺارواٽي نيو جرسي کان واشنگٽن، عرفان جماٽي واشنگٽن کان بالٽيمور يا فلڊلفيا ۽ فلڪ شير ورجينا کان ائٽلانٽڪ سٽي مون کي ائين وٺي هلندا هئا، ڄڻ ڪلفٽن کان ايمپريس مارڪيٽ يا قاسم آباد کان سنڌ يونيورسٽي پيا هلن. اهو آهي تہ آمريڪا ۾ هر هڪ وٽ نئين گاڏي آهي (اوڏر تي ٺئي ورتل صحيح)، بهترين رستا آهن (جن تي هلڻ جو هر سڏ پنڌ تي ٽئڪس Toll ڏيڻو پوي ٿو)، قاعدو قانون آهي (جنهن جي خوف کان ٺئي سهي) هر هڪ خبرداريءَ سان گاڏي هلائي ٿو ۽ ايڏو ٽڪ نٿو ٿئي. هاڻ تہ اردو ۽ هندي گانن جي FM اسٽيشن بہ کلي وئي آهي. سوين انگريزي ريڊيو اسٽيشنون هڪ طرف، هيءَ ديسي اسٽيشن ٻئي طرف، جنهن تان هر وقت وڄندڙ هندي گانن ۽ پاڪستاني غزلن جي ڌن تي، اسان جا ماٺهو گاڏيون هلائيندا رهن ٿا، سفر طئي ڪندا رهن ٿا.

## ظفر فاروقي ۽ رام رنگواڻيءَ جا يار

آمريڪا ۾ رهڻ دوران شڪارپور جي آپا شيرين فاروقي جي پٽ فرخ سان ملاقات نہ ٿي سگهي. جيتوڻيڪ آخري ڏينهن ۾ خبر پيئي تہ هو ان ٺئي رياست نيو جرسيءَ ۾ رهي ٿو،

جتي منهنجو گھٽي ڪان گھٽو وقت رهڻ ٿيو. شروع ۾ تہ مون وٽ فرخ جو اتو پتو نہ هو. انبن جي موسم ۾ ڪئپٽن بشير وسطڙو انب ڏيڻ ويو تہ هن کي ظفر ڀائيءَ مون لاءِ فرخ جو فون نمبر ڏنو تہ آئون سندس پٽ سان آمريڪا ۾ ضرور ملان.
آپا شيرين ۽ سندس مڙس ونگ ڪمانڊر ظفر فاروقيءَ سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ، اڄ کان چاليھ سال کن اڳ کان رهي آهي جڏهن فرخ اجا ڇئن پنجن سالن جو هو. ٻنهي جي تعليم سان واسطو رهيو آهي. آپا ڪجھ سال اڳ ڪراچيءَ جي وومين ڪاليج جي پرنسپال جي حيثيت سان رٽائرڊ ٿي ۽ هاڻ ڪلفٽن ۾ ”گرين بيلٽ آمريڪن“ نالي اسڪول هلائي ٿي. احمد ظفر شروع ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ (1957 ۾) فزڪس ڊپارٽمينٽ جو هيڊ ٿي رهيو بعد ۾ ايئر فورس join ڪيائين جتي چوڏهن سال کن ايئرو ناٽيڪل ڪاليج ۾ فزڪس ۽ اٽامڪ هٿيارن بابت پڙهاياٿين. ايئر فورس مان رٽائرمينٽ وٺڻ بعد دوها (قطر) جي ملٽري اسڪول ۾ اٺ سال پڙهايائين. ان بعد هو آمريڪا جي ميريلئنڊ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي رهيو. سندن ٻئي ٻار وڏو پٽ فرخ ۽ ننڍو فرحان بہ عرب ملڪن مان بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ بعد اعليٰ تعليم آمريڪا مان ورتي. فرخ آمريڪا ۾ ئي شادي ڪري، اتي ئي ٽڪي پيو. ننڍو فرحان پاڪستان هليو آيو. ويجهڙائيءَ ۾ ايمرو بئنڪ جي نوڪري ڪرڻ بعد ۽ هاڻ هانگ ڪانگ ۾ آهي.
منهنجو بہ ٿي سال اڳ جو ڇپيل ڪتاب ”تيستائين گڊ باءِ“ آپا شيرين کي منسوب ٿيل آهي جنهن ۾ مون سندن تفصيلي احوال ڏنو آهي خاص ڪري تعليمي حوالي سان. آپا شيرين جو تعلق شڪارپور جي پڙهيل لکيل فئملي سان آهي. سندس والد صاحب عبدالرحمان شيخ مشهور وڪيل هو ۽ ڏاڏو الاهي بخش شيخ صاحب انگريزن جي ڏينهن ۾ ڊپٽي ڪشنر ٿي رهيو ۽ وڏو چاچو سردار بهادر محمد بخش تعليمي درسگاهن کان سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. هوءَ امتياز ۽ مقبول شيخ جي وڏي ڀيڻ آهي.
آپا شيرين جي وڏي پٽ فرخ جو نمبر ملڻ سان، مون سندس گھر فون ڪيو. سندس ڌيءَ آمنا فون کنيو، جنهن کان خبر پئي تہ هو آفيس جي طرفان ٽوئر تي ڪئليفورنيا ويو آهي. مون پنهنجو نالو ۽ نمبر ڪيس لکايو، پر هفتو بہ جڏهن ٿي ويو تہ وري ٻيو دفعو فون ڪيم. ٻاڻ گھر ۾ نہ هئا، رڪارڊنگ مشين ۾ پنهنجو نياپو درج ڪرايم ۽ پوءِ اهو سوچي ماٺ ٿي ويس. تہ جيتوڻيڪ سندس والدين سان منهنجي روبرو يا خط و ڪتابت ذريعي ملاقات ٿيندي رهي ٿي پر فرخ کي تہ مون آخري دفعو تڏهن ڏٺو، جڏهن ٽئين چوٿين ڪلاس ۾ هو، سو هن کي هاڻ ڪهڙي ياد يا ڄاڻ تہ الطاف انڪل ڪير آهي.
بهرحال ان دوران آئون واشنگٽن هليو ويس ۽ پوءِ جيتوڻيڪ وري نيو جرسي اچي رهيس پر مسواڙ جو گھر بدلائڻ تي ٽيليفون نمبر بہ بدلجي ويو. هوڏانهن ڪئليفورنيا مان موٽڻ تي فرخ مون کي فون ڪري مون لاءِ نياپا ڇڏيا پر اهو گھر ۽ فون نمبر ڪڏهوڪو ڇڏي چڪو

هوس. ان جي خبر مون کي فرخ کان تڏهن پئي جڏهن آئون ان ڏينهن تي جن سان نہ مليو هوس انهن کي فون تي خدا حافظ ڪندي فرخ کي بہ وري ڪٽي فون ڪيم، اهو سوچي تہ ڪراچي پهچي آپا شيرين وارن کي اهو تہ چئي سگهندس، تہ توهان جو پٽ انگريز مائيءَ سان شادي ڪري انگريز ٿي ويو آهي ۽ تي دفعا فون ڪرڻ تي بہ اسان کي نٿو سڃاڻي. پر پوءِ ان آخري دفعي تي فون جي گهنٽي وڳي تہ فرخ پاڻ ئي کنيو ۽ وڏي حب سان ڪيڪار ڪڙي ڪئي. اهو بہ ان وقت معلوم ٿيو تہ هن جي نوڪري جيتوٽيڪ نيويارڪ ۾ آهي پر رهائش ان ئي ساڳي رياست ۾ اٿس، يعني اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ئي رهون ٿا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آمريڪا ۾ ويجهو ويجهو رهڻ وارو يا جيڪو چئي تہ پاڙي ۾ ٿا رهون، ان جو گهر بہ توهان جي گهر کان ايترو پري هوندو جيترو نوابشاهہ کان خيرپور ميرس ۽ آمريڪا ۾ اهو مفاصلو پاڙي جو ئي سمجهڻ کپي. جيئن اسان جي ماسيءَ چيو تہ سندس پڦيءَ جي پٽ عبدالعليم (جمو) بروهي ۽ ڏيءَ آپا تاج (مسز حنيف صديقي) سان ضرور ملانِ. هاڻ پاڻُ جمو تہ ورجنيا رياست ۾ رهي ٿو ۽ واشنگٽن ۾ ٿيندڙ سنڌين جي ڪيترن ئي فنڪشنن ۾ ملي ويو. آپا تاج کي فون ڪيم تہ هوءَ تہ لاس اينجلس جي پر واري هڪ شهر سئن ڊياگو ۾ رهيل هئي. پاڻ ۽ سندس پٽ شفيق صديقي (جيڪو مون وارن ڏينهن ۾ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ بہ هو) مون کي پنهنجي گهر گهرائڻ جون وڏي حب سان دعوتون ڏنيون پر سائين نيويارڪ يا نيو جرسي کان پئسفڪ سمنڊ واري پاسي جي شهر سئن ڊياگو وڃڻ معنيٰ ڪراچي کان جدي واري مفاصلي جي بہ ٻيڻ اڊائوڻ. ڪار يا بس ۾ وڃڻ تي سر هليو وڃي ۽ هوائي جهاز جي ايڏي ڳري ٽڪيٽ جو ان کان گهٽ پاڙو تہ ڪراچي کان هانگ ڪانگ تائين جو آهي. موٽڻ تي ماسي اهو ئي دل ۾ ڪندي رهي تہ آپا تاج هئي تہ ساڳي ملڪ ۾. هاڻ آمريڪا ڪو سنگاپور يا برمودا ٻيٽ تہ نہ آهي جو ٽئڪسي ذريعي ڪلاڪ ۾ سڄي ٻيٽ جو ڦيرو ڪري وٺجي. ان معاملي ۾ آمريڪا (USA) پاڪستان بہ نہ آهي، ڇو جو پاڪستان هيڏو وڏو ملڪ هوندي بہ آمريڪا جي ڇهين ستين حصي جيڏو آهي. آمريڪا (USA) جي جملي پکيڙ ساڍا نو ملين چورس ڪلوميٽر آهي.

بهرحال آپا شيرين جو پٽ مون کي پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چوندو رهيو پر هاڻ مون کي سامان پئڪ ڪري چوويهہ ڪلاڪن اندر نيو جرسي ڇڏي، نيويارڪ جي هوائي اڏي تي پهچڻو هو. فرخ 1988ع کان آمريڪا۾ رهي ٿو. پاڻ يونيورسٽي آف ميريلئنڊ مان اڪائونٽس ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد نيويارڪ مان ايم بي اي ڪئي. ان بعد وال اسٽريٽ جي انويسٽمينٽ بئنڪنگ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس آئرش آمريڪن زال جؤن (Joan) بہ نيويارڪ ۾ ڪنٽرول اڪائونٽس آهي.

”انڪل الطاف هاڻ جهاز نہ هلايو؟“ فرخ پڇيو.

”نہ. هاڻ اخبارون رسالا پڙهان ۽ انهن لاءِ ڪالم لکان. ”?Do you know that مون ٻڌائي ڪانئس سوال ڪيو.
”ها انڪل مون کي خبر آهي. توهان جو عبرت اخبار ۾ ڪالم ايندو آهي.“ فرخ چيو. اهو ٻڌي مون کي حيرت ٿي.
”اهو تہ سنڌيءَ ۾ ايندو آهي، پوءِ ڪيئن پڙهين؟“ مون پڇيو.
”اسان جي آفيس ۾ هريش مون سان گڏ ڪم ٿو ڪري- هو هر هفتي توهان جو انٽرنيٽ تي ڪالم پڙهي مون کي بہ ٻڌائيندو آهي.“
”چئبو تہ هريش وري اچي ساٿ نيايو. منهنجا سلام چئجانس ۽ انشاءَ الله هاڻ ٻئي دفعي توهان سان ضرور ملبو.“ مون فرخ کان موڪلايو.
هريش سنڌ جي مشهور وڪيل ۽ زميندار رام رنگواڻيءَ جو وڏو پٽ آهي. شروع جي ڏينهن ۾ جڏهن ظفر فاروقي وارا ڪراچيءَ ۾ حسين ڊيسلوا فلئٽس ۾ رهندا هئا، تہ هي بہ اتي ئي رهندا هئا. هريش آپا شيرين جي نندي ڀاءُ امتياز (طارق) سان گڏ مهراڻ انجنئيرنگ يونيورسٽي مان اليڪٽريڪل ۾ B.E ڪئي. امتياز سول سروس جا امتحان ڏيئي سنڌ گورنمينٽ ۾ سيڪريٽري ۽ پوءِ سياست ۾ داخل ٿي وزير بہ ٿيو. هريش آمريڪا هليو آيو. هريش جا ڀيا ۽ ننڍا ڀائر مڪيش ۽ سنيل جيڪي ڊاڪٽر ٿيا، اهي بہ آمريڪا ۾ رهن ٿا ۽ آمريڪا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو اٿن. هريش انجنيئر آهي جنهن Stealth Bomber جي Chip ايجاد ڪئي. هي بامبر جهاز رڊار جي اسڪرين تي نہ اچڻ ڪري چوري چپي مار ڪيو وڃي. ڊاڪٽر سنيل جي هن وقت خبر نہ اٿم، باقي ڊاڪٽر مڪيش رنگواڻي اڄڪلهہ ڪئمبرج، اوهيو رياست ۾ سئڪاٽرسٽ (نفسيات جو ماهر) آهي. ڊاڪٽر مڪيش وارن جي پڦي يعني ديوان رام رنگواڻي جي ڌيئڻ، پشپا رنگواڻي بہ ڊاڪٽر آهي ۽ انگلينڊ جي رابن هڊ ڊسٽرڪٽ اسپتال ۾ ليڊي ڊاڪٽر آهي.

## مائرن کي گهرجي تہ ٻارن کي ننڊ جي دوا ڏين

اسان جو جهاز نيويارڪ جي JFK ايئرپورٽ تي صبح جو نائين وڳي ڌاري پهتو هو. هيءَ فلائيٽ يورپ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ جي هن پاسي واري ملڪن لاءِ سڀ ۾ بهتر آهي. انگلينڊ ۽ يورپ پاسي جا اهم ۽ مشغول ماڻهو صبح ساڻ نيويارڪ پهچي، سڄو ڏينهن آفيس يا بزنيس جون ميٽنگون اٽينڊ ڪري شامَ ڌاري هن ئي جهاز ۾ يورپ، آفريڪا يا ايشيا موٽيو وڃن. ايندي ۽ ويندي وقت جڏهن سڄي رات هوائي جهاز ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس ڪندو رهي ٿو تہ هو پنهنجي ننڊ پوري ڪن ٿا، جيئن صبح جو فريش ٿي پنهنجي ڪم تي پهچي وڃن. اسان جي پوئين سيٽ تي ويٺل هڪ ايشين فيملي جو ننڍو ٻار رڪي رڪي روئي رهيو هو. مون ڏٺو تہ اوسي پاسي ۾ ويٺلن کي اها ڳالهہ نٿي وڻي جو هنن جي ننڊ

ڊسٽرب ٿي رهي هئي. اهڙن موقعن تي عورتن کي ڪپي ته ٻارن کي ڪجهه اهڙي دوا پيارين جيئن هنن کي هنن ڏکهين اڏامن ۾ ننڊ اچي وڃي ۽ مائرون توڙي ٻيا مسافر سک ۾ سفر ڪري سگهن..... خاص ڪري اهي جن کي جهاز مان لهي، گهر وڃي ننڊون ڪرڻيون نه آهن، پر سڌو آفيس ڏي ڊوڙڻو آهي، جتي اهم ميٽنگون اٽينڊ ڪرڻيون آهن. ان جو احساس مون کي ان ڪري به گهڻو ٿئي ٿو جو هڪ دفعي مون کي پنهنجي ڪراچي آفيس طرفان جهاز جي ڊراءِ ڊاڪنگ لاءِ هوائي جهاز رستي جپان موڪليو ويو. منهنجي ٽوڪيو لاءِ ڪراچيءَ کان فلائيٽ شامَ جو هئي. سڄو ڏينهن آفيس ۾ گذاري، شام جو ايئرپورٽ پهتس. سڄي رات سمهڻ جو آسرو هو، پر چوماسي (Monsoon) وارين هوائن ۽ طوفانن ڪري منيلا (فلپين) تائين سيٽي مسافرن جي حالت خراب رهي، ان بعد جڏهن موسم ۾ جهاز ۾ سڪون طاري ٿيو ته منيلا مان سوار هڪ فيملي جا سال ٻن جا ٻار روئيندا رهيا ۽ سڄي سفر ۾ ننڊ نه برابر ٿي سگهي. ٽوڪيو ايئرپورٽ تي لٿس ته مٿي ۾ سور کان علاوه اکيون پوسريون ٿي. دل چيو ته هوٽل ۾ سامان رکي، ڪجهه ڪلاڪ سمهي رهان، پر ايئرپورٽ تان وٺڻ لاءِ آيل مڪاني آفيس جو انچارج مون کي سڌو جهاز تي وٺي آيو. ظاهر آهي ان وقت نَوَ ٿي چُڪا هئا. جهاز جا آفيسر توڙي جپان جي شپ يارڊ جا ڪم وارا اٿين وڳي کان جهاز تي پهچي چڪا هئا ۽ ڪيترن اهم ڪمن کي شروع ڪرڻ لاءِ انهن تي بحث مُباحثو ڪري آخري فيصلو ڪرڻو هو ۽ هِتي هڪ هڪ منٽ قيمتي هو... سو حالتون ڪٿي ٽيون ڪلاڪ ٻن لاءِ سمهڻ ڏين. سڄو ڏينهن جهاز جي انجنين ۾ هلندڙ ڪم جي چڪاس ۽ اهم مسئلن تي ميٽنگون هلنديون رهيون، پر رکي رکي مون کي اهو ئي خيال ايندو رهيو ته منيلا مان چڙهندڙ ان فلپيني ماءُ مون جهڙن مسافرن سان ڪيڏو ته ظلم ڪيو. جهاز ۾ چڙهڻ سان ڪاش هوءَ جيڪر پنهنجن جاڙن ٻارن کي ڪا دوا پياري سمهاري ڇڏي ها. ميڊيڪل سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي، امل جهڙو نشو گهوٽي ٻارن کي پيارڻ بدران ضرور ڪي دوائون ايجاد ٿي چڪيون هونديون، جن جا چند ڦڙا ٻار کي پرسڪون ۽ گهاٽي ننڊ ڏياري سگهن ٿا. هوائي جهاز مان لهڻ بعد پاڻ مائي وڃي گهر آرامي ٿي هوندي. منجهند جي ماني به پاڻ رڌڻ بدران هوٽل تان گهرائي هونداڻين، باقي اسان کي سڄي ڏينهن جا سور ڏئي ڇڏيائين.

## بيماريءَ جو گهڻو راڳ نه ڳايو

اسان جو هي جهاز دبئي کان اڏاڻو به ڏيڍ ڪلاڪ دير سان هو. اها ٻي ڳالهه آهي ته پائلٽ ڪجهه رفتار وڌائي نيويارڪ ايئرپورٽ (JFK) تي صحيح وقت تي آڻي لاٿو. دبئيءَ ۾ جهاز جي اڏام ۾ Delay ٿيڻ تي مُسافرن ۾ سخت پريشاني ۽ بي چيني هئي ته نيويارڪ پهچي جيڪي هنن کي مقرر وقت موجب ميٽنگون اٽينڊ ڪرڻيون آهن يا بزنيس Deals ڪرڻيون آهن، انهن جو ڇا ٿيندو. دير ان ڪري ٿي جو جهاز ۾ چڙهندڙ هڪ ٻار کي الٽيون

اڇي ٽيون. هي پاڪستاني فئملي هئي، جنهن ۾ ماءُ پنهنجن ڇئن ٻارن ۽ پوڙهي سس ۽ سهري سان ڪراچيءَ ڪان سفر ڪري رهي هئي. دراصل هن جي ڏهن سالن جي پٽ کي هڪ ته اڳهين Air-Sickness جو عارضو هو، ويتر ڪراچي ڪان دبئي تائين ڪجهه موسم صحيح نه هجڻ ڪري، هن کي پُورو ٽائيم ابڙاڪ ۽ الٽيون هلنديون رهيون. ايتري قدر جو هن جهاز ۾ مليل ماني به نه کاڌي. دبئي پهچي اسان کي جهاز بدلائي، هن ٻئي جهاز ۾ چڙهڻو هو، جيڪو نيو يارڪ (USA) هلڻو هو. دبئي ۾ لهڻ ۽ هن جهاز جي هلڻ جي وٿي فقط اڌ ڪلاڪ هئي. بهرحال هيءَ ٻارن واري فيملي به اسان وانگر ڊوڙندي ڊوڙندي هن جهاز ۾ پهتي، جِتي باقي مُسافر اڳهين سفر لاءِ تيار وينا هئا. هڪ جهاز ڪان ٻئي جهاز تائين پريشانيءَ جي حالت ۾ ڊوڙڻ ڪري هنن جو هي ٻار ڪافي نستو محسوس ڪري رهيو هو، ويتر هن جهاز جو ايئرڪنڊيشن اڃان نه هلي رهيو هو، سو جِتي اڳهين ويٺل مُسافر گُهٽ محسوس ڪري رهيا هئا، اتي اسان نوان آيل به منجهي پياسين ۽ الٽيون ڪيڻ واري ٻار کي ويتر چڪر اچي رهيا هئا، جيڪي گرمي ۽ پوسٽ نه هجڻ ڪري جيڪر نه اچن ها. ايتري ۾ پاسي ڪان لنگهندڙ هڪ ايئر هوسٽس ڪان ٻار جي ماءُ ڪٽي پڇيو ته هنن وٽ ڪا مٺي جي سور جي گوري هوندي، جيئن هوءَ پنهنجي ٻار کي جنهن کي گذريل اڌام ڪان دل ڪچي ۽ الٽيون ٿي رهيون آهن، ڏئي سگهي. ايئر هوسٽس جي دماغ ۾ الائي ڇا آيو يا هن پاڻ کي هيڪاندو گهڻو سمارٽ ٿي سمجهيو، جو هن کي اهو اچي شڪ ٿيو ته هي ٻار ڪو بنهه بيمار آهي ۽ سفر جي لائق ناهي ۽ ان جي خاطري ڪرڻ لاءِ گوري ڏيڻ بدران مٺو مٺو ٿي ٻار جي ماءُ ڪان پڇڻ لڳي ته هو ڪڏهن ڪان بيمار آهي ماءُ اهو سوچي ته شايد هوءَ مون سان همدردي ٿي ڪَري ۽ بيماري مُطابق ڪا گوري ٿي ڏيڻ چاهي، هن کي ٻڌايو ته "مٿي جي سور ڪان علاوه ڪراچي ڪان دبئي تائين الٽيون ڪِندو آيو آهي." ۽ ويتر ٻار به هراس ۾ بنهه سست ٿي پيو.

ايئر هوسٽس هاڻ ڪجهه سخت مزاجيءَ سان ماءُ کي چيو، "پوءِ اهڙي بيمار ٻار کي وٺي ڇو نڪتا آهيو. آئون ترس ته ڊاڪٽر کي ٿي گهرايان." ماءُ اڃان به معصوميت ۽ ڪجهه ڪجهه مونجهاري ۽ پريشانيءَ ۾ اهو ئي چوندي رهي ته ڊاڪٽر کي ڇئو ته ڪا دوا ڏئيس ته الٽي بند رهيس، آئون پاڻ سان گوريون ڪٽي نڪرندي آهيان، پر هن دفعي وسري ويون."

جهاز جي ايئرهوسٽس هن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، ڇڙ مان اڳيان هلي ويئي. مون يڪدم پٺيان مڙي (جو منهنجي سيٽ هنن جي بلڪل اڳئين قطار ۾ هئي) جلدي جلدي اڙدوءَ ۾ هنن کي چيو ته بيماري جو گهڻو راڳ نه ڪريو، هيءَ بدمعاش ائرهوسٽس توهان کي هِتي لهرائي ڇڏيندي.

دراصل ڳالهه اها هئي ته ٻار ڪو serious بيمار نه هو. ڪراچي ايئرپورٽ تي به پورو ٽائيم ڊوڙيو ڊڪيو پئي. هن کي ايئر سڪنيس جو اثر هو، جيڪو وڃڻ کي به ٽئي ٿو ۽ ان

سان گڏ هن کي هراس بہ ٿي پيو هو تہ هي سڀ ڪجھ ڇا ٿي رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ هو ڪجھ ڪجھ نفسياتي طرح بيمار ٿي پيو هو ۽ اهڙا واقعا پاڻي يا هوائي جهاز جي سفر دوران ٿيندا رهن ٿا ۽ جن جي ڄاڻ اسان کان وڌيڪَ هن ٿلهي ۽ وڏي عمر جي ايئرهوسٽس کي هجڻ کپي ها، پر ايئرهوسٽس جهڙي شرلاڪ هومس ٿي پئي هئي، جنهن کي هن ڪيس ۾ ڪا وڏي ڳالھ نظر آئي ٿي. ٻي ڪا وڏي ڳالھ نہ پر اها ئي تہ ٻار ڪنهن اهم بيماري ۾ مبتلا آهي، جنهن کي هن اهم سفر ۾ ڪٽڻ جوکي جو ڪم ٿي پوندو.

## ايمرجنسيءَ ۾ ائٽلانٽڪ ڪراس نہ ڪندس

هونءَ تہ هر هوائي سفر اهم آهي، پر اهي سفر جن ۾ ائٽلانٽڪ جهڙو وڏو سمنڊ ٽئي ڪرڻو پوي ٿو وڌيڪَ اهم آهي. سفر ۾ ايمرجنسي جي حالت ۾ انساني جان کي هر صورت ۾ بچائڻ جي بين الاقوامي قانون موجب جهاز کي پنهنجي شيڊول کي ڇڏي، ويجهي ايئرپورٽ تي لهڻو پوي ٿو، جيئن مسافر جي جان بچي سگهي. پوءِ ان لاءِ جهاز جي ڪمپنيءَ کي ڪٽي ڪيڏو بہ نقصان رسي. هن ايئر هوسٽس جي دماغ ۾ اها ئي ڪا چرخي هلي رهي هئي تہ هي ڇوڪرو تہ صفا بس ٿيو پيو آهي، ڪٿي اڌ رستي تي سڪرات ۾ نہ هليو وڃي ۽ جهاز جي ڪمپني سورن ۾ پئجي وڃي.هونءَ دراصل هن ايئرهوسٽس جو بہ ڏوھ ناهي. Serious قسم جي حالتن کي جهاز جي عملي کي پرکڻ ۽ جهاز جي ڪمپني جي مالڪن کي آگاھ ڪرڻ کپي، جيئن مُسافر ۽ هوائي جهاز (۽ ان جا مالڪ) وڏي نقصان کان بچي وڃن. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترين ئي هوائي ڪمپنيون مٿين مهينن سان پيٽ واريون (حاملا) عورتون پنهنجن جهازن ۾ نہ ٿيون کڻن، جيئن فلائيٽ دوران ڪا ايمرجنسي نہ ٿي پوي ۽ فلائيٽ کي Divert ڪري، ڪنهن ويجهي ايئرپورٽ تي لاهڻو پوي. ۽ جِتي پري پري تائين ڪو هوائي اڏو نہ هجي، چوڌاري اٿاھ سمنڊ هجي، اتي هوائي جهاز توڙي پاڻ جو جهاز هلائيندڙ عملي جي پريشانيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. پاڻي جي جهاز جو سيڪنڊ ۽ پوءِ چيف انجنيئر ٿيڻ دوران منهنجي هميشہ اِها ڪوشش هوندي هئي تہ ڪم جي چاڻوءَ کان علاوه بهتر صحت وارو عملو رکيو وڃي، جيئن هو پنهنجي لاءِ ۽ ٻين ساٿي جهاز هلائڻ وارن لاءِ مسئلو پيدا نہ ڪن. ائٽلانٽڪ يا پئسفڪ سمنڊ ڪراس ڪرڻ وقت تہ آئون اهو چاهيندو هوس تہ اهو انجنيئر يا خلاصي ڪٽي گهٽ ڪٽجي، پر جيڪو ذهني طرح سفر ڪرڻ جي موڊ ۾ نہ هجي يا بيمار هجي، ان کي اهڙي اٽانگهي سفر تي ڪٽي نہ نڪرجي. هونءَ تہ ڪجھ بہ ٿي سگهي ٿو، انسان کي ڪا خبر نٿي پوي، پر تڏهن بہ ڏسي وائسي اهڙو جوکم نہ کڻجي، جو جهاز تي نہ آپريٽنگ ٽيبل ۽ نہ وري ڪو سوين ميلن تائين ويجهو بندرگاھ. بهرحال هِتي هن هوائي جهاز ۾ هڪ ماءُ بهتر دوا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٻار جي بيماري شد مد سان ٻڌائي رهي هئي ۽ جهاز جي ايئر هوسٽس پائلٽ ۽ مڪاني

عملي کي آگاهہ ڪري، هن ٻار کي سفر ڪرڻ کان روڪرائي رهي هئي. ٻين لفظن ۾ ٻار سان گڏ ماءُ کي ۽ ٻين ننڍن ٻارن کي، ٽي سگهي ٿو سس سهري کي بہ دٻئي لهٽو پوي، جو ٻار چاهي بيمار هجي يا نہ اڪيلي سر دٻئي ۾ لهي، علاج ڪري ڏينهن ٻن بعد اڪيلو سفر ڪيئن ٿي ڪري سگهيو. ان دوران مون هڪ بہ دفعا ننڍڙن جملن ذريعي هن کي سختيءَ سان چيو تہ ٻار ايترو بيمار نہ آهي ۽ هن جي گهٽي ڳالهہ نہ ڪريو، نہ تہ ماڻهين لاهي ڇڏيندانوَ. پر هنن کي سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ تفصيل سان آئون ڪين ٻڌائي نہ ٿي سگهيس، جو هنن اڳيان جهاز جي گرائونڊ جو ڇڱو عملو اچي گڏ ٿيو هو. باقي مسافر بہ سخت پريشان هئا تہ هاڻ رڳو جهاز اڏامي پوءِ پلي هنن ٻن ٽن مُسافرن کي لهٽو بہ پوي. اهاٻي ڳالهہ آهي تہ هنن جو لهڻ بہ جلدي جو ڪم نہ ٿئي ها، جو سندن سامان موٽائڻ لاءِ وري سڄي جهاز جو سامان لاهٽو پوي ها، جو اڪثر ڪا بئگ ڪيڏانهن ڪا بئگ ڪيڏانهن رکجيو وڃي ٿي. ايتري ۾ پائلٽ بہ اچي ويو، ان هن ٻار ۽ هن سا گڏ سفر ڪرڻ وارن جي پاسپورٽن جي گهر ڪئي ۽ ساڳئي وقت جهازران ڪمپني جي ڊاڪٽر کي گهرايو. ڊاڪٽر جيتوڻيڪ جلدي اچي ويو، پر هو فيصلو نہ پيو ڪري سگهي تہ آيا هن ٻار کي ڪا serious بيماري آهي، جنهن لاءِ لاهڻ ڪيپس يا نہ ۽ ساڳي وقت ٻار کي سفر ڪرڻ جي موڪل ڏيڻ لاءِ دل نہ پيو ٻڌي، جو ان رستي تي ٻار کي ڪجهہ ٿي پيو تہ ڊاڪٽر جي تہ نوڪري وئي، پر ڪمپني بہ سورن ۾ ڦٽجي ويندي. هن ٻہ ٻيا اسپيشلسٽ ڊاڪٽر گهرايا، جيئن اهي جنرل چڪاس ڪري، پنهنجي راءِ ڏيئي سگهن. ٿوري دير ۾ هڪ عرب ۽ هڪ ملئي ڊاڪٽر اليڪٽرانڪ مشين سان گڏ چڙهيا ۽ ٻار جو بلڊ پريشر ۽ ٻيو ڪجهہ جيڪو ميڊيڪل لحاظ کان ضروري ٿئي ٿو، ٽپاس ڪيو ويو. ٽيستائين مون پهرين واري ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ آئون بہ هن فيملي سان گڏ گڏ ڪراچي کان Travel ڪري رهيو آهيان، مون کان جي حقيقت پڇو تہ ٻار فقط نفسياتي طرح Upset آهي ۽ هن کي موسم خراب هجڻ ڪري ايئر سڪنيس ٿي هئي ۽ هاڻ اڳتي جي سفر لاءِ نفسياتي طرح خوفزده آهي. توهان اجايو هن غريب فيملي کي يا اسان مسافرن کي تنگ نہ ڪريو ۽ جهاز کي اڏامڻ ڏيو.

”مون کي پڻ ائين لڳو ٿي، پر هاڻ پلي هي اسپيشلسٽ پنهنجي راءِ ڏين.“ ڊاڪٽر چيو.

بلڊ پريشر، ٽيمپريچر يا ٻيو ڪجهہ جيڪو هن کي ٽپاس ڪرڻو هو، سڀ نارمل نڪتو. ڪجهہ هن جي رپورٽ ڪري ڪجهہ آمريڪن ڊاڪٽر جي ڏِي ٿي، جيڪو هن فيملي جي بلڪل پٺئين سيٽ تي ويٺل هو، جيئن آئون هنن جي اڳئين سيٽ تي، فلائيٽ کي پنهنجي پروگرام موجب هلڻ لاءِ اوڪي ڪيو ويو. نياڳي ايئر هوسٽس جنهن هي سڄو ممڻ مچايو، ان وري مٿي جي سور جي بہ گوري نہ آندي ۽ ساڳي وقت ٻار جي ماءُ بہ حالتن سان سمجهوتو ڪري ماٺ ڪري ويهي رهي. مٿي جي سور يا الٽيون بند ڪرائڻ جي گوريءَ

بدران ماڳهين هنن کي پرديس ۾ لهڻو ٿي پيو. اڄان بہ پنهنجو وطن ڪراچي هجي ها تہ بہ هڪ بہ ڏينهن ترسي پوءِ وري سفر ڪرڻ سولو ڪم هو. دبئي جهڙي پرديس ۾ مهانگي ملڪ ۾ هي هيترا ڇٽا ڪٽي سامان ڪٽي هوٽلن ۾ رلن ها ۽ ڪين وري ڪڏهن آمريڪا وڃڻ لاءِ ايتريون سيٽون خالي ملن ها. اهو لکڻ وسري ويو تہ پهرين ڊاڪٽر تپاس کان اڳ ڪين لهڻ لاءِ وارننگ پڻ ڏني، جنهن تي پوڙهي سس ۽ سهري دبئي ۾ لهڻ کان احتجاج ڪيو، تہ نہ فقط ڊاڪٽر بلڪہ پر ۾ بيٺل جهاز جي پائلٽ بہ چڙ مان ڪين اهو ٿي چيو تہ آئون توهان جي ڪري ٻين ٽن سؤ مسافرن کي تہ نہ رلائيندس. ايمرجنسي واري صورت ۾ آئون ڪڏهن بہ ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس نہ ڪندس.

## هڪ سنڌي کي بہ ايئرپورٽ تان موٽايو ويو

بهرحال خوشيءَ جي اها ڳالهہ تہ آخر ۾ سڀ خير ٿي ويو، جهاز سيني مُسافرن کي نہ فقط ڪٽي اڏاٽو، پر نيويارڪ جي JFK هوائي اڏي تي صحيح وقت تي آڻي لاٿو. رستي تي آمريڪن گورو ڊاڪٽر هر هر ان پار جي خيريت پڇندو رهيو، بلڪہ الٽين يا ننڊ جي ڪا گوري بہ پار کي ڏنائين جو هو ننڊون ڪندو هليو. JFK ايئرپورٽ تي لهڻ سان تڪو تڪو اميگريشن واري اڏاوت ڏي وڌيس، جو آمريڪا ۾ رهندڙ منهنجن ياٽيجن ٻڌايو هو تہ ڊگهي قطار ٿي لڳي ۽ هڪ هڪ کان ايڏي پڇا ڪئي وڃي ٿي جو ڪلاڪ لڳيو وڃن، ان ڪري جهاز مان لهڻ بعد جلدي جلدي اڳي قطار ۾ بيهڻ کپي. پر هن ڀيري ڪو اتفاق ٿي هيو جو ائين نہ ٿيو. جيتوٽيڪ مسافر نہ فقط اسانجي جهاز جا هئا، پر ان وقت آيل ٻن ٻين هوائي جهازن جا بہ هئا. پر اميگريشن تي ويٺل تمام وڏو عملو هو، ان ڪري جلدي وارو اچي ويو. ڪيترن کي پڇا لاءِ پوليس الڳ الڳ ڪمرن ۾ وٺي پئي وئي. پر منهنجي اهڙي ڪا چيڪنگ نہ ٿي، سواءِ ٻن ٽن سوالن جي جيڪي اتي جو اتي پڇيا ويا تہ هِتي ڪٽي رهندين، هِتي ڪهڙي خيال کان آيل آهين..... وغيره. آمريڪا جي اميگريشن جون جيڪي تنگ ڪرڻ واريون خبرون ٻڌيون هيونسين، انهن سان واسطو نہ پيو. ٿي سگهي ٿو تہ آئون وڏي عمر جو هوس، هن کان اڳ بہ اچي چڪو هوس يا ڪئناڊا، جپان ۽ سئيڊن جهڙن ملڪن جون منهنجي پاسپورٽ تي Multiple ويزائون لڳل هجڻ ڪري هنن منهنجي ۽ مون مان پنهنجي، جلد جان آزاد ڪئي. ويزا لاءِ سوچيو هوم تہ ٽن مهينن لاءِ چوندوسان ۽ پوءِ وڌيڪ رهڻ لاءِ وري apply ڪندس، پر مون کان پڇڻ بنا ٿي هنن ڇهن مهينن جي ويزا جو ٺپو هڻي ڏنو. اها ڳالهہ شروع ۾ بہ لکي چڪو آهيان تہ ڪنهن بہ ملڪ جي ويزا ان جي سفارتخاني مان ملڻ بعد بہ اهو ملڪ ٻڌل نٿو رهي. جيئن اسلام آباد مان آمريڪا جي سفارتخاني منهنجي پاسپورٽ تي پنجن سالن جي Multiple Visa هڻي ڏني هئي، پر آمريڪا جي هوائي اڏي تي پهچڻ وقت هنن جي اميگريشن جي عملي تي منحصر آهي تہ هو مون کي في الحال ڪيتري وقت لاءِ رهڻ ڏين ۽

اهو بہ تي سگهي ٿو تہ ڪن ڳالهين جي بنياد تي (جيڪي هنن لاءِ پڌائڻ ضروري نہ آهن) هڪ ڏينهن بہ رهڻ نہ ڏين ۽ ان ئي پيرين موٽائي ڇڏين.

اسان جي فلائيٽ مان بہ ٻن مُسافرن کي داخلا کان انڪار ڪيائون ۽ هنن کي ٻي فلائيٽ ۾ پنهنجي ملڪ پاڪستان واپس وڃڻ لاءِ چيو ويو جو هنن کان جيڪي سوال ڪيا ويا، انهن جا جواب هنن ڪوڙ جي بنياد تي ڏنا. هنن ڪا معلومات لڪائڻ ٿي چاهي، جنهن ۾ هو جهلجي پيا. بهرحال واپس موٽڻ وارا مُسافر يا اهي مُسافر جن کي ڪمرن ۾ وٺي ڊگهي Interrogation ڪئي وئي ٿي، اهي سڀ نئديءَ ٿهيءَ جا لڳا ٿي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هنن فقط اسان پاڪستانين سان اهو وهنوار نٿي ڪيو جو ڪٽي چئجي تہ اسان مسلمان هئاسين ان ڪري اسان سان هنن سختي ڪئي، پر هنن ساڳيو حال انڊيا ۽ ٻين ملڪن کان آيل مُسافرن سان بہ پئي ڪيو.

ان ئي وقت واپس موٽائڻ وارن ۾ هڪ سنڌي همراهہ بہ هو.... شايد حيدرآباد پاسي جو. هو اسٽوڊنٽ ويزا تي آمريڪا ۾ رهيل هو، هاڻ وري مهينو کن ڳوٺان رهي واپس آمريڪا آيو هو، پر اميگريشن هُن کي هِن دفعي سندن ملڪ ۾ گهڙڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. شڪ آهي تہ هنن وٽ پڪا ثبوت موجود هئا، تہ هي همراهہ سچ پچ جو شاگرد نہ هو. ڪنهن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي اسٽوڊنٽ ويزا تي آمريڪا ۾ نوڪريون ڪري رهيو هو ۽ يونيورسٽي کان گهڻو وقت غير حاضر ٿي رهيو ٿي.

اميگريشن بعد پنهنجو سامان بہ بئگون ڪٽي ڪسٽم چيڪنگ واري حصي ۾ پهتس، جنهن جي منهن وٽ بيٺل ڪسٽم آفيسر رکي رکي (At Random) ڪنهن هڪ ٻن کي چيڪنگ لاءِ ڪسٽم سيڪشن ۾ موڪليو ٿي (جِتي ڪيترائي ڪسٽم آفيسر مُسافرن جون بئگون کولي چڪاس ڪري رهيا هئا) باقي گهڻي ڀاڱي مُسافرن کي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ اشارو ڪري رهيا هئا، جن ۾ خوش قسمتيءَ سان آءٌ بہ هوس، نہ تہ وري بئگون کولڻيون پون ها. بئگ کولڻ سولي آهي، پر وري ان کي بند ڪرڻ ڏکيو ڪم ٿئي ٿو. اهو ائين آهي جيئن ڪا کڏ کوٽي، ان مان نڪتل سموريءَ مٽيءَ کي وري واپس وجهڻ جي ڪوشش ڪجي. بهرحال دنيا جي هر ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ بعد هڪ مسافر کي آزادي واري خوشي ٿئي ٿي، پوءِ اهو آزاديءَ جو احساس چوڏهين آگسٽ تي ڪٽي نہ ٿيندو هجي. نيويارڪ شهر ۾ پهچڻ لاءِ ٽرين ۽ ٽئڪسيون بيٺيون هيون، پر مون کي سامهون منهنجو ڀاڻيجو ثمير واسطڙو نظر اچي ويو، جنهن سان گڏ سندس ڪار ۾ سڌو اچي نيوجرسيءَ کان نڪتس.

# اسان لاءِ JFK ايئرپورٽ سهوليت وارو آهي

آمريڪا ويندڙ هر پاڪستاني توڙي انڊيا جي ماڻهوءَ واتان JFK ايئرپورٽ جو نالو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. جڻ هيڏي وڏي ملڪ آمريڪا ۾ اهو ئي هڪ ايئرپورٽ هجي، جنهن تي اسان جي نندي ڪنڊ جا ماڻهو اچيو ٿا لهن.

پر اها ڳالهہ ناهي، آمريڪا جي هر وڏي شهر ۾ هوائي اڏو آهي، جيڪو اسان جهڙن ملڪن جي بين الاقوامي اڏن کان بہ وڏو ٿيندو. هر اڏي تي نہ فقط ڪيترين ئي مڪاني ۽ بين الاقوامي جهاز ڪمپنين جا جهاز لهن ٿا، پر ماڻهن جا ذاتي هوائي جهاز پڻ. آمريڪا جي امير ترين ماڻهن مان ڪيترن وٽ نہ فقط ذاتي هوائي جهاز ۽ هيليڪاپٽر آهن، پر ڪن وٽ تہ هوائي اڏا بہ پنهنجا آهن. پر JFK (جي ايف ڪي) ايئرپورٽ بنا شڪ جي نہ فقط آمريڪا جو پر دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ مشغول ترين هوائي اڏو آهي ۽ اهو نيويارڪ ۾ هجڻ ڪري اسان جي پاسي جي ماڻهن کي سولو ٿو لڳي، جو نيويارڪ يورپ ۽ آفريڪا جي ملڪن کان علاوه اسان وارن ايشيائي ملڪن کي بہ وڏيڪ ويجهو آهي، جيئن لاس اينجلس وغيره جپان ۽ پئسفڪ سمنڊ وارن ملڪن کي ويجهو آهي. ٻي ڳالهہ تہ آمريڪا ۾ مون ڏٺو آهي تہ مختلف ملڪن جا مختلف ڳڙهہ آهن، جِتي ان ملڪ جا ماڻهو وڌيڪ پنهنجائپ محسوس ڪن ٿا.

اسان جي نندي ڪنڊ جا ماڻهو شروع کان نيويارڪ جي ۽ ان جي اوسي پاسي ۾ رهيا ۽ اڄ بہ هنن جو ڪو مائٽ يا سڃاڻو اچي ٿو تہ هو ا تي رهڻ پسند ڪري ٿو، جيئن پرديس ۾ هم وطن، هم زبان، هم مذهب ۽ هم ڪلچر وارن جي ويجهو رهي. آمريڪا اچڻ تي اسان جي پاسي جي ڪُجهہ ماڻهن کي نوڪريون يا ڌنڌا آمريڪا جي ڊڪوٽا، ڪنساس، اتاح جهڙين رياستن ۾ بہ ملن ٿا، پر پوءِ هو پهرين موقعي ملڻ تي نيويارڪ ڏي هليا اچن. وڌ ۾ وڌ نيويارڪ جي پر وارن رياستن نيوجرسي، پينسلوانيا، ميري لئنڊ، ڪنيڪٽِڪٽ ۽ ماسا چوسيٽ ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. هنن جو ٻيو نمبر وڏو ڳڙهہ ٽيڪساز جو شهر هوسٽن ۽ اوسو پاسو آهي يا وري واشنگٽن ۽ ورجينا وغيره. بهرحال انهن سڀني هنڌن تي هوائي اڏا آهن، پر دنيا جي هر هوائي ڪمپنيءَ جو جهاز، ويندي اسان جي پي آءِ اي جو ڊائريڪٽ نيويارڪ ضرور اچي ٿو. عرب امارات وارن جو هوائي جهاز جنهن ۾ مون سفر ڪيو، روزانو نيويارڪ اچي ٿو، ان ڪري اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ نيويارڪ مان چڙهڻ يا لهڻ سولو ٿئي ٿو. هو پنهنجي وطن پهچي پنهنجي موڪلن جي آخري ڏينهن تائين پنهنجن سان گذاري، نيويارڪ پهچن ٿا. پوءِ اتان ئي ٻئي هوائي جهاز ذريعي يا ريل يا بس ذريعي، پنهنجي رهائش يا نوڪريءَ واري جاءِ تي هليا وڃن ٿا. هاڻ مڙيئي اڏامون وڌڻ ڪري، اسان جا ڪي

ڪي ماٿهو واشنگٽن يا نيو اَرڪ جهڙن هوائي اڏن تي بہ لهن ٿا، پر گهڻائي اڄ بہ نيويارڪ جي هوائي اڏي JFK کي بهتر سمجهي ٿي، جيڪو نيويارڪ شهر جي ڏکڻ اوڀر واري Queens جي جئميڪا (Jamaica) واري علائقي ۾ آهي، هي هوائي اڏو 1942ع کان ٺهڻ شروع ٿيو ۽ پهرين ڪمرشل اڏام پهرين جولاءِ 1948ع تي لٿي ۽ سندس نالو "نيويارڪ انٽرنيشنل ايئرپورٽ" رکيو ويو، پر پوءِ 1963ع ۾ آمريڪا جي صدر جان ايف ڪينڊي جي قتل بعد هُنَ جي نالي ڪيو ويو.

1948ع ۾هي ايئرپورٽ ٺهڻ وقت هڪ هزار ايڪڙن تي هو، پر هاڻ اهو وڌي پنج هزار ايڪڙن تي ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هزار کن ايڪڙ CTA (سينٽرل ٽرمينل ايريا) جا بہ اچي وڃن ٿا ۽ آمدرفت جو اهو عالم آهي جو هر وقت هڪ ٻئي پٺيان جهاز لهن ۽ چڙهن پيا. نيويارڪ پوسٽ اٿارٽي جيڪا هن هوائي اڏي ۽ نيويارڪ شهر جي ٻين هوائي اڏن (نيو اَرڪ لبرٽي انٽرنيشنل ايئرپورٽ، لاگئارديا ايئرپورٽ، ٽيٽرو بورو ايئرپورٽ وغيره) کي هلائي ٿي، تنهن جي هڪ آفيسر ٻڌايو تہ هن هوائي اڏي تي گذريل سال چار لک کن هوائي جهاز لٿا ۽ چڙهيا ۽ هن سال تہ اجا بہ وڌو نمبر ٿئي ۽ ان حِساب سان سمجهو تہ ڪلاڪ ۾ پنجيتاليهہ پنجاهہ کن جهاز وڃي ٿيا ۽ هڊسن درياهہ جي ٻي پر نيو اَرڪ واري هوائي اڏي جو بہ ذري گهٽ اهو ئي حال آهي. نيويارڪ کان نيوجرسي باءِ روڊ ويندڙ جڏهن نيويارڪ جي هوائي اڏي وٽان لنگهندا هوندا تہ هنن کي احساس ٿيندو هوندو تہ ڪيئن نہ هوائي جهاز هڪ ٻئي پويان لهن ۽ چڙهن پيا. نيويارڪ ۽ نيو اَرڪ هڊسن نديءَ تي اٿين آهي، جيئن سنڌو نديءَ تي ڄامشورو، حيدرآباد يا وري مورو، دادو.

سچي هفتي جي اڏامن جو بورڊ ڏٺم تہ سؤ کن اهڙيون هوائي ڪمپنيون هيون، جن جا هوائي جهاز باقاعدگي سان هن ايئرپورٽ (JFK) تي اچن ٿا، جن مان ڪيترن جو روز جو اچڻ لڳو رهي ٿو.

نيويارڪ جو هي هوائي اڏو JFK شروع شروع ۾ IDLE Wild هوائي اڏو بہ سڏبو هو، جو هن هوائي اڏي جو هڪ حصو نيويارڪ جي آئيڊل وائلڊ گولف گرائونڊ تي هو ۽ هن هوائي اڏي جو IATA ڪوڊ پڻ IDL هو. هي ڪوڊ اهو ٿئي ٿو، جيڪو سامان جي ٽئگ تي بہ لڳايو وڃي ٿو، يعني خبر پوي تہ اها ٻئگ ڪهڙي ايئرپورٽ تي لاهڻي آهي. بهرحال هاڻ هن هوائي اڏي جو ڪوڊ (JFK) ئي آهي. آمريڪا ۾ چار اهڙا هوائي اڏا آهن، جيڪي آمريڪا جي صدرن سان منسوب آهن.

1964ع جي هن هوائي اڏي بابت ڳالهہ ياد اچي ٿي، جڏهن اسان مئرين انجنيئرنگ جي تعليم چٽگانگ ۾ وٺي رهيا هئاسين، تن ڏينهن ۾ اسان جا فئوريٽ ڳائڻا انگلينڊ جا بيٽلز هئا. هي چار ڳائڻا پنهنجي وڏن وارن ۽ پاپ گانن ڪري مشهور هئا. انهن ڪانپوءِ مائيڪل جيڪسن ئي دنيا جو مشهور ڳائڻو ٿيو. 1964ع ۾ هو ڳائڻ لاءِ جڏهن آمريڪا آيا تہ هنن جو

هن ايئرپورٽ JFK تي وڏي پئماني تي آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. هنن ڳاٺن جا آمريڪا جا پرستار خاص ڪري ڇوڪريون، ايتريون تہ اچي گڏ ٿيون ۽ هنن سان ملڻ لاءِ هنگامو پيدا ڪيو جو پوليس کي لاٺي چارج ڪرڻي پيئي ۽ هي گوڙ گمسان تاريخي ٿي پيو، جنهن جو احوال دنيا جي اخبارن ۽ ريڊين ۾ ايندو رهيو. اسان بہ روز وڏي شوق سان انهن ڳاٺن جون خبرون پڙهندا ۽ ٻڌندا هئاسين. ٿي وي تہ اڃان اسان جهڙن ملڪن ۾ آئي ڪانہ هُئي. ان وقت جا ڪلاس ميٽ چوندا هئا تہ اسان بہ جهاز هلائڻ جهڙا ڏکيا ڪم ڪرڻ بدران گٽار ڪٽي ڳايون ها ۽ اسان جا بہ وار ڊگها ۽ سر سنو هجي ها ۽ آمريڪا جو ڪٽي نہ پر چٽگانگ ۽ اوسي پاسي جي شهرن جون بنگالي ڇوڪريون پوليس جو گهيرو ٽوڙي اسان کي اچي گلن جا هارَ پارائين.

## JFK ايئرپورٽ تي پيش ايندڙ هوائي حادثا

JFK ايئرپورٽ جيتوڻيڪ تمام وڏو آهي، جنهن ۾ هڪ بدران نَوَ کن ٽرمينل آهن هر هڪ ٽرمينل اسان جي جناح ٽرمينل کان ڇوڻو پنجوڻو آهي، پر واسطي واري اڏام تائين پهچڻ لاءِ هر قسم جي سهوليت رکيل آهي. توهان بس ۽ ٽئڪسي کان علاوه ايئرپورٽ تائين ايندڙ خاص ٽرين Air Train JFK ذريعي شهر کان سولائيءَ سان پهچي سگهو ٿا ۽ هن ”جي ايف ڪي ايئر ٽرين“ ريل گاڏيءَ ذريعي، توهان ايئرپورٽ کان نيويارڪ سٽي سب وي يا لانگ آئيلينڊ روڊ تائين پڻ پهچي سگهو ٿا. ڪوالالمپور، لنڊن ۽ نيويارڪ جهڙن هوائي اڏن تي هي وڏو سُک آهي. اسان جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن لاءِ هن قسم جي سواري بيحد سستي آهي ۽ جِتي ٽئڪسي هڪ سؤ ڊالرن کان بہ مٿي وٺي، اتي هن ايئر ٽرين ۾ پنج ڊالر (ٽي سؤ روپيہ) ڏيئي توهان هاورڊ بيچ ۽ ڪئميڪا اسٽيشن تائين پهچي سگهو ٿا ۽ هڪ دفعو توهان جئميڪا اسٽيشن تائين پهچي وياٿو تہ پوءِ اتان ڪيتريون ئي ٽرينون (سب وي گاڏيون) مڊ ٽائون ۽ لوور مئن هٽن ڏي ويندڙيون رهن ٿيون. ان کان علاوه هيءَ ٽرين ايئرپورٽ اندر هڪ ٽرمينل کان ٻئي تائين مفت ۾ هلي ٿي. توهان ڪنهن غلط نمبر واري ٽرمينل تي جي پهتا آهيو تہ ٽئڪسي لاءِ پريشان ٿيڻ بدران هن ٽرين ڏريعي منٽن ۾ پهچي سگهو ٿا.

11 سيپٽمبر 2001ع واري حملي بعد هي هوائي اڏو JFK پهريون هوائي اڏو هو، جيڪو يڪدم بند ڪيو ويو هو.

آمريڪا مان سفر ڪندڙ مسافر کي هميشہ ڪپي تہ هو معلوم ڪري تہ سندس ايئر لائين جو هوائي جهاز ڪهڙي ٽرمينل تان اڏامي ٿو. JFK ايئرپورٽ تہ تمام وڏو آهي، جنهن تي نو کن ٽرمينل آهن. آخري وقت تي ايئرپورٽ تي پهچي هڪ هڪ ٽرمينل تان پڇا ڪري وقت وڃائڻ بدران ٽڪيٽ وٺڻ مهل ئي معلوم ڪري ڇڏجي تہ ڪهڙي ٽرمينل تان اڏام ٿيندي. پر جي توهان ڪراچي کان رٽرن ٽڪيٽ ورتي آهي تہ آمريڪا ۾ ان هوائي ڪمپني

جو ٽرمينل هميشہ لاءِ مقرر آهي. جيئن اسان جي ملڪ جي هوائي ڪمپني PIA جا هوائي جهاز ٽرمينل نمبر چوٿين تان اڏامن ٿا، پوءِ اهي چاهي ڪٽي ڪراچي ويندا هجن، مانچسٽر، فرئنڪفرٽ يا دبئي ۽ پئرس. اهڙي طرح مصر جي هوائي ڪمپني EGYPT AIR، اسرائيل جي EPAP، دبئي جي EMIRATES، هالينڊ جي KLM وغيره جا هوائي جهاز پڻ هن چوٿين نمبر ٽرمينل تان اڏامن ٿا.

دنيا جو هي هوائي اڏو JFK جيڪو هيڏو مشغول آهي، ان تي ظاهر آهي تہ ڪجھ نہ ڪجھ حادثا بہ ضرور ٿين ٿا. هن وقت 1990ع جو هڪ هوائي حادثو ڌيان ۾ اچي رهيو آهي، جيڪو ڏکڻ آمريڪا جي بوئنگ 707 جهاز کي هن ايئرپورٽ تي درپيش آيو ۽ تيل (Fuel) جي کوٽ ڪري پڻ هوائي اڏي بدران نيويارڪ جي هڪ ننڍڙي ٽائون Coveneck ۾ ڪرئش ٿي ويو. جهاز ۾ Crew سميت 158 مُسافر هئا، جن مان 73 تہ ٺڏي تي ئي مَري ويا، باقي 85 سخت زخمي ٿي پيا.

هي هوائي جهاز سائوٿ آمريڪا جي ملڪ ڪولمبيا جي شهر Bogata کان نيويارڪ لاءِ نڪتو هو. نيويارڪ جيتوڻيڪ وقت تي پهچي ويو، پر ان ڏينهن نيويارڪ ۾ سخت ڪوهيڙو ۽ ڌنڌ هُجڻ ڪري جهازن کي لهڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي ۽ جيسين واري سان هڪ هڪ ٿي لهي، تيسين ٻين کي مٿي اڏام جاري رکڻ لاءِ چيو پئي ويو ۽ هي بدنصيب جهاز ان Holding Pattern ۾ هو. جهاز کي نيويارڪ شهر مٿان گهمرا ڏيندي ڪلاڪ گذري ويو، پر اجان وارو نہ پئي آيس ۽ ان هولڊنگ دوران هن جي Reserve ٽئنڪ جو تيل بہ ختم ٿيندو رهيو، جيڪو ايترو هو جو اهو جهاز نيويارڪ بدران آمريڪا جي ٻئي شهر بوسٽن ۾ آرام سان وڃي لهي ها ۽ پوءِ مُسافرن کي اتان باءِ روڊ نيويارڪ پهچايو وڃي ها، جيڪا هڪ عام ڳالهہ آهي ۽ ههڙين ايمرجنسين ۾ائين ٿيندو رهيو آهي، پر هِتي ائين نہ ٿي سگهيو. هوائي اڏي وارا اِهو ئي سوچيندا رهيا تہ ٻين هوائي جهازن وانگر، هن هوائي جهاز ۾ بہ تيل اجان ڪافي موجود هوندو ۽ جهاز جو پائليٽ اهو ئي سوچيندو رهيو تہ هاڻ اجهو ٿي هيٺ لهڻ جي اجازت ملي. اهڙي طرح هن جهاز کي نيويارڪ مٿان اڏامندي 77 منٽ ٿي ويا ۽ هاڻ هنن وٽ ايترو تيل بہ نہ بچيو جو جهاز کي بوسٽن وٺي وڃي سگهن. ڪجھ زبان جو بہ چڪر ٿي پيو. جهاز هلائيندڙ عملو هسپانوي هو ۽ هو جيتوڻيڪ ايمرجنسي جون دانهون ڪندا رهيا، پر ايمرجنسي بدران انگريزيءَ جو لفظ Priority چوندا رهيا، يعني هنن ايئرپورٽ تي جلدي لهڻ کي ترجيح ٿي ڏيڻ چاهي. اسپيني ڊڪشنري مطابق پرارٽي جو مطلب ايمرجنسي آهي، پر انگريزي زبان ۾ اهو لفظ الڳ معنيٰ ٿو رکي. آخر ايئرپورٽ طرفان پُڇڻ تي هوائي جهاز وارن ٻڌايو تہ هاڻ جهاز ۾ تيل ڪو پنج منٽ مس وڃي بچيو آهي. ان تي ايئرپورٽ وارن ”واري“ واري جهاز کي ڇڏي هن کي لهڻ جو موقعو ڏنو.

پائليٽ جهاز کي هيٺ لاٿو، پر هن کي 500 فوٽن کان بہ هيٺ Wind Shear ملي ويو ۽ جهاز حد کان وڌيڪ هيٺ ٿي ويو. ايئرپورٽ وارن پائليٽ کي فقط 1500 فٽن واري Wind Shear کان آگاهہ ڪيو هو ۽ ان کان هيٺ جي چاڻ نہ ڏني. نتيجي ۾ پائليٽ کان ايئرپورٽ واري ائپروچ Miss ٿي وئي. هن رن وي تي لهڻ لاءِ ٻي Approach ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ئي وقت جهاز جو تيل بلڪل ختم ٿي ويو. بس ان ئي وقت جهاز جي نمبر چار انجڻ بند ٿي وئي ۽ ان جي پويان باقي ٽي انجڻيون بہ بند ٿي ويون. هوائي جهاز جو اليڪٽرڪ پاور بند ٿيڻ تي جهاز ۾ بہ اوندهہ انڌوڪار ٿي وئي ۽ جهاز لانگ آئيلينڊ تي JFK کان پندرنهن ميل پري وڃي ڪريو.

مٿيون جهاز هڪ ٽڪريءَ سان لڳي بہ اڌ ٿي پيو. جهاز ۾ Explosion نہ ٿي جو جهاز ۾ پيٽرول جو ڦڙو بہ نہ هو ۽ 85 ڪن مسافر بچي ويا، نہ تہ هڪ ئي ڌماڪي ۾ سڀ سڙي سگهيا ٿي. خراب موسم ۽ رات جي اونداهي ڪري زخمين کي ڳولڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي هئي.

بدنصيب هوائي جهاز وارن هن JFK ايئرپورٽ تي ڪيس داخل ڪيو تہ ٽرئفڪ ڪنٽرول وارن جو ڏوهہ آهي، جيڪو ڪيس ڪافي مهينا ڪورٽ ۾ هلندو رهيو. ان بعد ان ڳالهہ تي راضپو ٿيو تہ اهي مسافر کي مقرر عيوضي جو چاليهہ سيڪڙو ڏيندا، باقي هوائي جهاز ڪمپني وارا نقصان ڀريندا.

## هر حادثي پويان مسلمانن جو هٿ

مٿئين قسم جا ٻيا بہ ڪجهہ حادثا هن هوائي اڏي سان وابستہ آهن، جيڪي لهڻ وقت يا اڏام وقت هوائي جهازن کي درپيش آيا، پر سڀ کان مشهور آمريڪن ايئرلائينز جي جهاز (ايئر بس A300-600 جيٽ) وارو آهي، جيڪو 12 نومبر 2001ع تي آيو.

آمريڪا جو هي جهاز JFK ايئرپورٽ تان اڏامڻ (Take Off) بعد نيويارڪ شهر جي علائقي Queens ۾ Crash ٿي پيو. جيئن تہ هي حادثو يارهين سيپٽمبر بعد يڪدم درپيش آيو، ان ڪري سڄي آمريڪا ۾ هاءِ گهوڙا مچي وئي تہ هن حادثي پويان پڪ اُسامہ بن لادن جهڙي Terrorist جو هٿ آهي ۽ هن جهاز کي ٽيڪ آف مهل ڪنهن دهشتگرد زمين تان ائنٽي ايئر ڪرافٽ گن يا راڪيٽ ذريعي شوٽ ڪيو آهي. ويتر ماڻهن اهو ئي ڏٺو تہ هن هوائي جهاز ۾ ٻهرين باهہ جا شعلا پڙڪيا، ان بعد جهاز ڦاٽي پيو ۽ سندس ٽڪرا ٽڪرا چوڌاري پکڙجي ويا. بهرحال ٽن سالن بعد يعني 26 آڪٽوبر 2004ع تي انويسٽيگيشن رپورٽ ظاهر ڪرڻ تي خبر پيئي تہ اهو حادثو Rudder (جنهن سان پاڻي يا هوائي جهاز جو طرف بدلائبو آهي) ان کي حد کان وڌيڪ استعمال ڪرڻ سبب ٿيو. دراصل هوا جي هڪ رخي تيزي Turbulence کي منهن ڏيڻ لاءِ "ڪَو پائلٽ" رڊر کي لڳاتار موڙي رکيو ۽ انجڻ جو بنياد کان نڪرڻ ڪري تيل جي ٽئنڪ مان تيل Leak ٿي پيو ۽ جهاز کي باهہ وڪوڙي وئي. جهاز

تي جيڪي 260 ماڻهو هئا، انهن مان هڪ بہ نہ بچيو. بلڪہ زمين تي هلندڙ پنج ماڻهو پيا بہ مري ويا، جن مٿان جهاز جا گرم ٽڪرا اچي ڪريا. هوائي جهاز جي ڪمپنيءَ جهاز ٺاهڻ واري ڪمپنيءَ تي ڪيس ڪيو آهي تہ هنن جهاز صحيح مٽيريل مان نہ ٺاهيو ۽ ٺاهڻ وارن جو مؤقف آهي تہ هنن صحيح طرح ٺاهيو هو، پر هوائي جهاز اڏائڻ واري ڪمپنيءَ جا پائلٽ ۽ Crew صحيح طرح تربيت يافتہ نہ هئا، جن کي رڊر (سُڪاڻ جي Characteristics جي ڄاڻ نہ هئي.

Aircraft tail fins are designed to with stand full rudder in one direction at maneuvering speed. However, they are not usually designed to with stand on abrupt shift in rudder from one direction to the other.

بهرحال اسين دنيا جي مشهور هن JFK ايئرپورٽ جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين. انگريزي فلمن جا شوقين هن ايئرپورٽ کان ضرور واقف هوندا جو ڪيترين ئي انگريزي فلمون هن ايئرپورٽ تي فلمايون ويون آهن. ڪيترين ئي فلمن جون ڪهاڻيون سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح هن ايئرپورٽ JFK نيويارڪ سان لاڳاپيل آهن. انهن مان 1990ع جون بہ مشهور فلمون Goodfellas ۽ Quick Change آهن. هڪ ٻي فلم جيڪا پڻ مشهور ٿي، سا سن 2000ع جي Final Destination آهي، پر سڀ کان مشهور 2002ع جي فلم (Catch me If you Can) ٿي. هن جي ڪهاڻي 1960ع جي ڏينهن تي ٻڌل آهي. هن فلم کي ڪيترائي اڪيڊمي ايوارڊ مليا. گذريل سال جيڪي هن ايئرپورٽ جي حوالي سان فلمون ٺهيون آهن، تن ۾ خاص هي آهن:

1. The Terminal
2. Taxi
3. White Chiks

دي ٽرمينل فلم ۾ ان ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو هن ايئرپورٽ تي ڦاسيو پوي. هن کي هِتي جي اميگريشن وارا آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نٿا ڏين، جيئن هينئر مون سان گڏ اسان واري جهاز ۾ سفر ڪندڙ ٻن نوجوانن کي داخلا جي اجازت نہ ڏني وئي، جيتوڻيڪ هنن کي پنهنجي ملڪ مان آمريڪن سفارتخاني طرفان پنجن سالن جي Multiple ويزا ملي آهي، پر ڪن ڳجهن سببن ڪري (جن جي ٻڌائڻ لاءِ اميگريشن ڪاتو ٻڌل نہ آهي) انهن مسافرن کي هِتان نيويارڪ جي هن هوائي اڏي JFK تان واپس پنهنجي وطن پيا موڪلين، جِتان هو آيا آهن. ”دي ٽرمينل“ فلم جو هي همراهہ جنهن کي آمريڪا جي Entry نہ ملي آهي، پنهنجي ملڪ بہ نٿو وڃي سگهي جو اتي انقلاب اچي چڪو آهي ۽ هن کي جان

جو خطرو آهي. هن فلم جو بہ اهو ئي ڊائريڪٽر Steven Spielberg آهي، جنهن 2002ع ۾ ”ڪئچ مي اِف يو ڪئن“ فلم ٺاهي.

دي ٽرمينل فلم ۾ ڪم ڪرڻ وارن ۾ ٽام هانڪس، ڪئٿرين زيٽا، اسٽينلي ٽ چي مڪبرائيڊ آهي فلم وارا اهو ئي چون ٿا تہ ان جي ڪهاڻي انڊريو نڪول لکي آهي، پر ڪيترن کي اِهو ئي لڳي ٿو تہ اها ڪهاڻي مرحان ڪريمي نالي هڪ هڪ ايراني ”رفيوجي“ جي زندگي مان Inspire ٿي لکي وئي آهي، جنهن جي سياسي پناهہ جا ڪاغذ گم ٿيڻ ڪري ڪيس 1988ع کان وٺي پئرس جي چارلس ڊي گال ايئرپورٽ تي زندگي گذارڻي پئي.

ائين تہ مٿئين ايراني همراهہ تي فرانس وارن فرينچ زبان ۾ 1993ع ۾ (Tombes du ciel) فلم ٺاهي، جنهن جي اها ئي theme هئي ۽ چارلس ڊيگال ايئرپورٽ جي ئي پس منظر ۾ Set ڪئي وئي.

## هالا جي ليليٰ، انڙپور جو رمضان آمريڪا ۾

شروع ۾ هڪ مضمون ۾ ڊاڪٽر رمضان انڙ ۽ ڊاڪٽر ليليٰ ڪيريو بابت لکي چڪو آهيان، جيڪي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو جا گريجوئيٽ آهن ۽ اڄڪلهہ آمريڪا جي رياست مئسيچوسيٽ جي شهر ورڪاسٽر Worcester ۾ رهن ٿا منهنجي ساڻن ملاقات واشنگٽن ۾ ٿي. سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (SANA) جي ڇئن ڏينهن واري ساليانی ميلي نما گڏجاڻيءَ ۾، آئون بہ واشنگٽن ۾ ٽڪيل هوس. پڇي ڏينهن چانهہ جي وقفي ۾ آئون دوستن سان ملي رهيو هوس تہ ليليٰ ۽ رمضان بہ اچي مليا. پاڻ 35 سالن جي ڄمار جا ٿيندا. هٿ ڏيئي ليليٰ مون کان پڇيو تہ : آئون ڪيس سڃاڻا ٿو.

”نہ“ مون وراڻيو.

”آئون بہ ساڳي ڳوٺ هالا جي آهيان ۽ توهان جا سفرناما پڙهي مون کي ٻاهر نڪرڻ جو شوق ٿيو.“ هن ٻڌايو.

”ڏاڍو سُٺو. اها مون لاءِ همت افزائي آهي. نوجوانن کان ان قسم جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجي لکڻ جي شوق کي قائم رکان ٿو. هونءَ توهان تمام وڏو جمپ ڏنو آهي: نيو هالا کان نيويارڪ تائين“.

”توهان مون کي اڃان نہ سڃاتو! آپا عذرا سڃاڻو، جنهن توهان جي پاڻيٽن کي بہ پڙهايو آهي.“ ليليٰ پڇيو.

”بس بس. سڃاڻي ويس. توهان غلام محمد ڪيريو صاحب جي ڌيءَ آهيو.“ مون ٻڌايو مانس.

ڊاڪٽر ليليٰ جي وڏي ڀيڻَ عذرا هالا جي روشن تارا اسڪول ۾ ڪافي عرصو ٽيچر ٿي رهي. هوءَ قابل ۽ سخت Discipline واري هجڻ باوجود ٻارن جي دلپسند ٽيچر ٿي رهي

آهي. اسڪول مان گسائڻ تي پنهنجن پائڻ ۾ پاڻيچن جون عذرا کي مون بہ سفارشون ڪيون هونديون. اڄ سندس ڪيترائي شاگرد ۽ شاگرديائون ڊاڪٽر، انجنيئر، پوليس، فوج ۽ ٻين ادارن ۾ آهن. روشن تارا اسڪول ۾ پڙهائڻ بعد پاڻ حيدرآباد جي زبيده گرلس ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿي رهي ۽ پوءِ هالا جي ڪاليج جي پرنسپال بہ ٿي رهي. سندس شادي حيدرآباد جي ٽنڊو آغا جي رهواسي عبدالخالق قريشي سان ٿي ۽ اڄ ڪلهہ حيدرآباد ۾ ئي رهي ٿي. عذرا ڏهن ڀائرن ڀيڻن ۾ ٻئي نمبر تي آهي.

مون سان گڏ ڊاڪٽر مٺل وقاسي، آغا ظفر ۽ سندس زال زيب النساءِ، ڊاڪٽر خميساڻي ۽ ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ٻيٺل هئا. آغا ظفر مون سان گڏ ڪيترن ئي جهازن تي اليڪٽريڪل انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪيو، ان بعد هِتي آمريڪا ۾ اَچي Set ٿيو ۽ اڄڪلهہ آمريڪن جهازن جي هڪ سروي ڪمپنيءَ ۾ وڏو آفيسر آهي. سندس زال زيب النساءِ پُٽو پڻ اسان جي ڳوٺ هالا جي آهي ۽ سائين غلام رضا پُٽو جي ڌيءَ ۽ سنڌ يونيورسٽي جي رجسٽرار نواز علي پٽو ۽ هِتي آمريڪا ۾ رهندڙ ڊاڪٽر انور پُٽو جي ننڍي ڀيڻَ آهي. زيب النساءِ کي ٻڌايم تہ سندس والد صاحب، منهنجو پيءُ (گل محمد شيخ) ۽ ليليٰ جو پيءُ غلام محمد ڪيريو هڪ ئي عمر جا هئا (ٿئي 1920ع ۾ ڄاوا) ۽ گڏ پڙهيا. ليليٰ جو پيءُ وڏي عيال وارو هو ۽ ڀمراڙي ۾ رهيو ٿي. هن جو وڏو Credit آهي جو هن محنت ڪري، پنهنجن نياڻين کي بہ پڙهايو، جيتوڻيڪ هي اهو دور هو جنهن ۾ اجان ڇوڪرين جي پڙهائي بہ عام نہ ٿي هئي ۽ پري پري تائين ڪو گرلس اسڪول بہ نہ هو.

ڊاڪٽر ليليٰ ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر رمضان سان سانا جي چئن ڏينهن واري هن فنڪشن ۾ ٻي بہ ملاقات ٿي. ڊاڪٽر رمضان جي مائِٽي اسان جي پيٽارو جي ڪلاس ميٽ وزير علي شوري سان هجڻ ڪري آئون ڪيس 1958ع ۽ 1959ع وارن ڏينهن جون يادون ٻڌائيندو رهيس، جڏهن اسان حيدرآباد ۾ وزير شوري جي گهر ايندا هئاسين، جيڪو تلڪ چاڙهيءَ تي پگٽ اسڪول پرسان هو، جنهن جي سامهون سليم قريشي جو ”ادبيات“ نالي ڪِتابن جو دڪان ان وقت ۾ وڏي ڳالهہ هوندو هو. وزير شوري جو والد صاحب دائود شورو اسان جو ڏاڍو خيال رکندو هو ۽ ڪئڊٽ ڪاليج ميرپورخاص کان پيٽارو شفٽ ٿيڻ تي هو اسان کي پنهنجي ڳوٺ ٻڌاپور بہ وٺي هليو هو. سندس ٻيو پٽ ظفر شورو جيڪو وزير کان ٽي سال ننڍو آهي سو پڻ پيٽارو ۾ داخل ٿيو ۽ سنڌ جي بلڪ پاڪستان جي اهم شخصيت لياقت جتوئي، ڊي آءِ جي مرحوم محسن پنهور، هادي بخش جتوئي، پائلٽ ممتاز الحق، ائڊمرل فاروق رشيد ۽ جنرل سيد پرويز جهڙن جو ڪلاس ميٽ هو، پر افسوس جو هن پاڻ گهڻي ترقي نہ ڪئي.

وزير شورو وارن جو وڏو چاچو رمضان شورو صاحب سنڌ جي اهم شخصيت ٿي گذريو آهي، جنهن انگريزن جي ڏينهن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي ۽ اعليٰ عهدن تي رهيو، سندن

اولاد بہ اعليٰ تعليم يافتہ آهي، جن سان منهنجي بعد ۾ ڪراچي ۽ ولايت (خاص ڪري لنڊن) ۾ ملاقاتون ٿينديون رهيون. ڊاڪٽر ليليٰ جي مڙس ڊاڪٽر رمضان هنن سڀني ڪي سڃاتو ٿي ۽ هر هڪ جو حال احوال ٻڌائيندو رهيو. پاڻ محمد صالح انڙ صاحب جو فرزند آهي ۽ سندس اصل ڳوٺ ٻڏاپور جي پروارو ڳوٺ انڙپور آهي. ليليٰ ۽ رمضان جي ڄاڻ سڃاڻ ڄامشوري ۾ تعليم دوران ٿي ۽ شايد فائنل ييئر ۾ هئا تہ سندن شادي ٿي. کين پنج ٻار آهن. حرا ٻارهن سالن جي وڏي ڌيءَ آهي، ان بعد پٽ دانيال پوءِ مشعل ۽ پوءِ بہ ڄاڙيون ڌيئون ساران ۽ سُرهي اٿن. رمضان ٻڌايو پئي تہ سُرهيءَ جو نالو سندس (يا شايد ليليٰ) جي ڏاڏيءَ تان رکيو اٿن.

مٿي بہ لکي آيو آهيان تہ ڊاڪٽر ليليٰ جي والد صاحب سائين غلام محمد ڪيريو کي شاباس هجي جو هُنَ ڳوٺ ۾ رهي ڪري ۽ گهٽ روزگار جي باوجود ٻارن کي گهٽي کان گهٽي تعليم ڏياري. خاص ڪري نياڻين کي! هالا جهڙي شهر ۾، جِتي انهن ڏينهن ۾ ڇوڪرين جو اسڪول نہ هو، اتي ڊاڪٽر ليليٰ ۽ سندس ڀينرن بئائز اسڪول مان پڙهي بہ تعليم حاصل ڪئي. پروفيسر عذرا ۽ ڊاڪٽر ليليٰ کان وڏي ڀيڻ شميم آهي، جيڪا پڻ ڊاڪٽر آهي ۽ پنهنجي مڙس ڊاڪٽر گلشن ميمڻ سان گڏ نوابشاهہ ۾ ٺئي پرئڪٽس ڪري ٿي. ڊاڪٽر ليليٰ کان هڪ ننڍي ڀيڻ نسيم ڪيريو انجنيئر آهي، هن جي ۽ سندس مڙس عثمان ڪيريو جي B.E ٿيل آهي. سندس هڪ ڀاءُ حسين ڪيريو بہ B.E اليڪٽريڪل ۾ آهي، جنهن جي زال فهميده ڊاڪٽر رمضان انڙ جي ڀيڻ ٿئي. ڊاڪٽر ليليٰ جي هڪ ڀيڻ جنت ڪيريو پي ايڇ ڊي ڪئي آهي، جيڪا پنهنجي مڙس ابوبڪر سومرو سان گڏ ٽنڊو محمد خان ۾ رهي ٿي. ولايت ۾ (پاڪستان کان ٻاهر) ڊاڪٽر ليليٰ کان علاوه سندس ٻہ ڀيون ڀيٽيون بہ رهن ٿيون. هڪ سڀ ۾ ننڍي، جنهن جو نالو سورٺ ڪيريو آهي ۽ جنهن جي شادي انجنيئر فياض ميمڻ سان ٿي آهي اها فئملي سميت لنڊن ۾ رهي ٿي ۽ هڪ ان کان وڏي ياسمين، جيڪا هِتي پاڪستان ۾ فزڪس جي ليڪچرار هئي، پنهنجي انجنيئر مڙس جاويد قريشي سان گڏ هاڻ ڪئناڊا ۾ رهي ٿي.

## مرحوم محمد صديق گاجٽي جو اولاد آمريڪا ۾

هونءَ ڪو زمانو هو جو آمريڪا جهڙي ڏورانهين ملڪ جي وڏن شهرن ۾ بہ ڪو ورلي هم وطني پاڪستاني يا سنڌي نظر ايندو هو. هاڻ تہ اهو ڏسي تعجب ٿو لڳي تہ فقط اسان جي ڳوٺ هالا جا ٺئي ڪيترا آمريڪا ۾ رهن ٿا. اُهي نہ فقط وڏن شهرن ۾ پر ڳوٺن ۾ بہ رهن ٿا، ويندي آمريڪا جي ڏورانهين رياست هوائي جي ٻيٽ هونو لولو تي بہ اسان جي ڳوٺ هالا جو ڊاڪٽر خالد زمان آهي. خالد ٽي وي جي حوالي سان سنڌ ۾ بيحد مشهور آهي. سندس والد صاحب محمد صديق گاجٽي هالا جي پهرين چند شاگردن مان هڪ هو، جن

مئٽرڪ ڪئي. ٻيا ساٿي گڏ هئا، ڊاڪٽر اشرف متقي (مشهور طبيب عبدالغنيءَ جو فرزند)، سائين غلام رضا پُٽو، محمد سعيد انصاري (ڪمانڊر نجم انصاري جو والد ۽ سينيٽر عبداللطيف انصاريءَ جوسهرو) ۽ منهنجو والد صاحب گل محمد شيخ.

سائين صديق گاجٽي صاحب جهڙو صورت جو سهڻو هوندو هو تهڙو سيرت جو پاڻ نيڪ ۽ ايماندار آفيسر ٿي رهيو، جنهن جي دشمن بہ شاهدي ڏيندا. سندن آخري پوسٽون ڊائريڪٽر فوڊ ۽ ان بعد ڊپٽي ڪمشنر هيون. پاڻ 1985ع ۾ چاهٺ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون. پاڻ بيحد محنتي، تعليم جا طالبو ۽ يار ويس ماڻهو هئا. ڪين ست پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. وڏو پٽ ڊاڪٽر نذير چامشوري مان MBBS ڪرڻ بعد انگلينڊ هليو ويو، جِتي FRCS ڪيائين ۽ اتي هڪ آئرش ڇوڪريءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان ڪيس بہ پٽ ۽ ٻہ ڌيون ٿيون. منهنجو جهاز انگلينڊ ويندو هو. خاص ڪري ڊنڊي، هل (اسڪاٽلينڊ) پاسي تہ ڪڏهن ڪڏهن ساڻس ملاقات ٿي ويندي هئي. پاڻ اسان سڀني کان اڳ هيءَ فاني دنيا ڇڏي ويو. ڪيس ڪئنسر ٿي پيئي هئي ۽ 1995ع ۾ وفات ڪيائين.

سندس ٻيو نمبر پاڻُ ڪانئس سال ڏيڍ ننڍو ڊاڪٽر الطاف ميمڻ آهي، جنهن سان هن وقت هِتي آمريڪا ۾ مُلاقات ٿيندي رهي ٿي. ڊاڪٽر الطاف وارن جي يا ڪٽي چئجي تہ سندن والد چاچا صديق گاجٽي جي، عام طرح ذات تہ ميمڻ سڏجي ٿي، جو هالا جو ذري گهٽ سڄو شهر ميمڻ سڏيو وڃي ٿو، پر وڌيڪَ سڃاڻپ Identification لاءِ Sub-castes نکون ۽ پاڙا آهن، جيڪي مختلف ماڻهن تي هنن جي هنرن، اصل هنڌن تان جِتان هو هالا ۾ اچي رهيا يا ڪنهن وڏي جي نالي تي آهن. جيئن يونساٽي يا سوفياٽي، متقي، پروگرام، ڪيبرائي (ڪيبر ڪان آيل) اهڙي طرح هنن جا وڏا جيڪي وچ ايشيا، افغانستان ۽ ايران کان ايندڙ مختلف لشڪرن سان گڏ هِتي پهتا، جيڪي گاجٽي گاج رياست/علائقي جا هئا. حيدرآباد جي ٽنڊو ٺوڙهي وارن مرزائن وانگر (جن جي مرزا قليچ بيگ وارن سان مائِٽي آهي ۽ جن جا وڏا روسي رياست جارجيا کان آيا) هالا جي گاجٽين جي بہ پنهنجي Identity سڃاڻپ آهي. هي سڀ گهٽو ڪري قدآور، گوري رنگ جا، خوبصورت، Thorough gentlemen علم جا طالبو ۽ پورهيت آهن.

سائين محمد صديق گاجٽيءَ جو ٻيو نمبر پٽ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جيڪو گذريل 25 سالن کان هِتي آمريڪا ۾ رهي ٿو، تنهن نوڪري (تعليم ڏيڻ) کان وڌيڪَ علم حاصل ڪرڻ (طالب علم ٿي رهڻ) ڪي گهٽو وقت ڏنو آهي.

واشنگٽن جي هڪ هوٽل ۾ سنڌ يونيورسٽي جي فلاسافي شعبي جي اڳوٽي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ پروفيسر جاويد پُٽو صاحب ۽ سندس گهر واري نفيسہ هود پائي (اڳوٽي ڊان جي نمائندي ۽ هاڻ وائيس آف آمريڪا جي ڊائريڪٽر) طرفان هڪ هوٽل ۾ ڏنل دعوت ۾ ڊاڪٽر

الطاف جيڪو منهنجي اڳيان هو، مون تي نظر پوڻ تي، يڪدم بيهي هيڊ ٽيبل تي اڳيان ويهڻ لاءِ مون کي رستو ڏيڻ چاهيو. مون ڪيس زوريءَ اڳيان ڪيو.

”نہ سائين توهان اسان جا مهمان بہ آهيو تہ وڏا بہ.“ ڊاڪٽر الطاف مون کي Convince ڪرڻ لڳو.

”نہ اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي پر، توهان اسان لاءِ اهم علمي شخصيت آهيو ۽ سڀ کان مٿانهين درجي جي.“ مون ڊآڪٽر الطاف ميمڻ کي چيو. هو چرچو سمجهي کلندو رهيو ۽ ساڻس گڏ حميرا رحمان ۽ جاويد بہ مرڪڻ لڳا.

مون اتي موجود سيني کي ٻڌايو، ”خبر اٿانوَ هالا اهو اهم شهر آهي، جنهن جاماڻهو ڪيترن ئي اعليٰ قسم جي تعليمي ادارن جا هيڊ ٿيا. هن حميرا رحمان جي والد صاحب جناب حسن علي عبدالرحمان ميمڻ، ڊاڪٽر حسن ميمڻ، عبدالرزاق ميمڻ، سائين احمد علي انصاري ۽ ٻيا ڪيترا ملڪ جي يونيورسٽين جا وائيس چانسلر، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ڪاليجن جا پرنسپال ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ رهيا. اتفاق اهڙو آهي جو هن وقت ڪو بہ هالا جو ماڻهو ڪنهن بہ وڏي تعليمي اداري جو هيڊ نہ آهي، جيڪي هئا سي بہ رٽائرڊ ٿي ويا. اهڙي صورت ۾ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ اسان لاءِ اهم آهي جو سڀ کان گهڻو تعليم يافتہ آهي ۽ نيويارڪ جي الباني يونيورسٽيءَ ۾ ڊين آهي.“

پري کان خالد هاشماڻي ٻيٺو هو. تنهن اها ڳالهہ ٻڌي پنهنجو روايتي ٺهڪ ڏنو. ”نہ بابا؟“

”نہ بابا وري ڇا. سچ ٿو چوان.“ مون وراڻيو.

”يار ڊاڪٽر الطاف معاف ڪجانءِ.“ خالد هاشماڻي پنهنجو Sense of Humor قائم رکندي، ڊاڪٽر الطاف کي چيو، ”اسان تہ هيستائين توکي پاڻ جهڙو سمجهيو ويٺا هئاسين. يارو! اڄ ڏينهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر الطاف کي خاص عزت جي نِگاهہ سان ڏسجو.“

جواب ۾ منهنجي پٺيان ٻيٺل مامي جموءَ (عبدالعليم بروهيءَ) خالد هاشماڻيءَ جو تڪيو ڪلام ورجايو:

”نہ بابا!“

اسان جي ڳوٺ جو ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جڏهن NED ڪاليج مان B.E ڪري رهيو هو ۽ پاڪستان چوڪ جي مشهور هاسٽل مينارام ۾ رهندو هو تہ منهنجي انهن ڏينهن ۾، هن سان آخري ملاقاتون ٿيون. منهجو جهاز ڪراچي ايندو هو تہ الطاف ۽ هالا جو هڪ ٻيو انجنيئر مرحوم عبدالعزيز ٻنون (جيڪو الطاف کان شايد هڪ سال سينيئر هو) مون وٽ جهاز تي ايندا هئا ۽ آئون شهر مان موٽندو هوس ۽ مانيءَ جو ٽائيم هوندو هو تہ هنن وٽ مينارام هاسٽل ۾ ماني کائي ايندو هوس. ميناارام هاسٽل ۾ ولي محمد جي ميس مشهور هئي.

ڊاڪٽر الطاف 1972ع ۾ سول انجنيئرنگ ۾ B.E جي ڊگري حاصل ڪئي. سندس پروجيڪٽ "Structural Design of a Gymnasium" هو.

ڊاڪٽر الطاف سان ان بعد وري ڪراچيءَ ۾ ملاقات نہ ٿي. هن ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ مان 1975ع مان انجنيئرنگ ۾ ماسٽرس (M.E) ڪئي ۽ ان بعد آمريڪا جي يونيورسٽي آف پٽسبرڪ مان Environmental Engineering ۾ MSc 1979ع ۾ ڪئي. ڪيس ساڳي يونيورسٽيءَ مان MPW (ماسٽر آف پبلڪ ورڪس) جي ڊگري مليل اٿس. اڳتي هلي هن ساڳيءَ يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. ان بعد هِتي (USA) ۾ ئي نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ مختلف رياستن جي تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ بعد گذريل ٻن سالن کان نيويارڪ جي الباني يونيورسٽي ۾ (Dean) آهي. ان کان اڳ 1997ع کان 2004ع تائين يونيورسٽي آف ميريلئنڊ ۾ اڪيڊمڪ ڊائريڪٽر ۽ پروفيسر پڻ ٿي رهيو هو.

ڊاڪٽر الطاف ميمڻ (گاجڻي) ڪانپوءِ ٽيون نمبر ڀاءُ ڊاڪٽر نثار آهي، جنهن ڪراچيءَ جي ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان MBBS ڪئي، هو ٽي سال کن ايران بہ رهيو. اڄ ڪلهہ ڪراچي جي اسڪن سينٽر ۾ چمڙيءَ جي بيماريءَ جو Specialist ماهر آهي. ان بعد ڊاڪٽر سليم پرويز صوفي صاحب آهي، جيڪو سدائين گيڙو ڪپڙا پائڻ ڪري سڄي حيدرآباد ۾ چاتل سڃاتل شخصيت آهي. پاڻ لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان MBBSڪرڻ بعد ٻہ سال انگلينڊ رهيو، پر هن کي نہ لنڊن پسند آيو نہ ڪراچي. راڻي ايلزبيٿ طرفان مليل "ڪڏهن نہ سج لهندڙ" حڪومت ۽ ملڪ جو پاسپورٽ ڦاڙي جو اچي حيدرآباد جي سٽيزن سوسائٽي ۾ رهيو آهي تہ سندس ٻار بہ اچي يونيورسٽين ۾ پڙهيا آهن. گهر، مسجد ۽ ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ سندس خاص مشغلو آهي. ڪيس ٻہ ڌيئون ۽ هڪ پٽ آهي، جيڪي پڻ پنهنجي پيءُ، چاچن ۽ ڏاڏي وانگر پڙهائيءَ ۾ سٺي پوزيشن کڻي رهيا آهن.

ڊاڪٽر صوفي بعد پنجون ڀاءُ امير آهي، جيڪو ڊاڪٽر ٿيڻ بدران انجنيئر ٿيو. پاڻ ڪجهہ سال سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ بعد واشنگٽن هليو آيو ۽ هاڻ ٻارن ٻچن سميت هِتي آمريڪا ۾ رهي ٿو. پاڻ ۽ سندس زال ٻئي نوڪري ڪن ٿا. بقول سندن هنن ملڪن ۾ فزيڪل ڪم ڪٺي آهي، يعني ڊيوٽي ايمانداري سان ۽ گهٽي ڏجي ٿي، پر ذهني سڪون تمام گهڻو آهي. ڪو بہ جيتري محنت ڪري ٿو تہ ان کي ان جو Reward مليو وڃي ۽ هِتي آمريڪا ۾ ٻارن جي اعليٰ تعليم ۽ بهتر نوڪريون حاصل ڪرڻ جو مستقبل آهي.

چاچا صديق جو ڇهون پٽ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جو گرئجوئيٽ ڊاڪٽر سرفراز آهي. هو اڄڪلهہ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ ئي ڪم ڪري ٿو ۽ ڪڏهن حيدرآباد تہ ڪڏهن اباڻي گهر هالا ۾ رهي ٿو، جِتي سندس ڦڻيون پڻ رهن ٿيون.

سندن نندي ڀاءُ ڊاڪٽر خالد زمان جو احوال شروع ۾ ڪري چڪا آهيون، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو ڊاڪٽر کان وڌيڪ ٽي وي آرٽسٽ جي حيثيت سان سڃاڻن ٿا. ستن ڀائرن جي اڪيلي ڀيڻ فرزانا جي شادي مٽياري ۾ ٿيل آهي۽ هوءَ اتي ئي رهي ٿي.

## سڀ هتڙي ئي تہ آهيون......

بهرحال اسان آمريڪا ۾ رهندڙ هالا جي ماڻهن جي ڳالهہ ڪري رهيا هئاسين تہ ڊاڪٽر ليليٰ ۽ ان جي ڀيڻ ياسمين کان علاوه سائين غلام رضا پُٽو صاحب جو فرزند ڊاڪٽر انور پُٽو ۽ ان جي ڀيڻ مسز آغا ظفر ۽ چاچا صديق گاجٽي جي ٽن پٽن کان علاوه نجم ميمڻ جيڪو آمريڪا جي لاٽري اسڪيم ۾ اڄ کان ڏهہ سال اڳ هِتي آيو، جنهن جو دلچسپ احوال اڳتي هلي تفصيل سان لکبو. عرساڻي فئملي جا ڪيترائي ميمبر، مشهور شاعر ۽ پرنسپال سليم هالائيءَ جو پوٽو رضوان ابڙو، نصير ابڙو جج جي ڌيءَ ثميرا ۽ ٻيا هِتي آمريڪا ۾ رهن ٿا. اهي سڀ اهي آهن جن سان منهنجي پهرين کان واقفيت آهي. منهنجي ڳوٺ جا ضرور ٻيا بہ ڪيترائي هوندا جيڪي آمريڪا جي ڏورانهين رياستن ۽ شهرن ۾ رهيل هُجن، جن کان فقط سندن دوست ۽ ويجها مائٽ ئي واقف هجن. جيئن هڪ ڏينهن بالٽيمور جي بندرگاهہ ۾ پنهنجي ڳوٺ جي جهازي انجنيئر شاهنواز سومرو سان ملاقات ٿي. مون سمجهيو هو اڄان تائين جهازن تي آهي ۽ سندس جهاز هن بندرگاهہ بالٽيمور ۾ ڪو آيل آهي، پر هن ٻڌايو تہ هن جهازي نوڪري ڏهاڪو کن سال اڳ ڇڏي ڏني ۽ هِتي ڪمپيوٽر سائنس ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد هِتي ئي نوڪري ۾ لڳي ويو ۽ هاڻ ڪيس پنهنجو بزنيس آهي، جنهن ۾ هِتي جا مڪاني ماڻهو بہ نوڪري ڪن ٿا. پاڻ ڪو سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ پورٽلينڊ شهر کان ٻن ڏينهن کان هِتي آيل هو ۽ اهو واقعي عجيب اتفاق هو جو اسان ٻنهي جو بالٽيمور ۾ هجڻ ڪري ملاقات ٿي وئي، نہ تہ آمريڪا جي جنهن رياست Oregon ۾ هن جو گهر ۽ بزنس آهي، اها هِتان، نيويارڪ يا بالٽيمور کان ايترو پري آهي جيترو ڪراچي کان سنگاپور. بهرحال مطلب اهو آهي تہ اڄڪلهہ آمريڪا (USA) جهڙو ڏورانهون ملڪ بہ ڊاريون يا اوپرو نٿو لڳي. سنڌ جي بہ هر شهر هر ڳوٺ جو ڪو نہ ڪو ماڻهو مليو وڃي. هر هڪ جو ڪو نہ ڪو ويجهو نہ تہ ڏورانهون مائٽ مٿ مليو وڃي ۽ اها اڪيلائي ۽ ڌارياڻپ محسوس نٿي ٿئي، جيڪا ٽيهہ چاليهہ سال اڳ هِتي USA ۾ ٿِي ٿي. ڪن ڪن ڳوٺن، ذاتين ۽ قبيلن جا تہ ايترا ماڻهو آهن جو "سڀ هتڙي ئي تہ آهيون" وارو چرچو ياد اچي ٿو.

ڪنهن قيديءَ سان ڪو بہ ٻاهران ملڻ نٿي آيو. هڪ ڏينهن جيلر پڇيس سڄو سال گذري ويو آهي، پر توسان ڪو بہ ٻاهران ملڻ نہ آيو آهي. قيديءَ ٻڌايس تہ هن جو ڪو بہ مٿ مائٽ ناهي جو ملڻ اچي.

"ڀلا ڪو سوٽ ماسات؟"

”نہ سائين.“

تنهن تي جيلر حيرت مان چيس، ”پوءِ هِتي جيل ۾ اڪيلائي محسوس نہ ٿو ڪرين؟“

”نہ سائين ڇا جي اڪيلائي. سڀ مائٽ مٽ هتڙي ئي تہ آهن.“

سو اسان جي ڳوٺ جي عرساڻين يا ٽنڊي جي قلباڻين، ٽنڊو محمد خان جي ڏاهرين، ماتلي ۽ ٽنڊو سومرو پاسي جي نظاماڻين ۽ ٻين ڪيترن کي هر سال وڏا وڏا پاڙا پري ڳوٺ وڃي مائٽن مٽن سان ملڻ جي ڪا ضرورت ناهي، جو انهن مان گهڻي ڀاڱي هِتي آمريڪا ۾ ئي رهن ٿا.

# آمريڪا جو دلپسند صدر ڪينيڊي

ٻـ چار لفظ آمريڪا جي صدر ڪينيڊي بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪو اسان جي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ (جڏهن اسان انٽر ڪري، پروفيشنل تعليمي اداري ۾ جهاز رانيءَ جو علم سکڻ لاءِ گهڙيا هئاسين) اسان شاگردن جو مشهور ۽ دلپسند ماڻهو هو. آئون صدر نڻو چوان، اهو پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هو.

اڄڪلهہ يعني گذريل ويهن ٽيهن سالن کان ڏسان پيو تہ آمريڪا جو هر صدر عتاب ۾ آهي يعني سڄي دنيا جون گاريون کائيندو رهي ٿو. دنيا جي هر ملڪ جو ماڻهو وس پڄي تہ هو رهڻ بہ آمريڪا USA ۾ ٿو چاهي، ساڳي وقت گاريون بہ آمريڪا جي عوام ۽ حڪومت کي ڏئي ٿو. پر سٺ جي شروع وارن سالن ۾ جڏهن ڪينيڊي آمريڪا جو پنجٽيهون صدر چونڊجي آيو هو، تہ هو پنهنجي دلچسپ شخصيت ۽ خوبصورت شڪل ڪري نوجوان طبقي ۾ ائين پاپولر هو جيئن ڏهاڪو کن سالن بعد ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي پسند ڪيو ويو هو. اسان جي نيول اڪيڊميءَ ۾ اسان ڪئڊٽن ٿي سگهي ٿو تہ ڪينيڊيءَ کي ان ڪري بہ پسند ڪيو ٿي تہ هو سئو نيول آفيسر هو. هن جي ان بهادري ۽ همٿ کان هر ڪو واقف هوندو تہ 1943ع ۾ (جڏهن اجان ٻي جنگ عظيم هلي رهي هئي) ۽ هي هڪ ننڍڙي ٻيڙيءَ نما جهاز تي ڪمانڊنگ آفيسر هو تہ هڪ وڏي جپاني destroyer جهاز هن جي مٿان جلهہ ڪري، سندس ٻيڙي کي ٻوڙي ڇڏيو. ڪينيڊي جيتوڻيڪ تمام گهڻو زخمي ٿي پيو، پر تنهن هوندي بہ هن اڪيلي سر، اونداهي ۽ طوفاني رات ۾ بچي ويلن کي مشڪل مان ڪڍي سلامتيءَ سان ڪناري تي اندو.

آمريڪا جو هي صدر ڪينيڊي (سڄو نالو جان فزگرالڊ ڪينيڊي) ليکڪ بہ هو. هن کي سندس هڪ ڪِتاب Profiles In Courage تي پلٽرز پرائيز بہ مليو. هي ڪِتاب 1956ع ۾ پهريون دفعو ڇپيو ۽ اسان جي مئرين اڪيڊمي چٽگانگ جي لئبرريءَ ۾ ان جو ٻيو يا ٽيون ڇاپو موجود هو، جنهن کي ڪيترن ئي ڪئڊٽن شوقَ سان پڙهيو. ان کان اڳ هارورڊ ڪاليج مان 1940ع ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ وقت جيڪا هن Why England Slept ٿيسز لکي، سا بہ بيحد دلچسپ آهي ۽ اِهو ڪِتاب پنهنجي وقت جو Best Seller ڪتاب پڻ رهيو.

ڪينيڊي آمريڪا جو ننڍي ۾ ننڍي عمر وارو صدر هو. هن لاءِ دنيا جي ماڻهن کي پيار يا همدردي شايد ان ڪري بہ آهي جو هن جيتوڻيڪ چڱا ڪم پئي ڪيا پر هن کي صدارت دوران قتل ڪيو ويو. سندس اصل قاتلن جو اڄ ڏينهن تائين پتو نہ پئجي سگهيو آهي. مرحوم ڀُٽي وانگر سندس تقريرن جا بہ ڪي ڪي جملا نوجوان ٿهي ۾ ڏاڍا مشهور هوندا هئا. سندس Inaugurat تقريرَ جو هي جملو مون کي اڄ بہ ياد آهي جيڪو ان وقت اسان ڀڏي واهہ ڪئي هئي ۽ رکي رکي ورجائيندا رهندا هئاسين.

“Ask not what your country can do for you, ask what you can do for your country”

ڪينيڊيءَ جا وڏا آئرلينڊ کان آمريڪا آيا هئا. پاڻ 1917ع ۾ مئساچوسيٽ رياست جي شهر بروڪلائين ۾ ڄائو. سندس اڻ ڀائر ۽ ڀينرون هئا. هو انٽرنيشنل رليشن ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ بعد نيوي ۾ ڀرتي ٿيو. ٻي وڏي لڙائي ختم ٿيڻ تي بوسٽن واري علائقي مان ڊيموڪريٽ ڪانگريس مئن چونڊيو. 1953ع ۾ سينيٽ ۾ داخل ٿيو. ان ئي سال جئڪلين سان شادي ڪيائين. 1961ع واري اليڪشن ۾ ريپبلڪ جي نمائندي رچرڊ نڪسن جي مقابلي ۾ اليڪشن کٽي، ملڪ جو پنجٽيهون صدر ٿيو.

ڪينيڊي جي ڏينهن ۾ روس بہ زور تي هو. اڄ وانگر آمريڪا دنيا جو اڪيلو سپر پاور نہ هو. ڪن ڪن ڳالهين ۾ تہ لڳندو هو تہ روس آمريڪا کان گهٽ طاقتور ۽ خوفناڪ آهي. ڪينيڊي جي ڏينهن ۾ روس پنهنجي حامي ملڪ ڪيوبا ۾ نيوڪليئر ميزائيل فٽ ڪرڻ ٿي چاهيا. ڪيوبا ڀيٽ آمريڪا (خاص ڪري ان جي فلوريڊا رياست) کان سڌ پنڌ تي آهي. سچي دنيا تجسس ۾ اچي وئي تہ هاڻ اڄهو ٿو آمريڪا جو ٻيڙو ٻُڏي ۽ آمريڪا جو ننڍي عُمر جو صدر ڪينيڊي، جنهن کي صدر ٿئي اڃا سال بہ نہ ٿيو، اهو ٿو هيڻائين وٺي. ڇو جو ٻيءَ صورت ۾ دنيا نيوڪليئر جنگ جو شڪار ٿي ويندي. پر ڪينيڊي وڏي دليري سان روس کي اهڙو تہ دڙڪو ڏنو، جو هو چوويهہ ڪلاڪن اندر ڪيوبا مان پنهنجا ميزائيل پٽرائي ڇِتان آيو هو اوڏانهن روانو ٿي ويو. ان وقت ئي ڪيترن ڏاهن اها ڳالهہ ڪئي تہ روس رڳو ٻاهريون ڀيڪو ڪري رهيو آهي باقي اندران ڪوڪلو آهي ۽ هڪ نہ هڪ ڏينهن اچي پٽ پوندو. بهرحال، جيڪو هر هڪ محسوس پئي ڪيو تہ ڪينيڊي جي دڙڪي تي روس آمريڪا جي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي چوندو تہ تنهنجي اهڙي يا تهڙي.... سو نہ ٿيو. هڪ دفعي وري ڪينيڊيءَ جي واهہ واهہ ٿي وئي ۽ سندس نوڪري پڪي ٿي وئي ۽ هو پنهنجي Goal ڏي وڌڻ لڳو، جيڪو هو:

“A work of law and free choice, banishing the world of war and coercion.”

بهرحال روس کُلي طرح وري آمريڪا جو نالو نہ ورتو. يونائيٽيڊ نئشن جي اسيمبلي ميٽنگن ۾ خروشچيف پنهنجو جوتو لاهي ٽيبل تي ٺوڪيندو رهيو. ڪيوبا جو فِڊل ڪاسٽرو پڻ گجگوڙ ڪندو رهيو پر بقول اسان جي پيارو جي ساٿي ڪمڊور زين العابدين شاهہ جي (جيڪو آمريڪا ۾ ڪافي وقت رهيو آهي) ۽ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت کان واقف آهي) ڪيوبا جا اهي فقط هوائي دڙڪا هئا. بهرحال روس جي آمريڪا کي ڌڪ پٽيو تہ اهو ويٽنام جنگ ۾، جنهن جو بدلو آمريڪا وارن افغانستان مان روسين کي ڀڄائي لٽ پٽ ڪيو.

### ڪينيڊيءَ جا قاتل ڪير هُئا؟

22 نومبر 1963ع تي ڪينيڊي پنهنجي زال سان گڏ تقريري دوري تي ٽيڪساز رياست جي شهر ڊلاس ۾، کليل موٽرڪيڊ ۾ لنگهي رهيو هو، تہ ڪيس گولي لڳي ۽ پنهنجي زال جئڪلين جنهن کي پيار مان جئڪي سڏيندو هو، ان جي پانهن ۾ وڃي ڪريو.

آمريڪا جي هن صدر ڪينيڊيءَ جِتي جيئري ڪيترين ئي حيران ڪندڙ ڳالهيون ڪري ڏيکاريون، ويندي ناسا طرفان خلا ۾ راڪيٽ چڙهڻ جو پروگرام بہ ڪينيڊيءَ شروع ڪرايو، اتي سندس وفات بعد بہ سندس ڪيترين ئي ڳالهين سندس ملڪ جي ماڻهن سان گڏ دنيا کي بہ حيران ڪري ڇڏيو. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ دنيا جي اهڙي اهم ماڻهوءَ جي قتل جي اڄ ڏينهن تائين خبر پئجي نہ سگهي آهي تہ ان قتل جي پٺيان ڪهڙا سبب هئا ۽ اصل قاتل اهو ئي هو جنهن کي پوليس اڳيان ڪيو يا ڪو ٻيو.

22 نومبر 1963ع تي جمعي ڏينهن ساڍي ٻارهين بجي ڪينيڊي جي کليل موٽر ڪار تي گولين جو وسڪارو ٿيو. شامَ جو ستين بجي اوسوالڊ (Lee Harvey Oswald) نالي هڪ همراهہ کي ڊلاس شهر جي هڪ پوليس واري کي  مارڻ جي ڏوهہ ۾ جهليو ويو ۽ پوءِ ان ئي شخص تي رات جو ساڍي يارهين بجي اهو الزام مڙهيو ويو تہ هن صدر ڪينيڊيءَ جو بہ قتل ڪيو آهي. يعني ساڍن ڇئن ڪلاڪن بعد اوسوالڊ تي صدر جي خون جي بہ چارج لڳائي وئي. اوسوالڊ پوليس جي ئي ڪسٽڊي ۾ هو، يعني لاڪپ وغيره ۾ تہ ٻن ڏينهن بعد جئڪ ربي نالي هڪ ٻئي همراهہ اوسوالڊ کي گولي هڻي ماري ڇڏيو. ڪينيڊيءَ جي مرڻ بعد لِنڊن جانسن، جيڪو پهريون وائيس پريزيڊنٽ هو، ملڪ جو صدر ٿي ويو، جنهن اوسوالڊ جي قتل کان پورا پنج ڏينهن پوءِ ڪميٽي ناهي تہ قتل جي جاچ ڪئي وڃي. ان ڪميٽيءَ (Waren Commission) اها رپورٽ ڏني، تہ اوسوالڊ اڪيلي سر قاتل هو. بهرحال نقادن تن ڏينهن ۾ ئي ان قتل بابت ڪيترين ئي ٿيورين ٻڌايون تہ ڪينيڊي جو قاتل هڪ عام ماڻهو Oswald نہ هو. اوسوالڊ پاڻ بہ پوليس لاڪپ ۾ اهو چوندو رهيو تہ هن ڪينيڊيءَ تي گوليون ناهن هلايون ۽ ڪيس ٻئي جي بدران استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اهو فوٽو جنهن ۾ هو بندوق سان ڏيکاريل آهي اهو سندس نہ، پر ڪنهن ٻئي جو آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تيار آهي تہ سندس چهرو بندوق جهلي بيهڻ واري همراهہ جي منهن تي چنبڙائي پوءِ ٻيو فوٽو ڪڍيو ويو آهي.

اوسوالڊ جي پنهنجي قتل بعد سندس ڏوهہ يا معصوميت ڪورٽ ۾ ثابت ٿي نہ سگهي. ڪيترائي ڏوهن جي دنيا جا ڄاڻو اهو ئي سمجهن ٿا، بلڪ پڪ اٿن تہ اصل قاتلن کي بچائڻ لاءِ اوسوالڊ کي اڳيان ڪيو ويو هو.

ڪينيڊي جي قاتل جي ڳولا بابت ڪيترين ئي ڪهاڻيون، ناول، فلمون ۽ افسانا ڇپجي چڪا آهن جن ۾ گهٽي پاڳي جن تي شڪ جو اظهار ڪيو ويو آهي انهن مان ڪجهہ

هي آهن: آمريڪا جي CIA، مافيا، روس جي KGB، ڪيوبا جو فِدل ڪاسترو، آمريڪا جو وائيس پريزيڊنٽ لِنڊن جانسن ۽ آمريڪي فوجي جرنيل وغيره.

ڪينيڊي جي لاش کي هميشہ لاءِ آرلنگٽن قومي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. آمريڪا جا ماڻهو ڪينيڊي، ابراهم لنڪن، جارج واشنگٽن ۽ فرئنڪلن روز ويلٽ کي آمريڪا جا بهترين صدر مڃين ٿا. ڪينيڊي جي ياد ۾ نيويارڪ جي Ideewilk هوائي اڏي جو نالو بدلائي جان ايف ڪينيڊي رکيو ويو. سندس ياد ۾ جيڪا ٽپال جي ٽڪلي شايع ڪئي وئي، ان جي اڌ تي سندس تصوير آهي ۽ ٻئي اڌ تي ڏيو ٻَري رهيو آهي، جنهن جي مٿان لکيل آهي:

"And the glow from that fire can truly light the world."

ان کان علاوه ڪينيڊي جي ياد ۾ ٻيون شيون، جيڪي آمريڪا ۾ نظر اچن ٿيون، هن ريت آهن:

- آمريڪا (USA) نيوي جي هڪ وڏي ايئر ڪرافٽ ڪئريئر جو نالو USS John F. Kennedy آهي.
- آمريڪا جي صدارتي لئبرري جو نالو ڪينيڊي لئبرري آهي.
- ڪئليفورنيا جي تعليم بالغان جي يونيورسٽي جو نالو ڪينيڊي يونيورسٽي آهي.
- Cape Canaveral جو نالو ڪيپ ڪينيڊي رکيو ويو پر اڄڪلهہ وري ساڳي نالي سان سڏجي ٿي.
- سڄي آمريڪا ۾ سوين اسڪول ڪينيڊي جي شانَ ۾ سندس نالي تي آهن.
- آمريڪا جي اڌ ڊالر واري سڪي تي ڪينڊي جي شڪل آهي وغيره وغيره.

## جئڪي اسان جي فئوريٽ، اوناسز اسان جو باس

صدر ڪينيڊي سان وابستہ حيرت ۾ وجهندڙ ۽ چرڪائيندڙ ڳالهين ۾ اها بہ آهي تہ صدر ڪينيڊي جي نوجوان ۽ خوبصورت زال جئڪلين پنهنجي مڙس جي قتل بعد نہ فقط شادي ڪئي پر هن پاڻ کان تمام گهٽي پوڙهي (28 سال وڏي) ڌارئين ملڪ (يونان) جي واپاري (جهازن جي سوداگر) سان شادي ڪئي. جئڪلين جيڪا پنهنجي مڙس ڪينيڊي جي مرڻ تي منهن تي ڪارو نقاب چاڙهي غمگين ٿي پئي هلندي هئي. تنهن جي هن اوچتي شاديءَ تي دنيا جي ماڻهن کي وڏي حيرت لڳي ۽ دلچسپ ۽ چٽپٽو مواد لکڻ لاءِ نہ فقط شام جي اخبارن کي مهينن لاءِ مواد ملي ويو پر ٽائيم ۽ نيوز ويڪ جهڙن رسالن بہ پنهنجا ٽائيٽل ڪور وقف ڪري ڇڏيا. منهنجي خيال ۾ اڄ جي ٿهيءَ جي شهزادي ڊائنا بابت ايترو گهٽو ۽ ايتري شوقَ سان ۽ ايتري وڏي عرصي تائين نہ پڙهيو هوندو، جيترو اسان ان وقت 1961ع کان ڪينيڊي جي ايڪشن، قتل، جئڪي جي شادي ۽ سندس ان پوڙهي مڙس جي مرڻ ۽ ان بعد ڇڏيل ملڪيت ۽ اوناسز جي پهرين ڪنهن زال جي ڌيءَ ۽ جئڪلين جي

جهڳڙن ۾ آخر ۾ جئڪلين جي مرڻ تائين اسان پڙهيو هوندو ۽ ڪينيڊي ۽ ان جي فئملي، جئڪلين ۽ جهازن جي يوناني سوداگر اوناسز تي جيترا ڪِتابَ ۽ ڪهاڻيون ڇپيون هونديون، اوتريون ورلي ڪنهن ٻئي بابت اڄ جي دور ۾ شايع ٿيون هونديون. اسان جي ڏينهن ۾ انٽرنيٽ يا ٽي وي بہ تہ اجان ايڏو پاپولر نہ ٿي هئي ۽ اسان Bay Watch يا "ساس بهي ڪڀي بهو ٿي" جهڙا پروگرام ڏسي، دل وندرائڻ بدران ڪينيڊي، جئڪلين اونساسز جهڙن جون ذاتي ڳالهيون ۽ اسڪينڊل پڙهي خوش ٿيندا هئاسين.

جئڪلين جا وڏا فرينچ هئا. سندس پڙڏاڏو يا ٽڙڏاڏو مائيڪل بوويئز 1815ع ۾ فرانس ڇڏي اچي فلڊلفيا ۾ Settle ٿيو هو. جئڪلين پاڻ بہ انگريزيءَ کان علاوه فرينچ ۽ هسپانوي زبانن ۾ پڙ هئي. هوءَ 23 سالن جي هئي ۽ واشنگٽن ٽائيمز اخبار ۾ فوٽوگرافر طور ڪم ڪري رهي هئي تہ هن جي 1952ع ۾ ڪينيڊيءَ سان ملاقات هڪ ڊنر پارٽي ۾ ٿي. ان وقت ڪينيڊي 35 سالن جو هو. سال کن جي دوستي بعد 1953ع ۾ سندن شادي ٿي. پورن ڏهن سالن بعد ڪينيڊي جو قتل ٿيو، جئڪلن ان وقت 34 سالن جي هئي. پنجن سالن بعد هن مسٽر اوناسز سان شادي رچائڻ جو اعلان ڪيو. ظاهري طرح هيءَ شادي 1968ع ۾ وڏي ڌوم ڌام سان ٿي پر پوءِ ٿورن ئي سالن ۾ هنن جا ملڪيت ۽ ٻين ڳالهين تان جهيڙن جا قصا اخبارن ۾ ايندا رهيا. جئڪلين بدران اوناسز جڏهن پئرس ۾ ڪنهن خوبصورت ماڊل يا ائڪٽريس سان ڊنر کائيندي ڏٺو ويو ۽ جئڪلين کي نيويارڪ ۾ پنهنجن هم جيڏين سان گهمندو ڏٺو ويو تہ ڪيترن ئي کي تشويش ٿي. اخباري نمائندن جي گهڻي پڇ پڇ تي هڪ دفعي اوناسز جيڪو بيان عام لاءِ جاري ڪيو، ان ڪيتري حد تائين افواهن ۾ ماٺار آندي. پڪ سان نٿو چئي سگهجي پر سندس اهي ڊائلاگ اجا تائين منهنجي ڪاپيءَ تي درج ٿيل آهن جن مان لڳندو هو تہ يوناني پوڙهو واهہ جي فلاسافي ٿو ٺوڪي ۽ ادب جي پالوٺ ٿو ڪري، اچي:

Jackie is a little bird that needs its freedom as well as its security and she gets them both for me."

هن وڌيڪَ چيو:

She can do exactly as she pleases - visit international fashion shows and travel and go out with friends to the theatre or any place. And I of course, will do exactly I please. I never question her any and she never questions me."

انهن ڏينهن ۾ اسان کي وٺندي جئڪي (جئڪلين) هئي پر اسان جو صاحب ۽ پريو مڙس اوناسز هو، جو اسان جي ڪيترن ڪلاس ميٽن هن جي يوناني جهازن تي نوڪري ڪئي ٿي ۽ هن پنهنجي ڪم وارن جو وڏو خيال رکيو ٿي.

اوناسز ۽ جئڪي جي وچ ۾ ويا ويڇا وڌندا. هنن هڪ ٻئي کان کلئي عام طلاق نہ ورتي، باقي آخر تائين پاڻ ۾ نهيا ڪونہ. ايتري قدر جو اوناسز ڏٺو تہ سندس مرڻ بعد يونان جي قانون مُطابق سندس ملڪيت جو چوٿون حصو جئڪلين کي ملندو، سو پنهنجي ملڪ جي پارليامينٽ جي ميمبرن کي ڏاڍو چيائين تہ هو ڪو قانون پاس ڪرائين، جنهن ۾ بيواهہ عورتن جو حصو رد ڪيو وڃي. 1975ع ۾ جڏهن اوناسز پئرس ۾ وفات ڪئي، تہ هن سان گڏ سندس يوناني ڌيءَ ڪرسٽينا هئي. جئڪي نيويارڪ ۾ رهيل هئي. اوناسز جي ڇڏيل ملڪيت جي سلسلي ۾ ڪيس هليو ۽ ٺاهہ مُطابق جئڪيءَ کي ويهہ ملين ڊالر مليا. جيتوڻيڪ هن جي حصي ۾ 125 ملين ڊالرن کان بہ مٿي آيو ٿي.

جئڪيءَ زندگيءَ جا آخري ڏينهن آمريڪا ۾ ئي گذاريا ۽ 19 مئي 1994ع تي وفات ڪيائين. ڪيس سندس پهرين مڙس جي پر ۾ دفن ڪيو ويو.

اوناسز جو سچو نالو ارسٽائلز ساڪرٽس اوناسز هو. پاڻ 15 جنوري 1900ع تي سلطنت عثمانيہ جي شهر Smyrna ۾ ڄائو. (جيڪو هينئر ترڪيءَ جو شهر ازمير آهي) پهرين جنگ عظيم بعد ترڪن يونانين کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ اوناسز وارا بہ پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي يونان هليا ويا. جِتان پوءِ اوناسز ارجنٽائين (ڏکڻ آمريڪا) 1920ع ۾ پهچي، پنهنجن وڏن جو تماڪ جو ڌنڌو سنڀاليو. 1925ع ڌاري هن کي يونان ۽ ارجنٽائين جو پاسپورٽ مليو. 1950ع ۾ هن پهريون پاڻيءَ جو جهاز خريد ڪيو جنهن تان اٿندي ئي ڪيس ايڏو فائدو ٿيو جو هڪ ٻئي پويان ڪيترائي جهاز خريد ڪندو رهيو. ان کان علاوه دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ سندس هوٽلون هلڻ لڳيون. يونان جي مشهور هوائي جهازن جي ڪمپني Olympic Airlines جو مالڪ بہ اوناسز هو ۽ هاڻ سندس پهرين زال جي 56 سالن جي ڌيءَ ڪرسٽينا آهي.

# ڪهڙو آمريڪا؟

اسان ڪهڙي آمريڪا جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون؟ توهان جي اڳيان جي دنيا جو گولو آهي ۽ ان کي گول ڦيرائي ڏسندؤ ته پهرين نظر ۾ ئي محسوس ٿي ويندوَ ته هن ڌرتيءَ جي گولي تي اڌ کان وڌيڪ سمنڊ ئي سمنڊ آهي. زمين اڌ کان گهٽي گهٽ آهي ۽ اها زمين هڪ ئي چَڪَ (وڏي Piece) ۾ هجڻ بدران ڇهه ست ٽڪرن ۾ آهي، جيڪي کنڊ Continents ٿا سڏجن. انهن مان هڪ ننڍو ٽڪراٽو هيٺ ڏکڻ اڌ گول ۾ آسٽريليا آهي. جتي اسان رهون ٿا، اتي يڪا ٿي ٽُڪر (کنڊ) ايشيا، يورپ، آفريڪا نالي آهن، جيڪي معمولي ۽ سنهين پٽين سان هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ پوءِ ڪافي پري اتر آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جا کنڊ آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان پاناما، ڪاسٽاريڪا، نڪراگئا جهڙن پنج ڇهه سنهن ملڪن ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، جيڪي وچ آمريڪا جا ملڪ سڏجن ٿا.

اتر آمريڪا واري کنڊ ۾ ڪئناڊا، USA ۽ ميڪسيڪو ملڪ آهن، ڏکڻ آمريڪا واري کنڊ ۾ چلي، ارجنٽائن، بولويا، برازيل، پيرو، ڪولمبيا، وينزويلا جهڙا ملڪ آهن. انهن سڀني ملڪن جا ماڻهو پاڻ کي آمريڪا سڏائڻ ۾ حق بجانب آهن، جيئن اسان وٽ ايراني، سعودي يا فلپينو ۽ جپاني پاڻ کي ايشيائي سڏايون ٿا. جيئن SANA نالي هڪ سنڌين جي ايسوسيئيشن آهي، جنهن جو نالو سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا آهي. هن ۾ فقط USA (يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا) جا ميمبر نه آهن، پر ڪئناڊا جا به آهن، ڇو جو ڪئناڊا به اتر آمريڪا کنڊ جو حصو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اسان جو گهڻو واسطو USA سان پوي ٿو، ان ڪري اسان لاءِ آمريڪا معنيٰ USA ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس معنيٰ آمريڪا آهي.

هڪ ٻي ڳالهه، آفريڪا، ايشيا ۽ يورپ کنڊ ته هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن، ان ڪري صدين کان هڪ کنڊ جي ماڻهن جي ٻئي کنڊ تائين اٺ گهوڙن تي يا پيرين پيادي اچ وڃ لڳي پئي هئي. آمريڪا جي، اسان کي خبر ئي نه هئي. آمريڪا جي هڪ پاسي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ۽ خطرناڪ سمنڊ ائٽلانٽڪ آهي ته ٻئي پاسي ان کان به وڏو سمنڊ پئسفڪ آهي. يورپ، ايشيا يا آفريڪا جا ماڻهو آمريڪا پهچن ته ڪيئن پهچن؟ آمريڪا باقي کنڊن سان نه خشڪي رستي ڳنڍيل هو ۽ نه وري ڪي اهڙا پاڻيءَ وارا جهاز نڪتا هئا جو ڏينهن جا ڏينهن هلي آمريڪا پهچن. يورپي انڊيا يا چين به پهرين خشڪي رستي پهتا ۽ پوءِ، گهڻو گهڻو پوءِ، سندن جهاز ڪيپ آف گڊ هوپ اڪري هندي وڏي سمنڊ ۾ پهتا ۽ پوءِ منزلون هٽندا، انڊيا جي بندرگاهن ڪوچين، سورت وغيره کان اچي نڪتا. پنج ڇهه سؤ سال کن اڳ تائين ته سڀني سمجهيو ٿي ته دنيا اها ئي يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا تائين محدود آهي. چين ۽ جپان کان کو پنهنجو ٻيڙو پئسفڪ ۾ ڪاهي ويو ٿي ته ڏينهن ٻن بعد پويان پير ٿي ڪيائين، جو اڳتي ڪنهن منزل، ڪنهن ڌرتيءَ، ڪنهن تڙ جي اميد نه هئي. اهو ئي حال

ائٽلانٽڪ پاسي هو. يورپ يا آفريڪا کان ڪنهن بہ اولهہ جو رخ رکيو ٿي تہ ڏينهن ٻن بعد مايوس ٿي موٽيو ٿي.
پوءِ آمريڪا جو ڪنڊ ڪولمبس وجي ڳولي لڌو. ڳولي ڇا لڌو، هو تہ پنهنجي پر ۾ ملائيشيا ۽ انڊونيشيا پاسي پئي ويو. پر ڪيس هوش ئي نہ رهيو تہ ابتي پاسي پيو وڃي ۽ جي واقعي آمريڪا کنڊ جو وجود نہ هجي ها تہ هاڻ سندس راشن پاڻي ختم ٿي چڪو هو ۽ بقول اسان جي هڪ جهازيءَ جي تن ڏينهن ۾ نيويگيشن جا ڪچا ڪُتي جو موت مرندا هئا. پر ڪولمبس بچي ويو ۽ هڪ نئين دنيا جي خبر آڻي هيرو جو درجو حاصل ڪيائين. ڪرسٽافر ڪولمبس 1492ع ۾ يورپ ڇڏيو ۽ اٺن سالن بعد سن 1500 ۾ موٽي اچڻ تي، جنهن نئين دنيا بابت اچي ٻڌايو، اهي ڪئريبن سمنڊ جا ٻيٽ، ڏکڻ آمريڪا کنڊ ۽ اتر آمريڪا کنڊ هو. يعني ان وقت جي حالتن جو جائزو لڳايو وڃي تہ يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا وڃي ڪٿان جو ڪٿان پهتا هئا، پر ڪنهن کي بہ آمريڪا جي خبر نہ هئي. جتي فقط اتي جا اصل باشندا ريڊ انڊين هئا ۽ جنگل ئي جنگل. جن ڏينهن ۾ ڪولمبس جهاز هاڪاري پئي ويو، ان وقت هندستان ۾ لوڌي گهراڻي جي حڪومت هئي. سڪندر لوڌي دهليءَ جو 1489ع کان 1517ع تائين حاڪم رهيو، جنهن کانپوءِ ابراهيم لوڌي تخت تي ويٺو. مغلن جي حڪومت 1526ع ۾ شروع ٿي. يعني بابر جڏهن تخت تي ويٺو تہ اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي تہ سمنڊ جو ڪو ٻيو ڪنارو بہ آهي ۽ جتي سمنڊ ختم ٿئي ٿو، اتي ٻي ڌرتي آهي. ٻيلا ۽ جبل آهن، مٺي پاڻيءَ جا درياهہ ۽ جانور آهن .... نہ تہ ان کان اڳ تائين هند، سنڌ ۽ چين تہ ڇا يورپين بہ ٽوٽل ڌرتي ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جو کنڊ سمجهيو ٿي، جنهن جو وچ واقعي ميڊيٽرينين سمنڊ تصور ڪيو ويو ٿي. ان ڪري ان سمنڊ جو نالو بہ اهو ئي رکيو ويو يعني ”ڌرتيءَ جو وچ“. مزي جي ڳالهہ تہ ان سمنڊ جو سنڌي يا ڪٿي ڇئجي سنسڪرت ۾ بہ ساڳي معنيٰ وارو نالو آهي. پؤنچ سمنڊ، پونءَ يعني ڌرتي جي وچ وارو سمنڊ.
هڪ صدي ڇئجي يا ڪٿي سوا صدي جو اليڪٽرسٽي ايجاد ٿي آهي، نہ تہ انگلينڊ توڙي يورپ پاسي رهڻ جنجال هو. اسان جي ايشيا پاسي هندستان هجي يا سريلنڪا، ملايا (ملائيشيا) هجي يا انڊونيشيا، ڪاڏي پيتي کان وٺي گهمڻ ڦرڻ جا اسان وٽ موج مزا لڳا پيا هئا. ڪاڏا پيتا، پوکون فصل، ميوا، ڀاڄيون، ڪاريون مريون مسالا هر شيءِ وڏي مقدار ۾ هئي. هاٿي گهوڙا، عاج، چانديون، سون، هيرا جواهر، ڪهڙي قيمتي ۽ ڪمائتي شيءِ آهي، جيڪا ايشيا ۽ آفريڪا ۾ نہ هئي. يورپ پاسي ٿڌ ڪري رهڻ تہ عذاب هو، پر پوک ۽ فصل جي ڪوٽ ڪري ماٺهو بک ٿي مئا ۽ پوءِ جيئن ئي يورپين کي ٽيڪنالاجي هٿ آئي، جهاز ٺاهيائون، تيئن پنهنجا ملڪ ڇڏي، ڦر لاءِ ٻاهر نڪري پيا. پوءِ جتي پير جمائڻ لاءِ پهتا ٿي، اتي ٻاهريون ٻنو اهو ئي رکيائون ٿي، تہ اسان عيسائيت جو درس ڏيڻ آيا آهيون يا اسين بيمارين جو علاج ڪرڻ آيا آهيون، پر اصل ڳالهہ ٻين جي ڌرتيءَ تي قبضو ڪرڻ ۽ اتان مال لٽي پنهنجي وطن

يورپ موڪلڻ هو ۽ يورپين جي گهٽي ڊوڙ ننڍي ڪنڊ ۾ انڊونيشيا پاسي هئي، جيڪو علائقو ايسٽ انڊيز سڏبو هو.

## يورپين جو آمريڪا پهچڻ

اڄ کان پنج سؤ سال اڳ تائين سڄي دنيا جا Navigational چارٽ تہ هئا ئي ڪونہ. ايسٽ انڊيز جهازن رستي وڃڻ جو مس مس اهو هڪ ئي رستو ڳولي لڌو هئائون، جنهن ۾ آفريڪا کي ڦيرو ڪري وڃڻو پيو ٿي.

1492ع ۾ ان وقت اسپين جي راڻي صاحبہ اسابيلا پنهنجي طرفان ٿي جهاز اٽليءَ جي نيويگيٽر ڪولمبس حوالي ڪري، هن کي ڏورانهين ملڪن مان مال جي ڦر لاءِ موڪليو، جنهن ۾ جهاز جو خرچ پکو ڪڍڻ بعد باقي بچت ۾ ڪولمبس جي ڏهہ سيڪڙو ڪميشن مقرر ڪئي وئي هئي. ڪولمبس کي آفريڪا جو ڦيرو ڪري ايسٽ انڊيز (ملايا انڊونيشيا) پاسي وڃڻو هو، پر هن عقل جي ڊوڙ ڪري حساب لڳايو تہ اوپر پاسي وڃڻ بدران جي اولهہ پاسي نڪري پوندس تہ ڪجهہ هزار ميلن بعد جلدي ايسٽ انڊيز پهچي ويندس ۽ اهو نہ فقط ڪولمبس جو خيال هو، پر ان وقت جي هر يورپي نيويگيٽر جو خواب هو تہ اهڙا رستا ڳولجن، جو منزل تي جلد ۽ ٻين کان اڳ پهچي وڃجي. ستر ڏينهن جي سفر بعد ڪولمبس جتي پهتو، اهو ڪئريبين سمنڊ جا باهاما ٻيٽ هئا. ان بعد ڪولمبس جي سندس مرڻ تائين (1504ع تائين) ۽ ان بعد ٻين جي هن پاسي اچ وڃ لڳي رهي ۽ چاليهہ سالن اندر اسپيني جهازرانن هنن ڪئريبين ٻيٽن، ڏکڻ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا ۾ چڱي وڏي حڪومت ٺاهي ورتي.

ڪئريبين سمنڊ وارا ٻيٽ جن ۾ ٽرنيڊاڊ، ڪيوبا، ٽوباگو وغيره بہ اچي وڃن ٿا ۽ جن کي ڪولمبس پنهنجن گهٽ ۾ گهٽ ٻن سفرن دوران ايسٽ انڊيز ئي سمجهندو رهيو، اهي هاڻ ويسٽ انڊيز سڏجن ٿا، جتان جا ڪرڪيٽ رانديگر مشهور آهن.

اسپين کانپوءِ ٻئي نمبر تي پورچوگالين، آمريڪا تي هلان ڪئي ۽ انهن ٻن جو اثر نہ فقط سڄي ڏکڻ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا تي رهيو، پر اتر آمريڪا ۾ بہ سڄي ميڪسيڪو ملڪ ۽ جنهن کي اڄ اسان USA سڏيون ٿا، ان جي گهٽ ۾ گهٽ ڏاکڻين رياستن ٽيڪساز، فلوريڊا ۽ لوزيانا تائين رهيو، جو اتي اڄ ڏينهن تائين اسپيني ۽ ٻئي نمبر تي پورچوگالي ڳالهائي ٿي وڃي. ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي سان ڪافي ملن ٿيون، جيئن اسان وٽ سرائيڪي ۽ پنجابي ڪٿي چئجي يا سنڌي ۽ ميمڻي يا ڪڇي ڪٿي چئجي.

انگريزن ۽ فرينچن آمريڪا بابت بعد ۾ ڪن ڪڙا ڪيا ۽ انهن جو گهڻو قبضو اتر واري حصي ۾ ٿيو، جنهن کي اڄڪلهہ اسين يونائيٽيڊ اسٽيٽس ۽ ڪئناڊا سڏيون ٿا. ڪئناڊا جون سرڪاري ٻوليون انگريزي ۽ فرينچ آهن. USA جي جيتوڻيڪ انگلش آهي پر ٻار آپشنل

سبجيڪٽ اسپيني ٻولي ڪٽن. اسان جي سنڌي دوستن جا ٻار بہ هڪ ٻئي سان انگريزي ڪان علاوه اسپيني ڳالهائين ٿا، جو اي ليول امتحانن ۾ هنن کي اسپيني ڪٽڻي پوي ٿي ۽ جن اسڪولن ۾ هو وڃن ٿا، انهن ۾ اسپيني ڳالهائيندڙ ٻارن جو وڏو تعداد هجڻ ڪري، هو رسيس ۾ هڪ ٻئي سان اسپيني ئي ڳالهائين. هونءَ سواءِ هڪ ننڍڙي ملڪ سرينام جي ٻي سڄي ڏکڻ آمريڪا ۽ سينٽرل آمريڪا جي ملڪن ۾ اسپيني زبان ڳالهائي وڃي ٿي. مون سان گڏ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي، سئيڊن ۾ ڏکڻ ۽ اتر آمريڪا جي هر ملڪ جو ڪلاس ميٽ هو. فقط USA کان آيل همراهہ انگريزي ڳالهائيندو هو، باقي چِلي، برازيل، وينزويلا، ڪولمبيا، ارجنٽائين ۽ پئراگئي کان وٺي ڪاسٽريڪا، نڪراگئا، پاناما، هانڊرس، ميڪسيڪو ۽گئاٽامالا جا شاگرد اسپيني ڳالهائيندا هئا يا پورچو گالي. سائوٿ آمريڪا ۾، خاص ڪري برازيل ۾ هسپانوي مسلمان بہ ڪافي رهن ٿا، جن مان ڪيترن لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ مسلمانن جي اسپين تي حڪومت ختم ٿيڻ بعد قرطبہ ۽ اندلس جا ڪيترا مسلمان يورپي ۽ عرب هيڏانهن هليا آيا هئا.

بهرحال جيئن جيئن يورپين کي هن نئين دنيا (آمريڪا کنڊ) جي خبر پوندي وئي، هو جٿن جي صورت ۾ آمريڪا ڏي پهچڻ لڳا. کن کي حڪومتن Sponsor ڪيو ٿي يعني حڪومتن هنن کي جهازن ۽ مسافري جي سامان سان گڏ موڪليو ٿي، تہ کن کي وڏن واپارين ۽ امير ماڻهن. پهرين تہ بزنيس ۽ ٽريڊنگ پوسٽون قائم ٿينديون رهيون پر پوءِ سگهو ئي قبضا ۽ Colonization شروع ٿي وئي.

آمريڪا ۾ پهرين ڪامياب ڪالوني تقريبن هڪ سئو سالن بعد 1607ع ۾ انگريزن جيمس ٽائون وٽ ٺاهي، جيڪو شهر اڄ واري ورجينا رياست ۾ آهي. ڪجھ سالن بعد چرچ انگلنڊ جي مذهبي ظلمن کان ڀڄي، انگريز Puritan عيسائي آمريڪا آيا ۽ 1620ع ۾ انهن پلاءِ مائوٿ ڪالوني ٺاهي، جيڪا اڄڪلھ مساچوسيٽ رياست آهي. ائين تہ يورپ جي ٻين ملڪن جا ماڻهو بہ آمريڪا ۾ آيا پر ڪالوني ٺاهي قبضو ڪري ويهڻ ۾ انگريزن جو جواب ناهي .... جيئن گڏيل هندستان ۾ هنن ڪيو. آمريڪا ۾ بہ جيتوڻيڪ پهرين پورچو گاليءَ ٻيا يورپي آيا .... انگريز آخر ۾ آيا پر اهڙا نمونا ڪيائون جو تنبوءَ مان عرب ٻاهر ۽ اٺ اندر ٿي ويو. آمريڪا ۾ بہ ائين ٿي ويو. 1933ع تائين انگريز ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري سان لاڳو نيو هئمسفائر کان نارٿ جارجيا تائين تيرهن ڪالونيون ٺاهي ورتيون. فرينچن جو قبضو هڪ تہ ڪئناڊا تي رهيو ۽ ٻيو USA جي اڄ واري لوئيزيانا رياست تي، جنهن ۾ سڄي مسي سپي ندي بہ شامل هئي.

هي فرانس ۽ انگلنڊ وارا جيڪي هاڻ چڱا مڙس ٿيو پيا هلن ۽ ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي ٿي، جرمنن سان مقابلو ڪيو هئائون، تن جو اتر آمريڪا جي ڌرتي کسڻ ۾ هڪ ٻئي سان چانڊين مڳسين واري لڳل هئي. ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن ۽ فرينچن جون نارٿ آمريڪا

هڙپ ڪرڻ تان پاڻ ۾ ڪيترين ئي لڙايون هليون. آخري لڙائي جيڪا ست سال هلي ۽ 1763ع ۾ ختم ٿي، تنهن ۾ ڪئناڊا ۽ مسي سپي جو سڄو اوپر وارو پاسو انگريزن والاريو.
بهرحال هي جنگين جو سلسلو اتي ختم نٿو ٿئي، ان بعد وري انگريزن جي ڪالونين جي پنهنجي ملڪ انگلنڊ سان ٽيڪس تي لڙائي هلي ۽ پنهنجو پاڻ ۾ جنگيون هليون، جن جو هتي ذڪر ڪرڻ سيني ڪي مٿي ۾ سور وجهڻو آهي. بس سمجهو تہ پوءِ سڀ حصا پٽيون ڪري سڌري ويا ۽ civilized ٿي اوڀرايون ڏيئي باقي دنيا کي باشن ڏيڻ لڳا. آمريڪا ۾ لڏي رهڻ وارن پنهنجين اباڻين حڪومتن مان جان ڇڏائي. هتي جو اصلي باشندو ريڊ انڊين وغيره جيڪو هنن يورپين ۽ انگريزن جي اچڻ کان اڳ پنهنجي ڌرتي تي سڪون سان رهيو پيو هو اهو ويچارو اڄ تائين غريب مسڪين ٿيو پيو هلي ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ در در جا ڌڪا پيو کائي.

## آمريڪا وارن پنهنجين حڪومتن مان جان ڇڏائي

انگلنڊ ۽ يورپ کان جيڪي ماڻهو آمريڪا اچي رهيا هئا، انهن تي سندن اباڻين حڪومتن، خاص ڪري انگلنڊ ڪنٽرول رکڻ چاهيو ٿي، پر پوءِ مڙيئي وڙهي جڙهي هڪ ٻئي مان جان ڇڏايائون ۽ آمريڪا وارن کي آزادي نصيب ٿي. چون ٿا تہ ان آمريڪي انقلاب جي آخري جنگ 1781ع ۾ ورجينيا جي يارڪ ٽائون شهر ۾ لڳي، جنهن ۾ آمريڪن فرينچن گڏجي انگريزن کي اهڙا ڪلا هنيا، جو انگلنڊ وارن کي آخرڪار آڻ مڃڻي پيئي. آمريڪا جي ڪن حصن ۾ اها لڙائي وڌيڪ بہ سال هلندي رهي پوءِ سرڪاري طرح 1783ع ۾ "پئرس سمجهوتي" هيٺ ختم ٿي وئي، جنهن موجب انگلنڊ آمريڪا ۾ رهندڙن جي آزادي ۽ ملڪ تسليم ڪيو.
ان جنگ جو هيرو آمريڪا جي مشهور شخصيت جارج واشنگٽن هو، جيڪو پوءِ آمريڪا جو پهريون صدر ٿيو. هڪ ٻيو همراهہ جنهن هن آزادي جو پڌرنامو لکيو ۽ آئين لکڻ ۾ مدد ڪئي، اهو ٿامس جيفرسن هو .... جيڪو پوءِ اڳتي هلي 1801ع ۾ آمريڪا جو ٽيون صدر چونڊيو. فرانس جو جيڪو مسي سپي ندي جي ڪاپي پاسي وارو علائقو هو، اهو هن صدر فرانس کي پئسا ڏئي خريد ڪري، آمريڪا USA ۾ ملايو. جيڪو لڳ ڀڳ بہ ملين چورس ڪلوميٽر ڌرتي ٿيندي ۽ هوڏانهن فرانس کي بہ کهڙو سور! کهڙي سندن پيءُ ڏاڏي جي جاگير هئي. جن ريڊ انڊين جي ڌرتي هئي انهن جي کهڙي مجال جو ڪجهہ ڪڇن! ويتر وڏو الميو اهو جو هيستائين هنن جو تعداد ئي گهٽجي گهٽجي وڃي فقط نمائش جوڳو بچيو هو.
فرانس ۽ انگلنڊ وارن جي آمريڪا جهڙي ڏورانهين ڏيهہ ۾ رهندڙ سندن ماڻهن تي نہ ڪٽي نہ هلي سگهي پر انهن ئي ڏينهن ۾ هنن جا ايشيا، آفريڪا ۽ مڊل ايسٽ ۾ تہ مزا ٿي رهيا هئا. ٺيڪ ان سال يعني 1801ع ۾ جڏهن ٿامس جيفرسن آمريڪا جو صدر ٿيو، تہ فرانس مصر تي

قبضو ڪيو ۽ هوڏانهن انگريزن جو جنرل ليڪ دهليءَ ۾ گهڙيو. مغل حڪومت تيستائين اڳڙين جي گڏين وانگر ٽي چُڪي هئي، جنهن کي پوءِ پنجاهه سالن بعد 1857ع ۾ هميشه لاءِ خاموش ڪرايو ويو. ان کان اڳ 1839ع ۾ انگريزن عدن تي قبضو ڪري ڇڏيو. اها پوري صدي چوڏاري ڦرلٽ ۽ قبضا جاري رهيا. سڀ يورپي موج مزي ۾ اچي ويا هئا. پوءِ هٽلر جڏهن ڏنڊو کنيو ۽ هتان ڏور اوپر کان وري جپاني بدمعاشيءَ تي لهي آيا، تہ سيني جون وايون بتال ٿي ويون پوءِ ڪجهه اسان جا ليڊر پيدا ٿي پيا، ڪجهه هنن انگريزن ۽ يورپين پيدا ڪيا ۽ قبضا ڪيل ملڪ ڇڏي، وڃي پنهنجي پنهنجي گهر نڪتا.

هوڏانهن آمريڪا ۾ رهيل يورپي ۽ انگريز زمينن تي قبضا تہ ڪري ويٺا پر ڪمند، تماڪ يا ڪپهہ جهڙن فصلن ۾ ڪم ڪير ڪري؟ گهاٽن جهنگن ۽ ٻيلن جي ڪٽائي ڪير ڪري؟ آمريڪا جا اصل باشندا نہ ايتري تعداد ۾ هئا ۽ نہ اهڙا همت ڀريا. پوءِ هنن کي ان جو جواب آفريڪا ۾ نظر آيو. پوءِ آفريڪا مان جيڪو غلام انسانن جو ڪارگو سڄي صدي هليو، ان جون انيڪ ڏکوئيندڙ ڪهاڻيون، ڪتاب ۽ فلمون آهن. ڪئين آفريڪا جي شهرن ۽ جنگلن مان جوان مرد شيدين کي موچڙي مار ۽ نشي پٽي تي جانورن وانگر سوگهو ڪري، جهازن ۾ اڇيو بڪيو رکي آمريڪا وڪري لاءِ پهچايو ويو. انهن شيدي غلامن کان آمريڪا ۾ سخت کان سخت پورهيا ڪرايا ويا ٿي. اڄ جيڪي آمريڪا ۾ ڪارا نظر اچن ٿا، اهي گهڻي ڀاڱي انهن غلام شيدين جو اولاد آهن.

آمريڪا (USA) جون مختلف رياستون، ٻين سيني ڳالهين تي تہ يڪدم هڪ ٿي ويون، پر غلامي ختم ڪرڻ لاءِ راضي نہ ٿيون. 1860ع ۾ جڏهن ابراهم لنڪن (جيڪو غلاميءَ جي سخت خلاف هو) آمريڪا جو صدر چونڊيو ويو تہ يارهن رياستن، يونين ڇڏي الڳ ملڪ Confederate States of America ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. انهن رياستن ۾ سائوٿ ڪئرولينا، مسيسپي، فلوريڊا، الباما، جارجيا، لوئيزيانا، ٽيڪساز، ورجينيا، ارڪنساس، ٽينيسي ۽ نارٿ ڪئرولينا شامل هيون. سائين سول جنگ شروع ٿي وئي ۽ ٻہ سال هلندي رهي، ايتري قدر جو هن جنگ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ:

The Civil war was the most traumatic episode in American History.

بهرحال هن جنگ بعد غلاميءَ (Slavery) کي هميشہ هميشہ لاءِ ٻنجو اچي ويو ۽ اهو پڻ فيصلو ٿي ويو تہ:

This Country is not a collection of Semi-Independent States but an indivisible whole.

انهن سيني ڳالهين جي فيصلن ٿيڻ بعد 1865ع ۾ هن ملڪ جو هي صدر ابراهم لنڪن جنهن کي غلاميءَ سان نفرت هئي، تنهن کي هڪ ٿيٽر ۾ قتل ڪيو ويو.

## حيدرآباد نيويارڪ ۾ واشنگٽن ڪان وڌو ۾ ماڊرن هو

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ آمريڪا (USA) جي ترقي حيرت ۾ وجهندڙ آهي. ڏٺو وڃي تہ اڄ کان پنج سؤ سال اڳ جڏهن تہ يورپ توڙي ايشيا جا ڪيترائي ملڪ تمام اڳتي نڪتل هئا، آمريڪا ويران بيابان ۽ گھاٽو جنگل هو، جِتي پڪي رستي جو هڪ ميل بہ ٺهيل نہ هو. ڪا سائيڪل، گاڏو يا ڪو اسڪول ۽ دواخانو نہ هو.

1492ع کان 1500ع تائين اسپين جي راڻيءَ طرفان ڪولمبس آمريڪا جا ٻہ چار چڪر هنيا. ڪجھہ ماڻهو اتي پهچايا، ڪجھہ اتي جا ريڊ انڊين نموني خاطر اسپين ۾ آندائين ۽ ان سان گڏ نئين دنيا جون دلچسپ خبرون جن کي ٻڌي پورچوگالي، فرينچ ۽ ٻيا يورپين ۽ انگريز آمريڪا روانا ٿيا. ڪَلَ وارا جهاز اجان ايجاد نہ ٿيا هئا. سڙهن (Sails) تي هلندڙ ٻيڙا هفتن بعد ائٽلانٽڪ سمنڊ ٽپي آمريڪا پهچندا هئا. ان اڻانگي سفر ۾ ڪيترائي جهازي ٻڪ ۽ بيماريءَ سبب مري ويا ٿي. خراب سمنڊ، خوفناڪ ڇولين ۽ طوفانن جي سَٽَ نہ سهي، جهازين سميت جهاز ٻڏي ويا ٿي. پهريان هڪ سؤ سال تہ رڳو اچ وڃ لڳي رهي. يورپ جون قومون آمريڪا پهتيون ٿي جيڪي ڪجھہ مال ملڪيت، سون، عاج ۽ قيمتي ڌاتو حاصل ڪري سگهيون ٿي، اهي ڪٽي واپس پنهنجي يورپي ملڪ ۾ خوشحالي جي زندگي گذاريائون ٿي. ان بعد آهستي آهستي هر يورپي ملڪ آمريڪا تي ليڪو ڪڍندو ويو تہ هي حصو اسان اسپين وارن جو ٿيو، هي حصو اسان پورچوگالين جو ٿيو، هي فرنيچن جو ٿيو ۽ گهرو زندگي گذارڻ ۽ رهي پوڻ لاءِ هو پنهنجي ملڪ جون زالون ۽ پورهئي مزدوريءَ لاءِ آفريڪي شيدي ساڻ ڪٽي آمريڪا پهچڻ لڳا. ڪٿي ڪٿي مڪاني ۽ اصل رهندڙ ريڊ انڊين ڪين جيءَ ۾ جايون ڏنيون، ڪٿي جنگيون هليون، جن ۾ هنن يورپين ۽ انگريزن ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺي، بندوقن جو استعمال ڪيو تہ ڪٿي ريڊ انڊين کي بُل لڳو ٿي تہ هنن گورن يورپين کي ٺهڪيل پاڻيءَ جي ديڳ ۾ رڌي ڪچو ڪائي ڇڏيو ٿي.

مڪاني ماڻهن کي قبضي ۾ آڻڻ بعد، هنن لڏي آيل يورپين جا پنهنجي ملڪ جي حڪومت سان سالن تائين جهيڙا هليا، جو يورپ جي هر حڪومت چاهيو ٿي تہ هن جي قوم جا ماڻهو جيڪي آمريڪا ۾ عيش ڪري رهيا آهن ۽ وڃن مالُ ڦَٻائيندا، ان جو هڪ حصو ٽئڪس طور يورپ موڪلين. پهرين تہ ائين ئي ٿيندو رهيو، پر پوءِ جڏهن هي آمريڪا ۾ آيل نوان Settler ڏندين ڏاند ٿيا تہ پوءِ پنهنجين حڪومتن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ٻي پار کان آڱوٺو ڏيکارڻ لڳا.

پنهنجن ملڪن جي حڪومتن  مان جان ڇڏائي، پوءِ  هنن پنهنجو پاڻ ۾ ٻک وڌا ۽ کي سال نئين ملڪ ۾  هٿ ڪيل زمينن تان وڙهندا رهيا تہ ڪنهن جي حد ڪٿان کان ڪيستائين هئڻ کپي ۽ پوءِ جڏهن انهن سيني ڳالهين جا فيصلا ٿي ويا تہ پوءِ پنهنجن نالن

پٺيان دهلوي، لکنوي، ٺٽوي، لاهوري، يعني انگلينڊ فرانس، اسپين، اٽلي جا رهاڪو سڏائڻ بدران سڀ پاڻ کي آمريڪن سڏائڻ لڳا. آئين ٺاهيائون ۽ پنهنجو جڏهن پهريون صدر چونڊيائون ته اهو سال 1789ع هو. يعني تقريبن ٻه سؤ سال کين نئين ڌرتي تي ٺهي ٺڪي رهڻ ۾ لڳي ويا. سمجهو ته 1500ع تائين ڪولمبس هي نئون ملڪ ڳولهي خبر عام ڪئي ۽ يورپين آهستي آهستي ٿي آمريڪا ڪوچ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پهريون ڪامياب ڪالوني انگريزن سن 1607ع ۾ ورجينيا ۾ ٺاهي ۽ پوءِ ٻين به رهڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجن پراون سان جهيڙا جهٽا ڪري 1789ع ۾ جارج واشنگٽن صدر چونڊيائون ۽ ملڪ جون حدون مقرر ڪيائون، جو کين انگلينڊ، فرانس ۽ ٻين يورپي ملڪن طرفان آزادي يا خودمختياري ٿي 1783ع ۾ Treaty of Paris (پئرس عهدنامي) موجب ملي. ان حِساب سان ڏٺو وڃي ته هي ملڪ USA سياست، تاريخ ۽ ڪلچر جي لحاظ کان ٻه يا سوا ٻه سئو سال ڪو مس پُراڻو آهي. يعني شاهه لطيف جي وفات 1752ع ۾ ٿي، ان ڪانپوءِ 30 سال رکي، آمريڪا (USA) وجود ۾ آيو. يعني انهن ڏينهن ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي جي حيدرآباد، نيويارڪ ۽ واشنگٽن کان وڏي ۽ ماڊرن هئي. حيدرآباد ته ڇا مخدوم ميان محمد جو ٻڌايل ڳوٺ مرتضيٰ آباد (جيڪو پوءِ هالا پراڻا سڏيو ويو) نيويارڪ جي بندرگاهه کان وڏو هو، جِتان ٻيڙا ڏينهن رات ملتان ۽ ٺٽي ڏي روانا ٿيا ٿي. پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته آمريڪا تمام تکي ۽ گهڻي ترقي ڪئي. يورپ انگلينڊ جي قابل واپارين ۽ سائنسدانن ۽ آفريڪا جي پورهيت ۽ پهلوان شيدين، هن ملڪ کي ٻه سؤ سالن اندر خبر ناهي ڪٿان کان ڪٿي وڃي بيهاريو.

آمريڪا جي تاريخ تي جي مٿاڇري نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته هي ملڪ (USA) يورپ ۽ آفريڪا جي مختلف ملڪن جي پانت پانت ماڻهن ٺاهيو، پر ان تي پاڻ حڪومت ڪرڻ جي کين آزادي 1783ع ۾ ملي. 1789ع ۾ ملڪ جو پهريون صدر جارج واشنگٽن ٿيو ۽ پوءِ به سچي ڳالهه ته اها آهي ته هڪ سؤ سال کن آمريڪا ائگريڪلچر (زراعت) مان ئي ڪمائيندو رهيو. صحيح معنيٰ ۾ جي ڏٺو وڃي ته آمريڪا اوڻهين صدي جي ٻي اڌ کان وٺي وڏي ترقي ڪئي. ملڪ جو سورهون صدر ابراهم لنڪن جنهن ملڪ ۾ غلامي ختم ڪري، ملڪ ۾ رهندڙ شيدين کي برابر جا حق ڏنا، کيس 1865ع ۾ قتل ڪيو ويو. ان بعد ائنڊريو صدر ٿيو. بهرحال اوڻهين صدي جي هن اڌ کان آمريڪا ۾ ائگريڪلچر سان گڏ انڊسٽريل انقلاب به آيو. پهريون ٽرانس ڪانٽينينٽل ريل روڊ 1869ع ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ سن 1900ع تائين (USA آمريڪا) ۾ ريل جو مفاصلو سڄي يورپ جي ريل کان وڌي ويو هو. ٻاڦ جي انجڻ ۽ ان بعد پيٽرول ۽ ڊيزل جي انجڻ به ايجاد ٿي وئي ۽ آمريڪا ۾ پيٽرول جي انڊسٽري خوشحال ٿي و ئي. اسٽئنڊرڊ آئل ڪمپني جو مالڪ جان راڪ فيلر آمريڪا جي امير ترين ماڻهن مان ڳڻجڻ لڳو. ائنڊريو ڪارنيگي، جيڪو اسڪاٽلينڊ جو هڪڙو مسڪين پورهيت هو، اهو رُڪ جي ڪارخانن جو ڄڻ ته شهنشاهه ٿي ويو. ٽيڪساز، لوزيانا ۽ ڏکڻ جون ٻيون

رياستون ڪپڙي جي ڪارخانن ۾ اڳيان وڌي ويون. گوشت پئڪ ڪرڻ جي ڪارخانن ۾ شڪاگو جهڙا شهر اڳيان نڪري آيا. اليڪٽرڪ ستي، بلبن، گراموفون، وائرليس، ٽرانسفر ۽ موشن پڪچرز جي ايجادن مان آمريڪا وڏو فائدو ورتو. هنن وٽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هئا. ڊاڪٽر ۽ سائنٽسٽ هئا. اسپتالون ۽ يونيورسٽيون هيون، پورهيت ۽ مزدور هئا. سڀ ڪان وڏي ڳالهه تہ ڪچو مال اڻ ميو هيو. ويا بهتر ڪان بهتر شيءِ ٺاهيندا ۽ ايڪسپورٽ ڪندا. جپانين ڪان بہ گهٽو گهٽو اڳ هنن ڪَل جا جهاز ٺاهي ورتا. آرڪيٽيڪٽ لوئس سليوان اسٽيل لوهہ جا فريم ٺاهي، گهڻ ماڙ عمارتون جوڙي ورتيون. پليون ۽ ريل گاڏيون ٺاهي ورتائون. جپانين ۽ جرمنين کي بہ خبر نہ پئي تہ آمريڪن ماٺ ماٺ ۾ ائٽم بم جهڙيون خطرناڪ شيون بہ ٺاهي چڏيون آهن، نہ تہ هنن سمجهيو ٿي تہ آمريڪي اهي جاهل وڏيرا آهن، جن وٽ ملڪ جون زمينون پليون هجڻ ڪري زميندارِيءَ مان پئسو تہ اچي ويو آهي، پر تعليم ۽ عقل نہ اٿن. سو پرل هاربر تي جپانين پنهنجن خودڪش حملو ڪندڙ ڪامي ڪازي پائلٽن ذريعي آمريڪي ٻيڙو تباهہ ڪري، پنهنجي ٺي پني پئي ٺپري تہ آمريڪا هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ جي پينگ ڪري کين هوش ۾ آڻي ڇڏيو.

## آمريڪا جي مختصر تاريخ

اتر آمريڪا کنڊ تي نظر ڪبي تہ يونائيٽيڊ اسٽيٽس (USA) جي ڏکڻ ۾ ميڪسيڪو آهي ۽ اتر ۾ ڪئناڊا. ڪئناڊا جي ڪاٻي پاسي يعني اولهہ ۾ الاسڪا آهي، جيڪا وڌيڪَ اولهہ ۾ روس جي ٻي سرزمين سان وڃيو لڳي. وچ ۾ برنگ (Bering) سمنڊ جو ڪجهہ حصو آهي، جيڪو سال جا نَوَ مهينا تہ برف ٿيو پيو آهي. الاسڪا روس (USSR) جو حصو هو، جيڪو 1867ع ۾ آمريڪا وارن روس کان خريد ڪري آمريڪا جي 49 هين رياست ڪئي. ان وقت نہ پيٽرول ۽ گئس جي اهميت جي خبر هئي ۽ نہ کي اهڙيون انجڻيون نڪتيون هيون، جن ۾ پيٽرول يا ڊيزل استعمال ٿئي. الاسڪا تمام گهڻو اتر ۾ هجڻ ڪري، اُتي بيحد ٿوري آدمشماري فقط ايسڪيموز جي هئي، جيڪي قطبي رڇ ماري انهن جون کلون ڏاڪڻ علائقن ۾ رهندڙ کي وڪڻي، سال جو سيڌو پاڻي خريد ڪري ويا ٿي. سڄو الاسڪا برف ئي برف هجڻ ڪري نہ ڪو فصل ٿيو ٿي، نہ ڍڳيون ڍور چري سگهيا ٿي. اهڙي زمين خريد ڪرڻ تي آمريڪا جي حڪومت راضي ٿي وئي ۽ پوءِ ڪيترا سال ان وقت جي صدر ائنڊريو جانسن کي ان خريداري تي پنهنجو آمريڪي عوام بيوقوف چوندو رهيو. هوڏانهن روسي پنهنجي پَرَ ۾ خوش تہ هنن بيڪار زمين آمريڪا حوالي ڪري ڪُجهہ نہ ڪُجهہ ڊالر حاصل ڪري ورتا.

الاسڪا جي زمين جيڪا روس کان خريد ڪرڻ وقت غلط فيصلو سمجهيو ويو هو، پوءِ سگهوئي معلوم ٿيو تہ الاسڪا جنهن جي مٿان تہ برف جون ڇپون نظر اچن ٿيون، پر هيٺ

تيل جو نديون وهي رهيون آهن. اڄ ان الاسڪا سڄي USA کي خوشحال ڪري ڇڏيو آهي. پر آمريڪا وارا بہ وڏا ڏاها آهن. في الحال هو پنهنجي الاسڪا واري تيل کي بچائي مڊل ايسٽ جي عربن کان تيل خريد ڪري رهيا آهن. جڏهن ٻين جو تيل کپي ويندو تہ پوءِ پنهنجو الاسڪا وارو تيل آرام سان ڪڍي استعمال ڪندا.

## آمريڪا جي پنجاهين رياست هوائي ٻيٽ آهي

ان ٻيٽ کان علاوه آمريڪا (USA) ۾ ٻي ڪا واڌ نہ آئي آهي. 1848ع کان سندن حدون (Territory) ساڳيون مقرر رهنديون آيون. البت 1890ع واري ڏهاڪي ۾ هنن کي پنهنجي ملڪ جون حدون وڌائڻ جو جنون پيدا ٿيو. اتر يورپ جي ملڪن کي ڏسي، آمريڪا (USA) ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا  جي ملڪن جي ماڻهن کي ”تهذيب يافتہ“ بنائڻ جو بار پنهنجي مٿي تي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. اسپين جي قبضي هيٺ آيل ٻيٽ ڪيوبا تي جيڪي ان وقت عوام سان ظلم ٿي رهيا هئا، انهن جو احوال آمريڪا وارن پنهنجين اخبارن ۾ شايع ڪرڻ شروع ڪيو. اسپين کي باهہ وٺي ويئي تہ ڪالهہ جا ڪنگلا ڇورا جيڪي هِتان لڏي وڃي USA ۾ رهيا آهن، اهي اسان جي ڪمن تي ٽا آڱريون کڻڻ. 1898 ۾ اسپين ۽ USA جي وچ ۾ لڙائي لڳي. جڏهن لڙائي ختم ٿي تہ اسپين جي قبضي جون ڪيتريون شيون USA جي حوالي ٿي ويون. ڪيوبا، فلپين، پورٽو ريڪو ۽ گئام ٻيٽ ۽ انهن سان گڏ هڪ ٺي جهٽڪي ۾ هوائي ٻيٽ بہ USA حوالي ٿي ويو.

ياد رهي تہ هن جنگ کان اڳ فلپين اسپين جي قبضي ۾ هو، ۽ ملايا، سنگاپور وغيره انگريزن جي حوالي هئا. انڊونيشيا ڊچن جي قبضي ۾ هو.  فلپين وارن جي پنهنجي مادري زبان تگالوگ آهي، پر اسپين جي قبضي ۾ رهڻ ڪري هو اسپيني بہ سکي پيا، جيئن انڊونيشيا وارا ڊچ زبان پڻ ڳالهائين ٿا. آمريڪا جي قبضي ۾ اچڻ بعد فلپين ۾ انگريزي زبان جو واهپو شروع ٿي ويو.

آمريڪا (USA) وارا ڪيوبا وغيره تي قبضو ڪري خوش ڪونہ هئا، جو هنن خود فرانس ۽ انگلينڊ وارن کان پاڻ کي آزاد ڪرايو هو. 1902ع ۾ يعني چئن سالن بعد آمريڪي فوجين کي ڪيوبا مان واپس گهرايو ويو. فلپين واپس اسپين جي حوالي نٿي ٿيڻ چاهيو، بلڪ USA وارن جي 51 هين رياست ٿي رهڻ ٿي چاهيو، جيئن USA وارن هوائي ٻيٽن کي 50 هين رياست ڪري رکيو، پر USA فلپين کي ائين پاڻ سان رکڻ لاءِ تيار نہ هو. ظاهر آهي هوڏانهن هوائي ٻيٽن تي عوام نہ برابر، رب جي ڏرتي جام ۽ موسم خوشگوار ۽ هيڏانهن فلپين جي عوام بي انتها، هڪ طرف تہ غربت ۽ آسماني آفتون ٻوڏون، طوفان، زلزلا ٻئي طرف فلپين کي USA جو حصو بنائڻ معنيٰ ورنڊز اڏامن يا پاٽي وارن جهازن ۾ هڪ هڪ ٿي سپ فلپيني USA پهچي وڃن، جِتي فلپين جي مقابلي ۾ هر هڪ کي وڏي خوشحالي ۽ موچارو

مستقبل نظر آيو ٿي. USA فلپين مان بہ هٿ ڪڍيا. 1907ع ۾ ڪين هڪ لميٽيڊ خودمختيار حڪومت جوڙڻ جي آزادي ڏني وئي ۽ 1946ع ۾ فل خودمختياري ڏني وئي. هوائيءَ کي 1959ع ۾ الاسڪا وانگر USA جي رياست جو درجو ڏنو ويو. هوائي پئسفڪ سمنڊ جي بلڪل وچ ۾ ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، جنهن جو هونو لولو سڀ کان وڏو ٻيٽ آهي، جنهن جو شروع ۾ مختصر ذڪر ڪري چڪو آهيان، تہ اسان جي ڳوٺ جو ڊاڪٽر خالد زمان (جنهن ڪجھ عرصو ڪراچيءَ ۾ ٽي وي تي بہ ڪم ڪيو) رهي ٿو.

اپريل 1961ع ۾ روسين هڪ ٻئي پٽيان خلا ۾ راڪيٽ چڙهيا، جن مان هڪ ۾ ماڻهو بہ موڪليائون، جيڪو راڪيٽ ۾ ڌرتيءَ جي چوڌاري Orbit ۾ چڪر هڻي آيو. آمريڪا جي تنهن وقت جي صدر جان ڪينيڊيءَ پنهنجي قوم سان واعدو ڪيو تہ سٺ جي ڏهاڪي پوري ٿيڻ کان اڳ آمريڪا چنڊ تي ماڻهو موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. ڪينيڊيءَ جو اهو واعدو جولاءِ 1969ع ۾ پورو ٿيو، جڏهن ائسٽورنات نيل آرام اسٽرانگ اپولو ٻئي ۾ چنڊ تي پهتو.

ڪينيڊي جي قتل بعد لنڊن جانسن جيڪو ان وقت وائيس پريزيڊنٽ هو، سو پريزيڊنٽ ٿيو ۽ ڇهن سالن تائين (1969ع تائين) يو ايس جو صدر رهيو. پنهنجي صدارت واري دور ۾ هو ويٽنام واري جنگ ۾ اٽڪي پيو. 1968ع تائين آمريڪا جا پنج لک سپاهي هڪ ڏورانهين ننڍڙي ملڪ ۾، جنهن بابت ڪيترن کي ڪا خاص ڄاڻ نہ هئي، ڪنهن بهتر نتيجي نڪرڻ بنا وڙهندا رهيا. عوام کي هن ڏورانهين جنگ لاءِ ڪا دلچسپي نہ هئي، جنهن ۾ سندن ٻچا مارجي رهيا رهيا، پر سياستدانن اهو ٿي سمجهيو ٿي تہ اهو مهاڏو ضروري آهي ۽ ويٽنام سان گڏ سندن وڏن چين ۽ روس کي سبق سيکارڻ کپي. مال ۽ جان وڃائڻ باوجود هن جنگ مان آمريڪا کي ڪجھ بہ هڙ حاصل نہ ٿيو. ملڪ اندر عوام جي هڙتالن ۽ جلوسن ملڪ جي حاڪمن کي منجهائي رکيو. لنڊن جانسن جي شهرت کي ڪافي ڌڪ لڳو. 1968ع ۾ جيئن ئي رچرڊ نڪسن صدر ٿيو تہ هن ويٽنام جي جنگ مان پنهنجن ماڻهن کي ٻاهر ڇڪڻ شروع ڪيو ۽ USA جهڙي پهلوان ملڪ پنهنجي جان ڇڏائي سُک جو ساهہ کنيو. اِهوئي سبب آهي جو هن دفعي افغانستان ۽ عراق واري جنگ ۾ هٿ ڳنڍڻ کان اڳ گهڻو سوچ ويچار ڪئي تہ ڪٿي وري ويٽنام واري خواري نہ ٿئي.

رچرڊ نڪسن اعليٰ ڊپلوميسي جو هڪ ڪم اهو بہ ڪيو جو هن آمريڪا ۽ چين جا تعلقات بهتر ڪرايا. سالن کان چين ۽ آمريڪا هڪ ٻئي لاءِ نفرتون پيدا ڪري رهيا هئا، انهن جو نڪسن خاتمو آندو ان ڪم ۾ پاڪستان اهم ڪردار ادا ڪيو. آمريڪا جي نمائندي ڪِسنجر جي پاڪستان معرفت چين جي سربراهن سان ملاقات ۽ دوستي ٿي. رچرڊ نڪسن کي جِتي چين سان لاڳاپا قائم ڪرڻ جو ڪريڊٽ مليو، اتي هو واٽر گيٽ ڪيس ۾ ڦاسي پيو. صدارت جي campaign ورڪ دوران واشنگٽن جي واٽرگيٽ آفيس ۾ ٺهيل

ڊيموڪريٽڪ پارٽي هيڊ ڪوارٽر ۾ گهڙي آيل پنج ڌاڙيل پڪڙجي پيا. اخباري نمائندن جي Investigation جاچ تي خبر پيئي تہ اهي همراهہ نڪسن ڪي صدارت جي ڪرسي لاءِ وري چونڊرائڻ واري ڪميٽي طرفان مقرر ڪيا ويا هئا. نڪسن ان جو اعتراف نہ ڪري ويتر پنهنجو ڪيس ڦٽائي رکيو، ڇو جو پوءِ اڳتي هلي رڪارڊ ٿيل ٽيپن مان سچو راز فاش ٿي ويو. 1974ع ۾ نڪسن کي صدارت ڇڏڻي پيئي ۽ هو آمريڪا جي تاريخ جو پهريون صدر ٿيو، جنهن صدارت تان استعيفيٰ ڏني.

رچرڊ نڪسن بعد آمريڪا جا هيٺيان صدر ٿيا:

- فورڊ 1974ع کان 1977ع تائين
- جمي ڪارٽر 1977ع کان 1981ع تائين
- رونالڊ ريگن 1981ع کان 1989ع تائين
- جارج بش 1989ع کان 1993ع تائين
- بل ڪلنٽن 1993ع کان 2001ع تائين
- جارج ڊبليو بش 2001ع کان 2009ع تائين
- باراڪ اوباما 2009ع کان.........

# واشنگٽن جي سنڌي شام

شروع ۾ هڪ هنڌ جاويد پٽو ۽ نفيسه هود پائي جو به نالو اچي چڪو آهي. نفيسه جا سنڌ جي عورتن جي مسئلن تي لکيل ڪجهه مضمون انگريزي اخبار **Dawn** ۽ شايد ڪنهن رسالي ۾ دلچسپي سان پڙهيا هئم ۽ نفيسه جي لکڻ جي ڍانءَ، دليري ۽ عنوان جي چونڊ ڪافي متاثر ڪيو هو. منهنجي ساڻس ملاقات واشنگٽن ۾ ملهايل سنڌي شام ۾ ٿي.

آمريڪا جي ”دي ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ“ وارن، سفير جان مئڪڊونالڊ سان **25** جون تي واشنگٽن ۾ سنڌي شام ملهائي، جنهن ۾ مون کي خاص مهمان جي حيثيت سان گهرايو ويو هو. اها واقعي سنڌي شام هئي جو مقرر وقت کان ڪلاڪ مٿي ٿي ويو پر ان جي ڪارروائي شروع نه ٿي هئي. جان مئڪڊونالڊ پنهنجي زال سميت پهچي چڪو هو ۽ ٻيون ڪجهه امريڪن عورتون هيون. اتي نفيسه به هئي پر ان وقت آئون ڪيس سڃاڻي نه سگهيس ۽ سفير سان ئي خبرون ڪندو رهيس، جنهن جي نئين ڪتاب **“Multi Track Diplomacy”** جي رونمائي ٿيڻي هئي. ايشيا جي ملڪن ۾ گهڻو رهڻ ڪري هو ۽ سندس زال اسان جي وقت جي غير پابند هجڻ مان واقف ٿي لڳا، جو هنن کي وقت تي فنڪشن نه شروع ٿيڻ تي نه حيرت هئي ۽ نه فڪر. آخر هالن واري نجم ميمڻ، اعجاز شيخ، عرفان جماڻي، عبدالنبي ميمڻ (خانبهادر محمد صديق ميمڻ صاحب جو فرزند)، سرفراز ميمڻ، شاهد ٽالپر ۽ مقبول عالياڻي جن پهتا ته هنن اچي وٺ وٺان ڪئي ۽ فنڪشن شروع ٿيو. مون ڏٺو ته بعد ۾ هڪ ٻئي پويان ايترا ته مهمان اچڻ شروع ٿي ويا جو ڪرسيون کٽي پيون ۽ بيٺلن سان باقي هال پرجي ويو. آئون هر اينڊڙ مهمان کي ڏسندو رهيس. ڪيترا ته منهنجا پراڻا سڃاڻو هئا، ڪيترا منهنجا ننڍپڻ جا ڪلاس ميٽ هئا، جن کي چاليهه پنجيتاليهه سالن بعد ڏسي رهيو هوس، سندس اڇ جا گهنجن ۽ ٽلهن شيشن وارين عينڪن وارا منهن مهانڊا سندن ننڍپڻ جي جوان ۽ تازگيءَ ڀريل چهرن جون لَڪائون ڏيئي رهيا هئا. اهڙن ۾ هڪ خالد هاشماڻي به هو. دل چيو ته اسٽيج ڇڏي ساڻس ڀاڪر پائي وجي ملان ۽ گذريل هڪ ٻئي کان غائب رهندڙ اڌ صدي جو احوال پڇانس. اهڙن ئي ميلي ۾ گم ٿيل دوستن ۾ مائٽن ۾ مامي جمونءَ (عبدالعليم بروهي) جو چهرو نظر آيو.

آئون پنهنجي ۽ ٻين جي تقريرن دوران فقط اهو ئي سوچيندو رهيس، ته هي جلسو ختم ٿيڻ بعد ڀرين ڪنهن سان ملجي ۽ پوءِ ڪنهن سان ۽ ائين نه ٿئي ته ڪو سڃاڻو فنڪشن پورو ٿيڻ کان اڳ هليو وڃي ۽ نه مون کي سندس خبر پوي ۽ نه هن کي منهنجي. ڇو جو آئون هن فنڪشن ۾ اوچتو پهتو هوس. هتي ڪنهن کي خواب خيال ۾ به نه هوندو ته آئون سمنڊ تي هجڻ بدران هتي آمريڪا جي ڪناري تي پهچي ويو آهيان، سو به گادي

واري شهر واشنگٽن ۾. الله ڀلو ڪري گهوٽڪي پاسي جي رميش تارواڻي جو جنهن کي واشنگٽن ڪم تي پيو ۽ آئون به ان سان هتي اچي نڪتس. رميش نيو جرسي ۾ اسان جي گهر جي ويجهو ئي رهي ٿو.

واشنگٽن پهچڻ تي به مون خاص مهمان ٿيڻ کان انڪار ڪيو پر پوءِ اعلان ٿيڻ تي سنڌي ٽوپي پائي اسٽيج تي اچي وينس ۽ هاڻ جيسين منهنجي تقرير جو وارو اچي تيسين دير سان آيل مهمانن کي کهڙي خبر ته آئون ڪير آهيان. اهڙي طرح ڪيترا هال ۾ اچي واپس موٽي به رهيا هئا, جيئن اسان جي ڳوٺ جو انجنيئر چاچي صديق گاجڻي جو پٽ امير ميمڻ, جنهن کي نه مون سڃاتو ۽ نه هن. نه ته هو ضرور ملي وڃي ها. جمونءَ کي به ان ڪري سڃاڻي رهيو هوس جو سنڌس شڪل سنڌس ڀاءُ حليم بروهيءَ سان ڪافي ملي پئي. ڪيس پنجاهه سال کن اڳ ڏٺو هوم پر سنڌس اڄ جي شڪل ۾ ڪو خاص فرق نه هو. اسٽيج تان مون ڏٺو ته هو ڪرسيءَ تان اٿيو. مون کي لڳو ته هو به هاڻ فنڪشن ڇڏي ٻاهر وڃڻ وارو آهي ۽ ٿيو به ائين. پنهنجي ٽائيٽ ٺيڪ ڪري ٻاهر نڪتو ته مون کان رهيو نه ٿيو. پر وارن کان **excuse** ڪري پنهنجي پاسي واري در کان ٻاهر نڪتس ته هو سامهون نظر اچي ويو.

”هئنڊس اپ.“ مون ڪيس چيو. ننڍپڻ کان چرچائي مڙس آهي سو شايد ڪو چرچو سوچڻ لڳو, پر مون کي نه سڃاڻي پريشان ٿي ويو.

”توهان مون کي نه سڃاتو جو چاليهه پنجاهه سال ٿي ويا آهن پر مون کي پڪ آهي ته توهان ڀڄو غلام فاطمان جا پٽ آهيو.“ مون سنڌس والده جو نالو ورتو جو آخرڪار منهنجي ساٽس مائٽي, سنڌس ماءُ جي معرفت آهي جنهن جو ڀاءُ محمد حسن سومرو منهنجو نانو ٿيو. ذهين ۽ چرچائي جمون, هاڻي مون کي سڃاڻي ويو.“ ادي شريفان جو پٽ آهين نه, الطاف؟ تنهنجو شفيق به پڇيو پئي.“

شفيق صديقي سنڌس وڏي ڀيڻ آپا تاج جو پٽ آهي ۽ اسان سان گڏ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هو.

”پوءِ ڀلا ترس ته فنڪشن بعد ملون. هينئر وڃجانءِ نه.“ مون جمونءَ کي چيو. جمونءَ پنهنجي قسطن واري روايتي ڪل ڪلندي چيو, ”آئون اجان ڪٿي ڪونه ٿو وڃان. توهان سيني کي اماڻي پوءِ ويندس. هي فنڪشن آرگنائيز ڪرڻ وارن مان آهيان. هينئر رڳو ٻاهر نڪتو آهيان جو ٻاهران هڪ انڊين هوٽل مان, هن فنڪشن لاءِ ماني اچي رهي آهي, انهن کي گائيڊ ڪري اچان ٿو.“

فنڪشن ختم ٿيڻ تي سڃاڻن, وڏي عرصي کان وڇڙيلن, پهريون دفعو ڏٺلن ۽ نوجوان ٿهيءَ جي ڪيترن سنڌين سان ملاقات ٿي. ڪئناڊا کان آيل حميرا رحمان سان, جيڪا فنڪشن دوران جڏهن سوال جواب ڪري رهي هئي, ته شڪل مان ئي نجما رحمان ۽ شيري رحمان جي ڀيڻ ٿي لڳي. خيرپور ناٿن شاهه جو بشير شيخ به هو جيڪو مهراڻ مان

**1994**ع ۾ **B.E** ڪرڻ بعد آمريڪا هليو آيو، جتي ايم اي ايڪنامڪس ۽ مشيگان يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽرس ڪيائين. هو هينئر نيشنل سائٽيفڪ فائونڊيشن ۾ ڪنسلٽنٽ انجنيئر آهي ۽ پنهنجي ڪمپني ”ٽيڪجيم ڪارپوريشن“ پڻ هلائي ٿو. سندس زال ورجينيا ۾ يا شايد نارٿ ڪئرولينا ۾ اسلامي اسڪول هلائي ٿي. عمر عباسي (محمد انور عباسي صاحب جو فرزند) پڻ اتي مليو. جنهن جو چاچو غلام سرور عباسي صاحب ڪراچيءَ ۾ عباسي اڪيڊمي نالي ماڊرن ۽ اعليٰ نموني جو تعليمي ادارو هلائي ٿو.)

## آمريڪي فوج ۾ پهريون سنڌي

واشنگٽن جي ان سنڌي شام ۾ حنيف سانگي نالي هڪ نوجوان مليو، جنهن لاءِ خالد هاشماڻي ٻڌايو تہ هي آرميءَ ۾ آهي.

”پاڪستان آرميءَ ۾؟“ مون پڇيو.

”نہ. هتي آمريڪا جي آرميءَ ۾.“ خالد ٻڌايو. اهو ٻڌي مون کي حيرت ٿي پر پوءِ ياد آيو تہ اڄڪلهہ ڪيترائي اسان جي ملڪن جا ماڻهو، جيڪي آمريڪن سٽيزن آهن آمريڪا جي نيوي ۽ آرمي وغيره ۾ آهن. هينئر ويجهڙائيءَ ۾ هڪ اهڙي پاڪستاني آمريڪن نوجوان ڪئپٽن همايون صادق بابت ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ايسوسيئيشن جي نيوز ليٽر ۾ پڙهيو هوم تہ ڪئپٽن همايون ثاقب خان ائڪشن دوران شهيد ٿي ويو. ڪئپٽن همايون 9 سيپٽمبر 1976ع تي ڄائو هو. ”پرل هارٽ آپريشن عراقي فريڊم“ واري ويڙهہ ۾ آمريڪا جيڪي فوجي عراق موڪليا هئا، انهن ۾ ڪئپٽن همايون بہ هو. سندس لاش کي واشنگٽن ۾ سرڪاري اعزاز سان دفن ڪيو ويو.

غلام نبي سانگي صاحب جي آمريڪا ۾ رهندڙ هن فرزند حنيف سانگيءَ ٻڌايو تہ هن **1995**ع ۾ مهراڻ مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ **BE** ڪئي جنهن بعد لاڙڪاڻي وچي ”لعل بخش سوشل ويلفيئر“ نالي هڪ اين جي او آرگنائيزيشن هلائي. حنيف جو اصل ڳوٺ ”ستار ڏنو سانگي“ پڻ لاڙڪاڻي ۾ آهي، جتي هو ستين آڪٽوبر **1970**ع تي ڄائو.

”لاڙڪاڻي ۾ بہ ٿي سال ڪم ڪرڻ بعد **1998**ع ۾ آمريڪا جي **“Diversity Visa Lottery 99”** لاٽري پروگرام ۾ منهنجو نالو نڪتو ۽ آئون ڪئليفورنيا رياست جي شهر لاس اينجلس ۾ هليو آيس، جتي هڪ سنڌيءَ جي دڪان تي سال کن ڪم ڪيو.“

ان دوران حنيف مختلف هنڌن تي مختلف نوڪرين لاءِ **Apply** ڪندو رهيو. پنهنجي تعليمي آڌار تي هن کي سگهو ئي آمريڪن آرمي جي فيلڊ آرٽلري ۾ **Cannon Specialist** جي نوڪري ملي وئي. اوڪلاهوما جي آرٽلري اسڪول ۾ ٽريننگ حاصل ڪرڻ بعد کيس ٽيڪساز ۾ رکيو ويو، جيڪو **USA** آرمي جو وڏو **Base** آهي.

”سن 2001 ۾ اسان جي يونٽ کي ڪويت ۾ رکيو ويو، جتان **2002**ع ۾ واپس آمريڪا موٽڻ کان اڳ شاديءَ لاءِ پاڪستان ويس. ان بعد مون کي ريجنل **Analyst** جي پوسٽ تي ٽيڪساز کان واشنگٽن ٽرانسفر ڪيو ويو.“

حنيف سانگي صاحب ان وقت کان هتي واشنگٽن ۾ آهي، پاڻ پنهنجي زال ڪلثوم ناريجو ۽ ٻن ٻارن آٿرا ٻن سالن جي ۽ عامر مهراڻ پنجن مهينن جو ساڻ رهي ٿو. حنيف سانگيءَ ٻڌايو ته آمريڪا جي فوج (آرمي) ۾ پاڻ پهريون سنڌي آهي، جيتوڻيڪ هاڻ ته ڪيترائي سنڌي اچي ويا آهن.

## پروفيسر جاويد پٿو سان ملاقات

۽ انهي فنڪشن ۾ نفيسه هود ڀائي سان ملاقات ٿي. مون پنهنجن دوستن کي ٻڌايو ته هوءَ منهنجي پسنديده ليکڪائن مان هڪ آهي. ماشاءَ الله جيترو پاڻ سهڻي سمارٽ آهي، اوترين ئي سهڻيون ۽ بولڊ سندس لکڻيون آهن. **WSI** جي ڊائريڪٽر منور لغاريءَ ٻڌايو ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته نفيسه ۽ سندس مڙس جاويد پٿو اسان جي سوسائٽيءَ جا ذهين، تعليم يافته ۽ انٽيليڪچوئل آهن. جاويد پٿو صاحب ان ڏينهن هن سنڌي شام ۾ اچي نه سگهيو هو، پر پوءِ منهنجيون هن سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. ٽن چئن مهينن ۾ آئون گهٽ ۾ گهٽ چار دفعا ڪن واشنگٽن آيس، جتي يڪو هفتو هفتو رهيو پيو هوس. هر دفعي جاويد سان ملاقات ضرور ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو ۽ آئون اڪيلو ئي اڪيلو لنڪن ميموريل کان وٺي، پوٽو مئڪ **(Potomac)** نديءَ جو ڪنارو ڏيئي، ڪينيڊي سينٽر کان وچي نڪرندا هئاسين ته ڪڏهن هينري ٻئنڪن ڊرائيو وارو رستو وٺي **Constitution** ايونيو تي وچي چڙهندا هئاسين. جاويد جو زور مون کي ماني کارائڻ تي هوندو هو، پر مون کي واڪ ڪرڻ ۽ سندس فيلسوفانه ڳالهيون ٻڌڻ جو اونو رهندو هو. تنهن هوندي به هن ۽ نفيسه هڪ ٻه دفعو هوٽل ۾ ماني به ڪئي ۽ هڪ ٻه دفعو پاڻ بنا اطلاع جي مون وٽ اچي نڪتا ۽ جيڪي اسان وٽ دال ماني تيار هوندو هو، کائي ويندا هئا.

جاويد سان منهنجي نه پهرين جي ملاقات هئي ۽ نه مون سندس نالو ٻڌو هو. هتي اچي واقفيت ٿي ته جاويد پٿو صاحب سنڌ يونيورسٽي ۾ فلاسافي ڊپارٽمينٽ جو هيڊ رهي چڪو آهي، جنهن پوسٽ تي هينئر سنڌ جي مشهور ليکڪا امر سنڌو (پروفيسر سلميٰ لغاري) آهي. جاويد پٿو جي جاڻ خاص ڪري تاريخ، سوشل سائنس، صوفي ازم، شاهه لطيف جي شاعري بابت، جيڪا ٻين کان واڪاڻ ٻڌم، ڪيس ان کان وڌيڪ قابل محسوس ڪيم. هن جي معصوم، سٻاجهي ۽ يار ويس طبيعت سيني کي سندس دوستيءَ ۾ جڪڙي ٿي رکيو. ايتري قدر جو آخري ڏينهن ۾ ورجينيا ۽ واشنگٽن جي سنڌين کي ته اهو ئي چوندو هوس ته توهان خوش نصيب آهيو جو توهان جي وچ ۾ پروفيسر جاويد پٿو ۽ اسانجو پيٽارو

جو ڪلاس ميٽ سميع چادران جهڙا ماٺهو موجود آهن. توهان کي تہ جڏهن بہ سنڌ جي سڪ لڳي تہ انهن سان ملي سنڌ جون خبرون (جاويد کان) ۽ چرچا ٻوڳ (سميع) کان ٻڌي تازا توانا ٿي سگهو ٿا. سميع منهنجو ڪئڊٽ ڪاليج جو ستين ڪلاس کان سجاڻو آهي ۽ اصل ڳوٺ قاضي احمد اٿس. سندس خبرون ٻئي سفرنامي ”بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور“ واري ۾ ڪنداسين.

هڪ ڏينهن جاويد سان فيئرمونٽ هوٽل جي سامهون واري فٽ پاٿ تي ملاقات ٿي. آئون ان ڏينهن پاڪستان جي ايمبسيءَ ۾ پنهنجي ملڪ جي سفير جنرل جهانگير ڪرامت ۽ پير جي ڳوٺ جي همراهہ ڪليم خلجي سان ملي موٽيو هوس. شاهد ڪلهوڙو بہ پاڪستان ايمبسيءَ ۾ آهي، پر هو ان ڏينهن موجود نہ هو. جاويد ٻڌي چيو تہ هو بہ واندو آهي، جهڙالو ڏينهن آهي، هلو تہ شهر جو چڪر هڻون. ٿورو ئي پري سندس گاڏي هڪ پارڪنگ لاٽ ۾ هئي. اتان گاڏي ڪڍي وري هوٽل فيئر مونٽ واري روڊ ٿيويهين گهٽي **NW** آياسين. واشنگٽن جو شهر اڌ سمجهو تہ نارٿ ويسٽ **NW** آهي تہ اڌ سائوٿ ويسٽ **SW**. گهٽين يعني روڊن جا نمبر (انگ) بہ آهن تہ اکر (اي بي سي ڊي وغيره) بہ. ساڳي نمبر يا اکر واري گهٽي (روڊ) شهر جي هڪ اڌ ۾ بہ ملندي تہ ٻئي ۾ بہ. ان ڪري واشنگٽن ۾ جتي بہ رهو يا جنهن سان ملڻ وڃو تہ گهٽيءَ جي نمبر سان گڏ اهو بہ ياد رکجو تہ اها گهٽي سائوٿ ويسٽ پاسي جي آهي يا نارٿ ويسٽ پاسي جي. نہ تہ گهر ڪيامڙي ۾ هوندو ۽ توهان وڃي ملير لانڍيءَ کان نڪرندائو. هونءَ توهان کي هڪ دفعو رستو سمجهہ ۾ اچي وڃي تہ پوءِ واشنگٽن جهڙو سهڻو ۽ Well Organised شهر دنيا ۾ نہ هوندو.

## ابراهم لنڪن ٽپتائي نہ هو

اسان **23St NW** ذريعي سڌو واشنگٽن سرڪل واري چوراهي وٽ اچي پهتاسين.

”ڪيڏانهن هلون؟ پينسلوانيا اوينيو ڏيئي وائيٽ هائوس ڏي هلون؟“ جاويد پڇيو.

”هن وقت ٽريفڪ جام هوندي. بهتر آهي پاڻ ساڳيو روڊ سڌو ڏيئي هلون ۽ لنڪن ميموريل وٽ ٿي هلي ويهون.“ مون جاويد کي صلاح ڏني. اتي دکيون بہ آهن تہ هوا بہ ٿڌي پيئي لڳي.“

”چئبو تہ توهان لنڪن کي مڙيئي پسند ڪريو ٿا؟“ جاويد مرڪندي چيو.

اها حقيقت آهي تہ اڄ جي ٽِپتائي صدرن کان ابراهم لنڪن ڀلو ماڻهو هو. غريب جو يار ٿي ڪري غريبن جو خيال هئس ۽ شيدين کي غلاميءَ جي ڄٽ کان بہ هن ئي بچايو.“

ابراهم لنڪن آمريڪا **(USA)** جو سورهون ۽ ريپبلڪن پارٽي جو پهريون صدر هو. پاڻ ڪينٽڪي رياست جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ **1809**ع ۾ ڄائو ۽ **1861**ع ۾ صدر ٿيو.

ملڪ ۾ هلندڙ غلامي واري سسٽم کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. 1865ع ۾ فورڊ ٿيٽر ۾ هڪ ائڪٽر (جان وائيڪس بوٿ) کيس پستول سان شوٽ ڪيو. آمريڪا جا ماڻهو ابراهم لنڪن کي جارج واشنگٽن بعد ٻئي نمبر تي پسند ڪن ٿا ۽ سڄي ملڪ ۾ مشهور آهي. اهو لنڪن ئي هو جنهن جي تقرير جو مشهور جملو:

**"Government of the people, by the people, for the people, shall not perish from the earth."**

اڄ ڏينهن تائين دنيا ۾ مشهور آهي.

اسان لنڪن ميموريل ۾ گهڙي اندر اچون ٿا. ڪجهه اسڪولن جون ڇوڪريون ساڳي يونيفارم ۾ پنهنجي ٽيچر سان گڏ ٽوئر ڪري رهيون هيون. ڏاڪڻين تي سوين ٽوئرسٽ، جن ۾ اڇ گهٽائي ڏکڻ آمريڪا جي هسپانوي ماڻهن جي لڳي رهي هئي، نظر اچي رهيا هئا. ڪي ڪچهري ڪري رهيا هئا، ڪي پٽئٽو چپس جهڙيون شيون لفافن مان ڪڍي کائي رهيا هئا، ڪي هڪ ٻئي جا فوٽو ڪڍي رهيا هئا. اسان ڏاڪڻيون چڙهي مٿي ابراهم لنڪن جي مورتي **(Statue)** وٽان لنگهياسين. مورتي جي پوئين پٽ تي انتساب طور لکيل سٽون جاويد چپن ۾ جهونگاريون تيسين مون هڪ ٻه تصويرون ڪڍي ورتيون.

**In this temple**
**As in the hearts of the people**
**For whom he saved the union**
**The memory of Abraham Lincoln**
**Is enshrined for ever.**

## I have a dream مارٽن لٿر ڪنگ جو خواب

اسان ابراهم لنڪن جي مورتي جي ڪاٻي پاسي کان ڦري اچي مٿين دڪين مان هڪ تي ويناسين. پر ۾ ڪنهن هنگري يا آسٽريا جهڙي مشرقي يورپ جي ملڪ جي ڪا عورت گهران آندل سئنڊوچون پنهنجن ٻن ننڍن ٻارن کي کارائي رهي هئي. اسين ڪا دير ڄامشوري، سنڌ يونيورسٽي ۽ اتي جي استاد صاحبن ۽ شاگردن جون ڳالهيون ڪندا رهياسين. ننڍڙيءَ ننڍڙيءَ ڳالهه تي غم ٻه محسوس ڪري رهيا هئاسين تہ ننڍڙيءَ ننڍڙيءَ ڳالهه تي خوشي ٻہ محسوس ڪئيسين ٿي. مون کي هن وقت ياد اچي رهيو آهي تہ ڪيئن هڪ اهڙي ننڍڙيءَ ڳالهه تان جيڪا اتي رهندڙ جپانيءَ بابت هئي، اسان ڪيڏا ٿهڪ ڏنا هئا. اڄ پيو سوچيان تہ اهو تہ ڪو اهڙو وڏو چرچو نہ هو، پر شايد اتي جي ماحول ۽ موسم جو اثر هو. جاويد ٻڌايو تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ رهندڙ ”ماميا سان“ نالي هڪ جپاني جيڪو سنڌي ڳالهائڻ ۾ پڙ هو ۽

هن **Language** ۾ ماسٽرس پئي ڪئي، ان وقت هڪ ڏينهن، جاويد جي آفيس جو پٽيوالو پنهنجو پڳل ٽيپ رڪارڊر کڻي آيو تہ ٺاهي ڏي. هو چويس تہ بابا آئون ڪو مڪينڪ نہ آهيان بلڪ لٽريچر جو شاگرد آهيان. پر مون واري پٽيوالي جي دماغ ۾ اها ئي ڳالهہ پريل هئي تہ جپاني معنيٰ ٽيپ رڪارڊر ۽ ريڊيو ٺاهڻ وارا....

بهرحال ان قسم جون ڳالهيون ڪري شام ڪئيسين. اٿڻ مهل جاويد مون کي ان خاص پٽر وٽ وٺي آيو، جتي لٿر ڪنگ جي تقرير ڪندي ماريو ويو هو. مارٽن لٿرڪنگ جونئر **1929**ع ۾ ڄائو هو. پاڻ "سول رائيٽس موومينٽ" جو مشهور ليڊر هو. پاڻ سڄي عمر **Non Violence** ۽ **Racial Equality** جي پرچار ڪندو رهيو. کيس نوبل امن انعام ۽ صدارتي آزاديءَ جو ميڊل بہ مليو هو. کيس ڪنهن **4** اپريل **1968**ع تي تقرير ڪندي قتل ڪري ڇڏيو. هن کي ڪيترين ڳالهين ۾ ابراهم لنڪن سان ڀيٽيو وڃي ٿو. ٻنهي ڄڻن پنهنجي زندگي غريب عوام جي حقن لاءِ قربان ڪئي.

لٿر ڪنگ جي "I have a dream" مشهور تقرير آهي.

آئون ان پٽر وٽ جهڪي وينس ۽ جاويد کي چيم تہ هاڻ تصوير ڪڍ جيئن ان پٽر تي لکيل مارٽن لٿر جو نالو ۽ منهنجو چهرو ٻئي تصوير ۾ اچي وڃن. جاويد ٻڌايو تہ مارٽن لٿرڪنگ جي هتي ڪيل تقرير جنهن جو عنوان "**I have a dream**" آهي، مارٽن جي سڀ کان بهترين تقرير آهي جيڪا هن پنهنجن شيدين جي حقن گهرڻ لاءِ ڪئي هئي. اها تقرير هن جي خواهشن جو نچوڙ هئي تہ مستقبل ۾ اهڙو ٿئي، جتي هن ملڪ جي ڪارن ۽ گورن کي هڪ جهڙا حق نصيب ٿين. چون ٿا تہ صدر ڪينيڊي جيڪو ڪنگ مارٽن لٿر سان ان ڏينهن شام جو مليو هو، تنهن بہ چيس تہ مون کي تنهنجي تقرير بيحد متاثر ڪيو آهي. "هڪ ڏينهن اهڙو ضرور ايندو ۽ منهنجو پڻ اهڙو ئي خواب آهي."

جاويد پٽو صاحب کي تہ اها تقرير ڄڻ برزبان ياد هئي. هن مون کي ان جا ڪيترائي ٽڪرا ٻڌايا.

**"...I have a dream that one day this nation will rise up and live out the true meaning if its creed: "We hold these truths to be self – evident: that all men are created equal".**

**..I have a dream that one day on the red hills of Georgia the sons of former slaves and the sons of former slave owners will be able to sit down together at a table of brotherhood.**

**...I have a dream that one day even the state of Mississippi, a state sweltering with the heat of injustice, a state sweltering with the heat of oppression, will be transformed into an oasis of freedom and justice.**

**.. I have a dream that my four children will one day live in a nation where they will not be judged by the colour of their skin but by the content of their character. I have a dream today.....**

## نجم جي دال جي ڇا ڳالھ

هڪ رات ٽرين ذريعي نيو جرسيءَ کان واشنگٽن پھتس. منور لغاري ڪئناڊا ويل هو, جتي هن ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي برانچ کولڻ ٿي چاهي. منھنجو پيارو جو دوست سميع ڪنيڪٽيڪٽ رياست ڏي هڪ ڏينھن لاءِ پنھنجي ڌيءَ سان ملڻ ويو هو. هن سان مون کي ٻئي ڏينھن واشنگٽن ۾ ملڻو هو. جتي بالٽيمور کان ملير ڊائجسٽ جو اڳوڻو ايڊيٽر اعجاز ابڙو بہ اچڻو هو. رستي تي فلڊلفيا ۾ گاڏي ترسي تہ مون پنھنجي ڳوٺائي نجم ميمڻ کي فون ڪيو تہ رات سندن فلئٽ تي گذاريندس. ٻاھر نڪرين تہ چاٻي هيٺ رسيپشن تي مون لاءِ ڇڏجانءِ. رات جو اٺين وڳي واشنگٽن پھتس. ريلوي اسٽيشن ٻاھران ڪجھ **Snacks** کائي, ٽئڪسي ڪري, نجم وارن جي فليٽ تي پھتس. سخت ٿڪل هوس, وري ٻاھر نڪري مانيءَ تي هلڻ بدران اڳوات ڪجھ کائي پھتس تہ نماز پڙهي سمھي ٿو رهان. فلئٽ تي پھچڻ سان چاٻي بہ موجود هئي تہ نجم بہ. نجم کي چيم تہ ٿڪل آهيان ننڊ ڪرڻي اٿم.

”ائين ڪيئن ٿيندو. اندر تہ اچو پروفيسر پٺو صاحب ويٺو آهي. هو توھان جي اچڻ جو ٻڌي ترسي پيو آهي.“ نجم ٻڌايو ۽ آئون ننڊ تي جاويد پٺو جي ڪچھري کي اوليت ڏئي ويھي رهيس. هڪ دفعو وري سنڌ جون ڳالھيون, سنڌ يونيورسٽي جون ڳالھيون, يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ شاگردن جون ڳالھيون, جاويد جي دوستن: پروفيسر فريد الدين شيخ, آغا رفيق, اياز مغيري, عاصم آخوند ۽ ٻين جون ڳالھيون شروع ٿيون تہ ڪٿن ٿي نہ, رات جا ٻارهن وڄي ٿيا. نجم اٿيو, پاٽيءَ پسيو پت ۽ سائي مڱن جي دال رڌي آيو. ڏاڍي وٽي. بک بہ ڏاڍي هئي, سپ ڪائي وياسين. ديڳڙن ۾ نہ دال بچي نہ چانورن جو ڪٽو. نجم کي چيم تہ اهڙو سٺو بورچي آهين تہ ڪونہ, دال ۾ ڇا وڌئي؟ چوي ڪجھ بہ نہ. چيومانس هن کان اڳ بہ ساڳي دال رڌي اٿئي, هن پيري واھ جو سواد ۽ خوشبوءِ هئس. ڪو ڪنور ڪيوب يا ڪو مسالو ضرور وڌو هوندءِ. چوي ”ڪجھ نہ بک جي ڪري وٽي اٿانوَ.“ صبح جو اٿي نيرن لاءِ ڊبل روٽيءَ تي مکڻ هٽان تہ مکڻ

ليي نہ. نجم هي ريفريجريٽر جي رئڪ ۾ **Land o Lakes** جي مکڻ جي دٻي پيئي هئي، ڪيڏانهن وئي؟

”سائين ان بدران ڊبل روٽيءَ تي پنير هٽي ڪائي چڙيو. ان مکڻ ۾ مون رات دال رڌي چڙي.“ نجم شيو ڪندي واش روم مان رڙ ڪئي.

”هلا ٺئي! اها ڳالهہ ڪر. آئون بہ چوان تہ ههڙي خوشبودار دال پهرين تہ ڪڏهن نہ ٿي.“

## عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ امر سنڌو

ان رات دير تائين جاويد پٽو سان ڪيل ٻيون ڳالهيون تہ هن وقت ياد نہ اٿم، پر اها خبر پيم تہ سنڌ جي مشهور ڪالم نويس، شاعره، Activist ۽ عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ ۽ ويڙهہ جي ڄاڻو امر سنڌو، جنهن پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ ڪڍي، منهنجي ڇپان واري سفرنامي جا پيش لفظ پڻ لکيا، اڄ ڪلهہ پروفيسر جاويد پُٽو واري جاءِ تي سنڌ يونيوورسٽي جي فلاسافي ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن آهي ۽ سندس ادبي نالو تہ امر سنڌو آهي پر اصل نالو سلميٰ لغاري آهي.

پروفيسر سلميٰ لغاري جو ميرپور خاص سان تعلق آهي ۽ پاڻ 1993ع ۾ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي ڪيائين ۽ 1995ع ۾ فلاسافيءَ ۾. ان کان علاوه هن ڪولمبو، سري لنڪا مان بہ Women Studies ۾ گرئجوئيٽ ڪيو آهي. جاويد ٻُڌايو تہ پروفيسر سلميٰ (امر سنڌو) جي سنڌي شاعريءَ جو ڪِتاب” اوڃاڳيل اکين جا خواب“ عنقريب اچي رهيو آهي، جنهن ۾ سندس شعرن جو اڙدو ترجمو پڻ آهي. جيڪو فهيده رياض ڪيو آهي. هڪ اهڙو اڙدو شعر جيڪو جاويد ٻُڌايو ۽ منهنجي ڪاپيءَ تي نظر اچي رهيو آهي، هن ريت آهي:

انقلاب کي تمام نعري بليٽ پروف هين
هماري جوانيان انقلاب
هماري مسڪراهٽين احتجاج
اور هماري آنسو
هماري لئي نعري بن رهي هين.....

## پروفيسر جاويد پٽو ۽ نفيسہ هوديائي جي ڪهاڻي

ان رات پروفيسر جاويد پٽو جي ٻين ڳالهين مان هڪ ٻي ڳالهہ يا سندس **Observation** کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي، بلڪ مون لاءِ اها بلڪل نئين معلومات هئي ۽ هن کان اڳ مون ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ڪيو هو. ڇي هندو سمنڊ کي هٿ نہ لائيندا آهن، سواءِ سنڌي هندوءَ جي. سمنڊ سان واسطو نہ هجڻ

ڪري ٻيون ڏاريون قومون هندستان ۾ گهڙي پيون ۽ هندستان تي حڪومتون ڪنديون رهيون. ساڳي وقت سنڌي سمنڊ سان مانوس هجڻ ڪري سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا.

جاويد ڀڏايو تہ سندن والد لعل محمد ڀٽو صاحب جيتوڻيڪ پروفيشن جي خيال کان ڪمپائونڊر هو، پر هن کي شاهہ لطيف بابت ۽ صوفي ازم ۽ ايراني ادب جو تمام گهڻو شوق هو. جاويد ڊاڪٽر ٿيڻ لاءِ بولان ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا بہ ورتي، پر پوءِ اهو ڇڏي ڪراچي يونيورسٽي مان فلاسافيءَ ۾ آنرس ڪئي ۽ ان بعد بلغاريا جي صوفيہ يونيورسٽيءَ مان **1989**ع ۾ ماسٽرس ڪئي. **1990**ع کان **1999**ع تائين هو سنڌ يونيورسٽي ۾ فلاسافي ڊپارٽمينٽ سان رهيو. ان بعد سن **2000**ع ۾ يونائيٽيڊ اسٽيٽس هليو آيو ۽ هاڻ ڪئٿولڪ يونيورسٽي، واشنگٽن سان وابستہ آهي. نفيسہ هوديائيءَ سان سندس شادي **1998**ع ۾ ڪراچي ۾ ٿي ۽ اڄڪلهہ هن جو جاب پڻ هتي واشنگٽن ۾ آهي. پاڻ وائيس آف آمريڪا جي اڙدو پروگرام جي پروڊيوسر آهي.

پروفيسر جاويد ڀٽو جو هڪ ڀاءُ شاهد ڀٽو ميوزڪ ڪمپوزر آهي ۽ پاڪستان ٽيليويزن سان وابستہ آهي ۽ ٻيو ڀاءُ ڊاڪٽر زاهد لانڍي سوشل ويلفيئر ڪراچي اسپتال ۾ ٻارن جي بيمارين جو ڊاڪٽر آهي.

پروفيسر جاويد ڀٽو جي زال نفيسہ هوديائي **(Hoodbhoy)** هڪ جرنلسٽ، ليڪڪ، پروفيسر، **Feminist** ۽ آمريڪا جي ٽي وي ۽ ريڊيو **Voice of America** جي پروڊيوسر آهي. پاڻ ڪراچيءَ ۾ ننڍي ٿي وڏي ٿي ۽ سندس ڪراچي جي مشهور فيملي هوديائي سان تعلق آهي. سندس والد صاحب امير علي هوديائي ڪراچي جي ٿيوسافيڪل هال جو پاڪستان ٺهڻ کان وٺي يعني **1947**ع کان سندس وفات (**1998**ع) تائين سيڪريٽري ٿي رهيو. ان کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي **NGOs** جو فائونڊر هو، جن مان گونگن ۽ ٻوڙن جي آرگنائيزيشن **(Organization of Deaf & Dumb)** پڻ هڪ آهي، جنهن جي آفيس ڪراچيءَ ۾ جناح جي مزار پرسان آهي.

نفيسہ هوديائيءَ ٻڌايو تہ ننڍي هوندي کان هن جي خواهش هئي تہ هوءَ جرنلسٽ ٿئي. ”مون گهمڻ ڦرڻ چاهيو ٿي، ماڻهن سان ملڻ چاهيو ٿي، نوان نوان تجربا حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي. منهنجي خيال ۾ آئون سورهن سالن جي هئس، جو مون انگريزي زبان جي اخبار **Dawn** ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيو.“

نفيسہ هوديائيءَ جا اهي ڪالم پاڪستاني عورتن بابت هئا، جيڪي مختلف پروفيشن ۾ ڪم ڪري رهيون هيون ۽ انهن جي مسئلن بابت هئا، جيڪي هنن کي درپيش آيا ٿي. نفيسہ هوديائيءَ جي زندگيءَ ۾ اڄ بہ اهي بہ ٽندون ٽٽيون نہ آهن. هڪ جرنلزم ۽ ٻي مسلمان سوسائٽيءَ ۾ عورتن جا مسئلا.

هڪ نوجوان عورت جي حيثيت سان نفيسہ هوديائي پهريون دفعو آمريڪا (USA) 1979ع ۾ نارٿ ايسٽرن يونيورسٽي، بوسٽن ۾ تاريخ جي سبجيڪٽ ۾ ماسٽرس ڊگري ڪرڻ آئي. اتي هن جرنلزم جا ڪورس بہ ڪيا.

آمريڪا مان MA ڪرڻ بعد نفيسہ کي اتي ئي نوڪري ملي وئي ۽ سندس اهو پهريون جاب نيويارڪ مان نڪرندڙ اخبار The Guardian ۾ رپورٽر جو هو. هي سال 1981ع هو، جنهن ۾ آمريڪا ۾ عورتن جون تحريڪون (Feminism) پاڙ پريون ٿي رهيون هيون.

”مون کي انهن بابت لکڻ جو ڪم ڏنو ويو“، نفيسہ ٻڌايو، ”اهو ڪم مون لاءِ بيحد دلچسپ هو. آئون آمريڪا جي عورتن جي activities جي ڀيٽ پنهنجي ملڪ جي عورتن سان ڪري سگهيس ٿي.

**It was such an inspiration for me, that women could be so powerful, so vocal, so involved."**

آمريڪا ۾ ڇهہ سال رهڻ بعد نفيسہ پنهنجي وطن پاڪستان ورڻ جو سوچيو جتي اچي هن پنهنجو جرنلزم وارو ڪم شروع ڪرڻ چاهيو ٿي. ملڪ جي وڏي اخبار ڊان هن کي يڪدم پنهنجي اخبار ۾ اسٽاف رپورٽر جي حيثيت سان جاب ڏنو. ان وقت نفيسہ هوديائي اڪيلي عورت هئي، جنهن ان فيلڊ ۾ ڪم ڪيو ٿي. 2001ع ۾ کيس آمريڪا طرفان فورڊ فائونڊيشن فيلوشپ ملي، تہ مساچوسيٽ جي امريسٽ (Amherst) يونيورسٽي ۾ اچي پڙهاءِ، جتي يونيورسٽي وارن هڪ نئون ڪورس ڊيولپ ڪيو هو، جنهن جو عنوان هو:

**"Impact of Islamic fundamentalism on women in Pakistan, Iran and Afghanistan.**

سال کن بعد نفيسہ مساچوسيٽ يونيورسٽي هڪ وزٽنگ پروفيسر جي حيثيت سان Join ڪئي ۽ ساڳي وقت هڪ نيشنل پبلڪ ريڊيو تي Freelance رپورٽنگ بہ شروع ڪئي. سندس رپورٽن يا تقريرن جا عنوان عورت، اسلام، ڏکڻ ايشيا ۾ انساني حق هئا. هينئر ويجهڙائيءَ ۾ وائيس آف آمريڪا وارن پنهنجي اڙدو سروس کي وڌايو تہ هنن هڪدم نفيسہ هوديائيءَ کي ساڻن ڪم ڪرڻ جي آفر ڏني ۽ هاڻ نفيسہ ٻيا ڪم ڇڏي Voice of America ۾ پروڊيوسر جي حيثيت سان ڪم ڪري ٿي. هن سان گڏ ٻيا بہ ٽيهارو کن پاڪستاني، جرنلسٽ ۽ رپورٽر ڪم ڪن ٿا، جن مان مرتضيٰ سولنگي پڻ هڪ آهي.

نفيسہ جو پاڪستان جي سياست تي هڪ ڪتاب هتي آمريڪا ۾ Penguin Putnam Viking پريس ۾ پڻ ڇپجي رهيو آهي، جيڪو هن جي جرنلزم جي تجربن جي آڌار تي آهي.

نفيسہ هوديائي جي وڏي ڀيڻ نرگس هوديائي ڪان ڪيترائي سنڌي ادب جا پڙهندڙ واقف هوندا جو هن هڪ وڏو عرصو سوجهرو رسالي ۾ ڪم ڪيو. سندس ٻي ڀيڻ ڊاڪٽر مسز نسيم صلاح دين آهي، جيڪا لياقت نيشنل هاسپيٽل ڪراچي ۾ **Immunology** ڊپارٽمينٽ ۾ آهي. ڀائرن ۾ هڪ ڀاءُ ثمير هوديائي ڪمپيوٽر انجنيئر آهي ۽ ڪراچي ۾ هن جو بزنيس آهي ۽ ٻيو ڀاءُ پرويز هوديائي ملڪ جو نامور سائنسدان آهي، جنهن نيوڪليئر فزڪس ۾ پي ايڇ ڊي ڪئي آهي. پاڻ قائداعظم يونيورسٽي جي فزڪس ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر آهي. ڪيس ڪيترائي ملڪي ۽ غير ملڪي ايوارڊ ملي چڪا آهن ۽ هو تعليم يافتہ طبقي ۾ بيحد عزت جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

# ڪجھ نيويارڪ بابت

اسان ڪي ڪجھہ نيويارڪ جو ذڪر ڪرڻ ڪپي. جيئن ڪراچي پاڪستان جي جان آهي، توڙي ڪٽي گادي جو هنڌ اسلام آباد آهي يا سهڻو شهر لاهور ٿو سڏجي، پر ڪراچي واپار وڙي ۽ عوام جي لحاظ کان وڏو شهر آهي ۽ ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهن لاءِ فيوريٽ شهر آهي. ايتري قدر جو پاڪستان جي سچاٽپ ڪراچي آهي ۽ ڪراچي جي پاڪستان. تهڙي طرح آمريڪا (USA) جو شهر نيويارڪ آهي، جِتي هر ڊاريون ۽ ملڪي ماڻهو وڃڻ چاهي ٿو. آمريڪا جو جيتوڻيڪ گاديءَ جو هنڌ واشنگٽن (ڊي سي) آهي ۽ خوبصورت شهر لاس اينجلس، بالٽيمور، شڪاگو، ميامي ۽ هيوسٽن کان وٺي خبر ناهي ڪهڙا هجن، پر وڏي ليول تي آمريڪا جي سچاٽپ نيويارڪ آهي ۽ نيويارڪ معنيٰ USA. نيويارڪ هوائي جهاز يا پاڻي واري جهاز رستي اچ توڙي اڳ، پهچڻ ۾ سولو رهيو آهي. نيويارڪ کي پنهنجو هوائي اڏو آهي، بلڪہ دنيا جو وڏي ۾ وڏو هوائي اڏو JFK ۽ ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي هوائي اڏا آهن. پاڻي واري جهازن جي آمدرفت لاءِ بہ نيويارڪ دنيا جي وڏن ۽ اهم بندرگاهن مان هڪ آهي. آدمشماري جي لحاظ کان بہ نيويارڪ نہ فقط آمريڪا (يعني USA) جو وڏو شهر آهي، پر سڄي اتر آمريڪا کنڊ ۾ هڪ ڳتيل شهر آهي، جِتي پانت پانت جا ماڻهو نظر اچن ٿا. بين الاقوامي ڏيتي ليتي (Finance)، سياست، ونڊر (Entertainment) ۽ ڪلچر جي لحاظ کان دنيا جا جيڪي چار شهر وڏا مڃيا وڃن ٿا، نيويارڪ انهن مان هڪ آهي ( ۽ ٻيا ٽي آهن: لنڊن، پئرس ۽ ٽوڪيو).

هن شهر نيويارڪ ۾ ايترا تہ ميوزيم، آرٽ گئلريون، ڊرامن جا ٿيٽر، سئنيما هال، Media Outlet، بين الاقوامي ڪارپوريشنون، اسٽاڪ ايڪسچينج، جهازي ڪمپنيون آهن، جو انهن جو مقابلو ٽوڪيو ۽ لنڊن بہ نٿو ڪري سگهي. سڀ کان وڏي ڳالھہ نيويارڪ UNO جو گهر آهي ۽ دنيا جي هر ملڪ جي Mission ۽ قونصل خانو هِتي آهي.

نيويارڪ شهر "نيويارڪ رياست" ۾ آهي. منهنجو اهو جملو ڪيترن کي منجهائيندو. ان ڪري ان کي سمجهائڻ ضروري آهي خاص ڪري انهن پڙهندڙن لاءِ جيڪي نيويارڪ نہ ويا آهن يا جن کي نيويارڪ جي گهٽي جاڻ ناهي. نيويارڪ رياست ائين آهي، جيئن ڪراچي ضلعو. اها ٻي ڳالھہ آهي تہ ڪراچي ضلعو ۽ اسان جا ٻيا ضلعا پڪيڙا ۾ ايڏا وڏا نہ آهن، جيڏي نيويارڪ رياست (State) يا USA جون ٻيون رياستون آهن. پکيڙ ۾ نيويارڪ جي رياست سڄي سنڌ جي لڳ ڀڳ ٿيندي ۽ آمريڪا جو ٽيڪساز، ڪئليفورنيا ۽ مونٽانا جهڙيون رياستون تہ بلوچستان صوبي جي مقابلي جون ٿينديون. سڄي سنڌ جي توڙي نيويارڪ رياست جي پکيڙ هڪ لک 41 هزار چورس ڪلوميٽڙ آهي. آمريڪا جي رياست

ٽيڪساز ـ بلوچستان کان گهٽي وڏي، تقريبن سڄي پاڪستان جيڏي ٿيندي، ڇو جو پاڪستان جي پکيڙ 8 لک چورس ڪلوميٽر آهي ۽ ٽيڪساز جي ست لک چورس ڪلوميٽر آهي.

سو جهڙي طرح ڪراچي ضلعي ۾ ڪراچي شهر کان علاوه ملير، لانڍي، لالو کيت، چنيسر ڳوٺ، ماڙيپور، ماچ، پپري، منگهو پير، گڏري، لس ٻيلي جهڙا ڳوٺ ۽ شهر اچي وڃن ٿا، تيئن نيويارڪ رياست جيڪا سنڌ جيڏي آهي، نيويارڪ شهر کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي وڏا ننڍا شهر اچي وڃن ٿا، جهڙوڪ بفئلو، راچيسٽر، يونڪر، سارا ڪوز، الباني، ورنان، لانگن بيچ، ايلميرا، ويندي هڪ شهر جو نالو روم بہ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪراچيءَ جا مختلف شهر توڙي ڳوٺ سڄي ملڪ مان لڏي ايندڙ وڌندڙ آدمشماريءَ ڪري هڪ ٻئي سان ملي ويا آهن، جيڪي اڄ کان اڌ صدي اڳ الڳ الڳ ۽ گهٽي فاصلي تي هئا. 1960ع جو ڪراچي بہ مون کي ياد آهي. جڏهن ملير، لانڍي، پپري، ڊرگ روڊ تہ هڪ ٻئي کان پري هئا ۽ وچ ۾ جنگل ۽ غير آباد علائقا نظر آيا ٿي، ويندي لالو کيت جيڪو هاڻ لياقت آباد سڏجي ٿو، هڪ ڳوٺ هو. ڪراچي شهر فقط صدر، ٽاور، ڪياماڙي، منهوڙو، ڪارادر ۽ ميٺادر وغيره هو. سو اهڙي طرح نيويارڪ رياست ۾ نيويارڪ سٽي سمجهڻ کپي ۽ نيويارڪ شهر جو صدر، ڪياماڙي، منهوڙو ۽ ڪارادر وغيره آهي: برانڪس، بروڪلن، مئن هٽن، ڪئنس، اسٽيٽن آئلينڊ وغيره جيڪي هِتي باروز Boroughs ٿا سڏجن ۽ سمجهو تہ نيويارڪ شهر جو صدر Manhattan آهي. بس فرق فقط هي آهي تہ هِتي هر شيءِ وڏي آهي. مولا جو ملڪ جام آهي. ظاهر آهي جيڪا رياست (نيويارڪ) سنڌ جيڏي ٿي، ان جا شهر بہ تہ ايڏا ئي وڏا هوندا ۽ ان شهر جي صدر توڙي منهوڙي، ڪارادر ۽ ميٺادر جي ڇا ڳالهہ ڪجي!

هڪ ڳالهہ آهي تہ نيويارڪ رياست جي گاديءَ جو شهر نيويارڪ سٽي بدران ”الباني“ آهي، جيڪو بُفئلو، روچيسٽر، يانڪر جهڙن شهرن کان بہ ننڍو آهي، پر آمريڪا (USA) ۾ اهو ڪم ڇاٽي واٽي ڪيو ويو آهي جيئن ننڍا شهر بہ اهميت حاصل ڪن ۽ نہ فقط هن رياست ۾ پر ٻين ۾ بہ اهو ئي سلسلو آهي. جيئن نيوجرسي رياست جي گاديءَ جو شهر Trenton ٽرينٽن آهي، جيتوڻيڪ ٽرينٽن کان نيوارڪ، خود جرسي سٽي، پئٽرسن، ايلزبيٿ وغيره وڏا شهر آهن. ڇپان وانگر آمريڪا حڪومت بہ سڄو لوڊ وڏن شهرن تي وجهڻ بدران ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن کي ترقي وٺرائي رهي آهي. مثال طور ڏهاڪو کن سال اڳ نيوجرسي رياست جو ائٽلانٽڪ سٽي، هِتي جو ڏيپارجا يا گپچاٽي ڳوٺ هو ۽ اڃان بہ ٽيهہ پنجٽيهہ سال کن اڳ جڏهن سامونڊي رستن ذريعي اسان ڪئمبڊن، فلڊلفيا يا بالٽيمور پاسي ايندا هئاسين، تہ ائٽلانٽڪ سٽي جي ٻاهران، منهوڙي جهڙو لائيٽ هائوس بہ نہ هو، جنهن کي ڏسي اسان جهاز هلائيندڙن کي ڪٽي آئيڊيا ٿئي تہ ٻيلي فلاٽي هنڌ تي ڪا بستي يا سَٽڙ آهي. پوءِ پلو ٿئي نيويارڪ جي گورنر جو، جنهن نہ فقط پنهنجي شهر جي 42 اسٽريٽ صفا

ڪرائي ۽ بازاري ماين، دلالن پڙون ۽ رنڊين ڪنڊين ڪي پڇايو، پر ٻين رياستن جي گورنرن ڪي بہ گائيڊ ڪيو تہ شهرن ڪي ان گپاگيهہ ۽ گند کان بچايو. نيوجرسي جي امير واپارين پنهنجي رياست جي وڏن شهرن ۾ جوا خانا ۽ مئخانا ٺاهڻ تي چاهيا، تہ هنن ڪي هن ڳاهيجا جهڙي هن ڳوٺ ائٽلانٽڪ سٽي ڏي اشارو ڪيو تہ هي پَٽُ سُنسان ۽ ويران ضرور آهي، پر توهان ڪي ان جي زمين گهٽ اگهہ تي ڏني ويندي ۽ ٽئڪس نہ برابر اوڳاڙيو ويندو. ڏسندي ئي ڏسندي هن ائٽلانٽڪ سٽي ۾ (جيڪا ائٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ ڪري ان نالي واري سڏي وڃي ٿي) وڏيون ۽ اپيون هوٽلون، جوا جون قسمين قسمين Dens، مئخانا ۽ پب، مساج گهر ۽ چڪلا نهي ويا. سال اڌ ويران رهيو، شايد جوارين جي ڪن تي ڪڙڪو دير سان پيو، پر هاڻ تہ سائين ذات جواري هِتي پهچيو وڃي. اولهہ ڪناري جا پاڙا پري لاس ويگاس ڪير وڃي. نيويارڪ ۽ Maine رياست کان وٺي جارجيا، الباما ۽ ڪينٽڪي رياستن جا ماڻهو هيڏانهن پهچيو وڃن. هاڻ هن شهر ۽ بندرگاهہ جي ٻاهران سمنڊ ۾ جيتوٽيڪ ڪيترائي Beacon ۽ Buoy لڳايا ويا آهن، تہ جيئن جهازين ڪي هن شهر جي خبر پوي، پر هنن ڪي انهن بتين کان اڳ ويهارو ماڙ جوا خانن جي ڪڏن تي پرنڊڙ هنن هوٽلن جي نالن جون نيان سائن نظر اچيو وڃن. ائٽلانٽڪ سِٽي اڄ ڳاهيجا ۽ ڏيپارجا نہ رهيو آهي. اڄ اهو هڪ خوبصورت ۽ معاشي حالتن کان امير شهر ٿي پيو آهي. اڄ هن جي زمين جو اگهہ سڀ کان ڳرو آهي. هن مثال ڏيڻ سان منهنجو ڪو مطلب اهو ناهي تہ اسان جي ڳوٺن ڪي ترقي وٺرائڻ لاءِ ماتلي ۽ سجاول ۾ جوا خانا ناهيا وڃن، هرگز نہ. پر اسان جي ڳوٺن ۾ ڪارخانا فيڪٽريون تہ لڳي سگهن ٿيون، جن ذريعي مقامي ماڻهن ڪي روزگار ۽ مالڪن ڪي سستو مزور ملي سگهندو. پر انهن سڀني ڳالهين جو دارو مدار امن امان تي آهي، جيڪو ڏيارڻ حڪومت جو ڪم آهي. اڄ بہ آمريڪا ۾ امن امان جي حالت خراب ٿي پوي تہ آمريڪا جهڙو ملڪ بہ ايسٽونيا ۽ البانيا ٿي پوي. ملائيشيا ۽ ويندي سنگاپور جهڙو ننڍڙو ٻيٽ، جنهن جي ڪا پنهنجي آمدني ناهي، ان جي حڪومت پنهنجن شهرين توڙي ڌارين واپارين ۽ پورهيتن ڪي امن امان ۽ انصاف ڏياري پاڻ امير ٿي وئي آهي.

## نيويارڪ شهر پنجن حصن ۾ ورهايل آهي

نيويارڪ شهر ڪراچي جي پنجن ضلعن وانگر پنجن حصن ۾ ورهايل آهي، جيڪي جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان تہ بارزو Boroughs سڏجن ٿا. انهن جا نالا هن ريت آهن:

- برانڪس Bronx
- بروڪلن Brooklyn
- مئن هٽن Manhattan
- ڪئينس Queens ۽

- استيٽن آئلنڊ Staten Island

سواءِ استيٽن آئلنڊ جي، باقي هر بارو جي آدمشماري ڏهہ لک کان مٿي آهي. بهرحال آدمشماري جي لحاظ کان تہ ڪراچي ۽ ويندي اسان جو سڄو ملڪ ڪنهن کان گهٽ ناهي. ڪراچي جي آدمشماري هڪ ڪروڙ کان مٿي ٿيئي وڃي ٿي. بهرحال جيئن ڪراچي ۾ ملڪي پناڻ، پنجابي، بلوچ وغيره کان علاوه غير ملڪي برمي، بنگالي، افغان رهن ٿا، تيئن نيويارڪ بہ ٻاهران آيلن لاءِ هميشہ ڪشش وارو شهر رهيو آهي. ڪهڙو ملڪ آهي جنهن جا ماڻهو نيويارڪ ۾ نظر نٿا اچن. ڪمائي ڏنڌي ڌاڙي، گهمڻ ڦرڻ، خرچڻ ۽ عياشيءَ لاءِ نيويارڪ شهر ٽاپ تي آهي. اسان جهازين لاءِ بہ نيويارڪ دلپسند شهر ۽ بندرگاهہ رهيو آهي. مهيني جا شروع وارا ڏينهن هوندا هئا ۽ پگهار سان کيسا ڀريل هوندا هئا تہ نيويارڪ جهرو شهر نہ هو. صحيح قسم جي Sale هِتي ٿئي لڳي ٿي، جنهن ۾ دڪاندار واقعي دڪان خالي ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان انهن پئسن مان گهٽي کان گهٽي شاپنگ ڪري، جهاز تي پهچندا هئاسين. ٿيٽرن ۽ سئنيما گهرن ۾ ويندا هئاسين. انڊين ۽ مکاني هوٽلن ۾ ماني کائيندا هئاسين. مهيني جي آخري ڏينهن ۾ پئسو ختم ٿي وڃڻ تي، جهاز تان بٽر يا جئم جي سئنڊوچ ٺهرائي، ٽائيمس اسڪائر يا فارٽي سيڪنڊ اسٽريٽ ۾ مفت جا تماشا ۽ ماڻهن جو حسن بيهي ڏسندا هئاسين. پئسن وارن ميوزمن بدران مفت جي عجائب گهرن، پارڪن ۽ سامونڊي ڪنارن تي گهمندا هئاسين.

نيويارڪ جي تاريخ جو جيڪڏهن جائزو وٺبو تہ ڪولمبس جي اچڻ بعد ڊچ (هالينڊ جا رهاڪو) پهريان يورپي هئا، جن آمريڪا جي هن حصي (جنهن جو هينئر نالو نيويارڪ آهي) تي 1613ع ۾ قبضو ڪري هن شهر کي نيو ائمسٽرڊم ۽ نيو نيدرلئنڊ نالو ڏنو. يعني هڪ ائمسٽرڊم ۽ نيدر لئنڊ تہ يورپ ۾ سندن شهر ۽ ملڪ جو نالو ٿيو ۽ ٻيو هي. (هالينڊ ملڪ کي نيدرلئنڊس بہ سڏجي ٿو). 1640ع ۾ پيٽر اسٽوويسنٽ (Peter Stuyvesant) جيڪو عطر، سگريٽ هئنڊ بئگن ۽ ٻين ڪيترن شين کان مشهور آهي، هِتي جو پهريون گورنر ٿيو، جنهن کي سندس يورپي ملڪ هالينڊ (نيدر لئنڊ) 1652ع ۾ خودمختيار حڪومت هلائڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. 1664ع ۾ انگريزن هي علائقو فتح ڪري سندس نالو نيويارڪ رکيو. ڊچ پنهنجو علائقو واپس وٺڻ ۾ لڳا رهيا، جنهن ۾ هنن کي ڏهن سالن بعد 1673ع ۾ ڪاميابي نصيب ٿي. هنن پوءِ ان علائقو جو نالو "نيو آرينج" رکيو، پر اهو فقط هڪ سال کن لاءِ رهيو، ان بعد وري انگريز زور ٿي ويا ۽ هي علائقو نيويارڪ سڏجڻ لڳو. هاڻ ٻڌايو تہ اسان جي درويش صفت مغلن جو ڪهڙو ڏوهہ ۽ ڪهڙي همت جو انگريزن جون اٽڪلون سمجهي، هنن جي ٻيڙي ٻوڙي سگهن. انگريزن جهڙن استادن جي مقابلي ۾ ڊچن جهڙا نٽ ۽ قزاق بہ ملڪ ڇڏي وڃي پنين صفن ۾ بيٺا ۽ پوءِ جيئن انگريزن ويران ۽ مهاڻن جي بستي بمبئي، پينانگ، نئروبي ۽ سنگاپور کي ترقي وٺرائي ڇڏي، تيئن انگريزن جي هٿ هيٺ نيويارڪ ۽ اوسي

پاسي جو علائقو خوب وڌيو ويجهو ۽ ترقي ڪئي. 1783ع تائين نيويارڪ برٽش حڪومت جي هٿ ۾ رهيو ۽ پوءِ آمريڪي انقلابي جنگ بعد نيويارڪ سچي آمريڪا (USA) جو عارضي طور گاديءَ جو هنڌ ٿي رهيو. 1898ع ۾ نيويارڪ کي پنجن حصن Borough تي مشتمل بنايو ويو. شهر کي ڳنڍڻ ۽ بهتر ٽرانسپورٽ لاءِ 1904ع ۾ نيويارڪ سٽي سب وي ٺاهيو ويو. ٻيءَ جنگ عظيم ۾ هن شهر اهم ڪردار ادا ڪيو. جنگ جي ڪاميابي بعد نيويارڪ دنيا جي اڳرندڙ شهرن مان هڪ ٿي سامهون آيو. ترقي، ڪمائي ۽ ڌارين ماڻهن جي هيڪاندي لوڊ اچڻ ڪري هن شهر جي ڏوهن جو انگ Crime Rate پڻ وڌڻ لڳو، جيڪو 1970ع ۾ اوج تي پهچي ويو هو. هي اهي سال آهن جن ۾ اسان جو جهاز نيويارڪ ۽ آمريڪا جي ٻين بندرگاهن ۾ ايندو هو ۽ هتي ڏوهن ۽ خوفنائِتن ماڻهن بابت انهن ڏينهن جي سفرنامن ۾ لکندو هوس ته آمريڪا جيڪو هيڏو ترقي يافته ملڪ آهي جتي هيترا تعليمي ادارا آهن اتي جي اهم شهر نيويارڪ ۾ ڪيڏو Crime آهي، جو اسان جو جهاز جڏهن نيويارڪ پهچي ٿو، خاص ڪري بروڪلن علائقي ۾ ته اسان کي مڪاني آفيس طرفان خبردار ڪيو وڃي ٿو ته نيويارڪ جي هنن علائقن ۾ رات جو ته ڇا ڏينهن جو به اڪيلو نه نڪرو. اهو پوءِ آهستي آهستي ٿي اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ جهڪو ٿيو ۽ هن شهر ۾ ناٽي ڏوڪڙ جي ريل پيل ٿيڻ لڳي ۽ نوي ۾ ته چوٽ تي وڃي چڙهيو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هينئر جو نيويارڪ ان جي مقابلي ۾ نئون شهر ٿو لڳي، جيڪو ٺيهه پنجٽيهه سال اڳ 1970-71ع جو نيويارڪ هو.

## نيويارڪ جي ترقي ۽ مشهوري

نوي واري ڏهاڪي ۾ نيويارڪ ۽ سچي آمريڪا جي ناٽي جي ترقي جو هڪ سبب Dot Com Boom به هو. يعني ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ ۾ آمريڪا (USA) پاڻ کي سڀ کان اڳيرو ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ خوب ناڻو ۽ مشهوري حاصل ڪئي. دنيا جون وڏيون ڪمپنيون آمريڪا جون نڪتيون ۽ هنن نيويارڪ کي پنهنجو مرڪز بڻايو. ان کان علاوه رهائشي ۽ ڪمرشل زمين Real Estate جو به اگهه چوٽ چڙهيو ۽ نيويارڪ ۽ سچي آمريڪا جي خوشحاليءَ جو اهم سبب ثابت ٿيو ۽ پوءِ نئين صديءَ جي شروعات ٿي ۽ ٻهرين سال جي آخر ۾ يارهين سيپٽمبر تي دهشتگردن جو نيويارڪ نشانو رهيو ۽ دنيا جي اتاهين عمارت World Trade Center کي ڊاٺو ويو. عمارت ۾ موجود هزارين ماڻهن کان علاوه ٻن هوائي جهازن جا مسافر ۽ سوين پوليس وارا ۽ باهه وسائڻ وارا ماڻهن کي بچائڻ دوران پاڻ به باهه ۾ سڙي يا دونهين ۾ ٻوساٽجي مري ويا. گرائونڊ زيرو مان، جتي ورلڊ ٽريڊ سينٽر ڪريو مهينن تائين دونهون نڪرندو رهيو. ان هنڌ تي آمريڪا 1779 فٽ فريڊم ٽاور ٺهرايو آهي. 1779 هڪ اهڙو انگ آهي، جنهن سال ۾ آمريڪا جي Declaration of Independence جو مسودو لکيو ويو هو.

مٿي لکي آيو آهيان تہ 1904ع ۾ نيويارڪ ۾ پهرين سب وي (زمين دوز) ريل هلڻ شروع ٿي. ان کان اڳ ۽ پوءِ جون ڪجهه اهم عمارتون، جيڪي اڄ بہ پنهنجو پاڻ مڃرائين ٿيون، هن ريت آهن: ايري Erie ڪئنال 1825ع ۾ ٺهيو. جنهن نيويارڪ ۾ وڏي تبديلي آندي ۽ هن ڪئنال جي ڪري ڪيترين ئي پاٽيءَ جون Routes ٺهي پيون ۽ ماڙهو لانچن ۽ فيرين ذريعي ڪافي اندر تائين پهچڻ لڳا. نيويارڪ جو مشهور سينٽرل پارڪ 1835ع ۾ ٺهيو. هي مئن هٽن ٻيٽ 843 ايڪڙن تي آهي، جنهن جي ڊيگهه اڍائي ميل ۽ ويڪر ڏيڍ ميل آهي. هن جي اوپر ۾ ففٿ ايوينيو ۽ ڏکڻ ۾ ڪولمبس سرڪل آهي. هن پارڪ کان ڪيترا ماڻهو، جيڪي ٻلي ڪٽي ڪڏهن نيويارڪ نہ آيل هجن، واقف لڳن ٿا جو هي پارڪ دنيا جي ڪيترين ئي فلمن ۽ ٽي وي شوز ۾ ڊيڪاريو وڃي ٿو. ايتري قدر جو هي پارڪ يعني سينٽرل پارڪ، نہ فقط سڄي آمريڪا ۾ پر سڄي دنيا ۾ سڀ کان گهڻو مشهور چيو وڃي ٿو. جن هي پارڪ ڊيزائين ڪيو (فريڊرڪ ۽ ڪالورٽ) انهن ئي بعد ۾ بروڪلن ۾ پراسپيڪٽ پارڪ ٺاهيو.

سينٽرل پارڪ جو وڏو حصو قدرتي لڳي ٿو پر حقيقت ۾ هٿ سان ٺاهيو ويو آهي ۽ منجهس هٿرادو ڍنڍون آهن. هن ۾ جاگنگ جا رستا آهن ۽ ٻارن جي کيڏڻ جا ميدان پڻ. سياري جي موسم ۾ جڏهن ڪئناڊا ۽ اتراهن ڏينهن ۾ سخت ٿڌ ٿي پوي تہ اتي جا ڪيترائي پرديسي پکي پارڪ ۾ اچيو لهن جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ سياري جي موسم ۾ سائيبيريا کان آڙيون، نيرڳ ۽ ڪونجون وغيره اچن ٿيون.

آمريڪن ميوزيم آف نئچرل هسٽري (1877ع) ۾ ٺهيو. ميٽرو پوليٽن ميوزيم آف آرٽ 1880ع ۾، ميٽرو پوليٽن اوپيرا 1883ع ۾، بروڪلن برج (پل) پڻ 1883ع ۾ ۽ Statue of Liberty (آزادي جو مجسمو) 1886ع ۾. اڳتي هلي پاڻ ڪجهه ذڪر بروڪلن برج، آزادي جي مجسمي ۽ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ۽ ٻين اهم عمارتن بابت پڻ ڪنداسين.

نيويارڪ جي مشهور ڪرسلر (Chrysler) بلڊنگ 1930ع ۾ ٺهي، ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ 1931ع ۾ ۽ راڪ فيلر سينٽر 1932 ۾ ٺهيو. نيويارڪ ۾ جيڪا سڀ کان پهرين اتاهين بلڊنگ ٺهي اها Flatiron بلڊنگ آهي جيڪا 1902ع ۾ ٺهي.

نيويارڪ جو اهم حصو يعني صدر جو علائقو مئن هٽن آهي، جتي ڏنڌي ڌاڙي ۽ بئنڪن ۾ امير ڪمپنين جي عمارتن واري گهٽي وال اسٽريٽ آهي، عجيب خوشبوئن ۽ سوادن جي کاڌن وارو چائنا ٽائون ۽ لٽل اٽلي آهي (جيئن سنگاپور ۾ سرنگون روڊ لٽل انڊيا ٿو سڏجي)، جتي نئين فئشن جي ويس وڳن ۽ روشنين جو گهر ٽائيمس اسڪائر آهي، جتي امير توڙي غريب Enjoy ڪن ٿا. امير خريداري ڪري ۽ غريب انهن امير عورتن جي خوبصورت چهرن، ويس وڳن ۽ ٽائيمس اسڪائر جي روشنين کي ڏسي.

نيويارڪ جو هي صدر وارو علائقو يعني مرڪزي علائقو 'مين هٽن' هڪ دريائي ٻيٽ جي صورت ۾ آهي، يعني هن ٻيٽ جي چوڌاري سمنڊ هجڻ بدران درياهہ آهي. مئن هٽن ٻيٽ

هڊسن ندي ۽ ايسٽ نديءَ (East River) جي وچ ۾ آهي، جيڪي نديون هڪ ٿي خليج نيويارڪ (New York bay) مان ٿينديون ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ وڃيو ڇوڙ ڪن. جاگرافي جي شاگردن ۽ انهن جهازين لاءِ جيڪي پنهنجي جهاز کي هن پاسي نـ وٺي آيا آهن، جي چاڻ لاءِ اهو لکڻ ضروري ٿو سمجهان تـ ٽوڪيو بي (خليج ٽوڪيو) وانگر خليج نيويارڪ جا بـ ٻـ حصا آهن؛ مٿيون (يعني اندريون) خليج ۽ هيٺيون (يعني ٻاهريون) خليج جيڪو ائٽلانٽڪ سمنڊ سان لڳو آهي. نيويارڪ ۽ پرواري بندرگاهه نيوارڪ ۾ اچڻ لاءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي، پوءِ ٻاهرين (Upper New York bay) ۾ اسين اچين جهاز جو لنگر ڪيرائيندا هئاسين. ان کان اڳيان وڌڻ جي اجازت نـ هوندي هئي. بندرگاهه ۾ اسان جي جهاز جي ماپ جيتري جاءِ خالي ٿيڻ ۽ سامان لاهڻ ۽ چاڙهڻ جو بندوبست ٿيڻ تي بندرگاهه جو ڪو ڪئپٽن (جيڪو پائلٽ سڏجي ٿو) جهاز کي مٿين (Lower New York bay) ۾ وٺي هلندو هو، جتي ڪجهه دير بيهاري، جيسين بندرگاهه ۾ پهرين جو بيٺل جهاز نڪري، پوءِ نيويارڪ يا نيوارڪ ۾ اچي بيهاريندو هو. بهرحال اسان ٻاهرين نيويارڪ خليج ۾ لنگر ڪيرائڻ سان ئي خوش ٿي ويندا هئاسين ۽ سفر خير خوبيءَ سان ختم سمجهندا هئاسين جو اتي چوڌاري زمين جي آڏ هجڻ ڪري سمنڊ ماٺو ٿو رهي نـ تـ سال جا ڪيترائي مهينا نيويارڪ جي آسپاس وارو ائٽلانٽڪ سمنڊ پنائي رکي ٿو. ٻاهريون ۽ اندرون ’خليج نيويارڪ‘ هڪ سوڙهي سامونڊي گهٽيءَ ذريعي پاڻ ۾ ڳنڊيل آهي ۽ اهو گهٽيءَ وارو سمنڊ جو حصو Narrows سڏجي ٿو.

## نيويارڪ کي پُليون ۽ سرنگون ڳنڍين ٿيون

هونءَ ڪراچي يا ملائيشيا کان آمريڪا (USA) ايندي، اسان ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙڻ وقت ڏکڻ آمريڪا ڏي رخ ڪندا هئاسين، جو ائين ڪرڻ سان سامونڊي لهرون ۽ هوائون اسان جي فائدي ۾ رهنديون هيون ۽ اسان کي رفتار پڻ وڌيل ملندي هئي. ٻين لفظن ۾ تيل گهٽ ساڙڻو پوندو هو. ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ برازيل ويجهو پهچي پوءِ ويسٽ انڊيز جي مشهور ٻيٽ ترنيڊاڊ (جتي جا ڪرڪيٽ رانديگر مشهور آهن) ۾ ايندا هئاسين ۽ گهڻو ڪري ترنيڊاڊ ۽ پر واري ٽباگو ٻيٽ لاءِ ڪارگو ملي ويندو هو ۽ هي ٻيٽ (گهٽ ۾ گهٽ تن ڏينهن ۾) ڊيوٽي فري هجڻ ڪري انهن تان جهاز جي ٻارڻ لاءِ تيل پاٽي پڻ وٺندا هئاسين. ان بعد ڪئريبين سمنڊ جي ننڍن ننڍن ٻيٽن، باربادوس، ڊومنيڪا، پورٽو ريڪو، هائيٽي ۽ ڪيوبا وغيره کي پرپاسو ڏيئي ميامي (آمريڪا جي فلوريڊا رياست جي بندرگاهه) ۾ پهچندا هئاسين. پوءِ يا آمريڪا جي ڏکڻ بندرگاهن، نيو اورلينس، هيوسٽن، گلوسٽن وغيره ۾ ويندا هئاسين يا مٿي بالٽيمور، فلڊلفيا ۽ نيويارڪ ڏي ايندا هئاسين.

نيويارڪ ۾ رهندڙ جنهن کي ’ائنڪريج چئنل‘ سڏين ٿا اهو هڊسن چئنل جو بندرگاهه وارو حصو آهي ۽ هترادو طرح ان چئنل جي اونهائي پنجاهه فوٽ کن رکي وڃي ٿي جيئن

پاٽيءَ جا جهاز زمين ڇهڻ بنا لنگهندا رهن. ايسٽ نديءَ جي منهن وٽ ’گورنرس آئلئنڊ‘ آهي ۽ نيو جرسي رياست پاسي ايليس (Ellis) ٻيٽ ۽ لبرٽي ٻيٽ پڻ خليج نيويارڪ ۾ اچي وڃن ٿا. پاٽيءَ واري جهاز جي خليج ۾ گهڙڻ سان ان ۾ موجود جهازين ۽ مسافرن کي آزاديءَ جو مجسمو نظر اچي ٿو. هي هڪ عورت جو تمام وڏو مجسمو آهي، جيڪو فرانس وارن USA کي 1886ع ۾ تحفي طور ڏنو ۽ هي مجسمو آزاديءَ جي علامت سمجهيو وڃي ٿو. هڊسن نديءَ جي ڇوڙ وٽ ’لبرٽي آئلنڊ‘ نالي هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي هي مجسمو رکيل آهي جنهن جي اوچائي 305 فٽ، يعني 93 ميٽر آهي. هن جي ڊيگهہ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سٺ کن ماڻهو هڪ ٻئي جي ڪلهي تي ٿي بيهن تہ پوءِ هن جي ليول ۾ اچي سگهندا. لبرٽي ٻيٽ جو اصل نالو Bedloe’s Island هو پر 1956ع کان هن جو نالو Liberty Island رکيو ويو آهي. آزاديءَ جو مجسمو ڏسڻ لاءِ هن ٻيٽ تي پهچڻ جو طريقو فيريءَ ذريعي آهي جيڪا مئن هٽن ٻيٽ جي ’بيٽري پارڪ‘ مان ٽوئرسٽ کڻي لبرٽي ٻيٽ تي پهچائي ٿي جتي 354 کن ڏاڪا چڙهي هن مجسمي تائين پهچجي ٿو. هن مجسمي ۽ Ellis ٻيٽ جو تفصيلي حوال اڳتي هلي ڪنداسين.

مٿي جنهن ڳچي سمنڊ The Narrows جو ذڪر ڪيو اٿم تہ نيو يارڪ جي اندرين ۽ ٻاهرين خليج کي ملائي ٿو ۽ اسان جهاز وارا پاٽيءَ جي جهاز کي هن سوڙهي سامونڊي ڳچيءَ مان گذاري اڳيان مئن هٽن يا ڪاٻي پاسي نيويارڪ جي بندرگاهہ ۾ جهاز کي وڃي بيهاريندا آهيون. ڪيترا دفعا تہ هي سوڙهو سمنڊ جو ٽڪرو لتاڙي يڪدم ساڄي پاسي بروڪلن ۾ ئي جهاز کي بيهاريندا آهيون جيڪو انهن ڏينهن ۾ جڏهن نيويارڪ جو امن امان چوٽ جو خراب هو، سڀ ۾ خراب علائقو سمجهيو ويندو هو ۽ اسانکي رات جي وقت بندرگاهہ واري علائقي ۾ گهمڻ ڦرڻ کان سختي سان منع ڪيو ويندو هو.

هن نئروز واري ڳچي سمنڊ جي ساڄي پاسي نيويارڪ جو علائقو بروڪلن آهي تہ ڪاٻي پاسي اسٽيشن آئلنڊ. اسٽيشن آئلنڊ کان نيو جرسي جتي آئون رهيل آهيان، سڌ پنڌ تي آهي. نيويارڪ کان نيو جرسي اچڻ لاءِ ڪيترائي رستا آهن ڪراچيءَ کان اچڻ وقت نيويارڪ جي JFK ايئرپورٽ تي لهي پوءِ باءِ روڊ بروڪلن آيو هوس، جتان ويرا زانو پل ذريعي اسٽيشن آئلنڊ پهتو هوس. نيويارڪ جي مشهور پلين مان هيءَ هڪ پل Verrazano Narrows تان روزانو هزارين ماڻهو نيويارڪ کان نيو جرسي ايندا ويندا رهن ٿا ۽ هيءَ پل هن نئروز نالي سوڙهي ڳچي سمنڊ مٿان آهي. هيءَ پل ڇگي خوبصورت ۽ اتاهين آهي، جو مٿان ٽرئفڪ هلندي رهي ٿي ۽ هيٺان وڏا جهاز گذرندا رهن ٿا. هڪ دفعي تہ نيويارڪ پورٽ اٿارٽي وارن اسانجي جهاز کي اڌ ڏينهن کن هن پل جي پرسان ئي بيهاري ڇڏيو هو، جيسين نيويارڪ بندرگاه مان نڪرندڙ جهاز نڪري وڃي، جنهن جي جاءِ تي اسانکي بيهڻو هو. پل جي هيٺان بيٺل، اهي چند ڪلاڪ اڄ بہ نٿا وسرن. ڇا تہ خوبصورت نظارو هو. ساڄي

پاسي نيويارڪ جي بروڪلن علائقي جون ۽ ڪاپي پاسي اسٽيشن پيٽ ۽ نيو جرسي جون اتاهيون عمارتون ۽ رستن تان هلندڙ لاريون موٽرون نظر اچي رهيون هيون. سامهون مئن هٽن هو جتي جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ان وقت (1970ع ۾) سڀ کان اتاهين بلڊنگ هئي ۽ مٿان ويرا زانو پل تان هڪ اڻ کٽندڙ ٽرئفڪ جو سلسلو هو. جيڪي اسان جي جهاز جو بلڪل مٿانهون View آرام سان ڏسندا ويندا هوندا. هينئر هيءَ ويرازانو پل پنهنجي پاڙيچي سان گڏ ڪار ۾ ٽپندي اهي ڏينهن ياد اچي ويا جڏهن اسان جا هن پاسي روز جا پنڌ هوندا هئا. ثمير کي آگر جي اشاري سان ٻڌايم تہ جتان هن وقت هي جهاز لنگهي رهيو آهي، اتي هيٺ اسان لنگر ڪيرائي ڪافي دير هڪ هنڌ بيٺا رهيا هئاسين. چون ٿا تہ تاريخي رڪارڊ موجب پهريون يورپي جيڪو هن سوڙهي ڳچي سمنڊ وٽ پنهنجو ٻيڙو هاڪاري آيو، اهو جيوواني ڊا ويرازانو هو ۽ اهو 1524ع جو سال هو ۽ هتي Lenape قبيلي جا اصلوڪي رهاڪو هن سان اچي مليا هئا. جيوواني Giovannia daVerrazano جي نالي تي ٺهيل هيءَ پل آهي، جيڪا 1964ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ ان وقت دنيا جي وڏي ۾ وڏي Suspension پل سمجهي وڃي ٿي. توهان جي نيويارڪ هڪ ڏينهن لاءِ بہ آيائو تہ هيءَ پل ضرور ڏسي سگهندائو، جو هيءَ پُل هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ويندي، پري کان تہ جتان ڪٿان نظر اچي ٿي.

### جهاز وارن لاءِ نيويارڪ جي نئروز ويرازانو اهم پُل آهي.

پاڪستان کان يا ٻئي ملڪ کان ڪو ڌاريون نيويارڪ پهچي ٿو. تہ هو هيڏانهن هوڏانهن پليون ڏسيو، منجهيو پوي تہ ڪهڙي پل ڪيڏانهن وڃي پيئي. دراصل نيويارڪ جو شهر ڪراچي وانگر نہ آهي جتي فقط هڪ ٻيٽ منهوڙو آهي ۽ باقي کارادر، ميٺادر، ڪياماڙي، صدر وغيره سڀ هڪ يڪي ڌرتيءَ جو ٽڪرو آهن. منهوڙو جيڪو ٻيٽ آهي، ان تي بہ لانچ ذريعي وڃجي ٿو، ۽ ٻي ڳالهہ تہ منهوڙو مئن هٽن جي مقابلي ۾ ڪجهہ ناهي. مئن هٽن جي فقط آدمشماري ٿي پندرهن لک کن آهي. دنيا جون امير آفيسون، قونصل خانا ۽ خريداريءَ جون بازارون هتي آهن، جتي هر وقت ماڻهن جي اچ وڃ لڳي رهي ٿي، جيتوڻيڪ مئن هٽن هڪ ٻيٽ آهي. ان کان علاوه نيويارڪ جا باقي ڪياماڙي، کارادر، ڪلفٽن جهڙا حصا: بروڪلن، ڪئنس، برانڪس جهڙا بہ جڙ اڌ ٻيٽ ٿيا، جو هڊسن ۽ ايسٽ جهڙيون نديون يا سامونڊي پاٽيءَ جو ڪو چئنل، انهن جي اردگرد کان وهي ٿو. ويندي پرواري رياست نيوجرسي ۽ اسٽيشن ٻيٽ درياهہ ۽ سامونڊي وهڪري ڪري باقي نيو يارڪ کان ڇنو پيو آهي. اهڙي صورت ۾ نيويارڪ جي هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين يا پرواري رياست نيو جرسي ڏي اچ وڃ لاءِ پليون ۽ سرنگهون (Tunnels) آهن، جيڪي سمنڊ يا درياءَ جي مٿان يا هيٺان لنگهي ٻئي پاسي وڃيو نڪرن.

مثال طور نيويارڪ جي مئن هٽن واري علائقي کان پرواري رياست نيو جرسي وڃڻ لاءِ جارج واشنگٽن پل آهي ۽ ان کان علاوه لنڪن ٽنل ۽ هالنڊ ٽنل ۽ مئن هٽن (جيڪو جيتوڻيڪ منهوڙي وانگر ٻيٽ آهي، پر صدر جي علائقي وانگر اهم بزنيس سينٽر آهي) کان هتي جي هڪ ٻئي اهم علائقي ڪئنس (Queens) تائين اچڻ وڃڻ لاءِ Triborough پل، ڪئنس بورو پل، روزوليٽ آئلنڊ برج ۽ ڪئنس مڊ تائون ٽنل آهي. اهڙي طرح بروڪلن ۽ ڪئنس کي ڳنڍڻ لاءِ مئيرين پارڪ وي برج آهي ۽ بروڪلن کي اسٽيشن ٻيٽ سان ڳنڍڻ لاءِ ويرازانو نئروز برج آهي. انهن مان کي تمام اهم پليون آهن - ڪراسنگ جي لحاظ کان ته ڪنسٽرڪشن جي لحاظ کان به ۽ پنهنجي وقت جون، يعني جڏهن ٺهيون هيون، دنيا جون اعليٰ عجوبا هيون. ڪي سائيز ۾ يا اهميت ۾ گهٽ مشهور آهن، جهڙوڪ وليز اوينيو برج، Mocombs Dam برج، يونيورسٽي هائيٽس برج، الگزينڊر هئملٽن برج وغيره، جيڪي مئن هٽن کي برانڪس سان ڳنڍيندڙ ٿيون يا برانڪس وائيٽ اسٽون برج، ٿراگس نيڪ برج وغيره، جيڪي برانڪس ۽ ڪئنس کي ملائن ٿيون.

اسان جهازين لاءِ نيويارڪ جي سڀ ۾ اهم پل ويرازانو نئروز برج آهي، جنهن جي هيٺان اسانکي جهاز لنگهائي نيويارڪ جي مئن هٽن يا بروڪلن بندرگاهه ۾ اچڻو پوي ٿو يا نيو جرسي جي نيو ارڪ بندرگاهه ۾. هينئر به اها پل مون لاءِ اهم آهي، جو ڪيترائي دفعا بروڪلن مان ڪم لاهي، هن پل ذريعي اسٽيٽن ٻيٽ تي اچان ٿو، جتان پوءِ نيو جرسي گهر پهچيو وڃان.

ويرازانو نئروز برج جڏهن 1964ع ۾ ٺهي راس ٿي هئي، ته هيءَ دُنيا جي وڏي ۾ وڏي Suspension برج هئي ۽ اڄ به سڄي آمريڪا ۾ وڏي ۾ وڏي آهي ۽ دنيا ۾ هن کان وڏي پل Longest Suspension Bridge فقط انگلينڊ جي همبر (Humber) برج آهي، جيڪا سن 1981ع ۾ ٺهي.

هيءَ پل (ويرازانو نئروز) اسٽيٽن ٻيٽ تي ورڊس ورٿ قلعي (Fort) کان شروع ٿئي ٿي ۽ ٻي پاسي بروڪلن ۾ هئملٽن قلعي وٽ ختم ٿئي ٿي. هي ٻئي آمريڪا جا تاريخي قلعا آهن، جتان گذريل هڪ صدي کن نيو يارڪ جي سار سنڀال ٿيندي رهي آهي. هن پل کان اڳ اسٽيٽن ٻيٽ کان بروڪلن ماڻهو فيرين رستي آيا ويا ٿي، جن هي سمنڊ جو ٽڪرو ٽپائڻ ۾ اڌ ڪلاڪ ٿي ورتو. رش اور ۾ يا خراب موسم ۾ فيرين تي ماڻهن ۽ موٽر لارين جي چڙهڻ ۽ سمنڊ (جيڪو Narrows سڏجي ٿو) اڪرڻ ۾ اجان وڌيڪ وقت لڳي ويو ٿي. سياري ۾ برفباري يا سمنڊ جو پاڻي جمڻ ڪري، ويتر به مسئلو ٿيو ٿي ۽ ماڻهن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو ٿي، پر 1964ع ۾ هيءَ پل ٺهڻ بعد موٽر لاريون ٽن منٽن ۾ Narrows سمنڊ جو ٽڪرو اڪريو هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃيو پهچن. هيءَ پل نه فقط ٻن علائقن کي ڳنڍي ٿي، پر ملڪ جي اهم هاءِ وي سان به ملائي ٿي. بروڪلن پاسي پل تان لهه ته يڪدم

بيلٽ پارڪ وي ۾ ”برڪلن - ڪئنس - ايڪسپريس وي“ شروع ٿيو وڃي. يعني بروڪلن شهر جي گپاگيھ مان لنگھڻ بدران پل ٽپي مٿان ئي مٿان يڪدم ڪئنس جي علائقي ڪان وڃيو نڪرجي ۽ ھوڏانھن ھيءَ پل ”اسٽيٽن آئلئنڊ ايڪسپريس وي“ سان ملائي ٿي. ھن پل تان اوٽ موٽ ٽپڻ جو ڀاڙو (ٽول ٽئڪس) نو ڊالر آھي، جيڪو ھڪ دفعي بروڪلن ڪان ويندي ورتو وڃي ٿو. اسانجي پاڪيجي ڊرائيور ٽئڪسي ھتي جتي اسانجي ملڪ جا ٽئڪسي ڊرائيور مددگار ثابت ٿين ٿا، اتي ڪجھ پنھنجن ڪي بيوقوف بڻائي ڦريندا بہ رھن ٿا ۽ JFK ايئرپورٽ تان ڪنيل نون آيل ھم وطني مسافرن ڪي ھن پل ٽپڻ ڪان اڳ چوندا آھن تہ ”بابا آمريڪا ۾ صحيح طرح ھاڻ تا گھڙون ۾ ھتي پاسپورٽ ۽ ويزا جي سختيءَ سان چڪاس ٿي ٿئي، پر گھبرايو نہ، ھتي بيٺل پوليس منھنجي سڃاڻي آھي، جنھن ڪي ڪجھ رشوت ڏيڻ سان بنا چڪاس جي ڇڏي ڏيندي.“ ۽ پوءِ ھنن سادڙن مُسافرن ڪان ڀاڙي ڪان علاوه پنجاھ يا سؤ ڪن ڊالر ٻيا بہ ڦُڙڪائي ويندا آھن ۽ پل ٽپڻ مھل ھو پوليس واري ڪي نوَ ڊالر ڏئي وڃي ويندا آھن.

## ماتلي جا ماڻھو بہ آمريڪا ۾ فراڊ ڪن پيا

ٿي سگھي ٿو تہ آمريڪا پاسي نہ آيل ان ڳالھ تي يقين نہ ڪن، پر مون ڪي خبر آھي تہ اھڙا ئي فراڊ اسان جا ھم وطني ٽئڪسي وارا لنڊن جي ھيٿرو ھوائي اڏي تي پنھنجن سان پيا ڪن. اسان مان شايد ڪو سوچي تہ اھي ٽئڪسي وارا مسافرن ڪان ڪيئن تيز ٿي سگھن ٿا. مون بہ اھو ئي سوچيو ھو پر ھاڻ مھينو ڀر آمريڪا ۾ رھي ڏسان پيو تہ اسانجا ماڻھو پنھنجن ڪي تہ ڇا پر ھِتي جي آمريڪن ڪي بہ بيوقوف بڻايو وينا آھن ۽ اسان جي ملڪ جي نہ فقط شھرن جا پر ماتلي 7 ان جي اوسي پاسي جي ڳوٺن جا ماڻھو بہ ھِتي آمريڪا ۾ اچي اھڙا ڦڏا ۽ فراڊ جا جوڪاٽِتا ڪم ڪرري رھيا آھن، جو ڏندين آگريون ٿيون اچن. بھرحال انھن ڳالھين جو احوال اڳتي ھلي ڪٿي ڪبو، ھِتي پاڻ ويرازانو پل بابت ڳالھ ٻولھ ڪري رھيا ھئاسين، جيڪا ڊبل ڊيڪ آھي يعني ٽريفڪ لاءِ ھن تي ٻہ طبقا آھن. آئون پھريون دفعو 1968ع ۾ جڏھن نيويارڪ جھاز وٺي آيو ھوس، تہ ان وقت فقط مٿيون طبقو ھو ۽ ان ڪان ھيٺئين واري طبقي تي ڪم ھلي رھيو ھو، جيڪو جون 1969ع ۾ ٺھي راس ٿيو. ھيٺئر ھڪ ٻہ دفعا ٻاءِ ڪار ھيءَ پل ڪراس ڪرڻ وقت مون ڏٺو تہ ٽرڪن ۽ وڏن ٽرالرن ڪي ھيٺين طبقي تان لنگھڻ نٿي ڏنائون شايد ان ڊپ ڪان ڪو بارود ڪٽي ھن پل ڪي اڏائي تہ سندس ٻئي طبقا تباھ نہ ٿي وڃن، ويجھڙائيءَ ۾ ھڪ ٻہ دفعو انگلينڊ ۾ بم ڦاٽو آھي تہ ھِتي بہ نہ فقط ريلوي اسٽيشنن تي ھر ھڪ جا پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ لڳا آھن، پر ھن اھم پل جو ھيٺيون طبقو ڪارن موٽرن لاءِ بند بہ ڪري ڇڏيو اٿن. ھي سڀ ڪم نائن اليون ڪانپوءِ ئي ظھور ۾ آيا آھن، نہ تہ اڄ ڪان ٽيھ چاليھ سال اڳ جڏھن نيويارڪ ايندا ھئاسين تہ ڪنھن بہ ڳالھ جي

جهل پل نہ هئي. تن ڏينهن جي اتاهين عمارت ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جي چوٽيءَ تي هليا وياسين ٿي، پر هاڻ اهڙن ڪيترن هنڌن تي ٽوئرسٽن ڪي وڃڻ جي جهل آهي، ڇو جو ان وقت اتاهين بلڊنگ تي پهچي گهمڻ جي شوقينن فوٽو ٽي ڪڍيا (اسان بہ يادگار طور تن ڏينهن ۾ نيويارڪ ۾ رهندڙ ٽنڊوقيصر جي رئيس نور احمد نظاماڻيءَ سان گڏ فوٽو ڪڍرايو هو)، پر هاڻ زمانو اهڙو اچي ويو آهي جو خبر نٽي پوي تہ ڪير ڪنهن وقت اتان ڪو بم ڪيرائي، اتي پهتل ٻين ٽوئرسٽن ڪي Hostage بڻائي يا پاڻ خودڪشي ڪري.

هيءَ پُل ويرازانو نئروز، ان وقت جي مشهور چيف انجنيئر عوٿمار هرمان ڊزائين ڪئي، جنهن هن پاسي جون ٻيون بہ ڪيتريون پليون ڊزائين ڪيون آهن، جهڙوڪ: جارج واشنگٽن برج، برانڪس وائيٽ اسٽون برج، ٽراءِ بورو برج ۽ ٿراگس نيڪ برج وغيره. عوٿمار (سڄو نالو Othmar Hermann Ammann) سئٽزرلينڊ ۾ 1879ع ۾ ڄائو ۽ اتي جي شهر زيورچ مان 1902ع ۾ انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين ۽ 1904ع ۾ آمريڪا لڏي آيو ۽ هن سمورو وقت نيويارڪ ۾ ڪم ڪيو. 1925ع ۾ هن کي نيويارڪ پورٽ اٿارٽي ۾ برج انجنيئر طور رکيو ويو ۽ هن جون هڊسن نديءَ مٿان پليون قابل تعريف آهن. ويرازانو پل بہ هڪ قسم جي هڊسن نديءَ جي منهن وٽ پل آهي، جو ان هنڌ نئروز ۾ هڊسن ندي اچي ٽي ڇوڙ ڪري، جِتان پوءِ چنڊجيو ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ وڃيو پوي. پاڻ 1939ع تائين نيويارڪ اٿارٽي ۾ رهيو. آخري ٽي سال انجنيئرس مٿان ڊائريڪٽر ٿي رهيو. نيويارڪ جي پلين کان علاوه سئن فرانسسڪو جي گولڊن گيٽ برج پڻ عوٿمار ڊيزائين ڪئي. ويرازانو نئروز پل جو 1964ع ۾ ڪم شروع ٿيو ۽ هڪ سال بعد 1965ع ۾ هُنَ پُل جو ڊزائينر عوٿمار هرمان گذاري ويو.

هن پل تي نالو اٽليءَ جي هڪ جهازي جيوواني دا ويرازانو (Giavanni da Verrazano) تان پيو، جيڪو بنا شڪ جي پهريون يورپي هو، جنهن جي نظر نيويارڪ تي پيئي. سندس ڊائريءَ مُطابق هن چوڌاري نظر ڦيرائي چيو هو "Not without some properties of value" هن جو مطلب هو تہ "هيءَ زمين رهائش جي خيال کان وڏو اگهہ ڪندي."

جيوواني ويرازانو 1485ع ۾ اٽليءَ جي شهر فلورينس ۾ ڄائو. بنيادي تعليم اتان ئي حاصل ڪري پوءِ فرانس روانو ٿيو، جِتي فرينچ مئريٽائيم (نيوي) ۾ ڀرتي ٿي انهن جا جهاز هلايا. 1523ع ۾ فرانس جي بادشاهہ "فرانسز اول" ويرازانو حوالي بہ جهاز ڪيا تہ انهن کي هاڪاري، هو آمريڪا ڏي نئين دنيا جو جائزو وٺي اچي، تہ جيئن نون ڳوليل پَٽَنِ تي فرانس بہ تہ قبضو ڪري ۽ ائين نہ ٿئي تہ رڳو پاڙي وارا ـ ڳاڙهن ڳلن وارا انگريز، اسپيني، ڊچ ۽ پورچوگالي هڙپ ڪري وڃن. هو 1524ع ۾ فرانس مان لنگر کڻي آمريڪا ڏي روانو ٿيو ۽ اچي هنن پَٽَن کان نڪتو. اهو مارچ جو مهينو ۽ 1525ع جو سال هو. يعني هندستان ۾ دهليءَ جي تخت تي ابراهيم لوڌي هو. جِتي هاٿين کي پستا ۽ بادام پئي کارايا ويا، شهر جي سهٽين

چوڪرين راڳ جي محفل پئي مچائي. فارسي ۽ هندي شعر و شاعريءَ تي بحث پئي هليو. حاڪم ۽ درٻاري دير جا سُتل ٿپهريءَ تي پئي اٿيا. سال کن بعد 1526ع ۾ ظهير الدين بابر, ابراهيم لوڌيءَ کي پاڻيپت جي ميدان تي شڪست ڏئي, انڊيا جو حاڪم ٿيو. حاڪم بدليو پر نڙڪو عياشيون ساڳيون رهيون. وڏ ۾ وڏ فرصت مان ڪجهہ گهڙيون ڪڍي بابر .يادگيريون“ ڪِتابُ لکيو ۽ هن اهو ئي وڏو ڪم ڪيو ۽ هيڏانهن مغرب ۾ جهاز ايجاد ٿي ويا ۽ نون ملڪن تي قبضا ٿي ويا ۽ هوڏانهن اسان وٽ گهوڙن ڪي مڇرن جي پڻڻ کان بچڻ لاءِ خوشبودار اگربتين ۽ ڪکرن تي ريسرچ پئي هلي. تڏهن تہ يورپين اسان جي ڌرتي تي بہ اچي قبضو ڪيو ۽ اسان کي دل وٽان موچڙا هنيائون.

بهرحال جيوواني ويرازانو پهريون يورپي هو, جنهن نيويارڪ کي Locate ڪيو. پورن 85 سالن بعد 1609ع ۾ ڊچ اسٽيٽ انڊيا ڪمپني طرفان هڊسن هِتي پهتو, يعني هن هنڌ تي جِتي اڄ ويرازانو برج آهي.... هڊسن نديءَ جي منهن وٽ ۽ هن جهازيءَ نالي هن نديءَ جو نالو هڊسن ندي پيو.

سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ويرازانو هِتي سڀ کان پهرين ضرور آيو, پر هو ڪو اهڙو مشهور نہ هو. هيءَ پل ٺهڻ وقت جڏهن پين نالن جو سوچ ويچار هلي رهي هئي تہ نيويارڪ ۾ موجود ”اطالوي تاريخي سوسائِٽي“ وارن, خاص ڪري هن جي فائونڊر جان لاڪارٽي پنهنجي ملڪ اٽلي جي هن جهازي ۽ سياح لاءِ مهم هلائي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو, تہ هن پل جو نالو ويرازانو رکيو وڃي. پل جي تيار ٿيڻ کان هڪ سال اڳ 1963ع ۾ ڪينيڊي جي قتل تي سيني جو اهو خيالُ ٿي پيو تہ اها پل ڪينيڊي جي نالي ڪئي وڃي, پر لاڪارٽي پوري ڪوشش ڪري, ويندي ڪينيڊيءَ جي پاءُ اٽارني جنرل رابرٽ ڪينيڊي کي منٿ ميڙ ڪري, ان ڳالهہ لاءِ راضي ڪيو ۽ واعدو ورتو تہ ان پل جو نالو ڪينيڊي برج بدران ويرازانو برج رکيو ويندو.

اٽليءَ جو هن جهازي جيوواني ويرازانو واپس فرانس وڃڻ بدران 1528ع ۾ ڊچن جي قبضي ۾ آيل ٻيٽ Lesser Antilles تي گذاري ويو.

## ”ڪل هويا نا هو“ فلم ۾ نيويارڪ جي ويرازانو پُل

هن پل بابت بہ چار ٻيون ڳالهيون:
نيويارڪ ۾ هر سال نومبر ۾ جيڪا مئراٿن ڊوڙ ٿيندي آهي، جنهن ۾ هزارين ننڍا وڏا، عورتون ۽ ٻار حصو وٺندا آهن ۽ دنيا جي مختلف ٽي وي چئنلن تان ڏيکاري ويندي آهي، اها مشهور ڊوڙ هن پل تان (اسٽيٽن ٻيٽ وٽان) شروع ٿيندي آهي.
هن پل جو هيٺيون طبقو بہ سطح سمنڊ کان 237 فٽ مٿي رکيو ويو آهي، جيئن ڪمرشل توڙي نيويءَ جا وڏا جهاز بہ هن پل جي هيٺيان آرام سان لنگهي سگهن.
هيءَ پل پوڻا ٽي ميل ڊگهي آهي. پل جو لوهي اسٽرڪچر 7200 فٽ آهي، جنهن ۾ 4620 فٽ وچ وارو Span آهي.
هيءَ پل جيتوڻيڪ دنيا ۾ هاڻ ٻئي نمبر تي وڏي (Longest) آهي پر Span جي خيال کان ڇهون نمبر آهي. اڄڪلهہ سڀ کان وڏي ڪمان (Span) واري پُل جپان جي وبي- ناريتو پل آهي جيڪا 1998ع ۾ ٺهي جنهن جي ڪمان 6527 فوٽ آهي. ٻئي نمبر تي ڊئنمارڪ جي ايسٽ برج آهي ۽ انگلنڊ جي همبر برج جو Span ٽئين نمبر تي 4625 فٽ آهي. ان بعد چوٿين ۽ پنجين تي چين جون پليون آهن جن مان هڪ ينگتسي نديءَ مٿان آهي ۽ ٻي هانگ ڪانگ ۾ آهي.
نيويارڪ جي هن پل ويرازانو مٿان روزانو بہ لک ڪن موٽر، لاريون ۽ ٽرالر لنگهن ٿا. سندس هر طبقي تي ڇهہ رستا آهن .... ٽي وڃڻ جا ۽ ٽي اچڻ جا.
هن پل مٿان نيويارڪ ۽ سمنڊ جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي جنهن لاءِ ڪنهن خوب لکيو آهي تہ:
“There is no view of New York city to match the view you get from the Verrazano Narrows Bridge. It is gorgeous.”
هيءَ پل ڪيترين ئي انگريزي فلمن ۽ ٽي وي Serials ۾ پڻ ڏيکاري ويئي آهي. 1977ع جي هڪ تمام مشهور ڳانن واري فلم Saturday Night Fever آهي. ان ۾ فلم جو هيرو جان ٽراوولٽا پنهنجن دوستن جي سامهون بروڪلن پاسي کان، هن پل جي پاسي تان مٿي چڙهي ٿو.
هينئر هڪ ٻي فلم The Spider Man ويجهڙائي ۾ ٺهي آهي. جنهن جو هيرو پيٽر پارڪر نيويارڪ جي علائقي ڪُئنس (Queens) ۾ پنهنجي چاچي ۽ چاچيءَ سان گڏ رهي ٿو. هڪ ڏينهن اسڪول طرفان پڪنڪ تي ويندي، هن کي هڪ اهڙو ڪوريئڙو (Spider) چڪ هڻي ٿو، جنهن سان هن جا هارمون ۽ خصلتون بدلجي وڃن ٿيون. پوءِ هو ڪوريئڙي وانگر بل ڏيئي شڪار کي سوگهو ڪري سگهي ٿو. تڪڙو تڪڙو مضبوط چار اُٽي، ڳري کان ڳري شڪار کي ان ۾ پنجوڙي سگهي ٿو ۽ هن کي ڪوريئڙي وانگر هر شيءِ کي يڪدم سمجهڻ

۽ پرکڻ جو Sense اچي وڃي ٿو. يعني هو هڪ انسان ۽ ڪوريئڙي جي مليل جليل مخلوق ٿيو وڃي. يعني رات اندر هن ۾ اهڙيون قابليتون ۽ طاقتون اچيو وڃن جو هو ڪوريئڙي وانگر وڏي ڪان وڏي پت تي بہ چڙهيو وڃي ۽ هن کي پنهنجي چوطرف جي حالتن جي بہ خبر پئجيو وڃي. هي ڪوريئڙي نما ماڻهو Spider man پنهنجي قابليت ۽ طاقت جي آڌار تي دنيا جي براين جو مقابلو ڪرڻ چاهي ٿو.
ساڳي وقت نيويارڪ ۾ رهندڙ هن جي ڪلاس ميٽ هئري جي پيءُ نارمن ۾ ڪنهن تجربي جي اثر کان تبديلي رونما ٿئي ٿي. هن ۾ عقل ۽ طاقت تہ وڌندي رهي ٿي. پر ساڳي وقت هن ۾ چڙ ۽ ڪميٽپائي بہ وڌڻ لڳي ٿي، جيڪا هن کي ورهايل شخصيت Split Personality بڻايو ڇڏي. هن جي شخصيت جي سٺي اڌ کي خبر نٿي پوي تہ خراب اڌ ڇا پيو ڪري ۽ جتي اسپائيڊر مئن ماڻهن جون جانيون بچائيندو رهي ٿو، تہ هي شيطان صفت انسان Green Goblin انهن کي برباد ڪندو رهي ٿو. هيرو اسپائيڊر مئن ۽ دشمن گرين گابلن جي هن پل ”ويرازانو نئروز برج“ مٿان ويڙهہ ٿئي ٿي، جتان هو (گابلن) ٻارن سان ڀريل فيري (ننڍو جهاز) ۽ اسپائيڊر مئن جي گرل فرينڊ ميري جين کي مٿي ڪٽي، هيٺ سمنڊ ۾ اڇلي ٿو ۽ هيري Spider man کي سوچ ۾ وجهيو ڇڏي تہ ڪنهن کي ڇڏيان ڪنهن کي بچايان.
ڪيتريون ٿي انڊين هندي، تامل ۽ بنگالي فلمون آهن، جن ۾ پڻ هيءَ پل (Verrazano Narrows) ڏيکاري ويئي آهي، جنهن تان اهاني بهاني هيرو ۽ هيروئن صاحبا لنگهن ٿا يا دوگانا ڳائين ٿا ۽ ان سان گڏ نيويارڪ جا پڻ ڪيترائي حصا ڏيکاريا ويا آهن. هندي فلم جيڪا اڄڪلهہ هتي آمريڪا ۾ بہ استار ٽي وي چينل تان هر هر ڏيکارين پيا، اها ”ڪل هو يا نہ هو“ ڊائريڪٽر ڪرن جوهر جي ٺاهيل فلم آهي جنهن ۾ شاهہ رخ، پريتي زنٽا ۽ سيف علي آهي. هڪ ٻي فلم جيڪا ڪجهہ وقت اڳ ڏٺي هيم ”دس“ نالي آهي، جنهن ۾ سنجي دت، ابيشيڪ بچن، شلپا شيٽي وغيره آهن. هڪ ٻي فلم جنهن ۾ پڻ هيءَ پل نظر اچي ٿي ۽ نيويارڪ جي ڪنهن بئنڪ مان ڦر (robbery) جي آهي، ان ۾ اميتاڀ بچن، سنجي دت، ملائاڪا اروڙا، رتي اگني هوتري آهن. فلم جو نالو هن وقت ڌيان ۾ نہ پيو اچي شايد ”ڪانٽي“ آهي.
هونءَ هنن پلين، سامونڊي حصن، نيويارڪ جي مختلف حصن، هتي جي ندين وغيره جي جاگرافيائي معلومات لکڻ جي Favour ۾ نہ آهيان پر نيويارڪ دنيا جو اهڙو اهم شهر آهي جتي غير ملڪي توڙي آمريڪا جي ٻين رياستن جا اسان جا ماڻهو ايتري تہ وڏي تعداد ۾ اچن ٿا، جو هن ٻيري هيءَ معلومات لکڻ ضروري سمجهان ٿو، جو ان قسم جي چاڻ بنا نيويارڪ ۾ ماڻهو منجهيو پوي ۽ ٻي ڳالهہ تہ اڳ ۾ اخبارون جن ۾ منهنجا هي مضمون يا ڪالم آيا ٿي هاڻ نہ فقط سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾، پر سڄي دنيا ۾ انٽرنيٽ ذريعي پڙهيون وڃن ٿيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ملندڙ email خطن مان ائين لڳندو آهي جڻ منهنجا آمريڪا

جي شهرن ۾ پڙهندڙ گهٽا هجن. سو عام ڳالهين کان علاوه ڪٽي ڪٽي ڪي ڳالهيون هتي آمريڪا ۾ رهندڙ هم وطنين کي ڌيان ۾ رکي لکان ٿو ۽ ڪي ڳالهيون پنهنجي پيشي (جهاز هلائيندڙن) جي ماڻهن جي ڄاڻ لاءِ لکان ٿو، جيئن هو منهنجي معلومات ۽ تجربي مان فائدو ۽ ونڊر حاصل ڪري سگهن.

## آمريڪا جي خوبصورت ندي- هڊسن ندي

نيويارڪ ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ هڊسن ندي هڪ اهم ندي آهي، جيڪا هو هر وقت ڏسندا رهن ٿا. ويرازانو برج کان وٺي خبر ناهي ڪيترين پليون، هن نديءَ مٿان آهن. جتي ويرازانو برج اچيو ٿي ختم ٿئي، جتان پوءِ هن جو پاڻي (Hudson)آهي، اتي سمجهو تہ هيءَ ندي هڊسن ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي. هڊسن نديءَ جو نالو هينري هڊسن نالي هڪ انگريز نالي جهاز تي پاڻ سان ويهارو Half Moon تان آهي، جيڪو 1609ع ۾ Navigatorجهازران ڪن خلاصي ڪٽي، هيٺ ڪيوبا وٽ اچي نڪتو هو تہ چين ٿو وڃان. هن پنهنجي دماغ ۾ جيڪا چين لاءِ شارٽ ڪٽ اختيار ڪئي، اها ڪيس چين تہ ڇا آفريڪا بہ نہ وٺي وئي، هو هتي ئي آمريڪا ۾ پٽڪندو رهيو ۽ اچي هڊسن نديءَ جي چوڙ وٽ پهتو. هيءَ ندي ويڪري ۽ هجڻ ڪري هن کي احساس ئي نہ ٿيو تہ هو ڪنهن نديءَ جي منهن وٽ پهچي Navigable ويو آهي. هو ان کي سمنڊ جو حصو سمجهي يا چين جي ڪا ندي سمجهي اڳتي وڌندو رهيو ۽ 150 ميل وڌيڪ طئي ڪرڻ بعد جڏهن هو اڄ واري الباني ۾ پهتو تہ پوءِ هن کي احساس ٿيو تہ هيءَ ڪا ندي ئي ہي آهي ۽ ان ڪانپوءِ هن نديءَ تي نالو ئي هڊسن ندي پئجي ويو. ڇا تہ سڪر ڏينهن هئا، جڏهن ههڙا سچڻ سفر تي هليا ٿي. غلطين ڪرڻ جي باوجود بہ ماڻهن کي پلا لڳا ٿي ۽ صحيح هنڌ بدران غلط هنڌ پهچڻ تي بہ ڪين دڙڪو دامان يا نوڪريءَ مان ڪڍڻ بدران، سندن نالي ڌرتيون، نديون، بندرگاهہ ٿي ويا ٿي!

بهرحال تن ڏينهن ۾ جهاز اڄ جهڙا آرام وارا ۽ ماڊرن نہ هئا. سڙهن ۽ ڇپن تي ہيڙا هاڪاريا ويا ٿي. اڄ جي ڪاڌي پيتي ۽ ہي سهوليت بدران تن ڏينهن ۾ انهن گهاٽن جهنگلن مان وهندڙ ندين ۾ مڇرن ۽ ہين جيتن، هُنن جهازين کي پَٽيو ٿي. بيمار ٿيڻ تي ڪا دوا درمل يا ڦڪي سُتي نہ هوندي هئي. اُن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان فقط انهن جو تفصيل ڄاڻون ٿا، جن جهازين کي ڪنهن ہيٽ جي مهمان نواز جوان ڇوڪرين چمين ۽ پاڪرن سان آڌر ڀاءُ ڪري، سندن زندگي پر جون غلام ٿي رهيون ٿي ۽ اسان جا جهازي مارٿيءَ وانگر پنهنجا ڪک ياد ڪري وطن ورڻ جي واٽي آلاپڻ بدران، سپ ڪجهہ وساري ان ہيٽ تي رهي پيا ٿي، پر اهڙا تمام ٿورڙا خوش نصيب هئا. گهڻي ڀاڱي اسان جا جهازي ڀائر ڏارين ڌرتين جي جنگلي قبيلن حوالي ٿي ڪاڇي ڪپي ويا ٿي. هنن کي ڦودني جي پنن ۽ گوبي بصرن سان گڏ

ٺهڪندڙ پاٽيءَ جي وڏي ديگ ۾ وجهي رڌو ويو ٿي. ڪيترن هنڌن تي تہ اهڙا آدم خور قبيلا رهيا ٿي جن انگريز جهازين کي بنا رڌڻ جي ڪائي ڪپائي چڏيو ٿي ۽ جڏهن هو موٽن ئي نہ تہ سندن بدنصيبي جا قصا ڪهاڻيون ڪير ٻڌائي؟ ورلي ڪو خوشنصيب خلاصي پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو تہ اهو اچي باقي ساٿين جون خبرون ڪندو هو.

بهرحال هتي پاڻ ڪجهہ احوال هن ندي هڊسن جو ڪنداسين. جيڪا چار هزار فٽن جي بلنديءَ تان Adirondack نالي جبلن تان شروع ٿئي ٿي ۽ اٽڪل 315 ميلن جو فاصلو طئي ڪري، مئن هٽن (نيويارڪ) وٽ اچيو دنگ ڪري. اڳ زماني ۾ نہ موٽر ڪارون هيون، نہ پڪا رستا، ماڻهن جو سفر ٻيڙين رستي ٿيندو هو ۽ ملڪ جي اندروني حصن ۾ ٻيڙين رستي پهچندا هئا. هيءَ هڊسن ندي هتي جي اصلوڪن باشندن Native Americans لاءِ سفر جي اهم روٽ هئي. يورپين جي پهچڻ تي هنن لاءِ بہ هيءَ ندي سفر لاءِ اهم ثابت ٿي. هن نديءَ ذريعي هنن ملڪ جي اندروني حصن تائين پهچي واپار وڙو ڪيو ٿي. هيٺ ڏکڻ ۾ مسيسپي ندي بہ هڪ اهم ندي آهي ۽ هن هڊسن نديءَ ڪان بہ تمام گهڻو ڊگهي آهي پر مسيسپي ندي اٽڪل ڏهہ سئو سال رکي پوءِ سفر جوڳي ثابت ٿي.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هڊسن ندي قدرتي طرح سهڻي آهي. ٻنهي پاسن ڪان جنگل، جبل ۽ رڻ پٽ هن کي سونهن بخشين ٿا ۽ ان سونهن جي ڪري ڪيترا ماڻهو هن نديءَ کي "America's Rhine" سڏين ٿا. ڪنهن شاعر هن هڊسن نديءَ لاءِ چيو آهي:

Water flows from high in the mountains,
Water runs deep in the Earth.
Miraculously, water comes to us,
And sustains all life.

هڊسن ندي نيويارڪ رياست ۽ نيو جرسي جي رياست جي وچ ۾ باؤنڊريءَ جو ڪم ٿي ڏئي. هڊسن ندي ٽپڻ لاءِ ڪيتريون پليون ۽ سرنگهون (Tunnels) آهن. نديءَ جي هيٺين حصي جي ويڪر وڏي هئڻ ڪري جيڪي پليون ۽ سرنگهون ٺاهيون ويون آهن، اُهي اڄ بہ انجنيئرنگ جا ڪارناما آهن، جن مان هڪ ويرازانو برج جو احوال اڳهين تي چڪو آهي. ان ڪان علاوه جارج واشنگٽن برج، لنڪن ۽ هالنڊ ٽنل، پاٿ (PATH) ۽ پينسلوانيا ريل روڊ ٽيوب، هن نديءَ مٿان يا تري ڪان گهڻو هيٺ گذرن ٿا. واٽر فورڊ وٽ Troy- Waterford پل هن نديءَ مٿان پهرين پُل هئي- جيڪا 1809ع ۾ شروع ٿي.

Rensselaer ۽ سراتوگا ريل روڊ 1835ع ۾ شروع ٿيو. جڏهن ريل کي گهوڙا ڇڪيندا هئا. گرين آئلنڊ برج بہ اوائلي پلين مان هئي جيڪا هن نديءَ مٿان اڏي وئي.

## فوٽو ڪڍڻ جي اجازت ناهي...

هڪ ڏينهن نيويارڪ جي علائقي مئن هٽن مان ڪم لاهي پنهنجي ننڍي پاٽيجي هيمون (اصل نالو ضمير وسطڙو) سان گڏ واپس گهر نيو جرسي پئي آياسين. مئن هٽن پيٽ تان هڊسن ندي ٽپي، نيو جرسي اچڻ لاءِ اسان کي جارج واشنگٽن برج (پل) ويجهي لڳي، جنهن جو اجڪلهہ ٽپڻ جو اگهہ (Toll) ڇهہ ڊالر آهي، جيڪي نيويارڪ- يعني مئن هٽن پاسي کان ورتا وڃن ٿا، جنهن ۾ موٽ جي في بہ شامل آهي. هونءَ بہ هڊسن ندي ٽپڻ مهل ٽاپان زي (Tappan Zee) پل کان وٺي ويرازانو ٽائين، نيويارڪ پاسي ٽال ٽئڪس ورتو وڃي ٿو جيڪو اوٽ موٽ جو آهي. جارج واشنگٽن پل تان سائيڪل سوار ۽ پيادن کي ٽال نٿو ڏيڻو پوي، جيتوڻيڪ شروع جي سالن ۾ جڏهن 1962ع ۾ هن پل جو پيو ڊيڪ ٺهيو هو تہ ماڻهن کان بہ ورتو ويو ٿي ۽ سٺ جي آخري سالن ۾ جڏهن اسان جو جهاز نيويارڪ ايندو هو تہ اسان پنج يا شايد ڏهہ سينٽ ڏئي، هن پل تان واڪ ڪندا هئاسين نيوارڪ بندرگاهہ ۾ جهاز هوندو هو تہ نيو جرسي پاسي کان پل تي چڙهي. نيويارڪ (مئن هٽن) ايندا هئاسين. بهرحال هينئر هيمونءَ جي ڪار ۾ هيءَ پل جيڪا جارج واشنگٽن (آمريڪا جي پهرين صدر نالي آهي) ٽپي رهيا هئاسين. پل جي بلڪل ويجهو پهتاسين تہ ٽرئفڪ جئم هئي ۽ ڪار ڪُميءَ پير هلڻ لڳي. جيتوڻيڪ هن پل جا فوٽا مون وٽ ڪيترائي پيا آهن، جن مان ڪي مون رسالن مان ڪڍيا هجن يا اڄ کان ٽيهارو سال کن اڳ ايندو هوس، تڏهن جا هجن پر هينئر جيئن تہ ڪئميرا منهنجي هٿ ۾ هئي ۽ اسان جي ڪار بہ چار وڪون ڪٽي "اٽينشن" ۾ بيهي ٿي رهي، سو منهنجي دل فوٽو ڪڍڻ لاءِ اچل ڪاڏي. مون پائوچ مان ڪئميرا ڪڍي، منجهس بيٽري سيل وڌا تہ هيمونءَ چيو تہ ماما فوٽو نہ ڪڍجو منع آهي.

"ڪمال آهي تو طرفان منع آهي يا هتي جي حڪومت طرفان؟" مون پڇيو.

"حڪومت طرفان." هيمونءَ وراڻيو.

"تہ پوءِ اسان بيوقوف پاڪستانين ۽ هنن آمريڪن ۾ فرق ڪهڙو ٿيو." مون هيمونءَ کي کلندي چيو. اسان وٽ بہ ڊئل بندرگاهہ ۾ وڃ تہ فوٽو ڪڍڻ کان پيا جهليندا. جيتوڻيڪ مٿان جناح برج تان لنگهہ تہ بندرگاهہ جي هڪ هڪ شيءِ ۽ جهاز صاف نظر پيا ايندا، جنهن کي فوٽو ڪڍڻو هوندو اهو تہ اتان ئي ڪڍي ويندو." مون چيو.

"ايڪسڪيوزمي!" هڪ هنڌ ڪار بيٺي تہ سامهون پوليس واري جو ڌيان مون پاڻ ڏي ڇڪايو ۽ ڪائنس فوٽو نہ ڪڍڻ جي پڪ ڪئي.

"Yes sir! It is prohibited." هسپانوي نسل جي آمريڪن پوليس واري وراڻيو. مون ٿورو چپن ۾ مرڪيو تہ هن شايد ان ڪري يا هونءَ ئي ان لاءِ صفائي پيش ڪندي چيو:

“It is due to the fear that terrorist groups might study any potential Photographs in order to plot a terrorist attack on the bridge.”
ٿيو. ڇئبو تہ نانگ ويو نڪري، ليڪو پيو ڪُٽجي. نائن اليون وارو خوف تحت الشعور ۾ موجود آهي. اهي اهم ڳالهيون جن جي ڪري فلسطين، عراق، افغانستان جهڙين ڏتڙيل قومن جي دلين ۾ آمريڪا لاءِ نفرت آهي، انهن کي ڌيان ۾ آڻي ڪو تدارڪ ڪرڻ بدران سطحي ڳالهين تي سوچڻ ۽ پنهنجي پر ۾ پاڻ کي باحفاظت سمجهڻ جي ڪوڪلي سوچ رکي خوش ٿيڻ مان ڇا هٿ حاصل.

اڳتي هلي پل جي لوهي فريم ورڪ تي فوٽو ڪڍڻ لاءِ منع جو بولٽ ٿيل نوٽيس بورڊ پڻ نظر آيو. ”سائين اسان توبهہ ڪئي“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو، ڪئميرا مان بيٽري ڪڍي ڪار جي ڊئش بورڊ ۾ وجهي ڇڏي. مون وٽ هنن مڙني پلين جا فوٽا ڪوڙ آهن. ڳوٺ جا ڪبٽ ڀريا پيا آهن.

نيويارڪ ۽ نيوجرسيءَ کي ملائڻ واري هيءَ پل جارج واشنگٽن پڻ ويرازانو پل وانگر Suspension قسم جي پل آهي، پر هيءَ پل ويرازانو کان گهٽو اڳ ٺهي. سندس ڪم 1927ع کان شروع ٿيو ۽ ٽريفڪ لاءِ 1931ع کان شروع ٿي. هن پل جو چيف انجنيئر بہ ساڳيو عوٿمار عمان هو، جنهن جو احوال شروع ۾ ٿي چڪو آهي. هن پل جو پهرين ”هڊسن برج“ نالو رکيو ويو، پر پوءِ ملڪ جي پهرين صدر جارج واشنگٽن کي منسوب ڪئي وئي.

ويرازانو پل تہ گهٽو پوءِ ٺهي، پر جن ڏينهن ۾ هيءَ پل (جارج واشنگٽن برج) ٺهي تہ هن جي ساڍا ٽي هزار فٽ ڪمان (Span) دنيا جي Longest هئي. ان کان اڳ ٽائين ائمبسڊر برج جي ڪمان وڏي سمجهي وئي ٿي، جيڪا جارج واشنگٽن برج جي اڌ جيتري مس، 1850 فوٽ هئي. جارج واشنگٽن برج جي ڊيگهہ پوٽا چار هزار فوٽ يعني ڏيڍ ڪلوميٽر آهي.

شروع ۾ هن پل تان گاڏيون هلڻ لاءِ ڇهہ قطارون هيون. 1946ع ڌارين بہ وڌيڪَ قطارن لاءِ رستو ٺاهيو ويو ۽ پوءِ 1962ع ڌارين هن پل جو نقشي مطابق هيٺيون ڊيڪ بہ ٺهي راس ٿي ويو، جِتان ڪارين ۽ لارين جون ڇهہ قطارون هلن ٿيون. ان حساب سان هيءَ جارج واشنگٽن پل دنيا جي واحد Suspension پل هئي، جنهن تان لارين موٽرن جون چوڏهن قطارون هلن ٿيون. اڄ بہ هن پل تان ايتري ٽريفڪ لنگهي ٿي جو پل وارن کي مليل ٽال مان روزانو هڪ ملين ڊالر يعني ڇهہ ڪروڙ رپيا آمدني ٿئي ٿي.

هن پل بابت هڪ ٻي ڳالهہ. هن پل تان دنيا جو وڏي ۾ وڏو آمريڪن جهنڊو ڦڙڪايو وڃي ٿو، جنهن جي هر هڪ تاري جو ڊاياميٽر 4 فوٽ هوندو آهي ۽ هر پٽي (Strip) جي ويڪر 5 فوٽ ٿئي. هي جهنڊو هيٺين موڪل وارن ڏينهن تي، هن پل تان لڙڪايو ويندو آهي.

مارٽن لٿرڪنگ ڊي، واشنگٽن جي برٿ ڊي تي، ميموريل ڊي تي، يوم آزاديءَ تي، لئبر ڊي، فلئگ ڊي، ڪولمبس ڊي ۽ جهونن جنگي سپاهين جي ڏينهن تي جارج واشنگٽن پل بہ ڪيترين ئي فلمن ۾ فلمائي وئي آهي. پهرين پهرين 1941ع جي فلم Ball of Fire ۾ نظر آئي ۽ ان بعد ڪيترين ئي فلمن ۾ ڏيکاري وئي آهي. جهڙوڪ:

- How to Marry a Millionaire
- The In-Laws
- Desperately Seeking Susan
- Cop Land

وغيره وغيره.

## نيويارڪ جون پراڻيون پُليون....

ڪڏهن ڳالهہ نڪرندي آهي تہ نيويارڪ جي سڀ کان پُراڻي پُل ڪهڙي آهي؟

نيويارڪ جي پهرين پل Kings Bridge هئي، جيڪا پٿرن ۽ ڪاٺ جي تختن ذريعي مين هٽن ۽ برانڪس جي وچ ۾ 1693ع ۾ ٺاهي وئي، جنهن کي سوا ٻن سؤ سالن بعد 1917ع ۾ ڊاٺو ويو جو هاڻ اها ڪم جوڳي نہ رهي هئي. پراڻي کان پراڻي پل جيڪا اڄا تائين قائم آهي اها هاءِ برج آهي، جيڪا هارلم نديءَ مٿان آهي ۽ مين هٽن ۽ برانڪس کي ڳنڍي ٿي. اها 1843ع ۾ ٺهي هئي. هن پل تان فقط پاڻيءَ جا پائيپ گذرن ٿا. اها مسافرن يا سوارين لاءِ نہ آهي ۽ نيويارڪ جي سڀ کان پراڻي پل جيڪا ماڻهن ۽ ٽريفڪ لاءِ کليل آهي، اها بروڪلن پل (Brooklyn Bridge) آهي، جيڪا اڄ کان سوا سؤ سال کن اڳ 1883ع ۾ کلي.

بروڪلن پل نيويارڪ جي مين هٽن ۽ بروڪلن واري حصي کي ڳنڍي ٿي ۽ ايسٽ ندي (East River) مٿان آهي. ايسٽ ندي برانڪس ۽ ڪئنس جو بارڊر ٺاهي، پوءِ مين هٽن ۽ بروڪلن جو ٺاهي مٿين خليج نيويارڪ (Bay Upper New York) سان اچيو ٿي ملي، جِتي هڊسن ندي بہ ڇنڊجي، اڳيان ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ملي ٿي. دراصل هيءَ ايسٽ ندي جيڪا ڏسڻ ۾ تہ نندي لڳي ٿي، پر ٽيڪنيڪلي ڳالهايو وڃي تہ "ايسٽ ندي" ندي نہ، پر Tidal Strait آهي، جنهن جي لاٽ ۽ چاڙهہ موسمن مطابق برف جي ڳرڻ ۽ مينهوڳيءَ تي نہ آهي، پر سمنڊ جي وير Tides تي آهي. هر سمنڊ جي وير ڏينهن ۾ ٻہ دفعا چڙهي ٿي ۽ ٻہ دفعا لهي ٿي ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ تہ واقعي ائٽلانٽڪ آهي، جنهن جي وير چڙهڻ تي پاڻي پوئتي هن "ندي" ڏي ڌوڪجي وڃي ٿو ۽ تمام گهڻو Turbulent (ڪُنن وارو) رهي ٿو. انهن ڏينهن ۾ جڏهن لاريون موٽرون ۽ روڊ رستا ايترا نہ هئا، ماڻهن جي گهڻي چرپر ندين ذريعي هئي ۽ هيءَ ندي دنيا جي سڀ کان گهڻو مشغول ڪاري پاڻيءَ جي ندي هئي ۽ هن نديءَ مٿان ان وقت (جڏهن اڃا عمارت سازي جي ٽيڪنالاجيءَ ايڏي وڏي پئماني تي ترقي نہ ڪئي هئي)

پل ٺاهڻ آسان ڪم نہ هو. اها پل جنهن جي هيٺان جهاز لنگهي سگهن ۽ ان پاڻيءَ تان جهاز لنگهيا ٿي، جيڪو وير اچڻ تي تمام گهٽو مٿي ٿي ويو ٿي ۽ ظاهر آهي تہ جهاز بہ ايترو ئي مٿي هليا ويا ٿي. هن نديءَ مٿان پل ٺاهڻ بابت هڪ هنڌ مون پڙهيو هو تہ:

“If there is to be a bridge on east river it must take one grand flying leap from shore to shore over the masts of the ships”.

1855ع ۾ جان وربلنگ نالي هڪ مشهور ”برج ڊزائنر“ هن پل لاءِ Proposal ڏنو تہ Suspension برج ٺاهي وڃي. 24 مئي 1883ع ۾ هيءَ پل ٽريفڪ ۽ عوام لاءِ کولي وئي، پر شروعات ئي بدبختيءَ سان ٿي ۽ پهرين ڏينهن ئي بارهن پيادا چيپاٽجي مري ويا. پل ڏسڻ جي شوق ۾ پل تي گڏ ٿيل هزارين ماڻهن مان ڪنهن ڪٽي شوشو ڇڏيو تہ پل ٽڙڪاٺ پئي ڪري، جاڻ تہ ڪري، پوءِ ماڻهن ۾ وٺي ڀاڄ شروع ٿي، جنهن ۾ هنن جا هوش خطا ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي جي لتاڙ ڪري ايترا موت ٿي پيا.

هن پل (بروڪلن برج) جي بدقسمتي اها جو تعمير جي وقت بہ 27 ڪاريگر مري ويا، ڪيترائي مٿاهينءَ تان ڪرڻ ڪري. ان ڪان علاوه ڪيترائي Caisson بيماريءَ جو شڪار ٿي پيا، جن مان ٿي تہ ٺڏهن ئي مري ويا، پنڌرهن ڪي اڌ رنگ ٿي پيو ۽ ڪيترن ئي ڪي مرڻ تائين سنڌن جو سور رهيو. هيءَ بيماري هوا جي دٻاءَ جي يڪدم گهٽجڻ يا وڌڻ ڪري ٿئي ٿي. سمنڊ جي تري تائين وڃڻ سولو ڪم آهي. خاص ڪري جي پاڻ سان هوا جو سلينڊر بہ آهي تہ، پر انسان جنهن جي جسم جي رت جو دٻاءُ سطح سمنڊ جي ليول Atmospheric Pressure تي نارمل رهي ٿو، اهو جڏهن سمنڊ اندر هيٺ وڃي ٿو تہ پاڻي جي پريشر وڌڻ ڪري سخت تڪليف محسوس ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو قدرت جن مڇين ڪي اونهي سمنڊ (Deep Sea) لاءِ خلقيو آهي، فقط اهي ئي سمنڊ جي تري ۾ نظر اچن ٿيون، مٿي اچڻ جي ڪوشش ڪرڻ تي مريو وڃن ۽ ٿانگهي پاڻيءَ واريون مٿي ئي رهن ٿيون.

سو نيويارڪ جي هيءَ پل بروڪلن برج نهي پئي تہ ان جي پيلپاين ۽ ٿنين ڪي سمنڊ اندر هڪ سؤ فوٽن ڪان بہ وڌيڪَ کوٽائي ڪري لڳايو ويو هو. تن ڏينهن ۾ سائنس اجان ايڏي ترقي نہ ڪئي هئي. ظاهر آهي هي 1883ع ڪان بہ اڳ جو وقت ٿيو جڏهن تہ ڊائبٽيز جهڙين بيمارين جي ئي 1920ع کانپوءِ ڄاڻ ٿي آهي، سو ان وقت ڪيترين بيماري ۽ انهن جي علاجن جي خبر نہ هئي، خاص ڪري انهن بيمارين جي جيڪي مٿئين Altitude تي ٿين ٿيون يا Unpressurized هوائي جهازن ۾ ۽ هيٺ سمنڊ جي اونهي تري ۾. سو هن پل نهڻ وقت بہ جيڪي ڪاريگر هيٺ سمنڊ جي اونهائيءَ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا، اهي بيمار ٿي پيا. گهٽو پوءِ خبر پيئي تہ هنن کي Caisson بيماري ٿي پيئي هئي، جيڪا Bends ۽ Decompression Sickness بہ سڏجي ٿي، جيڪا بقول ڊاڪٽر ڪئپٽن مفتون سولنگيءَ جي اها اونهي ٽٻين Diving ۾ يا تمام گهٽو هيٺ کاٽين ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن کي هاءِ پريشر پيدا ٿيڻ ڪري ٿئي

ٿي. ڊاڪٽر ڪئپٽن مفتون سولنگي پاڪستان جي انهن ٻن ٽن اسپيشلسٽن مان هڪ آهي، جنهن Under Water Medicines ڪورس ڪيو آهي ۽ Diving Hyperbaric Diseases جو اسپيشلسٽ آهي.

## گمبٽ جي ڊاڪٽر ڪئپٽن مفتون سان نيويارڪ ۾ مُلاقات

گذريل هفتي پنهنجي پيٽارو جي دوست وائيس ائڊمرل فاروق رشيد جو نيويارڪ ۾ اچڻ جو ٻڌي، آئون نيو جرسي ڪان ساٽس ملڻ ويس تہ هن ٻڌايو تہ گمبٽ پاسي جو مٿيون ڊاڪٽر مفتون بہ هِتي آيل آهي. ائڊمرل فاروق رشيد ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ مون ڪان ٽي سالَ جونيئر ۽ لياقت جتوئي، عبدالجبار عباسي، ظفر شورو ۽ مرحوم محسن پنهور وارن جو ڪلاس ميٽ هو. اڄ تائين جيڪي پيٽارو جا نيويءَ ۾ ويا آهن، انهن ۾ سڀ ڪان وڏي پوسٽ تي فاروق رشيد پهتو آهي. جنهن کي مون پنهنجو اردوءَ جو ڪِتاب ”ڪراچي سي ڪوپن هيگن“ پڻ منسوب ڪيو آهي. بلڪ اهو ڪِتاب ڊاڪٽر ڪئپٽن مفتون کي ڪراچي ۾ ڏنو هوم تہ ائڊمرل فاروق کي اسلام آباد ويندي پهچائي، پر هاڻ فاروق ڪان خبر پيئي تہ هن کي اهو ڪِتاب هِتي نيويارڪ پهچڻ تي ئي مليو آهي. ڇو جو ڪئپٽن مفتون جي بدلي آرمي مان نيويءَ ۾ ٿيڻ ڪري، هن کي نيويءَ جي جهاز ٽيپو سلطان تي رکيو ويو، جيڪو هڪ ٻن ٻين جهازن سان گڏ مهيني کن ڪان آمريڪا پهتل آهي.

آئون ٻئي ڏينهن مين هٽن ۾ مفتون سان پڻ مليس ۽ اتي ئي سامهون بروڪلن جي پل ڏسي، ان اونهي سمنڊ جي بيماريءَ جي ڳالهہ ڪئي هئيمانس.

ڪائسان (Caisson) جيڪو هن بيماريءَ جو نالو پڻ آهي، اهو هڪ وڏو لوهي دٻو ٿئي ٿو، جيڪو ڪمپريسڊ هوا سان ڀريل ٿئي ٿو. ان اندر ماڻهو ويهي جبلن جي اندر سرنگون کوٽين ٿا يا سمنڊ اندر هيٺ پلين جي بنياد لاءِ ٿنيا هڻن ٿا.

”هيءَ بيماري سخت دردناڪ ٿئي ٿي ۽ ڪيترين حالتن ۾ موت بہ رونما ٿئي ٿو،“

ڊاڪٽر مفتون ٻڌايو: ”ٻاهرين دٻاءَ جي تڪڙي تبديليءَ ڪري انسان جي جسم مان نڪرندڙ نائٽروجن جا Bubbles انساني جسم کي پچيو رکن ۽ بيهوش بہ ڪن ٿا. انسان جي نرم عضون مان رت چوسجيو دل ۽ دماغ ۾ پنيءَ جي ڪنڊي ڏي Neuralgic سور ۽ ڪڏهن ڪڏهن Paralysis بہ ڪري ٿو.“

سائنس جا شاگرد ”Henry’s Law“ ڪان واقف آهن تہ:

When the pressure of a gas over a liquid is decreased, the amount of gas dissolved in the liquid will also decrease.

ان جو هڪ پرئڪٽيڪل مثال ڪوڪا ڪولا يا ڪنهن ٻئي مشروب کولڻ جو آهي. ان جو ڍڪ کلڻ تي گئس ٻاهر نڪرڻ جو سوساٽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ مشرب مٿان Bubbles بہ نظر

اچن ٿا. اهڙا ڪاربن ڊاءِ آڪسائڊ گئس ٻاهر نڪرندي نظر اچي ٿي، جيئن بوتل اندر هاءِ پريشر ٻاهر جي Atmospheric pressure برابر پهچي.

”اهڙي طرح نائٽروجن Intert Gas آهي، جيڪا انسان جي جسم ۾ اسٽور ٿيل آي.“ ڊاڪٽر مفتون ٻڌايو: ”۽ پوءِ جڏهن انسان غوطا خوري ٿو ڪري تہ هن جي جسم ۾ مليل نائٽروجن، گئس جي صورت ۾ جسم کان ڌار ٿيو، ٻاهر نڪريو اچي ۽ جي اها نائٽروجن انسان جي جسم مان تڪڙو تڪڙو نڪرڻ شروع ڪري تہ هن کي خارش، هڏن جي سور کان اڏ رنگ ۽ موت بہ اچي سگهي ٿو. جيڪو هن پل (بروڪلن برج) جي ڪنسٽرڪشن دوران ڪم ڪرڻ وارن کي ٿيو.“

ڊاڪٽر مفتون سان منهنجي پهرين ملاقات 1998ع ۾ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ ٿي هئي. هو تازو 1997ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان MBBS ڪري، سول اسپتال ۾ هائوس جاب ڪري رهيو هو. آئون جهاز جي هڪ خلاصيءَ کي وٺي اتي آيو هوس. هي جيتوڻيڪ نئون ڊاڪٽر ٿي آيو هو، پر سخت محنتي ۽ ڪم جو ڄاڻو لڳي رهيو هو. ان بابت پاڻ بہ ٻڌايائين تہ هو هميشہ سنين مارڪن سان پاس ٿيو آهي. ”هائوس جاب ختم ٿيڻ تي ڇا ارادو آهي؟“ مون پڇيو هئومانس.

”خبر ئي ناهي. اسان غريبن جي ڪهڙي Choice جيڪو نصيب ۾ رب لکيو هوندو.“ هن چيو.

”توهان ڪم جا بہ ڄاڻو آهيو، همت وارا ۽ سٺي صحت بہ رکو ٿا. آرميءَ جي چونڊ ۾ ڇو نٿا Try ڪريو.“

مون کيس پير جي جي ڳوٺ جي برگيڊيئر ڊاڪٽر نظام الدين ڏانور ۽ خيرپور جي ڪرنل مشتاق شيخ جا مثال ڏنا، جن جي چواڻي فوج ۾ پگهار ڪٽي گهٽ آهي، صبح جو سوير اٿڻو پوي ٿو، ڊسيپلينڊ زندگي آهي، پر Quality of Life آهي.

ڊاڪٽر مفتون کي شايد منهنجي ڳالهہ وٽي ويئي، جو هو نہ فقط آرمي جي چونڊ ۾ وينو، پر ڪامياب بہ ٿي ويو. هن جي شروع واري پوسٽنگ جيتوڻيڪ وانا (جنوبي وزيرستان) ۽ سياچن ماتري جهڙين ڏکين ۽ اٽانگين جاين تي ٿي، پر هي عجيب ماڻهو آهي جو جِتي ڪٿي خوش. جِتي ڪٿي محنت ۽ پورهئي ۾ اڳيان اڳيان. ننڍي سپاهي توڙي آفيسر، بيمار جي خدمت دل و جان سان ڪرڻ وارو. شايد اهي ئي ڳالهيون هيون، جنهن ڪري قدرت هن کي نوازيو. ”آبِ دوز دوائن“ ۾ مهارت جي ٽريننگ لاءِ هي نہ فقط پڙهائيءَ ۾ لائق ثابت ٿيو، پر جسماني طرح سخت جان وارو پڻ. اهو هڪ وڏو اعزاز سمجهيو وڃي ٿو جو هن ننڍيءَ عمر ۾ اهو ڪورس ڪيو. ان بعد اهو پڻ هن جو سٺو ڀاڳ هو جو هيترن ڊاڪٽرن ۾ هي ئي آمريڪا جي هن سفر لاءِ چونڊجي ويو. ڪيترا سندس ساٿي چوندا اٿس تہ ڪهڙي جنرل کان سفارش ڪرائين ٿو جو هر دفعي توکي ڪاميابي نصيب ٿئي ٿي؟ تہ کِلي چوندو اٿن، تہ

اسان جي سفارش ڪرڻ وارو وڏو جنرل مٿي ويٺو آهي. اسان غريب ڳوٺ جي ماڻهن کي ڪير ٿو هِتي سڃاڻي، جو آئون ڪنهن ٻئي کي سفارش لاءِ چوندس.

ڊاڪٽر مفتون جو نهال خان سولنگيءَ نالي هڪ ڳوٺ سان تعلق آهي، جِتي پاڻ پهرين مارچ 1973ع تي ڄائو. هي ڳوٺ جيڪو اڳ ۾ گمبٽ تعلقي ۾ هو (هاڻ سوڀوديرو ۾ آهي) ان جي اسڪول مان مفتون پنج درجا پڙهيا، ان بعد مئٽرڪ تائين هنگورجا جي اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي ۽ انٽر سائنس گورنمينٽ سائنس ڪاليج گمبٽ مان ڪرڻ بعد MBBS چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج مان ڪئي.

ڊاڪٽر مفتون ٻڌايو تہ هن ۽ هن جي پائرن ڀينرن هر امتحان ۾ هميشہ سٺي پوزيشن ڪنئي. منهنجي خيال ۾ ان جي شاباس جا صحيح حقدار مفتون ۽ سندس نو پائرن ڀينرن کان وڌيڪَ هن جو والد محترم ماستر علي ڏنو سولنگي صاحب آهي، جنهن مان اڄ جي والدين کي Inspiration حاصل ڪرڻ کپي تہ هن هڪ ڏورانهين ڳوٺ ۾ رهي محدود آمدنيءَ ۽ وڏي عيال هوندي بہ پنهنجن ڏهن ئي ٻارن کي اعليٰ تعليم ڏياري. اڄ سندس  بہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڊاڪٽر آهن. ڊاڪٽر عباس بہ چانڊڪا مان پڙهي نيول اسپتال شفا ڪراچي مان هائوس جاب ڪيو ۽ هاڻ آرميءَ لاءِ Apply ڪيو اٿس ۽ ڊاڪٽر فردوس چانڊڪا ۾ آهي. ننڍي ڀيڻ ثريا چارٽرڊ اڪائونٽنسي ڪئي آهي ۽ باقي پائر ڀينر زولاجي، ڪيمسٽري ۽ ٻين سبجيڪٽن ۾ (MSc پوسٽ گريجوئيشن) ڪئي آهي.

مفتون وارن جو جهاز بہ هفتا ڪن نيويارڪ ۾ رهي، پوءِ ٻين ملڪن ڏي روانو ٿي ويو پر ساٿس بہ ٽي دفعا ملڻ ۽ خبر چار ڪرڻ جو موقعو ۽ پڑهندڙن لاءِ لکڻ جو بهانو ملي ويو.

بروڪلن برج جي حوالي سان هڪ اڌ ٻي ڳالهہ اها تہ هيءَ پل جڏهن 1883ع ۾ ٺهي راس ٿي، تہ ماڻهن کي اهو خوف هو تہ اها گهڻي بار سبب ڪري نہ پوي. تن ڏينهن ۾ پل کي ٽيسٽ ڪرڻ جو ٻيو طريقو تہ نہ هو. 1884 ۾ هن پل جي مٿان ايڪيهہ هاٿين جي ڌڻ کي هڪ ئي وقت بيهاريو ويو. ان بعد ماڻهن جي دلين تان خوف لٿو. هونءَ هن پل مٿان ڪيترن ماڻهن خودڪشي بہ ڪئي آهي. ڪن مشهوريءَ خاطر خودڪشي جا دڙڪا ڏنا آهن ۽ ڪن وري پنهنجي لئہ رکڻ يا بهادريءَ جو ثبوت ڏيڻ لاءِ هن پل تان هيٺ پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو، جن مان ڪجهہ بچي ويا، ڪجهہ مري ويا. 1895ع ۾ ڪلارامڪ آرٽر نالي پهرين عورت هئي جنهن پل مٿان پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏنو. هن ڍگهن جورابن ۾ ويهہ پائونڊ ريتي ڀري اهو سوچي ٽپ ڏنو تہ هن جا پير پهرين زمين کي ڇهندا. بهرحال اها مرڻ کان بچي وئي.

## نيويارڪ جون ڪجهہ ٻيون پُليون

هتي نيويارڪ جي ٻن ٽن ٻين پلين جو بہ مختصر احوال ڪنداسين. توهان چوندؤ تہ نيويارڪ ۾ ڪيتريون پُليون آهن؟ اهو سوال منهنجي خيال ۾ ڪنهن اهڙي کان ڪجو جيڪو نيويارڪ

مان ٿي آيو هجي. يعني هفتي ۾ لاءِ گهمي نہ پر سال ۾ رهي آيو هجي. توهان جي خيال ۾
ڪيترين ٿي سگهن ٿيون؟ ڏهہ؟ ويهہ؟ ٽيهہ؟ پنجاهہ؟ جيڪڏهن ڪو توهان کي سئو يا ٻہ
سئو پليون چئي ٿو تہ بہ سمجهو تہ هن نيويارڪ چڱي طرح نہ گهميو آهي. نيويارڪ ۾ هڪ
هزار کان مٿي پليون آهن جنهن جو احساس نيويارڪ جو شهر ٻاڍ روڊ گهمڻ کان وڌيڪ
پاڻي واري جهاز يا فيريءَ رستي پاڻيءَ مان هلڻ تي ٿئي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڊسن
ندي ۽ ايسٽ نديءَ تي تمام وڏيون پليون آهن جن مان ڪجهہ جو ذڪر شروع وارن
مضمونن ۾ ڪري چڪا آهيون. انهن ندين کان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي وڏيون نديون،
ڪي تہ لياري ۽ ملير ندين جهڙيون، ساموندي وهڪرا، ڪورنگي ڪريڪ جهڙيون Creeks،
ڪئنال ۽ Kills (وهڪرا) آهن. جهڙوڪ هارلم ندي، برانڪس ندي، ايسٽ چيسٽر ڪريڪ،
ڪوني آئلنڊ ڪريڪ، نيوٽن ڪريڪ، رچمنڊ ڪريڪ، گووانوس چئنل، رڪر آئلنڊ چئنل، هُڪ
ڪريڪ، اٿلي ڪريڪ، انگلش ڪلز، ڊچ ڪلز، کهڙا نالا ڪٽي کهڙا ڪٽجن پوءِ انهن پاڻيءَ جي
رستن مٿان ڪي فڪسڊ پليون آهن، تہ ڪي چرپر ڪندڙ، جيڪي جهاز لنگهڻ مهل
خشڪيءَ ڏي ڇڪيون وڃن ٿيون يا انجيسن تي ڪلنڌڙ دروازن وانگر Swing ڏئي کوليون
وڃن ٿيون. ڪي مٿي چاڙهيون وڃن ٿيون وري جيڪي هڪ هنڌ بيٺل Fixed پليون آهن،
انهن ۾ بہ ڪي Suspension واريون آهن. ڪي Cantilever نموني جون تہ ڪي کهڙي
نموني جون.

بهرحال هتي انهن مان ڪجهہ وڌيڪ پلين جو مختصر احوال لکڻ ضروري سمجهان ٿو،
جيڪي اهڙن اهم هنڌن تي يا اهم نموني جون آهن، جو ڪجهہ ڏينهن لاءِ آيل مسافر جو بہ
انهن تان يا انهن سامهون ضرور لنگهہ ٿيندو هوندو. انهن مان هڪ تہ مئن هٽن برج آهي،
جيڪا نالي مان جيئن لڳي ٿو تہ هڪ طرف مئن هٽن کي ملائي ٿي ۽ هيٺان ايسٽ ندي آهي
۽ ٻئي پاسي بروڪلن آهي. هن پل تان لارين موٽرن، پيادن، سائيڪل سوارن کان علاوه ريل
گاڏيون بہ لنگهن ٿيون. مئن هٽن واري پاسي هيءَ پل چائنا ٽائون جي ڪئنال اسٽريٽ کان
شروع ٿئي ٿي ۽ بروڪلن پاسي فلئٽ بش ايونيو تي وڃيو ختم ٿئي. هيءَ پل بروڪلن برج
۽ وليمس برگ برج جي وچ ۾ هجڻ ڪري، هن پل مٿان واڪ ڪرڻ ۾ مزو اچي ٿو ۽ پاسي کان
پلين، هيٺ سمنڊ ۽ اڳيان پويان دنيا جي وڏين عمارتن وارن علائقن، مئن هٽن ۽ بروڪلن جو
نظارو هڪ عجيب خوبصورت ڏيک آهي، جيڪو جهڙالي موسم هجي يا ٿاڪ منجهند يا رات
جي جهرمر هر وقت دل لڀائيندڙ لڳي ٿو.

مئن هٽن پل 6555 فوٽ (يعني ٻہ ڪن ڪلوميٽر آهي، جنهن جي وچين ڪمان (Span) 1470
فوٽ آهي. ٻن طبقن واري پل آهي. مٿين طبقي تي لارين بسن جون چار قطارون ۽ هڪ
پيادن لاءِ آهي. هيٺئين طبقي تي ٿي لارين موٽرن لاءِ رستا آهن ۽ چار ريل لاءِ.

وليمسبرگ برج (Williamsburg Bridge) ايسٽ نديءَ مٿان آهي ۽ نيويارڪ جي مئن هٽن ۽ بروڪلن کي پاڙ ۾ ملائي ٿي. 1903ع ۾ هيءَ پل ٺهي راس ٿي هئي، تہ ان وقت هڪ اهم پل مڃي وئي ٿي ۽ اڻ لچڪندڙ Non- Flexible قسم جي ٽاور وارين ٽن پلين مان، هيءَ ہي پل هئي (ہيون ہہ پليون، بروڪلن برج ۽ جارج واشنگٽن پل آهن). هن پل کي ٺهڻ ۾ ست سال لڳا ۽ ان وقت دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهي suspension پل هئي ۽ پوءِ ايڪيهہ سالن بعد 1924ع ۾ بيئر مائونٽين پل (Bear Mountain Bridge) ٺهي.
وليمسبرگ پل شروع ۾ پيادن، سائيڪل سوارن ۽ گهوڙن رستي چڪٽ وارين بوگين لاءِ ٺهي هئي پر پوءِ ڪجهہ سالن ڪانپوءِ هيءَ پل ٽرالين ۽ ريل گاڏين لاءِ بہ اهم رستو ٿي پيئي. 1920ع ۾ ردوبدل آڻي ٽرئفڪ لاءِ اٺ قطارون ٺاهيون ويون، جيڪي اڄ تائين قائم آهن، جن تان روزانو ڏيڍ لک لاريون موٽرون هلن ٿيون ۽ مٿائنس هلندڙ سب وي ريل گاڏين ۾ اٽڪل هڪ لک کن مسافر سواري ڪن ٿا. هيءَ پل آمريڪا جي مشهور انجنيئر ڪرنل جوناٿن وليمس نالي آهي، جيڪو بين فرنڪلن جي ڀائٽي جو پوٽو ٿئي.
بيئر مائونٽين برج بہ نيويارڪ جي suspension پل آهي، جنهن مٿان آمريڪا جا 202 ۽ 6 نمبر هاءِ وي لنگهن ٿا. هيءَ پل هڊسن نديءَ مٿان آهي، جنهن جي اولهہ ۾ راڪ لئنڊ ۽ آرينج ڪائونٽيون آهن ۽ اوڀر ۾ ويسٽ چيسٽر ۽ پٽنام. هيءَ پل هاءِ وي 9w ۽ Palisade انٽر اسٽيٽ پارڪ وي کي پڻ هڊسن نديءَ جي اولهہ واري ڪپ تي ڳنڍي ٿي ۽ نيويارڪ اسٽيٽ روٽ 9d کي اوڀر ڪناري سان ملائي ٿي. هن پل تان لنگهڻ جو ٽول هڪ ڊالر في ڪار آهي.

## نيويارڪ جون ڪجهہ وڏيڪ پليون

نيويارڪ ۾ هڪ ہي سنهڙي ندي هارلم ندي آهي، جيڪا ايسٽ نديءَ کان بہ سنهڙي آهي، اِها هڊسن نديءَ مان نڪري ايسٽ نديءَ سان اچيو ٿي ملي. بهرحال نيويارڪ رياست ۾ رهندڙن جي معلومات لاءِ ايترو ڪافي آهي تہ هيءَ هارلم ندي برانڪس ۽ مئن هٽن ہيٺ کي ڌار ڪري ٿي. برانڪس ۽ مئن هٽن ڏي اچ وڃ لاءِ پڻ ڪيترين ئي پليون آهن جن وٽان مئن هٽن آيل ٽوئرسٽ جو هر هر انهن پلين مٿان يا ڀرپاسي کان گذر ٿئي ٿو. جهاز کي وٺي جڏهن نيويارڪ ايندا هئاسين تہ هنن پلين ۽ دريائي رستن ۾ ڏاڍو مونجهارو ٿيندو هوم. پوءِ هڪ پني تي نيويارڪ جي نقشي تي اهم پليون ٺاهي ڇڏيون هيم ۽ جڏهن پيادل يا بسين ٽئڪسين ۾ گهمڻ لاءِ نڪرندو هوس تہ اهو پنو پنهنجي کيسي ۾ وجهي نڪرندو هوس.
سو بهرحال هن هارلم نديءَ تي جيڪي هڪ ہئي پرسان چار پنج پليون آهن، اهي هن ريت آهن:

- وليز Willis Avenue
- ٿرڊ ايوينيو پل

- مئڊيسن ايوينيو پل
- 145 هين اسٽريٽ پل.
- مڪومبس (Macombs Dam) پل.
- يونيورسٽي هائيٽس برج وغيره وغيره.

يونيورسٽي هائيٽس پل مئن هٽن جي 207 نمبر گهٽيءَ کي، برانڪس جي يونيورسٽي سيڪشن جي اولهه فورڊام روڊ سان ملائي ٿي. هيءَ Swing ٽائيپ پل آهي. هن پل تي ايندڙ ويندڙ پاسي ۾ ٻه ٽريفڪ لاءِ ۽ هڪ هڪ پيدل هلندڙن لاءِ رستو آهي.

Macomb's ڊيم پل جيڪا پڻ هارلم نديءَ مٿان آهي، اها مئن هٽن جي 161هين گهٽيءَ کي برانڪس علائقي جي جيرومي ايوينيو سان ملائي ٿي. مئن هٽن کان يئنڪي Yankee اسٽيڊيم وڃڻ لاءِ هيءَ عام روٽ آهي. هيءَ پل به Swing ٽائيپ آهي. هيءَ پل نيويارڪ جي پراڻين پلين مان آهي ۽ 1814 ۾ رابرٽ مئڪومب جي ڪوشش سان هيءَ پل ٺهي ۽ هن جي ٺئي نالي آهي. ان وقت ملڪ جي قانون ساز اسيمبليءَ مان اهو قانون پاس ڪيو ويو هو ته هن پل جي ٽال مان جيڪا آمدني ٿيندي، ان جو اڌ غريبن کي ڏنو ويندو ۽ هر قسم جي پيڙهيءَ کي هتان مفت لنگهڻ جي موڪل هوندي.

"145هين گهٽي واري پل" (145th Street Bridge on Harlem) مئن هٽن پاسي کان 145هين گهٽيءَ ۽ ليناڪس ايوينيو کي برانڪس جي 149 گهٽي River ايوينيو سان ملائي ٿي.

"مئڊيسن ايوينيو برج" مئن هٽن جي ٽيويهين گهٽيءَ کي، برانڪس جي 138 گهٽيءَ سان ملائي ٿي. اهڙيءَ طرح ٿرڊ ايوينيو برج به هارلم نديءَ مٿان آهي ۽ مئن هٽن جي باوري ۽ چوٿين اسٽريٽ کي برانڪس جي ويبسٽر ايوينيو سان ملائي ٿي ۽ ان جي ٺئي پرسان وليز ايوينيو برج آهي ۽ مئن هٽن پاسي جي فرسٽ ايوينيو ۽ 124هين گهٽيءَ کي برانڪس علائقي جي وليز ايوينيو ۽ 134 اسٽريٽ سان ملائي ٿي.

مٿين پلين کان علاوه ٻه ٻيون پليون، جيڪي پڻ نيويارڪ جو سير ڪندي رکي رکي نظر اچن ٿيون اهي آهن.

* ڪئنس بورو برج ۽
* ٽاپان زي برج.

ڪئنس بورو (Queens Boro) پل ايسٽ نديءَ مٿان آهي ۽ ڪئنس پاسي جو لانگ آئلئنڊ سٽي وارو پاڙو اوڙو مئن هٽن سان ملائي ٿي ۽ هن رستي جو روزويلٽ آئلئنڊ مٿان پڻ لنگهه ٿئي ٿو. هيءَ Cantilever ٽائيپ پل آهي. نيويارڪ وارا هن پل کي 59هين اسٽريٽ پل به سڏين ٿا، جو هيءَ پل مئن هٽن ان گهٽيءَ وٽان چڙهي ٿي. هيءَ پل جيتوڻيڪ 1867ع کان ٺهڻ شروع ٿي هئي، پر پئسي ڏوڪڙ جي نه ملڻ ۽ ٻين مسئلن ڪري ٿورو ٿورو ٿي ٺهندي

رهي ۽ 1909ع کان مٿانئس ٽريفڪ شروع ٿي. هن پل جي شروعات ۾ بليڪ ويل آئلئنڊ برج نالو پڻ مشهور ٿيو. بلئڪ ويل ٻيٽ اڄ واري روزويلٽ ٻيٽ جو پهريون نالو هو. ٺهڻ وقت هيءَ Queensboro پل دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهي ڪئنٽي ليور پل هئي، جنهن جي هڪ ڪمان (Span) مئن هٽن کان روزويلٽ ٻيٽ تائين 360 ميٽر هئي.
- روز ويلٽ ٻيٽ واري Span جي ڊيگهه 192 ميٽر آهي.
- روز ويلٽ ٻيٽ کان ڪئنس تائين ڪماني 300 ميٽر آهي.
تاپان زي (Tappan Zee Bridge) پل پڻ مٿين پل ڪئنس بورو وانگر Cantilever پل آهي، جيڪا هڊسن نديءَ تي ان هنڌ آهي، جتي نديءَ جو پيٽ سڀ کان گهٽو ويڪرو آهي. هڊسن نديءَ جو اهو هنڌ ٿئي تاپان زي سڏجي ٿو، جنهن تان هن پل تي اهو نالو پيو آهي. هونءَ "تاپان" هتي جي اصلوڪن رهاڪن ريڊ انڊين جي هڪ قبيلي جو نالو آهي ۽ "Zee" ڊچ ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ سمنڊ (Sea) آهي. هيءَ پل 1955ع ۾ ٺهي راس ٿي ۽ نيويارڪ ۽ نيوجرسي رياستن کي ڳنڍي ٿي. پل جي ٽوٽل ڊيگهه Approaches سميت ٽن ميلن کان مٿي (پنج کن ڪلو ميٽر) ٿيندو. ڪئنٽيليور جي ڪمان (Span) 372 ميٽر ٿيندو، جيڪو پاڻيءَ جي سطح کان 42 ميٽرن جي وٿي ٺاهي ٿو، جنهن مان ان اوچائي کان گهٽ جا جهاز آرام سان لنگهي سگهن ٿا.
پل مٿان ٽريفڪ جون ست لائينون گذري سگهن ٿيون. ٽي هڪ پاسي، ٽي ٻئي پاسي. وچين لين بدلائي سگهجي ٿي ۽ جنهن پاسي گهٽي ٽريفڪ هوندي آهي، ان پاسي ڪئي ويندي آهي، جيئن ڪراچي آءِ آءِ چندريگر روڊ تي ڪِلا ٺوڪي، رسيون ٻڌي، ٽريفڪ جو وهڪرو ضرورت موجب رکيو ويندو آهي. هن پل تان لنگهڻ جو ٽال چار ڊالر آهي، جيڪو پئسن ذريعي ڏئي سگهجي ٿو يا E- Zpass ذريعي ڪٽائي سگهجي ٿو.

# آمريڪا کنڊن ۾ سڀ کان گھٽي هسپانوي هلي ٿي

ڪئناڊا کي ڇڏي (جتي انگريزي ۽ ٻي زبان فرينچ ڳالهائي وڃي ٿي) باقي سڄي آمريڪا ۾، يعني آمريڪا جي اتر کنڊ ۽ ڏکڻ کنڊ ۾ سڀ کان وڌيڪ هسپانوي ۽ پورچوگالي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ ٻئي نمبر تي انگريزي جيڪا USA جي سرڪاري زبان آهي ۽ اتي ئي گهٽي ڳالهائي وڃي ٿي. باقي ڏکڻ آمريڪا جا ملڪ چلي ۽ برازيل نہ ڏسو تہ سينٽر آمريڪا جا ميڪسيڪو ۽ نڪارا.... گوئٽا... توڙي ڪيوبا، هائتي جهڙن وڏن ننڍن ٻيٽن تي هسپانوي ۽ پورچو گالي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، جيڪي زبانون هڪ ٻئي سان گهڻو ملن ٿيون. هڪ هسپانوي ۽ پورچو گالي ملڻ وقت پل پنهنجي پنهنجي زبان ڳالهائين، پر اڳلو سمجهي ويندو آهي. جيئن سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جا ماڻهو ڪن.

USA جي جيتوڻيڪ سرڪاري ۽ قومي زبان انگريزي آهي، پر ڏاکڻين رياستن ٽيڪساز وغيره ۾ هسپانوي زبان چڱو ٿي هلي ۽ سڄي آمريڪا (USA) ۾ او يا اي ليول وارا ٻار ٻي زبان هسپانوي کڻن. اسان جون سنڌي فئمليون جيڪي آمريڪا (USA) ۾ رهن ٿيون ۽ جن جن سان ملڻ جو موقعو مليو، جهڙوڪ ڊاڪٽر نور راڄپر، نديم جوڻيجو، ڊاڪٽر ابڙو، ڊاڪٽر حميراڻي ۽ ٻيا ڪيترائي، تہ انهن جي ٻارن جي اسڪول ۾ سيڪنڊ Language هسپانوي هئي ۽ هو پنهنجي پاڻ ۾ راند کيڏڻ مهل بہ هسپانوي (Spanish) ڳالهائي رهيا هئا. سو هتي USA ۾ بہ جيتوڻيڪ انگريزيءَ کانپوءِ ٻئي نمبر تي اسپين جي زبان آهي، پر توهان ڏسندائو تہ نيويارڪ ۾ ۽ ان جي آسپاس ۾ ڪيترن ئي شين جا نالا يا اهم شخصيتون ڊچ ملنديون. جيئن تہ تاپان زي پل جو احوال لکڻ مهل ٻڌائي چڪو آهيان تہ Zee ڊچ لفظ آهي. ويندي نيويارڪ جي علائقي جو نالو بروڪلن (Brooklyn) اصل لفظ Breukelen آهي، جيڪو ڊچ زبان جو لفظ آهي. هينري هڊسن جهڙا جهاز ران جيڪي پاڻ ڪٽي انگريز يا اطالوي هئا پر آمريڪا ڏي هنن کي اسپين وارن يا هالنڊ وارن ئي موڪليو. جيئن ڪولمبس پاڻ ڪٽي اطالوي هو، پر کيس جهاز اسپين وارن ڏنا. جتي ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا تي اسپين ۽ پورچوگال وارن جو قبضو ٿي ويو، اتي اچ واري USA تي - خاص ڪري نيويارڪ، ميريلئنڊ، ورجينا، پينسلوانيا ۽ فلڊلفيا پاسي ڊچن جو قبضو رهيو. ايتري قدر جو نيويارڪ شهر ۽ اوسي پاسي جي علائقن جا نالا بہ هنن پنهنجي ملڪ هالنڊ ۽ شهرن ايمسٽرڊم نالي رکيا. پوءِ اڳتي هلي انگريزن جو قبضو ٿيڻ تي هن جو نالو نيو يارڪ رکيو ويو.

انڊيا، ملايا، انڊونيشيا، سري لنڪا توڙي هيڏانهن آمريڪا ڏي، انگريزن کان اڳ پورچوگالي ۽ ڊچ پهتا، پر انتظاميہ ۽ ٻين ڳالهين ۾ انگريز هوشيار هجڻ ڪري، جتي ڪٿي

هنن انگريزن نـ فقط قبضو ئي ڪيو، پر ڇمائي ويٺا بـ ٿي. انگريزن جي جيئن واپاري ڪمپني East India Company هئي، تيئن ڊچن جي ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني هئي. سورهين صدي جي آخر کان يورپين ڪي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ڏي ۽ بعد ۾ آمريڪا وجي پنهنجي وطن ۽ گهر لاءِ مال آڻڻ جو چشڪو لڳو. جيڪو هنن ظاهري طرح واپار جي نالي سان شغل ڪيو ٿي، پر ڦرلٽ، ٺڳيون، دولاب ۽ خونريزيون ڪري مڪاني ماڻهن کان حاصل ڪيو ٿي. ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ جهازن ۽ ماڻهن جي پگهارن تي جيڪو خرچ آيو ٿي، اهو ان ملڪ جي عوام ٿي ڏنو ۽ پوءِ انهن جي ڪيل سيڙپ مطابق هر سال يا هر ٿي سال نفعو (Dividend) مليو ٿي، جيڪو چاليهہ پنجاهہ سيڪڙو ٿي ٿيو جيئن ڪنهن زماني ۾ اسان جي ملڪ ۾ بـ ٿي جيز نالي جهڙيون ڪيترون ئي سرمايہ ڪاريءَ جون ڪمپنيون شروع ٿي پيون هيون، جن ماڻهن کي گهر ويٺي سندن سيڙپ مطابق وڏو فائدو رسايو ٿي (۽ پوءِ رسائيندي رسائيندي هنن جي سڄي هڙ هڙپ ڪري ويا).

بهرحال سن 1602ع ۾ ڊچن ”ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني“ ٺاهي، جنهن جو سندن زبان ۾ نالو Vereenigde Ostindische Compagnie يا شارٽ فارم VOC رکيو. ڊچ دراصل هالينڊ جي زبان جو بـ نالو آهي، تـ ماڻهن جو بـ. هالينڊ ملڪ کي نيدرلئنڊس بـ سڏين ٿا. هن ملڪ بابت تفصيلي احوال مون پنهنجي سئيڊن وارن سفرنامن ۾ ڪيو آهي، جتي M.Sc ڪرڻ دوران اسان کي فيلڊ ٽرپ لاءِ هالينڊ اچڻو پوندو هو يا جهاز جي نوڪري دوران جهاز کي هالينڊ جي بندرگاهہ راٽرڊم ۾ وٺي وڃڻو پوندو هو.

مٿي لکي آيو آهيان تـ انگريزن کان اڳ ڊچ ڏورانهن ملڪن ۾ پهتا ۽ انهن کان بـ گهڻو گهڻو اڳ پورچو گالي، .......پوءِ اهي ملڪ ڪٽي هند سنڌ هجن يا سري لنڪا ۽ ملايا. واسڪو ڊي گاما بـ تـ پورچو گالي ئي هو جيڪو 1498ع ۾ ڪيپ آف گڊ هوپ کان ڦري انڊيا پهتو هو ۽ هو پهريون يورپي هو. تن ڏينهن ۾ دهلي تي حڪومت سڪندر لوڌيءَ جي هئي، جنهن بعد ابراهيم لوڌي 1517ع ۾ آيو ۽ 1520ع ۾ بابر آيو ۽ مغل سلطنت جو دور هليو جنهن جي پڄ پوئي يا تڙپوٽي جهانگير انگريزن کي انڊيا ۾ واپار جون ڪوٺيون ٺاهڻ ڏنيون. سنڌ ۾ تـ 1843ع ۾ انگريز پهتا، پر هي پورچو گالي گهڻو گهڻو پراڻا آيل هئا. سنڌ جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ انگريز جڏهن پهريون دفعو 1612ع ۾ سنڌ آيا تـ هنن کي اهو ڏسي تعجب ٿيو تـ پورچو گالي نـ فقط ٺٽي ۾ بندرگاهن جي اوس پاس وارن هنڌن تي موجود هئا، پر ڪافي اندر تائين هنن جا ٺهرايل گرجا گهر نظر آيا. هو ارغونن ۽ ترخانن جي سول جنگ دوران 1555ع ڌاري هتي سنڌ ۾ ئي هئا. انهن ڏينهن ۾ ٺٽو سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ۽ بلي بلي شهر هو، جنهن جو احوال هڪ پورچو گالي سياح فري سبسطين Sebastain Maurigue 1614ع ڌاري ٺٽي جي سفر دوران لکيو هو. سنڌ ۾ جيڪي پورچوگالين جا گرجا گهر هئا يا ان وقت جي مغل حاڪم خرم (شاهجهان) 1627ع ۾ تخت تي وهڻ بعد ڊهرايا هئا، انهن جي مرمت ڪرڻ

جي اجازت ۽ ڪم هن مٿين سياح ڪي ڏنو ويو هو. (شهزادي خرم ڪي پورچوگال پاسي پورچوگالي زان ۾ Emperor Corrombo سڏين ٿا.)

ملايا جو شهر ملاڪا جتي جي نيول اڪيڊمي ۾ مون ڪي اٺ سال ڪن پڙهائڻ جو موقعو مليو هو، اتي پڻ پورچوگالي پهرين پهتا، جن جو تفصيلي احوال ”مڪليءَ کان ملاڪا“ ڪتاب ۾ لکيو اٿم جن جا ان وقت جا ڪيترائي گرجا گهر ۽ ڳاڙهو قلعو اڄ بہ تاريخي حيثيت رکي ٿو. انهن کي پڄائي ڊچ آيا ۽ آخر ۾ انگريزن اٽڪلن ذريعي ملاڪا تي قبضو ڪيو ۽ سٺي انتظاميہ، عدل انصاف، ريل ۽ پوليس جهڙن ادارن ذريعي ڄمي ويٺا. اهو ئي ڪم انگريزن سري لنڪا ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ بہ ڪيو.

بهرحال پورچوگالين کي جهاز هاڪاريندو ۽ ڌارين ڌرتين تان مال آڻيندو ڏسي، هالينڊ جي وچ واپارين ۽ ٽريڊ ڪمپنين گڏجي ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني کولي، جيئن مشرق کان ايندڙ مصالحن ۽ ٻين قيمتي شين تان پورچوگالين جي هڪ هٽي ختم ٿئي. ڪين هالينڊ جي سرڪار کان نہ فقط اوڀر ايشيا ۾ سالن جي واپار تي قبضو ڄمائڻ جي موڪل Charter ڏني وئي، پر انهن ملڪن جي زمينن تي قبضا ڪرڻ ۽ مڪاني ماڻهن کي زوريءَ مڃائڻ ۽ نہ مڃين تہ مارڻ جي بہ موڪل ڏني وئي ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي، هي ڊچ انڊونيشيا تائين وڃي پهتا، جتي سندن اهم مرڪز باٽاويا بڻيو، جيڪو شهر هاڻ جڪارتا سڏجي ٿو. سندن ظلمن جو اندازو ان مثال مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ ڊچن کي لؤنگن، ڪارن مرچن (Peppers) ۽ Nutmeg جهڙن مصالحن مان فائدو هو تہ هنن مڪاني ماڻهن کي زوريءَ فقط اهي شيون پوکڻ لاءِ زور پريو ٿي. جڪارتا ۽ پينانگ جي وچ ۾ انڊونيشيا جو هڪ ٻيٽ بنڊا (Banda) نالي آهي، اتي جي ماڻهن Nutmeg پوکڻ لاءِ هائوڪار نہ ڪئي، تہ ڊچن ان ٻيٽ جي سيني ماڻهن جو قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ اوسي پاسي جي ملڪن کان ماڻهو غلام ڪري وٺي آيا ۽ ان ٻيٽ تي اچي پنهنجي پسند جو فصل پوکيائون، جتي جي يورپ ۾ ضرورت ۽ اگهہ هو. هنن مصالحن جي هر شيءَ تي پنهنجي هڪ هٽي (Monopoly) هلائي ۽ نہ فقط پوکڻ پر انهن جا اگهہ مقرر ڪرڻ ۽ ويندي اهو بہ تہ ڪهڙن ملڪن ۾ موڪلڻو آهي ۽ ڪهڙن ۾ نہ.

## نيويارڪ تي ڊچن قبضو ڪيو

ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني جو سڄي ايشيا ۾ واپار هليو ٿي، هنن جا جهاز باٽاويا (جڪارتا) اچڻ مهل نيدرلئنڊس (هالنڊ) کان چاندي (جيڪا پيرو ڏکڻ آمريڪا جي اسپيني ڪاٽين مان آئي ٿي) ۽ ايشيا ۾ ڊچ ڪالونين ۾ رهندڙ ڊچن لاءِ سيڊو سامان کڻي آيا ٿي. جپان مان ٽامو آندو ويو ٿي، جيڪو چانديءَ سان ملائي انڊيا ۽ چين سان ڪپڙي، ڪپهه ۽ سٽ جي بدلي ۾ Exchange ڪري، اهي شيون هالنڊ کڻي ايندا هئا يا اتي ٿي ايشين بندرگاهن ۾ سٺي اگهه تي هلائي ڇڏيندا هئا. واپار سان گڏ هنن جون عيسائي تبليغي جماعتون به هيون، جيڪي پنهنجي  ڪم ۾ لڳيون رهيون ٿي. 1640ع ۾ ڊچن سريلنڪا جو سامونڊي ڪناري وارو شهر Galle پورچوگالين کان هٿ ڪيو ۽ هنن جي سريلنڪا ۾ جيڪا لؤنگن جي واپار جي هڪ هٽي هئي، اها پڪي. 1658ع ۾ (18 سالن بعد) سري لنڪا جي مڪاني بادشاهه راجا سنگهي II ڪئنڊي واري سان ملي، ڪولمبو تي حملو ڪيو ۽ پورچو گالين کي سريلنڪا مان پڄائي ڪڍيو. ان جو تفصيلي احوال سري لنڪا جي سفرنامن وارن ڪتابن: ”سي ٿي جوين ڏينهن“ ۽ ”هي بيت هي ڪنارا“ ۾ ڪري چڪو آهيان.

1652ع ڌاري ڊچن سائوٿ آفريڪا جي ڏاکڻي حصي تي قبضو ڪري ڪالوني ٺاهي. اهڙي طرح ڊچن جو بنگال، اڄ جي ايران، ملايا جي رياست ملاڪا سيام (اڄ جي ٿائلنڊ)، ڪئنٽن، فارموسا (اڄ جي تائيوان) ۽ ملايا (اڄ جي ملائيشيا) جي ڪيترن حصن تي قبضو ڪري، پنهنجو حڪم هلايو ٿي. 1669ع ڌاري ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني دنيا جي خانگي واپاري ڪمپنين ۾ امير ترين هئي، جنهن کي ڏيڍ سؤ کن پاٽيءَ جا جهاز هئا، جن مال ۽ ماڻهو ٿي ڪنيا. چاليهه جنگي جهاز هئا ۽ مختلف هنڌن تي اڌ لک ڪلارڪ ڪڙا ۽ مئنيجر هئا، جن کي پگهار ڏنو ويو ٿي ۽ ڏهه هزار سولجر هئا، جن سندن حڪم جي پوئيواري ڪئي ٿي. هالنڊ جي ماڻهن کي هن ڪمپني ۾ ڪيل سيڙپ تي چاليهه سيڪڙو فائدو (Dividend) مليو ٿي ۽ هالنڊ ۾ هر هڪ جي وڏي لئه لڳي پيئي هئي. هوڏانهن ايشيا ۽ آفريڪا جي ماڻهن جي پينگ پئي ٿي.

ڊچ ڪمپنيءَ ڦرلٽ ۽ پنهنجا Interest قائم رکڻ لاءِ، آفريڪا توڙي ايشيا جي ماڻهن کي موچڙو مار پئي ڪئي، اصلوڪن رهاڪن کي نيست و نابود پئي ڪيو ۽ انگريزن، پورچوگالين توڙي ايشيا ۾ موجود ٻين يورپي قومن سان جنگيون پئي جوٽيون. انگريزن سان به ٿي لڙائيون ٿين. چوٿين جيڪا 1780ع کان 1784ع تائين چار سال هلي، ان ۾ هن ڊچ واپاري ڪمپنيءَ جا گوڏا وچي زمين سان لڳا. پئسي ڏوڪڙ جي نقصان ۽ ڏچي جي ڏيڻ ۾ اهڙو سوگهو ٿي ويئي، جو وري نڪري نه سگهي. سندن چانهه جي وڪري مان جيڪا ڪمائي ٿي، اها به وڃي تر ۾ پهتي. يورپ چانهه پيئڻ جي عادت گهٽائي، نئين مشروب ڪافي ڏي دلچسپي پئدا ڪئي ۽ هاڻ ڪمائيءَ جو رخ ايشيا کان ڏکڻ آمريڪا ڏي تبديل ٿي

ويو، جتان برازيل، ڪولمبيا، پيرو ۽ وينززوئلا مان ڪنڊ، ڪافي ۽ سون چاندي ٿي آيو. 1798ع ۾ ڊچ ڪمپنيءَ ڏيوالي جو اعلان ڪري، ڪمپنيءَ کي Dissolve ڪيو. ايسٽ انڊيز جا ٻيٽ ملاڪوس، جاوا، سماترا ۽ ٻيا Kingdom of Netherlands حوالي ڪيا ويا، جتي اڳتي هلي سڪارنو ۽ ٻيا پئدا ٿيا، جن ويهين صديءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ کي ڊچن جي چنبي مان مڪمل آزادي ڏياري.

ڊچ آمريڪا ۾ پهريون دفعو De Halve Maen نالي جهاز ذريعي 1609ع ۾ آيا ۽ نيويارڪ وٽان جيڪا هڊسن ندي وهي ٿي، ان جي جاچ ورتائون. جهاز جو مٿيون نالو ڊچ زبان جو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي اڌ چنڊ (The Half Moon) آهي. دراصل هي جهاز ايشيا وڃي رهيو هو، جنهن جي ڪپتان عقل جي ڊوڙ هلائي، شارٽ ڪٽ پئي ڳولهي، ته پلجي اچي هتان نڪتو. تن ڏينهن ۾ نه ايڏيون طاقتور دوربينيون هيون، نه رڊار ۽ ايڪوسائونڊر. جهاز وارا ويڪري پيٽ واري هڊسن نديءَ کي سمنڊ سمجهي اندر ڌوڪيندا ويا. پوءِ خبر پين ته ايشيا ڏي وڃڻ بدران هو ويتر پري ٿي ويا، پر ان جو کين افسوس نه ٿيو، جو هن پاسي جون سرسبز زمينون ڏسي، واڇ گودو ٿي وين ۽ پاڻ ته هتي جمائي ويهي رهيا پر پنهنجي ملڪ مان ٻين کي به گهرائي ورتائون ۽ ويا گهرائيندا.

1614ع ۾ جتي اڄ نيويارڪ رياست جو ضلعو الباني (Albany) آهي، اتي نسائو قلعو (Fort Nassau) ٺاهيائون ۽ ڏهن سالن بعد (1624ع) هنن ان قلعي بدران فورٽ آرينج قائم ڪيو ۽ پنهنجي پڪي Settlement ٺاهي، سنڌ جيڏي هن صوبي جو نالو نيو نيدر لئنڊس رکيائون. يعني هڪ نيدر لئنڊس سندن ملڪ يورپ ۾ ٿيو ۽ ٻيو هي نئون ملڪ New Netherlands هتي آمريڪا ۾ ٿيو. سال کن ڪانپوءِ مئن هٽن ٻيٽ تي فورٽ ايمسٽرڊم ٺاهيو، جيڪو ٻيٽ (مئن هٽن) هنن مڪاني ريڊ انڊين ماڻهن کان چوويهه ڊالرن ۾ خريد ڪيو، جنهن جي اڄ جي حساب سان پاڪستاني روپين ۾ قيمت ڏيڍ هزار روپيا ٿي.

1664ع ڌاري هن نئين ملڪ نيو نيدر لئنڊس جي آدم شماري ڇهه هزار تي وڃي پهتي، جنهن ۾ اڌو اڌ ڊچ هئا. انهن ڏينهن ۾ انگريز به اچي ڪڙڪيا ۽ علائقو ڊچن کان کسي سندن نالو نيويارڪ رکيائون، پر ٻن سالن تائين هن پاسي ڊچن جو گهٽو اچڻ ٿيندو رهيو. گرجا گهرن (Churches) ۾ به پادري ڊچ ئي رهيا ۽ نيويارڪ جي ڪيترن گرجا گهرن ۾ ڊچ ٻوليءَ ۾ واعظ ٿيندا رهيا. آمريڪن صدر ٿيوڊور روزويلٽ پنهنجين يادگيرين ۾ لکي ٿو، ته سندس ڏاڏي جي چرچ ۾ 1810ع تائين ڊچ زبان ۾ واعظ ٿيندا هئا، هڊسن ندي جي مٿاهين توڙي هيٺين حصي تي رڳو ڊچن جا گهر هوندا هئا. پنهنجن ٻارن کي يورپ جهڙي تعليم مهيا ڪرڻ لاءِ 1766ع ۾ Queens College نالي ڪاليج کوليائون، جيڪو اڄ ڪلهه جي مشهور يونيورسٽي رٽگر (Rutgers University) آهي، جنهن مان تعليم حاصل ڪري اسانجي ڪيترن ئي پاڪستانين جو خواب آهي. خاص ڪري اهي جيڪي نيويارڪ ۽

نيوجرسيءَ ۾ رهن ٿا. هن وقت بہ اسانجي پيٽارو جي دوست حميد انور جي ڌيءَ ۽ اسانجي ڳوٺ هالا جي جيالاجسٽ مرحوم بشير انصاري جي پاٽيجي ۽ غلام مصطفيٰ ٻُگهيو جي ڌيءَ ڪُونج ٻگهيو رٽگرز يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪري رهي آهي.

نيويارڪ جيتوڻيڪ انگريزن جي هٿ ۾ اچي ويو، پر ڪئين سالن تائين هتي ڊچن جي ڪلچر، لوڪ ڪهاڻين ۽ ريتن رسمن جو رواج رهيو. ڪرسمس ڊي تي جيڪو سانتا ڪلاز جو تصور آهي، سو بہ ڊچن هتي اچي متعارف ڪرايو، جنهن ڪي ڊچ زبان ۾ Sinterklass سڏجي ٿو. The Legend of Sleepy Hollow جهڙيون لوڪ ڪهاڻيون بہ دراصل ڊچ ڪلاسيڪل ادب جون آهن، جيڪي هتي مشهور ٿيون ۽ اڄ آمريڪن محسوس ٿين ٿيون، بلڪہ انهن جي ڪلچر جو حصو بنجي ويون آهن.

آمريڪا جي نيويارڪ ۽ نيوجرسي پاسي، خاص ڪري هڊسن نديءَ جي ٻنهي پاسي ڊچ وڏا جاگيردار هئا ۽ ڪين نہ فقط جاگيرون هيون، پر سٺي موسم، بارش، درياهہ ڪئنال ۽ سرسبز ڌرتي هجڻ ڪري اعليٰ پوکون ٿينديون رهيون ٿي. ڪيترن جون زمينون ٻٽيءَ جي حساب سان ٿيون ٿي، تہ ڪيترن جون مقاطي ۽ غلامن ذريعي پوکيون ويون ٿي اسٽيفن وارن رينسيلار نالي هڪ ڊچ سيٺ کان وڌو جاگيردار ٿي گذريو آهي. جنهن وٽ ستهتر لک ايڪڙ زمين هئي. 1824ع ۾ هن پنهنجي نالي Renselear سان پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ کولي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين RPI جي نالي سان مشهور آهي. رينسيلائر 1764ع ۾ نيدرلئنڊس ۾ ڄائو ۽ 1839ع ۾ نيويارڪ ۾ وفات ڪري ويو.

### ايڊسين، وال وٽمن ۽ مارلن براندو بہ ڊچ هئا

آمريڪا جي تاريخ ۾ سن 1700ع کان وٺي، اوڻهين صديءَ تائين تمام ٿورا يورپي آمريڪا لڏي آيا. ان دؤر ۾ يورپين پنهنجو ملڪ ڇڏي هڪ ڏورانهين ڏيهہ لڏي وڃڻ ۾ ايڏو چارم نٿي محسوس ڪيو. محسوس بہ ڪيئن ڪن، انڊيا ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن مان آفريڪا ۽ آمريڪا کان مال پئي آيا. گهر ويٺي عياشي لڳي پئي هُئي، پر پوءِ جيئن يورپ ۾ نوڪرين ۽ پورهئي جا پگهار ۽ ڏهاڙيون گهٽجڻ لڳيون، ٽئڪس وڌڻ لڳا تہ هڪ دفعو وري يورپين جي لهر، جنهن ۾ هاري ناري ۽ گهٽ پگهار وارين نوڪرين وارا گهڻا هئا، آمريڪا ڏي لڏ پلاڻ شروع ڪئي ان کان علاوه 1840ع ڌاري مذهبي ڌاڙاين جي ڪري عيسائي (پروٽيسٽنٽ) يورپ مان لڏڻ لڳا. ڪيترائي ڪئٿولڪ عيسائي پڻ آمريڪا لڏي آيا ۽ وسڪنسن (Wisconsin) رياست ۾ ڪميونٽي جي روپ ۾ رهڻ لڳا. آمريڪا جي وسڪنسن رياست منيسوٽا ۽ مشيگان رياست جي وچ ۾ آهي ۽ اتر ۾ ڏکڻ ڪئناڊا سان ملي پئي آهي.

سن 1900ع تائين آمريڪا ۾ چاول ڊچن جو تعداد نيدر لئنڊس (هالنڊ) کان لڏي آيلن جي پيٽ ۾ هڪ ڪروڙ کان بہ وڌي ويو هو. انهن ۾ گهڻا ٽٽا مشيگان، الناس ۽ ائيو (IOWA) ۾

هئا ۽ انهن رياستن ۾ ڊچن جا سمورا ڳوٺ سخت عيسائي مذهب جا پوئلڳ سمجهيا ويا ٿي، جن وٽ ناچ، پتي راند، ٿيٽر ۽ شراب جهڙين شين تي سخت بندش هئي. هنن جي فقط ۽ فقط زندگي بائيبل ۽ مذهب هو. هنن پنهنجا مذهبي اسڪول کوليا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين قائم آهن. مشيگان رياست جي ڊچ نالي واري سهر هالنڊ واري اڄ مشهور هالنڊ اڪيڊمي، شروع وارن ڏينهن ۾ پارن جو Preparatory School هو. 1860ع ۾ اهو اسڪول ”هوپ ڪاليج“ ٿيو ۽ هاڻ The Holland Academy آهي.

اوڻهين صديءَ جي آخر ۾ ساڍا ٿي لک ڊچ پنهنجو وطن ڇڏي، آمريڪا لڏي آيا ۽ ان بعد ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ هزارين ڊچ پهرين سان آمريڪا اچي مليا. ياد رهي تہ آمريڪا (USA) ۾ هڪ تہ واشنگٽن نالي رياست آهي جيڪا نيويارڪ جي بلڪل ٻئي پاسي، يعني نيويارڪ رياست اوڀر طرف ائٽلانٽڪ سمنڊ تي آهي، تہ واشنگٽن رياست بلڪل اولهہ ۾ پئسفڪ سمنڊ جي ڪناري تي ڪئلي فورنيا ۽ اوريگن رياست جي مٿان، ڪئناڊا جي بارڊر تي آهي. ٻيو واشنگٽن شهر آهي، جيڪو ڊي سي يعني District of Columbia سڏجي ٿو ۽ سڄي آمريڪا (USA) جي گاديءَ جو هنڌ آهي. واشنگٽن ڊي سي، ورجينيا ۽ ميري لئنڊ رياست جي پرسان آهي.

اڄ مشيگان ۽ آيويا رياستن ۾ ڊچ آمريڪن جي وڏي اڪثريت رهي ٿي. ان کان علاوه ڪئليفورنيا، نيويارڪ ۽ پينسلوانيا ۾ پڻ ڊچ آمريڪن تمام گهڻا رهن ٿا. هونءَ اسانجو جهاز فلڊلفيا پهچندو هو تہ جرمنيءَ لاءِ چڙهندڙ سامان جي سلسلي ۾ جيڪي آمريڪن ايندا هئا، اهي پينسلوانيا ڊچ سڏبا هئا. انهن ٻڌايو تہ هي سندن ڪميونٽي جو نالو آهي، جنهن جو ڪو بہ ڊچن سان واسطو ناهي، بلڪ ڏئو وجي تہ هنن جا ڏاڏا پڙڏاڏا جرمنيءَ کان لڏي آيا هئا ۽ هو اصل ۾ جرمن آمريڪن آهن. منهنجي خيال ۾ بہ هي ائين آهي، جيئن اسانجي ڳوٺ ۾ (۽ ٿي سگهي ٿو تہ سنڌ هند جي ٻين ڳوٺن ۾ بہ) ڪجهہ گهر آهن، جن جا پاتي بنگالي ۽ جپاني ٿا سڏيا وڃن، جيتوڻيڪ هنن جو بنگال يا جپان سان ڪو بہ واسطو ناهي. بهرحال ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ ڊچ جو آمريڪا ڪنڊ تي نہ تہ USA تي ڪافي اثر رهيو آهي ۽ هنن شروعات وارن سالن ۾ تہ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان هوندي بہ آمريڪا جا ٿي صدر ڊچ آمريڪن هئا، جهڙوڪ فرئنڪلن روزويليٽ (سندس زال فرسٽ ليڊي ايلينور پڻ ڊچ هئي)، ٿيوڊور روزويلٽ ۽ ٿيون مارٽن وان بورين. هالي ووڊ جو مشهور فلم ائڪٽر مارلن برانڊو پڻ ڊچ هو، Amway جا مشهور باني جي وارن انڊيل (Jay Van Andel) ۽ رچرڊ ڊي ووس پڻ ڊچ هئا، مشهور سائنسدان ٿامس ايڊيسن، جنهن بلب ۽ ٻيون انيڪ شيون ايجاد ڪيون ”ڊچ“ هو. هو زندگيءَ جا آخري سال نيو جرسيءَ ۾ جنهن علائقي ۾ رهيو، اهو علائقو سندس نالي پويان ”ايڊيسن“ سڏجي ٿو ۽ جتي اسان رهون ٿا، (اوينل ۾) هن جي بلڪل پر ۾ آهي. شيراز هوٽل

۾ جمعي نماز پڙهڻ ويندي رستي تي قبرستان اچي ٿو، اتي ايڊيسن دفن ٿيل آهي. فلم ائڪٽريس ربيڪا (Rebecca Romijn) ۽ مشهور شاعر والٽ وٽمن پڻ ڊچ آمريڪن آهن.

## هي نيويارڪ جو علائقو بي رچ نہ پر بيروت آهي

آئون پنهنجي پاڙيچي هيمون (ضمير وسطڙو) سان گڏ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي پرسان بارڪلي اسٽريٽ وٽ ٺپ هوس. اهو حصو جتي WTC (ورلڊ ٽريڊ سينٽر) آهي ... بلڪ هو. نيويارڪ شهر جي مئن هٽن جو هيٺيون حصو Lower Manhatton سڏجي ٿو. بہ روڊ (ويسٽ براڊ وي ۽ چرچ اسٽريٽ) ڇڏي، ٽئين روڊ تي سٽي هال ۽ سٽي هال پارڪ آهي. اها چرچ اسٽريٽ ڏيئي، ٿورو هيٺ ڏکڻ ڏي هليو وڃجي، تہ هن مئن هٽن ٻيٽ جي پوڇڙ وٽ جتي سمنڊ سان ٿو ملي. بيٽري پارڪ آهي جتان فيريون (ننڍا پئسينجر جهاز جيڪي ماڻهو ۽ انهن جون سواريون موٽر لاريون ڪٽي سگهن) پر واري ٻيٽ اليز آئلنڊ (Ellis Island) ۽ ان ٻيٽ تي ٺيون وڃن، جنهن تي آزاديءَ جو مجسمو (Statue of liberty) آهي. هيمونءَ جو ڪم موري اسٽريٽ ۽ گرين وچ اسٽريٽ جي ڪراسنگ وٽ سينٽ جانس يونيورسٽي ۾ هو، جيڪو مئن هٽن وارو ڪئمپس سڏجي ٿو. جيئن تہ ڪم اُميد کان گهٽو اڳ لهي ويو. ان ڪري اسان وٽ هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻڻ لاءِ ڪافي ٽائيم بچي پيو.

”هلو تہ آزاديءَ جو مجسمو ڏسڻ هلون.“ هيمونءَ صلاح ڏني پر مون ڪجهہ دير سوچي انڪار ڪيو.

”اتي آئون اڪيلي سر بہ پهچي سگهان ٿو. تنهنجي رستن جي ڄاڻ ۽ گاڏيءَ مان فائدو وٺي، ڪنهن اهڙي هنڌ هلجي، جتي مون لاءِ اڪيلو بس ۾ پهچڻ ڏکيو ڪم هجي.“

”ڪو ميوزيم، ڪو پارڪ، ڪو سامونڊي ڪنارو؟“ ضمير پنهنجي گاڏي Murray اسٽريٽ تان موڙي Barclay اسٽريٽ تي آڻيندي پڇيو.

”هلو تہ ڪنهن مسجد ۾ هلون. فوٽو بہ ڪڍون تہ ظهر جي نماز بہ پڙهون.“

”پڙهون بہ ۽ ٻين کي بہ پڙهايون.“ هيمونءَ ٺهہ پهہ وراڻيو ۽ اسان ٻئي کلڻ لڳاسين. گذريل هفتي نيو جرسيءَ جي بيٽرس علائقي ۾، هيمونءَ جو هڪ عرب دڪاندار ۾ بزنيس جي سلسلي ۾ ڪم هو. چانهہ پي اٿياسين تہ اهي لبناني عرب بہ اسان سان گڏ اٿيا، تہ هلي ٿا نماز پڙهون. بہ ٺي گهٽيون اڳيان هڪ ڪراچيءَ جي ميمڻ جو دڪان هو، جنهن جي پٺيان هن ڪجهہ حصو اوسي پاسي جي مسلمانن لاءِ نماز لاءِ ٺاهي ڇڏيو هو، جيئن گاڏيءَ ۾ چڙهي پري مسجد ۾ وڃڻ بدران هتي ئي پڙهن.

اسان اتي پهتاسين تہ هنن مون کي وڏو سمجهي امامت لاءِ چيو ۽ مون وري هيمونءَ کي ڪٽي اڳيان ڪيو، جو هو ننڍي هجڻ باوجود امام ٿي جماعت کي نماز پڙهائيندو رهي ٿو. سو هتي بہ پڙهايائين پر هڪ غلطي ڪري ويو، جنهن جي هونءَ اسان کي تہ خبر نہ پوي ها

پر پاڻ ئي ان جو اعتراف ڪيائين. دراصل ان ذينهن گهاٽو جهڙ هو ۽ رڪي رڪي بارش بہ پئي ٿي ۽ وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ پئي ٿيو. جڏهن اچانڪ هوا هلي ۽ جهڙ منجهند ٿي هجي پر شام ٿي چڪي هئي ۽ هيمونءَ ان نماز ڪي وچئين بدران اڳئين (ظهر) جي نماز سمجهيو ۽ ان جي ئي نيت ڪئي هئائين. بهرحال سيني چيو تہ ان قسم جي پُل چڪ ٿيندي رهي ٿي. بعد ۾ گهر اچي هيمونءَ اها ڳالهہ سيني کي ٻڌائي ۽ سڀ ڪلياسين تہ اهي مصري ۽ لبناني عرب هيمونءَ کي وري ڪڏهن بہ امام نہ ٺاهيندا.

بهرحال اها تہ ٿي چرچي جي ڳالهہ, حقيقت اها هئي جو هنن هيمونءَ جي سچ ڳالهائڻ ۽ معصوميت کي ساراهيو هو, ايتري قدر جو هڪ دڪاندار مون کي چيو تہ مسٽر ضمير جي انهن سچائي وارين ڳالهين ڪري, اسان پنهنجي دڪان جو سامان هن جي ڪمپنيءَ کان ئي وٺون ٿا, جو هر شيءِ بابت صحيح ڳالهہ ٻڌائي ٿو.

هونءَ مون سمجهيو پئي تہ پيٽرسن جهڙي ڪمرشل علائقي جي مشغول دڪاندارن کي ڪٿي آهي ٽائيم جو نماز ۽ مذهب جهڙين ڳالهين کي ڌيان پر مون ڏٺو تہ اها چوٽي صحيح ثابت ٿي ٿئي تہ Where there is a will, There are ways. نہ فقط ايترو پر مون کي تعجب لڳو تہ هڪ گجراتي ميمڻ هيمونءَ کي نصيحت ڪندي چيو تہ, پٽ هڪ ڪم ٿو چوانءِ ڪندين تہ پنهنجي زندگي سڦل سمجهندين.

”ڪهڙو؟“ هيمونءَ پريشان ٿيندي پڇيس. هو گهبرائجي ويو تہ الائي ڇا ٿو چوي. هن هيمونءَ کي پاڪر پائيندي چيو. آئون اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ, ”نماز ڪڏهن بہ نہ ڇڏجانءِ. نماز ڪيترين ئي براين کان بچائي ٿي. نيويارڪ جهڙي رنگين دنيا ۾ نماز اسان تي نگهباني ڪري ٿي.“

”پلا ڪهڙي مسجد ۾ هلون؟“ هيمونءَ مون کان پڇيو.

”ڳاڙي موڙي سٽي هال جي هن پاسي هل تہ ٻڌايانءِ ٿو.“ مون ٿورو سوچڻ ٿي چاهيو.

”مسجد العابدين؟ مسجد ابوبڪر؟ الفاروق مسجد؟ مسجد الارقام, مسجد المسلمين, الور, دائودي؟“ هيمون مسجدن جا نالا ڪڻڻ لڳو. دراصل اهو نيويارڪ جنهن ۾ ٽيهارو کن سال اڳ ٽي مسجدون بہ ڪي مس هيون, اڄ اُتي بہ سئو کان مٿي آهن ۽ سڄي آمريڪا ۾ ٻارنهن هزارن کان مٿي مسجدون آهن. هتي آمريڪا ۾ ڪيتريون مسجدون اسلامڪ سينٽر سڏجن, جتي نماز سان گڏ قرآن جو درس, مذهبي گڏجاڻيون, نڪاح, نون ڄاول ٻارن تي نالا رکڻ, زال مڙس جو سرچاءُ (ڪائونسلنگ) جهڙا ڪم پڻ ٿين ٿا.

مون کي واشنگٽن ڪٽي وجڻ لاءِ ڪجهہ اسلامي ڪتاب کتا ٿي. بروڪلن جي بي رج (Bay Ridge) واري علائقي جي مسجد مسعب بن عمير (جيڪا اسلامي سوسائٽي آف بي رج جي نالي سان بہ سڃاتي وڃي ٿي) ان جي پر ۾ هڪ اسلامي ڪتابن جو دڪان پڻ آهي. هن

مسجد ۾ پهچڻ لاءِ اسان کي بروڪلن يا مئن هٽن برج ٽپي، بروڪلن اچڻو هو. هي پليون نيويارڪ جي اصل شهر مئن هٽن کي بروڪلن سان ڳنڍين ٿيون. بروڪلن پهچڻ تي فورٿ ايوينيو ڏيئي، هيٺ ڏکڻ طرف اچڻو هو. هيٺ اچڻ تي گهٽين جو نمبر وڌي ٿو، جيڪو ڇهانوي ستانوي تائين وڃيو پهچي. هيءَ مسجد مسعب 68 هين گهٽيءَ ۾ آهي. جتان “R” ٽرين لنگهي ٿي. منهنجو جڏهن اچ ڪان ٺيهه پنجٽيهه سال اڳ نيويارڪ اچڻ ٿيندو هو تہ هن قسم جون مسجدون جتي ڪٿي نہ هيون ۽ نہ هتي ايڏا مسلمان هئا. ڪجهہ ڪجهہ ايراني، انڊين، پاڪستاني هئا، تن ۾ بہ گهٽائي گهمڻ ڦرڻ ۽ عيش ڪرڻ وارن جي هئي. عرب يا ٻيون قومون تہ ورلي نظر آيون ٿي، جيئن ڪراچيءَ ۾ ٽيهارو ڪن سال اڳ سنڌين جو حال هو. پوءِ سنڌ ۾ بيروزگاري وڌي ۽ ان ڪان وڌيڪ امن امان جي حالت خراب ٿي. چورن، ڌاڙيلن ۽ اغوا ڪندڙن کي هشي ملي، وڏيرن، پيرن، سردارن، حڪومت ۾ وزارتون ۽ عهدا ماڻڻ باوجود پنهنجي راڄ جي خدمت ڪرڻ بدران، انهن کي جاهل ۽ بيحال رکيو، تہ ماڻهو گهر گهاٽ ڇڏي، بهتر جايون ڳولڻ لڳا. اهڙيءَ طرح عرب دنيا ۾ تيل آيو، ان سان گڏ ليڊرن جون سختيون ٿيون پوءِ ڪي شهنشاهہ ايران جي ڳجهي پوليس جي ظلمن کان، تہ ڪي خمينيءَ جي سڌاري کان، ڪي سادام جي اونڌين ابتين سوچن کان تہ ڪي عيدي امين جي خفن کان، ڪي اسرائيل جي قبضي کان تہ ڪي لبنان جي جنگي حالتن کان ڀڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ ٽڙي پکڙي ويا ۽ هي ڪيپون عياشن جون نہ، پر پورهيتن جون هيون، جن پنهنجي مذهب کي ڏورانهن ڏيهن ۾ پڻ پاڻ سان سانڍي رکڻ تي چاهيو.

بروڪلن جي هيءَ ڏاکڻي ڪنڊ جيڪا Bay Ridge سڏجي ٿي، اسان وارن ڏينهن تائين بہ هڪ قسم جي يورپي Settlement هئي، جنهن ۾ يورپ جي ملڪن جا گهڻا رهيا ٿي. هاڻ عربن جو تعداد وڌي ويو آهي ۽ ڪيترا يورپي پنهنجا گهر گهاٽ وڪڻي ٻين علائقن ڏي لڏي ويا آهن. خاص ڪري لبناني عرب تہ ايترا آهن جو باقي بچيل پاڙي جا اطالوي، نارويجن، آئرش قومون ڪڏهن ڪڏهن چڙ مان چونديون آهن:

“This Ani’t Bay Ridge Anymore, It’s Beirut.”

## پورچوگالي ۽ هسپانوي ٻولين ۾ فرق

نيويارڪ جي علائقي بي رج ۾ لبنانين بعد ٻئي نمبر تي مصري آهن ۽ پوءِ مراڪش، انڊيا، پاڪستان، عراق ۽ فلسطين جا گهڻا آهن. هونءَ ڪيترا آمريڪن جيڪي نيويارڪ ۽ ڀر واري رياست نيو جرسيءَ ۾ رهيا پيا آهن انهن کي بہ هن علائقي بي رج جي گهٽي خبر ناهي، جيڪو بروڪلن جي پوڇڙ تي ائين آهي، جيئن ڪراچيءَ ۾ منگهوپير يا ماڙيپور. هيمون بہ پهرين پڇڻ لڳو تہ Bay Ridge ڪهڙو آهي. اسان جا جهاز بي رج جي پاسي واري ڊراءِ ڊاڪ ۽ آرمي ٽرمينل وٽان لنگهڻ ڪري ۽ انهن ڏينهن ۾ نيويارڪ جي هنن علائقن ۾ هفتن جا

هفتا بلڪ مهينا واندا رهڻ ڪري، هيڏانهن هوڏانهن رلڻ لاءِ چڱو وقت ملي ويو ٿي ۽ بقول هڪ مسخري مئرين انجنيئر محمود جي تہ، مڪاني ماڻهن بہ پنهنجي شهر جا رستا اسان کان ٿي پڇيا. شايد اهو ئي سبب آهي جو اسان جا ڪيترائي جهازي انجنيئر ۽ نيويگيٽر آفيسر ڏکي سامونڊي نوڪري ڇڏي، آمريڪا ۽ ڪئناڊا ۾ ٽئڪسي ڊرائيور وڃي ٿيا ۽ جلدي اسان کان سکيا ستابا ٿي ويا. پئسي ڏوڪڙ ۾ بہ تہ صحت ۾ بہ ۽ وڏي ڳالهہ ذهني سڪون ۾ بہ. سمنڊ تي تہ پاڻ رستا ناهي هلڻو ٿي پيو. هتي ڌرتيءَ تي تہ اڳ ئي نهيل آهن ۽ اچي اچي ياد بہ ٿي ويا هئا.
بهرحال اسان جي انهن سنڌي دوستن ۽ هم وطنين لاءِ جيڪي هاڻ آمريڪا جا سٽيزن آهن ۽ نيويارڪ, نيو جرسي ۽ اوسي پاسي وارين رياستن ۾ رهن ٿا، انهن کي ياد ڏيارڻ لاءِ تہ Bay Ridge وارو علائقو بروڪلن جي ڏکڻ اولهہ واري ڪنڊ آهي، جيڪا اتر ۾ گهٽي نمبر 65 کان شروع ٿئي ٿي ۽ هيٺ آخري گهٽي 100 يا شايد 101 نمبر تائين آهي. سندس اوڀر پاسي انٽر اسٽيٽ 278 هاءِ وي بائونڊري ناهي ٿو ۽ اولهہ پاسي بيلٽ پارڪ وي (Belt Parkway Shore Road) وهي ٿو. هونءَ بي رج علائقي جو هيٺيون ٽڪرو 86 نمبر گهٽيءَ کانپوءِ وارو فورٽ فئملٽن پڻ سڏجي ٿو. نيويارڪ توڙي آمريڪا جي ڪيترن شهرن ۾ روڊن ۽ گهٽين جا نمبر ڳولڻ ۾ بيحد سولا آهن ۽ گهٽو ڪري هر گهٽي ۽ وڏو روڊ (Avenue) هڪ ٻئي جي سڌائي ۾ وهن ٿا ۽ شهر جا ڪيترا علائقا شطرنج يا ڊرافٽ راند جي بورڊ وانگر لڳن ٿا. انٽر اسٽيٽ اهي هاءِ وي يا ڪٽي چئجي تہ چئن چئن Lanes جا سپر هاءِ وي آهن، جيڪي هڪ رياست کان ٻيءَ ۽ ٻيءَ کان ٽين چوٿينءَ تائين ڪٽي وڃن ٿا. هي بي رج وارو علائقو قدرتي نظارن جي حوالي سان بيحد خوبصورت آهي، جو پاسي کان ائٽلانٽڪ سمنڊ اٿس. ڪئين پيڙهيون اڳ هتي فقط اسڪينڊينيوين ملڪن (ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن وغيره) جا امير ماڻهو رهيا ٿي. هينئر بہ نارويجن ۽ ڊئنش بيڪريون، چاڪليٽ ۽ مکڻ پنير جا دڪان نظر اچن ٿا ۽ هر سال ناروي جي قومي ڏينهن تي نارويجن پريڊ نڪري ٿي. روس جا ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ بعد 1990ع کان هي علائقو اتي جي ماڻهن سان پرجڻ لڳو ۽ انهن کان اڳ ۽ پوءِ ۽ اڄ ڏينهن تائين هي علائقو عربن ۽ ايشيا جي ٻين ڏتڙيل ملڪن جي نون پناهگيرن جي دلپسند جاءِ بڻيل آهي. هاڻ هي علائقو امير ماڻهن جو نہ، پر مڊل ڪلاس ۽ ان کان هيٺاهين درجي جو بيروت يا قاهره ٿيندو وڃي.
اسان ڪار ذريعي وڃي رهيا هئاسين. هونءَ هن علائقي ۾ پهچڻ لاءِ R لائين جي گاڏي بهترين سواري آهي. نيويارڪ سٽي جي هيءَ سب وي گاڏي ”بي رج ايوينيو“ 77 هين اسٽريٽ، 86 هين اسٽريٽ ۽ 95 هين اسٽريٽ ريلوي اسٽيشن تي بيهي ٿي. هيمونءَ کي هيستائين پهچڻ ۾ ڪا خاص پريشاني نہ ٿي، جو هو گذريل پنج ڇهہ سالن کان نيويارڪ ۽ نيو جرسيءَ جي رستن کان واقف آهي ۽ هن کي تقريبن هفتي جا پنج ڏينهن بزنس جي

سلسلي ۾ نيويارڪ اچڻو پوي ٿو ۽ ٿي ڏينهن ڪن شام جو پنجين ڪان ڏهين تائين نيو جرسي وڃڻو پوي ٿو، جتي هو ڪمپيوٽر سان واسطو رکندڙ سبجيڪٽ پڙهائي ٿو ۽ هفتي جون باقي شامون Ricochet ڪلب ۾ اسڪاش کيڏي يا سئمنگ ڪري.

## هيمون ڊرائيننگ ۾ فيل ٿي پيو

هيمون منهنجي ٻي نمبر پيٽ نسيم ۽ ڪئپٽن بشير وسطڙو جو ننڍو پٽ آهي. سندس چنيءَ جو نالو تہ ضمير احمد وسطڙو آهي، پر ننڍي هوندي کان گهر ۾ هيمون سڏيونس. هتي آمريڪا ۾ اچي مون کيس ضمير سڏڻ ٿي چاهيو پر خبر پئي تہ سندس نالو هيمون ايڏو تہ مشهور ٿي ويو آهي، جو هتي رهندڙ ٻيا سنڌي دوست ۽ سڃاڻو بہ کيس هيمون سڏين ٿا، پر سندس آفيس ۾ توڙي ڪلب ۾ بہ ضمير هيمونءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.
هيمون 1977ع ۾ ڄائو. هو شروع جا چار پنج سال پنهنجي والدين سان گڏ جهازن تي رهيو، جن تي سندس والد ڪئپٽن هو ۽ کيس مختلف ملڪن ڏي اهي جهاز وٺي وڃڻا پيا ٿي. اسڪول جا شروع وارا سال مئٽرڪ تائين ڊفينس اسڪول فيز فور مان پڙهيو، ان بعد وڌيڪ تعليم هانگ ڪانگ مان ورتائين، جتي سندس والد ڏهہ سال کن جهاز ران ڪمپنيءَ جو نمائندو هو. گريجوئيشن هانگ ڪانگ جي پرسان پورچوگالي حڪومت جي قبضي ۾ رهندڙ هڪ چيني ٻيٽ مڪائو مان ڪيائين، جتي چيني ۽ پورچوگالي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون، جيئن اسان ملائيشيا ۾ رهڻ ڪري اڄ بہ ملئي ڳانا ٻڌندا رهون ٿا، تيئن هن جي ڪار جو ڊئش بورڊ بہ پورچوگالي ڪئسٽن ۽ سي ڊين (CDs) سان ڀريل رهي ٿو. اسان کي تہ وري بہ ملئي ڪئسٽ ڪڏهن ڪڏهن ملن ٿا پر آمريڪا ۾ هجڻ ڪري هتي پورچو گالي ۽ هسپانوي زبان جي ڪئسٽن جي ڪا بہ کوٽ ناهي، جو وچ آمريڪا توڙي ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۾ اهي ٺي زبانون هلن ٿيون ۽ ڀرين بہ لڪي آيو آهيان تہ هسپانوي ۽ پورچوگالي زبانن ۾ ڪو اوٿهين ويهين جو فرق مس آهي.
هيمونءَ مڪائو يونيورسٽي مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊگري حاصل ڪئي ۽ سني پوزيشن حاصل ڪرڻ ڪري کيس جرمني ۽ پورچو گال ۾ سٺي جاب جي آفر ٿي پر جيئن تہ سندس وڏو پاءُ ڪجهہ سال اڳ کان هتي آمريڪا ۾ پنهنجو پرائيويٽ بزنيس Set ڪري چڪو هو، ان ڪري هن جي مدد لاءِ ضمير (هيمونءَ) کي هيڏانهن آمريڪا اچڻو پيو.
هيمون بزنيس سان گڏ شامَ جي وقت هڪ ڪاليج ۾ ڪمپيوٽر جا ڪلاس پڙ وٺي ٿو ۽ هِتي جي ڪيترن ڪمپنين جا ڪمپيوٽر پروگرام ٺاهي ٿو، جن ۾ سندس گهڻا Cleint يهودي آهن. هونءَ بہ هن پاسي وڏا امير ۽ ڪمپنين جا مالڪ يهودي آهن. هو هيرن جواهرن ۽ سون جا واپاري آهن. سچ تہ اهو تہ ملڪ جي ايڪانامي هنن جي هٿن ۾ آهي، جيئن اسان

وٽ آغا خانين ۽ ڪراچي جي ميمڻن ۽ چنيوٽن جي هٿن ۾ آهي. يهودين ڪي اسرائيل مٿو آهي ته آمريڪا جي حڪومت به انهن کي فالو ڪري ٿي.

هيمونءَ کي اڄ به پڙهائيءَ جو شوق آهي ۽ ڪونه ڪو امتحان ڏيندو رهي ٿو. ڊرائنگ ۾ سو ڪمزور ضرور آهي. هونءَ به جيڪي کاٻڙيا (left Handed) هوندا آهن انهن جي ڊرائنگ يا هئنڊ رائيٽنگ سٺي نه هوندي آهي. آمريڪا ۽ سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ ته کاٻڙيو هجڻHandicapped سمجهيو وڃي ٿو ۽ کاٻي هٿ سان لکڻ وارن ٻارن کي نه فقط امتحانن ۾ ڪجهه سيڪڙو مارڪون وڌيڪ ملنديون آهن، پر ڪن ڪن اسڪولن ۾ ته اهڙن ٻارن کي Compensation طور پئسا به ملن ٿا. بهرحال اسان هيمونءَ جي ڊرائنگ واري ڳالهه ياد ڪري کلندا آهيون، جڏهن ٻئي يا ٽئي ڪلاس جي ساليانى امتحان ۾ هو ڊرائينگ ۾ فيل ٿي پيو هو. جيتوڻيڪ ڊرائينگ جي مِس هن کي اڳواٽ ٻڌائي ڇڏيو هو ته امتحان ۾ توهان کي جهرڪي ٺاهَڻي پوندي ۽ هو جهرڪي ٺاهڻ جي چڱي طرح پرئڪٽس ڪري ويو، پر امتحان ۾ جهرڪيءَ بدران هنن کي چيو ويو ته پنهنجو ماءُ پيءُ ٺاهيو. هن پنهنجي حساب ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي ۽ ڪافي حد تائين ان ۾ڪامياب به ويو، پر پاس ٿي نه سگهيو. ڊفينس اسڪول جي پرنسپال هڪ رٽائرڊ برگيڊيئر جي زال مسز رحمان اسان جي ڏک ڪرڻ تي هيمونءَ جي ڊرائينگ ڏيکاريندي چيو ته هاڻ هن کي ڪيئن پاس ڪريان؟ دراصل هن ٻيو سڀ ڪجهه صحيح ٺاهيو پر ماءُ پيءُ جا پير انسانن جي پير جهڙا ٺاهڻ بدران جهرڪي جي پيرن جهڙا ٺاهيا هئا.

”گهٽ ۾ گهٽ ٻار کي ايترو ته ڪامن سينس هجڻ کپي ته ههڙا پير پکين جا ٿيندا آهن.“ مسز رحمان پنهنجي ڳالهه کي مٿي رکڻ خاطر هيمون جي فيل ٿيڻ کي Justify ڪندي اسان مائٽن کي سمجهايو.

## اصحابي مسعب عمير جي نالي تي مسجد

ڪار کي ڪافي پري پارڪ ڪري بنا گنبذ ۽ بنا منارن واري اڇين سرن واري مسجد وٽ پهتاسين، جنهن جي ٻاهران مسجد جو نالو اڇي پلاسٽڪ جي ڊگهي بورڊ تي بلو اکرن ۾ ”مسجد مسعب بن عمير“ ۽ ان جي هيٺان انگريزي ۾ Islamic Society of Bay Ridge لکيل آهي. هيءَ مسجد جيڪا 1984ع ۾ قائم ڪئي وئي، اصحاب سڳوري مسعب رضہ بن عمير جي نالي آهي.

مسعب رضہ بن عمير هڪ امير ۽ خوشحال گهراڻي ۾ جنم ورتو ۽ اتي سندس پرورش ٿي. هن کي نه فقط سهڻي شڪل ڪري، پر ذهانت ڪري به قريش جي ماڻهن پسند ڪيو ٿي. هڪ ڏينهن هو حضورﷺ جن جو ليڪچر ۽ قرآن جا لفظ ٻڌي ايڏو ته متاثر ٿيو، جو هن

يڪدم اسلام قبول ڪيو. سندس والده مٿس ڏاڍي سختي ڪئي، پر مسعب رضہ اسلام تي قائم رهيو. حبش ڏي ويندڙ ٽولي سان گڏ پاڻ ڳاڙهو سمنڊ لتاڙي آفريڪا هجرت ڪئي. ڪين جيئن ئي اطلاع مليو تہ مڪي جون حالتون صحيح ٿي ويون آهن تہ مسعب رضہ ٻيا پهريون اصحابي هو، جيڪو مڪي موٽيو. پر پوءِ خبر جي ڪوڙي هجڻ تي هن کي وري حبش موٽڻو پيو.

مسعب رضہ بن عمير جي ماءُ تمام گهڻي امير هئي ۽ پنهنجي پٽ کي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليو هئائين. هن کي اها ئي اميد هئي تہ سندس نازڪ طبيعت پٽ ڪيستائين ٿو اسلام جون سختيون سهي سگهي، پر هو پنهنجي فيصلي تي قائم رهيو ٽوٽي ڪٽي ڪيس ماءُ مال ملڪيت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ سالن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن حضور ﷺ جن پنهنجن اصحابين سان گڏ ويٺا هئا تہ اتي مسعب رضہ بن عمير اچي نڪتو. سندس ڇَتين لڱل ۾ ليڙون ليڙون ٿيل جبو (چوغو) ڏسي ڪيترن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا تہ هي اهو خوبصورت نوجوان آهي، جنهن ڪڏهن سڄي ملڪ ۾ سڀ کان خوبصورت پوشاڪ زيب تن ڪئي ٿي، جنهن جا بوٽ يمن مان خاص ٺهي ايندا هئا، اڄ هو اسلام جو سچو شيدائي آهي ۽ هن هر ڳالهہ اسلام تي قربان ڪري ڇڏي آهي. حضورﷺ جن مسعب رضہ ڏي نهاريو ۽ ويٺل مسلمانن کي فرمايائون:

”مون هن مسعب رضہ کي پنهنجي والدين سان گڏ مڪي ۾ رهندي بہ ڏٺو هو، جن هن تي هر خوشي ۽ آرام نڇاور ڪيو ٿي. هن جهڙو اعليٰ پوشاڪ وارو ٻيو ڪو بہ نوجوان مڪي ۾ نہ هو. پوءِ هن رب پاڪ جي رضا خاطر هر سک هر آرام ڇڏي ڏنو....“ حضور ﷺ جن وڌيڪَ فرمايو. ”هڪ اهڙو وقت ضرور ايندو، جڏهن رب پاڪ توهان کي ايران ۽ روم (Byzantium) جون فتحون نصيب ڪندو ۽ توهان کي ڪاٺ ٽوڙي پهرڻ لاءِ بهتر ملندو.“

ٻين لفطن ۾ اسان جي نبي ڪريمﷺ جن اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو، تہ مسلمان امير ۽ طاقتور ٿي ويندا ۽ هنن وٽ مال ملڪيتون (Material Goods) جام اچي ويندا. ويٺل اصحابين مان هڪ سوال ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ هينئر اسان هن حال ۾ بهتر آهيون يا ايندڙ وقت ۾.

”توهان ايندڙ وقت کان بهتر هن وقت آهيو. ايندڙ زمانو جيڪو آئون ڏسان پيو، جيڪڏهن توهان کي ڄاڻ هجي تہ ان بابت سوچڻ ڇڏي ڏيو.“

اڳتي هلي حضورﷺ جن مسعب رضہ کي يثرب (مديني) جو سفير مقرر ڪيو ۽ کيس ايمان آڻڻ وارن کي تعليم ڏيڻ جو ڪم سونپيو. هجرت وقت اصحاب سڳورن مان جيڪي پهرين مديني پهتا، انهن ۾ مسعب رضہ بن عمير ۽ هڪ نابينا اصحابي عبدالله رضہ بن ام مڪتوم هئا.

ان بعد بدر جي لڙائي لڳي، جنهن ۾ مسعب رضہ بن عمير اڳيان اڳيان حصو ورتو. جنگ جي سوپ بعد ڪيترائي مڪي جا قريشي قيدي (POWs) حضور ﷺ جن اڳيان آندا ويا. پاڻ

ڪريم ﷺ جن هڪ هڪ قيدي کي هڪ هڪ مسلمان جي حوالي سنڀال هيٺ رکيو ۽ کين قيدين سان سٺو ورتاءُ ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون. انهن قيدين ۾ هڪ قيدي ابو عزيز بن عمير، مسعب رضہ جو ڀاءُ بہ هو. ابو عزيز جو بيان آهي تہ: ”آئون ان ٽولي ۾ شامل هوس جيڪي قيدي انصارن جي حوالي ڪيا ويا هئا.... مانيءَ جي وقت جيڪي هو ڀاڻ کائيندا هئا، اهو اسان کي بہ ڏيندا هئا. هو حضور ﷺ جن جي هدايتن موجب اسان جو ڏاڍو خيالُ رکندا هُئا.“

”هڪ ڏينهن منهنجو ڀاءُ، مسعب رضہ بن عمير، منهنجي پرسان اچي لنگهيو ۽ انصار قبيلي جي ماڻهوءَ (جنهن وٽ آئون قيدي ٿي رهيل هوس) ان کي چيو: ”هن کي چڱي طرح ٻڌي ڀاڻ وٽ وهار. هن جي ماءُ وڏي امير ۽ ملڪيت واري آهي. ٿي سگهي ٿو توکي پُنگ ۾ وڏو مالُ ڏيئي ڇڏي.“ ابو عزيز کي پنهنجن ڪنن تي يقين نہ پئي آيو تہ سندس ڀاءُ هن لاءِ ڇا چئي رهيو آهي. ”ڇا تون ڀاءُ لاءِ ائين ٿو چئين؟“ ابو عزيز چيو.

.منهنجو ڀاءُ تون نہ، پر هي انصار آهي.“ مسعب رضہ بن عمير جواب ڏنو. هن ان ڳالهہ جي تصديق ٿي ڪرڻ چاهي تہ ايمان ۽ ڪفر جي لڙائيءَ ۾ دين جو ڳانڍاپو مٽي مائٽيءَ جي ڳانڍاپن کان وڌيڪَ طاقتور آهي.

مسعب رضہ بن عمير هڪ ديندار ۽ سچو سپاهي هو. احد جي لڙائيءَ ۾ حضورﷺ جن هن کي ”مسعب الخير“ جي لقب سان سڏيو. هي مسلمانن جو جهنڊو آخر تائين لهرائيندو رهيو. سندس هڪ هٿ ۾ جهنڊو ۽ ٻئي ۾ ترار هئي. هو وڏي بهادريءَ سان وڙهندو رهيو، پر سندس حياتي ان ڏينهن تي پڄاڻي تي پهچڻي هئي. قريش جي هڪ گهوڙي سوار سندس ويجهو لنگهندي، سندس ساڄي ٻانهن شهيد ڪري ورتي. ان هوندي بہ هو اسلام جو جهنڊو ڪڇ ۾ مضبوط جهلي اللهُ اڪبر ۽ ڪلمو پڙهندو رهيو. ان بعد دشمنن طرفان ڪيس هڪ تير اچي لڳو ۽ هو پٽ تي ڪري پيو.

احد جي جنگ ۾ ستر کن اصحابي شهيد ۽ ايترا اخمي پڻ ٿيا. جنگ بعد حضور ﷺ جن پنهنجي ساٿين سان گڏ جنگ جي ميدان جو جائزو ورتو ۽ شهيدن کان موڪلايو. جڏهن پاڻ ﷺ مسعب رضہ جي لاش وٽ پهتا تہ سندن اکين ۾ ڳوڙها ڳڙي آيا. هن جنگ ۾ حضور ﷺ جن جي چاچي حمزي سميت ڪيترا صحابي سڳورا جدا ٿي ويا هئا. حضور ﷺ جن جنگ جي ميدان جي چوڌاري نظر ڦيرائي (جِتي مسعب رضہ ۽ هن جا شهيد ساٿي هئا) چيو: ”الله جو رسول شاهدي ٿو ڏئي تہ الله جي نظرن ۾ توهان شهيد آهيو“ ۽ پوءِ پنهنجن حيات ساٿين ڏي منهن مُبارڪ ڪري چيو: ”انسانو! هنن وٽ وڃو، هنن تي سلام موڪليو . جنهن جي هٿ ۾ منهنجو روح آهي، ان جو قسم آهي تہ جيڪو ماڻهو قيامت تائين هنن شهيدن تي سلام ٿو موڪلي، تہ هو بہ هنن کي موڪلين ٿا.“

اسلام عليڪم يا مسعب

اسلام عليڪم معاشرت الشهداءُ
اسلام عليڪم ورحمة الله و برڪات.

## امام رضا شاتا جرمني ڇڏي نيويارڪ آيو

نماز مهل هڪ سؤ ڪان مٿي نمازي هئا. نيويارڪ جي هن مسجد جي امام شيخ رضا شاتا ٻڌايو تہ جمع نماز تي ٻن ٽن هزارن کان بہ مٿي ماڻهو اچن ٿا ۽ سڄي مسجد ڀرجڻ بعد ماڻهو ٻاهر رستي تي صفون ٺاهي ويهن، پٽ تي پاڻ سان آندل مصلا (جاءِ نمازون) وڇائين يا پلاسٽڪ جا وڏا شاپر ۽ ڪارٽن جا گتا رکي انهن مٿان نماز پڙهن.

امام رضا شاتا 40 کن سالن جو جوان مصري عرب آهي. پاڻ 1968ع ۾ اتر مصر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪفر الباتخ ۾ ڄائو. ان ڳوٺ کان مون جهڙا جهازي جيڪي سئيز ڪئنال مان لنگهي، پونچ سمنڊ ۾ بحر احمر ۾ ايندا ويندا رهن ٿا، چڱي طرح واقف هوندا، جو هي ڳوٺ ان هنڌ تي آهي، جِتي سئيز ڪئنال نيل نديءَ جي ڊيلٽا سان ملي ٿو.

آمريڪا جي ڪيترين ئي مسجدن لاءِ امام مصر ۽ لبنان مان گهرايا وڃن ٿا، جيڪي واسطيدار Subjects ۾ تعليم يافتہ آهن. هونءَ ڪيترين مسجدن ۾ هِتي جا آمريڪا جا سٽيزن امام پڻ آهن، پر گهٽين ۾ هڪ سال، ٻن يا ٽن سالن جي Contract تي عرب دنيا مان امام گهرايا وڃن ٿا جيئن سئيڊن، جرمني ۽ ڊئنمارڪ پاسي ترڪي جا امام رکيا وڃن ٿا يا ملائيشيا ۽ سنگاپور ويندي هانگ ڪانگ ۽ جپان ۾ پاڪستان جي صوبي سرحد ۽ پنجاب جا امام آهن. اڄ کان ويهہ ٽيهہ سال کن اڳ ملائيشيا جي ڪيترين ئي مسجدن ۾ بنگالي مولوي پڻ هوندا هئا، پر هاڻ نظر نٿا اچن.

بروڪلن (نيويارڪ) جي هن مسجد مسعب بن عمير جي امام رضا شاتا ٻڌايو تہ هو ننڍو هو تہ هن جي ماءُ گذاري وئي ۽ ڪيس سندس ڏاڏي ءَ نپايو، جيڪا هن جي دل وڏي ڪرڻ لاءِ هر وقت اسان جي پياري نبي محمد مصطفيٰ ﷺ جي ڳالهہ ٻڌائيندي هئي، تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي والده محترمہ بہ سندن ننڍي هوندي گذاري وئي. امام صاحب جو والد پنهنجي ڳوٺ ۾ هاري ۽ ولائِتي پاڻ جو سيلز مين هو ۽ هنن غريبيءَ جي زندگي گذاري ٿي. ايتري قدر جو ڳوٺ ۾ ڪنهن وٺ ٿي وي بہ نہ هئي ۽ پاڻ جڏهن پندرنهن سالن جو ٿيو تہ پر واري شهر ۾ هن ڪي پهريون دفعو ٽي وي ڏسڻ ۾ آئي.

نماز بعد اسان هن مسجد جي امام سان گڏ ائٽلانٽڪ ايوينيو تي ٺهيل يمني هوٽل ۾ اچي چانهہ ۽ شورما کاڌو. پاڻ ٻڌايائين تہ هو پنجن سالن جو ٿيو تہ ڪيس قرآن حفظ ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو. بنيادي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪرڻ بعد هو قاهره جي الاظهر يونيورسٽي لاءِ چونڊجي ويو. ٽن ڏينهن ۾ ملڪ جو صدر انور سادات هو. هن 1992ع ڊاري گريجوئيشن مڪمل ڪئي ۽ 3400 شاگردن ۾ ستون نمبر آيو.

رضا شاتا (بي رج بروڪلن جي مسجد جي امام) ٻڌايو تہ الاظهر يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد هن سعودي وچي شاگردن کي شريعت (اسلامي قانون) سبجيڪٽ پڙهايو. پاڻ پنج سال اتي رهيو. ان بعد هو پنهنجي وطن مصر هليو آيو، جِتي اچي هن فرنيچر جو بزنيس شروع ڪيو. پر ان سموري وقت ۾ هن کي اها کوٽ محسوس ٿيندي رهي تہ هو دعوه جو ڪم نہ پيو ڪري. اهو سوچي هن پنهنجو ڌنڌو بند ڪري، پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ اچي تبليغ شروع ڪئي. سندس ڳوٺ جي مسجد ۾ ڪافي ماڻهو آيا ٿي. جمعي نماز تي تہ نمازين جو تعداد چار هزار جي لڳ ڀڳ ٿي ويو ٿي. مسجدون سرڪار جي انتظاميہ ۾ هيون، جنهن ڪيس پگهار بہ ڏنو ٿي.

”سن 2000ع ۾ مون کي جرمنيءَ جي شهر اسٽٽگارٽ جي مسجد ۾ امام طور رکيو ويو. هي شهر ڪارخانن جو شهر آهي، جِتي ڪيترن ئي ترڪ ۽ عرب مسلمانن فئڪٽرين ۽ ڪارخانن ۾ ڪم ڪيو ٿي ۽ پوءِ يارهين سيپٽمبر چا ٿيو، اسان جو جيئڻ جنجال ٿي پيو. هر ڪو اچيو اسان جي گهرن ۽ مسجدن ٻاهران گهٽ وڌ لکيو وڃي، ڪرفتي ۽ ڪچرو اڇلايو وڃي.“ امام رضا ٻُڌايو.

ٻئي اونهاري ۾ هڪ ڏينهن جرمنيءَ جي امام رضا کي بروڪلن مان فون آيو. اهو فون هن مسجد جي امام محمد موسيٰ جو هو، جيڪو آمريڪا ڇڏي رهيو هو. هو پنهنجن جماعتين جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ فنا ٿي پيو هو، جيڪي يارهين سيپٽمبر بعد آمريڪا ۾ مسلمانن ۽ عربن کي پيش اچي رهيا هئا. هرهڪ جي پٺيان جهڙو جاسوس لڳا رهيا ٿي، هنن ٻاهر نڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. ٻارن اسڪولن ۾ وڃڻ کان ڪيٻايو ٿي، جو اتي جي ٻين ٻارن، انهن جي والدين توڙي استادن هنن کي ٺوڪيو ٿي ۽ بي عزتي ڪئي ٿي. عورتون ٻاچي مارڪيٽ يا شاپنگ سينٽرن ۾ وڃي نٿي سگهيون. مسلمانن جي ناتي هنن کي هر ڳالهہ لاءِ ڏوهاري سمجهيو ويو ٿي.

امام رضا شاتا مسلمانن کي آمريڪا ۾ پيش ايندڙ مصيبتن کان چڱي طرح واقف هو. بروڪلن جي هن مسجد مسعب بن عمير (Islamic Society of bay Ridge) جو پگهار بہ جرمني واري پگهار کان گهٽ هو. ”پر منهنجي دماغ ۾ منهنجي زال ۽ ٽي ٻار (ڏيئرون) هيون، جن کي ڏٺي مون کي مهينا ٿي ويا هئا. جرمني وارن هنن کي جرمني اچڻ جي ويزا کان انڪار ڪيو هو. آمريڪا وارا مون کي فئمليءَ سان اچڻ جي اجازت ڏئي رهيا هئا. ان ڪري مون هيڏانهن USA (آمريڪا) اچڻ لاءِ حامي ڀري.“ امام رضا ٻڌايو.

هتي جي ڪولمبيا يونيورسٽيءَ جي هڪ ائنٿروپولوجسٽ لوئيس عبداللطيف (Louis Abdul Latif Cirstillo) هڪ دفعو ٻڌايو هو تہ آمريڪا جون ڪيتريون ئي مسجدون اسلامڪ سينٽرن ۽ اسلامڪ سوسائٽين جي نالن سان سڏجن ٿيون، جتي مسلمان نماز پڙهڻ کان علاوه اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ، پنهنجن روزمره جي مونجهارن جو سُٺ سلجهائڻ ۽ هڪ ٻئي

سان ڏک درد سلڻ لاءِ اچن ٿا. فقط نيويارڪ ۾ جيڪي لک جي لڳ ڀڳ مسلمان رهن ٿا، اهي آفريڪا جا آمريڪن آهن.
بروڪلن جي هن مسجد مسعب بن عمير جيڪا The Islamic Society of Bay Ridge بہ سڏجي ٿي، ڪي ٻين مسجدن وانگر بورڊ آف ڊائريڪٽرس هلائين ٿا، جيڪي گهڻو ڪري هتي جا رهندڙ فلسطيني پروفيشنل آهن. 1984ع ۾ جڏهن هن جو بنياد رکيو ويو، تہ هي بي رج ايونيو تي هڪ اسٽور نما جاءِ هئي، جنهن جي مٿان ڪو نالو نہ هو ۽ ڪو مقرر امام نہ هو. اڄ اها مسجد نيويارڪ جي مسلمانن جو اهم مرڪز آهي جيڪا اسان جهڙن ٽوئرسٽن ۽ هتي لڏي ايندڙ Immigrants لاءِ ڪشش پيدا ڪري ٿي. هن بلڊنگ جي چئني ماڙين تي زندگي ٻهڪندي نظر اچي ٿي. ٻارن لاءِ نرسري اسڪول، اسلامي ڪتابن جو بڪ اسٽور، قرآن ڪلاسز ۽ روزانو ليڪچر لڳو رهي ٿو. جمعي نماز تي تہ ايترا نمازي اچن ٿا جو ٻاهر جا فٽ پاٿ ٿي ڀرجيو وڃن ۽ انهن نمازين جي ڏنل ڊالر ڊالر جي نوٽن ۾ جيڪي جمعي نماز تي بوڇڻ ۾ گڏ ڪيا وڃن ٿا، هن مسجد جو خرچ پکو هلي ٿو. عورتن جي گڏجاڻي ۽ نماز لاءِ الڳ جاءِ هيٺ Basement ۾ آهي. گهڻو ٽڪو ليڪچر عربيءَ ۾ ٿين ٿا، جو هتي ايندڙن جو وڏو تعداد عربي ڳالهائڻ وارن جو اچي ٿو. البانيا ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن جي ماڻهن لاءِ جن کي عربيءَ جي ايڏي ڄاڻ نہ آهي، هيڊ سيٽ (ڪنن ۾ وجهڻ جا مائيڪرو فون) رکيل آهن، جن ذريعي هو هلندڙ واعظ، تقرير، ليڪچر، اعلان انگريزي ۾ اتي جو اتي Live ٻڌي سگهن ٿا.

## هيري جي چوند سولي، سڱ جي چوند ڏکي آهي

هن مسجد (بروڪلن نيويارڪ جي مسعب بن عمير مسجد) جي امام کي نماز پڙهائڻ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ڪم ڪرڻا پون ٿا، جيئن تہ نون ڄاول ٻارن تي ٻانگ ڏيئي نالو رکڻ، ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جا مناسب سڱ ڳولڻ، ناراض ۽ رٺل زال مڙسن جا پرچاءَ ڪرڻ، ديني مسئلن جا حل ڳولڻ وغيره وغيره. مسجد جي امام ٻُڌايو تہ ڪيترائي نوجوان عجيب عجيب سوال پڇن ٿا: "آئون جنهن هوٽل ۾ بئرو آهيان اتي شراب بہ Serve ڪيو وڃي ٿو. هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ مون کي ڇا ڪرڻ کپي؟" سوال ڪندڙ يا مسئلن جا حل پڇڻ وارا ڌارين ملڪن کان لڏي آيل مسلمان توڙي مڪاني آفريڪن آمريڪن يا ڏکڻ ۽ وچ آمريڪا جا نو مسلم آهن. "شاديءَ کان اڳ مون کي ڊيٽنگ ڪرڻ کپي يا نہ؟" "بئنڪن يا ڪئسينو (جوا خانن) ۾ نوڪري ڪرڻ کپي يا نہ؟" مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي تي برگر کائڻ کپن يا نہ..." وغيره وغيره.
امام رضا شاتا ٻڌايو تہ هن کي سڀ کان گهٽي خوشي ڪنهن جي اڪيلائپ ختم ڪرڻ تي ٿئي ٿي. يعني هڪ ڌارئين ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي رهنمائي ڪري، هنن جو گهر وسائڻ

تي. هن وقت ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ايندا رهن ٿا، جيڪي پنهنجي لاءِ سٺو ساٿي ڳولڻ جي جستجو ۾ آهن. ”اسلامي قانون غير شادي شده عورت ۽ مرد کي بند ڪمري ۾ ملڻ جي صاف صاف منع ڪري ٿو.“ امام رضا ٻڌايو. ”آئون هنن کي پنهنجي آفيس ۾ پنهنجي اڳيان ويهاري ڳالهائڻ جو موقعو ڏيان ٿو. اسان جي نبي ڪريم ﷺ جو چوڻ آهي ته جيڪو زال مڙس جي شادي ڪرائي ٿو، ان ڄڻ ته سڄو سال عبادت ڪئي.“

۽ پوءِ ڪجهه سوچي امام ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”پر منهنجا پائرو! آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ جتي ڪيترائي Options هجن، اهو ڪم آسان ناهي. لڏي آيل اسان جا مسلمان هتي اچي هيڪاندو گهڻو Picky ٿيو پون. ڪي ته رکو ۽ بدتميزي جي حد تائين به ڳالهائين ٿا. هڪ ٻئي لاءِ صحيح ساٿي ڳولڻ، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي حساب سان ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هڪ ڇوڪريءَ ڇوڪر جون ڳاڙهيون اکيون ڏسي يڪدم چوي ٿي ته امام صاحب سڄي نيويارڪ ۾ مون لاءِ فقط هي شرابي بچيو آهي. هڪ دفعي مصر جي عرب موراڪو جي هڪ قبول صورت ۽ نيڪ ڇوڪريءَ جي سنهين ڇاتين ڏي گهوري چوي ٿو ته هيءَ ته هڪ ڪاٺيءَ جي بندي لڳي ٿي.“

”مصر ۾ هجي ها ته ائين ڪڏهن به نه ٿئي ها.“ امام اهي پراڻيون ڳالهيون ۽ واقعا ياد ڪري ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو، ”هرگز نه. هرگز نه. مون کي جي اڳواٽ خبر هجي ها ته هي ڇوڪرو ايڏو بدتميز آهي، ته آئون هن کي آفيس ۾ ٽپي گهڙڻ نه ڏيان ها.“

ان معاملي ۾ امام ٻڌايو ته سندس ڳوٺ ۾ فقط هڪ جهلڪ ڏسڻ سان ڇوڪرو شاديءَ لاءِ راضي ٿي ويندو هو ۽ ڪيترا ته بنا ڏسڻ جي، مائٽن جي چوڻ تي شاديءَ لاءِ ’ها‘ ڪري ويهندا هئا. پر هتي نيويارڪ نه فقط دنيا جي گاديءَ جو شهر آهي، پر مسلمانن جو به چوواٽو آهي، جتي پانت پانت جي ملڪن جا مسلمان نظر اچن ٿا ۽ اهڙو مسلمانن جو مڪسچر فقط مڪي ۾ حج جي سيزن ۾ ٿئي ٿو. نيويارڪ جي هنن پنجن باروز (مئن هٽن، برانڪس، بروڪلن، ڪئينس ۽ اسٽيٽن آئلنڊ) کان علاوه مسلمانن جا ٻيا وڏا ڳڙهه ڪئليفورنيا، الينئاس، مشيگان ۽ ٽيڪساز آهن.

”بهرحال شاديءَ جا سڀ اميدوار ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون ان ڳالهه تي هڪ راءِ آهن ته سندن مسلمان ساٿي اسلام جو صحيح معنيٰ ۾ پوئلڳ هجي، ڏسڻ ۾ ناهوڪو لڳي ۽ هن وٽ آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ قانوني طرح ”اميگريشن Status“ هجي. ڪابه ڇوڪري يا ڇوڪرو ان ساٿيءَ کي نٿو چونڊڻ چاهي، جيڪو آمريڪا ۾ غير قانوني طور رهيل هجي، ڇو جو هو هتي ٿي رهڻ پسند ڪن ٿا. غير قانوني رهندڙ ڇوڪر يا ڇوڪريءَ سان گڏ هو آمريڪا ڇڏي هن جي ملڪ ۾ وڃڻ نٿا چاهين.

امام جي گهرائڻ تي هڪ لبناني ڇوڪرو ان ڏينهن آيو هو، جنهن جي عمر، حيثيت ۽ طبيعت مطابق امام هن لاءِ هڪ ڇوڪري پسند ڪئي هئي.

”هنن جا وڏا برازيل کان هتي نيويارڪ ۾ آيا هئا ۽ هاڻ هوءَ آمريڪن سٽيزن آهي. پاڻ ويجهڙائيءَ ۾ اسلام قبول ڪيو اٿس. نہ بلڪل پوري آهي، نہ ڪاري. سمجھ تہ ڪڻڪ رنگي آهي. اوٽيهن سالن جي ٿيندي. ڪامرس پڙهي رهي آهي.“ امام چوويھ سالن جي هن لبناني عرب ڇوڪري کي ٻڌايو، جيڪو چار پنج سال اڳ طرابلس ڇڏي هتي اچي سيٽ ٿيو هو. ڇوڪري غور سان ڳالھ ٻڌڻ بعد ڪجھ گهڙيون خاموش رهيو. شايد هن سمجهيو تہ امام اجان ڪيس ڪجھ وڌيڪ ٻڌائڻ ٿو چاهي پر امام کي ماٺ ۾ ڏسي ابهرائيءَ مان چيو:
”بس منهنجي لاءِ فقط اها ئي Choice آهي؟!“ ان بعد هو هليو ويو. ظاهر آهي امام صاحب ڇوڪريءَ کي بہ واپس موٽائي ڇڏيو.
هو جڏهن هليا ويا تہ امام جي چهري تي غم ۽ غصي جا تاثر هئا. ”ڏٺانوَ اڄ جا نوجوان! هڪ هيري (Diamond) جي چونڊ ڪرڻ سولي آهي پر ٻئي لاءِ سڳ جي چونڊ ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.“

## ماڪيءَ جهڙي مٺي آواز ۾ چيو تہ مون کي قبول آهي

امام رضا شاتا ٻڌايو تہ هن جي پنهنجي شادي اڄ کان 15 سال اڳ سندس مصري ڳوٺ ڪفر البتخ ۾ ٿي. جڏهن هو ٻاويهن ورهين جو هو. هو قدآور جوان، تعليم يافتہ ۽ ڳوٺ جي مسجد جو اپرنڊڙ تارو هو. ڪي مهينا عميما ايلشا براوي هن جي فقط آواز کان واقف هئي جو اتي جي مسجد ۾ امام جو ليڪچر يا خطبو ٻڌڻ لاءِ عورتن جي لاءِ ڌار ڪمرو هو، جتان عميما هن نوجوان امام رضا کي ڏسڻ بنا فقط هن جون پڙڪندڙ تقريرون ٻڌي سگهي ٿي ۽ پوءِ هڪ شام جو هي سندس گهر، سندس پيءُ وٽ هڪ اميدوار گهوٽ جي حيثيت سان پهتو. هن وٽ پئسو يا ڌن دولت نہ هو. هن جي قابليت فقط اها هئي تہ هو قرآن جو سٺو قاري هو.

نوجوان عورت، ان وقت ويھ ورهين جي مسٽر رضا جي اڳيان اچي شربت جو ٿري رکيو.

”هوءَ پهرين نظر ۾ ئي منهنجي دل کي وٺي ويئي.“ امام ٻڌايو.

شربت اڳيان رکي هوءَ تہ غائب ٿي وئي پر هن اُن وقت هن جي والد صاحب کان شاديءَ لاءِ سڱ گهريو هو. جهونو سوچ ۾ پئجي ويو. هن جي ڌيءَ شهر جي سونهن هئي. هوءَ انگريزيءَ جي اسٽوڊنٽ هئي، جنهن سان شادي ڪرڻ لاءِ شهر جا ڪيترائي نوجوان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر تيار هئا. امام هڪ مسڪين غريب هو.
پر ان کان اڳ جو مسٽر ايلشا براوي ڪو فيصلو ڪري، ماکي جهڙي مٺي آواز ۾ عميما دروازي ٻاهران ورندي ڏني، ”مون کي قبول آهي.“

“مون به جنهن گهڙيءَ هن کي ڏٺو ته منهنجو هن سان پيار ٿي ويو.” عميمه چيو.

عميما امام کان ٻه سال ننڍي آهي ۽ 1970ع ۾ ساڳي ڳوٺ ۾ ڄائي. سندس شادي 1990ع ۾ ٿي. کين چار ٻار آهن. ٽي وڏيون ڌيئرون، استهشاد، رواضا ۽ رحما ۽ ڇوٽون محمد نالي پٽ آهي، جيڪو هتي آمريڪا ۾ ڄائو آهي. سندس ٻيو نمبر ڌيءَ رواضا جيڪا سٽن سالن جي آهي، ننڍي هوندي کان Epileptic آهي. هن کي رڪي رڪي دورا پون ٿا، ان ڪري ماءُ يا پيءُ مان ڪو به هڪ هن سان هر وقت گڏ رهي ٿو ۽ هن جي بيماري امام کي هر وقت غمگين ۽ پريشان ڪري ٿي. پاڻ مسجد کان ٻه بلاڪ پري هڪ فليٽ ۾ رهن ٿا. امام مسجد ۽ پاڙي جي دڪانن تي نڪرڻ مهل هر وقت جبي، ڳوڏ ۽ اڇي ٽوپيءَ ۾ رهي ٿو. پري وڃڻ وقت هتي جي ڊريس جينس وغيره استعمال ڪري ٿو. سندس زال عميمه هر وقت سائي رنگ جو حجاب مٿي تي ٻڌي هلي ٿي. هنن کي هتي جو (USA) جو هاڻ گرين ڪارڊ آهي ۽ ڪجهه سالن بعد، جيڪڏهن هو هتي رهيو ته پاسپورٽ به ملي سگهي ٿو. امام صاحب ڪيترين ڳالهين ۾ آمريڪا کي بهتر ملڪ سمجهي ٿو. اڄ به دنيا جا جيترا ڏتڙيل مسلمان هتي اچي چوديواري ۽ سڪون حاصل ڪن ٿا اوترا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نه آهن.

”نائن اليون ڪانپوءِ جي حالتن تي تبصرو ڪندؤ.“

”جي ها. هن واقعي ڪانپوءِ آمريڪا ۾ اسان مسلمانن لاءِ ڪافي پريشانيون ظاهر ٿيون آهن. اها اسان جي بدقسمتي آهي جو اهو واقعو انهن ڪيو جن پاڻ کي مسلمان ٿي سڏايو. ان مان ڇا هڙ حاصل ٿيو. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي. نقصان ڪنهن جو ٿيو ۽ ٿي رهيو آهي؟ ڪاش هو اهڙو ڪم ڪرڻ کان اڳ سوچي سگهن ها.“

امام ٻڌايو ته هن واقعي ڪانپوءِ آمريڪا جا جاسوسي ايجنٽ ۽ ٻين ايجنسين جا ماڻهو مون وٽ به اچي آڏي ابتي پڇا ڪندا رهن ٿا ته مسجد ۾ اهڙو ڪو مشڪوڪ ماڻهو ته نه آهي، جنهن جي دماغ ۾ دهشتگرديءَ جو جنون پريل هجي. آئون هنن کي اهو ئي جواب ڏيندو آهيان، ته نه فقط توهان FBI وارا پر اسان به چاهيون ٿا ته دهشتگرديءَ کي ٻنجو اچي وڃي. اسان مسلمان به چاهيون ٿا ته هن ملڪ جي زندگي سيني لاءِ سڪون ۽ سانت پري رهي.

## آئون بي عزتيءَ جي سرن سان اڏي وئي آهيان

”امام جي حيثيت ۾ مون کي ڇڻ رَسيءَ (Tight Rope) تان هلڻو پوي ٿو ۽ هيٺ ڪرڻ کان بچڻ لاءِ ٻنهي پاسن جو خيال ڪرڻو پوي ٿو. هڪ طرف مسلمانن کي اهو احساس ڏيارڻو ٿو پوي ته هتي جي پوليس ڪا وحشي ناهي. ٻئي طرف پوليس کي مطمئن ڪرڻو پوي ٿو ته مسلمان صاف سترا ۽ عزت وارا ماڻهو آهن.“

ان هوندي به هر مسجد ۽ مسلمانن جو هر ادارو آمريڪا جي پوليس جي نظرن هيٺ آهي. هن مسجد جي امام لاءِ ان وقت ڇڱي شرمندگي ٿي، جڏهن پوليس هتي جي هڪ

جماعتيءَ کي دهشتگرديءَ جو پلات ٺاهڻ جي ڏوهہ ۾ جهلي ويئي. اهو ٽيويهہ سالن جو گهٽو ڳالهائيندڙ شهوار متين نالي پاڪستاني هو، جنهن مسجد جي پر واري ڪتابن جي دڪان ۾ ڪم ڪيو ٿي. ڊيوٽيءَ دوران هو اڪثر جيمس الشافعي نالي اسٽيٽن پيٽ جي هڪ نو مسلم آمريڪن ڇوڪري سان ڳالهائڻ ۾ مشغول رهيو ٿي. آگسٽ 2004 ۾ ٻئي ڄڻا بروڪلن فيڊرل ڪورٽ ۾ ان ڏوهہ هيٺ چارج ڪيا ويا تہ هنن هرالڊ اسڪائر وٽ 34 اسٽرٽ جي سب وي اسٽيشن کي بم سان اڏائڻ چاهيو ٿي.

انهن ٻنهي ڄڻن جو وڊيو ٽيپ بہ ڏيکاريو ويو تہ هو اسٽيشن کي بم سان اڏائڻ بابت رٿائون ٺاهي رهيا آهن ۽ هنن کي اها اسٽيشن بار بار چڪاسيندي بہ فلم ۾ ڏيکاريل هو. ساڻن گڏ ٽيون ڄڻو پوليس جو پگهاردار جاسوس هو، جنهن هنن کي اهو بانور پئي ڪرايو تہ هن جو واسطو اسلامي تنظيم اخوان سان آهي.

متين ڳالهہ جي ٽي ويءَ تي خبر اچڻ بعد اخباري نمائندا مسجد کي ورائي ويا. هو مون کان ۽ ٻين جماعتين کان آڏو ابتا سوال ڪرڻ لڳا. بي نام فون ڪال ۽ خطن ذريعي اسان کي ڌمڪيون ملڻ لڳيون تہ سمجهو تہ توهان لاش آهيو.“

مسجد جي امام ۽ ٻين کي پوءِ يڪدم ڌيان ۾ آيو تہ اهو پوليس کي اطلاع ڪرڻ وارن پورن وارن وارو مصري ماڻهو هو، جنهن ٻاڻ کي اوساما دائوديءَ جي نالي سان سڏايو ٿي. ”هي دائودي نالي همراهہ سال کن اڳ کان مسجد ۾ ظاهر ٿيو.“ مسجد جي امام ٻڌايو، ”۽ مون کي بہ گشا پتا ٻڌائڻ لڳو ۽ مون کي زمين خريد ڪرڻ جو شوق ڏيارڻ لڳو. هن منهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري جماعتين کان زمين خريد ڪرڻ لاءِ چندا حاصل ڪرڻ چاهيا ٿي، جنهن جو ڪجهہ حصو ڪميشن طور مون کي بہ ڏيڻ چاهيو ٿي.“

امام هن کي ڌتڪاري ڇڏيو ۽ ڪنهن بہ غلط ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ نٿي چاهي. امام هن کي ٻاڻ کان پري ٿي رکيو. دائودي سيني جماعتين کي اهو چوندو رهيو ٿي تہ هو هڪ مشهور مصري شيخ جو پُٽ آهي. هو سيني جي نظرن ۾ وڏو پرهيزگار سمجهيو ويو ٿي جو هو نماز پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن زارو قطار روئيندي نظر آيو ٿي، پر ساڳي وقت ماڻهن کي اهو بہ تعجب هو تہ هو سگريٽ بہ ڇڪي ٿو. ”اسلامي آداب موجب سگريٽ ڇڪڻ سُٺي ڳالهہ تہ نٿي سمجهي وڃي.“ امام رضا نوٽ ڪيو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هن جي هر گفتي ۾ آمريڪا لاءِ نفرت پريل رهي ٿي. امام سان جن ڏينهن ۾ ملڻ ايندو هو تہ هن کي بہ اهو چوندو هو تہ آمريڪن هن کان خوفزده آهن، جو هو نيوڪليئر انجنيئرنگ ۾ پي ايچ ڊي آهي. هن اهو پڻ امام کي چيو تہ FBI وارا هن جي گهر جي جاچ ڪرڻ چاهين ٿا.

”مون هن کي چيو تہ جيڪڏهن تنهنجا هٿ صاف آهن تہ پوءِ ان ۾ ڊڄڻ يا غصو ڪرڻ کهڙو؟ پنهنجو گهر ۽ دل کولي ماڻهن کي ڏيکار تہ جيئن ڪنهن کي بہ ڪا غلط فهمي نہ رهي.“ امام ٻُڌايو.

امام ٻڌايو تہ مسٽر دائودي جڏھن ڏٺو تہ ھن کي هِتان ڪجھہ نہ ورندو تہ ھن پنھنجو رُخ بيوقوف ۽ جذباتي پاڪستاني جوان ’شھوار متين‘ ڏي موڙيو. سيپٽمبر 2003ع کان وٺي ھن جاسوس پاڪستاني ھمراھہ کي ھن پلاٽ ۾ ڦاسايو. ھاڻ ڪورٽ ۾ مٿن ڪيس ھلندڙ آھي. پاڪستاني ھمراھہ جي وڪيل جو اھو مؤقف آھي تہ ھي پلاٽ پوليس مئنيوفئڪچر ڪري شھوار متين کي ڦاسايو آھي، پر پوليس ڊپارٽمينٽ جي ترجمان مسٽر پال برائون جو چوڻ آھي تہ:

“We did not propose that, we took action to stop it and there’s a big difference.”

پوليس جو اھو بہ چوڻ آھي تہ شھوار متين جي Violence سان دلچسپي ھئي، جنھن جي ڄاڻ پوليس کي ھئي ۽ ان کانپوءِ ئي ھنن ھڪ پوليس جاسوس کي نمازي بڻائي مھينن لاءِ ھن مسجد ۾ ھن سان رلي ملي ۽ اندر لھڻ لاءِ رکيو. ظاھر آھي اھڙيون ڳالھيون جڏھن ٿين ٿيون تہ مسلمانن جي دلين ۾ هِتي جي اٿارٽين خلاف نفرت پيدا ٿئي ٿي، پر يڪدم سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ھن جوان کي ڦاسائڻ لاءِ پوليس ڪوڙڪو اڏيو يا نہ، پر ھنن نوجوانن کي ڪھڙين ڳالھين مجبور ڪيو آھي تہ ان قسم جي دھشتگردي جو خيال ذھن ۾ آڻين؟ انھن سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ بروڪلن جي ھن مسجد مسعب بن عمير جو ھي امام رضا ھر وقت سوچيندو رھي ٿو.

”ھڪ دفعي مون ھسپانوي ڀاڪو پڙھيو ھو،“ امام رضا ٻڌايو، ”نفرت جي پيٽ کان جڏھن پڇيو ويو تہ ”تون ڪيئن ٺاھي وئين؟“ تہ ھن وراڻيو: ”بي عزتي جي سِرن مان.“

آمريڪا امام لاءِ بہ ٺوڪون ۽ طعنا مھيا ڪيا آھن. ھڪ دفعي جھاز ۾ ڀر ۾ ويٺل عورت پڇيو تہ آيا ھو مسلمان آھي. ھن جي ھائوڪار ڪرڻ تي ھن يڪدم ڪئبن ڪِريو کي سڏي، پنھنجي سيٽ بدلائڻ جي گھر ڪئي. امام رضا ننڍي ھوندي کان جبا پائي وڏو ٿيو، ھاڻ ھو اجاين سجاين ٺوڪن طعنن کان بچڻ لاءِ مغربي لباس اوڍي ٿو. پر ان ھوندي بہ امام چوي ٿو تہ ”مون کي ائين لڳي ٿو ڄڻ آئون پنھنجي ملڪ ۾ رھيو پيو آھيان.“ ھو ننڍي ٿھي جي مسلمانن کي اھا ئي نصيحت ڪري ٿو تہ نفرت کان بچو. آمريڪا اڄ بہ اسان جي ملڪن کان بھتر آھي ۽ آزادي جي علامت آھي، ڪنھن کي ڀڙڪائڻ تي بنا سوچ سمجھہ جي دھشتگردي نہ ڪريو.

”اسلام اھو مذھب آھي، جنھن جو بنياد ذھانت تي آھي“ امام رضا پنھنجي نوجوان ٻڌندڙن کي اھو ئي نقطو سمجھائي ٿو. اسلام توھان کي اھو ئي چوي ٿو تہ ھر ڳالھہ تي سوچيو، اکيون ٻوٽي جذبات جي وھڪري ۾ وھي نہ وڃو. ڀڙڪائڻ وارن جي پوئيواري نہ ڪريو. توھان پنھنجي دماغ سان ھنن کان بھتر سوچي سگھو ٿا.“

”۽ توهان کو بہ غلط ڪم ڪري وهندؤ.“ امام چوي ٿو: ”توهان جي غلطيءَ جو نقصان سڄي اسلامي دنيا کي رسي سگهي ٿو. هونءَ بہ جنهن ملڪ ۾ بہ توهان رهو ٿا، ان ملڪ جي ۽ ان جي قانون جي عزت ڪريو.“

## مسلمان پنهنجي ملڪ ۾ پر اسلام ولائت ۾

1968ع واري زماني ۾ يعني اڄ کان پنجٽيهہ چاليهہ سال کن اڳ جڏهن مئن هٽن نيويارڪ جي 101 اسٽريٽ تي، اڄ جا سٺ پنجهٺ سال جا پوڙها، ٽنڊوقيصر جو نور احمد نظاماڻي، ٽنڊو جان محمد جو يوسف ڏاهري ۽ سندس ياءُ بابو ۽ جهڏي جو مرحوم مبارڪ ٽالپر پنهنجيءَ قوهہ جوانيءَ ۾ چڪر هڻندا هئا ۽ منهنجو جهاز بروڪلن يا نيو اَرڪ ۾ لَنگر انداز ٿيڻ تي آئون بہ جهاز ڇڏي اچي ساڻن شامل ٿيندو هوس ۽ West 391 جي مٿين ماڙ تي رهندا هئاسين ۽ جڏهن بشير مغل ۽ نئون آيل علي ابڙو مئڊيسن ايونيو تان واڪ ڪندا هارلم نديءَ جي ڪناري تي اچي فرحت وٺندا هئا ۽ جڏهن عبدالرزاق شيخ سندس ڪولمبيا يونيورسٽي وارو شاليمار دڪان بند ڪري، پنهنجن ساٿين: هالا جي وڪيل عبداللطيف انصاري ۽ حيدرآباد جي سليم شاهہ کان موڪلائي براڊ وي تان اچي پنهنجي گاڏيءَ ۾ پيٽرول پرائيندو هو، انهن ڏينهن ۾ هڊسن نديءَ جي ٻي پار نيو جرسيءَ جو هي شهر اوينيل (Avenil) جِتي هاڻ آئون پنهنجن پاڻيجن وٽ اچي رهيو آهيان، آدمشماريءَ جي حِساب کان هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو. نہ فقط اوينيل پر اوس پاس جا شهر اسلين، اولڊ برج، سروائيل، ڪولونيا، ووڊ برج، راهہ وي ۽ ووڊ برج وغيره سمجهيو تہ سنڌ جا درساٽو چنو، ٽري ميرواهہ، وڏا ماڇي، راڄو خاناڻي، ٽٽ ڳوراهو ۽ مياناداد چنجٽيءَ جهڙا ڳوٺ هئا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهن شهرن جي آدمشماري اڄ بہ سٺ ستر هزار کان هڪ لک تائين مس آهي، جيتوڻيڪ سونهن سوڀيا، ترقي، تعليمي ادارن، صحت جي سهوليت کان اسان جي اسلام آباد کان بهتر لڳن ٿا.

اڄ کان 35 سال اڳ جڏهن اسان جو جهاز هندي وڏو سمنڊ ۽ بحر ائٽلانٽڪ جون لهرون لتاڙي نيويارڪ جي پاڻيءَ ۾ اچي لنگر ڪيرائيندو هو تہ نيويارڪ ۾ جملي مسجدون بہ يا ٽي هونديون هيون. اوسي پاسي جا پاڪستاني ۽ انڊين مسلمان جمعي نماز اسان جي جهاز تي اچي پڙهندا هئا. باقي وقت ماڻهو گهر ۾ ئي رهندا هئا. ٽوڪيو يا ڪوبي جي اڪيلي مسجد تائين پهچڻ سولو ڪم هو، پر نيويارڪ جون هي بہ يا ٽي مسجدون ڏورانهيون هيون، جو آمريڪا ۾ هر شيءِ جا فاصلا وڏا آهن. ڪنهن ويجهي دڪان، پوسٽ آفيس، ڪلينڪ لاءِ بہ گاڏي ڪڍڻي پوي ٿي ۽ ميلن جا ميل ڊرائيو ڪرڻو پوي ٿو. پر هاڻ فقط نيويارڪ ۾ ئي بہ سؤ کن مسجدون آهن! خبر ناهي تہ هِتي جا ماڻهو مسلمان ٿي رهيا آهن يا ايشيا جي مسلمان ملڪن جون حڪومتون ۽ سربراهہ ايڏا ڪميٽا ٿيندا ٿا وڃن جو

مسلمان عوام انهن جي ظلمن ۽ مالي ۽ مذهبي مشڪلاتن کان جان بچائڻ لاءِ هِتي آمريڪا ۾ اچي نڪتا آهن اسان جي ملڪ جا بہ جام ماڻهو آهن .... ”اسان پيپلز پارٽي جا آهيون، ضياءَ جي ظلمن کان ڀڄي آياسين.... اسان شيعا آهيون امام بارگاهن ۾ گهرن تي بم ڪرڻ تي مائٽ مٿ مارجي ويا..... باقي بچا پار وٺي اچي هِتي سڪون اختيار ڪيو اٿئون.... اسان قادياني آهيون اسان کي پنهنجي ملڪ جا پائر مسلمان نٿا سمجهن، بلڪ اقليت ۾ ٿا ڳڻين.... اسان سنڌي آهيون نہ اسان کي نوڪريون ٿيون ملن، نہ فوج ۾ ٿا کڻن. ڪوٽا سسٽم ۾ بہ اسان جا پنهنجا ميمبر ۽ وزير پنهنجن لوفر يارن کي داخلائون ۽ نوڪريون وٺي ٿا ڏين.... هِتي آمريڪا ۾ اسان کي پورهئي جا چار پئسا تہ ملن ٿا پيٽ پرڻ لاءِ.....“

هي اهو آمريڪا آهي، جنهن ۾ اچ اچڻ جون سختيون هجڻ جي باوجود اسان جا ايشيائي، اسان جا آفريڪي، اسان جا مسلمان وغيره سر جو سانگو لاهي اچڻ چاهين ٿا ۽ ايندا رهن ٿا. قانوني طرح نہ تہ غير قانوني اچڻ جو بہ جوکم کڻن ٿا..... هي آمريڪا آهي، جنهن ۾ اچ کان چاليهہ پنجاهہ سال اڳ اچڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ ڏکيو ڪم نہ هو، پر اسان چوندا هئاسين تہ اسان هِتي آمريڪا ۾ ڇو رهون؟ اسان جي پنهنجي ملڪ ۾ هر شيءِ سستي ملي ٿي (تن ڏينهن ۾ ڇئين رپئي ڊالر هو ۽ بليڪ تي مهانگو مهانگو تہ بہ ڇهين رپئي مليو ٿي)، اسان جي ملڪ ۾ امن امان آهي. جهاز ڪراچيءَ پهچندو هو تہ فلم جو پيو شو هڪ بجي تائين ڏسي، هوٽلن تي ماني کائي، بندر روڊ تان واڪ ڪري، ڪياماڙيءَ پنهنجي جهاز تي ٿين وڳي پهچبو هو ۽ ان جي مقابلي ۾ نيويارڪ، خاص ڪري بروڪلن، توبهہ توبهہ هوا ڏينهن ڏٺي جو بہ اڪيلي هلندي ڊپ لڳندو هو. اهڙي حالت ۾ آمريڪا ڪير رهي، نور احمد نظاماڻي، مبارڪ ٽالپر، عبداللطيف انصاري ۽ ٻيا ڪئين پنهنجا آمريڪن پاسپورٽ ڦاڙي وطن وريا. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ جي حالتن کي ڏسي هر ڪو افسوس ڪندو هجي، خاص ڪري سنڌ جو رهاڪو، جنهن لاءِ پنهنجي وطن ۾ سرڪار جي بہ اڪيائي ۽ وڏيرن، چورن، ڌاڙيلن، پوليس ۽ سرڪاري ڪامورن جي مصيبتن کان آمريڪا ۾ هجڻ بهتر هو، جِتي جي ٻن ٽاورن تي تہ ڪٽي ڪڏهن ڪڏهن بم ڪري ٿو، پر سنڌ وانگر مسجدن ۾ امام بارگاهن ۾ روز بم ۽ گوليون تہ نہ ٿيون هلن. ڪو گهرن مان ٻارن ۽ عورتن کي اغوا تہ نٿو ڪري، ڪو زميندار ٻنئي جا پئسا تہ نٿو کائي، ڪو ڊاڪٽر غلط دوائون تہ نٿو ڏئي يا بيمار جي اسپتال ۾ پهچڻ تي ڊاڪٽر کي غير حاضر تہ نٿو پائي. اسان وٽ هي کهڙو انڌير آهي جو اسان وٽ ڌاڙيل تہ ڌاڙيل آهن پر ڊاڪٽر، پوليس ۽ سرڪاري ڪامورا بہ ڌاڙيلن جي روپ ۾ عوام کي پيا ڦرين، جنهن عوام جي ٽئڪسن مان هنن کي پگهار ٿو ملي. هي اسان وٽ کهڙو مذهب آهي، جنهن ۾ ڪو ڊيوٽيءَ کي اهميت نٿو ڏئي. گذريل دفعي پنهنجي ڳوٺ هالا ويس تہ متقين جي مسجدن ۾ هڪ نمازيءَ ٻڌايو تہ ٻيا تہ ٺهيو پر ڏاڙهين سان مولوي

ڊاڪٽر بہ هر مهيني سرڪاري خزاني مان پگهار وٺي ڪايو وينا آهن پر اسپتال ۾ وچي غريب مريضن جو نہ تپاس ٿا ڪن، نہ علاج ٿا ڪن.
ان قسم جون ڳالهيون ٿيون سوچجن تہ تعجب ٿو لڳي ۽ مصر جي ڪئپٽن حنفي جي چوڻ مطابق اهو سچ ٿو لڳي، تہ مسلمان سو پنهنجي ملڪ ۾ آهن پر اسلام مغرب ۾ آهي.

## اڄ بيبيون بڻجي ويون آهن...

مٿي لکيو اٿم تہ هِتي آمريڪا ۾ اسان جي ملڪ جا اهي اچي رهيا آهن، جن سان اسان جي حاڪمن ۽ حڪومتن ظلم ڪيا پر اٿين بہ نہ آهي، هِتي آمريڪا ۾ اسان جي ملڪن جا ڪيترا اهڙا بہ ملندا، جن ويتر حڪومت ۽ عوام تي ظلم ڪيا. انهن ۾ ڪيترائي ايريگيشن ۽ واپڊا جا آفيسر، انجنيئر، سرڪاري اسپتالن ۽ ادارن جا ڊاڪٽر، انڪم ٽئڪس آفيسر، روينيو کاتي جا آفيسر ۽ ٻيا ملندا، جيڪي ترقياتي ڪمن ۽ عوام جي بهتري جو پئسو ڦري ڪروڙها رپيا ڦٻائي، هاڻي هِتي آمريڪا ۾ ”پاڪ بيبيون“ ٿيو وينا آهن. سڄي عمر هنن فقط حرام جو پئسو حاصل ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏي. انهن ڪي نہ ڊاڪٽري اچي ٿي نہ انجنيئري جو آمريڪا ۾ اچي پنهنجي پروفيشن جي نوڪري ڪن. هو پنهنجي ملڪ مان لٽي آندل پئسي تي گذارو ڪري رهيا آهن. نموني خاطر هو هِتي جي سب وي ۾ سئنڊوچون وڪڻن يا شيدين جي پاڙن ۾ رات جي دڪانن جي چوڪيداري ڪن يا گراهڪن کي ريسٽورنٽن ۾ ڪافي يا بيئر Serve ڪن ۽ رشوت جي آندل پئسي مان گهر هلائين.
مٿي ”بيبيون“ لفظ لکيو اٿم جنهن بابت هڪ لطيفو نيويءَ جي هڪ دوست ڪمانڊر عليمراد گوراهي صاحب ٻڌايو هو.... ڳوٺ جي هڪ چالو قسم جي عورت سان ڪنهن پير صاحب جي دل لڳي وئي ۽ شادي ڪري گهر وٺي آيس. پير صاحب جي زال ٿيڻ تي ظاهر آهي تہ هوءَ اڻ پُڇي ”بيبي“ ٿي پيئي ۽ سنڌ جي روايتي بيبن وانگر حاجتمندن کي ڏاڍا وٺي ڏيڻ، پاڻي شوڪارڻ لڳي.
هڪ دفعي ڳوٺ جون بہ عورتون جيڪي هن جي شادي کان اڳ وارين سخاوتن ۽ Side business واري ڪاروبار کان پلي پت واقف هيون، سي هن کان ڪٽڪ جو فصل سٺو ٿيڻ لاءِ ڏاڳو پڙهائڻ آيون. هنن سمجهيو سندن پراڻي ساهيڙي آهي، وڏي آئو ڀڳت سان ملندي پر بيبي صاحبہ پنهنجي حال کان واقفڪار ساهيڙين کي سڃاڻڻ کان ئي نابري واري ڇڏي، جنهن تي هنن کي باهہ لڳي. ان بعد هن جڙتُو بيبيءَ وڏي معصوميت سان ڏاڍي پوٺين بيبين (جن جو مرڻ جيئڻ ڪوٺ جي ڏيڍيءَ ۾ ئي ٿئي ٿو ۽ جن کي ٻاهر جي دنيا جي ڪا خبر نٿي پوي) وانگر پڇيو: ”ڪٽڪ جو وڻ ڪيڏو وڏو ٿيندو آهي“

راتؤن رات ٿيندڙ هن بيبي صاحبہ جي ان نخري تي ڏاڍو پڙهائڻ وارين مان هڪڙي سڙي ڪامي چيس: ”جڏهن ڪٽڪ جي فصل ۾ ريزڪي ڏنڊو پئي هلائي تڏهن ڪو هوش نٿي آيئہ تہ ڪٽڪ جو وڻ ٿئي ٿو يا تيلو.... هاڻ وري سچ پچ جي بيبي ٿي ويٺي آهين.“

سو آمريڪا ۾ توهان کي ڪجهہ اهڙيون بيبيون پڻ وطن جي سرڪاري ڪامورن جي روپ ۾ هِتي نظر اينديون، جن پنهنجي ملڪ جي خزاني يا جنهن اداري سان هنن جو واسطو هو، ان جي پينگ ڪري، هاڻ هِتي وڏا شريف ٿي اچي رهيا آهن يا سندن ڪڌن ڪرتوتن جي پڪڙ ڪري، ڪورٽ جي ڪيسن کان بچي اچي هِتي پناهہ ورتي آهي ۽ هاڻي هِتي پنهنجو سرخروپڻي جون اهڙيون وينا ڳالهيون ڪن ۽ معصوميت جي حد ڏيکارڻ لاءِ ڪٽڪ جي وڻ جي پيا اوچائي پڇن. انهن ماڻهن کي نہ تڏهن، جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ سرڪاري آفيسر هئا ۽ نہ ئي هاڻ پنهنجي وطن يا پنهنجي ماڻهن سان همدردي آهي. هو هِتي بہ اهي ئي سَڏون ڪندا رهن ٿا تہ ڪنهن بہ طرح سان مفت جو مال ملندو رهي ۽ ڪين بنا محنت جي عياشي ميسر ٿيندي رهي.

بهرحال خوش نصيبيءَ جي اها ڳالهہ آهي تہ اهڙن ماڻهن جو تعداد تمام گهٽ آهي. آمريڪا ۾ گهڻائي انهن جي نظر اچي ٿي، جيڪي پنهنجي وطن ۾ توڙي هِتي سخت پورهيو ڪري، پنهنجو پيٽ گذر ڪن ٿا. هو پنهنجي ٻچن ٻارن جي سٺي تعليم ۽ تربيت جو الڪو بہ رکن ٿا ۽ هي عاشق لاڪي، رميش تارواڻي، غلام مصطفيٰ پلهہ، خالد هاشماڻي، مقبول هاليپوٽي، منور لغاري ۽ عمر شيخ جهڙا ئي ماڻهو آهن، جي پرديس ۾ رهي پنهنجي ديس ۽ ان جي واسين جو بہ خيال رکن ٿا. آمريڪا ۾ رهندڙ ڊاڪٽر سرفراز، آغا ظفر، ڊاڪٽر قلباڻي، علي نواز ميمڻ، عزيز ناريجو، حميران رحمان، فياض سومرو، ۽ ثريا جهڙن نيڪ ماڻهن کي هر وقت اها اڻ تڻ لڳي رهي ٿي تہ پٺيان سندن وطن ۾ خوشحالي اچي.

# آمريڪا گجراتي پٽيلن سان ڀريو پيو آهي.

آمريڪا ۾ منهنجي پهچڻ بعد ٻن ڏينهن ڪانپوءِ جمعي جو ڏينهن هو. ڏهين بجي ڌاري منهنجي ڀاڻيجي ثمير پنهنجي آفيس مان فون ڪري پڇيو ته جمعي نماز لاءِ آئون جي هلڻ چاهيان ته هو اچي مونکي ساڍي ٻارهين بجي گهران کڻي وڃي.

”هتي اوي نل ۾ ڪا مسجد آهي ڇا؟“ مون ثمير کان پڇيو. اسان جتي رهون ٿا ان ننڍڙي شهر جو نالو Avenil آهي ۽ ثمير جي آفيس ٿي ميل ڪن پري پرواري شهر راهه وي (Rahway) ۾ آهي.

”جمعي نماز پڙهڻ لاءِ اسين دوست شيزان هوٽل ۾ ويندا آهيون. ان جو بئنڪٽ هال مالڪ طرفان نماز لاءِ خالي رکيو ويندو آهي“ ثمير ٻڌايو.

آمريڪا ۾ مسلمانن جو تعداد وڌڻ ڪري جيتوڻيڪ مسجدون به وڌي رهيون آهن، پر تنهن هوندي به ڪيترن هَنڌن تي مسجد نه هجڻ ڪري علائقي جا مسلمان نمازون، خاص ڪري جمعي جي نماز ڪنهن جي آفيس يا گهر ۾ پڙهن ٿا يا وري ڪنهن هوٽل يا آفيس جو هال ڪجهه ڪلاڪن لاءِ مسواڙ تي وٺن ٿا. جيئن گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ دفعو اوسي پاسي ۾ رهندڙ مختلف ملڪن جي مسلمانن جي پاڻ ۾ گڏجاڻي ۽ سڃاڻپ ٿي سگهي. ان معاملي ۾ شيزان هوٽل جو مالڪ سخي مرد ڇئبو جو هفتي ۾ هڪ ڏينهن لنچ جي ڪمائيءَ تان هٿ کڻي سڄو هال، جنهن ۾ هزار کن مرد ۽ سؤ يا ٻه سؤ کن عورتون (جن جو بندوبست پڙدا هڻي الڳ ڪيو وڃي ٿو) نمازين حوالي ڪري ٿو، جنهن جي هو ڪا به مسواڙ نٿو وٺي.

هيءَ پاڪستاني هوٽل شيزان جنهن علائقي ۾ آهي اهو انڊين دڪانن کان مشهور آهي. اسلين (Iselin) شهر جو هي اوڪ ٽري روڊ وارو علائقو پاڪستان ۽ انڊين يعني ديسي هوٽلن ۽ دڪانن کان سڄي نيو جرسي رياست ۾ مشهور آهي. دڪان به هر قسم جا آهن، حجام ۽ ڪن ٽوپڻ واري کان وٺي آچار، پاڇين ۽ حلال گوشت وارن جا دوڪان نظر اچن ٿا. سندن نالا ۽ رستن تان لنگهندڙ ماڻهن ڪي ڏسي لڳي ٿو ته بمبئي يا ڪراچي ۾ هلي رهيا هجون ۽ ڪيترن دڪانن تي ته انگريزي سان گڏ هندي، گجراتي يا اردوءَ ۾ به بورڊ لڳل آهن.

بمبئي چاٽ هائوس،
پٽيل ڪئش اينڊ ڪئري،
سوا گرها سائوٿ انڊين ڊوسا
پاڪيزه بوتيق
شيتل ڪلوٿس
ديسي بازار

ديپا آٽو رپيئر
نور محل حلال ميٽ
چاندني، شاليمار، مهاراني، لباس، اپنا بازار، گوڪل ويجي فوڊ، سرگم ميوزڪ....
کهڙا نالا ڪٽي کهڙا ڪٽجن.
هي اوڪ روڊ وارو شهر Iselin اسان واري شهر Avenel جي اولهه ۾ آهي ۽ ادائي ميل ڪن پري ٿيندو. ڪيس ٻيا ويجها شهر ڪولونيا (ميل ڪن پري)، فورڊس (اڍائي ميل ڏکڻ ۾)، Clark، ميٽرچين، ووڊ برج ۽ Sewarew آهي.
ثمير ڪلاڪ ڪن اڳ ۾ ئي اچي ويو جو هن جو بئنڪ تي ڪم هو. ”ڪجهه دير اڳ ۾ ئي هلون؟“ هن پڇيو.
”ڀلي. مون لاءِ ڪهڙو فرق ٿو پوي. آئون هونءَ ئي واندو ويٺو آهيان. گهر ۾ وهڻ بدران توسان چڪر پيو هڻندس.“ مون چيو مانس ۽ ڪئميرا، پين ۽ ٻه چار ننڍيا پنا کيسي ۾ وجهي نڪتس، تہ جيئن ڪنهن رستي يا ماڻهوءَ جو نالو نوٽ ڪرڻو هجي تہ لکي سگهجي.
اسان پنهنجي ڪالونيءَ مان نڪري سامهون واري روڊ تي آياسين، جنهن جي ڪنڊ تي هن علائقي جو مشهور اوي نل اسڪول آهي، جنهن جي اڳيان ٿي چار ايڪڙ سرسبز سائي ڇٻر تي شام جو هندستان جي گجرات رياست جا مرد ۽ عورتون ٽولا ٺاهي ويٺا هوندا آهن. نہ فقط هتي اسان واري شهر اوي نل ۽ پرواري شهر Iselin پر سڄي آمريڪا ۾ انڊين گجراجي پريا پيا آهن ۽ انهن گجراتين ۾ وري هر هڪ پٽيل ذات جو ملندو. حق تي آمريڪا پٽيلن کي هاڻ آمريڪا اچڻ لاءِ ويزا گهٽ ٿي ڏئي. منهنجي خيال ۾ سڄي پاڪستان ۾ ايترا ماڻهو آمريڪا ۾ نہ هوندا، جيترا فقط گجرات صوبي جا آهن. گجرات وارن جي نہ فقط آمريڪا ۽ يورپ ۾ وڏي لئہ آهي، جو هو ڪٿي بہ اڪيلائي نٿا محسوس ڪن ۽ هر هنڌ هنن جا پنهنجا موجود آهن پر پنهنجي ملڪ انڊيا ۾ بہ هنن جا وڏا ٺاٺ آهن، جو سندن صوبو سڀ کان گهٽي فارين ايڪسچينج ڪمائي ٿو. هو هندو سنڌين وانگر نہ فقط ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کانپوءِ پر گهڻو اڳ کان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙيل هئا.
سنڌ ۽ گجرات صوبن جي ماڻهن ۾ فقط اهو فرق هو تہ سنڌ جي اڌ کان وڌيڪ آدمشماري جيڪا مسلمان هئي، اها صفا موبائيل نہ هئي، اهي جتي هئا اتي ئي ويٺا رهيا ٿي، انهن لاءِ پر وارو ڳوٺ بہ پرديس هو ۽ اهو ئي حال انهن جي تعليم جو هو. پر گجرات جو سڄو صوبو تعليم ۾ بہ اڳيان هو تہ ٻاهر وڃي نت نيون نوڪريون ۽ ڌنڌا ڪرڻ ۾ بہ هوشيار هو. انهن بابت پنهنجي انڊيا واري سفرنامي ”دهليءَ جو درشن“ ۾ لکي آيو آهيان، تہ گجرات جي حاڪمن انگريزن جي حڪومت ۾ بہ نمونا شمونا ڪري پنهنجي صوبي کي ترقي وٺرائي ۽ تعليم تي وڏو زور ڏنائون .... ويندي پنهنجا محل ۽ بنگلا بہ تعليمي ادارن کي وقف ڪري ڇڏيائون. ان ڪري گجرات ۾ وڏي سجاڳي آئي. گجرات جا ماڻهو سنڌ جي هندو

سنڌين کان تعداد ۾ تمام گھٽو پاھر ھئا، پر سنڌي ھندو ٿورا ھجڻ جي باوجود دنيا جي تمام گھٽن ملڪن ۾ پکڙيل ھئا. جپان چين کان بصري بغداد تائين، ممباسا ۽ دارالسلام کان ميلبورن ڊئنمارڪ تائين، ويندي لاس پاماس، ڪيپ وردي ۽ برمودا جھڙن پيٽن تي بہ سنڌي واپاري نظر آيا ٿي. جن جو احوال تن ڏينھن جي سفرنامن ۾ لکي چڪو آھيان. مارشيش. سيشلز، فجي، سري لنڪا ۽ جاوا سماترا جھڙا ٻيٽَ تہ ڇڏ ھنن لاءِ خدا آباد، ڪوٽڙي، شڪارپور ھو. سو ھتي آمريڪا ۾ بہ گجراتي ۽ سنڌي ھندو جام آھن، پر تعداد ۾ گجراتين سان ڪو ٻيو مقابلو ڪري نٿو سگھي. آئون بہ تازو تازو انڊيا مان (خاص ڪري گجرات جي شھرن بڙودا، احمد آباد ۽ گوڌران مان) ٿي ھتي آيو آھيان، سو شام جي وقت واڪ دوران ھنن پوڙھن گجراتي ھمراھن سان گڏ ويھي رھندو آھيان. ھڪ اڌ دفعو ھنن جو پوڙھين زالن سان بہ ويھي ڪچھري ڪيم ۽ فوٽو ڪڍيم. ڍلين ڍالين پتلونن ۽ پجامن ۾ ھنن جا مرد ۽ اڻ استري ٿيل ساڙھين ۽ ڪڙتي پجامن ۾ ھنن عورتن جا فوٽو جڏھن پنھنجن دوستن کي مختلف ملڪن ۾ اي ميل ڪريان ٿو، تہ ھنن کي يقين نٿو اچي تہ ھي آمريڪا آھي يا ھندستان جو ڪو شھر. واپار سان تعلق رکندڙ ھنن ماڻھن جون ڪچھريون جيتوڻيڪ مونکي سخت بور لڳيون. ان جي مقابلي ۾ سنڌي ھندو واپاري ننڍي توڙي وڏي پئماني جو، تعليمي ڊگريون نہ ھجڻ جي باوجود دنيا جي وڏيڪ ستڌ سماءَ رکي ٿو، ھن جا عقل جا گفتا ۽ تجربي جون ڳالھيون ٻڌڻ ۽ ھينئين سان ھنڊائڻ جھڙيون ٿين ٿيون، جن جو تفصيلي احوال سنگاپور ۽ ملائيشيا وارن سفرنامن ۾ لکي چڪو آھيان. خاص ڪري ھرڪشن پوڄواڻي، تان سري ڪشو، وڪيو مل لاکياڻي، مڪيشن پارواڻي، ھانگ ڪانگ جي سيتل وغيره جون.

اسان جي گھر سامھون رھندڙ پناڻيءَ مون کان پڇيو تہ ھڪ ڏينھن آئون انھن پوڙھين گجراتين سان ويٺو ھوس خير تہ ھو. ھن جي گجراتين تي سخت ڪاوڙ آھي.

”خير ئي خير ھو. ھن عمر ۾ تہ مونکي پوڙھيون ئي پاڻ سان گڏ ويھڻ ڏينديون.“ مون کلندي چيومانس.

”پر تڏھن بہ؟“ ھن پڇيو. سندس پشاور جو مڙس گذريل ويھہ سالن کان ھتي چڪن فراءِ جي ريسٽورينٽ ھلائي ٿو.

”دراصل آئون ان تاڙ ۾ ھوس تہ ڪائنن کا اھڙي ڪھاڻي يا دلچسپ گفتگو ٻڌي سگھان، جيڪو منھنجي پڙھندڙن لاءِ مزيدار ثابت ٿئي.“ مون کيس ٻڌايو. کيس خبر آھي تہ آئون جھازن جو انجنيئر ھجڻ سان گڏ لکان بہ ٿو. ھن منھن کي موڙو ڏيئي چيو: ”اھي رنون ٻين جي موجودگيءَ ۾ مجال آھي جو ڪُڇن. پر مون ٻڌو آھي تہ اھي روز شام جو ٽولو ٺاھي ڪو دنيا جھان جون خبرون نٿيون ڪن، پر سڀ پنھنجن نھرن جون گلائون ٿيون ڪن، تہ ھنن سندن پٽن کي پنھنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو آھي. گھر جو ڪم بہ نٿيون ڪن. نوڪرين

ٻهاني پيون ٻاهر جا عيش ڪن ۽ سندن ٻارن کي بوتل پيارڻ ۽ انهن جون نئپيون صاف ڪرڻ جو ڪم سَسن حوالي ڪريو وڃن.“

## ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا آمريڪا ۾ نٿي ملي!

اوي نل اسڪول کان پوءِ ٿمير گاڏي ساڄي پاسي موڙي سينٽ جارج ايوينيو تي آيو. کاٻي پاسي وڇپي آئيس ڪريم وارن جو دڪان ۽ فرنيچر جو دڪان Home Dept هو ۽ ساڄي پاسي هتي جا ڪجهه چين اسٽور .... ڪي مارٽ، وال مارٽ، ٽارگيٽ، اولڊ نيوي ۽ جيسي پيني جهڙا. آمريڪا جا ڪي ڪي دڪان ڏسي تڏهن به جڏهن آئون چاليهه سال کن اڳ آمريڪا ۾ پهريون دفعو آيو هوس ۽ هاڻ به تعجب لڳي ٿو. ڇا ته سامان جي ورائٽي ۽ ايراضيءَ جي حساب سان هي دڪان وڏا آهن. جپان، هانگ ڪانگ، ڪوپن هيگن ۽ سنگاپور جهڙا ملڪ چاهين ته به نٿا کولي سگهن، جو اتي پٽ (زمين) جي کوٽ آهي. هڪ دفعي گهر جي ضرورت لاءِ پاني، پيچ ڪش ۽ مترڪي جهڙن اوزارن خريد ڪرڻ لاءِ هيمون هن ”هوم ڊيپوٽ“ دڪان ۾ وٺي آيو هو. اندر هلندي ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪٿندو ئي ڪونه. منجهس سئي سڳي ۽ پاٽيءَ جي پمپ کان وٺي ٽرئڪٽر ۽ ڪاٺ جي ٿهيل گئريج وڪري لاءِ موجود هئي. پاني (Spanner) ۽ رواٽ (File) کان وٺي هرقسم جا پتين، ڇتين ۽ درن درين کي ڪرڻ جا رنگ، روغن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ سامان موجود هئا. گهر ۾ وڇائڻ لاءِ گلم ۽ غاليچن کان وٺي ڇپر تي رکڻ جا ٻارن جا جهولا ۽ ٽيبل ڪرسيون موجود هيون ۽ هن قسم جو دڪان سڄي شهر ۾ فقط هڪڙو نه آهي، پر ڪجهه ميلن بعد اهڙا دڪان نظر اچن ٿا. اهوئي حال هتي جي ٻين چين اسٽورن جو آهي جن ۾ اولڊ نيوي، ڪي مارٽ، وال مارٽ ۽ جيسي پيني جهڙا اچي وڃن ٿا. اهوئي حال اسانجي انڊين پاڪستاني دڪانن جو پڻ آهي. ڪو زمانو هو يعني اڄ کان چاليهه کن سال اڳ وارو (جڏهن 1968ع کان اسان آمريڪا پهريون دفعو اچڻ شروع ڪيو) جو آمريڪا ۾ رهندڙ ننڍي کنڊ جي ماڻهن آچار، چٽڻين، گڙ، هڊڊ، لونگ، ڦوٽن، نان، پورين، ويلڻ ۽ تَوَن جهڙين شين جو سوچي به نٿي سگهيو. اسان جي جهاز جو آمريڪا ڏي اچڻ جو ٻڌي انهن ڏينهن ۾ آمريڪا ۾ موجود اسان جا سڃاڻون: مير مبارڪ ٽالپر، نور احمد نظاماڻي، ڊاڪٽر خورشيد چنا (مئڊم امينا خميساڻي جي پيڻ)، واصف امام، آغا خداداد خان، ڪاماري شريف وارو پير حميد ۽ ٻيا ڄاڻو سڃاڻو همراهه فرمائش ڪندا هئا ته پاڪستان کان اچون ته هنن لاءِ آچار، مُستي، باسمتي چانور، سَيون ۽ ٻيون اهڙيون شيون وٺي اچون، جن جي آمريڪا ۾ ملڻ جو ڪو تصور به نٿي ڪري سگهيو. وڌ ۾ وڌ ڪجهه گرم مسالا آمريڪا جي ڏاکڻين رياستن ٽيڪساز ۽ نيو اورلينس وغيره ۾ اسپيني دڪاندارن وٽ مليا ٿي.. ۽ هاڻ؟ هاڻ ته سائين ننڍي کنڊ ۾ ايران توڙي، افغانستان جي ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا آمريڪا ۾ نٿي ملي. وڏن شهرن ۾ ته ڇا، پر ڳوٺ ڳوٺ جي دڪان ۾ ملي ٿي. اسانجي

ديسي دڪانن تي تہ چا پر هتي جي مڪاني گورن جي دڪانن تي بہ انڊيا کان روز تازيون پڪي پڪايون روٽيون، نان، نمڪو کان وٺي ڪاٺ جون صندليون، پڃارا ۽ لوٽا ملن ٿا. سبزي منڊي، ديسي بازار، دانا بازار جهڙن نالن وارين سپر مارڪيٽن ۾ تہ انڊيا ۽ پاڪستان جي هر برانڊ جا مسالا، چانور، ڊرائي فروٽ ۽ اهڙن قسمن جون داليون، ٻج، اسٽيل ۽ اليڪٽرڪ جا انڊين ٿانو ۽ مشينون، اگربتيون، ميڻ بتيون، ڏيا، لالٽين، چپاتيون ۽ نان رکيا آهن. اسان جي ملڪ ۾ تہ چا پر سنگاپور ۽ دبئيءَ ۾ بہ اهڙي اوچي ورائٽيءَ ۾ شيون نظر نٿيون اچن ۽ سخت مقابلي جي ڪري سندن قيمتون بہ خاص نہ آهن. شان باسمتي چانور پنج ڪلو 6 ڊالرن يعني 360 رپين جا، جو اچ ڪلهہ 60 رپئي في ڊالر آهي. مگن جي دال 45 رپئي ڪلو، ڪارا چنا 45 رپيا ڪلو، بصر 25 رپئي ڪلو، ٽماٽا 30 رپيا ڪلو، بيسڻ 60 رپيا ڪلو، ٽپال چانهہ 250 رپيا ڪلو، گهريچي گيهہ 300 رپيا ڪلو، گُڙ 60 رپيا ڪلو، شان مصالحا 30 رپيا پئڪٽ وغيره. هتي جي مهانگائيءَ جي لحاظَ کان اهي قيمتون گهٽيون نہ آهن، جڏهن تہ پاڻيءَ جي بوتل ٿي هڪ ڊالر (سٺ رپين) جي آهي چانهہ جو ڪوپ يا مڪئيءَ جو سنگ هڪ ڊالر جو آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هتي جيڪا بہ شيءِ ملي ٿي اها اعليٰ جنس جي آهي. چانور هجن يا داليون، ويندي مسالا ۽ گُڙ پڻ! ڇو جو هتي مقابلو ايڏو سخت آهي جو ساڳي شيءِ ڏهہ ڪمپنيون موڪلين ٿيون، پوءِ وڪرو انهن جو ٿئي ٿو جنهن جي سٺي ۽ مناسب اگهہ تي شيءِ آهي. مثال طور چانور ٿي ٿا ڏسجن تہ خبر ناهي ڪيترين ڪمپنين جون ڳوٿريون رکيون آهن ۽ نہ فقط گراهڪ پر دڪاندار بہ چاهي ٿو تہ سٺي شيءِ رکان، نہ تہ گراهڪ هڪ خراب شيءِ جي ڪري ٻيون بہ نہ وٺندو ۽ پرواري دڪان ۾ هليو ويندو. مٿيون قيمتون اوڪ ٽري روڊ جي هڪ دڪان (نمبر 19 – 1317) جون Sale Price آهن. هن سپر مارڪيٽ جو پهرين "صبح لڪشمي" نالو هو، پر هاڻ "Dessi Bazzar" آهي.

هتي مٺائي ۽ نمڪو (سموسا، رول، پاپڙ، نمڪ پارا وغيره) جا پڻ ڪيترائي دڪان آهن. نہ تہ اهي شيون ڪڏهن ڪو چوڏهن چنڊ وطن کان ايندو هو تہ پاڪستان کان آڻيندو هو. آئون هن ڀيري حيدرآباد جي برهاني بيڪريءَ جون نان ختائيون ۽ ڪيڪ ثمير ۽ هيمون جن لاءِ آمريڪا وٺي آيو هوس، پر هتي جي انڊين دڪانن ۾ انڊيا جي ڪيڪن، بسڪيٽن ۽ نان ختائين جي ورائٽي ۽ تازگي ڏسُم تہ حيرت ٿي. خبر پيئي تہ ڪيترون ئي شيون روزانو انڊيا کان اچن ٿيون، جو روزانو بمبئي يا دهليءَ کان نيويارڪ ڊئريڪٽ فلائيٽ آهي.

## ڪمينٽمينٽ بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي

اسان سينٽ جارج ايونيو وٺي اڳيان ڪاپي روٽ 27 تي آياسين، جتان پوءِ اوڪ ٽري روڊ تي اچڻ لاءِ ساڄو پاسو اختيار ڪيوسين. ثمير کان اهو معلوم ڪري تعجب ٿيو تہ شيراز هوٽل جي پرسان آمريڪا جي حبيب بئنڪ آهي، جنهن جون نيويارڪ کان علاوه ٻين بہ

ڪيترن ئي شهرن ۾ برانچون آهن. ثمير ٻڌايو تہ هن شهر اسلين (Iselin) واري برانچ جو مئنيجر نديم جوڻيجو نالي سنڌي آهي، جيڪو اسان کي بہ سڃاڻي ٿو. هو ٻارهن سالن کان هتي جي مختلف بئنڪن ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي.

”هن ڇيو پئي تہ تنهنجو مامو اڇي تہ ٻڌائجانءِ اسان دعوت ڪنداسين.“ ثمير ٻڌايو.

”ڪير ٿي سگهي ٿو؟ سندس والد صاحب جي نالي جي خبر اٿئي؟“ مون ثمير کان پڇيو.

”نہ وڌيڪ مونکي خبر ناهي. هو توهان سڀني کي سڃاڻي ٿو.“

”ٿي سگهي ٿو سائين امداد جوڻيجو صاحب جو فرزند هجي يا واجد جوڻيجو، شفيق انصاري يا رفيع جوڻيجو وارن جو ڪو مائٽ. امداد جوڻيجو صاحب ABL بئنڪ جو صدر بہ رهي چڪو آهي، ظاهر هن جي ٻارن ساڳيو پروفيشن فالو ڪيو هجي. آئون سندن گهر اڄ کان 25 سال ڪن اڳ ويو هوس، جڏهن سندن ٻار ننڍا هئا ۽ اسڪول پڙهي رهيا هئا ۽ PECHSم رهندا هئا.“

شيزان ريسٽورينٽ جي پٺيان گاڏين جي پارڪنگ جي ڪافي جاءِ هئي، جتي اسانکي پنهنجي ڪار پارڪ ڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿي“ اها ساڳي پٽ حبيب بئنڪ جي بہ هئي.

ثمير چيڪ جمع ڪرائڻ لاءِ اندر بئنڪ ۾ هليو ويو، بئنڪ جي گيٽ وٽ ئي روزي نالي هڪ ڪلارڪ ملي، جنهن ٻڌايو تہ مئنيجر هينئر هينئر نڪري ويو آهي. ان ڪري مون بئنڪ ۾ اندر وڃڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ مسجد هليو آيس. يعني شيزان هوٽل جي بئنڪٽ هال ڏي. هوٽل جي مين دروازن تي بہ چار اشتهار پوسٽر لڳل هئا، جن مان پاڪستان آمريڪن ائسوسيئيشن ۽ ARY ٽي وي جي سهڪار سان پرواري وڏي شهر ايڊيسن ۾ هڪ ميلو لڳڻ جو اشتهار هو، جنهن ۾ پريا، ريجا، ابير ۽ طافو وغيره پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا. ان ميلي جو نالو ”ڌوم مچادو پاڪستان ميلا“ وڏن اکرن ۾ لکيل هو، اڳوات ٽڪيٽ وٺڻ جو اگهہ 13 ڊالر (800 روپيہ ڪن ۽ گيٽ تان ان ڏينهن ٽڪيٽ جي قيمت 15 ڊالر لکيل هئي. ميلي ۾ داخلا جون ٽڪيٽون ڪٿان ملنديون ۽ جن وڏين ڪمپنين هن ميلي کي Sponsor ڪيو هو انهن جا نالا ڏنل هئا.

ان قسم جي ميلن جي حوالي سان نيو جرسي رياست مشهور آهي، پر هيسيتائين جيڪي ٿيندا رهيا ٿي، اهي گهڻو ڪري انڊيا جي رهاڪن طرفان هئا جن ۾ هنن جي فلمي دنيا ۽ ٽي وي جا آرٽسٽ آيا ٿي ۽ ان جون ڳريون ٽڪيٽون پري نہ فقط انڊين ويا ٿي، پر اسان جا پاڪستاني پڻ، ڇو جو هتي اسٽار پلس، زي، صحارا، سوني جهڙا ٽي وي چينل هجڻ ڪري اسانجا پاڪستاني انڊيا جي هڪ هڪ آرٽسٽ کان واقف لڳن ٿا.

شيزان هوٽل جي ٻاهران بيٺل هڪ پاڪساني جيڪو پڻ مون وانگر اهو اشتهار پڙهي رهيو هو، تنهن چپن تي مرڪ آڻيندي چٽر واري نموني ۾ چيو:

”نهيو! مادي ڪڪڙ ٻانگ ڏني آهي! هن ڀيري اسانجي پاڪستانين کي غيرت آئي آهي ۽ انڊين جي مقابلي ۾ ميلي جو بندوبست ڪيو اٿن.“
”ڇو پلا پاڪستاني ميلو نہ لڳائين ڇا؟“ مون پڇيو مانس.
”حضرت! پلي لڳائين، پر پهرين انڊين چئنل تہ ڏسڻ بند ڪن.“ هن وراڻيو.
”پاڪستاني چئنل هجن تہ ڏسن. هتي آمريڪا ۾ ڪو بہ ڪيبل وارو پاڪستاني چئنل نٿو سپلاءِ ڪري.“ مون چيومانس.
”پاڪستاني چئنلن ۾ ٽيڙ هجي تہ ڪو ڪيبل آپريٽر سيڙپ بہ ڪري. پاڪستاني آرٽسٽن کي نہ ڳائڻ ٿو اچي ۽ نہ وري ڪا ائڪٽنگ.... فلمون کي اداڪاري مس، اهي بہ ڪير ڏسي ڪونہ .... انڊين کي ڏسي اسان پاڪستاني بہ پاڪستاني فلمي گانن تي مشتمل انتاڪ شري پروگرام ڪنداسين، جنهن ۾ هر هڪ رڳو ارمان ۽ احسان فلم جا گانا ڳائي ماٺ ٿي ويندو. بهرحال اسان جي دعا آهي تہ هي ميلو ڪامياب ٿئي.“
”ڇو پلا هن کان اڳ بہ لڳايو هئائون ڇا؟“
” هڪ ڀہ دفعا لڳي چڪو آهي. هڪ دفعي بنا موڪل جي ڪيائون ٿي. حڪومت ٺڳي پڪڙي مٿن ڏنڊ هنيو. ٻئي دفعي پنجاهہ ٽڪيٽون بہ نہ ڪٽيون.“ هن ٻڌايو.
بهرحال افسوس جي ڳالهہ تہ هن ميلي جي تاريخ منهنجي هجڻ دوران آئي. مونکي ميلي کان وڌيڪ ان کي attend ڪرڻ وارن سان ملڻ جو شوق هو، پر خوشيءَ جي اها ڳالهہ تہ ڇڱو جو مون هن ميلي ۾ داخل ٿيڻ جي ٽڪيٽ ائڊوانس ۾ نہ ورتي ۽ ڀہ ڊالر وڌيڪ ڏئي ان وقت وٺڻ جو سوچيم. ميلي تي ڪي خاص ماڻهو تہ نہ آيا ٿي سگهي ٿو تہ ڪجهہ وڌيڪ اچڻ شروع ٿي وڃن ها، پر سيني کي خبر پئجي وئي تہ اناؤنس ڪيل آرٽسٽن مان ڪيترا نہ آيا آهن، خاص ڪري مک فنڪار عمر شريف، ان ڪري گيٽ تان ٽڪيٽون وٺڻ وارن پنهنجا هٿ روڪي ڇڏيا ۽ جن اڳواٽ ٽڪيٽ وٺي ڇڏي هئي ۽ کين خبر پيئي تہ هنن سان ويساگهاتي ٿي آهي، تہ هو انتظاميہ سان ”هاٿوپائي“ تي لهي آيا ۽ اسان ميلو ڏسڻ بدران ميلو ڏسڻ وارن جو انتظاميہ وارن سان جهيڙي جو ڪجهہ حصو ڏسي موٽي آياسين.
انتظاميہ جي هڪ همراهہ کان پڇيم تہ آرٽسٽ ڇو نہ آيا، تہ هن ٻڌايو تہ سندن ٽڪيٽن تي لکها رپيا خرچ ڪري کين پاڪستان کان هتي گهرايوسين. ويزائن جو بندوبست ڪيوسين، هوٽلن ۾ رهائش جو خرچ پريوسين ۽ هاڻ عين موقعي تي ڦڏو ڪري ويٺا آهن تہ کين ٻولايل اگهہ کان اجان بہ وڌيڪ ڏنو وڃي. ڪمٽمينٽ بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي. هو الائي ڇا ٿا سمجهن تہ آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستانين وٽ ڪا اڻ مئي دولت پئي آهي.“
سندس ٻيون ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي پر آخري ڳالهہ بيشڪ حقيقت تي مبني لڳي. اسانجا ماڻهو آمريڪا جي اميري يا هتي رهندڙ ماڻهن جي پگهار جو وڏو انگ ٻڌي، اهو ٿي سمجهن ٿا تہ آمريڪا ۾ رهندڙ هر هڪ وڏو شاهوڪار ماڻهو آهي، پر سچي ڳالهہ ان جي ابتڙ

آهي. هڪ تہ هتي (آمريڪا) ۾ رهندڙ هر ديسي ماڻهو مٿن مائٽن ۽ پنهنجن جي پيارَ جو بُڪايل آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هتي مهانگائي تمام گهٽي آهي ۽ ويتر گذريل ٻن ٽن سالن ۾ هتي هر شيءِ ايڏو تہ چوٽ چڙهي ويئي آهي جو ايڏي مهانگائي ڪڏهن نہ ٿي. هر شيءِ ٻيڻ تي پهچي وئي آهي، گذر سفر لاءِ هتي جي هر ماڻهوءَ کي تمام گهٽي محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ اسان جي ديسي پائرن کي اڃا بہ گهٽي محنت ڪرڻي پوي ٿي. سادگي ۾ رهي گهٽا ڪشالا ڪاٽڻا پون ٿا، جو سندن سر سان گڏ نہ فقط سندن زال ۽ ٻار آهن پر ماءُ پيءُ ۽ ڀيڻون پائر بہ آهن.... جن لاءِ هنن کي بچائڻو پوي ٿو. پر يقين ڪريو اهي جن جون زالون هتي رهي نوڪري يا پورهيو مزدوري ڪن ٿيون، انهن جو بہ گذر سفر ڏکيو ٿئي ٿو. ڪيترا تہ چوويهن ڪلاڪن ۾ چند ڪلاڪ سمهن ٿا ۽ اوور ٽائيم يا ٻہ ٻہ نوڪريون ڪن ٿا ۽ ڪجهہ ٿورن کي ڇڏي باقي گهٽي ڀاڱي ڀلي انڊين هجن يا اسانجا پاڪستاني؛ پنجابي، پٺاڻ، سنڌي يا بلوچ آٽڻ چاڙهڻ Sceniario ۾ رهن ٿا. توهانکي پهرين Look ڏيک ۾ لڳندو تہ هنن وٽ وڏي گاڏي آهي. ايئرڪنڊيشن يا سينٽرلي هيٽيڊ فليٽ آهي، پر سندن هر شيءِ گروي تي پيئي آهي. هو هر مهيني پنهنجي پگهار جو وڏو حصو گروي ٿيل گهر، ڪار، فرنيچر جي قسط جي ادائگي ۾ ڏين ٿا. پرديس ۾ رهڻ واري هر ماڻهوءَ کي پنهنجي وطن جي ڪانگ جي ڪان ڪان بہ مٺي لولي لڳي ٿي. سنگاپور، هانگ ڪانگ يا لنڊن دبئي تہ وري بہ ڳتيل شهر آهن ۽ هر هڪ ٻئي جي ويجهو آهي. آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ اسانجا رهندڙ هي ديس واسي پنهنجن سان ملڻ ۽ پنهنجي وطن جي سڪ پوري ڪرڻ خاطر ڪڏهن ڪڏهن هن قسم جا ميلا ۽ جشن ملهائين ٿا. هو سڄو سال چندا گڏ ڪري پنهنجي ملڪ جي فنڪارن کي گهرائين ٿا، جيئن سندن خوشي هڪ طرف پوري ٿئي تہ ٻئي طرف سندن هم زبان، هم وطن، شاعرن، اديبن، ڳائڻن ۽ ٻين فنڪارن جي عزت افزائي ٿئي، پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسانجي وطن جا ماڻهو اهوئي سمجهن ٿا تہ آمريڪا ۾ رهندڙ سندن ديس جي ماڻهن وٽ ڪا وڏي دولت پئي آهي ۽ انهن مان جيترو ٿي سگهي گهٽي ڪان گهٽو ڪڍجي. ڪيترون آرٽسٽ عورتون هونءَ پيون اڪيليون اينديون وينديون، پر هيڏانهن آمريڪا اچڻ جي دعوت تي زور ڀرينديون تہ سندن مڙسن جي بہ ٽڪيٽ ڏني وڃي، ٻارن جي بہ ڏني وڃي. هوائي جهاز ۾ بہ ايڪانامي ڪلاس بدران بزنيس ڪلاس جي ٽڪيٽ ڏني وڃي ۽ هوٽل بہ هيءَ نہ هيءَ کپي ۽ هڪ ڏينهن بدران ٻہ ٽي ڏينهن اڳوات پهچنديون ۽ پوءِ فنڪشن ۾ باقي ڏينهن اڌ هوندو تہ سندن فنڪاريءَ جي ٻولايل پئسن کان وڌيڪ جي گهر ڪنديون. افسوس جي اها بہ ڳالهہ آهي تہ ويندي اسانجا سنڌي آرٽسٽ بہ ان ڪان آڄا نہ آهن ۽ پوءِ انهن جو پورائو ڪرڻ لاءِ هتي رهندڙ اسان جا پائر جيڪي ميزبان آهن، وڌيڪ پنهنجي کيسي مان ڀرين ٿا. فنڪشن جي انٽري في يا ان ۾ رکيل لنچ يا ڊنر جي في ماڻهو قيمت وڌائين ٿا. گذريل ٻن ڪن مهينن ۾ جيڪي ڪجهہ هتي (آمريڪا جي مختلف شهرن:

نيويارڪ، نيوجرسي، ورجينيا، واشنگٽن ۽ بالٽيمور ۾) فنڪشن ٿيا آهن، انهن ۾ جيڪي هتي جا نہ آيا آهن، انهن مان ڪيترن ان جو سبب مالي پريشاني ٻڌايو. ويندي واشنگٽن ۾ هلندڙ هڪ سنڌي فنڪشن ۾ اتي ۽ پرواري رياست ورجينيا ۾ رهندڙ ڪجهہ سنڌي ان فنڪشن ۾ نہ آيا، مون جڏهن هنن کان ان جو سبب پڇڻ تي زور ڀريو تہ هنن اهو ئي ٻڌايو تہ ”ڊنر جا پنجهتر ڊالر رکيا ويا آهن، اسان افورڊ نٿا ڪري سگهون.“ انهن ۾ هڪ تہ سٺي پگهار وارو هو، پر پوءِ مون جڏهن ان ڳالهہ تي غور ڪيو تہ هو ٻارن سان گڏ رهي ٿو، جن جي اسڪول جا ڪتاب، فيون، اچڻ وڃڻ جا خرچ سارجن تہ هو بہ Hand to Mouth يعني پيٽ ۾ پورو آهي ۽ اهو سوچيو تہ سال ۾ ڪو اهڙو هڪ اڌ فنڪشن ٿئي ۽ ان شهر جا رهندڙ نہ وڃي سگهن تہ ڪيڏي ڏک جي ڳالهہ آهي. اهو ائين آهي جيئن ڪنهن ٻار جي جنم ڏينهن تي ڪيترائي ٻار اچي گڏ ٿين ۽ رانديون رونديون ڪن ۽ ڳائين وڄائين پر سندن پاڙي جا ٻار سٺا ڪپڙا نہ هجڻ ڪري نہ وڃي سگهن. اهي باقي ٻارن جي ڪل ڪلڪي جو ٻڌي ويتر ڏک محسوس ڪندا.

بهرحال هتي فنڪشن ڪرائڻ وارن جو ڏوهہ ناهي، بلڪ ”سانا“ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ ۽ ٻين ادارن کي شاباس هجي، جو ان قسم جا فنڪشن آرگنائيز ڪن ٿا ۽ ظاهر آهي پئسي ڏوڪڙ جو خرچ هنن کي پنهنجي کيسي مان ڀرڻو پوي ٿو يا ٻين ميمبرن کان وٺڻو پوي ٿو. هتي هي ڳالهيون فقط ان ڪري لکي رهيو آهيان تہ اسان جي ملڪ کان هتي آمريڪا يا جپان، انگلنڊ ايندڙ آرٽسٽ دل ۾ اهو خيال رکي اچن تہ هو ڪنهن عرب ملڪ جي شاهوڪار شيخ يا ڪنهن رشوت خور ڪاموري جي دعوت ۾ نہ پيا وڃن، پر انهن پورهيت مزدور پرديسين جي دعوت تي ٿا وڃن، جيڪي مائٽن مٽن کان پري رهي، سخت محنت مزدوري ڪري حق حلال جا فقط ايترا چار پئسا ٿا ڪمائين، جن مان هنن جي ٻچن ٻارن جو گذر سفر ٿي سگهي ۽ هنن جي ڪمائيءَ جو هڪ هڪ ڊالر صحيح معنيٰ ۾ ”پگهر جي پورهئي“ جو ڇٽيل سگهجي ٿو. ههڙن ملڪن ۾ ڪو مزدور هجي يا آفيسر سندن ڊيوٽيءَ جي نوعيت تمام سخت ٿئي ٿي، جنهن جو احساس اسان جي ماڻهن کي هتي آمريڪا ۾ اچي هنن کي ڏسي پوءِ ٿي سگهي ٿو.

## شيزان هوٽل جو ميان عزيز ۽ آصف رشيد

شيزان هوٽل جو مين گيٽ لتاڙي اندر ٿيس جتي پنهنجو بوٽ لاهي، هڪ سنهي وڪڙ واري گهٽيءَ کان اڳتي آيس، جتي نماز پڙهڻ لاءِ گلم وڇايل هئا. سمجهي ويس تہ هي هن هوٽل جو Banquet Hall آهي. ٽيبلن ۽ ڪرسين کي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ٻئي مٿان چاڙهي رکيو ويو هو. ماڻهن جي گهٽائي محسوس ڪري هوٽل جا بئرا وڏيڪ ڊگها گلم وڇائي رهيا هئا، جن کي هڪ منهنجي عمر جو همراهہ Instruction ڏيئي رهيو هو، جيڪو بعد ۾ خبر پيئي تہ

هن هوٽل جو مالڪ  ميان عزيز آهي ... جنهن سان ۽ سندس مئنيجر آصف رشيد سان نماز بعد ملاقات ٿي. ميان عزيز ٻڌايو تہ هن آمريڪا لاءِ پاڪستان 1978ع ۾ ڇڏيو. پهرين نيويارڪ شهر ۾ آيو، جتي هن ڪنهن ٻي همراهہ جي هوٽل ۾ اچي ڪم ڪيو ۽ پوءِ هتي اوڪ ٽري روڊ تي گروسري اسٽور کوليو ۽ پوءِ 1993ع ۾ هيءَ هوٽل کولي. هوٽل کان سواءِ هو ڪئٽرنگ جو ڪم بہ ڪري  ٿو يعني شادين مرادين يا ٻين فنڪشنن تي ضرورت مطابق مختلف ڊش تياري ڪري، گهرن ۾پهچائي ٿو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ شيزان هوٽل جي ماني نہ فقط نيو جرسي رياست ۾ مشهور آهي، پر نيويارڪ رياست جي بفئلو جهڙن ڏورانهن شهرن ۾ پڻ هن جو کاڌو سپلاءِ ٿئي ٿو. ڪنهن زماني ۾ ڪراچي جي علائقي صدر ۾ بہ هڪ شيزان هوٽل هوندي هئي، جيڪا ڏهہ پندرهن سال اڳ بند ٿي وئي. شيزان نالي هڪ پاڪستاني هوٽل گذريل 25 سالن کان ملئيشيا جي شهر ڪوالالمپور ۾ بہ آهي. مون ميان عزيز کان پڇيو تہ هن هوٽل جو انهن هوٽلن سان بہ ڪو واسطو آهي. پر هن ٻڌايو تہ هن ائين ئي ڪٽي هن هوٽل جو اهو نالو رکيو. سندس ڪم ۾ وڏي مدد سندس مئنيجر آصف رشيد ڪرائي ٿي، جيڪو سندس سوٽ بہ آهي. آصف 1992ع ۾ ميان عزيز وٽ گهمڻ لاءِ آيو ۽ هتي پهچي هن کي هي ملڪ ۽ هي ماحول اهڙو وڻي ويو جو هتي ئي رهي پيو ۽ ميان عزيز وٽ ئي ڪم ڪندو رهي ٿو.

ميان عزيز کان پڇيم تہ هو روزانو ڪيترا ڪلاڪَ ڪم ڪري ٿو. ٺهڪ ڏيندي وراڻيائين؛ ”24 ڪلاڪ“  ۽ پوءِ هن ٻڌايو تہ فقط هن Oak Tree روڊ تي چاليهہ ڪن انڊين ۽ پاڪستاني ريسٽورينٽون ۽ کاڌي جا دڪان آهن. سو ظاهر آهي مقابلو تمام سخت آهي. هر ڪو چاهي ٿو تہ قيمت بہ مناسب هجي، کاڌو بہ تازو ۽ سوادي رڌل هُجي، کائڻ واري جاءِ جو ماحول ۽ ڪارائڻ وارا بہ صاف سٿرا هجن ۽ ساڳي ساڳي کاڌي بدران تبديلي بہ ٿيندي رهي. سو انهن مڙني ڳالهين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ڪيترا ڪم پاڻ ڪرڻا پون ٿا، ڇو جو هتي هڪ هڪ ماڻهوءَ جو ڳرو پگهار ٿئي ٿو. ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ سستي ۽ بي خيالي ڪرڻ سان نقصان پئجيو وڃي. سو ڪڏهن ڪڏهن 18 ڪلاڪ بہ ڪم ڪرڻو پوي ٿو.

”هينئر تہ هن علائقي ۾ ايترا سارا فقط کاڌي جا دڪان آهن، ان کان علاوه سوين ٻين شين جا دڪان آهن. جڏهن توهان هتي آيائو تہ ڪيترا دڪان هئا؟“ مون ميان عزيز کان پڇيو.

”آئون هتي ٽيون ڇٽو هوس. مون جڏهن 1987ع ۾ گروسريءَ جو دڪان کوليو تہ هتي فقط بہ دڪان هئا. هڪ ڊراءِ ڪلينر جو ۽ هڪ سوناري جو.“ شيزان هوٽل جي مالڪ ميان عزيز ٻڌايو تہ سندن تعلق پنجاب جي شهر لاهور سان آهي.

“I am a Pakistani but I consider this my Country, too. I am now Pakistani who call America home.”

(آئون پاڪستاني آهيان پر آئون آمريڪا کي پنهنجو ديس سمجهان ٿو. هاڻ آئون اهو پاڪستاني آهيان جيڪو آمريڪا کي پنهنجو گهر سمجهي ٿو.)

## اهو ڪيئن ٿا چئو تہ مغرب جا ماڻهو ڪافر آهن.

اسان وٽ جمعي نماز تي مولوي اڙدو يا سنڌيءَ ۾ واعظ ڪندو آهي، ان بعد چار رڪعتون سنت نماز پڙهڻ لاءِ پنج مٽ ڪن ڏيندو آهي ۽ پوءِ عربيءَ ۾ خطبو پڙهندو . پر هتي واعظ بعد يڪدم خطبو ۽ پوءِ نماز شروع ٿئي ٿي. سو پهرين دفعي مونڪان سنتون رهجي ويون ۽ هتي واعظ لاءِ ڪو بہ مولوي مقرر ناهي. پڙهندڙن مان ئي ڪو اٿي انگريزيءَ ۾ ليڪچر ڏئي ٿو ۽ پوءِ پاڻ يا ڪو ٻيو نماز پڙهائي ٿو. انگريزيءَ ۾ ان ڪري جو هتي فقط اڙدو سمجهڻ وارا نٿا اچن. چوڌاري نظر ڦيرائڻ سان عرب ملڪن جا، خاص ڪري عراق، مصر ۽ لبنان جا آفريڪا جي ملڪن سوڊان، ڪينيا، نائيجيريا سميت فار ايسٽ جي ملڪن ملائيشيا، ٿائلنڊ، انڊونيشيا، فلپين وغيره جا ماڻهو بہ نظر اچن ٿا. البت گهٽائي بنگالين، گجراتين، ڪشميرين، پاڪستانين ۽ مدراسين جي آهي.

ان ڏينهن ليڪچر ۽ خطبو هڪ ٽيهارو ڪن سالن جي محمد يوسف نالي هڪ جوان پڙهيو. شڪل شبيهہ ۾ ننڍي ڪنڊ جو ئي لڳو ٿي. هو ڏاڙهي ۽ پينٽ شرٽ ۾ سمارٽ لڳي رهيو هو ۽ جهڙو ڏسڻ ۾ ناهوڪو هو، اهڙي ئي ٺاهوڪي سنڌس انگريزي ۽ عربي هئي. سنڌس سچو ليڪچر قُرآني آيتن تي مبني هو. ماڻهو سڀ پنڊ پهڻ ٿي هن جو واعظ ٻڌي رهيا هئا. گهٽا سال اڳ جڏهن آئون سئيڊن جي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي ۾ پوسٽ گرئجوئيشن ڪندو هوس، تہ ان شهر مالمو ۽ بالٽڪ سمنڊ جي پار ڪوپن هيگن جي مسجدن ۾ مڪاني نو مسلم گورن ۽ ٻين ملڪن، خاص ڪري سائوٿ آفريڪا ۽ آمريڪا ڪان ايندڙ حبشي ۽ گورن نو مسلم عالمن جا پر مغز ليڪچر ٻڌڻ جو موقعو ملندو هو. هنن جون ڳالهيون اسان جهڙن رول ۽ جاهل ماڻهن کي آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي وينديون هيون. سئيڊن جهڙي يورپي ملڪ ۾ ڪيترا مونکي مڪاني گورا ۽ ٻاهران لڏي آيل Immigrants نظر ايندا هئا، جيڪي اهڙن مولوين بلال فلپ (ڊاڪٽر ابو امينا)، جيفري لئنگ (Jeffery Lang)، چئٽ اسٽيونس (يوسف اسلام)، يوسف ايسٽيس ڊاڪٽر گئري ملر (عبدالاحد عمر)، ويندي اسانجي ننڍي ڪنڊ جي احمد ديدات، ڊاڪٽر ذاڪر نائڪ، طارق جميل ۽ ڊاڪٽر اسرار جنجا مالمو ۽ پرواري شهر ڪوپن هيگن جي مسجد ۾ ٻڌايل ليڪچرن، ڪيترن غير مسلمانن توڙي مسلمانن کي پيار محبت سان اسلام جي صحيح ڄاڻ ڏني. مونکي بہ اتي جي پاڙي ۾ رهندڙ آفريڪا جي هڪ نو مسلم شيدي ڇوڪري حسين ٻڌايو. حسين هڪ عيسائي ۽ سئيڊن جو شهري هو. سندس پيءُ آمريڪن شيدي هو ۽ ماءُ سئيڊش. هو منهنجي اچڻ ڪان سال کن اڳ بلال فلپ جي رهنمائيءَ ۾ مسلمان ٿيو هو ۽ هن جو وڏو متوالو هو. انهن

عالمن بابت مونکي مالمو جي يونيورسٽيءَ جي هندو ڪُليگ پڻ ٻڌايو. ”نہ نمازون ٿو پڙهين نہ روزا ٿو رکين“ ڪئپٽن وجي مونکي يونيورسٽيءَ جي ڪئنٽين ۾ هڪ ڏينهن چيو، ”تو ۾ ۽ مون ۾ ڪو ٿورو ئي فرق آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪوپن هيگن جي مسجد ۾ مون سان گڏ هل تہ اسلام بابت انهن آمريڪن ۽ آفريڪن عالمن جون ڳالهيون ٻڌي اچون.“ هڪ هندو دوست جي اهو چوڻ تي توهان خود سوچيو تہ منهنجي جيءَ کي ڪيڏي جهنجوڙ آئي هوندي. پهريون دفعو سخت شرمندگي محسوس ڪئي هيم. هڪ غير مسلمان ان ڪي چئي رهيو هو جيڪو پاڻ کي اسلامي ملڪ جو مسلمان ٿو سڏائي. وجي ڪٽي مسلمان نہ هو ۽ نہ ويجهڙائيءَ ۾ ڪيس مسلمان ٿيڻ جو ارادو هو، پر هن کي مختلف مذهبن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي هر وقت هورا ڪورا هوندي هئي.

اڄ سوچيان ٿو تہ اهي عالم ۽ داعي ئي آهن جن ذريعي خبر ناهي ڪيترا مون جهڙا دين کان گهٽ واقف ۽ گنهگار صحيح راهہ تا سڃاڻن ۽ انهن دينداد ماڻهن کي شاباس هجي، جيڪي دين جي راهہ ۾ پنهنجو پئسو ۽ وقت قربان ڪن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن مغرب جا اهي عالم مونکي اڄ جي دور جا نظام دين اولياءَ ۽ معين دين چشتي وانگر لڳندا آهن، جن پنهنجا وطن ڇڏي ڌارين ديسن ۾ اڻ ڄاڻ ماڻهن کي اسلام جي روشني بخشي. انهن مان ڪجهہ جو خاص ڪري جن جو هن ملڪ (USA) سان واسطو آهي، مختصر احوال آمريڪا جي سفرنامي جي ٻئي ڪتاب ”بخشو لغاري کان بالٽيمور“ ۾ ڪبو ۽ مونکي ڪڏهن ڪڏهن اهو بہ محسوس ٿيندو آهي تہ اسان پاڻ کي ميان مٺو سمجهي، ٻي تي الزام هڻڻ تي ڪيڏي تہ جلدي ڪريون ٿا. ان ”Holier than thou“ واري ڪلچر هيٺ اسان پنهنجو پاڻ کي ٻئي کان بهتر سمجهڻ جي خود ئي سند ڏيون ٿا ۽ اهو فئشن ٿي پيو آهي تہ هر برائي جي تهمت مغرب تي هڻون ٿا. پر هي جيڪي يوسف اسلام، عبدالاحد عمر، جيفري لئنگ، ابو امينا ۽ ٻيا انهن جهڙا بزرگ آهن، اهي گورا ۽ مغرب جا ئي تہ ماڻهو آهن، جن نہ رڳو پاڻ اسلام قبول ڪيو آهي، پر ٻين کي بہ ان جي حقيقت ٻڌائيندا رهن ٿا ۽ دعوت اسلام ۾ پنهنجي جان ۽ مال ڏيندا رهن ٿا. فرانس، انگلينڊ، آمريڪا ۾ ڏسو تہ ڪيڏي رفتار سان مسجدن جو تعداد ۽ نمازين جو تعداد وڌي رهيو آهي. تڏهن تہ ورجينيا ۾ رهندڙ منهنجي پيٽارو جي ڪلاس ميٽ (جنهن جو اصل ڳوٺ قاضي احمد هو) محمد سميع هتي جي هڪ آمريڪن دوست کي ڪلندي چيو، ”توکي خبر آهي تہ دنيا تي هڪ ڏينهن مسلمان حڪومت ڪندا.“ اڳلي وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو، ”اڙي توهان جهڙا پاڪستاني جيڪي نہ تہ سائنس ۾ نہ وري ٽيڪنالاجيءَ ۾ هوشيار آهيو، اهي دنيا تي حڪومت ڪندؤ؟ اجا بہ اسان آمريڪن نالي چئي سگهين ٿو.“

سميع هن کي بجو ڏيندي ... اهڙيون ڪيئي شيون هن هتي گورن ۾ Introduce (متعارف) ڪيون آهن، چيو، ”پيٽان آئون پنهنجي لاءِ ڪڏهن ٿو چوان. آئون مسلمانن لاءِ ٿو چوان. هڪ ڏينهن توهان سڀ آمريڪن اسلام قبول ڪندؤ ۽ توهان ئي دنيا تي Rule

(حڪومت) ڪندؤ ... بلڪ هينئرئي ڪري رهيا آهيو ۽ آمريڪا ۾ جيڪو مذهب سڀ کان تڪي رفتار سان پکڙجي رهيو آهي، اهو اسلام آهي.“

بهرحال اهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي، جيستائين اسلام جو تعلق آهي، هتي آمريڪا ۾ بہ مسلمان آهن، هتي بہ مسجدون آهن، هتي جا مڪاني نو مسلم يا ڌارين ملڪن کان آيل Immigrant مسلمان سڪون سان نمازون پڙهن ٿا. سندن ٻار ديني اسڪول ۾ قرآن جي تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ هرويرو اهو چوڻ تہ مغرب جا ماڻهو ڪافر آهن، ڪجهہ عجيب ٿو لڳي.

# امام صاحب FBI جو ماڻهو هو

بهرحال اچ وڏي عرصي ڪانپوءِ سني انگريزيءَ ۾، هڪ سنو دل وٺان ليڪچر ٻڌڻ جي سعادت حاصل ٿي ۽ پوءِ ٻئي جمعي تي آيس ته محمد يوسف اسان سان گڏ ويٺو هو ۽ هڪ ٻئي همراهه جيڪو مصر جو هو، ان ليڪچر ڏنو. ان جو به اهڙو ئي دل تي اثر ڪرڻ وارو ليڪچر هو ۽ پوءِ هر دفعي ڪنهن نئين نمازيءَ جو ليڪچر ٻڌڻ جو موقعو مليو ٿي. مون سمجهيو ته آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ ڪٿان آيا ايڏا مسلمانَ ۽ جي آهن ته انهن کي ڪهڙي فرصت ۽ ڪهڙي دلچسپي مذهب سان. پر اهو گهٽو اڳ جو دور هو جڏهن هتي آمريڪا ۾ اسان جا نواب ۽ جاگيردار آيا ٿي، جن کي واقعي مذهب سان دلچسپي نه هئي. انهن کي فقط شراب ۽ عورت جي قسمن جي ڄاڻ هوندي هئي، جن کي فقط جوا خانن ۽ آندل پئسن خرچ ڪرڻ جي اون هوندي هئي، پر هاڻ جو دور مختلف نظر اچي رهيو آهي. مون سمجهيو ٿي ته ٿي وي توڙي ڪمپيوٽر انسان  کي مذهب کان اڻ ڄاڻ ڪري ڇڏيندا، پر جتي انهن شين معاشري ۾ خرابيون پئدا ڪيون آهن، اتي انهن ماڻهن کي اخلاق ۽ ethic به سيکاريو آهي. مذهب جي صحيح ڄاڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي راهه به ڏيکاري آهي. نماز کان اڳ هڪ همراهه چادر کڻي مسجد لاءِ چندو گڏ ڪيو. هر هڪ پنهنجي حيثيت آهر ان ۾ وڌو ۽ ان ۾ ڪيترا مروڙيل سرروڙيل هڪ، پنجن يا ڏهن جا نوٽ گڏ ٿي ويا. هڪ به سؤ جا به نوٽ هئا. هن مسجد جي ڪميٽيءَ جي چيئرمين اها خوش خبري ٻڌائي ته نمازين جي چندي مان پنج لک ڊالر (اٽڪل ٽي ڪروڙ رپيا)  گڏ ٿي ويا آهن ۽ هنن گذريل آچر تي هتي جي علائقي ۾ مسجد لاءِ زمين خريد ڪئي آهي ۽ اهو هڪ پراڻو گرجا گهر آهي، جيڪو مالڪ اسان کي وڪڻي ڏنو آهي. ان سان گڏ پارڪنگ جي به وڏي Space جاءِ آهي. ياد رهي ته هتي آمريڪا ۾ توڙي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ عيسائين جا چرچ (گرجا گهر) ماڻهن جي ذاتي ملڪيت هجي ٿي، جنهن کي هو جنهن وقت چاهين وڪڻي سگهن ٿا. منهنجي نيو جرسي ۾ هجڻ دوران هر هفتي جمعي نماز تي ان خريد ڪيل زمين ۽ ان تي مسجد جي اڏاوت جي ڪم جو نمازين کي ٻڌايو ويو ٿي. مسجد ٺهڻ ڪري ان جي اوسي پاسي وارن پلاٽن ۽ گهرن جي قيمت راتو رات چوٽ چڙهي ويئي. جو هر هڪ مسلمان چاهي پاڪستاني هجي يا انڊين، مصري هجي يا ملائيشين پنهنجو پراڻو گهر وڪڻي مسجد جي پرسان وٺڻ چاهي ٿو، جيئن هن کي نماز پڙهڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ سندس ٻارڙن کي مسجد ۾ وچي قرآن ۽ ديني تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. هتي رهندڙ اچ جو پاڪستاني توڙي هندستاني اهو ٿو چاهي، ته ٻارن کي

نندي هوندي کان ئي پنهنجي دين ڌرم ۽ ڪلچر کان واقف ڪجي، جيئن هو وڏا ٿي هتي جي خرابين ۾ لڙهي نہ وڃن.

هر جمعي نماز بعد مسجد جي نئين امام سان ملي خبرچار ورتم ٿي ۽ هن جي تصوير پڻ ڪڍيم ٿي. هر هڪ وڏيءَ دل سان مليو ٿي، سواءِ پهرين ڏينهن واري محمد يوسف جي، جنهن فوٽو ڪڍائڻ کان پهرين ڪيٻايو پر پوءِ راضي ٿيو. هن ٻڌايو تہ هو هاڻ آمريڪن شهري آهي. سندس مادري زبان گجراتي آهي. هن جا وڏا انڊيا جي گجرات صوبي جي شهر ڪاٺياواڙ کان گهڻو اڳ هتي آيا ۽ سندس والدين جا ڪيترائي ميمڻ مائٽ ڪراچيءَ ۾ پڻ رهن ٿا.

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ مونکي خبر پيئي تہ هن جو تعلق هتي جي FBI ڊپارٽمينٽ سان آهي. سو ظاهر آهي اهڙي ڪاتي سان تعلق رکندڙ ڪي هر هڪ سان فري ٿي ملڻ کان پرهيز ڪرڻي پوي ٿي. هڪ جمعي تي اعلان دوران هن صاحب اسان جي ۽ هن ملڪ جي ڀلي خاطر اسان کي سمجهايو تہ جڏهن بہ ڪو پوليس يا آمريڪا جي جاسوسي ڊپارٽمينٽ جو آفيسر ڪنهن ڳالهہ تان شڪ ۾ اچي، اسان کان سوال جواب ڪري، تہ هن کي هر ڳالهہ صحيح صحيح ٻڌائڻ کپي. ”جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا تہ توهان جي انگريزي ايڏي سٺي نہ آهي يا توهان کي سوال ڪندڙ آفيسر جي انگريزي سمجهہ ۾ نٿي اچي، تہ توهان پنهنجي ڪنهن دوست يا وڪيل کي گهرائي سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن توهان وڪيل جي في افورڊ نٿا ڪري سگهو تہ توهان سرڪار جي خرچَ تي وڪيل جي گُهرَ ڪري سگهو ٿا. پر هر حالت ۾ ڪا بہ ڳالهہ لڪائڻ يا غلط بيان ڪرڻ کان گريز ڪيو، ڇو جو پڇا ڳاڇا ڪرڻ تي ڪيترا معصوم ئي ثابت ٿين ٿا پر ڪوڙ ڳالهائڻ تي هنن کي سزا اچيو وڃي. ڪالهہ هڪ همراهہ جيڪو جيتوڻيڪ بي ڏوهي هو، پر ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڏوهہ ۾ ڪورٽ هن کي ڇهہ مهينا جيل ڏئي ڇڏيو.“

## سنڌ ۾ ڪو بزنيس ڪري نہ سگهندين

نديم جوڻيجي کي مونکي سڃاڻڻ ۾ ڪا دقت نہ ٿي، ڇو هن مسجد جي جماعتن ۾ آئون ئي نئون نئون هوس. ”سائين امداد جوڻيجي جا فرزند آهيو؟“ مون ڪائنس پڇيو. وار اڇا ٿي وڃڻ ڪري هو پنهنجي عمر کان وڏو پئي لڳو، نہ تہ سندس وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر منير بہ اسان کان گهڻو ننڍو آهي. ان بعد سندن ڀيڻ قديسہ آهي جنهن جي شادي اسانجي جهازي دوست ۽ هاڻ اينگرو ۾ سينيئر آفيسر واجد جوڻيجي جي وڏي ڀاءُ عابد جوڻيجي سان ٿي. (عابد پاڪستان اسٽيل مل ۾ انجنيئر هو. هاڻ ڪجهہ سالن کان يوڪرين ۾ رهي ٿو.)

”نديم مونکي لڳي ٿو ڪم جي پريشر ڪري وار جلد اڇا ٿي ويا اٿوَ“ مون ڪيڪاريندي چيومانس، ”ظاهر آهي هتي جون نوڪريون پاڪستان جي نوڪرين وانگر عياشيءَ واريون نه آهن ۽ بئنڪنگ ته اهڙو جاب آهي، جيڪو اسان وٽ به سخت ترين سمجهيو وڃي ٿو.“
”شايد اهو به سبب هجي“ نديم به مرڪندي چيو.
”مڙيئي خير آهي. اڇا وار ٿيڻ مڙيئي خير آهي، پر ڪير گنجو نه ٿئي.“
”چو ڀلا؟“ نديم پڇيو.
”چو ڀلا! سوچڻ جي ڳالهه آهي. هھڙن ملڪن ۾ جتي هر وقت برف ۽ ڳڙا پيا وسن، اتي گنجي ڪان وري به اڇن وارن وارو وڏيڪ Safe آهي.“ مون چيومانس.
جيئن عام چوندا آهن ته ”دس ورلڊ از ويري سمال“ (هيءَ دنيا ڏاڍي ننڍڙي آهي) شيزان هوٽل واري هن مسجد ڪان ٻاهر نڪتاسين ته هڪ ٻيو نمازي اچي مليو.
”اڙي حميد صاحب! توهان؟“ مون سڃاڻندي تعجب مان پڇيو مانس. هو جهازن جو ريڊيو آفيسر آهي، ڪجهه سال اڳ به منهنجي هن سان ملاقات ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، جتي سندس جهاز آيل هو“ جهاز نيوارڪ بندرگاهه ۾ آيو آهي ڇا؟“ مون پڇيومانس.
”نه چيف صاحب، ساموندي زندگيءَ تي پاڻ ڪڏهوڪو ٿي قل پڙهي ڇڏيا.“ هن وراڻيو.
”ڇا مطلب؟“ مون پڇيو.
”آمريڪا ۾ اچي اچي مون محسوس ڪيو ته هي ملڪ اهو آهي جتي منهنجو پنهنجو ۽ منهنجي اولاد جو مستقبل Secure آهي. جتي آئون جيتري گهٽي محنت ڪندس اوترو گهٽو اجورو حاصل ڪري سگهندس. منهنجا ٻار به هتي جوي آزاد فضا ۾ رهي تعليم حاصل ڪري سگهندا. اهو سوچي ٿي سال ڪن اڳ هتي اچي بزنيس Setup ڪيم ۽ الله جي فضل سان خوش آهيان.“ هن چيو.
”پر ايترو پئسو پنهنجي ملڪ ۾ به ته لڳائي سگهئين ٿين. اجايو هن عمر ۾ پرديس جي اوپري ماحول ۾ رهڻ مان ڪهڙو فائدو؟“ مون پڇيومانس.
”بلڪل صحيح ٿا چئو. هيترا سال جيڪي ڪمايم، پهرين ڪراچيءَ ۾ لڳايم، پر پنهنجي ملڪ ۾ ڪا شيءِ آسان ناهي. ڏهه ايجنسيون واڳونءَ وارو وات ڦٽيو ويٺيون آهن، جيڪي بزنيس مئن کي ڦريو فقير ڪريو ڇڏين. ڪو سيفٽي ڊپارٽمينٽ ڪان پيو اچي ته خرچي ڪراءِ ته ڪو ليبر ڊپارٽمينٽ ڪان. پوليس ڪاتي جا ماٺهو الڳ خرچيءَ جي گهر پيا ڪن، ته سياسي پارٽيون الڳ. ان ڪان علاوه علائقي جي غنڊن کي ڏار ڀتو ڏي. دوستن سمجهايو ته ڪراچي يا سنڌ جي ڪنهن به شهر ۾ نه ڏنڊو هلائي سگهندين نه فيڪٽري، ڪارخانو ۽ نه وري زمينداري ڪري سگهندين بهتر اهو آهي پنجاب هليو وڃ.“
”پوءِ؟“

”پوءِ مون سوچيو تہ ان ڪان هيڏانهن هليو اچان. هينئر مون وٽ هتي جو گرين ڪارڊ آهي، چاڻ تہ پاسپورٽ بہ مليو. هتي گهٽ ۾ گهٽ اسان جهڙا غريب سکون جي ننڊ تہ ڪن ٿا. ائين تہ نہ آهي جو ڏاڙيل گهر ۾ گهڙيو اچن، ٻار اغوا ٿي وڃن يا مسجد ۾ گوليون هلن.“

## حبيب آمريڪن بئنڪ جو سنڌي مئنيجر

نديم جوٽيجو سان ان ڏينهن تہ وڌيڪ خبرچار نہ ٿي سگهي، جو ڪيس پنهنجي بئنڪ ۾ وڃڻو هو ۽ هفتي جو آخري ڏينهن هو. هتي بہ ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر سو موڪل ٿئي ٿي، باقي هفتي جا پنج ڏينهن هر هڪ کي گڏهہ وانگر پورهيو ڪرڻو پوي ٿو، چاهي ڪلارڪ هجي يا وڏو آفيسر. نديم گذريل ٻارهن تيرهن سالن کان هتي جي حبيب بئنڪ ۾ ڪم ڪري ٿو جيڪا ”حبيب آمريڪن بئنڪ“ جي نالي سان سڏجي ٿي. هيءَ بئنڪ پاڪستان جي حبيب فئمليءَ وارن نيويارڪ ۾ 1983ع ۾ کولي، ان بعد ڪئنس Queens ۾ 75 ايونيو تي کوليائون ۽ پوءِ لاس اينجلس (ڪئليفورنيا) ۽ هتي اسيلن (ايڊيسن) ۾. هن بئنڪ کولڻ ۾ حيدرآباد جي هڪ سنڌي بئنڪر اي . اي عباسيءَ جو بہ وڏو هٿ آهي. جيڪو هن بئنڪ (HAB) جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۾ سينئر ڊائريڪٽر آهي ۽ هن بئنڪ جي انتظاميہ جو صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO) آهي. پاڻ نيويارڪ ۾ ئي رهي ٿو. بئنڪ جا مالڪ حيدر حبيب (چيئرمين) ۽ رضا حبيب جيڪو وائيس چيئرمين آهي. هن ئي فئملي جي الحبيب بئنڪ ۽ حبيب بئنڪ AG زيورچ آهي، جيڪا 1967ع ۾ سئٽزرلينڊ ۾ کولي وئي ۽ هاڻ هن جون شاخون دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن. ڪراچيءَ ۾ پڻ ان جي وڏي برانچ آءِ آءِ چندريگر روڊ تي بمبئي هوٽل جي سامهون آهي، جنهن هوٽل ۾ ڪاوش اخبار وارن جي آفيس پڻ آهي. بئنڪنگ ۽ بزنيس ۾ هن فئمليءَ جي ايمانداريءَ جو جواب ناهي. 1947ع ۾ جڏهن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو تہ حبيب وارا ماڻهن جون امانتون پاڪستان کڻي آيا ۽ ڪراچيءَ ۾ حبيب بئنڪ کولي، هڪ هڪ اڪائونٽ هولڊر کي ڳولي هن جو حساب چڪتو ڪيائون. هن فئمليءَ جو ڏنو وجي تہ بئنڪنگ ۽ بزنيس سان تمام پراڻو واسطو آهي. هنن پهرين ٽامي ۽ پتل جي ٿانون ٺاهڻ جو ڌنڌو 1841ع ۾ شروع ڪيو، جنهن جو باني حبيب اسماعيل هو، جنهن جي فَر جي گول ٽوپيءَ سان تصوير توهانکي هنن جي ڪيترن ئي بئنڪن ۽ آفيسن ۾ نظر ايندي ۽ پوءِ اهو بزنيس وڌندو وڌندو Trade finance ۽ مرچنٽ بئنڪنگ ۾ تبديل ٿيو ۽ ڪاميابيءَ جون ڏاڪڻيون چڙهندو 1941ع ۾ مڪمل ڪمرشل بئنڪ جو روپ اختيار ڪيو. 1947ع ۾، جيئن مٿي لکيو اٿم. هيءَ بئنڪ ڪراچيءَ شفٽ ٿي. ڪراچيءَ ۾ ميڪلوڊ روڊ (آءِ آءِ چندريگر روڊ) تي سندس 28 ماڙ هيڊ آفيس پاڪستان جي پهرين اوچي عمارت هئي.

حبيب اسماعيل جي وفات بعد ڪاروبار جي سار سنڀال جي ذميواري سندس پٽ محمد علي حبيب تي آئي، جنهن هڪ قابل ۽ ذهين بزنيس مئن هجڻ ڪري، حبيب بئنڪ کي

وڏي ترقي وٺرائي. 1974ع ۾ پاڪستان جي بئنڪن  ڪي قومي ملڪيت ۾ شامل ڪيو ويو جنهن ۾ حبيب بئنڪ جون پاڪستان ۾ 927 برانچون ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ 42 برانچون پڻ هليون ويون. سڄي حبيب فئملي وٽ فقط "حبيب بئنڪ AG زيورچ" رهجي وئي، جيڪا سئٽزرلينڊ ۾ هئي. حبيب خاندان کي هڪ دفعو وري نئين سنئينءَ محنت ڪرڻي پيئي. هو هڪ دفعو وري همت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ۾ جنبي ويا ۽ رب پاڪ هنن جي مدد ڪندو ويو ۽ اڄ اها بئنڪ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آهي. ان ڪان علاوه هيءَ حبيب آمريڪن بئنڪ آهي، جنهن جون برانچون اجا فقط USA ۾ آهن. هن بئنڪ (جنهن جي هڪ برانچ Islin (ايڊيسن) ۾ آهي جنهن جو مئنيجر نديم آهي) جو ڪيترائي پراڻا ۽ قابل بئنڪر انتظام هلائين ٿا، جن ۾ عباسي صاحب ڪان علاوه سليم اقبال، مرزا اعجاز حسين، رضوان قريشي، امتياز ٿويراني ۽ جاويد ڪريم جهڙا شامل آهن.

## نديم جوڻيجو ۽ سندس زال سميرا قاضي

نديم جوڻيجو وارن جي فئمليءَ ۾ نديم ڪان علاوه سندس ننڍو ڀاءُ نسيم جنهن MBA ڪئي آهي، بئنڪنگ ۾ آهي ۽ ڪراچيءَ جي ABL بئنڪ جو مئنيجر آهي. سندس ويجهڙائيءَ ۾ شادي اسانجي پياري دوست امان الله پناڻ جي ڌيءَ افشان سان ٿي آهي ۽ هڪ ٻيو ڀاءُ شميم ڪئناڊا ۾ رهي ٿو، جتي سندن لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي وارو Radiologist ڀاءُ ڊاڪٽر منير پڻ رهي ٿو. سائين امداد جوڻيجو صاحب جي ڇهن ٻارن ۾ آخري ۽ ننڍي هما آهي، جنهن جي ڪجھ مهينا اڳ نويد قاضيءَ سان شادي ٿي هئي.

نديم جوڻيجو جي دعوت ۾ چڱن ماڻهن سان ملاقات ٿي وئي، جيتوڻيڪ مون نٿي چاهيو تہ ڪيس مانيءَ جي تڪليف ڏجي، پر بقول سندس تہ ماني هڪ بهانو آهي هڪ Get together جو. ۽ جتي مونکي اچڻ ۾ سستي پئي ٿي اتي پهچڻ بعد مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. مسطوران (منهنجي زال) ۽ منهنجي ڌيءَ مريم کي بہ هتي اچي پنهنجائپ محسوس ٿي، جو نديم جي گھر پهچي خبر پيئي تہ سميرا (نديم جي زال) امام علي قاضي صاحب جي ڌيءَ آهي. امام علي صاحب سان منهنجي والد گل محمد شيخ ۽ منهنجي سهري مظهر حسين گهلوءَ جي ڪافي دوستي هوندي هئي. ڪجھ عرصو گڏجي وڪالت بہ ڪيائون. ان ڪان علاوه سميرا (جنهن کي گھر ۾ هني ٿا سڏين) جي پڦي ڊاڪٽر نرگس فاروقي اسان سان گڏ ڪيترائي سال ملاڪا (ملائيشيا) ۾ رهي. اسان ڪان علاوه ٻيو ڊاڪٽر نرگس ٿي هئي جنهن سنڌي ڳالهايو ٿي ۽ منهنجا ٻار شام جو هن وٽ وڃي هوم ورڪ ڪندا هئا. اهو چوڻ ۾ ڪو بہ مبالغو نہ ٿيندو تہ پاٽ جا ماڻهو جن ۾ جوڻيجا، قاضي ۽ انصاري اچي وڃن ٿا، تعليم جي معاملي ۾ گهٽ ڪان اڳ نڪتل آهن. تعجب ٿو لڳي تہ هڪ ننڍڙي ڳوٺ جا رهاڪو ٿي ڪري، جڏهن ان وقت نہ روڊ رستا هئا نہ ٽيليفون بجلي، هن ڳوٺ جي نہ

فقط مرد اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، پر عورتن پڻ ۽ سو بہ سائيڪلاجي، مائڪرو بايولاجي، پئٿالاجي ۽ سرجري جهڙن سبجيڪٽن ۾ ۽ گهٽو ڪري ڊاڪٽوريٽ ليول تائين. اڄ جي نوجوانن کي جن کي پڙهڻ ۽ محنت ڪان تپ چڙهندو آهي، انهن کي امام علي قاضي صاحب جي پائرن پيٽن (يعني سميرا جي چاچن ۽ پڦين ۽ ڏاڏي غلام مرتضيٰ قاضي صاحب) جي تعليمي جاکوڙن بابت ٻڌائيندو آهيان، تہ هنن ڪيڏي جفاڪشي ڪئي. اڄ بہ اسان جا سڀ سنڌي ائين ڪن تہ سنڌ علم ۾ سڀ ڪان اڳيري مڃي وڃي. هتي پڙهندڙ لاءِ هن فئملي جو مختصر احوال چند سٽن ۾ لکندس. ٿي سگهي ٿو اڄ جو نوجوان فخر محسوس ڪري ۽ ٻين جي محنتن مان اتهاس حاصل ڪري سگهي.

نديم جي زال سميرا جو والد صاحب جسٽس امام علي هڪ قابل وڪيل ۽ جج ٿي گذريو آهي. ڪيس بہ پٽ شهزاد ۽ نويد (آمريڪن ايڪسپريس ۾ ڊائريڪٽر) هڪ ڌيءَ سُميرا آهي. امام علي قاضي صاحب پائرن ۾ وڏو هو، پر ڪائنس وڏي هڪ ڀيڻ سعيدا هئي، جنهن جو گهر وارو قُريشي صاحب جيڪو انجنيئرنگ ۾ Ph.D هو، يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پڻ رهيو هو. سندس وڏو پٽ ڊاڪٽر شفيع قريشي LMC جو پرنسپال ۽ پوءِ هيلٿ سيڪريٽري بہ ٿيو. ان بعد ڊاڪٽر نورجهان قريشي آهي، جيڪا هتي آمريڪا ۾ پئٿالوجسٽ آهي ۽ پوءِ پروفيسر شاهين قريشي خاتون پاڪستان ڪاليج ۾ سائڪالوجي جي پروفيسر آهي ۽ پوءِ پٽ ڊاڪٽر سعيد قريشي FRCS آهي ۽ ڊو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ سرجريءَ جو پروفيسر آهي ۽ ننڍو پٽ ڊاڪٽر منير قريشي جيڪو پڻ FRCS آهي، لياري جنرل اسپتال ۾ اکين جي شعبي جو انچارج آهي.

جسٽس امام عليءَ ڪان پوءِ ڊاڪٽر حيدر علي آهي، جيڪو ڪجهہ وقت اڳ تائين گدو واري اسپتال ۾ سائڪيٽرسٽ هو ۽ سندس زال ڊاڪٽر ناصر LMC ۾ پروفيسر ۽ پرنسپال هئي. اڄ ڪلهہ جي خبر نہ اٿم تہ آيا هو حيدرآباد ۾ آهن يا ڪراچيءَ ۾. ڪين بہ پار آهن ڊاڪٽر سائره قاضي جيڪا ڊو ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ گائناڪالاجسٽ آهي ۽ سندس شادي فيروز جوڻيجو سان ٿي آهي ۽ ٻي ڊاڪٽر امبر آهي، جنهن جي شادي امام علي قاضي صاحب جي وڏي پٽ شهزاد سان ٿي آهي.

ڊاڪٽر حيدر ڪانپوءِ جسٽس اختر قاضي آهي. پاڻ سنڌ جا چيف منسٽر بہ ٿي رهيا آهن سندن گهرواريءَ جو نالو نسيم قاضي آهي، ڪين کو بہ اولاد نہ ٿيو.

ان بعد محموده نالي ڀيڻ آهي، جيڪا ايم اي ايڪنامڪس ۾ آهي ۽ هڪ ملٽي نئشنل فرم اوپل لئبارٽريز جي مئنيجريس آهي. سندس شادي ڪتياڻ ڳوٺ جي زميندار خير محمد ڪتياڻ صاحب سان ٿي. ڪين ٿي ڌيون؛ ڊاڪٽر سهيلا، ڊاڪٽر عديلہ ۽ نبيلا (مائڪرو بايولاجسٽ) ۽ هڪ پٽ قبول محمد آهي، جيڪو MBA ڪرڻ بعد پنهنجي بزنيس ۽ زمين کي سنڀالي ٿو.

محموده پيڻ بعد ڊاڪٽر حفيظان آهي، جنهن مئٿس ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان Ph.D ڪئي. سندس گهروارو ڊاڪٽر يحيٰ ميڊيڪل جو ڊاڪٽر آهي ڪين ٽي پار، ڊاڪٽر معين، ڊاڪٽر عطيا ۽ ڊاڪٽر عائشہ آهي، جن سيني Ph.D ڪئي آهي.

امام علي قاضي صاحب جي انهن ين پيٽن بعد چار پائر آهن، پروفيسر آصف قاضي جيڪو سنڌ يونيورسٽي جي ڪمپيوٽر واري ڊپارٽمينٽ ۾ آهي. ان بعد مظفر قاضي هو، جيڪو 21 ورهين جي ڄمار ۾ گذاري ويو. سندس هسٽري ۽ سوشالاجي ۾ M.A ٽيل هئي ۽ سڀ ۾ ننڍو پاءُ لياقت قاضي آهي، جنهن پئٿالوجي ۾ M.Phill ڪئي آهي ۽ ڊو ميڊيڪل يونيورسٽي جي پئٿالوجي ڊپارٽمينٽ ۾ آفيسر آهي.

آخر ۾ سڀ ۾ ننڍي ڊاڪٽر نرگس آهي، جنهن جي شادي اسان جي ڪليگ ڪئپٽن عرفان فاروقيءَ سان ملائيشيا ۾ ٿي. هي ٻئي ڄڻا ساڳي جهاز سفينہ حجاج تي پڻ نوڪري ۾ هئا. ڊاڪٽر نرگس هن حاجين جي جهاز تي ميڊيڪل آفيسر هئي ۽ ڪئپٽن فاروقي نيويگيشن سائيڊ تي. شادي بعد هنن ڪجهہ سالن لاءِ ملائيشيا ۾ پڻ نوڪري ڪئي. ڪئپٽن فاروقي اسان سان گڏ ملائيشيا جي نيول اڪيڊمي ۾ پروفيسر هو ۽ ڊاڪٽر نرگس ملاڪا شهر جي جنرل اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر. ڊاڪٽر نرگس MCPS آهي ۽ ڊو ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ سينيئر رجسٽرار سان گڏ HIV جي علاج جي سڄي سنڌ صوبي جي ڊائريڪٽر آهي. ڪين ٻہ پار آهن. ڌيءَ عرفانا جيڪي ملائيشيا ۾ ڄائي ۽ پٽ اشهد جيڪو ڪراچيءَ ۾ڄائو.

## هميراٽي صاحب پارن سان ملڻ لاءِ آمريڪا آيو هو

نديم جوٽيجو هن دعوت ۾ ڪجهہ ٻين ٻہ دوستن کي گهرايو هو، جن مان ڊاڪٽر علي ابڙو، ڊاڪٽر نور راڄپر ۽ سندس ننڍو ڀاءُ انجيئر مسرور راڄپر، ڊاڪٽر هميراٽي وغيره جيڪو نيو جرسي ۽ پرواري رياست نيويارڪ ۾ رهن ٿا، پارن سميت اچي نڪتا. ڊاڪٽر نور راڄپر ۽ ڊاڪٽر ڪامران هميراٽي انهن چند خوشنصيب ڊاڪٽرن مان آهي. جيڪي هتي آمريڪا ۾ ٻہ ان فيلڊ سان وابستہ آهن، جنهن ۾ هنن پنهنجي ملڪ ۾ ڊگري حاصل ڪئي يعني ميڊيڪل ڊاڪٽر آهن ۽ هتي ڊاڪٽري ئي ڪري رهيا آهن، نہ تہ اسانجا گهڻي پاڳي ڊاڪٽر ۽ انجنيئر پنهنجي پروفيشن کي ڇڏي، هتي ٻي جاب ڪندا رهن ٿا. پوءِ ڪي مجبوريءَ ڪري جو هنن کي پنهنجي فيلڊ ۾ نوڪري نہ ملي يا جنهن ڪاليج يا يونيورسٽي مان هو گريجوئيشن ڪري آيا، انهن کي هتي آمريڪا ۾ recognize نٿو ڪيو وڃي. ڪي تہ پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجو اصل پروفيشن ڇڏي ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳي ويا، جو هنن کي ان ۾ وڌيڪ چارم نظر آيو، وڌيڪ مزو آيو، هنن کي ان ۾ وڌيڪ ڪاميابي نظر آئي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي، تہ انهن مان گهڻي پاڳي ڪامياب ويا آهن. ان ڳالهہ تي تعجب پڻ لڳي ٿو تہ هڪ همراهہ جيڪو پنهنجي

ملڪ ۾ ڪجهه سالن لاءِ ڊاڪٽر يا انجنيئر يا سرڪاري ڪامورو ٿي رهيو، اهو هتي آمريڪا ۾ پنهنجي ان نوعيت واري جاب کان بلڪل 180 ڊگريون مخالف طرف واري فيلڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ويو.

ٿئي هيئن ٿو تہ سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي آمريڪا ۾ آيل هر نئين ماڻهوءَ کي (پوءِ اهو پنهنجي ملڪ ۾ ڪٿي هڏ حرام سرڪاري ڪامورو هجي، زميندار جاگيردار هُجي يا ڊاڪٽر، انجنيئر) هتي اچڻ سان پهرين Odd جابس (پورهيا) ڪرڻا پون ٿا، جهڙوڪ سيڊي جي اسٽورن ۾ پيٽرول پمپن تي مزوري ڪرڻ، ڪنهن هوٽل ۾ بئرو يا ڪاسائي ٿي ڪم ڪرڻ، ڪنهن اسڪول، بئنڪ يا آفيس ۾ چوڪيداري ڪرڻ وغيره. اهو ان ڪري جو هتي ڪنهن لاءِ بہ تهيل تڪيل نوڪري رکي نہ آهي. هر شيءِ مهانگي آهي ۽ زنده رهڻ لاءِ پهرين ڏينهن کان پورهيو ڪرڻ ضروري ٿيو پوي. دوست يا مائٽ وڌ ۾ وڌ ڪٿي مهينو ڏيڍ پاڻ وٽ رهائيندو ۽ هفتو اڌ ماني کارائيندو. ان کانپوءِ تہ سڀ ڪجهہ پاڻ ئي ڪرڻو پوي ٿو، جو ٻئي تي بار وجهڻ سٺو ناهي. آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ جتي هر هڪ مشغول آهي، ڪو ٿلهي اخلاقي مدد (مورل سپورٽ) ڪري ۽ رهنمائي ڪري تہ اها ئي هن جي مهرباني آهي. بهرحال شروع جا ڪجهہ مهينا Survive ڪرڻ لاءِ مختلف ۽ Odd (ڏکيا) ڪم ڪرڻ دوران ڪن کي اهي سٺا ۽ دل وڻان لڳن ٿا يا وري هنن جي دماغ ۾ اهڙيون Ideas اچن ٿيون، جو هو سمجهن ٿا تہ هو ان ۾ ڪجهہ تبديليون Modification آڻي بهتر نمونې سان هلائي سگهن ٿا. جيئن اسان جي مرچنٽ نيوي جي همراهہ هتي جي جهازن تي نوڪري ڳولڻ دوران هڪ ڪمپيوٽرن جي دڪان تي نوڪر ٿي بيٺو. هن اهو محسوس ڪيو تہ ڪمپيوٽرن جي دنيا ۾ هتي آمريڪا ۾ وڏو اسڪوپ آهي ۽ ساڳي وقت جهاز هلائڻ لاءِ هن کي چيو ويو تہ آمريڪا جا جهاز هلائڻ لاءِ هن کي هتي جو ہ سال ڪن جو ڪورس ڪرڻو پوندو، جو هو ان معاملي ۾ انگلنڊ ۽ يورپ جي ڊگرين کي بہ قبول نٿا ڪن. هن پڙهائيءَ خاطر سڄو سال ڪمپيوٽرن جي دڪان تي صبح جي ڊيوٽي ڪئي ۽ شام جو هڪ اسڪول ۾ ٻي بہ نوڪري ڪئي، جيئن گهٽي کان گهٽو پئسو بچائي، هتي جي تعليم حاصل ڪري سگهي ۽ پوءِ هن تعليمي اداري ۾ داخلا ورتي، پر جهاز هلائڻ لاءِ نيويءَ جي اداري ۾ نہ، پر ڪمپيوٽر جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ. اڄ هو پاڻ هتي جي ڪاليج ۾ ڪمپيوٽر سائنس پڙهائي ٿو ۽ پنهنجو ڪمپيوٽرن جو فرم اٿس. بقول سندس جهاز هلائڻ ۽ سمنڊن جا ڌڪا کائڻ بدران هي ڪم آسان ۽ دلچسپ آهي.

ايل ايم سي ڄامشوري جو هڪ ڊاڪٽر جيڪو ڊاڪٽر نور راڄپر کان سال جونيئر آهي، تنهن کي هتي اچڻ سان ڪنهن اسپتال ۾ نوڪري نہ ملي، سو في الحال پنهنجو ڊاڪٽري شان وساري هڪ پيٽرول پمپن تي وڃي بيٺو. بدقسمتيءَ سان ڏيڍ سال گذري ويو، پر هن کي ڪنهن اسپتال ڪمپائونڊر بہ ڪري نٿي رکيو، پر ان عرصي ۾ هو پيٽرول پمپن جي دنيا

ڪان واقف ٿي ويو تہ اهي ڪيئن هلائجن، ڪهڙي هنڌ تي کولجن، ٻئنڪن مان ڪيئن قرض وٺي پيٽرول پمپ لاءِ زمين خريد ڪجي، پيٽرول پمپ سان گڏ ڀيو ڪهڙو دڪان يا هوٽل کولجي وغيره وغيره. اڄ هو پيٽرول پمپن جو ڪامياب مالڪ آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ آمريڪا ۾ ڊاڪٽر تمام گهڻو ڪمائين ٿا، پر هي اسان وارو همراهہ ايل ايم سي کان آيل سيني ڊاڪٽرن کان گهڻو ڪمائي ٿو.

ڊاڪٽر ڪامران هميراڻي ڪراچي ٽيليويزن تان سنڌي ۾ خبرون پڙهڻ واري رشيد هميراڻي جو ڪزن ۽ مئڊم امينا خميساڻيءَ جو ڀاڻيجو آهي. پاڻ پنهنجي زال (ڪرنل رضا جادون جي ڌيءَ) صدف ۽ ٻن ٻارن سان گڏ آيو هو. ساڻس گڏ سندس والد صاحب محمد اسماعيل هميراڻي بہ هو. محمد اسماعيل هميراڻي صاحب سان منهنجي اڄ کان چاليهہ پنجيتاليهہ سال اڳ بہ چار دفعا انجنيئر محمد علي ٻگهيو صاحب جي گهر ملاقات ٿي هئي. محمد علي ٻگهيو صاحب اسانجي نندي ماسي زبيدهہ جو مڙس ۽ هميراڻي صاحب هم عمر ۽ ڀقات ماروٽ ٿين. تن ڏينهن ۾ اتي فقير جي پڙ ۾ ٺي رهيا ٿي. 1991ع وارن سنڌي مهاجر هنگامن ۾ اسانجي ماسيءَ جي ننڍي پٽ ذوالفقار ٻگهئي (زلفي) جي قتل بعد هي سڀ اتان لڏي گلشن سجاد ۽ صدر ڏي هليا آيا.

محمد اسماعيل هميراڻي سنڌ جو مشهور وڪيل ۽ علي ڳڙهہ جو تعليم يافتہ آهي جتان 1947ع ۾ گرئجوئيشن ڪيائين. پاڻ جوائنٽ لا سيڪريٽري جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيائين. سال ۾ مڙيئي هڪ دفعو هيڏانهن آمريڪا جو چڪر هڻي ٻارن سان ملي ويندو آهي. سندس پٽ ڊاڪٽر ڪامران کان علاوه بہ ڏيئون پڻ هتي آمريڪا ۾ ڊاڪٽر آهن. وڏي ڊاڪٽر ليليٰ مشيگان ۾ رهي ٿي، جتي سندس مڙس ڊاڪٽر عمران ڪارڊيالاجسٽ آهي ۽ ننڍي ڌيءَ ڊاڪٽر غزالا جيڪا لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي، اڄ ڪلهہ ڊلاس (ٽيڪساز) ۾ رهي ٿي، جتي سندس مڙس ڊاڪٽر ارشاد نوڪري ڪري ٿو. اسماعيل هميراڻي صاحب جو سڀ ۾ وڏو پٽ پرويز لطيف ۽ هڪ ٻي ڌيءَ نصرت پڻ ڊاڪٽر آهن، پر اهي پاڪستان ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر نصرت جو گهروارو نعيم صمد (ڪرنل صمد جو پٽ) پڻ ڊاڪٽر آهي. هميراڻي صاحب جو ڇهون ٻار پروفيسر ڪوثر آهي، جيڪا پاڪستان ۾ رهي ٿي ۽ شهزاد آخوند جي زال آهي.

## سنڌ جون خبرون خوشيءَ جون نہ آهن

هن محفل ۾ اسان سيني ۾ وڏو هميراڻي صاحب هو ۽ تازو ان هفتي حيدر آباد کان آيو هو، سو سنڌ جون خبرون ٻڌائيندو رهيو. سنڌ جون خبرون ڪي خوشيءَ جون خبرون نہ هونديون آهن. بقول ڊاڪٽر نور جي سنڌ کي خبر ناهي ڪنهن جي نظر ڪائي وئي آهي، جتي ڏينهون ڏينهن ڏکن دردن ۾ اضافو ٿي ٿيندو رهي ٿو. تعليم جو معيار ڪريل،

بيروزگاري، قبيلائي جهيڙا، چوريون، ڌاڙا ۽ اغوائن جو وڌندڙ انگ، پوليس، سرڪاري ڪامورو ۽ تر جو ميمبر وڏيرو جتي ٻين ملڪن ۾ عوام جا دوست هوندا آهن ۽ امن امان قائم رکڻ ۾ مدد ڪندا آهن، اتي اهي اسان جي غريب ماڻهن جي زندگيءَ سان راڳا ڪن ٿا. دنيا سان ٿي پيٽ ڪجي تہ جيڪي ويڌن سنڌ جي ڌرتي ۽ اتي جي ديس واسين سان ٿي رهي آهي سا شايد ئي ڪٿي ٿيندي هجي. افسوس جي ڳالھ اها تہ سنڌ تي ظلم پراڻن سان گڏ پنهنجا بہ ڪري رهيا آهن.

۽ پوءِ ڪجھ دير وڌندڙ مهانگائيءَ جي ڳالھ ٿيندي رهي، تہ آمريڪا ۾ ڪڏهن بہ ايڏي مهانگائي نہ ٿي، جيڏي هن سال اڌ ۾ ٿي آهي. پيٽرول جيڪو هونءَ چند سينٽن ۾ ملندو هو، اهو اڍائي ڊالر گئلن تي ويو آهي، گاڏي ڪيندي ڊپ ٿو ٿئي. هتي تہ هر دڪان، آفيس، بئنڪ، پوسٽ آفيس، گهر ڪان گهٽ ۾ گهٽ ميل بہ پري آهي ۽ گاڏي هلائڻ، يعني پيٽرول ساڙڻ بنا ڪو چارو ناهي.... اهو واقعي وڏو فرق آهي جيڪو آمريڪا (USA) کي ايشيائي توڙي يورپين ملڪن کان نرالو ٿو بڻائي. جپان، سنگاپور، هانگ ڪانگ، ڪراچي، لنڊن، دهلي، بمبئي جهڙن ملڪن ۽ شهرن ۾ پٽ (زمين) جي کوٽ ڪري دڪان دڪانن سان ڳنڍيا پيا آهن پر ويندي سئيڊن، ناروي ۽ اسپين جهڙن ملڪن ۾ جتي زمين جي ڪا کوٽ ناهي، اتي بہ دڪان، هوٽلون، آفيسون وغيره هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ ڳتيل آهن. هڪ ئي هنڌ لهي توهان ضرورت جي هر شيءِ وٺي سگهو ٿا پر آمريڪا ۾ جيڪي ڏھ ٻارهن دڪان هڪ ٻئي جي ويجهو آهن، اهي بہ ايڏا وڏا آهن جو هلندي هلندي بُرا حال ٿيو وڃن. ايتري ايراضي (Space) ۾ جپان يا سنگارپور جهڙن هنڌن تي تہ سؤ کن دڪان هيٺ ۽ سؤ کن دڪان ۽ آفيسون انهن جي مٿان آهن. اتان ئي سپ ڪم لاهي بس ۾ گهر اچي نڪر. پر هتي آمريڪا ۾ نيويارڪ، واشنگٽن، بالٽيمور جهڙن چند شهرن کان علاوه ڪٿي آهي بس سروس؟ هر هڪ کي پنهنجي ئي ڪار ڪيڏي پوي ٿي.

پر يارو هڪڙي ڳالھ تہ سوچيو تہ آمريڪا ۾ رهندڙن جو هيڏو پگهار آهي. جو ويندي هڪ مزور جو سپ کان گهٽ پگهار تہ بہ ٻہ هزار ڊالر ٿيو وڃي يعني هڪ لک ويھ هزار رپيا. اتي پيٽرول هڪ ڊالر (يعني سٺ رپيا) في گئلن (چار لٽر) هو جيڪو هاڻ اڍائي ڊالر (150 رپيا) ٿيو آهي تہ عوام جي رڙ مچي وئي آهي. اتي اسان جهڙي غريب ملڪ جو سوچيو جتي اڄ ڪلھ (2006) ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ لٽر پيٽرول جي قيمت 57 رپيا آهي (يعني اڍائي سؤ رپيا کن گئلن ٿيو (هڪ گئلن ۾ سوا چار ليٽر کن ٿين) ۽ جڏهن ٿوري مهانگائيءَ سان آمريڪا وارن جون وايون بتال ٿيو ٿيون وڃن، اتي اسان جهڙن غريب ۽ قرض هيٺ دٻيل ملڪن جو ڇا حال هوندو.

دعوت ۾ آيل مهمانن مان هڪ ٻڌايو تہ ”گذريل سال تائين مون هتي آمريڪا ۾ ڪڏهن گوشت يا ڀاڄي جي قيمت نہ پڇرائي، جيڪي وٽندو هوم ان سان ٿيلهو ڀري ايندو

هوس، پر هاڻ سال اندر ايڏي مهانگائي ٿي آهي، جو هر ڪا شيءِ وٺڻ کان اڳ سوچڻو پوي ٿو تہ کھڙي وٺجي ۽ ڪيتري وٺجي ۽ هڪ ئي دڪان مان وٺجي وٺڻ بدران ٻن ٽن دڪانن ۾ قيمتون پيٽڻيون پون ٿيون، تہ جتي چند سينٽن جي بہ سستائي هجي تہ اتان وٺجي.

## آمريڪا ۾ مهانگائيءَ سان گڏ بيروزگاري پڻ آهي

هتي رهندڙن اهو بہ ٻڌايو تہ اڄ ڪلهہ بيروزگاري بہ ڏاڍي ٿي پيئي آهي. ڪا بہ نوڪري ايڏو سولائيءَ سان نٿي ملي. جيڪي ماڻهو پڪين نوڪرين بدران پرائيويٽ ڪاٽن ۾ يا دڪانن، هوٽلن ۽ پيٽرول پمپن تي نوڪري يا مزوري ڪن ٿا، اهي هفتو ڪن بيمار ٿيڻ تي يا پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ موڪل تي، هنن ڪي مالڪ ڪڍيو ڇڏين ۽ هنن ڪي موٽي اچڻ تي ڏينهن جا ڏينهن هڪ هڪ دڪان ۽ ڪارخاني ۾ نوڪريءَ لاءِ پڇڻو پوي ٿو. هڪ سنڌي نوجوان (جيڪو گذريل ڏهہ سالن کان آمريڪا ۾ آهي ۽ اڄ ڪلهہ مئن هٽن (نيويارڪ) ۾ هڪ پٺاڻ جي فرائيڊ چڪن دڪان تي ڪڪڙين کي صاف ڪرڻ ۽ گرم تيل ۾ Deep fry ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو)، هن سال ڳوٺ وڃڻ بابت ٻڌائي رهيو هو تہ جتي هن کي سال بعد مهينو کن پنهنجي وطن وڃي پنهنجن ٻارن ۽ مائٽن مٽن سان ملڻ جي خوشي ٿئي ٿي، اتي اها پڻ Depression رهي ٿي تہ موٽي اچڻ تي هن جي هيءَ نوڪري نہ رهندي ۽ بيروزگاري جي حالت ۾ ڪئين ڏينهن نئين نوڪريءَ جي ڳولها ڪرڻي پوندي. ”آئون هر سال ڊسمبر جي آخري هفتي ۾ موڪل ڪري پنهنجي وطن ويندو آهيان ۽ جنوري جي آخري هفتي ۾ موٽندو آهيان.“ هن ٻڌايو. انهن ڏينهن ۾ اسان جي پاسي جي ملڪن جا ماڻهن ان ڪري موڪلون ڪن ٿا، جو هتي آمريڪا ۾ سيارو تمام گهڻو تڏو ٿئي ٿو ۽ نوڪري ڪرڻ بي انتها ڏکيو ڪم ٿيو پوي. اندر آفيسن ۾ ويهي ڪم ڪرڻ ۾ ايڏو مشڪل ناهي، پر جيڪي کلئي آسمان هيٺ نوڪري پورهيو يا چوڪيداري جهڙا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ تہ هڪ هڪ منٽ عذاب هوندو آهي. ”وطن کان ورڻ بعد مونکي هڪ هڪ دڪان ۾ وڃي پڇڻو پوندو آهي تہ ان جي مالڪ کي ڪنهن قسم جي نوڪري يا مزور جي ضرورت تہ نہ آهي؟“ هن ٻڌايو، ”ان لاءِ مونکي هر هڪ وٽ فارم ڀري ڏيڻو پوندو آهي ۽ پوءِ جڏهن ڪنهن کي ضرورت پوي ۽ جڏهن گهرائي.“

هن ٻڌايو تہ مهانگائي وڌڻ ڪري نوڪري ملڻ پهرين کان مشڪل ٿي پيو آهي.

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو مانس.

”ڪيترا هتي جا مڪاني شاگرد ۽ شاگرديائيون، پنهنجي پڙهائيءَ جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ، هي سياري وارا ٻہ ٽي مهينا موڪلن جا پارٽ ٽائيم جاب ڪرڻ چاهين ٿا ۽ دڪاندار اسانجي مقابلي ۾هنن کي وڌيڪ Prefer ڪن ٿا. جو اهي گهٽ پئسن تي بہ راضي ٿيو وڃن.“

”توهانجا ٻار پاڪستان ۾ رهيا پيا آهن ۽ توهان ڏهن سالن کان هتي آهيو. انهن کي
چو
نٿا هتي گهرائي وٺو، جيئن توهانکي هر سال نوڪري ڇڏي، پاڙا پري وطن ورڻو نہ
پوي.“مون پڇيومانس.
”بلڪل صحيح ٿا چئو، پر توهان اڄڪلهہ جي آمريڪا جي مهانگائي ڏسو ۽ اسانجي
ڪمائي ڏسو. ڪاڏي پيٽي جا اگهہ ڏسو، اسڪول جون فيون ڏسو، گهرن جي مسواڙ ڏسو.
هن کان ٻيٽي ڪمائي هجي تہ بہ گذارو نہ ٿي سگهي. هن وقت اڪيلو سر هجڻ ڪري هڪ
ڪمري جي فليٽ ۾ ٽي ڄڻا Share ڪريون ٿا. ماني ٽڪي بہ ايري سيري جهڙي ڪاڏي تهڙي
نہ ڪاڏي، گذارو ڪري ٻچن لاءِ بچت ڪيون ٿا جيئن هو پنهنجي وطن ۾ رهي پيٽ پري ڪائي
سگهن ۽ اسڪول جون فيون ڏئي سگهن. ساڳي وقت آمريڪا ڇڏي پنهنجي وطن نوڪري
لاءِ نہ وڃڻ تي بہ مجبور آهيان، ڇو جو آئون آمريڪا ڇڏي پنهنجي وطن وڃي رهي پوان تہ
مونکي تہ اتي ڪا پنج هزار جي بہ نوڪري نہ ملي سگهندي ۽ جي ملي بہ وڃي تہ ان مان
پيٽ پورت ڪريان، لٽو ڪريان يا ٻارن جي اسڪولن جون فيون ڏيان....“ هن مون کي سڀ
Options سمجهايا. مونکي مالمو (سئيڊن) جتان جي يونيورسٽيءَ مان مون مئرين
انجنيئرنگ ۾ گرئجوئيشن ڪئي هئي، ان جي گهٽين ۾ هڪ پٺاڻ مزور مليو هو، جنهن اٺ
ڏهہ سالن کان اتي جي هڪ ڪارخاني ۾ مزوري ڪئي پئي. هن ٻڌايو تہ هو ٻن سالن بعد
فقط هڪ مهينو موڪل ملڻ تي پنهنجي وطن چارسده وڃي ٿو. منهنجي همدردي ڪرڻ
تي چوڻ لڳو، ”ڇا ڪريان، اسان جهڙن غريب ملڪن جا غريب ماڻهو مجبور آهن. ڪئين سال
ڪراچي جي ڪارخانن ۽ پنجاب جي رستن تي مزوري ڪيم، پر ايترو روزگار نٿي مليو جو
پنهنجي وڏي عيال کي پالي سگهان......“
”۽ هاڻ....؟“ مون پڇيو مانس.
”هاڻ گهٽ ۾ گهٽ نہ هو بک مرن ٿا ۽ نہ آئون خالي پيٽ سمهان ٿو. ٻار پشاور جي
سرڪاري اسڪول ۾ محنت ڪري پڙهي رهيا آهن ۽ اسان سڀ هنن ۾ اميدون ۽ آسون رکي
سگهون ٿا، نہ تہ هونءَ گهٽين ۾ پئي رليا. جڏهن ڪاٺ لاءِ ئي نہ هو تہ اسڪول جي في ڪٿان
ڏيان“ هن ٻڌايو.

## وزٽ ويزا وارو آمريڪا ۾ سوچي سمجهي نوڪري ڪري

ڪجهہ ڏينهن اڳ فلڊلفيا ويو هوس. اتي هڪ لاڙڪاڻي جي سنڌي همراهہ جي جنرل
اسٽور تي، رات واري شفٽ ۾ حيدرآباد جو هڪ همراهہ ڪم ڪندي ڏٺم، جيڪو حبيب بئنڪ
يا شايد ڪنهن ٻي بئنڪ مان وائس پريزيڊنٽ جي عهدي تان رٽائرڊ ٿي آيو هو. سنڌس

عمر 67 سال ٿيندي. هن ٻڌايو تہ هن وٽ آمريڪا جي پنجن سالن جي وزٽ ويزا آهي ۽ هر سال هن کي جيڪا ڇهن مهينن جي آمريڪا ۾ رهڻ جي اجازت ملندي آهي، اهي ڇهہ مهينا هن دوڪان ۾ رات جي ڊيوٽي ڪندو آهي ۽ ڇهن مهينن ۾ خرچ پکي بعد رپيا پنج ڇهہ لک ڪمائي ويندو آهيان. دڪان جي مالڪ بہ ٻڌايو تہ هو گهٽو ڪري ان قسم جي ماڻهن کي رکي ٿو، جيڪي آمريڪا ۾ وزٽ ويزا تي ڇهن مهينن لاءِ اچن ٿا.

”پوءِ پلا هن صاحب جا ڇهہ مهينا پورا ٿيندا تہ ان بعد ڪو ٻيو آهي، جيڪو رات جي ڊيوٽي اچي ڪري.“ مون پڇيومانس.

”جي ها بلڪل آهي. لاهور ۾ هڪ ميجر صاحب رهي ٿو، اهو ايندو آهي. هينئر بہ پڇندو رهي ٿو تہ ڪڏهن اچان.“ هن ٻڌايو.

اها ڳالهہ جڏهن مون هن محفل ۾ ڪئي تہ ڊاڪٽر علي ابڙي يا شايد ڪنهن ٻئي ٻڌايو تہ ائين وزٽ ويزا تي آيل ماڻهن کي هِتي ڪجهہ هنڌن تي جلد نوڪري مليو وڃي.ان ۾ وڏو فائدو مالڪ کي رسي ٿو، جو هڪ تہ هُن کي ملازم کي اُهي سهوليتون نٿيون ڏيڻيون پون جيڪي آمريڪا جي شهري (Citizen) يا گرين ڪارڊ هولڊر کي ڏيڻيون پون ٿيون. وزٽ ويزا واري کي هِتي جا مالڪ فقط پگهار ڏيو ٽرڪايو ڇڏين. ڪين ميڊيڪل يا سوشل فائدا نٿا ڏين ۽ نہ هو ان جي گهر ڪري سگهن ٿا جو پاڻ ئي ڏوهاري ثابت ٿيندا. پوليس ڪين گُهرائي سوگهو ڪندي تہ Visit Visa تي نوڪري ڇو ڪري رهيا آهيو؟ توهانکي آمريڪا ۾ اچڻ جي اجازت ان ڪري ڏني اٿئون تہ توهان آمريڪا ۾ رهي گهمو ڦرو ۽ پئسو خرچ ڪريو يا هِتان پئسو ڪمائي ڪٽي وڃو.

ان کان علاوه مالڪ جو وزٽ ويزا تي نوڪري ڪرڻ وارن ملازمن تي رعب بہ هلي ٿو جو هو هر وقت ڊپ ۾ رهن ٿا ۽ مجال آهي جو ڪنهن بہ قسم جي پورهئي ڪرڻ کان انڪار ڪن. بهرحال اهڙن ماڻهن کي عمر مُطابق سوچي سمجهي جاب ڪرڻ کپي، ڇو جو بيمار ٿيڻ تي يا ڪو هڏ گڏ ڀڃڻ تي هنن لاءِ هِتي علاج ڪرائڻ مسئلو ٿيو پوي. آمريڪا ۾ هر علاج ايڏو مهانگو آهي، جو اُن جي ڇٽي Insurance ڪمپني ئي ڀري سگهي ٿي. بلڪ جيڪي هِتي جو پاسپورٽ رکندڙ آهن ۽ Insurance اٿن، اهي بہ دانهون ڪن ٿا جو علاج جو وڏو خرچ جيتوڻيڪ انشورنس ڪمپنيون ڀرين ٿيون، پر ڏهہ يا پندرهن سيڪڙو جيڪو مريض کي پنهنجي کيسي مان ڏيڻو پوي ٿو، اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن برداشت کان ٻاهر ٿيو وڃي. اسانجي ڳوٺ جي نجم ميمڻ، ان ڪري پتي جي آپريشن آمريڪا بدران ڪراچيءَ ۾ اچي ڪرائي، جيتوڻيڪ هن وٽ گرين ڪارڊ آهي. ان مان اندازو لڳايو تہ هڪ ٽوئرسٽ ويزا تي آيل ڪيڏي وڏي ڏچي ۾ اچي سگهي ٿو. هڪ منهنجي دوست کي هِتي گهمڻ دوران دل ۾ تڪليف ٿي پيئي ۽ يڪدم پاڪستان موٽڻ بدران هن لئہ ۾ اچي تہ وڏو زميندار آهيان ... وڏ ۾ وڏ بہ ٽي لک خرچ ايندو، اتي آمريڪا ۾ ئي آپريشن ٿو ڪرايان. بهرحال پوءِ خبر پيئي تہ

آپريشن ۽ فقط هفتو کن اسپتال ۾ رهڻ جو خرچ پنجويهه ٽيهه لک رپيا اچي ويو جيڪي في الحال سندس آمريڪا ۾ رهندڙ مائٽن گڏجي هن لاءِ پريا ۽ هاڻ هو انهن جا قرض لاهيندو وتي. آمريڪا کان تہ وري بہ سستو يورپ آهي. اهوئي سبب آهي جو هِتي جون ڪيتريون عورتون ياڙا پري يورپ ۾ ۽ هاڻ انڊيا ۾ ڊليوري ۽ ٻين آپريشنن لاءِ وڃن ٿيون. اهي علاج ۽ آپريشنون هنن کي اتي خاص ڪري انڊيا ۾ تہ تمام سستيون پون ٿيون.

## ڳوٺ ڄمون آڳامو (رتوديرو) جي محمد پناهہ راڄپر جا پوٽا USA ۾

اڳ ۾ آمريڪا ۾ ڪو پاڪستاني دعوت ڪندو هو تہ وڏ ۾ وڏ هڪ ٻوڙ ڪندو هو، باقي ڊبل روٽي ۽ سئنڊوچون نظر اينديون هيون، پر هاڻ گهر گهر ۾ ديسي ديڳڙا، ڏوئيون، توا ۽ ڪٽڇيون نظر اچن ٿيون. سيڌي جي دڪانن تي اٽي چانورن کان وٺي هر قسم جي دال ۽ مسالا ملن ٿا. اڳ ۾ ڳولي ڳولي ڪنهن يهودي جي دڪان تان ڪوشر گوشت (حلال گوشت) وٺي اچبو هو، جو يهودي اسلامي طريقي سان ذبح ڪري ٿا ڪائين. هاڻ جِتي ڪٿي پاڪستانين، مصرين ۽ فلسطينين جا حلال گوشت جا دڪان نظر اچن ٿا، جن تي ڪڪڙين کان علاوه ڳائو ۽ ٻاڪرو بہ عام ملي ٿو. بلڪ منڊي پاوا بہ مليو وڃن. ان کان علاوه انڊين پاڪستاني هوٽلن تان هر قسم جي پاڃي، ٻوڙ، نان، اڦراٽا ۽ چانور مليو وڃن ۽ گهٽين هوٽلن ڪري تمام گهٽي Competition تي پيئي آهي. هر ڪو سئي شيءِ وڪڻڻ کان علاوه گهٽ اگهہ تي وڪٽي ٿو.

اتي ئي پر ۾ Oaktree روڊ تي شاليمار نالي هوٽل کلي آهي، جنهن تي نيرن تي حليم، نهاري، مغز مسالو، ٻڪري جا پاوا ۽ حلوو ۽ چولا ٺهن ٿا، جيڪي اڦراٽن، نانن ۽ پورين سان گڏ وڪامن ٿا. باقي وقتن تي يعني منجهند جي ماني ۽ ڊنر تي چڪن تڪا، سيخ ڪواب، تندوري چڪن، پالڪ گوشت، مٽن برياني، چڪن جلفريزي، بهاري ڪواب، چپلي ڪواب، فراءِ مڇي ۽ ٻيون شيون ٺهن ٿيون. نديم جي ڊنر ۾ مختلف ڊش هئا، جيڪي هن سڀ هوٽل تان گهرايا هئا. گهر ۾ فقط سلاد ٺاهيو هئائون. مٺي ۾ ڊاڪٽر نور راڄپر جي نيويارڪ کان آندل مٺائي ۽ ڊاڪٽر علي جي آندل پيسٽري رکيائون. ماني مهل مونسان گڏ ڊاڪٽر نور جو ننڍو ڀاءُ مسرور ويٺل هو، جنهن سان ڪا دير آئون سنگاپور جون خبرون ڪندو رهيس، جتي هو ٽن سال کن نوڪري ڪري، هاڻ ڀاءُ جي گهرائڻ تي هتي آمريڪا آيو هو. پاڻ پاڪستان مان B.E ڪئي اٿس. آمريڪا ۾ آئي ڇهہ مهينا کن ٿي ويا اٿس، پر اجا ڪا اهڙي جاب نہ ملي سگهي اٿس، جنهن ۾ هن ڊگري حاصل ڪئي آهي يا جنهن قسم جو جاب سنگاپور ۾ هوس.

”توهان سنگاپور ڇو ڇڏيو. سنگاپور وارا تہ توهان کي هميشہ رهڻ لاءِ ريزيڊنسي بہ ڏين ها.“ مون پڇيومانس.

”مون کي سنگاپور ۾ مزو نہ آيو. نندو ٻيٽ آهي، چينين جو وڏيڪ هولڊ آهي ۽ بيحد سخت ڊسيپلين ۾ پورهيو آهي. هر وقت کٽڪو لڳي ٿو تہ اسان پاڪستانين کي ڪڍي نہ ڇڏين. اهي ٽي سال بہ هتي آمريڪا ۾ لڳايان ها تہ هيسيتائين هتي جو پاسپورٽ بہ ملي چڪو هجي ها.“ هن ٻڌايو.

”توهان کي ملائيشيا يا برونائي هليو وڃڻ کتو ٿي. سنگاپور جي مقابلي ۾ اتي وڏيڪ بهتر زندگي آهي.“ مون پنهنجو خيال ڏيکاريو.

”اهو صحيح آهي، پر اتي بہ انهن ماڻهن جو قدر آهي، جن وٽ آمريڪا يا ڪئناڊا جي ڊگري آهي. ان ڪري هاڻ آئون هتي جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ داخلا وٺي، ڪجهہ پڙهڻ ٿو چاهيان.“ مسرور ٻڌايو.

ڊاڪٽر نور راڄپر ۽ انجنيئر مسرور پاٹرن جون زالون پڻ پاڻ ۾ ڀينر آهن ۽ هنن جون کزن ٿين. ڊاڪٽر نور وارن کي جس ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي، جو سنڌ جي هڪ ڏورانهين ۽ ننڍڙي ڳوٺ جا ٿي ڪري هنن تعليم حاصل ڪئي. بلڪ ان جو سڄو ڪريڊٽ سندن والد محمد صالح راڄپر ۽ ڏاڏي کي ڏيڻ کپي . ڊاڪٽر نور جو ڏاڏو پناهہ راڄپر 1900ع ۾ تعلقي رتوديرو جي ڳوٺ ڄمون آگامو ۾ ڄائو ۽ اتي ئي تعليم حاصل ڪري، پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو. پاڻ 1985ع ۾ وفات ڪيائين. ڊاڪٽر نور جي والد صاحب سان منهنجي سامهون اڄان ملاقات نہ ٿي آهي، پاڻ 1927ع ۾ ڳوٺ ۾ ڄاوا ۽ اڄڪلهہ اسي ورهين جي ڄمار ۾ قاسم آباد حيدر آباد ۾ رٽائرڊ زندگي گذارين ٿا. منهنجي ساڻن فون تي بہ ٽي دفعا ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. هنن ٻڌايو تہ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هنن کي ڪيڏي تہ جاکوڙ ڪرڻي پوندي هئي. اسڪول کان ڪين پرواري ڳوٺ پنڌ وڃڻو پوندو هو. جتي شام جو بہ ڪلاس ٿيندا هئا، جيڪي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ هو ڪلاڪ ڪن مسجد ۾ اچي سمهندا هئا. پاڻ سنڌ جي شروع وارن انجنيئرن مان آهن ۽ 1955ع ۾ NED ڪاليج ڪراچيءَ ۾ B.E ڪيائون.

ڊاڪٽر نور سندن وڏو پٽ آهي جنهن 1979ع ۾ LMC مان ڊاڪٽري جي ڊگري حاصل ڪئي. هو 1982ع ۾ پنهنجي هڪ دوست ڊاڪٽر حفيظ عباسيءَ سان گڏ آمريڪا آيو هو. سندس ٻيو نمبر ڀاءُ نادر راڄپر جنهن B.E ڪئي، سن 2004ع ۾ گذاري ويو. ان بعد ڊاڪٽرنور احمد آهي، جيڪو ايڪس ري ۽ الٽرا سانڪس سان وابستہ آهي ۽ حيدر آباد ۾ رهي ٿو. پاڻ چانڊڪا مان MBBS ڪيائين. مسرور سندن چوٿون نمبر ڀاءُ آهي، جنهن 1997ع ۾ مهراڻ مان ڪمپيوٽر ۾ B.E ڪئي. سندن هڪ ڀيو ڀاءُ صفدر پڻ ڊاڪٽر آهي ۽ اهو توڙي ڀيا نندا ڀائر حيدر آباد ۾ پنهنجي والد سان گڏ رهن ٿا. ڊاڪٽر نور راڄپر جي والد صاحب محمد صالح راڄپر، ٻڌايو تہ سندن سڻن دوستن ۽ ڪاليج ميٽن ۾ محمد ابراهيم شيخ، عنايت پرڳڙي ۽ غوث بخش پرڳڙي آهن.

ڊاڪٽر ڪامران هميراٽيءَ ٻڌايو، تہ هتي آمريڪا ۾ ڊاڪٽرن جي وڏي ڪمائي آهي، خاص ڪري گائني جهڙي شعبي ۾. پر ميڊيڪل فيلڊ ۾ يهودين جي ايتري تہ هتي آهي، جو هو ٻي ڪنهن ڊاڪٽر کي سٺي شعبي ۾ گهڙڻ ئي نٿا ڏين. پنجاب جي هڪ ڊاڪٽرياڻي جيڪا زناني بيمارين (گائني) جي ماهر هئي، تنهن هتي نوڪري حاصل ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪاميابي ماڻي نہ سگهي. آخر مجبور ٿي وري نيورو ۾ پڙهي ۽ هاڻ ان شعبي ۾ ڊاڪٽرياڻي آهي.

## “ڇا ان کي ڇئبو آهي اسلام جي خدمت؟”

هتي جي لا ۽ آرڊر جي حالتن بابت سيني ٻڌايو تہ  نائن اليون جي ٽرئجڊي بعد بہ آمريڪا ۾ رهڻ ۾ ڪو الڪو نہ آهي. ماڻهو قانون جي عزت ڪن ٿا ۽ ان کي پنهنجي هٿن ۾ نٿا کڻن. پر اهو آهي تہ نائن اليون کان اڳ تہ اسان مسلمان عرب توڙي ايشيائي تمام آزاديءَ ۽ سڪونَ سان رهياسين ٿي. ڪنهن بہ نفرت نٿي ڪئي ۽ نہ ڪڏهن پاسپورٽ جو ڪنهن پوليس واري پڇيو ٿي. ڪيترائي ايشيائي ماڻهو خاص ڪري اسان جا پاڪستاني، بنگالي، عرب غير قانوني طرح هتي رهيا پيا هئا ۽ نوڪريون بہ ڪيائون پئي. پوءِ نيويارڪ جا اهي ٻہ ٽاور ڪرڻ بعد ئي وٺ پڪڙ ۽ سختي ٿي. هتي جي پوليس ۽ انٽيليجنس ماڻهن تي نظر رکي ۽ اهو هتي جي حڪومت ۽ اسانکي معلوم ڪري تعجب لڳو تہ اسانجي ملڪن جا ڪيڏي تہ وڏي انگ ۾ ماڻهو هتي غير قانوني طور رهيل آهن ۽ نہ فقط ٽڪيل آهن پر فراڊ جهڙن ڪيترن ئي ڌوهن ۾ مبتلا آهن.

نديم جوڻيجو جي گهرواري ثميرا جيڪا ان ئي اسڪول ۾ ٽيچر آهي، جنهن ۾ سندن ننڍڙي ڌيءَ پڙهي ٿي، تنهن ٻڌايو تہ نائن اليون جي هن واقعي کان اڳ تائين تہ هوءَ جتي ڪٿي، ويندي نيويارڪ جي سينٽرل پارڪ جي ڪنهن بئنچ تي نماز پڙهي وٺندي هئي. پر هاڻ ائين عام پبلڪ ۾ نماز پڙهندي ڊپ ٿو ٿئي. هونءَ هتي جي قانون مطابق ڪو ڪنهنجو نالو نٿو وٺي سگهي، پر ڪهڙي خبر ڪو مٿي ڦريل جاهل شيدي يا گورو ڪاوڙ ۾ اچي، ڪجھ ڪري وجهي. آخر ڪار هنن جا هن حادثي ۾ ڪيترائي مائٽ مري ويا، هنن جي وڏي ۾ وڏي شهر جون اوچي ۾ اوچيون عمارتون خواهہ مخواهہ تباهہ ڪيون ويون. ۽ اهي انهن ڌارين ماڻهن ڪيون جن کي هنن پنهنجي ملڪ ۾ پناهہ ڏني، رهڻ لاءِ ڇت ڏني، روزگار لاءِ نوڪري ڏني ۽ امن امان جي زندگي ڏني. فلسطيني تہ ڪلئي عام چون ٿا تہ هيءَ دهشتگردي جيڪڏهن واقعي سعودي عرب، ڪويت يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي عرب ڪئي آهي تہ ڪيڏو تہ غلط ڪم ڪيو اٿس. هنن جو اهو چوڻ آهي تہ آمريڪا ڪٿي ڪيڏو بہ بدمعاش غنڊو هجي، پر اهو ئي ملڪ آهي، جيڪو لکين ڌتڙيل فلسطينين، عراقين، افغانين، ايرانين وغيره کي پنهنجي ڌرتيءَ تي جايون ڏيو وينو آهي ۽ اسين آمريڪا ۾ ايڏو خوش آهيون جو

هاڻ واپس پنهنجي وطن نٿا وڃڻ چاهيون ۽ هوڏانهن اسان جا عرب ملڪ امير ۽ ڏن دولت جا مالڪ هوندي بہ اسان مسلمانن کي نٿا رهڻ ڏين. ڇا سعودي عرب وٽ گهٽ زمين آهي جو اسان فلسطينين کي رهائڻ کان انڪار ٿو ڪري. ڇا اسين ان کان خيرات ٿا گهرون جو هو گهبرائي ٿو. اسان تہ پيٽ جي ٻن ويلن لاءِ پورهيو ۽ مزدوري ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ هاڻ جڏهن اسان جا ٻچا ٻار هن ڌورانهين ڏيهہ ۾ سکون جي زندگي گذاري رهيا هئا، تہ هي واقعو ڪري اسان مسلمانن لاءِ ٻاهہ ٻاري ڇڏي آهي.“

عرب امارات جي هوائي جهاز ۾ دبئي کان نيويارڪ ايندي ڊاڪٽر وفا سلطان نالي هڪ شام جي ماهر نفسيات سان ملاقات ٿي، جيڪا سورهن سترهن سالن کان پنهنجي مڙس ۽ ٻارن سان لاس اينجلس ۾ رهي ٿي. هينئر هو پنهنجي پوڙهيءَ ماءُ ۽ پيٽ سان ملي، واپس آمريڪا وڃي رهي هئي. سندن ماءُ شام جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ بانياز ۾ رهي ٿي، جيڪو پوَنچ (Mediterranean) سمنڊ ڪناري تي بيروت کان ايترو پري آهي، جيترو حيدر آباد کان نوابشاهہ. ڊاڪٽر وفا سلطان اتي ئي جائي نپني ۽ شروع جي تعليم حاصل ڪئي. سندس ماءُ پيءُ جو تعلق نماز روزي جي پابند مسلمان فئملي سان آهي ۽ سندس پيءُ جو اتي اناج جو واپار آهي.

ڊاڪٽر وفا سلطان هن نائن اليون جي واقعي يا اسان مسلمانن جي آپگهاتي حملن ۽ دهشتگردي مان بلڪل خوش نہ هئي ۽ هن اسان پاڪستانين ۽ افغانين کي ان ۾ اڳيان اڳيان سمجهيو ٿي، جيڪي ان قسم جون حرڪتون ڪري، پنهنجو پاڻ کي ۽ ٻي مسلمان برادريءَ کي دنيا ۾ بدنام ڪن ٿا. ان سان گڏ هن پنهنجي شامي، عراقي ۽ ٻين عربن کي بہ ذميوار ٺهرايو ٿي.

”اسان جي اڻ پڙهيل ۽ تنگ نظر مولوين، پنهنجو پاڻ کي مجاهد سڏڻ وارن ۽ Corrupt سياستدانن عام مسلمانن کي بيوقوف بڻائي رکيو آهي ۽ هو هنن جي دلين ۾ فقط نفرتن جو ٻج پيا ڇٽين. چوڏهن صديون اڳ جيڪو پيغام اسان کي قرآن ذريعي ۽ پياري پيغمبرﷺ ذريعي مليو، ان کي Distort ڪري پيش پيا ڪن آهي ڪو جو اسانجي پائرن کي غلط عقيدت مان ڪڍي اسلام جو صحيح ۽ سچو سبق ڏئي“

هن ٻڌايو تہ هوءَ ان ڳالهہ کي مڃي ٿي تہ جيئن يهودين سان نازين ظلم ڪيا، مسلمانن سان بہ نا انصافيون ۽ ظلم ٿي رهيا آهن. يهودي انهن ڏکين ڏينهن مان نڪري آيا آهن ۽ دنيا کي ان ڳالهہ تي قائل ڪيو اٿن تہ سندن عزت ڪئي وڃي. اهو ڪم هنن علم ذريعي ڪيو آهي ۽ نہ دهشتگردي سان. اهو ڪم هنن پورهيو ۽ محنت ڪري حاصل ڪيو آهي ۽ نہ رڳو رڙيون ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ سان.

”ڇا توهان ڪنهن بہ هڪ يهوديءَ کي جرمنيءَ جي ڪنهن هوٽل ۾ آپگهاتي حملو ڪندي ڏٺو آهي؟“ هن مونکان پڇيو ۽ پوءِ پاڻ ئي جواب ڏيندي رهي، ”هرگز نہ. اسان ڪنهن

هڪ يهوديءَ کي بہ عيسائين جو گرجا گهر تباهہ ڪندي نہ ڏٺو آهي. اسان هڪ يهوديءَ کي بہ Protest ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي مارڻ جو طريقو اختيار ڪندي نہ ڏٺو آهي. ڇا ڪنهن عيسائيءَ کان بدلو وٺڻ جو اهو طريقو آهي تہ توهان هن جو عبادت گهر ڍاهي ساڙي ڇڏيو. اهو هن جي عبادت گهر سان گڏ توهانجي ملڪ جو بہ تہ هيريٽيج (پراڻي عمارت) هو.“ هن جو شايد سڪرواري گرجا گهر ڏي اشارو هو، جنهن بابت دنيا جي ٽي وي اسٽيشنن تان خبرن ۾ اچي رهيو هو، جنهن جي هڪ صديءَ کان مٿي پراڻي عمارت ۽ ان جي در درين تي ٿيل ناياب ٽڪ جو ڪم ۽ هڪ جهوني لئبرري رات اندر ساڙي ڀسم ڪئي وئي.

”چند جاهل ماڻهو ان قسم جون غلط حرڪتون ڪري مسلمانن جي ميجارٽيءَ کي شرمسار ڪن ٿا،“ هن چيو، ”ڇا ان کي چئبو آهي اسلام جي خذمت؟ سچ پڇو تہ اهڙن جاهل ماڻهن جي اهڙن بيوقوف ڪمن ڪري، اسان ٻين اڳيان منهن ڪڍي نٿا سگهون. رڳو اسان مسلمان آهيون منهنجو اشارو اڄ جي انهن شر پسندن ماڻهن ڏي آهي، جيڪي پنهنجي عقيدت جي حفاظت ۾ پرايا توڙي پنهنجا عبادت گهر ساڙين ٿا، معصوم انساني جانيون قتل ڪن ٿا، سفارت خانا ۽ لئبرريون تباهہ ڪن ٿا. اهي طريقا اسان لاءِ ڪڏهن بہ تهتر نتيجا پيدا نہ ڪندا....

“The Muslims must ask themselves what they can do for humankind, before they demand that humankind respect them.”

## هاڻ تفريح بہ هتن مان نڪري وئي

هڪ ڳالهہ قابل غور آهي تہ آمريڪا ۾ نائن اليون واري واقعي تي، هتي جي آمريڪن کي جيتوڻيڪ ڪافي ڌڪ ۽ ڪاوڙ آئي، پر حڪومت ڪين قانون هٿن ۾ کڻڻ نہ ڏنو. اهڙن موقعن تي ويندي انڊيا جهڙو جمهوري ملڪ بہ ڪامياب نہ ٿي سگهيو ۽ اندرا گانڌيءَ جي قتل تي ڪيترن ئي بيگناهہ سکن جو خون ڪيو ويو ... جنهن ۾ حڪومت جي ڪارندن بہ شرپسن عناصرن جي همت افزائي ڪئي. پر بقول ڊاڪٽر علي ابڙو جي تہ هتي جي عوام ڪافي حد تائين پنهنجي مهذب هجڻ جو ثبوت ڏنو ۽ ڪوشش ڪئي تہ سُڪن سان گڏ آلا نہ ٻرن. جن جو ڏوهہ آهي انهن کي ئي سزا ڏني وڃي. هر مسلمان يا هر عرب کان بدلو نہ ورتو وڃي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ بہ ڪيترا جاهل ۽ جذباتي ماڻهو پيا آهن، جن مان ڪيترن ڪاوڙ ۾ اچي شروع وارن ڏينهن ۾ هر ڏاڙهيءَ واري کي مسلمان سمجهي، تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ ڪيترا سک بہ سٽجي پيا. بهرحال گهٽائي انهن ماڻهن جي هئي، جن ائين ڪنهن کي ستائڻ ۾ شرمساري ٿي محسوس ڪئي ۽ هو مسلمان توڙي عربن جو بچاءُ ڪندا رهيا. نديم جوڻيجي جي گهرواريءَ ٻڌايو (۽ اها ڳالهہ ٻين بہ ڪيترن پاڪستانين کان ٻڌم) تہ سندن پاڙيسري جيڪي ڪرسچن ۽ يهودي

آهن، سي اهڙي موقعي تي هنن وٽ هلي آيا تہ ”اسين ڪو بہ فڪر يا ڊپ ڊاءُ نہ ڪريون ۽ هو اسانکي هر قسم جي مدد مهيا ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ اسانجو ڪو بہ نالو نہ وٺندو.“

بهرحال ان دعوت ۾ انهن سنجيده ڳالهين سان گڏ ٻيا چرچا ڀوڳ بہ ٿيندا رهيا.

نيوجرسيءَ جي هڪ اسڪول ”ايگلز ونگ ايليمينٽري“ جي ڪلاس ٽيچر مسٽر مئڪبيٿ جي ڳالهہ پڻ هلندي رهي، جنهن جي خبر اڄ جي اخبار ۾ سڀني پڙهي هئي. ايڪهتر سالن جي للي جنس تبديل ٿيڻ تي جڏهن اسڪول ۾ پڙهائڻ آئي، تہ ڪيترن ٻارن جي والدين اعتراض ڪيو تہ سندن ٻار جن کي جنس تبديل ٿيڻ جو Concept دماغ ۾ نہ آهي، انهن لاءِ مونجهارو پيدا ٿيندو تہ وئڪيشن کان اڳ سندن مرد ٽيچر هاڻ اسڪرٽ پائي عورت ٿي آيو آهي. هن اسڪول ۾ KG کان ڇهين ڪلاس تائين ٻار پڙهن ٿا. مئڪبيٿ هڪ سيلزمين هو، جنهن جي شادي ٿيئيهہ سال اڳ ليزا نالي عورت سان ٿي هئي جنهن مان ڪيس ٽي ٻار بہ آهن. ڪجهہ مهينن کان هن کي جسماني طرح پاڻ ۾ تبديلي محسوس ٿي رهي هئي، تہ هو مرد بدران عورت ٿي رهيو آهي. سو موڪلن ۾ سرجري ڪرائي، هن نئين نالي سان اسڪول ۾ نوڪريءَ لاءِ وري درخواست ڏني. هُن اسڪول جي ڪاميٽي ميمبرن ۽ آيل ماڻهن کي ٻڌايو تہ ”مون کي ٻارن ۽ ٽيچنگ سان پيار آهي ۽ هڪ دفعو وري ڪلاس روم ۾ موٽڻ جي اميد رکان ٿي.“

جيتوڻيڪ ٻارن جي آيل مائٽن مان ڪيترن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي تہ مسٽر مئڪبيٿ (هاڻي مس للي) ٻارن کي پڙهائي. پر پوءِ هڪ ڪليل بحث مباحثي ۽ ان بعد مس للي ۽ ان جي وڪيل سان دليل جي ڏي وٺ ڪرڻ بعد اسڪول جي ڪميٽيءَ مس لليءَ جي حق ۾فيصلو ڏنو تہ هوءَ هن اسڪول ۾ جتي هوءَ عورت ٿيڻ کان پنج سال اڳ تائين پڙهائيندي رهي بلڪ پڙهائيندو رهيو، پنهنجي نوڪري نئين نالي سان قائم رکي سگهي ٿي.

ڳالهين ڪندي حيدرآباد جي سئنيمائن ۽ هوٽلن جي ڳالهہ اچي نڪتي. حيدر آباد اهو شهر آهي جتي اسانجي پڙهيل طبقي جي هر شخص ڪجهہ ڏينهن ضرور گهاريا هوندا ۽ پنهنجون يادون سميٽيون هونديون. هن شهر جا سئنيما هال ۽ هوٽلون اسان ماڻهن لاءِ وندر ۽ فرصت جون گهڙيون گهارڻ کان علاوه اهم پناهہ گاهہ پڻ هيون ... توڙي ڪو ڪٽي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هجي يا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾. اسان کي بہ ڪئڊٽ ڪاليج کان ڪنهن آچر تي موڪل ٿيندي هئي تہ حيدر آباد جو رُخ رکندا هئاسين. راحت سئنيما، مئجسٽڪ ۽ هڪ مارڪيٽ وٽ سئنيما هوندي هئي، ان ۾ فلمون ڏسندا هئاسين. اسانجي ڪاليج جي بس بہ اتي بيهندي هئي. حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تي لهندا هئاسين تہ زميندار هوٽل يا حبيب هوٽل ۾ ماني کائيندا هئاسين، نہ تہ صدر واري ڪراچي هوٽل ۾. چانهہ وغيره لاءِ ڪيفي جارج جهڙيون ايراني هوٽلون وڏي ڳالهہ سمجهيون ويندڙيون هيون، جتي اسانجا سنڌي توڙي اڙدو جا اديب، شاعر، ريڊيو تي ڪم ڪندڙ، ڊراما نويس، واپاري،

سيئيون نظر ايندا هئا. هاڻ انهن سئنيمائن ۽ هوٽلن مان هڪ هڪ ٺپ بند ٿينديون وڃن. خبر ناهي محمد علي جهڙا نوان اداڪار ڪٿي ويهي صداڪاري ۽ اداڪاري سکن ٿا. خبر ناهي اسان جا شاعر ۽ اديب ۽ ڪاليجن جا شاگرد ڪٿي ويهي خيالن جي ڏي وٺ ۽ ڪچهري ڪن ٿا. هن دفعي حيدرآباد جي وچ مان لنگهيس، پر ڪراچي هوٽل نظر نہ آئي. اها رسالا روڊ تي ڪنهن هنڌ تي هوندي هئي، جيڪو شايد هاڻ هوش محمد شيدي روڊ سڏجي ٿو. البتہ صدر جي گهٽين مان گذرندي ميجسٽڪ سئنيمان نظر اچي وئي. ان ئي حالت ۾ هئي.

ڊاڪٽر نور ۽ ڊاڪٽر علي ابڙو شايد ڪنهن سنڌي اخبار ۾ پڙهي آيا هئا تہ حيدرآباد جي مشهور ايراني ريسٽورينٽ ڪيفي جارج بہ ويجهڙائيءَ ۾ بند ٿي وئي آهي. ان بابت مون پڻ انٽرنيٽ تي ڪاوش اخبار ۾ علي حسن ثاقب جو ڪالم پڙهيو هو، تہ حيدرآباد ۾ ڪيفي تهران، ڪيفي لبرٽي، ڪيفي يونٽي جيڪي تلڪ چاڙهي وٽ آهن ۽ اتان ويندڙ هڪ گهٽي جي هوٽل ڪيفي ڪورونيشن، صدر ٿاڻي جي سامهون واري ڪيفي مهربان، لطيف آباد ستين نمبر واري ڪيفي آڪسفورڊ، پراڻي شاهين سئنيما جي سامهون ڪيفي سن ويو، هوٽل شيراز، ڪيفي آريا مهر جهڙيون چانهہ پيئڻ جون هوٽلون بند ٿيڻ بعد هاڻ حيدرآباد جي مشهور ڪيفي جارج بند ٿي رهي آهي، جيڪا پنجونجاهہ سال اڳ کلي هئي.

چانهہ جون اهي ننڍيون هوٽلون اڪثر سنڌي اديبن، دانشورن، شاعرن، محققن، سياسي ڪارڪنن ۽ شاگرد اڳواڻن لاءِ اوطاق مثل هيون، تہ اردو ڳالهائيندڙن لاءِ بيٺڪ هيون. ڪانياواڙي ڪاروباري ماڻهن، دڪاندارن ۽ تاجرن لاءِ ٺيهي جو درجو رکنديون هيون، اهي ٺڪاڻا اهڙا هئا جتي خالي کيسي سان گڏ آيل ماڻهو بہ ڪلاڪن تائين پنهنجو وقت گپ شپ ۾ گذاريندا هئا ۽ ڪو بہ ڪنهن تي بار محسوس نہ ڪندو هو. انهن هوٽلن ۾ پنهنجي وقت جي مشهور افسانہ نگارن افسانا لکيا، پڙهيا ۽ داد وصول ڪيو. شاعرن غزل، گيت ۽ نظم لکيا، جن کي اڄ بہ ماڻهن ۾ هڪ قسم جو علمي ذخيرو قرار ڏنو وڃي ٿو.

حيدرآباد ۾ نہ آئون چايس نپنيس، نہ اتي مون تعليم حاصل ڪئي پر حيدرآباد گهمڻ لاءِ جڏهن بہ ويندو هوس تہ طارق اشرف، امرجليل، مدد علي سنڌي، گورنمينٽ ڪاليج جي تنهن ڏينهن جي ليڪچرار هادي بخش ميمڻ، حميد سنڌي، عنايت بلوچ ۽ ٻين اديبن ۽ دوستن سان انهن هوٽلن ۾ ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. ڇا تہ وقت هو، ڇا تہ دؤر هو! بقول ڪالم نويس علي حسن جي نظر لڳي وئي يا سرڻ گوشت جو ٽڪر سمجهي ڪٺي وئي. هاڻي نہ اوطاق رهي آ نہ ئي بيٺڪ! هاڻ تہ اديب ۽ شاعر بہ ادب ۽ شعر وشاعري بند ڪمرن ۾ اهڙي ريت تخليق ڪرڻ لڳا آهن، جهڙي ريت وڏن وڏن بنگلن ۾ ويهي سياستدان سياست ڪرڻ لڳا آهن. ٻنهي جو عام ماڻهن سان رشتو ٽٽي ويو آهي! اهو رشتو ڇا ٽٽو ماڻهن جواعتماد ئي ختم ٿي ويو آهي. هڪ هڪ ٿي سڀ هوٽلون بلڊرز جي ور چڙهي ويون

آهن. حيدرآباد جي ٿيهن سئنيمائن مان ويهن کي بلڊرز جي نظر ڳڙڪائي وئي. تهذيب ۽ ثقافت گهٽجو وقت اڳ ۾ منهن موڙي ويون. هاڻي تفريح بہ هٿن مان نڪري وئي آهي....

## بشير انصاري ۽ غلام مصطفيٰ ڀڳهئي جا پار

مانيءَ بعد نديم جوڻيجو جي ڪجھ مهمانن چانھ پيتي، ٻئي ڏينهن موڪل هئي، پر رات ڪافي گذري چڪي هئي. مهمانن سان آيل ٻار جيڪي اچڻ وقت ڪل خوشيءَ ۾ مشغول هئا، هاڻ ننڍاڪڙا ٿيڻ بعد چِڙ چِڙا ٿي پيا ۽ ڳالھ ڳالھ تي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا يا ماءُ پيءُ کي دانهون ڏيڻ لڳا. اها صورتحال ڏسي هر هڪ اٿڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. چانھ واري دور کان موڪلائڻ تائين آئون ڊاڪٽر علي ابڙو ۽ سندس گهرواري سعيده ابڙو سان خبرون چارون ڪندو رهيس. اچ ٽيٽيھ سالن بعد وري جڏهن آمريڪا آيو آهيان تہ انهن جهونن جوانن مان جن سنڌ جي سنگتين سان سن 1968ع کان وٺي 1972ع تائين نيويارڪ کان نيو اورلينس ۽ بالٽيمور کان هوسٽن تائين آمريڪا جي بندرگاهن ۾ ملاقات ٿيندي هئي انهن مان هنن ماڳن تي هڪڙو ڊاڪٽر علي ابڙو وڃي بچيو آهي. باقي ٻين مان ڪي واپس وطن هليا ويا، تہ ڪي ڪئليفورنيا ۽ اوريگن پاسي ايسٽ ڪوسٽ ڏي هليا ويا تہ ڪي ٻي جهان ۾ هليا ويا. ڊاڪٽر عليءَ سان هن دعوت ۾ اچڻ سان گڏ اچي نہ وينس، جو ساڻس تازو ٿي چار ڏينهن اڳ اسانجي دوست غلام مصطفيٰ ڀڳهيو ۽ اسانجي ڳوٺ جي خورشيد انصاري (جنهن جو پاءُ عبدالغفار انصاري مون سان گڏ چٽگانگ ۾ هوندو هو) جي ڌيءَ ڪونج ڀڳهيو جي گهر ڊنر تي ڪچهري ٿي چڪي هئي. ڪونج جو والد غلام مصطفيٰ ڀڳهيو ۽ مامون بشير انصاري پاڪستان جا مشهور جيالاجسٽ، مائننگ انجنيئر ۽ بزنيس مين آهن. خاص ڪري سنڌ ڪول اٿارٽيءَ جي حوالي سان بشير انصاري هڪ اهم شخصيت ٿي گذريو آهي. بشير جيتوڻيڪ اسان جي ڳوٺ جو آهي، پر مون کيس پهريون دفعو دادوءَ ۾ ڏٺو جتي هن پرائمري تعليم حاصل ڪئي ۽ پاڻ ۽ ٽي وي جو مشهور فنڪار انور سولنگي جن اسانجي ماسي (مظهر حسين گهلوءَ) جي گهر رهندا هئا. بشير انصاري جو وڏو ڀاءُ عبدالغفور انصاري چٽاگانگ بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ ايسٽ پاڪستان) ۾ سول انجنيئر هو جڏهن آئون اتان مئرين انجنيئرنگ پڙهي رهيو هوس. تعليم بعد جهاز کي چٽگانگ وٺي اچڻ تي بہ ساڻس ملاقات ٿيندي رهي. ڪانئن علاوه مٽياري يا شايد شڪارپور جو صابر شاھ، سنڌ جو مشهور شاعر ڊاڪٽر نعيم دريشاڻي ۽ ٻيا بہ اتي هوندا هئا. 1971ع واري جنگ ۾ سڀ ٽڙي پکڙي وياسين، افواھ اهي هئا تہ انڊين آرمي جي حملي بعد غفار انصاري صاحب برما جي بارڊر معرفت مشرقي پاڪستان ڇڏيو، پر پوءِ وري سندن خبر نہ پئجي سگهي. سندن ننڍا ٻار بہ وڃي جوان ٿيا، پر پيءُ جو پتو نہ پئجي سگهيو. ڪيترائي ماڻهو مڪتي باهمي هٿان مارجي ويا، ڪيترا جابلو رستن تان ٿڪي روھ ۾ رلي ويا. عبدالغفار جو ٻيو نمبر پٽ سهيل انصاري

جنهن سان ڪراچي اچبو هو تہ غلام مصطفيٰ ﭬگهيو جي گهر ملاقات ٿيندي هئي، سو پاڪستان مان تعليم حاصل ڪري هيڏانهن آمريڪا هليو آيو ۽ گذريل ڏهاڪو سالن کان هتي نيويارڪ جي رياست ۾ رهي ٿو. سهيل انصاريءَ کان وڌو هڪ ﭘاءُ ارشاد ۽ ٽي ﭘيٽيون: نسرين، نوشين ۽ تحسين آهن.

غلام مصطفيٰ ﭬگهيو کي هڪ پٽ دين محمد ۽ هڪ ڌيءَ ڪونجَ آهي. دين محمد لنڊن ۾ ٿي پڙهي ٿو ۽ پنهنجي ﭘيڻ ڪونجَ کان ننڊو آهي. ڪونج هتي گرئجوئيشن ڪرڻ بعد هاڻ رٽگرز يونيورسٽيءَ مان ميڊيڪل سائنس بابت وڌيڪ پڙهي رهي آهي. پڙهائي دوران سندس شادي عاطف جاويد سان هتي ٿي ٿي ۽ هن وقت کين ﭬہ ٻار امان ۽ ڪنزا آهي.

## نيو جرسي جي مشهور رٽگرز يونيورسٽي

هتي منهنجي خيال ۾ ڪجهہ سٽون نيوجرسي جي هن يونيورسٽي Rutgerz بابت لکڻ بي محل نہ ٿيندو، جيڪا آمريڪا جي اعليٰ درجي جي يونيورسٽين مان هڪ آهي. هن ۾ غلام مصطفيٰ ﭬگهيو جي ڌيءَ ڪونج کان علاوه منهنجي ﭘيٽارو جي دوست حميد انور جي ڌيءَ بہ پڙهي رهي آهي. ڪو زمانو هو جو اسانجي ملڪ جي وڏن ماڻهن جا ٻار ڊگري خاطر ولايت جي عام رواجي يونيورسٽين ۾ اچي داخلا وٺندا هئا، جتي هنن کي پڙهڻ جو موقعو گهٽ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۽ عياشيءَ لاءِ وقت وڌيڪ ملندو هو. يونيورسٽيءَ وارن جي دلچسپي بہ فقط شاگردن کان فيون وٺڻ هوندي هئي، جيئن اڄ ڪلهہ اسانجي ملڪ ۾ ڪيترائي ٽائي پتلونن ۽ انگريزي نالن وارا ٿڙڪو اسڪول ڪُلي پيا آهن. پر هاڻ جيڪي اسانجي ملڪ کان آمريڪا ۾ تعليم وٺڻ لاءِ اچن ٿا، اهي غريبن جا ٻار هجڻ باوجود سٺن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ داخلا وٺن ٿا. انهن جي ﮔرين فين لاءِ نہ فقط هو پورهيو ۽ پارٽ ٽائيم جاب ڪن ٿا، پر تمام گهٽي پڙهائي پڻ ڪن ٿا، ڇو جو هنن کي خبر آهي تہ آمريڪا يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نوڪري ان کي ملندي، جيڪو ناليواري يونيورسٽيءَ مان سٺي پوزيشن ۾ ڊگري حاصل ڪندو. اسانجي دوست حميد انور جي باقي ﭘين ٻارن بہ هن يونيورسٽيءَ مان گرئجوئيشن ڪئي ۽ کين هتي ئي سٺي نوڪري ملي وئي. باقي جيڪڏهن توهانکي علم حاصل ناهي ڪرڻو ۽ ڊگري فقط ان ڪري حاصل ڪرڻي آهي، جيئن پنهنجي ملڪ ۾ اچي اليڪشن ۾ بيهجي (۽ اقتداري واري پارٽي Join ڪري وزير تعليم يا ﭘيو ڪو وزير ٿجي) تہ پوءِ ان لاءِ آمريڪا ۾ ٿڙڪو قسم جا جام ڪاليج ۽ جام يونيورسٽيون، جن ۾ توهان ﭘلي ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ بدران پاڙي جي پب ۽ جوا خاني ۾ وينا هجو ڊگري توهان کي گهر ويٺي ملي ويندي.

آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي، هارورڊ يونيورسٽي، اسٽئنفورڊ يونيورسٽي ڪولمبيا يونيورسٽي، Yale ۽ پرنسٽن يونيورسٽي وانگر هيءُ رٽگرز يونيورسٽي بہ نہ فقط آمريڪا پر دنيا جي ٽاپ يونيورسٽين مان هڪ آهي ۽ USA جي هڪ جهوني ترين

يونيورسٽي آهي، جيڪا 1766ع ۾ ڪئنس ڪاليج نالي هالنڊ (نيدر لئنڊس) کان آيل ڊچن ٺهرائي. آمريڪا جي هٿ اچڻ بعد هن پاسي جي علائقن؛ نيويارڪ، نيوجرسي ۽ هڊسن ندي وارن پٽن تي ڊچن جو قبضو هو. ايتري قدر جو نيويارڪ جو نالو بہ سندن ملڪ جي گاديءَ واري شهر تان نيو ائمسٽرڊم رکيو ويو هو، جيڪو پوءِ انگريزن جي قبضي بعد هاڻوڪو نالو نيويارڪ ٿيو. ڊچن هن ڪاليج کي پنهنجي گرجا گهرن سان وابستہ رکيو هو، جيئن اسان وٽ مسجدن سان لاڳاپيل ديني تعليم جا مدرسا آهن. هن ان ۾ فقط انهن عيسائين کي داخلا ملي ٿي، جن جو واسطو ان خاص فرقي سان هو. بهرحال هاڻ هن يونيورسٽي ۾ ڪنهن بہ مذهب جو شاگرد تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو.

نيوجرسي رياست جي هن يونيورسٽي رٽگرز (Rutgers) جون برانچون نيوارڪ ۽ ڪئمبڊن ۾ بہ آهن، پر شروعاتي ادارو يعني يونيورسٽي جا پرائمري ڪئمپس نيو برنس وڪ ۽ پسڪاٽ اوي ۾ آهن، جيئن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جو شروعاتي ڪئمپس حيدرآباد شهر ۾ هو.

رٽگرز يونيورسٽي جيڪا پهرين Queen College هو ان ۾ شاگردن جي پهرين بئچ کي داخلا 1771ع ۾ ملي، جن 1774ع ۾ گرئجوئيشن ڪئي. ان وقت هن ڪاليج ۾ جنرل تعليم کان وڌيڪ گرجا گهرن (Churches) لاءِ پادري پيدا ڪرڻ اهم هو. اهو اصل مقصد اڄ بہ رٽگرز جي دستاويزن تي اڪريل آهي؛

"............. to educate the youth in languages, liberal, the divinity, and useful arts and sciences."

1825ع ۾ هن ڪاليج (ڪئنس ڪاليج) جو نالو بدلائي رٽگرز ڪاليج رکيو ويو جيڪو نالو آمريڪي انقلابي جنگ جي هيرو ڪرنل هينري رٽگرز کي عزت بخشڻ لاءِ هو. ڪرنل رٽگرز 1745ع ۾ هالنڊ ۾ ڄائو ۽ 1830ع ۾ آمريڪا ۾ گذاري ويو. سؤ کن سال هي ڪاليج ان ئي نالي سان رهيو. ان بعد 1924ع ۾ هن جو نالو رٽگرز يونيورسٽي رکيو ويو.

## ڪارنيل يونيورسٽي ڄتان منهنجي والد M.Sc ڪئي

نيوجرسي ۽ نيويارڪ رياستن ۾ اسانجا تمام گهٽا پاڪستاني رهن ٿا، ان ڪري هن پاسي جي يونيورسين؛ رٽگرز، ڪولمبيا ۽ ڪارنيل يونيورسٽيءَ ۾ اڄ ڪلهہ چڱو تعداد پاڪستانين جو آهي. ڪارنيل يونيورسٽيءَ جو نالو اسان اڄا پرائمري اسڪول ۾ هئاسين تہ ٻڌوسين، ڄتان منهنجي والد صاحب گل محمد شيخ 1950ع واري ڏهي ۾ M.Sc ڪئي.

ڪارنيل يونيورسٽي نيويارڪ رياست جي شهر اٿياڪا ۾ آهي. ڪارنيل 1865ع ۾ کلي، جنهن جا باني عذرا (Ezra) ڪارنيل ۽ ائنڊريو ڊڪسن هئا. هن يونيورسٽيءَ ۾ هر

مذهب ۽ رنگ جي ماڻهوءَ کي داخلا ملي ٿي. هيءَ يونيورسٽي 800 ڪن ايڪڙن تي آهي، جتي انتظاميہ، آفيسون، ليڪچر هال، آڊيٽوريم، هاسٽلون، ميوزيم، لئبررين ۽ ٻيون عمارتون ملائي 260 بلڊنگون ٿين ٿيون. ان کان علاوه ڪارنيل يونيورسٽي سان لاڳو ٿي هزار کن ايڪڙ زمين پڻ يونيورسٽي جي آهي، جتي بوٽنيڪل باغيچا، مڇين جون هوديون (Ponds) وڻن ۽ گلن جا ٻوٽا آهن.

ڪارنيل يونيورسٽي جي ٻن ميڊيڪل سينٽرن مان هڪ ويل ڪارنيل ميڊيڪل سينٽر نيويارڪ شهر جي مئن هٽن واري علائقي ۾ آهي ۽ هڪ ملڪ کان ٻاهر دوحا (قطر) ۾ آهي. ڪارنيل يونيورسٽيءَ جا گرئجوئيٽ ”Cornellians“ سڏجن ٿا.

نديم جوڻيجي جي دعوت ۾ آيل ڊاڪٽر علي ابڙي ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ نيويارڪ ٽائمز اخبار ۾ آيو هو تہ ٻہ لک ٽيهہ هزار ڪارنيل گرئجوئيٽ هن وقت هن دنيا ۾ رهن ٿا. ڪارنيل يونيورسٽيءَ جو ڪو گرئجوئيٽ آمريڪا جو صدر سو نہ ٿيو آهي، باقي ٻين ڪيترن ئي اهم عهدن تي هن يونيورسٽي جا تعليم يافتہ آهن. فيڊل ڪاسترو، شهنشاهہ ايران ۽ چين جو صدر بہ هن يونيورسٽي ۾ پڙهيا. آمريڪا جا ڪيترا ڪابينا جا ميمبر ۽ جج هن يونيورسٽي جا آهن. ڪارنيل يونيورسٽي جي ڪيترن ئي ليکڪن کي Pultizer انعام ۽ نوبل ايوارڊ ملي چڪا آهن. اسڪولي ڏينهن ۾ اسان ڪلاس ميٽ انگريزي ناول گڊ (Good Earth) وڏي شوق سان پڙهندا هئاسين. ان جي ليکڪا ”پرلس ايس بڪ“ پڻ هن يونيورسٽي جي گرئجوئيٽ هئي. ان کان علاوه انگريزي جي مشهور ناولن: سلاٽر هائوس فائو، Beloved، دي ايليمينٽس آف اسٽائيل، Charlotte's Web، جينٽل مئن ائگريمينٽ جا انعام يافتہ ليکڪ هن يونيورسٽي جا پڙهيل هُئا.

## ڊاڪٽر علي ابڙو ۽ سندس گهرواري

ڊاڪٽر علي ابڙي جي گهرواريءَ سعيد ابڙو ٻڌايو تہ اڄ ڪلهہ ڪيترائي سنڌي نہ فقط آمريڪا جي يونيورسٽين ۾ پڙهي رهيا آهن، پر انهن ۾ پروفيسر ۽ Dean پڻ آهن، جيئن تہ پروفيسر گل آغا، نديم جمالي، اسانجي ڳوٺ جو ڊاڪٽر الطاف ميمڻ وغيره.

هتي ڪجهہ سٽون ڊاڪٽر علي ابڙي بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪو آمريڪا ۾ رهندڙن نذير مغل، عبدالرزاق شيخ، ڊاڪٽر خورشيد چنا، سليم شاهہ جيان تمام پراڻو رهاڪو آهي. ڊاڪٽر علي ابڙو صاحب وارن جي وڏن جو ڳوٺ تہ ميهڙ آهي، پر پاڻ ڪراچيءَ ۾ ئي نندا تي وڏا ٿيا. ڊاڪٽر علي ابڙو سنڌ گورنمينٽ جي مشهور سيڪريٽري عبدالقادر ابڙي صاحب جو پاٽ آهي. پاڻ ڪراچي يونيورسٽي مان مئرين بائلاجي ۾ M.Sc ڪرڻ بعد انگلينڊ هليو آيو ، جتي 1969ع ۾ پي ايڇ ڊي ڪيائين. سندس سبجيڪٽ ”Biological Sciences“ هو. ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ بعد پاڻ ڪراچي ويسٽ وهاف تي ”فشريز“ کاتي جي

مئرين ڊپارٽمينٽ ۾ بائلاجسٽ ٿي ڪم ڪيائين. ان بعد 1972ع جي شروعات ۾ هيڏانهن آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ هليو آيو, جتي اسانجي ساٽس انهن ڏينهن ۾ ملاقات ٿي ۽ اهو منهنجو آمريڪا ۾ آخري دفعو هو جو شالامار نالي جهاز کي هلائي بروڪلن جي بندرگاهہ ۾ اچي لنگر انداز ڪيو هئوسين. ان بعد آئون ڏور اوپر ۽ يورپ جي پاسي ٿي جهاز هلائيندو رهيس ۽ ڊاڪٽر علي سان آمريڪا ۾ وري ملاقات نہ ٿي سگهي ۽ هاڻ ٽيٽيهہ کن سالن بعد هن سان وري هنن پٽن تي ٿي ملڻ ٿيو آهي.

ڊاڪٽر علي نيويارڪ پهچي ٻہ سال Cyto Pathology ۾ پڙهائي ڪئي. ان بعد اسپتال جو ائڊمنسٽريٽر ٿي رهيو ۽ پوءِ پئٿالاجي لئبارٽريز جو مئنيجر ٿي ڪم ڪيائين. پاڻ هينئر تائين ان فيلڊ ۾ آهي. سندس زال سعيده ابڙو پندرهن سال کن حبيب آمريڪن بئنڪ ۾ مئنيجر رهڻ بعد هاڻ گهر ۾ ٿي وقت گذاري ٿي ۽ پنهنجي ٻن ٻارن: وڏي پٽ ۽ ننڍي ڌيءَ حبا جي تعليم تي ڌيان ڏئي ٿي, جيڪا هن وقت يارهين ڪلاس ۾ آهي. سعيده سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سوشالاجي ۾ M.A ڪرڻ بعد هتي ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊگري حاصل ڪئي. سعيده سنڌ جي مشهور تعليم ڪاتي جي ڊائريڪٽر حبيب الله ميمڻ صاحب جي ڌيءَ ۽ خانصاحب اسحاق ميمڻ صاحب جي پوٽي آهي.

منهنجي خيال ۾ اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ آمريڪا ۾ رهندڙ سڀئي سنڌي عورتن ۾ سعيده گهڻو ملنساز ۽ قابل احترام آهي. هوءَ سوشل ڪمن ۾ بهرو وٺڻ ڪان علاوه هر هڪ جي تڪليف ۽ غم کي پنهنجي سمجهي, ان جي مدد ڪري ٿي. هوءَ جيتري اخلاق ۽ طبيعت ۾ سٺي آهي اوتري سونهن ۽ شڪل ۾ ... هر وقت ۽ هر هنڌ هوءَ کلندي ۽ خوش ٿيندي نظر اچي ٿي. چاهي فلڪ شير وارن جي دعوت هجي يا خالد چنا وارن جي, سالياني پسڪاٿاوي واري سنڌين جي ڊنر هجي يا سانا جو ٿي ڏينهن لڳاتار هلندڙ فنڪشن, هوءَ ٻارن توڙي پوڙهن سان, مردن توڙي عورتن سان هر وقت خوش اخلاقيءَ سان ملندي نظر اچي ٿي.

سعيده ابڙو جون ٻہ ڀيون ڀيٽون پروفيسر فريده ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نسرين ميمڻ ۽ هڪ ڀاءُ طُفيل ميمڻ (جنهن جي شادي ڊاڪٽر نسرين سان ٿي آهي) هتي آمريڪا جي اولهہ واري رياست ڪئليفورنيا ۾ ئي رهن ٿا. پروفيسر فريده ميمڻ حيدرآباد جي زبيده ڪاليج ۾ پڻ ڪجهہ سال رهي چڪي آهي, پر هاڻ ڪئليفورنيا ۾ آهي, جتي سندس مڙس رشيد ميمڻ ڪمپيوٽر انجنيئر آهي. ڊاڪٽر نسرين جي مڙس اعجاز ميمڻ جو پڻ هتي ئي جاب آهي. سعيده جي هڪ ڀيڻ ڊاڪٽر عذرا (۽ سندس فلائيٽ انجنيئر مڙس سيف الله ميمڻ) ڪراچي ۾ رهي ٿي ۽ هڪ ڀاءُ اختر ميمڻ جيڪو ٽيليفون ڊپارٽمينٽ ۾ ڊويزنل انجنيئر آهي . اهو ۽ سندس زال ڊاڪٽر شيرين ميمڻ پڻ پاڪستان ۾ آهن.

سعيده ابڙو جا چاچا عبدالوهاب ميمڻ صاحب، نثار ميمڻ، يار محمد، اسماعيل ميمڻ (جيڪو پوليس کاتي ۾ آهي) ۽ ننڍو چاچو مشتاق ميمڻ جنهن جي ويجهڙائيءَ ۾ شادي اسانجي دوست شبير جماڻي جي نياڻي فوزيہ سان ٿي آهي، پاڪستان ۾ ئي رهن ٿا.

## Yala ۽ پرنسٽن يونيورسٽي

سعيده ابڙو ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر علي چاهين ٿا تہ سندن پار هتي (نيوجرسي) جي يونيورسٽي پرنسٽن ۾ پڙهن يا پرواري رياست ڪنيڪٽيڪٽ جي يونيورسٽي ييل (Yale) ۾ پڙهن. ييل يونيورسٽي ’نيو هئون‘ شهر ۾ هڪ پرائيويٽ ۽ تمام پراڻي يونيورسٽي آهي، جيڪا 1701ع ۾ شروع ٿي. هيءَ يونيورسٽي آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج جي سسٽم تي هلي ٿي، جتي شاگردن کي هاسٽل ۾ رهڻ لاءِ زور پريو وجي ٿو. هن يونيورسٽي ۾ ڪلاسڪس، انگلش کان علاوه اپلائيڊ ۽ انجنيئرنگ سائنسز، ڊراما، آرٽ، آرڪيٽيڪچر، لٽريچر، سائڪالاجي، سوشالاجي، ايڪانامڪس، مئنيجمينٽ، ميوزڪ، تاريخ، ميڊيسنز، نرسنگ ۽ قانون جهڙا سبجيڪٽ پڙهايا وڃن ٿا.

هن يونيورسٽي (Yale) جا ڪيترائي گرئجوئيٽ آمريڪا جا صدر پڻ ٿيا، جن ۾ وليم هوورڊ ۽ جيرالڊ فورڊ پراڻا آهن ۽ ويجهڙائي وارن ۾ جارج ڊبليو بش، بل ڪلنٽن ۽ سندس زال هيلري، وائيس پريزيڊنٽ ڊڪ چيني، جان ڪيري، جو لائبرمئن آهن.

پرنسٽن يونيورسٽي هتي نيوجرسيءَ ۾ ئي آهي. اها آمريڪا جي جهونن تعليمي ادارن ۾ چوٿين نمبر تي آهي. (Yale يونيورسٽي ٽئين نمبر تي آهي) ۽ 1746ع ۾ نيوجرسي جي شهر ”ايلزبيٿ“ ۾ ڪاليج آف نيوجرسي جي نالي سان شروع ٿي ۽ پوءِ اها 1756ع ۾ پرنسٽن شهر ۾ شفٽ ڪئي وئي ۽ 1896ع ۾ هن جو نالو پرنسٽن يونيورسٽي رکيو ويو.

پين سبجيڪٽن کان علاوه هن يونيورسٽي ۾ ائنٿروپولاجي، جيو فزڪس، اينٽومولاجي، Robotics پڻ پڙهايا وڃن ٿا.

## تون ڪٿين آهي پرين ....

ان رات نديم جي دعوت ۾ رات جا ٻارنهن ٿي ويا هئا، هڪ هڪ ٿي سيني موڪلايو. سائين اسماعيل حميراڻي صاحب ۽ سندس پٽ ڊاڪٽر ڪامران، ڊاڪٽر نور راڄپر ۽ سندس ياءُ منصور، ڊاڪٽر علي ابڙو، وغيره وغيره ۽ آخر ۾ اسين اٿياسين. ڊنر مهل زرينا بلوچ جي راڳن جي جيڪا سي ڊي هلي رهي هئي، سا نديم کان وٺي پنهنجي ياٽيجي هيمون (ضمير وسطڙو) کي ڏنم تہ رستي تي گاڏيءَ ۾ وڄائيندو هلي، جيئن هڪ دفعو وري زرينا جا راڳ نيو جرسي جي ويڪرن رستن تي نويڪليءَ رات ۾ ٻڌبا هلجن. ثمير گاڏي هلائي، سڄي ڏينهن جي برسات رات کي ٺاري رکيو هو. رستي جي ٻلبن ۽ ڪار جي هيڊلائيٽ جي

روشنيءَ ۾ چوڌاري ٻوٽا ۽ ڇهچ سايون ڇٻرون نظر اچي رهيون هيون. هونءَ به نيوجرسي رياست جي موسم ۽ ڌرتي اهڙي آهي جو ٻارهو ئي مينهن وسڻ ڪري سڃا پٽ ساوا ٿيا پيا آهن ... وڻن سان، گلن ٻوٽن سان، ڇٻرن ۽ گاهن سان. تڏهن ته آمريڪا جي هن رياست کي Garden State سڏين ٿا. نيوجرسي، پينسلوانيا، ورجينا ۽ نيويارڪ رياستن جي ماڻهن کي ته آئون چوندو آهيان ته توهانکي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا گهمڻ جي ضرورت ئي ناهي. اوڏانهن ماڻهو ساوڪ ۽ بارش لاءِ ٿا وڃن، اها هتي موجود آهي.

”پوءِ ڀلا ٻنهي ۾ ڪهڙو پٽ سٺو آهي؟ ملائيشيا يا نيوجرسي؟“ اهڙي قسم جي ڳالهه تي عرفان جماڻي، رميش ٿارواڻي، سلطان لغاري ۽ عمر عباسيءَ جهڙا جوان اڪثر پڇندا آهن.

”توهانجي نيوجرسي رياست.“ آئون جواب ڏيندو آهيان.

”اهو ڀلا ڪيئن؟“ هو وائڙا ٿي پڇندا آهن.

”اهو هن ريت جو ملائيشيا ۾ ساوڪ ضرور آهي ... سيءُ ناهي. ٻارهو ئي گهم، گهٽ ۽ گرمي آهي، جنهن ڪري اڏامندڙ جيتن: مڇرن، مکين، ڏينڀن چيلاٽن کان وٺي چرندڙ ساهوارا: نانگ، بلائون، وڇون سؤ پيرون جام آهن، جن ملائيشيا جهڙي جنت ۾ چڻ ڪٽي ڪاٽ هنيو آهي. نيو جرسي، نيويارڪ، ورجينيا پاسي ڇهن مهينن کان مٿي سخت سردي ٿيڻ ڪري اهڙي مصيبتن جو نالو نشان ناهي.“

اهو ٻڌي هن پاسي جا اسانجا هم وطني خوش ٿي ويندا آهن ۽ ڪين خوش ٿيڻ به کپي. وطن ۽ وطن وارن کان ڏور اڪثر ڪجهه نه Compensation ۽ بهتري هجي. هڪ دفعي منهنجي ان ڳالهه تي ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي چيو: ”تنهنجي معنيٰ گرمي کان سردي بهتر آهي. جنهن ۾ جيت جٺيا گهٽ ٿا ٿين.“

منهنجي خيال ۾ اها ڳالهه ڪنهن حد تائين صحيح به آهي، جو سرديءَ ۾ ماڻهو نه فقط صحتمند رهي ٿو، پر گهڻي پورهئي ڪرڻ تي به هن جي دل چوي ٿي. پر هڪ خيال کان اها گرمي، گهٽ ۽ گهم به سٺي ڳالهه آهي، نه ته هي گورا يورپي ڪو اسانجي ايشيائي ۽ آفريڪن ملڪن کي ڇڏين ها؟ آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جيتوڻيڪ ڏورانهان ڏيهه آهن، پر ٿڌ ڪري يورپي گورا انهن ملڪن جي ڇپر نٿا ڇڏين. آفريڪا کنڊ ڇڏي ڏنائون، پر ”سائوٿ آفريڪا“ ملڪ نه ڇڏيائون، جو اتي ٿڌ ۽ ساوڪ آهي. ڇڱو جو اسانجي ايشيائي ملڪن ۾ سڪندر اعظم ۽ اسٽئمفورڊ رئفلز جهڙن کي مڇرن پٽيو ۽ مليريا ۾ مبتلا ٿيا، نه ته هي دنيا تي حڪمراني ڪرڻ جا خواب ڏسي ايندڙ اسان جي ايشيائي ۽ آفريڪن ملڪن مان ڪو اٿين ٽرن ها...!

”ڪيئن ڪريان مان ڪنهن به ريت،
منهنجي من کي چين ناهي.“

مون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون سوچڻ بدران زرينا بلوچ جي مٺي آواز ڏي ڌيان ڏنو، جنهن جي سُرن مونکي سمنڊ تي رات جي اڪيلاين ۾ جهاز هلائڻ ۾ Inspiration، همٿ ۽ تازگي مهيا ڪئي.....

هاءِ ڪهڙي رات آهي
ڪيئن ڪريان مان ڪنهن بہ ريت
منهنجي من کي چين ناهي.....

ڪيترائي آرٽسٽ انسانن جي زندگيءَ ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ ايندا آهن ۽ وقت ۽ ماحول جي بدلجڻ سان هو بور ثابت ٿيندا آهن، پر زرينا بلوچ جنهن کي سنڌ جو ٻچو ٻچو عزت مان جيجي سڏي ٿو، منهنجي شروع کان فئوريٽ رهي، تہ اڄي زندگيءَ جي شام جا هي پويان پهرَ ٿيا آهن. هڪ دفعي ماهين هيسباٽيءَ واهہ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن شاعريءَ کي سونهن پڙهڻ وارو يا ڳائڻ وارو بخشي ٿو. ان ڪان ڪو بہ انڪار ناهي تہ شيخ اياز اسانجو عظيم شاعر آهي، پر اسان جهڙن جي دلين ۾ شيخ اياز جهڙن شاعرن جي شاعريءَ جي عظمت ۽ سونهن جيجي زرينا پئدا ڪئي .... اسانجي گاڏي نيو جرسي رياست جا ننڍڙا ننڍڙا شهر لتاڙي ”راهہ وي“ شهر ڏي وڃي رهي هئي. اوڪ ٽري روڊ جي چوراهي وٽ گاڏي پهتي تہ ڳاڙهو سگنل هو. دڪان هوٽلون بند ٿي چڪا هئا سواءِ شاليمار ريسٽورينٽ جي.....

تون ڪٿي آهين پرين !
آهي ڪٿي اڄ تنهنجي پريت........
ڪيئن ڪريان مان ڪنهن بہ ريت
منهنجي من کي چين ناهي.......

## Zarina Baloch is a Talented Soul

اڄ مونکي جيجي زرينا جو راڳ ٻڌي تازگي بدران اداسي ڇو ٿي رهي آهي. نديم جي گهر پڻ جيجي زرينا جي ڳالهہ ڪري سڀ غمگين هئا. ڪجهہ ڏينهن کان سندس طبيعت ٺيڪ نہ آهي. اهو پهرين بہ ٿيندو رهيو آهي، پر اڄ اهو معلوم ڪري سيني کي ڌڪ ٿو تہ جيجي زرينہ صحيح ٿي اسپتال مان نڪرڻ بعد وري اسپتال داخل ٿي آهي ... بلڪہ انتهائي نگهداشت (ICU) واري هال ۾ آهي. مونکي جيجي زرينا جي بيماريءَ جو ٻڌي ڌڪ ان ڪري بہ ٿي رهيو آهي تہ آئون سڄي زندگي سمنڊن تي ۽ ڌارين ملڪن ۾ رهي، هر دفعي اهو ئي سوچيندو رهيو آهيان تہ هن دفعي ڪراچيءَ ۾ موڪل تي لهندس تہ جيجي زرينا جهڙن فنڪارن وٽ وڃي ڪچهري ڪندس ... جنهن جا راڳ، گيت، سهرا هر وقت

ٻڌندو رهيو آهيان. آئون زرينا بلوچ جي نئين گاني شروع ٿيڻ سان هن جي وڏي چمار جي دعا گهران ٿو.

سپ ڪا مومل،
سپ ڪو راڻو
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي
او پنهنجي پنهنجي ڪاڪ.....

زرينا بلوچ جي راڳن جي هيءَ سي ڊي ڪئناڊا کان نديم جي ڀاءُ ڊاڪٽر منير جوڻيجي ڪيس موڪلي آهي. هڪ جهاز تي ڊربيلي جو ڪئپٽن احمد حسين مخدوم ۽ آئون گڏ هئاسين. ان جي ٽي وي لائونج ۾ انگريزي ۽ اڙدو کان علاوه ڀڳونتي نانواڻي ۽ زرينہ بلوچ جا بہ رڪارڊ هئا ... جيڪي آئون ۽ مخدوم وڏي شوق سان ٻڌندا هئاسين ۽ اهي ايترا دفعا تہ ٻڌاسين جو اسان جا ٻيا جهازي چوندا هئا تہ اهي رڪارڊ فوني جي سئيءَ سان ڪپجي چِلا چِلا ٿي ويندا. انهن راڳن جا ڪجھ ٻول هن وقت بہ دماغ ۾ ڦري رهيا آهن:

- مور ٿو ٽلي.
- وني ماڻين ٻنڙا، سيج ماڻين سنهڙا.
- مٺوئڙا من ماندو تولاءِ.
- هڏڪيءَ مٺان مونکي آئي هڏڪي.
- ساوڪ رت ۾ سانورا......

ڪئپٽن مخدومن اڄ بہ زرينا بلوچ جي آواز جو عاشق آهي ۽ چوندو آهي.

"She is one of the illustrious  daughter of `Mother Sindh' … a bright and brilliant icon and a remarkable and extraordinary legend of Sindh."

اسانجي سامونڊي زندگي ۾ زرينا بلوچ اسان لاءِ هڪ طاقتور سامونڊي ديوتا هئي، جنهن جي آواز اسان کي اتهاس تي ڏنو ... طوفاني راتين ۽ مچريل سمنڊن تي شڪتي تي ڏني. منهنجي جڏهن ساڻس پهريون دفعو اوچتو ملاقات ٿي، تہ ان وقت تائين آئون فقط سندس آواز جو واقفڪار هوس. آئون هن جي شڪل کان واقف نہ هوس ... مونکي اها بہ خبر نہ هئي تہ هوءَ ڪٿي ٿي رهي ... ڪا نوڪري ڪري ٿي يا رڳو ڳائي ٿي. خبر ناهي ٽيسيتائين رسول بخش پليجي صاحب سان شادي ٿي وئي هيس يا نہ. جيتوڻيڪ زرينہ بلوچ کي اهو پهريون دفعو ڏسڻ کان گهٽو گهٽو اڳ کان وٺي منهنجو سائين رسول بخش پليجي ۽ سندس ڀاءُ عبدالرحمان وٽ گهر ۾ وڃڻ ٿيندو هو، پر اها ڄاڻ نہ هئي تہ هوءَ رسول بخش پليجي صاحب جي علم، ادب، سياست ۽ عوام جي خدمت جي حوالي سان نالو روشن نہ ٿيو هو. هو فقط حيدرآباد جو هڪ وڪيل هو پر اسان لاءِ وڏي ڳالھ زرينا بلوچ هئي، جنهن سان ائين ملڻ ناممڪن ڳالھ سمجهيم ٿي. تڏهن تہ هڪ دفعي جهاز تان موڪل ڪرڻ بعد ڳوٺ

اچڻ کان اڳ حيدرآباد يونيورسٽي جي ماڊل اسڪول ۾ هالا جي پن ڪلاس ميٽ عبدالرحمان ۽ احمد يوسف سان ملڻ ويس، جيڪي اتي ٽيچر هئا. سندن پڇا دوران هڪ ڪلاس جي ماسترياڻيءَ مونکي سڃاڻي (شايد عبرت اخبار ۾ منهنجي سفرنامي سان گڏ ايندڙ فوٽو مان سڃاڻي) پڇيو تہ الطاف آهين. ان بعد هن پرواري ڪلاس جي مس کي بہ سڏي ٻڌايو تہ هي آهي الطاف شيخ جنهن جا سفرناما پاڻ پڙهنديون آهيون. مونکي پنهنجي تعريف ڏاڍي پلي لڳي. ڪو موالي ٽائيپ مرد ڪري ها تہ بہ خوشي ٿئي ها ۽ هتي اسڪول جون ماسترياڻيون تعريف ڪري رهيون هيون ۽ سندن ننڍڙا اسٽوڊنٽس حيرت مان ڏسي رهيا هئا. آخر ان سنڌي پرت واري وڳي واريءَ خاتون کان پڇيم تہ هوءَ ڪير آهي.

"آئون زرينا بلوچ آهيان." هن ٻڌايو.

مون ان کي چرچو سمجهيو.

"نہ نہ" مون کيس چيو.

"ڇا مطلب؟" هن حيرت مان سوال ڪيو ۽ مونکا پڇيو تہ مون ڪڏهن زرينا بلوچ جا گيت ٻڌا آهن.

جواب ۾ مون هائوڪار ڪئي.

"اها آئون آهيان." هن چيو.

"نہ نہ" مون وري نهڪار ڪئي ۽ اتان ڪسڪي ويس تہ هي چرچو پيون ڪن. ايتري قدر جو اتان ناني جي گهر آيس، جيڪو فردوس سئنيما جي سامهون آهي. منهنجي والده بہ هالا کان اتي آيل هئي. مون کين اهو چرچو ٻڌايو تہ پرواري اسڪول جي ماسترياڻي پاڻ کي زرينا بلوچ ٿي سمجهي.

اهو 1969ع يا 1970ع جو سال هو، جڏهن آئون چويهن سالن جو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن عبرت يا بادل رسالي ۾ منهنجا مضمون ايندا هئا. واپس جهاز تي وڃي ماڊل اسڪول جي ماستريائي جو چرچو ڪيپٽن مخدوم کي بہ ٻڌايم. اهو بہ ڏاڍو کليو هو. هو انهن ڏينهن ۾ هڪ جونيئر نيويگيٽر آفيسر هو ۽ آئون جهاز جو جونيئر انجنيئر ۽ پوءِ تمام گهٽ سالن کان پوءِ جڏهن مونکي خبر پيئي تہ اها زرينا بلوچ هئي، تہ پنهنجي ان وقت جي رڪائيءَ تي هڪ طرف افسوس ٿيو تہ ٻئي طرف جيجي زرينہ لاءِ عزت جو درجو هيڪاندو وڌي ويو، تہ هوءَ ڪيڏو بااخلاق شخصيت آهي ... . جنهن منهنجو ڪيڏو مٿانهون مانُ پئي ڪيو، جيتوڻيڪ ان وقت آئون اجان نئون لکندڙ هوس ۽ شايد ئي مونکي ڪنهن سڃاتو ٿي. هوڏانهن زرينہ بلوچ جي هند سنڌ ۾ هاڪ هئي.

زرينا بلوچ جي اڄ بہ نہ فقط ننڍي ڪنڊ ۾، پر جتي جتي سنڌي رهن ٿا، تہ سندس تعريف ڪن ٿا. بقول WSC جي چيئرمين ڊاڪٽر منور هاليپوٽي جي:

"Zarina Baloch is a talented soul who has popularized Sindhi music and culture all over the world."

شل جيجي زرينا جي آواز جون لهرون دنيا ۾ قائم هُجن ۽ اسانجي دلين تي راڄ ڪندي رهي.

# آمريڪن ڪير آهي؟

شروع ۾ بہ هڪ هنڌ لکي چڪو آهيان تہ USA جنهن کي اسين آمريڪا بہ سڏيون ٿا تہ فقط اسٽيٽس (States) بہ، هڪ عجيب ملڪ آهي! هن جي حڪومت تي سندس عوام بہ ڪاوڙ ڪري ٿو، تہ هنن کان چو ايڊو ٽئڪس اوڳاڙي ٻين ملڪن جي مدد ڪئي وڃي ٿي.

USA اهو ملڪ آهي جيڪو سڀ کان گهڻو خير خيرات ڪري ٿو، جتي دنيا جي هر ملڪ جو ماڻهو رهي ٿو، جتي هر هڪ کي پنهنجي مذهب تي عمل ڪرڻ جي آزادي آهي، جنهن جو آئين هر انسان کي برابر سمجهي ٿو ۽ هن کي پنهنجي اظهار خيال جي کلي موڪل ڏئي ٿو، ۽ هي اهو ملڪ آهي، جيڪو سڄي دنيا جو اونو ڪري ٿو پر سڄي دنيا لاهي موچڙو بہ هن کي هڻڻ چاهي ٿي. بقول هڪ سنڌي قومپرست جي جيڪو اتي سياسي پناهہ هيٺ آهي: ”جيڪو گهر کان ٿو رسي اهو آمريڪا کي گاريون ٿو ڏئي“ ۽ اسانجو ملڪ تہ وري مڙني کان نرالو آهي. ملائيشيا ۽ ايرن جهڙا ملڪ آمريڪا کي جي پسند نٿا ڪن، تہ وري ان سان واسطو بہ نٿا رکن. اسان جا ماڻهو آمريڪا کي ناپسند ڪندا تہ ان جو اظهار اهڙين ڪچين گارين سان ۽ اهڙين طريقن سان ڪندا جو ڳالهہ ئي نہ پڇو ۽ وري ساڳي وقت ٿوري ڀُچڪار تي پنهنجو ملڪ ڇڏي، آمريڪا وڃي رهڻ کي پنهنجي خوشنصيبي سمجهندا .

عجيب ملڪ آهي اسانجو بہ، جنهن جي غريب عوام کي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي اهڙي تہ گرم جوشيءَ سان ڀَڇيو وڃي ٿو، جو هو بنا نوٽس جي آمريڪا کي گاريون ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ لهيو پون ۽ هوڏانهن اسانجي سياستدانن، سرڪاري ڪامورن، فوجين، پيرن وڏيرن، چوڌرين ويندي ملن مولوين جا ٻار آمريڪا ۾ پيا پڙهن، نوڪريون پيا ڪن يا عياشون پيا ڪن. هي ائين ٿي آهي تہ غريب عوام پيو ان بحث ۾ وقت وڃائي تہ تعليم اردوءَ ۾ تيڻ کپي، يا سنڌيءَ ۾ ۽ هوڏانهن اسانجي سياڻن شهرين جا ٻار انگريزي ۾ تعليم حاصل ڪري، وڏيڪ اعليٰ تعليم توڙي نوڪرين لاءِ ٻاڻ کي اهل بنايو وڃن. ڏارين ملڪن ۾ تہ ڇا پر پنهنجي ملڪ جي بہ اها ڪهڙي آفيس آهي، جنهن ۾ انگريزي نٿي ڳالهائي وڃي يا لکي وڃي؟؟؟ جڏهن جتي ڪٿي انگريزي هلي ٿي، پي آءِ جي ايئر هوسٽس جي نوڪريءَ کان وٺي فوج ۾ داخلا جي انٽرويو لاءِ ... تہ پوءِ چو نٿا سڀ انگريزي پڙهن؟ پر بقول هڪ سنڌي وزير جي جنهن جا ٻار ائبٽ آباد جي انگريزي اسڪول ۾ پڙهن ٿا ۽ ڪيس مون ان جهڙو اسڪول پنهنجي ڳوٺ ۾ کولڻ جي صلاح ڏني هئي تہ وراٺيو هئائين: ”ادا ماٺ ڪري ويهو، سڀ جي انگريزي پڙهندا تہ پوءِ اسانجي ٻارن کي ڪهڙيون نوڪريون ملنديون.“

سو اهڙي ريت اسان وٽ عوام کي آمريڪا خلاف پڙڪايو وڃي تہ ٿو، پر پڙهائي يا نوڪري لاءِ سڀ کان اڳ پنهنجا ٻار آمريڪا موڪليا وڃن ٿا. اسان وٽ اها ڳالهہ عام آهي تہ

مغرب جا ماڻهو ذليل آهن، مغرب جا ماڻهو ڪافر آهن وغيره وغيره. اهو پڍي آئون سوچيندو آهيان ٿو تہ اسان جا ماڻهو ڪهڙي مغرب جي ڳالهہ ڪن ٿا. فرانس ۽ انگلينڊ جهڙي قريب مغرب جي يا ڪئناڊا ۽ آمريڪا جهڙي ڏور مغرب جي؟ ۽ اهي جملا تہ هو ڪافر آهن، الله ڪي نٿا مڃين .... ڪهڙي بنياد تي چون ٿا؟ مونکي تہ فرانس جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ مسجد ۽ مسلمان نظر اچن ٿا. مون جهڙن ڪي اسلام جي تعليم تہ مالمو (سئيڊن) ۽ ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) جهڙين مسجد ۾ نو مسلم يورپين جا ليڪچر ٻڌي حاصل ٿي. جنهن سڪون سان اسين انگلنڊ ۽ ڪئناڊا جي مسجدن ۾ نمازون پڙهون ٿا اهو سڪون تہ اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ جي مسجدن ۾ بہ نہ آهي، جتي مسلمان مسلمانن ڪي بمن سان اڏائيندا وتن.

هتي آمريڪا ۾ جنهن علائقي ۾ منهنجو پهريان ٻہ مهينا رهڻ ٿيو، اتي اهو ڏسي وائڙو ٿي ويس تہ سڄي محلي جي هزارين فلئٽن مان سواءِ چند جي، ٻين سڀني ۾ انڊيا جي گجرات رياست جا ماڻهو رهيا ٿي يا دهلي، ڪراچي ۽ لاهور جا مسلمان. هو سڀ سالن کان هتي رهن ٿا ۽ هتي جا سٽيزن آهن ۽ هتي جو پاسپورٽ اٿن يعني هو آمريڪن آهن. هنن جو مرڻ جيئڻ هاڻ هن ڌرتي تي آهي. هنن مان ڪيترا تہ ويندي آمريڪن پوليس ۽ فوج ۾ بہ آهن. ويندي اسان جا ڪيترا سنڌي آمريڪن سٽيزن آمريڪا جي فوج ۾ آهن. اهڙي طرح آمريڪا ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ۽ قومن جا آهن جيڪي گذريل پنج صدين کان هتي آباد ٿيندا رهيا آهن. روس، جرمني، انگلينڊ، اسپين، هالينڊ، چين، جپان، ويٽنام، انڊيا ، پاڪستان، يمن، ايران، مصر، فلسطين، ڪهڙو ملڪ آهي جنهن جا ماڻهو هتي آمريڪا ۾ نہ آهن ۽ اهي سڀ عرب، مصري، هندو، مسلمان، عيسائي، تامل، سوڊاني جيڪي هاڻ هتي جا سٽيزن آهن، آمريڪن آهن. آمريڪن ڪا الڳ مخلوق ناهي. ڪنهن بہ آمريڪن کي جهلي پڇو تہ هو ڪير آهي، تہ هو ٻڌائيندو تہ هو اسپين کان هتي آيو، هو ڊچ آهي، هو فلسطيني آهي، هو آفريڪا جو شيدي آهي .... جيڪي هتي هزارين سالن کان رهندڙ پراڻا باشندا هئا، اهي ريڊ انڊين آهن، جن جو تعداد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو آهي.

اڄ ڪلهہ واشنگٽن ۾ آهيان. هتي توڙي پر واري رياست ورجينيا ۾ مندرن ۽ گرجا گهرن سان گڏ مسجدون بہ ڏسان پيو. گذريل هفتي هتي جي رهاڪو (۽ سٽيزن) اعجاز ابڙو، ڊاڪٽر منور عباسي ۽ غلام مصطفيٰ پلهہ سان بالٽيمور جي جامع مسجد ۾ جمع نماز پڙهڻ لاءِ ويس. آفريڪا ۽ ايشيا جي انيڪ مسلمانن سان گڏ اسانجا ڪيترائي پاڪستاني بہ نظر آيا، جن کي هاڻ هتي جو پاسپورٽ آهي ۽ هو آمريڪن سڏائڻ ۾ حق بجانب آهن. هو مختلف معاشي، رسمي، ماحول ي ۽ ٻين مجبورين کان جان ڇڏائي هتي آيا ۽ هاڻ هو هتي سڪون ۾ رهن ٿا. اهي فلسطيني جن کي سعودي عرب جهڙي مسلمان ملڪ بہ رهڻ نہ ڏنو، انهن کي آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ ڇت ۽ ڪاٽڻ لاءِ ٿي ويلا ماني ملي. اهو پاڪستاني ۽ بنگالي جن کي ڊگرين هوندي بہ پنهنجي ملڪ ۾ نوڪريون نہ مليون، اهي هتي سٺو روزگار ڪمائي، نہ

فقط پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪريو ويٺا آهن، پر پنهنجن غريب مائٽن جي بہ مدد ڪندا رهن ٿا. اهي ايراني، عراقي، چيني، تامل جن سان سندن حڪومتن ظلم ڪيا، انهن آمريڪا کي سڪون جي ڌرتي پاتو. اهڙي طرح هن کان اڳ ۾ اڄ پڻ يورپ ۾ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن جا ماڻهو هتي آمريڪا ۾ ايندا رهن ٿا، جتي هنن کي بهتر مستقبل لڳي ٿو. ويندي ڪيوبا ملڪ جا جيڪي ظاهري طرح تہ آمريڪا تي گارين جو هڪ دس لاهين ٿا تہ ٻيو چاڙهين ٿا، پر پهريون موقعو ملڻ سان سمنڊ ٽپي آمريڪا جي ڌرتي تي اچڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، جتي ڪجهہ بہ آهي هنن سان اهي ظلم نٿا ٿين، جيڪي سندن ملڪ ۾ ٿين پيا. سو هتي آمريڪا ۾ آمريڪن ڪير آهي؟ ڪا خاص مخلوق ناهي، پر اهي ئي ڪيوبن، نائيجيرين، انڊين، پاڪستاني، مصري، فلسطيني، جرمن، ڊچ، انگريز گجرات جا پٽيل، سئيڊن جا سوڊرون، جانسن وغيره آمريڪن ئي آهن ... ويندي سنڌ جا ڏاهري، نظاماڻي، قلباڻي، ڏيپلائي، ناريجا وغيره آمريڪن آهن، جو هو هاڻ هن ملڪ جا شهري آهن. هنن کي هن ملڪ جو پاسپورٽ آهي. اسان ڪيئن ٿا چئون تہ آمريڪا ڪافر آهي. سچ تہ هي آهي تہ آمريڪا ۾ اسي لکن کان بہ گهٽا مسلمان رهن ٿا... جتي ڪٿي مسجدون نظر اچن ٿيون ۽ گذريل ڪيترن سالن کان آمريڪا جو تکي ۾ تکو وڌندڙ مذهب اسلام آهي.

اسان آمريڪا جي حڪومت جي پاليسين کي سٺو يا خراب تہ چئي سگهون ٿا، پر آمريڪا جي عوام ۾ هر ماڻهو جي خلاف گهٽ وڌ نٿا ڳالهائي سگهون. بهرحال اهو سڀ ڪجهہ ان تان ياد آيو تہ ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان ۾ آمريڪا خلاف جلسن جلوسن ۾ آمريڪا جي عوام کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان گڏ اهو پڻ چيو ويو تہ ’آمريڪن جتي ملي ان کي مارڻ کپي‘، اها خبر هتي جي اخبارن ۾ پڙهڻ سان نہ فقط هتي جي ماڻهن کي تعجب لڳو پر ڏک پڻ ٿيو. هڪ آمريڪي گوريءَ اسان جي اديب، مشهور ٽي وي آرٽسٽ ۽ قومي ليڊر ۽ مفڪر ۽ هاڻ آمريڪن سٽيزن، اسانجي سنڌي دوست اقبال ترين کي ان بابت خط لکيو، جيڪو اسان کي سوچ فڪر جي دعوت ڏئي ٿو ۽ آئون سندس اجازت سان هتي ان خط جا ٽڪرا آزاد ترجمي سان ڏيڻ بهتر سمجهان ٿو. اقبال ترين جي هيءَ دوست عورت پيٽر فرارا هتي جي هڪ يونيورسٽي جارج مئسن ۾ قانون جي پروفيسرياڻي آهي. هن خط يا مضمون جو عنوان آهي. . "What is an American" .... آمريڪن ڪير آهي....؟ يا ... آمريڪن ڇا آهي؟

گذريل هفتي مشغول هجڻ ڪري لڳي ٿو توهان کان اها خبر پڙهڻ رهجي وئيآهي، جنهن ۾ آهي تہ پاڪستان جي ڪنهن اخبار ۾ هڪ پاڪستانيءَ اهو اشتهار ڇپرايو آهي تہ جيڪو آمريڪن کي ... ڪنهن بہ آمريڪن کي ماريندو، ان کي انعام ڏنو ويندو.

اهو پڙهي مونکي خيال آيو آهي تہ آئون قاتل جي معلومات لاءِ اهو لکان تہ آمريڪن جي ڪهڙي وصف آهي، جيئن هن کي آمريڪن جي ڳولا وقت آمريڪن جي سڃاڻپ رهي.

آمريڪن انگريزي ڳالهائڻ وارو انگريز آهي .... ۽ پڻ هڪ فرينچ يا اطالوي، يا هسپانوي، جرمن، روسي يا يوناني، آمريڪن آفريڪي شيدي بہ ٿي سگهي ٿو، ننڍي قد وارو چيني بہ ٿي سگهي ٿو، گهنڊيدار وارن وارو پاپا نيوگني جو ماڻهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ عرب، ايراني، ايشيائي، انڊين، ويٽنامي يا پاڪستاني يا افغان بہ ٿي سگهي ٿو.

آمريڪن عيسائي آهي، تہ ساڳي وقت يهودي بہ ٿي سگهي ٿو يا ٻڌ، يا سک يا مسلمان پڻ. سچ تہ هي آهي تہ جيترا گهڻا مسلمان آمريڪا ۾ آهن ايترا تہ افغانستان ۾ بہ نہ آهن. فرق فقط اهو آهي تہ آمريڪا ۾ هر هڪ کي آزادي مليل آهي تہ پنهنجي پنهنجي مذهب مطابق عبادت ڪري، عبادت گهر ٺهرائي ۽ گڏجاڻيون ڪري،

هڪ آمريڪن کي اها بہ آزادي آهي تہ هو ڪو بہ مذهب اختيار نہ ڪري، جنهن جو جوابدار هن کي رب پاڪ وٽ پاڻ ٿيڻو آهي ۽ نہ ملڪ جي حڪومت وٽ يا بارود ۽ بندوقون کڻي هلندڙ ڪنهن دهشتگرد ٽولي وٽ.

هر آمريڪن جو اهڙي ملڪ سان تعلق آهي، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ سڀ کان خوشحال ملڪ آهي ۽ ان خوشحاليءَ جون پاڙون ملڪ جي ”آزادي جي اعلان“ (Declaration of Independence) ۾ مليل سگهن ٿيون، جيڪا رب پاڪ طرفان هر هڪ مرد ۽ عورت کي مليل ان حق کي تسليم ڪري ٿي تہ هو خوشيءَ کي حاصل ڪري.

آمريڪن سخي مرد ٿئي ٿو. آمريڪن ضرورت وقت دنيا جي هر پنهنجي پرائي ملڪ جي مدد ڪئي آهي. اڄ کان ويهہ سالَ اڳ جڏهن روسي افغانستان تي چڙهائي ڪري آيا تہ آمريڪا ئي مڪاني ماڻهن جي هٿيارن پنهوارن ۽ راشن پاڻي سان مدد ڪئي، جيئن هو وري آزادي حاصل ڪري سگهن. 11 سيپٽمبر جي صبح کان وٺي اڄ ڏينهن تائين. جيترو آمريڪا افغانستان جي غريب عوام جي مدد ڪئي آهي ۽ پئسو ڏوڪڙ ڏنو آهي، اوترو ڪنهن بہ ملڪ نہ ڏنو هوندو.

هر آمريڪن آزاد آهي تہ هو پنهنجي حڪومت جي ڪارندن جي غلطين تي تنقيد ڪري ۽ هن کي حق مليل آهي تہ جنهن وقت هن کي وٺي هو ميجارٽي ووٽ سان پنهنجي حڪومت بدلائي سگهي.

آمريڪن دنيا جي هر ملڪ، مذهب ۽ ڪلچر جي ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ ۾ آڌرڀاءُ ڪن ٿا، ڇو جو هنن کي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ نہ آهي. هنن کي اهو ڪو خوف ناهي تہ ڌارين جي اچڻ ڪري سندن مذهب، زبان، ريتن رسمن ۽ اعتقادن کي ڪو ڇيهو رسندو.

آمريڪن نہ رڳو ڌارين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي ويلڪم ڪن ٿا، پر هنن جي سٺين ڳالهين جي تعريف بہ ڪن ٿا. سائنس جون ايجادون، اعليٰ ٽيڪنالاجي، بهترين شيون، بهترين ڪتاب، بهترين ميوزڪ، بهترين ماني ٽڪي، بهترين رانديگرن وغيره کي هو مانُ ڏين ٿا ۽ پنهنجو ڪن ٿا.

آمريڪن نـ فقط بهترين ماڻهن کي دلين ۾ جاءِ ڏين ٿا، پر انهن کي بـ پنهنجو ڪن ٿا، جن وٽ ڪجهہ بـ نـ آهي. آمريڪا جو قومي نشان (آزاديءَ جو مجسمو) توهان جي ٿڪل ۽ غريب ماڻهن، طوفانن جي ستيلن ۽ بي گهر ماڻهن جو آڌر ڀاءُ ٿو ڪري.

دراصل اهي ئي ماڻهو آهن، جن هي ملڪ آمريڪا ٺاهيو. انهن مان ڪيترن ئي يارهين سيپٽمبر جي صبح جو نيويارڪ جي جاڙن (Twin) ٽاور ۾ ڪم پئي ڪيو. هنن پنهنجن ٻچن ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ روزي پئي ڪمائي.

توهان مان ڪو جيڪر ڪنهن آمريڪن کي مارڻ ٿو چاهي تـ بيشڪ پنهنجو شوق پورو ڪري. ڪيترن ئي ائين ڪرڻ ضروري سمجهيو ٿي. انهن مان هڪ هٽلر بـ هو. جنرل توجو ۽ اسٽلن ۽ مائوزي تنگ بـ هو ۽ دنيا جي تاريخ ۾ هر رت جي اڃايل ظالم ائين ڪرڻ چاهيو ٿي.

پر ائين ڪرڻ جي چڪر ۾ توهان پنهنجو پاڻ کي نابود ڪري وهندئو، ڇو تـ آمريڪن دنيا جي ڪنهن خاص خطي جا ڪي خاص ماڻهو نـ آهن. اهي انساني آزادي جي روح جو ڍانچو آهن. هر اهو ماڻهو جنهن جي اندر ۾ان قسم جي آزاديءَ جو روح آهي، اهو آمريڪن آهي، پوءِ اهو ڪٿي ڪٿي بـ هجي.

سو ڪنهن آمريڪن کي ڳولڻ لاءِ ڪا گهٽي جدوجهد جي ضرورت ناهي. اهي توهانجي چوڌاري ئي ملي سگهن ٿا. اهي توهانڪي توهانجي ئي ڌرتي ۽ ديس ۾ ملي سگهن ٿا. ذرا غور سان تـ جانچيو توهان جي پنهنجن دوستن ۽ مائٽن مٽن، مسجدن ۽ ميلن ملاڪڙن ۾ ئي ڪيترا آمريڪن ملي ويندا، جن وٽ آمريڪا جو پاسپورٽ آهي، آمريڪا جي Citizenship آهي يا هنن جي دلين ۾ آمريڪا جهڙي آزاد ملڪ ۾ رهڻ جي خواهش آهي.

# آمريڪا جي ٻن صدرن جون ملندڙ ڳالهيون

ابراهم لنڪن ۽ جان ايف ڪينيڊي آمريڪا جا اُهي صدر ٿي گذريا آهن جن کي عوام بيحد پسند ڪيو ٿي. اتفاق سان ٻئي قتل ٿيا. سندن زندگي ۽ موت ۾ ڪيتريون ڳالهيون ساڳيون ڇيون وڃن ٿيون. جيڪي ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي (جڏهن ڪينيڊيءَ جو قتل ٿيو) اسين مختلف اخبارن رسالن ۾ پڙهندا اچون. نئين ٿَهيءَ جي نوجوانن جي دلچسپي لاءِ هتي انهن مان ڪجهه ڳالهيون لکان ٿو.

- ابراهم لنڪن 1846ع ۾ ڪانگريس لاءِ چونڊيو ويو.
- جان ايف ڪينيڊي 1946ع ۾ ڪانگريس لاءِ چونڊيو ويو.
- ابراهم لنڪن 1860ع ۾ آمريڪا جو صدر ٿيو.
- جان ايف ڪينيڊي 1960ع ۾ آمريڪا جو صدر ٿيو.
- ٻنهي صدرن کي جمعي جي ڏينهن گوليءَ سان قتل ڪيو ويو.
- ٻنهي صدرن کي گولي مٿي ۾ لڳي.
- لنڪن جي سيڪريٽريءَ جو نالو ڪينيڊي هو.
- ٻنهي صدرن کي ڏاکڻي رياست جي ماڻهوءَ ماريو.
- ٻنهي صدرن جي موت بعد جيڪو صدر ٿيو، ان جو واسطو ڏاکڻي رياست سان هو ۽ ٻنهي جو نالو جانسن هو.
- اينڊريو جانسن جيڪو لنڪن جي جاءِ تي صدر ٿيو 1808ع ۾ ڄائو.
- لنڊن جانسن جيڪو ڪينيڊي جي جاءِ تي صدر ٿيو سن 1908ع ۾ ڄائو.
- جان وائيڪس بُوٿ جنهن لنڪن جو قتل ڪيو، ان جي ڄم جو سال 1839ع هو.
- لي هاروي اوسوالڊ جنهن ڪينيڊي جو قتل ڪيو سن 1939ع ۾ ڄائو هو.
- ٻئي قاتل ٻنهنجين ذاتين بدران فقط نالن سان سڃاتا وڃن ٿا.
- ٻنهي قاتلن جي نالن ۾ پندرهن اکر آهن.
- لنڪن جو جنهن ٿيٽر ۾ قتل ٿيو هو، ان جو نالو ”فورڊ“ هو.
- ڪينيڊي جو جنهن ڪار ۾ قتل ٿيو، ان ڪار جو نالو ”لنڪن“ هو، جيڪا ”فورڊ“ ڪمپني جي هُئي.
- ٻنهي صدرن جي قاتلن ”بوٿ“ ۽ ”اوسوالڊ“ کي ڪورٽ ۾ ڪيس هلڻ کان اڳ قتل ڪيو ويو ۽ اصلي قاتلن جو ثبوت نہ ملي سگهيو.
- قتل کان هڪ هفتو اڳ لنڪن ميريلئنڊ جي شهر ’مونرو‘ ۾ هو.
- قتل کان هڪ هفتو اڳ ڪينيڊي فلم ائڪٽريس مارلن ’مونرو‘ سان گڏ هو.
- لنڪن کي ٿيٽر ۾ گولي هڻڻ بعد قاتل هڪ گدام ۾ وڃي لڪيو.

- ڪينيڊيءَ کي هڪ گدام مان گولي هڻي، قاتل پرواري ٿيٽر ۾ وڃي لڪيو.

# ”واسواڻي سينٽر نيو جرسيءَ ۾“

ساڌو واسواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ ڄائو، پوني ۾ سنڌس ديهانت ٿيو. سندس، ۽ سندس نالي پويان قائم ڪيل اسڪول، اسپتالون ۽ ٻيا خيراتي ادارا هند سنڌ کان علاوه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهن، جن جو تفصيلي احوال انڊيا واري سفرنامي ”دهليءَ جو درشن“ ۾ ڪيو اٿم. گذريل ڀن اڍائي مهينن کان هتي آمريڪا (USA) ۾ آهيان. مونکي اها ته خبر هئي ته هتي آمريڪا ۾ ساڌو واسواڻي سينٽر آهي، پر اها ڄاڻ اڳواٽ نه هيم ته آمريڪا جي رياست نيو جرسي جيڪو منهنجي رهائش جو مرڪز آهي، اتي پڻ ساڌو واسواڻي سينٽر آهي ۽ Avenell شهر جتي گهر آهي، اتان فقط پندرهن منٽن جي پنڌ تي آهي. هن سينٽر ۾، هن رياست (نيوجرسي) ۽ اوسي پاسي جي رياستن (مئري لينڊ، پينسلوانيا ۽ نيويارڪ وغيره) جي سنڌين جي هڪ ٻئي سان ملاقات ٿيو وڃي.

نيو جرسي ۾ رهندڙ گهوٽڪي جي انجنيئر رميش ٿارواڻيءَ پڻ ٻڌايو ته هو مهيني ڏيڍ نيو جرسي واري ساڌو واسواڻي سينٽر ۾ چڪر هڻي اتان انڊيا کان آيل ڪيترائي سنڌي رسالا ۽ ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻي ايندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مختلف ملڪن جا عالم ۽ مفڪر انسانيت تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ پڻ هتي اچن ٿا. ساڌو واسواڻي جي مشن ڪي اڳتي هلائيندڙ دادا جشن پڻ هتي ايندو رهي ٿو، جيڪو سنڌ ڇڏڻ بعد سال 2005ع جي شروع وارن مهينن ۾ پهريون دفعو سنڌ آيو هو .... جنهن جا جهيڻي آواز ۾ ليڪچر اڪثر روزانو صبح جو Sony چينل تان اچن ٿا. ويجهڙائيءَ ۾ سندس ڏنل سنڌي ۾ هڪ ليڪچر جون ڪجهه ڳالهيون پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڏيانٿو.

”آئون ته آهيان ان جي هٿن ۾،
پوءِ چنتا ڪهڙي وڃان ڪپن ۾؟“

مان ته آهيان اُن جي هٿن ۾، پوءِ مونکي ڪهڙي چنتا؟ جتي به چون، اسين تيار آهيون. پريو ته هر هنڌ آهي. پوءِ جت به پيارو پريو رکي ، ات چو نه ڊپ بنا، چنتا بنا رهون!

“God is everywhere! Without fear, without anxiety, without any worry, we go where ever we are called.”

”آئون ته آهيان اُنَ جي هٿن ۾،
پوءِ چنتا ڪهڙي جي وڃان ڪپن ۾!“
دين بندو دينا ناٿ،
ميري ڏوري تيري هاٿ!
ڪپن ۾ ڪيئن؟ دادل شاهه ته چيو:

”آئون تہ آهيان ان جي هٿن ۾
پوءِ چنتا ڪهڙي جي رهان ڪکن ۾!“

ڪکن جي معنيٰ غريبي (Poverty) ۾. پل ڪکن جي جهوپڙيءَ ۾ رهان. مونکي چنتا ڪهڙي، چو تہ مان آهيان اُنَ جي هٿن ۾. جنهن حال ۾ مونکي رکي، اهوئي منهنجي لاءِ پلو آهي.

“It is the attitude that matters more than the fact.”

ڪيترا ماڻهو محلات ۾ رهيا پيا آهن، پر دکي، جئن اڄ Royal Princess ڏٺو سين. ڪيترا نہ اُن ۾ چڙهيا هئا، پر ڪيترن جي دل ۾ دک، سک ڪين آهي. ڏسڻ ۾ اچن پيا سُکي، پر افسوس! چت جي شانتي ڪين اٿن، اڄ ڪلهہ جي حياتي بيشڪ تڪي تيز رفتار ۾ پئي هلي، پر افسوس! اندر جو آنند آهي ڪين.

تنهن ڏينهن مونکي هڪ پيٽ گڏي. چيائين، سڀ ڪجهہ اٿم، پر دل جي اندر Satisfaction ڪونهي. مونکي پتي آهي، جو مونکي پيار ڪري. ڪيتروئي چيائين، پر تنهن هوندي بہ satisfaction آهي ڪونہ. مان پيئي سمجهان تہ منهنجي جيون اجائي پيئي وڃي ۽ اها Satisfaction اچي ٿي جڏهن اسين پاڻ کي سمورا ارپڻ ڪريون ٿا.

We surrender ourselves completely

شري ايشيا چيو تہ، ”صبح جو مونکي ڪڇ آهي ڪين، ۽ نہ رات جو مون وٽ ڪڇ آهي، تہ بہ مان سيني ڪان وڌيڪ سکي آهيان، آنند ۾ آهيان!“

Nothing in the morn have I and nothing do I have at night: yet there is none on earth happier than I.

شري ايشيا وڌيڪ چيو تہ، پهريون پريوءَ جو راڄ ڳوليو، باقي سڀ اوهان کي پاڻيهي ملندو.

Seek ye first the kingdom of God and all these things shall be added unto you.

راجا کي ٽي راڻيون هيون. راجا ويو ڏيساورن ۾. سندس متر هئا کي پيا راجائون، انهن سان ملڻ ويو پنهنجا جهازَ ڪٽي ويو. پنج ڇهہ مهينا گشت ڪيائين. ٽنهي راڻين کي چوائي موڪليائين تہ هاڻ مان موٽان ٿو، توهان کي جيڪي جيڪي کپي، سو مونکي لکي موڪليو، تہ مان توهان جي لاءِ هتان وٺي اچان. وڏيَ راڻيءَ وڏي لسٽ لکي. وچينءَ راڻي وچين لسٽ لکي. ننڍيءَ راڻي فقط هڪ ننڍي چٽڪي ڪٽي ان تي One Figure وجهي موڪليا. راجا کي ٽيئي لسٽون پهتيون. پهرين راڻيءَ جي لسٽ پڙهيائين. ماڻهن کي چيائين تہ هڪ هڪ شيءِ تمام سنڀالَ سان ونجو، جي هڪ ئي شيءِ کٽي تہ راڻي پين ڳالهين جو ويچار نہ ڪندي، پر سچو وقت پيئي مونکي ٽنبيندي تہ تو هيءَ شيءِ ڪونہ آندي.

ٻي وچينءَ راڻيءَ جي لسٽ ٿوري ننڍي هُئي. پر وڏيءَ راڻيءَ ڪان اُچيون شيون لکيون هئائين، پر راجا لاءِ ڳالهہ ساڳي. جهڙيون اوچيون تهڙيون ساديون. ماڻهن کي چيائين تہ هن لسٽ جون بہ سڀ شيون سنڀال سان وٺي اچجو. ٽينءَ جو لفافو کوليائين تہ اُت لکيو پيو هو هڪ. هيڏانهن پيو ڏسي، پٺيان پيو نهاري؛ لفافو اندران پيو کولي ڏسي؛ لسٽ ڪٿي آهي؟ هن کي ڪپي چا؟ پوءِ پنهنجي وڏي وزير کي ڪوٺيائين. چيائين؛ ”هن جو دماغ تہ ڪونہ ڦري ويو آهي. مون چيومانس تہ لسٽ لکي موڪل، جيڪي شيون توکي کپن. هن رڳو هيءَ چٺڪي ڏني آهي، جنهن تي رڳو هڪ لکيو پيو آهي.“ تڏهن وڏي وزخير چيس تہ ”راجن! هن جو دماغ ڪينَ ڦري ويو آهي. هن ۾ وڏي معنيٰ اٿئي.“ پڇيائينس، ”ڪهڙي معنيٰ آهي؟“ وزير چيو تہ، هيءَ راڻي چوڻ ٿي چاهي تہ مونکي ڪپي هڪ. مونکي کپين هڪ تون ئي تون!“ ان ڏينهن کان راجا جا پير ئي ٿپي ويا. چيائين، هاٿي ڪيئن بہ موٽان. تڪڙو ئي تڪڙو موٽيو. بندر تي جهاز پهتو. بندر تان وڏيءَ راڻيءَ جي جيڪا لسٽ هئي، سا پرائي ماڻهن کي چيائين تہ وڃي وڏيَ راڻيءَ جي محلات ۾ پهچايو. وچينءَ راڻيءَ جون جيڪي شيون هيون، سي ان کي موڪليائين. هر هڪ راڻيءَ کي پنهنجو محلات ٿيندو آهي. پاڻ چا ڪيائين، جو باقي جيڪي بہ شيون هيون، سي پاڻ سان ڪٺي ننڍيءَ راڻيءَ وٽ آيو. هن ويچاريءَ تہ شيون گهريون ڪونہ، پر تہ بہ ري گهريو هن کي الائي چا چا نہ ملي ويو. سڀ ڪجهہ، جيڪي بہ راجا آندو هو.

هفتو گذريو، بہ هفتا گذريا، ٽي هفتا گذريا؛ هو جيڪي بہ راڻيون، وڏي راڻي ۽ وچين راڻي، راجا کي چوائي موڪليائون تہ راجن! اسان کان جي ڪا ڀُل چُڪَ ٿي هجي تہ بخشيو. توهين اسان وٽ آيا ئي ڪين آهيو. هيڏا گشت ڪري موٽي آيا آهيو، توهان پنهنجو مکڙو ئي اسان کي ڪين ڏيکاريو آهي. هنن کي راجا چوائي موڪليو تہ جيڪي توهان گهريو، سو توهان کي موڪليو اٿم. توهان جيڪا لسٽ موڪلي، سا هڪ هڪ شيءِ خبرداريءَ سان توهان کي موڪلي اٿم. هن راڻيءَ گهريو رڳو هڪ؛ سو مان انڪري هتي ئي ٽڪي پيو آهيان، جنهن کي اهو هڪ کپي، اُنَ کي هڪ سان گڏ بيشڪ سڀ ڪجهہ ملي ٿو، چو تہ سڀ هڪ جوئي آهي.

Seek ye first the Kingdom of God.

اسين ڳوليون ٿا دنيا. هيءَ شيءِ کپي، هوءَ شيءِ کپي، اسان جو ڌيان شين ڏي ٿو وڃي. پريوءَ ڏي ڌيان نٿو وڃي، پر شين جو مالڪ، ڪُل مالڪ آهي تہ پريو! ”پريو! مون کي کپين تون!“

I need Thee, O Lord! I need nothing besides Thee _ neither pleasures nor possessions, nor power: but I need Thee, Beloved!

اِها پڪار جڏهن اچي ٿي اسان جي اندر مان، اڪرن ۾ چوڻ سولو آهي، پر جڏهن اندر مان اچي. پريو تہ انتريامي آهي. اندر ويٺو آهي. ڪيس خبر پوي ٿي، اسان جي پاونا ڪهڙي آهي ۽ جڏهين ڪيس پڪ ٿئي ٿي تہ اسان ڪي ڪپي هڪ پريو تہ هو ڊوڙندو اچي ٿو ۽ اچي اُن پياسيءَ کي ملي ٿو.

God comes and reveals Himself to us.

اُهو پريو، جنهن کي ويد نہ پهچي سگهيا آهن، بي انت! بي انت! اهو بي اَنت پاڻ اچي اُن کي ملي ٿو، جنهن جي دل ۾ گهرج آهي.

Create the need for God.

انڪري، پيارا! اها گهرجَ پيدا ڪريو. جئن اسان کي پاهر جي بي آرامي آهي، تيئن اندر جي بہ هڪ بي آرامي اٿوَ.

The Divine restlessness.

God comes and fills that vacuum. What a wonder state that must be!

پوءِ پيارو پريو اچي اهو اندر جو خال (Vacuum) پري ٿو. اُن وقت اندر جي حالت ڪهڙي نہ عجيب ٿئي ٿي! ان جو ذڪر اڪرن ۾ ڪري سگهجي ڪينَ.

سنت رام ڪرشن کان پڇيائون تہ تون پياس، سڪ، اُڪير، عشق جون ڳالهيون پيو ڪرين. اسانکي پڌاءِ تہ اها پياس اسين ڪيئن پيدا ڪريون؟ چيائين، ”اها پياس توهان پيدا ڪريو، جا پياس موذيءَ کي آهي سون واسطي. The longing of the miser for gold. ڪنجوس اُٺندي وهندي پيو سون جا سپنا لهندو آهي. هن لاءِ سڀ ڪجهہ آهي سون. زال پارن ڏي ڌيان ڪونہ ڏيندو؛ ٻين ڳالهين کي ڌيان ڪونہ ڏيندو، پر هن کي ڪپي سون. Even as the miser longs for gold, even as the lover for his beloved جيئن عاشق پنهنجي معشوق لاءِ سڄو وقت پيو تڙپندو. ويٺو هوندو آفيس ۾، تہ بہ ڌيان سڄو وقت پيو معشوقَ ڏي ويندس. نهاريندو پيو تہ ڪڏهين ٿا پنج لڳن تہ مان واندو ٿي هلي پنهنجي معشوق کي ملان. سنت رام ڪرشن چوي ٿو تہ اهڙي پياس پنهنجي اندر ۾ پريوءِ لاءِ اٿاريو.

ٽن قسمن جي پياس آهي.

(1) Of a miser of gold,

(2) Of a lover for the beloved,

(3) Of the child for its mother whom it has lost somewhere.

پالڪ آهي؛ الائي ڪيئن ماءُ کان جدا ٿي ويو آهي. ميلي تي ويو هو. گهٽو گوڙ هو. ان گوڙ ۾ هو ماءُ کان ڇڃي ڌار ٿي ويو آهي. ويچارو پيو روئي. هن کي آرام ايندو ڪين؛ پيو پڪاريندو؛ ”منهنجي امڙ مونکي ڪپي.“ سنت رام ڪرشن چوي ٿو؛ ”اها پياس توهان وڌايو“.

اسان کي پياس جو آزمودو آهي، پر دنيوي پدارٿن واسطي. ان پياس جو منهن جيڪر اسين ڦيرائي پريوءَ ڏي ڪريون.

هڪ پيٽ مون کي گڏي. چيائين، ڏاڍي پياس اٿم. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي. مون چيو، ”شڪر، هڪ کي تہ پياس آهي.“ پوءِ يڪدم چيائين، ”منهنجي ڏير پنهنجي زال کي وٺي ڏنو آهي هيرن جو هار. مونکي پياس آهي تہ منهنجو گهوٽ بہ مون کي جيڪر اهڙو هار وٺي ڏئي. منهنجا تہ نشا ئي ٽٽي پيا. پياس اچي، پر پياس اچي، پريتم! اڪ تو واسطي! انڪري اسين پريوءَ جي حاضري هر وقت پنهنجي جيون ۾ رکون.

We should practice the presence of God!

دڪان تي، آفيس ۾ ويٺا آهيون؛ دل ۾ چئون؛ پريو! تون آهين!“ هڪڙي ڪرسي پنهنجي پرسان رکي ڇڏيو، ”پريو! هيءَ تنهنجي لاءِ ڪرسي اٿيئي. تون ويٺو هججانءِ.“ مان ڪم ڪريان ٿو؛ وري وري پيو توڏانهن نهاريندس. تون ويٺو هججان. ويٺو هوندو ۽ ائين ڪرڻ سان اندر ۾ هڪ لرزش اُٿي ٿي.

مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. پوءِ صندل تي سمهندو هوس. صندل جي اڳيان هڪ ڪرسي رکي ڇڏيندو هوس. ننڊ ۾ ويندو هوس، پوءِ چوندو هوس؛ ”پريو! مان تہ وڃانءِ ٿو ننڊ ۾؛ تون تہ سمهندو ڪونہ آهين. تون هتي ڪرسيءَ تي ويٺو هججانءِ! ڪنهن وقت بہ مون رات جو پاسو ورايو. مان ڏسندس تہ تون ويٺو آهين!“ اهڙي ماٺهوءَ کي چريو ڪري ڪوٺيندا آهن. پر پيارا! اهڙا چريائي چڙهيا آهن.

But it creates that bhavana in the heart.

پريو تہ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. چوويهہ ئي ڪلاڪ اسان سان آهي. رڳو هن کي سڏڻو آهي. منهنجا پيارا! اها پياس گهري وٺو. گهرندا تہ توهانکي ملندي ضرور ضرور! گُرو جن چون ٿا؛

مانگئہ دان، ٺاڪر نام!

ٺاڪر ڪان، پريوءَ ڪان، منڙي گرديو ڪان، اها سڪ، اها پياس، اها اندر جي اُڪير نام لاءِ گهري وٺو! هر هڪ سٺي شيءِ پريوءَ وٽان بخشيش ٿي اسان کي ملي ٿي. ان ڪري گهرو، گهرو ۽ اوهانکي ملندي ضرور، ضرور!

# ورلڊ ٽريڊ سينٽر جو حادثو

جيئن ويهين صديءَ جو اهم واقعو ٻي جنگ عظيم ڇئي سگهون ٿا، تيئن هن ايڪهين صديءَ جو گهٽ ۾ گهٽ هيسيتائين، اهم واقعو آمريڪا جي ٻن اوچين عمارتن (جيڪي ورلڊ ٽريڊ سينٽر يا Twin Towers جي نالي سان سڏيون ويون ٿي) جو ڊهڻ آهي. هن واقعي جا نہ فقط آمريڪا تي پر سڄي دنيا تي معاشي، نفسياتي ۽ سياسي اثر پئدا ٿيا آهن ۽ ان جي پٺيان افغانستان ۽ عراق جي جنگ ٿي . آمريڪا ۾ ڪيترائي غير قانوني ڌاريان بنا پاسپورٽ جي پئي هليا، ورلي ڪنهن جو ڪو پڇاڻو تي ٿيو، پر هن حادثي بعد آمريڪا ۾ جا وٺ پڪڙ شروع ٿي آهي تہ اڃان پئي هلي. هزارين ماڻهن کي واپس وطن موڪليو ويو آهي، ڪيترن کي جيلن حوالي ڪيو ويو آهي. ڌارين سان گڏ مڪاني ماڻهن تي بہ سختيون ڪيون ويون آهن تہ هو هر مشڪوڪ ماڻهوءَ بابت حڪومت کي آگاهہ ڪن. ڪنهن بہ غير قانوني آيل کي جاب نہ ڏين. ايتري قدر جو گهمڻ لاءِ آيل مسافر کان بہ ڏهہ سوال ڪيا وڃن ٿا ۽ ان ۾ گهڻو نقصان ۽ تڪليف مسلمانن ۽ عربن کي رسي آهي ... جو نيويارڪ جي عمارتن تي حملو ڪرڻ وارا عرب مسلمان ڇيا وڃن ٿا ۽ آمريڪا جي حڪومت ان کي ملڪ تي حملو سمجهي ٿي.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر (WTC) جون هي بہ ڊگهيون عمارتون، جيڪي جاڙا ٽاور (Twin Towers) بہ سڏجن ٿا. نيويارڪ جي مئن هٽن واري علائقي جي هيٺين اڌ ۾ هئا، جيڪو علائقو Financial District سڏجي ٿو. جتي هي 110 ماڙ ٽاور هُئا، اهو پَٽ هاڻ گرائونڊ زيرو (Ground Zero) سڏجي ٿو، جتي اتر کان ڏکڻ ويندڙ رستا: ويسٽ اسٽريٽ، گرين وچ اسٽريٽ، ويسٽ براڊ وي ۽ چرچ اسٽريٽ اچيو لڳن ۽ اولهہ اوڀر ۾ Vesey اسٽريٽ، فلٽن اسٽريٽ ۽ لبرٽي اسٽريٽ آهي.

هونءَ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ ڪل ست عمارتون هيون، جن ۾ هي بہ ٽاور اوچيون عمارتون هيون. هر هڪ ٽاور 110 ماڙ هو. اتر پاسي وارو ٽاور جنهن جي مٿان ڪئين ڳريون انٽيناڻون لڳل هيون 1368 فٽ (يعني 417 ميٽر) هو ۽ ڏاکڻو ٽاور جنهن تي نظاري لاءِ بالڪني هئي 1362 فٽ (يعني 415 ميٽر) اتاهون هو. ٽاورن جي ڊيگهہ ۽ ويڪر 208 فٽ باءِ 208 هئي. 1973ع ڌاري جڏهن هي ٻئي ٽاور ٺهي راس ٿيا، تہ هن ڌرتيءَ تي اهي ٻئي ڊگهي ۾ ڊگهيون عمارتون هيون ... اهي نيويارڪ جي ٻي وڏي عمارت ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ کان هڪ سؤ فٽ (يعني ٽيهہ ميٽر) اتاهيون هيون. هاڻ هنن ٽاورن جي ڪرڻ ڪري Empire State Building جيڪا 1973ع تائين نيويارڪ جي اتاهين بلڊنگ هئي، هڪ دفعو وري اتاهين بلڊنگ سڏجي ٿي. شڪاگو جي Sears بلڊنگ ۽ ملائيشيا جي پيٽروناس جا ٽاور ٺهڻ کان

اڳ نيويارڪ جي هيءَ عمارت (ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ) دنيا جي اتاهين بلڊنگ هئي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ٽورسٽ ايندا هئا. 1969ع ۾ مونکي بہ پهرين فرصت ۾ منهنجو پيٽارو جو دوست نور احمد نظاماڻي هيءَ عمارت ڏيکارڻ وٺي هليو هو، جنهن جي چوٽيءَ تي ويٺل فوٽوگرافر کي ٽي ڊالر ڏيئي فوٽو ڪڍرايو هئوسين، جيڪو اڄ ڏينهن تائين سانديي رکيو اٿم.

هونءَ ورلڊ ٽريڊ سينٽر جا هي ٻي جاڙا ٽاور دنيا جي اتاهين بلڊنگ جو لقب فقط مختصر ٽائيم لاءِ ماڻي سگهيا هئا. 1973ع ۾ جيئن ئي هي ٺهي راس ٿيا ۽ افتتاح ٿيو تہ شڪاگو جي Sears Towers تي ڪم شروع ٿي ويو، جيڪا پوءِ دنيا جي اتاهين عمارت مڃي وَئي ۽ ان جي اوچائي 1450 فوٽ يعني 442 ميٽر آهي.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي هنن Twin Towers جي ڊيزائين جپان جي آرڪيٽيڪٽ انجنيئر منورو ياماساڪي ٺاهي. هيڏي وڏي عمارت ڪري جتي نيويارڪ وارن ۽ عام طرح سڀني آمريڪن کي خوشي ٿي، اتي ڪيترن سياڻن اهڙي شوبازي ۽ وڏي خرچ تي تنقيدَ بہ ڪئي. انهن مان هڪ ليوس ممفورڊ بہ آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب "The Pentagon of Power" ۾ هن عمارت بابت هڪ جملو واهہ جو لکيو آهي:

"WTC is an example of the purposeless gigantism and technological exhibitionism that are now eviscerating the living tissue of every great city."

خرچ ۽ انجنيئري غلطين جي باوجود هنن ٽاورن جو پنهنجو شان هو ۽ نيويارڪ شهر جي نشاني سمجهيا ويا ٿي. هنن عمارتن ۾ پنج سؤ کان مٿي ڪمپنين جون آفيسون هيون، جن ۾ اڌ لک کن ماڻهو ڪم ڪيو ٿي ۽ ان کان علاوه روزانو ٻہ لک کن ماڻهو ڪم ڪارين يا عمارتن کي ڏسڻ لاءِ آيا ٿي. ڏاکڻي ٽاور جي چوٽيءَ تي ٺهيل آبزرويشن ڊيسڪ (جنهن تان سڄي نيويارڪ جو نظارو ٿيو ٿي) ۽ اتراهين ٽاور جي چوٽيءَ تي گول ڦرندڙ هوٽل Windows on the World restaurant ڪيترن سياحن ۽ هن شهر (نيويارڪ) جي رهاڪن لاءِ ڪشش جو باعث هئا. پر هاڻ هنن ٻن ٽاورن جي ڪِرڻ ڪري، اهي وندر ۽ سونهن جون شيون تہ هليون ويون، پر ورلڊ ٽريڊ سينٽر جون باقي پنج عمارتون بہ تباهہ ٿي ويون. ٻن ٽاورن جي ڦهڪو ڪرڻ تي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جون باقي پيون عمارتون بہ ڪري پيون يا ايڏو تہ تباهہ ٿيون جو سڀني کي ڊاهي ترپٽ ڪيو ويو آهي. انهن ستن عمارتن ۾ هڪ پاويهہ ماڙ مئرٽ هوٽل بہ هئي، جنهن جو پهريون نالو Vista Hotel هو. هڪ بلڊنگ آمريڪا جي ڪسٽم کاتي جي پڻ هئي ۽ هڪ آفيسن جي عمارت جيڪا WTC7 سڏبي هئي، اها 46 ماڙ هئي ۽ جاڙا ٽاور (Twin Towers) ان مٿان ڪريا تہ اها بہ اڃي پٽ تي پيئي. اها بلڊنگ ٽاورن کان گهٽو پوءِ 1987ع ۾ ٺهي هئي، جنهن جي بيسمينٽ (ٻُهري) ۾ زبردست قسم جو شاپنگ مال هو ۽ سب وي گاڏين جي اسٽيشن پڻ جتان ريل گاڏيون نيويارڪ ۽ نيوجرسي جي مختلف اسٽيشنن ڏي روانيون ٿيون ٿي.

ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي هيٺان سون رکڻ جي هڪ ڊپازٽري پڻ هئي، جنهن ۾ آمريڪا جي مختلف بئنڪن جون سون رکيل هو. ياد رهي تہ 1993ع ۾ پڻ هنن عمارتن تي حملو ڪيو ويو هو، بلڪ هن سون جي اسٽرانگ روم پرسان بم هنيو ويو هو، پر هيءَ سون جي Depository توڙي جاڙا ٽاور وڏي نقصان کان بچي ويا هئا.

هن عمارت تي 1993ع واري حملي بابت چيو وڃي ٿو تہ اهو رمزي يوسف نالي هڪ عرب ڏيڍ هزار پائونڊ طاقتور بم سان ڪيو هو، جنهن ڪري ڇئن ماڙين تائين هڪ سؤ فٽن جو سوراخ ٿي پيو هو. هن ۾ ڇهہ ماڻهو مارجي ويا هئا ۽ هڪ هزار کن ڦٽجي پيا هئا. 1997 ۽ 1998ع ۾ هن حملي جي ڇهن دهشتگردن جو اهو پلان هو تہ هڪ ٽاور کي نقصان رسائي ڪيرايو وڃي، جيئن اهو ٻئي تہ ڪرڻ سان ٻئي کي بہ ڊاهي رکي ۽ اهڙي طرح نيويارڪ جي هنن ٻن عمارتن کي نابود ڪيو وڃي. هن واقعي بعد عمارت ۾ ايندڙ ويندڙ تي سخت نظر رکي وئي، جيڪي ٽوئرسٽ آبزرويشن ڊيڪ تي نظاري لاءِ پهتا ٿي، انهن جي بہ سخت چڪاس ڪري، پوءِ گروپ جي صورت ۾ لفٽ ذريعي سڌو 107 ماڙ تي وٺي وڃڻو پيو ٿي، جتي هنن نيويارڪ شهر جو نظارو ڪيو ٿي.

يارهين سيپٽمبر 2001ع واري حملي ۾، هي عمارتون باهہ جي گرمائش ۽ ڌماڪن ڪري مڪمل طور تباهہ ٿي ويون. هي واقعو اڱاري ڏينهن صبح جي پهر يارهين سيپٽمبر 2001 تي ٿيو. سال جي نائين مهيني ۽ يارهين تاريخ ڪري هي واقعو ”نائن اليون“ يا ”سيپٽمبر اليون“ پڻ سڏيو وڃي ٿو. آمريڪا ۾ مهينو پهرين ۽ تاريخ پوءِ لکي وڃي ٿي. اهڙي طرح يارهين مارچ 2004ع تي مئڊرڊ وارو حملو ”ٽري اليون“ يا ”ايم اليون“ سڏيو وڃي ٿو. هن سال (2005ع) ستين جولاءِ تي لنڊن ۾ جيڪا بمباري ٿي، اها تاريخ جي مناسبت سان ”سيون سيون“ سڏي ٿي وڃي.

آمريڪا جي ”نائن اليون“ واري واقعي ۾ هڪ ئي وقت اوڻهين هاءِ جيڪرن حصو ورتو، جن آمريڪن جي چئن ڊوميسٽڪ ڪمرشل هوائي جهازن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي، انهن کي راڪيٽ طور استعمال ڪري، آمريڪا جي مشهور عمارتن تي آپگهاتي حملا ڪيا. هاءِ جئڪرن هڪ تہ ورلڊ ٽريڊ WTC جي ستن بلڊنگن مان ٻن اتاهين عمارتن تي حملو ڪيو، جيڪي WTC-1 ۽ WTC-2 جاڙا ٽاور (Twin Towers) پڻ سڏجن ٿا ۽ هر هڪ 110 ماڙ هو. پهريون جهاز هڪ ٽاور ۾ لڳڻ بعد ٻيو جهاز پورن 18 منٽن بعد ٻي بلڊنگ سان ٽڪرائي اندر هليو ويو. جهازن جي رفتار ۽ تيل سان ڀريل ٽئنڪن ۾ زبردست ڌماڪو ٿيو ۽ باهہ جي تپش ۽ Explosion ڪري اهي ٻئي 110 ماڙ ٽاور WTC -1 ۽ WTC-2 ٻن ڪلاڪن اندر اچي پٽ تي پيا ۽ انهن سان گڏ پرواري عمارت WTC-7 جيڪا 46 ماڙ هئي، جنهن جي بيس مينٽ ۾ شاپنگ مال، سب وي ريلوي اسٽيشنون ۽ مٿي سرڪاري ۽ غير سرڪاري آفيسون هيون، ان پڻ هنن ٻن ٽاورن سان گڏ پٽ تي اچي ڦهڪو ڪيو. هيڏين وڏين عمارتن جي ڪرڻ ڪري

WTC -3 عمارت جيڪا پاويهه ماڙ مئرٽ هوٽل هئي، اها بہ چيپاٽجي ختم ٿي وئي ۽ باقي ٿي هيٺاهين ليول واريون عمارتون WTC-4، WTC-5 ۽ WTC-6 بہ ڌماڪي ۽ گرمائش ڪري اهڙي تہ حال کي پهچي ويون، جو انهن جي مرمت ڪرائڻ ناممڪن ڳالهہ ٿي پئي. يعني ورلڊ ٽريڊ سينٽر جون ست ئي بلڊنگون ختم ٿي ويون.

هاءِ جئڪرن ٽيون هوائي جهاز واشنگٽن جي پرسان ارلنگٽن ڪائونٽي (ورجينيا) جي عمارت پينٽاگون سان ٽڪرايو. پينٽاگون عمارت آمريڪا جي ڊفينس ڊپارٽمينٽ جو هيڊ ڪوارٽر آهي. چوٿون جهاز لڳي ٿو تہ هاءِ جيڪرن ”وائيٽ هائوس“ يا ڪنهن ٻي اهم عمارت سان ٽڪرائڻ چاهيو ٿي، پر مسافرن ۽ جهاز جي عملي جي مقابلي ڪري اهو پينسلوانيا رياست جي سمر سيٽ ڪائونٽي واري ڀراڙيءَ ۾ Crash ٿي ويو. هنن حملن ۾ مالي نقصان کان علاوه سرڪاري انگ اکرن موجب 2986 ماڻهو مري ويا، جن ۾ جهازن جو عملو ۽ 19 هاءِ جئڪر بہ اچي وڃن ٿا.

هن حادثي لاءِ ويٺل ڪميشن موجب انهن 19 هاءِ جئڪرن مان پندرهن سعودي عرب جا ۽ گلف جا، هڪ لبناني ۽ هڪ مصري هو. هنن سڀني جو واسطو ”القاعده“ جماعت سان هو، جنهن جو ليڊر سعودي عرب جو باشندو اوساما بن لادن چيو وڃي ٿو. 16 سيپٽمبر 2001 تي اوساما قطر جي ٽي وي چينل ”الجزيزه“ تان جيڪا تقرير براڊ ڪاسٽ ڪئي، ان ۾ هن ان واقعي ۾ ڪو بہ سندس هٿ هجڻ کان انڪار ڪيو، پر پوءِ آمريڪا جي صدر جي چونڊن کان ڪجهہ مهينا اڳ اوساما کلئي عام اعلان ڪيو تہ انهن حملن ۾ هن جو ئي هٿ هو. تيسيتائين آمريڪا جي جاچ واري ڪاتي خالد شيخ محمد نالي هڪ عرب کي بہ جهلي ورتو، جنهن ذريعي اوساما ان حملي جو بندوبست ڪرايو هو.

چئن جهازن ۾ سوار 265 ماڻهن مان ڪو هڪ بہ نہ بچي سگهيو. ظاهر آهي هيڏي وڏي ڌماڪي ۾ جنهن ۾ جهاز جي ٽانڪيءَ ۾ موجود هڪ لک لٽرن جي لڳ ڀڳ آڪٽين (پيٽرول) کي ڌماڪي سان باهہ لڳي وڃي، ڪير ٿو بچي سگهي. نہ فقط عمارتن ۾ موجود ماڻهو باهہ ۽ ان جي تپش ڪري ۽ عمارتن جي ڪرڻ ڪري چيپاٽجي مري ويا، پر ڪيترائي باهہ وسائڻ وارا ۽ پوليس وارا دونهين ۽ زهريلي گئس ڪري بيهوش ٿي مري ويا. ڪيترن ماڻهن عمارتن جي لفٽ نہ هلڻ ڪري، اونداهہ ۽ دونهين ڪري، اندران هيٺ لهي اچڻ بدران مٿان درن مان پٽ تي يا پرواري عمارتن تي بچاءَ لاءِ ٽپ ڏنا، پر ورلي ڪو بچي سگهيو. سخت دونهين ڪري هيلي ڪاپٽر بہ ڪنهن جي مدد ڪري نہ سگهيا. هڪ هزار کان مٿي ماڻهن جي سڃاڻپ نہ ٿي سگهي. سڙڻ ڪري هنن جو جسم ڪوئلو ٿي ويو هو يا هنن جي جسمن جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا هئا. چون ٿا تہ ڏهہ هزار کن انساني عضون جا ٽڪرا چوڌاري پکڙيل هئا.

عمارتن هيٺ دٻيل لاشن کي ڪڍڻ ۾ مهينا لڳي ويا. مڪمل طرح فقط باهه وسائڻ ۾ هفتا لڳي ويا. سيپٽمبر 2001ع کان وٺي عمارتن جو ملبو ڪڍڻ شروع ڪيو ويو، ته اٺن مهينن بعد مئي 2002ع ۾ وڃي صفائي مڪمل ٿي. هزارين ٽن پارو (mercury)، شيهو (Lead) ۽ Asbestos جهڙا زهريلا مادا سڙڻ ڪري نيويارڪ جي آبهوا ۾ ڪي مهينا سخت آلودگي رهي. هن ڪم ۾ مدد ڪرڻ واري پوليس ۽ رضاڪارن مان ڪيترا مري ويا، ته ڪيترا سخت بيمار ٿي پيا.

هن حملي ڪري نيويارڪ اسٽاڪ ايڪسچينج (NYSE)، آمريڪن اسٽاڪ ايڪسچينج ۽ NASDAQ هفتو کن بند رهي. ڪيترن ڏينهن تائين آمريڪا جي جهازن اڏامڻ ڇڏي ڏنو، ان بعد مهينن تائين تمام گهٽ مسافر هوائي جهاز ذريعي سفر ڪرڻ لڳا. آمريڪا جي ڪيترن شهرن جون وڏيون عمارتون، ڪيترن ڏينهن تائين خالي رهڻ لڳيون، ته متان وري ڪو ٻيو حملو ٿئي.

# ڪجهه دلچسپ ۽ تاريخي ڳالهيون

- نيويارڪ آمريڪا جي رياست جو به نالو آهي، ته ان رياست جي هڪ وڏي شهر جو به. جيئن خيرپور رياست ۾ خيرپور جو شهر به اچي وڃي ٿو يا نوابشاهه ضلعي جو نوابشاهه شهر به آهي. نيويارڪ شهر آدمشماري جي خيال کان آمريڪا جو سڀ کان وڏو شهر آهي، جنهن ۾ نوي لک ماڻهو رهن ٿا. نيويارڪ بعد لاس اينجلس (ڪئليفورنيا) جي شهر جي آدمشماري گهٽ آهي، پر گهٽ هوندي به نيويارڪ شهر جي اڌ جيتري مس آهي. نيويارڪ رياست جو ٻيو نمبر شهر بفئلو (Buffalo) آهي، جنهن جي آدمشماري کان نيويارڪ شهر جي 27 دفعا گهٽ آهي.
- نيويارڪ شهر جا ڪٽي ڇئجي ته پنج حصا آهن: بروڪلن، ڪُئنس، مئن هٽن، برانڪس ۽ اسٽيٽن ٻيٽ جيڪي هتي "باور" (Borough) سڏجن ٿا. جيئن ڪٽي ڇئجي ته ڪراچي جا پنج ضلعا آهن: ڪراچي ايسٽ، ڪراچي سائوٿ، ملير، ڪراچي ويسٽ، ڪراچي سينٽرل وغيره. نيويارڪ شهر جا اهي پنج ئي حصا جي ڌار ڌار شهر ڪيا وڃن ته آدشماري جي حساب سان ٽيون، چوٿون، ڇهون، نائون ۽ ٻائيتاليهون نمبر ٿيندا. جيئن ڪراچي شهر فقط ڪراچي ايسٽ ضلعي جي آدمشماري سکر، حيدرآباد ۽ اسلام آباد جهڙن شهرن کان گهٽ آهي.
- ٽي حصي کان مٿي آمريڪا جا ائڪٽر نيويارڪ ۾ رهن ٿا.
- نيويارڪ جو سينٽرل پارڪ دنيا جي ٻئي نمبر ننڍي ملڪ موناڪو کان ٻيڻو آهي. سينٽرل پارڪ 59 گهٽيءَ کان وٺي 110 گهٽيءَ تائين آهي ۽ ففٿ ايوينيو کان سينٽرل پارڪ ويسٽ ايوينيو جي وچ ۾ آهي.
- نيويارڪ شهر جا ڏهه سسٽر شهر (Sister Cities) آهن سڀ کان پهرين 1960ع ۾ ٽوڪيو ۽ نيويارڪ سسٽر شهر ٿيا، ان بعد 1980ع ۾ چين جو شهر بيجنگ، ان بعد مئڊرڊ (اسپين)، قاهره، سئنٽو ڊومينگو، روم، بڊاپيسٽ، يروشلم، لنڊن ۽ هاڻ 2003ع ۾ سائوٿ آمريڪا جو شهر جهانسبرگ ٿيو آهي.
- نائن اليون واري واقعي بعد پوليس ۽ انتظاميه جي سختيءَ ڪري نيويارڪ جي ڏوهن ۾ 14 سيڪڙو گهٽتائي اچي وئي آهي. ان حساب سان آمريڪا جي پنجويهن وڏن شهرن ۾ نيويارڪ شهر سڀ کان وڌيڪ Safe (سلامت) آهي.
- آمريڪا جي جنهن شهر ۾ وڃ ته هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجي گاڏي آهي. هن ڪي آفيس وڃڻو هجي توڙي مارڪيٽ ۾، هو پنهنجي ڪار ڪڍي ٿو. انگلنڊ، جپان، سنگاپور، سئيڊن يا

ٻين ملڪن وانگر ماڻهو پنڌ، سائيڪلن تي يا بس ۽ سب وي ريل گاڏين ۾ ڪو ورلي نظر اچن ٿا. ڪنهن ڪان ڪٽي پڇ تہ چوندو، هتي بس سروس آهي ئي ڪٿي ۽ ڪنهن بزنيس مئن کي بس سروس شروع ڪرڻ جي صلاح ڏي تہ هو يڪدم وراڻيندو: ”هر ڪو پنهنجي ڪار ۾ ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي، بس ۾ چڙهندو ڪير؟“ مطلب تہ آمريڪا جي شهرن ۾ ”ڪار ۾ سفر ڪرڻ جو ڪلچر“ وڌيڪ حاوي آهي. پر نيويارڪ هڪ اهڙو شهر آهي، جتي ”Pedestrian Culture“ آهي ... جتي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ پنجن ماڻهن مان چار ماڻهو بس يا سب وي ريل گاڏين ۾ سفر ڪن ٿا. شايد هڪڙو اهو سبب بہ آهي جو اسان جهڙن ٽوئرسٽن لاءِ نيويارڪ جو شهر آمريڪا جي ٻين شهرن کان بهتر آهي، جتي پنهنجي ڪار نہ هوندي بہ گهمندا رهون ٿا ۽ ڪجهہ سينٽ ڏئي بس يا سب وي ريل گاڏيءَ ذريعي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ کان وڃو نڪرون. نہ ڪار پارڪنگ ڳولڻ جو فڪر، نہ پيٽرول پرائڻ جو خرچ. نيويارڪ ۾ اسان جهڙو غريب غربو ايشيائي ۽ آفريڪي تہ ڇا، ڪيترائي مڊل ڪلاس پروفيشنل بہ بس يا سب وي ذريعي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ايندا ويندا رهن ٿا. ويندي شهر جو ارب پتي ميئر مائيڪل بلوم برگ بہ سب وي ريل رستي روزانو صبح جو سٽي هال وڃي ٿو.

- نيويارڪ ۾ ٽوئرسٽن لاءِ بس ۽ سب وي گاڏين ۾ سفر ڪرڻ جي سهوليت کان علاوه، گهمڻ ڦرڻ لاءِ بہ سڀ کان گهٽيون جايون آهن. ڪيسي ۾ پئسو نہ هجي، تہ بہ شهر ۾ گهمڻ لاءِ ڪوڙ پارڪ ۽ سامونڊي ڪنارا. ٻيو نہ تہ ٽائيمس اسڪائر يا فارٽي سيڪنڊ اسٽريٽ ۾ ٻيهي مختلف رنگن ۽ ويس وڳن ۾ ڀانت ڀانت جا ماڻهو ۽ انهن جون عجيب حرڪتون ۽ نمونا ڏسندا رهو. واشنگٽن وانگر ڪيترائي ميوزيم مفت ۾ ڏسڻ جا آهن. ڪو ڪجهہ خرچ ڪرڻ چاهي ٿو تہ فيريءَ جو چڪر هڻي. ايلس Ellis ٻيٽ تي هليو وڃي، آزاديءَ جو مجسمو ڏسڻ هليو وڃي، UNO جي بلڊنگ ۽ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ڏي هليو وڃي. ان کان علاوه ريڊيو سٽي هال، وال اسٽريٽ، سينٽ پئٽرڪ ڪئٿيڊرل، بروڪلن برج يا ففٿ ايوينيو جي چڪر تي هليو وڃي.

## نيويارڪ ۽ مئن هٽن جي ڄهمپالاهيري

- ڪيترا ماڻهو نيويارڪ فقط مئن هٽن کي سمجهن ٿا، پر نيويارڪ جا ٻيا بہ تہ چار حصا (Boroughs) آهن، جن ۾ مئن هٽن جهڙيون ڪٽي اوچيون عمارتون نہ آهن، پر ٻيون تہ ڪيتريون ئي پُرڪشش شيون آهن. بروڪلن جو پراڻو ڪوني ٻيٽ ۽ انجا سامونڊي ڪنارا، اموزمينٽ پارڪ وغيره. برانڪس جو دنيا ۾ مشهور برانڪس زو ۽ مختلف قومن: ڪورين، هسپانوي، عربن جا علائقا ڏسڻ وٽان آهن.

- نيويارڪ ۾ ڪيترن ئي فلمي ۽ ٽي وي اداڪارن کان علاوه اديب ۽ شاعر پڻ رهن ٿا. فلمي اداڪارن ۽ ميوزڪ وارن سان منهنجي ايڏي دلچسپي ناهي، پر هي اهو شهر آهي، جتي اچ کان 33 سال اڳ جڏهن هتي منهنجي ٽي چار سال لڳاتار اچ وڃ ٿيندي رهي ٿي تہ سئم ليونسن يهودي ليکڪ سان مئن هٽن ۾ ملاقات ٿي هئي، جنهن جو هڪ مزاحيہ مضمون جو ترجمو "سي ئي سندر ڏينهن......" ڪيو هوم ۽ ."خدا ڏي خط" ڪتاب ۾ ڇپيو هو. اهڙي طرح اچ جي مشهور آمريڪن ليکڪا ايريڪا جونگ سان ملاقات ٿي هئي جنهن اجان پهريون ڪتاب "فيئر آف فلائنگ" پئي لکيو، جنهن جو پڻ مون هڪ چئپٽر ترجمو ڪيو هو ۽ منهنجي ڪنهن ڪتاب۾ اچي چڪو آهي.
- وي ايس نائپال سان پهرين (1969ع) ڏاري سندس ڳوٺ ٽرنيڊاڊ ۾ (ويسٽ انڊيز) ٿي ملاقات ٿي هئي، ان بعد 1972ع ۾ نيويارڪ ۾ ٿي. هن دفعي هڪ ٻي انڊين نسل جي رائيٽر جهمپا لاهيري سان برادوي تي ملاقات ٿي. ٻڌو اٿم تہ انگريزي ادب جا مشهور ليکڪ، سوسان سنتاگ، جوناٿن فرانزين، ڊون ڊيليلو، ٿامس پنچان، سفران فوئر پڻ هتي ئي رهن ٿا.
- ڪجهہ سٽون جهمپا لاهيري (Jhumpa Lahiri) بابت: جهمپا لاهيري بابت پنهنجي انڊيا جي سفرنامي "دهلي جو درشن " ۾ بہ لکي چڪو آهيان. جهمپا بنگالي والدين کي 1967ع ۾ لنڊن ۾ ڄائي. جهمپا جو پيءُ اتي لئبريرن ۽ ٽيچر هو. جهمپا جي ڄمڻ کان ڪجهہ سال پوءِ هو آمريڪا جي ننڍڙي رياست رهوڊي آئلنڊ تي لڏي آيا. Rhode آئلنڊ رياست آمريڪا جي اوپر ۾ ڪنيڪٽيڪٽ ۽ مساچو سيٽ رياستن پرسان آهي. جهمپا جو بلوغت وارو زمانو اتي ئي گذريو ۽ بارنارڊ ڪاليج مان "انگريزي" ۾ B.A ڪيائين. ان بعد بوسٽن يونيورسٽي مان انگريزي لٽريچر ۾ M.A ڪيائين ۽ Renaissance ۾ ڊاڪٽوريٽ (Ph.D) ڪيائين. پاڻ ڪجهہ وقت بوسٽن يونيورسٽي ۽ رهوڊي آئلنڊ اسڪول آف ڊيزائين ۾ ماسٽري پڻ ڪيائين.

جهمپا لاهيري اڄ ڪلهہ نيويارڪ ۾ پنهنجي مڙس البرٽو ۽ پٽ اوڪتاويو سان گڏ رهي ٿي. البرٽو جو اصل ملڪ گئاٽمالا آهي، پر هاڻ هو جهمپا وانگر آمريڪن سٽيزن آهي. جهمپا جا مون گهٽو اڳ آمريڪا جي رسالي The New Yorker ۾ ڪجهہ مضمونَ پڙهيا هئا، جن جا عنوان هُئا، "The Third & Final continent"، سيڪسي ۽ The Temporary Power، ان بعد سندس پهرين ڪتاب Interpreter of Maladies جيڪو 1999ع ۾ ڇپيو هو. ان ڪتاب وڏي ڌوم مچائي ۽ ان تي ڪيس سن 2000ع ۾ پلٽزر انعام سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي ايوارڊ مليا ۽ راتورات سڄي دنيا ۾ مشهور ٿي وَئي.

جهمپا جو واسطو انڊيا، انگلينڊ ۽ آمريڪا ٽن ملڪن سان آهي، پر هوءَ پاڻ کي ٻي گهر سمجهي ٿي. "منهنجي ڪا بہ جنم ڀومي ناهي، انڊيا منهنجي والدين جو ملڪ آهي. آئون

انڊيا ۾ نہ چايس ۽ نہ ئي پليس نپنيس، ان ڪري منهنجي ڪهاڻين ۾ انهن ماڻهن جون ڳالهيون آهن، جيڪي ملڪ بدر زندگي گذارين ٿا.“

مٿئين ڪتابَ کان علاوه سندس ٻيا بہ ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، جن مان هڪ India Holy Song آهي ۽ ٻيو جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ ڇپيو آهي، ان جو نالو The Namesake آهي، جيڪو هڪ ناول آهي. هن ۾ ڪلڪتي بنگال کان لڏي ڪئمبرج (مساچوسيٽ) آيل هڪ نئين جوڙي جي شنوائين بابت آهي. هن ڪتاب تي اڄ ڪلهہ فلم ٺهي رهي آهي، جنهن جي ڊائريڪٽر ميرا نير آهي ۽ ان جي اسڪرين پلي سوني تاراپوروالا ناهي آهي. هن فلم ۾ تبو، عرفان خان ۽ ڪال پين (Kal Penn) ڪم ڪري رهيا آهن. جهمپا لاهيري اڄ ڪلهہ هڪ نئين ناول تي پڻ ڪم ڪري رهي آهي.

## وڊياڌر سورج پرساد نائيپال (V.S. Naipaul)

- هتي هڪ ٻئي انگريزي اديب نائيپال (سڄو نالو وڊياڌر سورج پرساد نائيپال ۽ پيءُ جو نالو سيپرساد نائيپال) بابت بہ چار سٽون لکڻ بي محل نہ ٿيندو، جنهن جا وڏا انڊيا کان ويسٽ انڊيز ٻيٽ ٽرنيڊاڊ تي اچي Settle ٿيا هئا. وڊياڌر جيڪو ادبي نالي V.S. Naipaul سان سڏجي ٿو، تنهن جا مضمون ۽ ڪتاب وڏي عرصي کان شوق سان پڙهندو اچان، جيتوڻيڪ انهن ڪتابن ۾ هن جا مذهب بابت ڇيندڙ، رُڪا ۽ ”ضروري نہ هجي تہ صحيح هجن“ رمارڪ، ڪيترن جي دل آزاري بہ ڪن ٿا ... خاص ڪري 1981ع ۾ سندس ڇپيل ڪتاب Among the believers – An Islamic Journey ۾ هن تي مسلمانن طرفان اهي الزام آهن تہ هن اسلام جو بغض ۽ ڪيني سان Selective مٿاڇرو جائزو ورتو آهي.

1968ع کان 1972ع جي وچ ۾ آمريڪا جي بندرگاهن ۾ جهاز هلائڻ دوران اسان کي هر هر ڪيوبا ۽ ويسٽ انڊيز جي هنن ٻيٽن ٽرنيڊاڊ ۽ ٽباگو ۽ پرواري ٻيٽ برمودا تي وڃڻو پيو ٿي. ٽرنيڊاڊ جي بندرگاهن جو نالو پورٽ آف اسپين آهي، جتي نائيپال ۽ سندس فئملي رهي ٿي. انهن ڏينهن ۾ هڪ تہ پاڻيءَ جا جهاز مختلف بندرگاهن ۾ ڪلاڪن جي حساب سان نہ، پر ڏينهن جي حسابَ سان بلڪ هفتن جي حسابَ سان بيهندا هُئا ۽ ٻيو تہ جتي ڪٿي آدمشماري بہ گهٽ هئي ۽ ان ۾ اسان جهڙا ايشيائي اچان بہ گهٽ هئا. ان ڪري هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان وڏي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريندا هئاسين ۽ خبرون چارون لهندا هُئاسين. شايد قرب، محبتون ۽ انسانيت جا قدر بہ گهٽا هئا. منهنجي پهرين نائيپال جي ننڍي ڀاءُ شيوا نائيپال سان گس پنڌ تي ملاقات ٿي ۽ ان بعد ٻين سندس مٿن مائٽن سان. شيوا عمر ۾ بلڪل مون جيڏو هو ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ وانگر لکڻ پڙهڻ جو شوق هوس، پر هي ڀائر اجاڻ ايڏو مشهور نہ ٿيا هئا. شيوا جو هڪ ڪتاب Fire Flies انهن ڏينهن ۾ ڇپجي رهيو هو جنهن تي بعد ۾ هن کي ايوارڊ بہ مليا. انهن ڏينهن ۾ وڊياڌر جا ڪافي ڪتاب ڇپجي چڪا هئا، جن

مان ”مگيول اسٽريٽ - هائوس آف مسٽر بسواس“ ۽ شايد ”ڏي ممڪ مئن“ يا “A Flag on the Island” اسان جهاز تي بہ ڪٺي آيا هئاسين، پر وڊياڌر نائيپال جا ڪتاب مون بعد ۾ پڙهڻ شروع ڪيا، جڏهن سندس ”امنگ دي بليي ورس“ ڪتاب پاڪستان جي مارڪيٽ ۾ آيو، جنهن تي ڪوثر نيازي صاحب جنگ ۾ تبصرو لکيو. هن ۾ نائيپال سکر پاسي جي هڪ سنڌي وڏيري جو بہ حوالو ڏنو آهي تہ هو هر سال فصل لهڻ تي هفتو هوٽل ڪانٽينينٽل جي هڪ خاص ڪمري ۾ اچي رهندو هو، جتان هيٺ سئمنگ پول ۾ وهنجندڙ عورتن کي ڏسي اکيون ٺاريندو هو...“

شيوا چاليهہ سالن جي ڄمار ۾ هڪ روڊ ائڪسيڊنٽ ۾ 1985ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس پنج ڇهہ ڪتاب ڇپيا هُئا، جن مان، North of South نالي سندس ڪتاب آفريڪا جي سفر جو آهي. سندس ڀاءُ وديا ڌر (وي. ايس. نائيپال) تمام گهڻو لکيو آهي ۽ کيس 2001ع ۾ ادب جو نوبل پرائيز بہ مليو ۽ ان کان اڳ 1990ع ۾ انگلينڊ جي راڻي ايلزبيٿ کيس Knight جو درجو ڏنو، جنهن ڪري هو SIR سڏجي ٿو. پاڻ ڪجهہ عرصو هتي نيويارڪ ۾ بہ رهيو، هاڻ انگلينڊ جي ولٽشائر شهر ۾ پنهنجي ٻي زال نادره علويءَ سان گڏ رهي ٿو جيڪا پڻ ڪنهن زماني ۾ جنرلسٽ هئي. نادرا جو پاڪستان سان تعلق آهي ۽ پهرين مڙس کان طلاق ملڻ بعد هن جي پڻ اها ٻي شادي آهي.

وي ايس نائيپال انگلينڊ جي يونيورسٽي آڪسفورڊ ۾ تعليم حاصل ڪئي، جتي هن جي ملاقات پئٽريشيا سان ٿي، جنهن سان هن 1955ع ۾ شادي ڪئي. 1996ع ۾ ان جي وفات بعد نائيپال نادرا سان شادي ڪئي. نائيپال جي هڪ ڪتاب The Mystic Masseur تي اسماعيل مرچنٽ فلم بہ ٺاهي. نائيپال جو ڪتاب ”اي هائوس آف مسٽر بسواس“ جيڪو اسان شروع ۾ نہ پڙهيو ۽ ڪيترائي سال جهاز جي لئبرريءَ ۾ ٿيپو پيو هو، ان بابت پوءِ خبر پيئي تہ نائيپال جو ماسٽر پيس آهي. هن ۾ ٽرنيڊاڊ ۾ رهندڙ هڪ برهمڻ جي مزاحيہ الميہ (Tragicomic) ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي شناخت (Identity) ۽ آزادي جي ڳولا ۾ آهي. ان ڪتاب جي برهمڻ ڪردار موهن بشواش جي ڪهاڻي جا ڪجهہ حصا نائيپال جي پيءُ سيپرساد جي زندگيءَ جا آهن. جنهن لاءِ نائيپال پاڻ بہ ڪيترا دفعا چئي چڪو آهي تہ:

“My Father was a profounder man in every way. And his wounds are deeper than the other man can say. It’s based on him, but it couldn’t be the real man.”

نائيپال جي پيءُ سيپرساد جو واسطو بہ ادب ۽ اخباري دنيا سان هو. پاڻ ويسٽ انڊيز جي مشهور اخبار Trinidad Guardian جو نمائندو هو. سندس ڪهاڻين جو پڻ هڪ ڪتاب ڇپيو آهي. نائيپال اجان ويهن سالن جو مس هو تہ سندس پيءُ سيپرساد 1953ع ۾ دل جو دورو پوڻ ڪري گذاري ويو. هن اهوئي چاهيو ٿي تہ سندس پٽ وڏو ليکڪ ٿئي، پر هو پٽ جي ڪاميابي ڏسڻ کان اڳ هن جهان مان هليو ويو.

## نندي کنڊَ جي ليکڪن جا ڪتابَ آمريڪا ۾

انگريزيءَ جا اهي ناول منهنجي پسند جا رهيا آهن جيڪي اسان جي نندي کنڊ جي ماڻهن پرديس ۾ رهي لکيا آهن ۽ اهڙا ليکڪ هتي نيويارڪ ۽ اوسي پاسي ۾ ڪيترائي رهيل آهن، جن سان هن دفعي ملڻ تي ڏاڍو دل چوي ٿي، جو هي فريد زڪريا، انيتا ڊيسائي، چترا بينرجي، ديواڪاروبني، پارتي مڪرجي، گيتا مهتا، ويد مهتا، ڪرن ڊيسائي، آغا شاهد علي وغيره ادبي دنيا جا اهي ستارا آهن، جن جا ڪتاب مون وڏي شوق سان پڙهيا. ساڳي وقت پرديس ۾ رهي اهو احساس ٿيندو اٿم تہ ڪئين سال ٿي ويا آهن، تہ قمر شهباز، نور الدين سرڪي، امر جليل، شمشر الحيدري، تاجل بيوس، هدايت بلوچ ۽ تاج بلوچ سان نہ مليو آهيان، جيڪي سنڌي ادب جا وڏا نالا آهن، جن جا ڪراچيءَ ۾ گهر اسان جي گهرَ کان پنج ڏهہ منٽن جي فاصلي تي مس آهن. پر پنهنجي ملڪ ۾ پهچي اهڙو تہ وٺ وٺان ۾ اچيو ٿو وڃجي جو انهن ڳالهين ڏي ڌيان ئي نٿو وڃي ۽ هونءَ بہ ڪراچي جو شهر اهڙو تہ مسئلن جو شهر آهي جتي نہ فقط تاجل پر هر هڪ پاڻ کي "بيوس" محسوس ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ اسان اهي دور ۾ جي رهيا آهيون، جنهن ۾ شيخ اياز، تنوير عباسي، علي احمد بروهي، طارق اشرف، ظفر حسين، نجم عباسي، نسيم کرل ۽ رشيد ڀٽيءَ جهڙا ماڻهو موجود هئا ۽ هڪ هڪ ٿي هو اسان کان جدا ٿي ويا ... هي اهي ماڻهو آهن جيڪي صديون ياد رهندا، جيسيتائين سنڌي زبان حيات آهي.

آمريڪا ۾ هن ڀيري اها بہ تبديلي محسوس ڪئي اٿم تہ اها آمريڪا جنهن ۾ ڪنهن ايشين جو ورلي ڪو ڪتاب نظر ايندو هو وڌ ۾ وڌ مشيما يوڪيو جهڙي جپاني ليکڪ جا انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب، هاڻ ٽيٽيهہ سالن بعد نندي کنڊ جي اديبن جا انگريزيءَ ۾ لکيل ناولَ ۽ Non Fiction ڪتاب ڏسي حيرت ٿي ٿئي. آمريڪا جي ڪنهن بہ شهر جي وڏي بڪ اسٽال ۾ هليا وڃو، توهان کي نندي کنڊ جي ليکڪن جي ڪتابن جي لاڻ نظر ايندي. انهن رائيٽرس ۾ جن جا ڪتاب خاص طور توهان کي نظر ايندا، هي آهن: انيتا ڊيسائي (سندس تازو ناول The Zig Zag way) پارتي مڪرجي ۽ باپسي سڌوا (پاڪستان جي پارسي عورت جنهن کي پاڪستان جي حڪومت طرفان ستاراه امتياز بہ مليل آهي. سڌوا آمريڪا جي هوسٽن يونيورسٽي، ڪولمبيا يونيورسٽي ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ پڙهائي ٿي.)

مٿين ليکڪن کان علاوه ٻئي نمبر تي اديب جن جا ڪتاب آمريڪا جي دڪانن ۾ نظر اچن ٿا، اهي آهن: چترا بئنرجي ... جيڪا ليکڪ، شاعر ۽ هيوسٽن يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي ۽ جنهن برڪلي يونيورسٽي ڪئليفورنيا مان Ph.D ڪئي هئي. سندس بہ ڪتابَ The Vise of Desire ۽ Queen of Dreams بہ جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. انجانا اپا چانا (خاص ڪري سندس Listaning Now ڪتاب)، ڪرن ڊيسائي (انيتا ڊيسائيءَ جي ڌيءَ جيڪا هالنس

يونيورسٽي ۽ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان پڙهي ۽ هتي نيويارڪ ۾ ئي رهي ٿي ) سندس ڪتاب The Inheritance of Loss جتي ڪٿي نظر اچي ٿو، پارتي ڪرچنر، سجاتا مئسي (دي فلاور ماسٽر نالي ڪتاب)، اندرا گانيسان ۽ شائونا سنگهه وغيره.

## نيويارڪ جا نرالا نالا

- نيويارڪ شهر کي مڪاني ماڻهو پيار مان ڪيترن ئي نالن سان سڏين ٿا. جن مان هڪ The Apple City آهي، جيئن ڪراچي روشنين جو شهر سڏجي ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ سڏيو ويو ٿي هاڻ ته ڏينهن رات ۾ ٻه ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ جي نالي ۾ بجلي گم رهي ٿي، باقي وقت "ٽيڪنيڪل فالٽ" جي نالي ۾ اکيوٽ ڪري ٿي. جيئن لاڙڪاڻي لاءِ چيو ويندو هو ته "هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو"، جيڪو هاڻ "ڇڏ لاڙڪاڻو" وڏيڪ مشهور ٿيندو وڃي، يا دادوءَ لاءِ چوندا آهن ته "دادو ۾ آ جادو" شايد اهوئي جادو آهي ته غريبن لاءِ اسپتالن ۾ دوائون يا اسڪولن ۾ وهڻ لاءِ بينچون ناهن، باقي وزيرن ۽ چيف منسٽرن جي ڳوٺن ۾ ايئرپورٽ پيا ٺهن، جيڪي ٺهڻ بعد موهن جا دڙا ٿيندا وڃن.

نيويارڪ کي The city that never sleeps به سڏين ٿا. ڪراچيءَ کي به ڪنهن زماني ۾ اهو درجو حاصل هو، هاڻ لاهور ائين چئي سگهجي ٿو ... شايد نيويارڪ جي پاڪستاني پار جي ڳالهه سچ هجي. ياد رهي ته آمريڪا ۾ رهندڙ پاڪستانين ۾ اڄ ڪلهه اهو چرچو عام آهي ته هتي جي اسڪول ۾ ٻارن کي جڏهن پنهنجي پنهنجي ملڪ تي مضمون لکڻ لاءِ ڏنو ويو ته هڪ پاڪستاني ٻار پنهنجي ملڪ لاءِ لکيو ته هن جي ملڪ جا چار صوبا آهن ... جن مان پنجاب ترقي يافته آهي، اتي جا ماڻهو Civilized آهن، ۽ سڄي صوبي ۾ امن امان آهي ۽ بجلي، پاڻي ۽ پڪن رستن جي ڪوٽ ناهي.....

نيويارڪ شهر کي "Gotham"، "اگهاڙو شهر" "The Capital of the World" به سڏيو وڃي ٿو. هتي هڪ اصطلاح "In a Newyork Minute" عام طرح استعمال ٿئي ٿو، جنهن جو مطلب "جهٽ پٽ" (Immediately) آهي. اڄ ڪلهه هتي جو ميئر بلوم برگ 2012ع ۾ نيويارڪ ۾ اولمپڪ رانديون لڳرائڻ لاءِ هڪ نئون اصطلاح "The World's Second Home" عام ڪيو آهي.

نيويارڪ جي رهاڪن کي "نيويارڪر" ئي سڏجي ٿو. توهان کي هتي جي رهاڪن لاءِ "هارڊ بئائلڊ نيويارڪر" پڙهڻ ۾ ايندو، جنهن جو مطلب سخت جان، Rude ۽ بي صبرو آهي. نيويارڪ لاءِ شارٽ فارم NY استعمال ٿئي ٿو بلڪه NYC، جو ٺلهو NY لکڻ سان اڳلو منجهي سگهي ٿو ته NY مان مطلب نيويارڪ شهر (City) آهي يا رياست (State).

آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ جيترا ڀانت ڀانت جا ماڻهو رهن ٿا، اوترا شايد ئي ٻئي شهر ۾ هجن ۽ هتي هر روز سڀ ڪان گهڻا ڌاريا ماڻهو اچن ٿا. ان ڳالهه ۾ نيويارڪ جو مقابلو فقط لاس اينجلس ئي ڪري سگهي ٿو. نيويارڪ ۾ ايترا ته مختلف ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو رهن

ٿا جو سن 2000ع جي آدمشماريءَ ۾ جڏهن معلوم ڪيو ويو تہ خبر پيئي نيويارڪ شهر ۾ رهندڙن جو 48 سيڪڙو گهر ۾ انگريزيءَ بدران ٻي زبان ڳالهائي ٿو.

نيويارڪ شهر ۾ سڀ کان گهڻا يهودي رهن ٿا. اشڪي (Ashkenazic) بہ تہ سيخارڊي بہ. يهودي بہ هتي جي امير ترين ڪميونٽي آهي جنهن جون وڏيون ڪمپنيون ۽ سون ۽ هيرن جواهرن جا دڪان آهن. اعليٰ قسم جي شاپنگ سينٽرن ۽ Jewellery جي دڪانن اڳيان توهان کي يهودي پنهنجي روايتي لباس ۾ نظر ايندا. هتي جي سرڪاري انگ اکرن مطابق نيويارڪ شهر ۾ ٻارهن لک کن يهودي رهن ٿا. سنڌن هاسيڊڪ لباوچ ۽ ابوور ۽ ستمار تحريڪن جا هيڊ ڪوارٽر نيويارڪ ۾ ئي آهن.

## نيويارڪ جو بندرگاهہ ريل ۽ ٽئڪسيون

نيويارڪ جو بندرگاهہ ڪراچيءَ وانگر قدرتي بندرگاهہ آهي ۽ ڪراچيءَ وانگر ئي بندرگاهہ جي ڪري نيويارڪ شهر وڌيو ويجهيو. 1819ع ۾ ايري (Erie) ڪئنال کلڻ ڪري، هن نيويارڪ بندرگاهہ جو قدر ۽ سهولتون وڌي ويون، نہ تہ بوسٽن ۽ فيلڊليفيا جا بندرگاهہ نيويارڪ کان وڌيڪ اهم ۽ سهوليت وارا هئا. هونءَ اڄ ڪلهہ هن پاسي شپنگ ايڏي وڌي وئي آهي، جو ڪيترائي نيويارڪ ايندڙ جهاز ... خاص ڪري مال بردار جهاز، درياهہ (هڊسن ندي) جي ٻي پار نيوجرسي رياست جي بندرگاهہ نيوارڪ (Newark) موڪليا وڃن ٿا، جتي جو "ايلزبيٿ مئرين ٽرمينل" ڪافي وڏو ڪيو ويو آهي. اسان جي ڏينهن ۾ (سٺ واري ڏهي جي آخري سالن کان) اسانجي جهازن کي ڪڏهن تہ نيويارڪ جي بندرگاهن مئن هٽن ۽ بروڪلن ۾ جاءِ ملندي هئي، ڪڏهن هڪ بہ ڏينهن ائنڪريج واري سمنڊ تي انتظار ڪرائي پوءِ چوندا هئا تہ مهرباني ڪري پنهنجي جهاز کي هيڏانهن نيويارڪ بدران نيوارڪ ۾ هلي بيهاريو. بهرحال اسان جهاز هلائيندڙ تہ بس ۾ يا ڪڏهن سائيڪل تي ۽ پنڌ پل ٽپي نيويارڪ کان اچي نڪرندا هئاسين، باقي آندل سامان جا مالڪ سورن ۾ پئجي ويندا هئا، جن کي سامان ڪٽائڻ لاءِ پنهنجيون ٽرڪون هڊسن نديءَ جي ٻي پار نيوارڪ بندرگاه موڪلٽيون پونديون هيون. جن جو ايڪسٽرا خرچ اسانجي جهاز ران ڪمپنيءَ کي نہ، پر کين پري ڏيٽو پوندو هو. ياد رهي تہ ان وقت تائين يعنيٰ 1969ع - 1970ع تائين اڃان ڪنٽينر سروس مشهور نہ ٿي هُئي، جو يڪا ڪنٽينر لاٿا وڃن ۽ ڪٽايا وڃن. هڪ هڪ ٽرڪ جهاز اڳيان اچي بيهندي هئي ۽ پوءِ جهاز مان ٿورو ٿورو ڪري سامان لاهي ٽرڪ ڀري ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ شهر ۾ ٽرئفڪ جئم هجڻ ڪري ٽرڪون دير سان پهچنديون هيون ۽ ڪارگو ورڪ بند ٿي ويندو هو. اهڙي طرح ان دور ۾ اسان جهاز هلائيندڙن جا مزا هُئا، جو جهاز جنهن بہ بندرگاهہ ۾ اچي بيٺو هوندو هو اتي ڪلاڪن ۽ ڏينهن جي حساب سان نہ، پر هفتن جي حساب سان بيهندو هو. سعودي عرب، دبئي، آفريڪي بندرگاهن ۽ ڪميونسٽ

ملڪن جي بندرگاهن ۾ جتي جا بندرگاهہ اجان ماڊرن نہ ٿيا هئا يا بدانتظامي هوندي هئي، اتي تہ مهينو ڏيڍ جهاز بيٺا هوندا هُئا.

نيويارڪ ۾ هانگ ڪانگ ۽ سئيڊن جي شهر مالمو وانگر فيري سروس بہ آهي. هي پئسينجر جهاز جهڙيون وڏيون آرامده ٻيڙيون مسافر ۽ هنن جون موٽر ڪارون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائين ٿيون. نيويارڪ جي سڀ کان مشغول ترين فيري اسٽيشن آئلنڊ فيري آهي، جنهن ۾ تقريبن ستر هزار ماڻهو روزانو سفر ڪن ٿا. ان فيري سروس کان علاوه "نيويارڪ واٽروي" ۽ "نيويارڪ واٽر ٽئڪسي" ڪمپنين جو بہ فيريون هلن ٿيون. ڪي نيوجرسي ۽ مئن هٽن جي وچ ۾ هلن ٿيون، تہ ڪي بروڪلن ۽ مئن هٽن جي وچ ۾.

- نيويارڪ جو ريل سسٽم بہ تمام وڏو آهي. نيويارڪ جي پنجن علائقن (boroughs) ۾ 250 اسٽيشنون آهن ۽ ويهہ ريل لائينن جون ريل گاڏيون جيڪي نيويارڪ ۽ نيوجرسيءَ جي مختلف اسٽيشنن کي ڳنڍين ٿيون. انهن ۾ سڀ کان مشغول ترين ريلوي اسٽيشنون گرانڊ سينٽرل ٽرمينل اسٽيشن ۽ پين (Penn) اسٽيشن آهن، جيڪي ٻئي مئن هٽن ۾ آهن.

نيويارڪ ۾ چون ٿا تہ ٻارهن هزار کان مٿي ٽئڪسون آهن، جن جو پيلو (Yellow) رنگ هنن کي نمايان ڪري ٿو. جان ڊي هرٽز (Hertz) پهريون ماڻهو هو جنهن سن 1915ع ۾ نيويارڪ ۾ ييلو ڪئب ڪمپنيءَ نالي ٽئڪسيون هلايون. هن همراهہ (هرٽز) پنهنجين ٽئڪسين کي پيلو رنگ ڏنو جو هن يونيورسٽي آف شڪاگو ۾ اهو پڙهيو هو تہ پيلو رنگ اهڙو آهي، جيڪو پري پري تائين نظر اچي ٿو. 1967ع ۾ نيويارڪ سٽي طرفان اهو قاعدو پاس ڪيو ويو تہ هتي هلندڙ ٽئڪسيءَ جو پيلو رنگ رکڻو آهي.

مختلف شهرن ۽ رياستن ڏي سفر ڪرڻ لاءِ Amtract ڪمپنيءَ جون ريل گاڏيون آهن، جيڪي نيويارڪ جي Penn ريلوي اسٽيشن کان مختلف هنڌن ڏي وڃن ٿيون ... جهڙوڪ بوسٽن، فلڊلفيا، بالٽيمور ۽ واشنگٽن ڊي سي، نيويارڪ، مانٽريل، ڪئناڊا ۽ ڏکڻ ۽ وچ اولهہ جي رياستن کي ڳنڍي ٿي. ۽ ٿي دفعا آئون بہ ڪار يا بس بدران Amtrack ريل رستي نيوجرسي کان فلڊلفيا، بالٽيمور ۽ واشنگٽن ڊي سي ويس.

## آمريڪا جا ڇهہ ٽائيم آهن

- نيويارڪ جي رهاڪوءَ کان ائڊريس پڇبي تہ هو گهٽي ۽ ايوينيو جو نمبر ٻڌائيندو. مثال طور ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ جي ائڊريس لاءِ چوندو. "چوٿيهہ ۽ پنج" يعني چوٿيهين گهٽي ۽ پنجين ايويننيو جي ڪراس سيڪشن تي اها عمارت آهي ۽ اهوئي هتي جو عام طريقو آهي ٽئڪسي ڊرائيور کي ٻڌائڻ جو تہ توهان کي ڪٿي وڃي هلي.

مئن هٽن ۾ اتر ڏکڻ ويندڙ رستا Avenue سڏجن ٿا، جيڪي اوڀر واري پاسي کان فرسٽ ايوينيو کان شروع ٿي، اولهه ڏي ٻارهين ايوينيو تائين وڃن ٿا ۽ مئن هٽن ۾ جيڪي رستا اوڀر کان اولهه وڃن ٿا، اهي اسٽريٽ سڏجن ٿيون ۽ نمبرون اسٽريٽ ڏکڻ (ڊائون ٽائون) کان شروع ٿئي ٿي، ته 220 نمبر تائين اتراهين ڇيڙي تائين وڃيو دنگ ڪن. گهٽيون ويجهيون ويجهيون آهن ۽ اٽڪل ٽن گهٽين جي گئپ جيترو فاصلو ٻن ايوينيو جي وچ ۾ آهي. ان ڪري هتي هر بلاڪ چورس هجڻ بدران مستطيل آهي ۽ ظاهر آهي ان مستطيل جي ويڪر واري پاسي جو رستو Street ٿيو ۽ ڊيگهه واري پاسي جو رستو ايوينيو ٿيو.

- مٿي هڪ هنڌ نيويارڪ ۾ رهندڙ يهودين بابت لکي آيو آهيان، ته هتي اشڪي نازي يهودي به رهن ٿا، ته سيفاردي به. اشڪي نازي (Ashkenazi) هيبريو زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ جرمن آهي، جيئن عربي زبان ۾ جرمني کي المانيا ٿا سڏين. اشڪي نازي يهودي اهي آهن، جيڪي جرمني ۽ ٻين وچ يورپ وارن ملڪن کان هتي نيويارڪ ۾ آيا ۽ سيفاردي يهودي اهي آهن، جيڪي اسپين، پورچوگال ۽ اتر آفريڪا جي ملڪن کان هتي آيا آهن. سيفاردي پڻ هيبرو زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ هسپانوي، اندلسي يا آئبيرين آهي. هي ائين آهي ته ڪو چوي ته نيويارڪ ۾ عرب مسلمان ۽ نندي ڪنڌ جا مسلمان رهن ٿا. ٻنهي جو مذهب ڪٽي اسلام ٿيو، پر ڪلچر، رسم رواج، کاڌا پيتا ۽ ويس وڳا اسانجا ۽ عرب مسلمانن جا مختلف ٿيا. مٿين ٻن وڏن گروپن کان علاوه يهودين جا ٻيا به ڪيترائي ننڍا ننڍا گروپ نيويارڪ ۾ رهن ٿا، جيئن ته ٿائيمانم يودي (جيڪي يمن ۽ عمان پاسي جا آهن)، مزراهي يهودي (جيڪي المغرب ۽ وچ اوڀر کان آيل آهن)، وغيره.

هيبريو يهودين جي پاڪ زبان سمجهي وڃي ٿي، جيڪا اسرائيل جي ٻن سرڪاري زبانن مان هڪ آهي (۽ ٻي عربي آهي)، جرمني پاسي کان آيل اشڪ نازي يهودي يديش Yiddish زبان پڻ ڳالهائين ٿا ۽ سيفاردي يهودي لادينو نالي زبان گهرن ۾ ڳالهائين.

هي ملڪ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا جيڪو US، USA يونائيٽيڊ اسٽيٽس، فقط آمريڪا يا فقط ”دي اسٽيٽس“ پڻ سڏجي ٿو، پنجاهه رياستن جي فيڊرل ريپبلڪ آهي، جنهن مان 48 رياستن جو هڪڙو ئي وڏو چڪ يعني ٽڪرو ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو ملڪ جي وچ ۾ آهي ۽ باقي ٻن رياستن مان هڪ الاسڪا (جنهن بابت شروع ۾ ٻڌائي آيو آهيان، ته آمريڪا اها رياست روس وارن کان خريد ڪئي هئي، ڪئناڊا جي اولهه ڪنڌ تي آهي. ٻي ”هوائي“ (Hawaii) رياست جيڪا دراصل ٻيٽن جو جهڳٽو آهي، آمريڪا ۽ جپان جي وچ ۾ پئسفڪ سمنڊ تي آهي. ان حساب سان آمريڪا کي پئسفڪ سمنڊ، برنگ سمنڊ، آرڪٽڪ سمنڊ، ائٽلانٽڪ سمنڊ، خليج ميڪسيڪو ۽ ڪئريبين سمنڊ ڇُهن ٿا. هوائي رياست ۽ الاسڪا رياستن جا ته پنهنجا ٽائيم آهن، جو اهي آمريڪا جي باقي رياستن کان ڏار ۽ پري آهن ۽

انهن جا ٽائيم هوائي ٽائيم ۽ الاسڪا ٽائيم سڏجن ٿا. باقي 48 رياستون جيڪي هڪ پيس ۾ آهن، تي اسان جي ملڪ پاڪستان يا انڊيا، ملائيشيا، ايران، جپان وانگر هڪ وقت هجڻ بدران چار ٽائيم آهن. مثال طور اسان وٽ پاڪستان ۾ صبح جا اٺ هوندا تہ انڊيا ۾ ساڍا اٺ ۽ بنگلاديش ۾ نو. اهو ان ڪري جو ڍاڪا، دهلي ۽ ڪراچي وغيره جي وچ ۾ وڏو فاصلو آهي ۽ هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين سج جي روشني پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کن لڳائي ٿي. اهڙي طرح (USA) ايڏو وڏو آهي، جو نيويارڪ کان لاس اينجلس تائين سج نظر اچڻ ۾ چار ڪلاڪ لڳيو وڃن. يعني اڄ ڪلهہ هتي صبح جو ڇهين وڳي سج نظر اچي ٿو (يعني سج اڀري ٿو) ان وقت پاڪستان ۾ شامَ جا ٽي ٿي چڪا هوندا آهن، جو پاڪستان ۽ آمريڪا جي هن اوڀر واري حصي ۾ نو ڪلاڪن جو فرق آهي. يعني ڪراچي يا حيدرآباد ۾ جيڪو نئين ڏينهن جو سج نمودار ٿئي ٿو، اهو هتي نون ڪلاڪن بعد نظر اچي ٿو ۽ لاس اينجلس (ڪئليفورنيا) تائين پهچڻ ۾ هن کي ٻيا بہ چار ڪلاڪ لڳيون وڃن. ان ڳالهہ مان بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ هي ملڪ ڪيڏو وڏو آهي ۽ آهي بہ تہ 48 ملڪن جو جهڳٽو جنهن جون ڪيتريون ٽيڪساز جهڙيون رياستون ان جي سڄي ملڪ کان وڏيون آهن.

بهرحال ان حساب سان هتي (يعني هنن 48 رياستن ۾) چار ٽائيم زون ٺاهيا ويا آهن. جيڪي هن ريت آهن:

1. ايسٽرن ٽائيم.
2. سينٽرل ٽائيم.
3. مائونٽين ٽائيم ۽
4. پئسفڪ ٽائيم.

پاڪستان  فون تي هڪ همراهہ سان ڳالهائڻ دوران پڇيو تہ پاڪستان ۽ آمريڪا ۾ ڪيتري وقت جو فرق آهي. ٻڌايو مانس تہ نون ڪلاڪن جو.

”پر حسن مجتبيٰ تہ ٻڌايو پئي تہ تيرهن ڪلاڪن جو فرق آهي.“ هن ٺهہ پهہ وراڻيو.

”هُن بہ صحيح ٻڌايو اٿئي، جو هو اسان کان بہ گهڻو پري سان فرانسسڪو ۾ رهي ٿو. اتان واقعي تيرهن ڪلاڪن جو فرق آهي.“

بهرحال اسانجو دلير ڪالم نويس ۽ اديب حسن مجتبيٰ ڪجهہ ڏينهن کان هيڏانهن واشنگٽن اچي رهيو آهي، جتي جو ٽائيم زون اهو ساڳيو آهي، جنهن ۾ نيويارڪ ۽ نيوجرسي ٿا اچيو وڃن ۽ اسان وارو ٽائيم زون ”ايسٽرن ٽائيم“ سڏجي ٿو. هونءَ آمريڪا (USA) جي پکيڙ 96 لک چورس ڪلوميٽر آهي.

## آمريڪا ۾ دنيا جون اتاهيون عمارتون

يارهين سيپٽمبر واري حادثي ۾ نيويارڪ جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر جون نہ فقط ٻہ اوچيون عمارتون، ٽاور نما بلڊنگون (جن مان هڪ 417 ميٽر هئي ۽ ٻي 415 ميٽر) تباهہ ٿي ويون، پر ان جي پر ۾ باقي پنج ڇهہ عمارتون بہ ايتري قدر damage ٿي ويون، جو انهن سڀني عمارتن جو ملبو ڪڍي گرائونڊ خالي ڪيو ويو. جنهن کي ”گرائونڊ زيرو“ سڏين ٿا. اهو پٽ سورهن ايڪڙ کن ٿيندو. ان جي هڪ اتر اولهہ واري ڪنڊ ۾، هن حادثي جي ياد ۾ ”فريڊم ٽاور“ نالي عمارت ٺهي رهي آهي. بلڪ ان جي ڊيزائين جي پڙدي ڪشائي بہ مهينا اڳ ٿي چڪي آهي، مونکي بہ ڪالهہ اتي پهچي خبر پيئي.

پنهنجي پاڻيجي ٿمير وسطڙي سان ڪالهہ نيويارڪ نڪتس. هن جو هڪ ٻن هنڌ ڪم هو. ان بعد هالنڊ ٽنل ۽ ڪئنال اسٽريٽ مان ٿي ويسٽ براڊوي تي آياسين. اتي هن جي هڪ بنگالي دوست جي ”بنگال ڪَري“ (Bangal Curry) نالي پلاٽ نمبر 65 تي ريسٽورينٽ آهي. هن کي ٿوري دير پنهنجي دوست سان خبرچار ڪرڻي هُئي. آئون چانهہ پيء، ٽنگ ڊگهي ڪرڻ لاءِ ٻاهر براڊ وي تي واڪ لاءِ نڪتس. مٿي چئمبرس اسٽريٽ تان ڪجهہ اسٽيشنري جو سامان وٺي، وري واپس هيٺ ڏکڻ ڏي رخ ڪيم ۽ وارن (Warren)، مُوري Murray ۽ پارڪ اسٽريٽ لتاڙي بارڪلي اسٽريٽ تي آيس، جتي WTC جي ستون نمبر عمارت آهي ۽ ان بعد Vesey گهٽي آهي، جنهن وٽان باقي عمارتن ۽ ٻن وڏن ٽاورن وارو ميدان شروع ٿئي ٿو، جيڪو ساڄي ويسٽ اسٽريٽ ٽائيمن ۽ کاٻي پاسي چرچ اسٽريٽ ٽائين آهي ۽ پنيان لبرٽي اسٽريٽ ٽائين وڃيو ٿو دنگ ڪري.

ظاهر آهي 16 ايڪڙ زمين 65 هزار چورس ميٽر ٿي ۽ هي نيويارڪ جو اهو مهانگو علائقو اهي، جتي ٽوڪيو وانگر چورس فٽن جي حساب سان زمين وڪامي ٿي. ورلڊ ٽريڊ سينٽر (WTC) مان ڊٺل سڀني عمارتن جو پنجو هٽائي، لسو پٽ ڪيوويو آهي، جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ فريڊم ٽاور ٺهندو. يعني هن جي چوڌاري ويسي، ويسٽ، واشنگٽن ۽ فلٽن گهٽيون ٿينديون. هن عمارت (Freedom Tower) جي اوچائي پورا 1776 فٽ رکي ويندي، نہ گهٽ نہ وڌ، ڇو جو اها اوچائي سال 1776ع جي ياد ۾ آهي، جڏهن هن ملڪ جي Declaration of Independence تي صحيحون ٿيون هيون.

هن وقت آمريڪا جي ڊگهي ۾ ڊگهي عمارت شڪاگو شهر جي Sear's Tower آهي، جنهن کان هيءَ نئين عمارت Freedom Tower اتاهين ٿيندي، جو سيئر وارو ٽاور 1451 فٽ اتاهون آهي، پر شڪاگو شهر ۾ هن وقت ٻي اتاهين عمارت Fordham Spire ٺهي رهي آهي، جيڪا فريڊم ٽاور کان گهٽي ڊگهي آهي ۽ فريڊم ٽاور کان هڪ سال اڳ 2009 ۾ ٺهي راس ٿيندي.

هن وقت آمريڪا جون ڪجهہ اتاهيون عمارتون هن ريت آهن:

1. شڪاگو جي سيئرس ٽاور - 1451 فٽ.

2. نيويارڪ جي ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ - 1250 فٽ.
3. شڪاگو جو AON سينٽر - 1136 فٽ.
4. شڪاگو جو جان هئنڪاڪ سينٽر - 1127 فٽ.
5. نيويارڪ جي ڪرسلر بلڊنگ - 1046 فٽ
6. ائٽلانٽا (جارجيا) جي بئڪ آف آمريڪا پلازا - 1023 فٽ.
7. لاس اينجلس جو U.S بئنڪ ٽاور - 1018 فٽ، وغيره.

هونءَ جيڪڏهن ٻي ڪا اتاهين عمارت نہ ٺهي، تہ نيويارڪ جي ورلڊ ٽريڊ سينٽر واري هيءَ عمارت Freedom Towers دنيا جي اتاهين عمارت ليکي ويندي، پر هنن سيني کي شڪ آهي بلڪہ پڪ آهي، تہ برج دبئي نالي جيڪا عمارت دبئيءَ ۾ ٺهي رهي آهي، اها نہ فقط اڳ ۾ ٺهي راس ٿيندي (2008ع تائين) پر اڄ جي سڀني عمارتن کان ڊگهي هوندي. هونءَ دبئيءَ واري هيءَ عمارت ٺاهڻ وارا ان جي اوچائي ڪنهن کي ٻڌائين نٿا، يعني اها ڳالهہ راز ۾ رکي اٿن، پر افواهہ اهي ٿي ٻڌجن پيا تہ برج دبئي اٽڪل 2300 فٽ اتاهين عمارت ٿيندي.

اڄ جي حساب سان ڏٺو وڃي تہ دنيا جون اوچيون عمارتون هن ريت آهن.

1. تائيوان جي تائيپي شهر جي عمارت ”Taipei 101“ - 1671 فٽ.
2. ملائيشيا جي شهر ڪوالامپور جا پيٽروناس ٽاور - هڪڙو 1483 فٽ ٻيو ٻڙ 1483 فٽ،
3. شڪاگو جي عمارت ”سيئرس ٽاور“- 1451 فٽ.
4. چين جي شهر شنگائيءَ جي ”جن مائو ٽاور“ عمارت - 1380 فٽ.
5. هانگ ڪانگ جي ”ٽو انٽرنيشنل فائننس سينٽر“- 1362 فٽ.

# واشنگٽن ۾ سب وي ۾ سفر

واشنگٽن ۾ پاڪستان ۽ ملائيسيا جا سفارتخانا ائين گڏ گڏ آهن, جيئن ڪراچيءَ ۾ شيرٽن هوٽل چيف منسٽر هائوس. ڪنهن زماني ۾ خاص. ڪري اڄ کان 35 سال کن اڳ جڏهن جهاز ڪي هن پاسي وٺي ايندا هُئاسين تہ اسانجي ايمبسي توڙي ملائيشيا جي ۽ ڪجهہ ٻين ملڪن: يونان, ڪوريا, برازيل, ترڪي وغيره جي واشنگٽن جي گولڊن ٽڪنڊي ۽ DUPONT سرڪل جي ويجهو, شيريڊن سرڪل وٽ مساچوسيٽ ايونيو تي هيون. پر هاڻ ڪجهہ سالن کان ڪيترين ئي ايمبسيون ڪجهہ پريرو ڪليولئنڊ پارڪ کان اڳتي Van Ness سب وي اسٽيشن وٽ آهن, جتي پر ۾ واشنگٽن جي مشهور يونيورسٽي UDC (يونيورسٽي آف ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا) ۽ Intelsat آهن. انٽيل سئٽ دنيا جي اعليٰ ۽ طاقتور سئٽلائيٽ ڪميونيڪيشن ڪمپنيءَ جو هيڊ ڪوارٽر آهي.

جتي پاڪستان ۽ ملائيشيا جا سفارتخانا آهن, اهو ٽڪرو ”انٽرنيشنل ڪورٽ“ جي نالي سان سڏجي ٿو. ملائيشيا جي سفارتخاني جي ائڊريس 3516 انٽرنيشنل ڪورٽ آهي تہ پاڪستان جي سفارتخاني جي 3517. پاڪستاني سفارتخاني جي ڪاٻي پاسي شايد نائيجيريا جو سفارتخانو آهي ۽ روڊ جي ٻئي طرف جيئن ڪراچيءَ ۾ پرل ڪانٽيننٽل هوٽل آهي, تيئن واشنگٽن ۾ اسرائيل جو سفارتخانو آهي. پهرين ڏينهن پُل ۾ روڊ جي هن پار اسرائيل جي سفارتخاني ڏي اچا رخ موڙيم تہ هتان هُتان سيڪيورٽي وارا نڪري آيا تہ آئون ڪير آهيان ۽ ڇو ٿو وڃڻ چاهيان. ڇئبو تہ هتي بہ نر پڪيءَ جي جهار پئي ٿئي. سندن ٻڌائڻ تي روڊ جي ٻئي پاسي ملائيشيا ۽ پنهنجي سفارتخاني ڏي رخ موڙيم.

آئون سب وي ريل گاڏيءَ ذريعي, Van Ness ريلوي اسٽيشن تي لٿو هوس ۽ هاڻ انٽيل سئٽ جي عمارت اڳيان لنگهي, UDC (يونيورسٽي آف ڊسٽرڪٽ ڪولمبيا) وٺان مڙي, هتي پهتو هوس. پروگرام موجب منهنجي پيٽارو جي پراڻي ڪلاس ميٽ محمد سميع جادران ڪي مونکي هيڏانهن وٺي اچڻو هو. پر صبح ساڻ ڪيس ڪم ٿي پيو ۽ ورجينيا مان فون ڪري مونکي سندس انتظار ڪرڻ بدران ٽئڪسيءَ ۾ وڃڻ لاءِ چيائين.

”سفير سان ملڻ لاءِ ايمبسيءَ ۾ پيو وڃين, بس وغيره ۾ نہ وڃجانءِ, متان اتي پگهر ۾ شل پهچين. خوشبوءِ هٽي ٽئڪسيءَ ۾ وڃجانءِ. ڪينڪٽيڪٽ ايوينيو جتي ايمبسي آهي, ان جا 25 ڊالر کن پاڙو ٿيندءِ“ هن هميشہ وانگر پنهنجي مزاحيہ انداز ۾ مونکي گائيڊ ڪيو. تيار ٿي نڪتس تہ اجان سوير هئي. مونکي سميع جي ڳالهہ تي ڪل آئي. ڪنهن سفير سان ملڻ ٿو وڃان, پر ڪنهن نوڪريءَ جي انٽرويو لاءِ تہ نٿو وڃان. پيٽسان چريو سميع! هڪ

ٽئڪسي پويان ڏيڍ هزار رپيا اوٽ ڏيڍ هزار موٽ خرچ ڪريان، ويتر ڪو اڌ مغزي ڏاڏو شيدي ڊرائيور مٿي پئجي ويو، تہ هن ڪي غلط رستي تان ڪڍي صحيح تي آڻڻ ڪو سولو ڪم تہ نہ آهي. اهڙن ڊرائيورن جا حال " تيسيتائين گڊ باءِ" ۽ "دنگي منجهہ درياھ" ڪتابن ۾ لکي چڪو آهيان. اڳيان اچي ڪنهن چواٽي تان ٽئڪسي ڇوليان، ان ڪان اڳ لئن فانٽ (L'En fant Plaza) واري سب وي اسٽيشن اچي وئي. مون وٽ وقت ئي وقت هو. مونکي اڄ فقط ملائيشيا جي سفير داتو عبدالخالد غزاليءَ سان ملڻو هو ۽ UDC ۾ پڙهندڙ ڪجهہ شاگردن سان جن جو واسطو ملاڪا سان آهي، جتي جي نيول اڪيڊميءَ ۾ مون ڏهاڪو کن سال مئرين انجنيئرنگ پڙهائي هئي.

آئون هن سب وي ريلوي اسٽيشن ۾ ائسڪالئٽرن ذريعي هيٺ پهتس. مختلف ريل گاڏين جي روٽن جي نقشن اڳيان بيهي جائزو ورتم. مونکي وان نيس ريلوي اسٽيشن تي ٽئڪسي، بس يا هن ريل رستي پهچڻ کپي. وان نيس اسٽيسن ڏي ڳاڙهي رنگ جي گاڏي وڃي ٿي، جيڪا هن ريلوي اسٽيشن لئن فانٽ تان نٿي لنگهي. هتان بلو، هئڊي ۽ پيلي رنگ جون ريلون لنگهن ٿيون. يعني آئون جي بلو يا هيڊي رنگ جي ٽرين ۾ وهان، تہ اهي مونکي ٻن اسٽاپن (سمٿوسن ۽ فيڊرل ٽرئنگل) بعد ميٽرو اسٽيشن تي اچي ڇڏينديون، جتان ڳاڙهي رنگ جي ٽرين لنگهي ٿي، جيڪا فاراگٽ نارٿ، ڊوپانٽ سرڪل، وڊلي پارڪ ۽ ڪليويلنڊ پارڪ اسٽيشنن کان پوءِ وان نيس تي بيهي ٿي. بس ٻيو ڇا کپي! ٽن ڊالرن کن جي ٽڪيٽ وٺي. ان وقت آيل بلو لائين جي گاڏيءَ ۾ اچي وينس. ٻن اسٽيشنن بعد ميٽرو اسٽيشن تي لهي پيس. سو فار سو گڊ! مون ڪجهہ سک جو ساهہ پٽيو. اڪيلو ٽئڪسي ۾ ٽينشن ۾ هجڻ بدران هتي گهٽن سان تہ گڏ آهيان ۽ اها بہ خبر پويم پئي تہ ٽرين ڪيڏانهن پئي وڃي ۽ ڪٿي پئي بيهي. وڏ ۾ وڏ پلجي پيس تہ ساڳين پيرين موٽي ويندس. پهرين جي ورتل ٽڪيٽ ڳاڙهي رنگ جي ريل واري پليٽ فارم جي در ۾ وجهي، باقي بچيل پئسن جو جائزو ورتم، تہ اجان اڌ کان وڌيڪ پئسا موجود هئا، يعني وڌيڪ پئسا مشين ۾ وجهي ڪارڊ ڪي چارج ڪرائڻ جي اجان ضرورت نہ هئي. ٿوري دير بعد ڳاڙهي رنگ واري ٽرين اچي وئي. ڇئن کن اسٽيشنن بعد وان نيس اسٽيشن آئي. گاڏيءَ مان لهي لفٽ ذريعي مٿي پهتس تہ سامهون UDC جي عمارت نظر آئي. يعني صحيح جاءِ تي پهتو آهيان.

## واشنگٽن ۾ ملائيشيا جو سفارتخانو ۽ UDC

داتو شيخ عبدالخالد غزالي گذريل ٻن ٽن سالن کان واشنگٽن ۾ ملائيشيا جو سفير آهي، پاڻ آسٽريليا جي لاٽروبي يونيورسٽي مان ايڪانامڪس مان ڊگري حاصل ڪيائين ۽ 1971ع کان ڊپلومئٽ آهي. آئون جڏهن 1991ع تائين ملائيشيا ۾ هوس تہ داتو خالد ڪوالالمپور ۾ وزارت فارين افيئر ۾ بہ ڪافي وقت رهيو ۽ منهنجي ۽ ارشاد عباسي (ڊاڪٽر

تنوير عباسيءَ جو ياءُ جيڪو ان وقت پاڪستاني هاءِ ڪميشن ڪوالالمپور ۾ هو) جي ساٿس ملاقات قومي ڏينهن جي دعوتن ۾ عيد ملن جي اوپن هائوسن ۾ رهي. ملئي سلطان، بادشاهه، وزير توڙي وزير اعظم عيد واري ڏينهن پنهنجي گهر جو دروازو کليل رکن ۽ عوام جي هر ماڻهوءَ کي هن سان ملڻ ۽ چانهه پاڻيءَ جي دعوت هوندي آهي، جنهن کي هو "اوپن هائوس" سڏين. ملائيشيا جا هندو ۽ چيني وزير ۽ وڏا ماڻهو ڏياري يا چينين جي نئين ڏينهن تي "اوپن هائوس" رکن.

داتو خالد غزالي جنهن جي شادي داتن فريدهه سان ٿي آهي. آمريڪا جي سفير ٿيڻ کان اڳ هانگ ڪانگ جرمني، آسٽريليا ۽ ٿائلنڊ جو به سفير رهي چڪو آهي. مون کيس ملائيشيا جي سفارتخاني جي ڌارين زبانن جي لئبرري لاءِ ملائيشيا تي لکيل پنهنجا پنج ڇهه سنڌيءَ جا ۽ هڪ اردوءَ جو ڪتاب "ملائيشيا ڪي دن" ۽ انگريزي جو "Proverbs of Far East" ڏنو، جنهن ۾ چين، جپان ۽ ملائيشيا جا پهاڪا ڏنل آهن ۽ جنهن ڪتاب جو مهاڳ ملائيشيا جي وڏي ۽ جهوني اديب ڪرس ماس ۽ محترمه بينظير لکيو آهي. منهنجي خيال ۾ ملائيشيا ۾ پيئنشارا (ٽيچر) ٿي پڙهائڻ هڪ طرف منهنجي روزگار جو ذريعو هو ۽ هنن جي ملڪ تي ايترا ڪتاب لکڻ (مڪلي کان ملاڪا، ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه، ملائيشيا 12 سالن بعد، جت جر وهي ٿو جال، ڳالهيون آهن ڳچ، سانپاهو سمنڊ جو) وغيره ٻي طرف منهنجي وندر هئي، پر هن قوم ان کي قرض سمجهي مونکي نه فقط PJK ايوارڊ ڏنو، پر اڄان تائين عزتون ڏيندا رهن ٿا.

ملائيشيا جو سفير داتو خالد وٽ ڪُئيح (ملئي منائي) ۽ چانهه جو ڪوپ پي UDC يونيورسٽي وڃڻ لاءِ اٿيس، جتي جي ڪجهه ملئي شاگردن منهنجي واشنگٽن ۾ اچڻ جو ٻُڌي، مون سان ملڻ ٿي چاهيو، جن مان ڪيترن جي والدين سان منهنجي ملاڪا ۾ رهائش دوران عليڪ سليڪ هئي. هونءَ ملائيشيا جا شاگرد ملئي توڙي چيني هيڏانهن آمريڪا، انگلينڊ يا يورپ جي يونيورسٽين ڏي رخ رکڻ بدران هميشه آسٽريليا وڃڻ پسند ڪن ٿا، سو به اهڙن شهرن ۾ جتي سيءُ گهٽ هُجي. ملائيشيا ٻارهوئي گرمي رهي ٿي. سڄو سال ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿين. هاڻ مڙيئي آمريڪا جهڙن ٿڌن ملڪن ڏي نڪرڻ شروع ڪيو اٿن.

ملائيشيا جي سفارتخاني مان نڪرڻ بعد پنهنجي ملڪ جي سفارتخاني ۾ پڻ ليئو پاتم. رسيپشن تي ويٺل فلپينو ڇوڪريءَ ٻڌايو ته سفير صاحب جنرل جهانگير ڪرامت صاحب هن وقت ميٽنگ ۾ آهي.

"آئون ساڍن ٻن ڏينهن بعد ملڻ چاهيان ٿو." مون ڇوڪريءَ کي پنهنجي رهائش جو اتو پتو ۽ ٽيليفون نمبر ٻڌايو، "منهنجي ساٿن واشنگٽن پهچڻ کان اڳ نيويارڪ مان فون تي

ڳالھ ٿي چڪي آهي، تہ آئون واشنگٽن پهچي کين اطلاع ڪندس. هاڻ سفير صاحب جيڪو ٽائيم ڏئي تہ مونکي ٻڌائجانءِ.“

اسانجي واشنگٽن واري سفارتخاني ۾ پير جي ڳوٺ جو ڪليم خلجي ۽ حيدرآباد جو شاهد ڪلهوڙو پڻ ڪم ڪن ٿا. مونکي UDC يونيورسٽي وٽڻو هو سو پنهنجي سفارتخاني کان ٻاهر نڪري، ڪليم ۽ شاهد کي موبائيل فون ذريعي ٻڌايم تہ ٻن ڏينهن بعد جنرل جهانگير وٽ ايندس، تہ ساڻن بہ ملاقات ٿي ويندي.

يو ڊي سي (يونيورسٽي آف ڪولمبيا) واشنگٽن جي پبلڪ يونيورسٽي آهي، جيڪا 1977ع ۾ هتي جي فيڊرل سٽي ڪاليج ۽ واشنگٽن ٽيڪنيڪل انسٽيٽوٽ (جيڪي ٻئي 1966ع جا ٺهيل آهن) کي ملائي ناهي وئي. هيءَ يونيورسٽي پاڪستان ۽ ملائيشيا جي سفارتخانن کان سڌ پنڌ تي، وان نيس اسٽريٽ ۽ ڪنيڪٽيڪٽ ايوينيو جي ڪراس تي آهي.

يونيورسٽي آف ڪولمبيا ڪاليج آف آرٽس اينڊ سائنس، اسڪول آف بزنيس اينڊ پبلڪ ايڊمنسٽريشن، اسڪول آف انجنيئرنگ ۽ اپلائيڊ سائنسز ۽ ڊئوڊ ڪلارڪ اسڪول آف لا جي معرفت پنجهتر انڊر گرئجوئيٽ ۽ گرئجوئيٽ اڪيڊمڪ ڊگري پروگرام مهيا ڪري ٿي. هن يونيورسٽي ۾ ڌارين ملڪن جي شاگرد جو وڏو تعداد پڙهي ٿو. ملائيشيا جي هنن شاگردن جن سان ملڻ ويس، انهن ٻڌايو تہ اٽڪل پنجويھ ملڪن جا شاگردن هن يونيورسٽي ۾ پڙهڻ تا ۽ ٻيا جيڪي هتي جا مڪاني آمريڪن آهن، انهن جا والدين بہ قريب ماضي ۾ مختلف ملڪن کان هتي آمريڪا ۾ اچي Settle (آباد) ٿيا ۽ اڄ هو جيتوڻيڪ آمريڪن سڏائين ٿا، پر سندن Roots ۽ ڪلچر پنهنجي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو رنگ آهي. ان حساب سان هن يونيورسٽي ۾ اڇا، ڪارا، ايشيائي، آفريڪن، ڏکڻ آمريڪا جا ۽ ڪئريبين ٻيٽن جا شاگرد پڙهن ٿا. پاڪستاني بہ ڪيترائي نظر اچي رهيا هئا، جو واشنگٽن گاديءَ جو شهر هجڻ ڪري ڪيترائي پاڪستاني سرڪاري ۽ نيم سرڪاري آفيسن ۾ هتي ڪم ڪن ٿا، جن جا ٻار يا ٻائر پيرون هتي پڙهن ٿا. هونءَ بہ هتي واشنگٽن کان علاوه اوسي پاسي جي رياستن: ورجينيا، پينسلوانيا، ميريلئنڊ وغيره ۾ پاڪستانين جا ڪجھ وڏا ئي ميڙاڪا رهن ٿا.

## 42 سالن بعد انور ميمڻ سان ملاقات

UDC يونيورسٽي ۾ ملائيشيا جي ملئي شاگردن سان ملي، آخر ۾ لئبرري جو ديدار ڪري نڪري رهيو هوس، تہ ڪاريڊار ۾ خالد هاشماڻي ملي ويو. نہ ڪيڪار نہ ڪڙي هڪ ساھ

۾ شروع ٿي ويو. ”ڪمال آهي وچڻ وقت توهان چيو تہ هاٽي مهيني بعد واشنگٽن ايندس. اسان کي ٻڌائڻ بنا لڪي لڪي پيا چڪر ڏيو.“

”اڄ اچان ٿي ڏينهن ٿيا آهن.“ مون خالد سان پاڪر پائي ملندي چيو، ”مون سوچيو تہ هفتي بعد تو جهڙن، پيٽارو جي همراهن کي ٻڌائيندس.“

”نہ بابا!“ خالد تعجب مان چيو.

”نہ بابا ڇا؟ آئون پيٽارو کان علاوه ڪجھ ٻين ماڻهن سان ملي، انهن بابت پنهنجي سفرنامي ۾ لکڻ ٿو چاهيان.“

”بس پوءِ جهلجي پئين نہ. هاڻ ڇا پروگرام آهي؟“ خالد پڇيو.

”ڪجھ ناهي. لنچ بعد پنهنجو پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري، رات جو دير تائين گذريل ٻن ٽن ڏينهن جون ڳالهيون لکٽيون اٿم.“

”نہ بابا“ خالد پنهنجو تڪيو ڪلام ورجايو.

”نہ بابا ڇا؟ چئہ ها بابا.“ مون چيومانس.

”هاڻ سائين ڳالھ ٻڌو. لکڻ کي هٽو ڪڏ ۾. آئون ورجينيا کان هلي هتي واشنگٽن آيو آهيان. مون سان گڏ گاڏيءَ ۾ ويھ. اقبال ترڪ بہ ڪراچيءَ کان هتي آيل آهي ۽ ڪئناڊا کان انور ميمڻ. ڪين مون هڪ هنڌ لنچ لاءِ گهرايو آهي. هلو تہ گڏ هلون.“

انور ميمڻ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ هو، بلڪ هو ميرخاص وارن ڏينهن کان مون سان گڏ اٺين ڪلاس کان انٽر تائين رهيو. منهنجو ڪٽ نمبر 47 هو تہ انور جو 48. انور جو پيءُ ’چاچو محمد بسو‘ منهنجي والد گل محمد شيخ جو سٺو دوست هو، ان ڪري موڪلن ۾ بہ آئون بابي سان گڏ انور سان ملڻ سندن ڪاهي روڊ واري گهر ويندو هوس. انور کي هڪ ننڍو ڀاءُ منور نالي آهي، جيڪو شايد آدم جي انشورنس ۾ رهيو. انور ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر ڪرڻ بعد مهراڻ يونيورسٽي مان B.E ڪئي ۽ پوءِ خبر ناهي ڪٿي ڪٿي نوڪري ڪري ڪئناڊا اچي ٽڪيو ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪئناڊا ۾ ئي رهيل آهي. سندس شادي اسانجي پيٽارو جي هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ لاڙڪاڻي جي عبدالفتاح ميمڻ صاحب جي پٽ علي رضا ميمڻ جي اڪيلي ڀيڻ نجمہ سان ٿي. علي رضا ننڍي هوندي وفات ڪري ويو. هن پيٽارو مان انٽر ڪرڻ بعد ڪراچي يونيورسٽي مان M.A ڪئي هئي. علي رضا جو وڏو ڀاءُ علي نواز ميمڻ هتي آمريڪا ۾ ئي رهي ٿو ۽ SANA (سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) جو سرگرم ميمبر آهي. پيٽارو ڇڏڻ بعد انور سان وري ملاقات نہ ٿي هئي. يعني اڄ 42 سالن بعد ملي رهيو هئومانس. ويجهڙائيءَ ۾ ٻڌو هوم تہ سندس صحت صحيح نٿي رهي. سندس ٻنهي گردن (kidneys) ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو، جنهن بعد سندس گهر واري نجما جي هڪ Kidney ٽرانسپلانٽ ڪئي وئي ۽ خالد ٻڌايو تہ هو هاڻ بهتر آهي ۽ ان آپريشن بعد هو پهريون دفعو ڪئناڊا کان هتي آمريڪا آيو آهي.

## خالد هاشماڻي پاڻ بہ ايراني لڳي ٿو

”پاڻ ليس برگ پائيڪ روڊ وٺي واپس ورجينيا ٿا هلون،“ خالد چيو. ”اتي ويسٽ ووڊ سينٽر ڊرائيو روڊ تي ”شمشيري“ ريسٽورينٽ آهي.“

”تهيو سمجهي ويس.“ مون چيو.

”ڇا مطلب؟“ خالد پڇيو.

”ڪو ايراني هوٽل هوندي.“ مون وراڻيس.

”بلڪل صحيح سڃاتئہ“ خالد چيو.

خالد هاشماڻي پيٽارو ۾ اسان کان ٻہ سال جونيئر هو، پر منهنجي ئي هائوس (لياقت هائوس) ۾ رهيو ٿي. پيٽارو بعد هن مهراڻ مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ (يا شايد سول انجنيئرنگ ۾) B.E ڪرڻ بعد ايران وڃي نوڪري ڪئي. شڪل صورت ۾ ايرانين وانگر سهڻو ۽ گورو تہ آهي، پر ايرانين هن کي پنهنجو ئي سمجهيو هوندو. ڪيس بہ ايران ملڪ ۽ ان جا ماڻهو اهڙا تہ وڻي ويا جو شادي بہ ايراني ڇوڪريءَ سان ڪيائين. هينئر ڪيس ايراني ميوزڪ وڻي ٿي، ايراني کاڌا وڻن ٿا (ان ڪري اسان جي هن ايراني هوٽل ۾ دعوت ڪئي اٿس) ۽ ايرانين وانگر لس ئي لس فارسي ڳالهائي ٿو. اسڪول جي ڏينهن ۾ خالد کي نہ عربي سمجهہ ۾ آئي ۽ نہ فارسي، ان ڪري مئٽرڪ ۾ آپشنل سبجيڪٽ ووڊ ورڪ يا ڊرائنگ ڪنيائين. خالد ڪافي سالن کان ٻارن سان گڏ ٽورنٽو ۾ اچي رهيو ۽ ڪيس ڪئناڊا جي سٽيزن شپ آهي. گذريل ٻن ٽئن سالن کان هڪ فرم جي اسائنمينٽ تي هتي ورجينيا ۾ اچي رهيو آهي، جتي سندس ٻار مڪاني يونيورسٽين ۾ پڙهن ٿا. ڪيس فقط ٻہ ڌيئرون آهن، جن کي هو پٽن وانگر ئي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي والد مرحوم محمد صالح ميمڻ صاحب جي روايت موجب هو ڌيئرن کي بہ پٽن وانگر اعليٰ تعليم ڏيڻ چاهي ٿو. سندس وڏي ڌيءَ جو نالو پارسا ۽ ننڍيءَ جو انيتا آهي.

خالد هاشماڻيءَ جي والد صاحب گهٽ پگهار ۽ وڏي عيال هوندي بہ جيڪا جدوجهد اولاد پنيان ڪئي، اهو ٻين لاءِ مثال آهي. خالد جا وڏا مٽياري شهر جا آهنِ. نوڪري خاطر خالد جو والد حيدرآباد ۾ گاڏي کاتي ۾ اچي رهيو. خالد ۽ ان جي فئمليءَ کي سندس پيٽارو ۾ اچڻ کان اڳ ئي مون سڃاتو ٿي، جو اسانجي ناني سيٺ محمد حسن سومرو جو گهر بہ اتي ئي هو ۽ اسان جڏهن ڳوٺان ناناڻي ايندا هئاسين تہ گاڏي کاتي ۾ رهندڙ ٻين ٻارن سان گڏ خالد سان بہ ملندا هئاسين. خالد سڄي پاڙي ۾ سخت شرارتي ٻار هو، جنهن جي وڏي دلچسپي فقط ۽ فقط گهٽيءَ ۾ راند کيڏڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ هئي. سندس والد کي پنهنجي ٻارن جو بيحد گهڻو الڪو هوندو هو. هن کي پاڙي ۾ رهندڙ ٻين امير ماڻهن وانگر نہ زمينون هيون نہ دڪان هوٽلون. هن پنهنجن ٻارن جو مستقبل ان ۾ ئي ڏٺو ٿي تہ هو محنت ڪري

پڙهن ۽ سٺي نوڪري تي رسن. هن کي اها ڳالهه به دماغ ۾ هئي، ته وڏي پٽ کي لاڏلو ڪري ڪارڻ بدران سختيءَ سان رکجي، جو باقي ٻار (ٻائر پينرون) وڏي کي ئي فالو ڪن ٿا.

چاچي صالح کي انهن ڏينهن ۾ پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج جي زندگي بهتر لڳي، جتي ڊسيپلين جي زندگي هئي ۽ ساڳي وقت خالد پاڙي جي ٻارن کان پري رهي سگهيو ٿي. خالد پيٽارو لاءِ ته چونڊجي ويو، پر ان جون ڳريون فيون چاچي صالح ميمڻ جي مالي قوت کان وڌيڪ هيون، هو پنج وقت نمازي ۽ حق حلال جي پگهار مان گذارو ڪرڻ وارو انسان هو. هن پيٽارو جي انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس کي گهٽ پگهار جي بنياد تي خالد جون ڪجهه فيون معاف ڪرڻ لاءِ چيو.

”بلڪل مچان ٿو ته توهان کي ٿورو پگهار آهي، پر في معاف تڏهن ڪندس جڏهن ڇوڪرو پڙهائي ۾ راندين ۾ گوءِ ڪٽي ڏيکاريندو.“ ڪرنل ڪومبس چيو.

۽ پوءِ چاچو، خالد کي هر وقت اهو سبق ڏيندو رهيو ته پاڻ غريب آهيون، جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته پنهنجي پيءُ جي مدد ڪريان ته ڪجهه ڪري ڏيکار. ۽ پوءِ اسان ڏٺو ته خالد جهڙي شرارتي ۽ پڙهائي ۾ سست ٻار هڪ سال اندر سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. هو گاڏي کاتي جي ڏهن ٻارن جي ونجهوٽي ۽ اٿي ڏکر راند جو لٺ سردار، هاڻ پنجاهه ڪئڊٽن جي ڪلاس جي فٽ بال، هاڪي ۽ ڪرڪيٽ جهڙين راندين جو ڪئپٽن ٿي ويو. هر منٿلي ٽيسٽ ۾ هن جي مارڪن جو تعداد وڌندو ويو. ڪاليج جي بئنڊ ڪلاس ۾ اڳيان اڳيان هي ٿي ويو. شاهين ايئر اسڪائوٽس جو ميمبر هي ٿي ويو. سندس اسڪول جون فيون ته معاف ٿي ويون، مئٽرڪ تائين پهچڻ کان اڳ اسان جي انگريز پرنسپال ڪرنل ڪومبس ۽ ڪئپٽن عالم جا محسود ايڊجيوٽنٽ (هاڻي ليفٽيننٽ جنرل) جو فئوريٽ ڪئڊٽ خالد ٿي پيو، جيڪو ڪاليج جي عزت وڌائي رهيو هو. خالد ڪلاس ۾ نمبر ڪٽندو هو ته به سندس والد صاحب اهڙي سٻاجهي طبيعت جو انسان هو جو هر سينئر ڪئڊٽ کان خالد جو پڇندو رهندو هو ته پڙهائي ڪري ٿو يا نه. ڪنهن کي تنگ ته نٿو ڪري ۽ پوءِ اسانکي پارتون ڪندو هو ته خالد کي پڙهائي لاءِ چوندا رهو.

## خالد جا ڀاءُ ڀيڻ ۽ اقبال جماڻيءَ جا ٻارَ

اڄ ڏسان ٿو ته هن نيڪ انسان ۽ حق حلال جي پگهار مان پورت ڪرڻ واري جا ٻار سڄي محلي جي امير ٻارن کان بهتر آهن. هن جا سڀ ٻار نيڪ ۽ صالح آهن ... وڏيون وڏيون ڊگريون حاصل ڪري وڏين نوڪرين تي آهن ... نه فقط پٽ: خالد، طارق ۽ اختر پر ڌيئرون پڻ. خالد کان پوءِ ڀاءُ طارق آهي، جنهن بعد ٽي پينرون آهن: فهميده، نجما ۽ حميده ... ٽنهي MBBS ڪئي ۽ ڊاڪٽرياڻيون آهن. ڊاڪٽر فهميده جي شادي اسان جي پيٽارين ۽ خالد جي ڪلاس ميٽ اقبال جماڻيءَ سان ٿي، جيڪو اڄ ڪلهه انڪم ٽئڪس

ڪمشنر آهي. ڀين جي ڀارن جي خبر نہ اٿم، پر اقبال جا ڀار ڪراچي ۾ اتي رهن ٿا، جتي اسان جو گهر آهي، اهي بہ سڀ سئن نمبرن سان پاس ٿيندا اچن. ڊاڪٽر فهميده جو وڏو پٽ جنهن تي پنهنجي ڏاڏي سائين جمال جماٽيءَ جو نالو آهي، پاڪستان مان گرئجوئيشن ڪرڻ بعد هاڻ هتي آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي ... جنهن جي سلسلي ۾ شايد سندس مامو خالد هاشماٽي يونيورسٽي آيل هو، جتي منهنجي ساڻس اوچتو ملاقات ٿي.

جمال جماٽي بعد بہ ڀيٽيون فضا اقبال ۽ مليحا اقبال ڊاڪٽر آهن. ڊاڪٽر مليحا پڻ اڄ ڪلهہ آمريڪا ۾ ڪجهہ ڪورسز ڪري رهي آهي، جنهن لاءِ ڪيس سندس آغا خان هاسپيٽل وارن هيڊانهن موڪليو آهي ۽ ننڍو ڀاءُ ڪمال جماٽي ڪراچي ۾ او ليول ڪري رهيو آهي. اقبال جماٽيءَ سان گڏ سندس گهر واري (يعني خالد هاشماٽي جي ڀيڻ) ڊاڪٽر فهميده بہ جاب ڪري رهي آهي ۽ سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ سينئر سرجن آهي. اقبال جماٽي ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ انٽر ۾ هو تہ سندس والد سائين جمال الدين جماٽي صاحب روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو. ان وقت جمال صاحب ڪراچي ۾ ائڊيشنل ڪمشنر هو ۽ حيدرآباد کان ڪراچي سفر ڪري رهيو هو. اقبال جماٽي انٽر بعد بي اي ۽ پوءِ پوليٽيڪل سائنس ۽ انٽرنيشنل رليشن ۾ M.A ڪري سول سروس جو امتحان ڏنو ۽ ان وقت کان وٺي انڪم ٽئڪس کاتي سان وابستہ آهي.

ڪي ماڻهو پنهنجي وطن ۾ رهندي ... وطن جي عوام جي نمائندگي جي جوابداري هوندي بہ پنهنجي وطن ۽ ماڻهن جو نٿا سوچين، پر خالد هاشماٽي اهو تن تنها سپاهي آهي، جنهن ڪي پنهنجي ديسَ کان ڏور رهي بہ پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي رهواسين جو فڪر جان سان لڳو رهي ٿو. پاڻ غربت جا ڏينهن ڏٺا اٿس تہ ڏکيا ڏينهن بہ. ڪيس ان جو احساس آهي. هو ٻي جا ڏک سمجهي ٿو ۽ سچي زندگي ضرورتمندن جي اخلاقي توڙي مالي مدد ڪندو رهيو آهي ... پر ڪرنل ڪومبس وانگر هن جي نظرن ۾ بہ فقط غربت ڪا ڪرائيٽريا ناهي، هن لاءِ اهو غريب ماڻهو لائق فائق آهي، جيڪو محنتي آهي، هنر مند آهي، سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ڪاغذي ڊگرين ۽ سرٽيفڪيٽن سان گڏ هن جي دماغ ۾ اعليٰ تعليم آهي. خالد پاڻ بہ سڄي عمر محنت ۽ پورهيا ڪيا آهن.

## انور ميمڻ جو مشهور انگريزي گانو

شمشير هوٽل ويسٽ ووڊ سينٽرڊرائيو (روڊ) تي آهي، جتي شيراٽن ٽائسن ڊرائيو وارو روڊ اچيو ملي. خالد هاشماٽي هوٽل تائين مونسان سنڌ ۾ ڪرنڌڙ تعليم لاءِ ڏک جو اظهار ڪندو هليو. اسانجي ڳوٺن ۾ اسڪولن جي تباهي واري حالت ۽ اسانجي نوجوانن جو محنت کان پڇڙ بابت هو فڪر مند ٿي رهي ٿو. خالد هاشماٽيءَ جو اهو Vision آهي تہ

سنڌ ۾ ان جو عوام تڏهن ئي خوشحال ٿي سگهندو، جڏهن اسان وٽ تعليم عام ٿيندي ۽ تعليم کي تعليم سمجهيو ويندو. ”تعليم انسان ۾ سٺي سوچ پئدا ڪري ٿي“، هن چيو، ”۽ سٺي سوچ سٺو عمل پئدا ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿي ۽ انسانن جا سٺا عمل سٺيون سوسائٽيون پيدا ڪن ٿيون......“

گاڏي پارڪ ڪري هوٽل ڏي آياسين تہ هوٽل جي در وٽ ئي ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو ۽ سندس دوست ڊاڪٽر سليم خميساڻي مليا ۽ هوٽل اندر اقبال ترڪ، انور ميمڻ ۽ اسانجي ڳوٺ جو ڊاڪٽر پروفيسر الطاف ميمڻ اسانجو انتظار ڪري رهيا هئا. انور ميمڻ ڪافي ڪمزور لڳي رهيو هو. مون ڪاليج وارن ڏينهن بعد ڪيس هاڻ ڏٺو. ڪاليج جي ڏينهن ۾ هو بيحد سهڻو، قداور ۽ صحتمند جوان هو. اسٽرانگ بہ ڏاڍو هوندو هو. گهٽ ۾ گهٽ جڏهن بہ منهنجو ساٽس جهيڙو ٿيندو هو تہ موچڙا آئون کائيندو هوس. ساڳي وقت دوستي ياري ۾ بہ ڏاڍو سٺو هو. منهنجو تہ ان ڪري بہ سٺو دوست هوندو هو، جو اسانجا والد بہ پاڻ ۾ دوست هئا. هينئر ٽي وي، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ڪري ٻار انهن ۾ مشغول رهن ٿا، پر اسان جي ڏينهن ۾ هڪ ٻئي سان جٽي هر وقت راند هوندي هئي اتي جهيڙو بہ عام هوندو هو. اها ٿي وندر بہ هوندي هُئي. وڙهڻ جو طريقو اهوئي هوندو هو تہ هڪ ٻئي کي ڳِٽر مان وٺبو هو. يعني قميص کي ڳچيءَ وٽان جهلبو هو، پوءِ هڪ ٻئي کي ٺونشا هٽبا هئا. انور ۽ منهنجو جهيڙو ضرور ٿيندو هو، پر ٻئي سان جهيڙي مهل اسان هڪ ٿي ويندا هُئاسين. پر ڪي ڪي اسانجا ڪلاس ميٽ اسان ٻن کان بہ سگهارا هوندا هُئا. هڪ دفعي مرحوم رفيع ڪاچيلي سان ميرپورخاص وارن ڏينهن ۾ جهيڙو ٿي پيو. انور ۽ مون هن کي خوب ٺونشا هنيا، پر هن جو جسم هاٿي جهڙو اهو سخت هو جو ٺونشن هڻندي اسان جا هٿ سور ڪندا رهيا ۽ رفيع مُرڪندو رهيو. ڪيس ماري ماري جڏهن اسان ٿڪجي پياسين، تہ هن اسانجون ٻانهون مروڙي، اهڙا دبڙاٽ ڪڍيا جو ويهہ فٽ ڪن پري وڃي ڪرياسين. سئي گٽس واري اسانجي ڪلاس ميٽ سراج شيخ (ڊاڪٽر ضياءُ الدين شيخ جي پٽ ۽ نجم شيخ جي پاءُ) جيڪو رفيع جو روم ميٽ هو، تنهن اسان ٻنهي کي بجا ڏئي چيو هو: ”لک لعنت هجانوَ بہ ڇٽا ڳڏ ٿي بہ موچڙا پيا کائو.“ ڪهڙا تہ سندر ڏينهن هئا ماضيءَ جا! موچڙن جي ڳالهہ ياد ڪرڻ ۾ بہ مزو پيو اچي.

انور جون اهي ڳالهيون مون ٻين کي ٻڌايون، خاص ڪري ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي ۽ سليم خميساڻيءَ کي جيڪي پيٽارو جا نہ آهن. انور کي انگريزي گانا ڳائڻ جو بہ شوق هوندو هو حيدرآباد جي نيو مئجيسٽڪ سئنيما ۾ انگريزي فلم ڏسي، ان جا گانا تہ ڳائي نہ سگهندو هو، پوءِ اڙدو گانن جو انگريزي ترجمو ڪري ڳائڻ سندس خاص Hobby ۽ سجاٽپ هئي. ڪلاس ميٽ ۾ سينئر جونيئر پلي پيا ڪلن، پر هي نڪ جو پڪو ٿي ڪلاس روم توڙي ميس ۾ توڙي راندين دوران انگريزي گاني جون سٽون پيون ڳائيندو هو ... جنهن گاني جو

ليڪڪ بلڪ ترجمو ڪندڙ بہ پاڻ هوندو هو تہ ڪمپوزر بہ پاڻ هوندو هو. سندس سڀ ڪان دلپسند گانو، جيڪو ٻڌي ٻڌي اسان کي بہ ياد ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين پُراڻا دوستَ وهندا آهيون تہ اهو انور جي اسٽائيل ۾ دهرائي کلندا آهيون، سو هوندو هو:

Don’t go don’t go
My heart is not yet
Full filled

جيڪو ان وقت جي مشهور گاني، ”اِيي نا جائو ڇوڙ ڪر ڪہ دل اڀي ڀرا نهين.“ جو آزاد انگريزي ترجمو هو، پر انور ان جي ڌن (ميوزڪ) ساڳي اڙدو واري رکي هئي.

## ايرانين ۽ اسان ۾ فرق ڪرڙ وارو آهي

”پلا هاٽ پراٺين ڳالهين کي ڇڏي مينو مان چونڊ ڪريو تہ ڇا ڇا کائيندائو؟“ خالد هاشماڻي اسان جي ٿڪڻ ۽ زور زور سان ڳالهائڻ مان بيزار ٿي چيو. لڳي ٿو تہ خالد هن ريسٽورينٽ جو پراڻو ۽ مان وارو ڪسٽمر آهي، جو هوٽل ۾ ايراني، ڪرد ۽ زوروسٽرن خذمتگار ڇوڪرين هن کي ايندي ويندي فرشي سلام پئي ڪيا.

هوٽل جي مينو تي مون هڪ نظر ڊوڙائي.

Albalon Polo
Shirin Polo
Jujeh Kabob
Chicken Tandoori
Mahi Kabob
Baghali Polo
Zereshk Polo
Chelo Kabob
Kibidah

جهڙا فارسي نالي پڙهي سمجهي ويس تہ هتي نج ايراني ڊش Serve ٿين ٿا. هونءَ تہ پاڪستان جي جيئن جيئن اوپر ۾ وڃبو، تيئن تيئن چانورن جو گهٽو واهپو نظر ايندو. ڪلڪتو، بنگلاديش، برما، ٿائليند، ملائيشيا، ويٽنام، هانگ ڪانگ، چين ويندي جپان ۽ ڪوريا ۾ چانور ٿئي چانور آهن. ملائيشيا، ڪوريا ۽ جپان ۾ تہ صبح جو بہ پيٽ ڪاڌو وڃي ٿو ۽ هيڏانهن پاڪستان جي اولهہ ڏي وڃبو تہ چانورن بدران ماني يا نان هلن ٿا. عربستان، مصر، شام، ترڪي ۽ اڃان بہ اڳتي يورپ ڏي تہ ڊبل روٽي ۽ بن هلن ٿا. پر اهي شيون ڪڻڪ مان ٺهيل ٿين. پاڪستان جي ڪاٻي پاسي يعني اولهہ ۾ فقط ايران هڪ اهڙو ملڪ آهي،

جنهن جا باشندا چانور (پت) وڏي شوق سان کائين ٿا ۽ هي جيڪي ڊش هن ريسٽورينٽ ۾ Serve ٿي رهيا هئا، جن لاءِ Polo لکيل آهي. پڪ ٿيو ڪو لفظ نہ پر پُلاءُ آهي. شيرين پولو معنيٰ مٺو پُلاءُ ... ٿي سگهي ٿو چاشني ٽائيپ پت هجي. فارسي مونکي ڪانہ ٿي اچي، پر سنڌي ۽ اڙدو ۾ ڪيترائي فارسي جا لفظ آهن. ماهي ڪباب پڪ مڇيءَ جو ڪواب هوندو، جو ماهي لفظ جو سامونڊي مخلوق يا مڇيءَ سان واسطو آهي، تڏهن تہ ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن تي نهيل اڪيئرم جو اڙدو نالو "ماهي خانا" رکيل آهي. مون ۽ انور ميمڻ پنهنجو مينو جو بروشر ڊاڪٽر الطاف گاجٽيءَ جي حوالي ڪري چيو تہ، "يار! جيڪي پنهنجي لاءِ گهرائين سو اسان لاءِ بہ گهرائجان."

"سائين! هتي جا چانور واهہ جا آهن." خالد هن هوٽل جي ڪاڌن جي تعريف ڪندي چيو، جنهن جي جواب ۾ اقبال ترڪ ٺهہ پهہ چيس: "هيءَ هوٽل ساهرن جي تہ نہ اٿئي؟"

"بس ائين ئي سمجهو" خالد بدران انور جواب ڏنو. خالد هوٽل مئنيجر ۽ Serve ڪندڙ عورتن سان فرفر فارسيءَ ۾ ڳالهائيندو رهيو، جن ۾ ڪجهہ انهن روسي رياستن جون لڳيون ٿي، جيڪي ايران جي بارڊر سان لاڳو آهن ۽ جتي فارسي زبان ڳالهائي وڃي ٿي. هو فارسي زبان ۾ مختلف ڊش ۽ ان کان علاوه سلاد ۽ ڪولڊ ڊرنڪ آرڊر لاءِ چوندو رهيو. ٽيبل تي رکيل مختلف بروشرن مان هڪ کي کولي ڏٺم، جنهن ۾ چانورن جي يعني پت جي تعريف لکيل هُئي:

Rice is the jewel of Persian cuisine. As with her art of miniature painting and poetry, Persia has carried the preparations of rice to extraordinary heights of refinement and perfection.

مئرين انجنيئرنگ ۾ M.Sc ڪرڻ دوران، جڏهن بہ سال آئون سئيڊن جي ڏاکڻي شهر مالمو جي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي ۾ هوس، تہ منهنجي پاڙي ۾ ڇهہ ست ايراني فئمليون رهنديون هيون، جن ۾ هڪ ايران جي پورٽ جو ڊئريڪٽر مسٽر ساساني بہ هو. هن کي بہ مون وانگر چانورن جي کرڙ وڻندي هئي. هڪ ڏينهن چيومانس تہ الائي ڇو کرڙ پت کان وڌيڪ ٽيسٽي ٿئي ٿي، جيتوڻيڪ اهي سڙي ويل ۽ ديڳڙي جي تر سان چهٽيل چانور ٿين ٿا، جيڪا اسان وٽ بي خيال ۽ غير ذميدار عورت جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. ساساني ٺهڪ ڏيندي چيو، "خبر اٿئي اسان وٽ ايران ۾ سٺي بورچي جي واکاڻ کرڙ تي آهي. اسين ايراني چاٽي واٽي ديڳڙي کي هلڪي باهہ تي چڙهي ڏيندا آهيون تہ جيئن کرڙ (تهہ ديگ) ٺهي ۽ کرڙ ان ڪري لذيذ ٿي ٺهي جو ان ۾ چانور فراءِ ٿين ٿا، جيئن ڪڙڪ پٽئٽو چپس."

۽ هاڻي مونکي منهنجو ايراني دوست ياد اچي ويو، جڏهن شمشير هوٽل جي هن بروشر ۾ چانورن جي تعريف ۾ هي سٽون پڙهيم:

“The reputation of Persian Cooks often rests on the quality of the “tah Digue”. The tasty layer of golden rice which sticks to the bottom of Pan.”

انهن ايراني دوستن سان پاڪستان ۽ ايران جي ڳالهہ ڪرڻ دوران چرچي ۾ چوندو هئو سان تہ، يار پاڻ ۾ ”فرق ڪرڙ وارو آهي“.

”چا مطلب؟“ هو پڇندا هئا.

”مطلب اهو ٿي تہ ڪنهن ايراني کي ڪرڙ ڪارائڻ معنيٰ هن کي عزت بخشڻ ۽ ڪنهن پاڪستانيءَ کي ڪرڙ ڪارائڻ معنيٰ ذليل ڪرڻ. اسان وٽ چوندا آهن پُلاءُ پاڻ کائي ويو، اسان لاءِ ڪرڙ ڇڏي ويو ... يا ڪنهن نڪمي ہار لاءِ چوندا ”هي فلاڻي همراهہ جي ڪرڙ آهي“.

## اقبال ترڪ ۽ سندس پائر

مانيءَ دوران ہيءَ ڪنڊ تي وينل اقبال ترڪ پنهنجا چرچا ٻڌائِي سڀني کي کلائيندو رهيو. اقبال جا ہہ پٽ عامر، آثم ۽ ہہ ننڍا پائر ڊاڪٽر اعجاز ۽ ڊاڪٽر اشفاق هتي آمريڪا ۾ رهن ٿا، جن وٽ هو هر سال ڏيڍ بعد گهمڻ لاءِ ايندو رهي ٿو. ڊاڪٽر اعجاز 1979ع ۾ LMC مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪري، آمريڪاڻ وڌيڪ اچي پڙهيو. سندس فيلڊ Gastroantology آهي يعني ماهر امراض جگر، آنڊو، وغيره ... جنهن ۾ هن فيلوشپ ڪئي آهي ۽ آمريڪا جي رياست مشيگان ۾ رهي ٿو. سندس شادي آمريڪا ۾ ٿي اسانجي دوست سليم شاهہ ۽ پروين شاهہ جي ڌيءَ عائشہ سان ٿي. سليم شاهہ وارن جو ذڪر مون شروع وارن ڪتابن، ”جاني تہ جهاز ۾“ ۽ ٻين ۾ ڪيو آهي. ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ اسانکي جهاز نيويارڪ، بالٽيمور، هيوسٽن وغيره وٺي اچڻو پوندو هو ۽ انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ڪان سليم شاهہ وارا تازو نيويارڪ آيا هئا ۽ ساڻن عبدالقيوم شيخ جي ٻراڊوي واري دڪان ”شالامار“ تي ڪچهري ٿيندي هئي. هالن جو وڪيل عبداللطيف انصاري، جهڏي جو زميندار مير مبارڪ ٽالپر، حيدرآباد جو بشير مغل ۽ ٽنڊوقيصر جو رئيس نور احمد نظاماڻي، جيڪي پر ۾ (مئن هٽن ۾ ٿي) 319 ويسٽ 101 گهٽيءَ ۾ رهندا هئا. عائشہ کي اتي نيويارڪ جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو هو ۽ ادي پروين هن جون دلچسپ ٻاراڻيون ڳالهيون ۽ آمريڪن لهجي ۾ ڳالهائڻ بابت ٻڌائيندي هُئي.

اقبال ترڪ جو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر اشفاق LMC جي 1984ع واري بئچ جو گرئجوئيٽ آهي، بلڪہ Best گرئجوئيٽ آهي. هن آمريڪا اچي پهرين انٽرنل ميڊيسن ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان بعد دل جي بيمارين (Cardiology) ۾ فيلوشپ ڪئي. ڊاڪٽر اشفاق انڊيانا رياست ۾ رهي ٿو ۽ ڀاءِ روڊ ڊاڪٽر اعجاز ڪان ڪلاڪ ڏيڍ جي پنڌ تي آهي. ڊاڪٽر اشفاق جي شادي شڪارپور جي مشهور شخصيت نذير صديقي جي ڌيءَ ريزان سان ٿي آهي. اقبال ٻڌايو تہ اڄ ڪلهہ ڊاڪٽر اعجاز هتي واشنگٽن ۾ SANA وارن جو فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ لاءِ آيو آهي،

جيڪو پڻ ڏينهن ڪانپوءِ شروع ٿيڻ وارو آهي. ڊاڪٽر اعجاز لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن اڄ ڏينهن تائين سنڌين جو هي سالیانو ميڙاڪو miss نہ ڪيو آهي، چاهي ڪٽي آمريڪا جي ڪهڙي بہ شهر ۾ لڳي.

اسانجي پيٽارو جي ساٿي ۽ جهانگارا باجارا جي رهاڪو اقبال ترڪ جا ٻئي پٽ؛ عامر ۽ آٿم منيسوٽا ۾ رهن ٿا. عامر انجنيئر آهي ۽ آمريڪا جي ڊپارٽمينٽ آف ٽرانسپورٽ ۾ پروجيڪٽ مئنيجر آهي. سندس شادي ڪجهہ سال اڳ هتي ڪراچيءَ ۾ اقبال ترڪ جي ڪلاس ميٽ محبوب عالم انصاري جي ڌيءَ فرين سان ٿي هئي. فرين ڊاڪٽر آهي ۽ ڊو ميڊيڪل ڪاليج جي گرئجوئيٽ آهي. آٿم ڪمپيوٽر سائنس ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۾ ميٽرو پوليٽن اسٽيٽ يونيورسٽي مان گرئجوئيشن ڪري رهيو آهي.

اقبال ترڪ جي پائرن ۽ ٻارن جي تعليم جو مون هتي ذڪر ان ڪري بہ ڪيو آهي، تہ جيئن اڄ جو نوجوان Realize ڪري سگهي تہ محنتي ماڻهوءَ کي هن جي محنت جو ڦل ضرور ملي ٿو. اقبال وارن جا نہ چاچا ماما وزير هئا ۽ نہ سرڪاري ڪامورا يا پير سردار. دادو ضلعي جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ جهانگارا باجارا جا هي رهاڪو فقط ۽ فقط محنت سان مٿاهين درجي تي پهتا آهن. اقبال ترڪ جڏهن پيٽارو ۾ آيو هو تہ انگريزي تہ پري جي ڳالهہ سنڌي اڙدو بہ ڳالهائڻ نٿي آيس، پر اسانجو انگريز پرنسپال ۽ تعليم جو ماهر ڪرنل ڪومبس چوندو هو تہ هن ٻار ۾ محنت جو جذبو آهي، وقت نٿو وڃائي، وڌو ٿي پنهنجي اهميت مڃرائيندو. هو پيٽارو ۾ اٺين ڪلاس ۾ آيو هو. مئٽرڪ ۾ هن سڄي بورڊ ۾ ٻي پوزيشن حاصل ڪئي ۽ انٽر سائنس ۾ سڄي سنڌ مان پهرين نمبر آيو. (تن ڏينهن ۾ سکر جو بورڊ نہ هو). اهڙي طرح هن NED ۽ ٿائلنڊ جي يونيوررسٽي ۾ بہ مٿاهين پوزيشن ڪٽي ڏيڪاري ۽ اهوئي حال سندس سيني پائرن ۽ انهن جي ٻارن جو آهي. اقبال ترڪ جو تفصيلي احوال مون پنهنجي ڪتاب "منهنجو ساگر منهنجو ساحل" ۾ ڏنو آهي، جيڪو ڪتاب ڪيس ئي منسوب ٿيل آهي.

## آمريڪن يونيورسٽين جا سنڌي گرئجوئيٽ

ڊاڪٽر الطاف ميمڻ (گاجٽي) ۽ انور ميمڻ جيڪي منهنجي پاسن ڪان وينا هئا، تن کي آهستي ٻڌايم تہ اڄ ڪلهہ مون آمريڪا جي ڪجهہ اهم يونيورسٽين بابت لکي رهيو آهيان. پنهنجي ملڪ جي ڪجهہ اهم ماڻهن جا نالا ٻڌايو، جن هتي جي يونيورسٽين مان تعليم ورتي هجي ۽ هتي جي يونيورسٽين ۾ پڙهائي رهيا هجن. هنن مونکي ڪجهہ نالا ٻڌايا جيڪي پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هيٺ ڏئي رهيو آهيان.

- پروفيسر آغا گل صاحب (جم جي تاريخ 21 اپريل 1957ع) هن وقت آمريڪا جي يونيورسٽين مان سڀ ڪان پڙهيل ڳڙهيل شخصيت آهي ۽ اڄ ڪلهہ يونيورسٽي آف

الينئاس (Illinois) ۾ ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر آهي. پاڻ يونيورسٽي آف مشيگان مان ڪمپيوٽر ۽ ڪميونيڪيشن سائنس ۾ ماسٽرس ۽ پي ايچ ڊي ڪئي اٿس. هن Yale يونيورسٽي ۾ پڻ ـ سال ڪن پڙهايو آهي. يونيورسٽي آف پئرس (فرانس) ۾ پڻ ـ سالَ ڪن وزٽنگ پروفيسر ٿي رهيو آهي.

- ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جيڪو بنيادي طرح انجنيئر آهي، هتي جي يونيورسٽي آف پٽسبرگ مان Ph.D ڪئي ۽ يونيورسٽي آف نيويارڪ جي اسڪول آف بزنيس ۽ ٽيڪنالوجي جو Dean آهي.
- ڊاڪٽر رامچند اوڏ جيڪو اڄ ڪلهه ڪولوروڊو يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي، تنهن آمريڪا جي ڪارنيل يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪئي.
- نيوجرسي جي مشهور يونيورسٽي Rutgers مان ڊاڪٽر صمد عباسي ۽ رميش ٽارواٽيءَ ـ گرئجوئيشن ڪئي آهي. ڊاڪٽر صمد مئٿس ۾ Ph.D ڪئي ۽ اڄ ڪلهه اسلام آباد جي نئشنل يونيورسٽي آف ڪمپيوٽر ۾ پروفيسر آهي.
- پروفيسر نديم جمالي جيڪو اڄ ڪلهه يونيورسٽي آف Saskatchewan ۾ ڪمپيوٽر سائنس جو پروفيسر آهي. يونيورسٽي آف Illinois مان Ph.D ڪيائين.
- پروفيسر آفتاب قاضيءَ يونيورسٽي آف پٽسبرڪ مان Ph.D ڪئي.
- زئبسٽ جو پروفيسر ۽ سينيٽر جاويد لغاري اسٽيٽ يونيورسٽي آف نيويارڪ (بفئلو واري) مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ Ph.D ڪئي.
- پروفيسر عاطف ميمڻ جيڪو يونيورسٽي آف ميريلئنڊ ۾ پڙهائي ٿو، پاڻ ڪمپيوٽر سائنس ۾ يونيورسٽي آف پٽسبرگ مان Ph.D ڪيائين.
- پروفيسر مبارڪ شاهه يونيورسٽي آف سينٽرل فلوريڊا ۾ پڙهائي ٿو، پاڻ Wayne اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪيائين.
- پروفيسر زبير شيخ جيڪو اڄ ڪلهه ڪراچي جي نئشنل يونيورسٽي ۾ پڙهائي ٿو، نيويارڪ جي پوليٽيڪنڪ يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪيائين.
- ڊاڪٽر عطاءُ الله سولنگي جيڪو اڄ ڪلهه ٽئڪسلا جي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي ۾ پڙهائي ٿو، هتي جي ڪلارڪسن يونيورسٽي مان Ph.D ڪري ويو آهي.
- ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو پٽ سرمد عباسي جيڪو اڄ ڪلهه اسلام آباد ۾ نوڪري ڪري ٿو، اهو پڻ نيوجرسيءَ جي يونيورسٽي رٽگرز مان Ph.D ڪري ويو آهي.
- ڊاڪٽر صغير شيخ ۽ ڊاڪٽر رحمان سومرو جن ڪمپيوٽر انجنيئرنگ ۾ يونيورسٽي آف ٽيڪساز ۽ ويسٽرن رزرو يونيورسٽي مان پي ايچ ڊي ڪئي آهي.

## نيو جرسي جا بهترين تعليمي ادارا

منهنجو جيئن تہ نيوجرسي ۾ گهڻو رهڻ ٿيو آهي، سو هتي جي ڪجهہ تعليمي ادارن جو ويب سائيٽس ڏيان ٿو.

New Jersey Colleges and Universities

+ Barkeley College

www.barkleycollege.edu/

+ Bloomfied College

www.bloomfield.edu/

+Caldwell College

www.caldwell.edu/

+ Centenary College

www.centenarycollege/edu/

+ College of Saint Elizabeth

www.cse.edu/

+ Drew University

www.drew.edu/

+ farileigh Dickinson University

www.felician.edu/

+ Georgian Court College

www.georigian.edu/

+ Kean University

www.kean.edu/

+ Monmouth University

www.monmouth.edu/

+ Montclair State University

www.montclair.edu/

+ New Jersey City University

www.njcu.edu/

+ Princeton University

www.princeton.edu/

+ Ramapo College

www.ramapo.edu/

+ Richard Stockton College of New Jersey

www.stockton.edu/

+ Rider University

www.rider.edu/

+ Rowan University

www.rowan.edu/

Rutgers University Camden

www.camden.rutgers.edu/

+ Rutgers University New Brunswick

www.rutgers.edu/

+ Rutgers University Newark

www.newark.rutgers.edu/

+ Saint Peter's College

www.sps.edu/

+ Seton Hall University

www.shu.edu/

+ Stevens Institute of Technology

www.stevens.edu/

+ The College of New Jersey

www.tcnj.edu/

+ Thomas Edison State College

www.tesc.edu/

+ University of Medicine & Dentistry of New Jersey

www.umdnj.edu/

+ William Peterson University

www.wpunj.edu/

# دنيا جي وڏي ۾ وڏي لوھي مورتي

آزاديءَ جو مجسمو Statue of Liberty نہ فقط نيويارڪ شھر ۽ سڄي آمريڪا ۾ مشھور آھي، پر سڄي دنيا ۾ ھن جي ھاڪ آھي. ھي مجسمو/مورتي (Statue) ھڪ تہ انصاف، آزادي ۽ جمھوريت جھڙين نيڪ ڳالھين جي علامت آھي ۽ ٻيو پنھنجي وڏي سائيز کان مشھور آھي. ھي مجسمو اڄ کان 120 سال اڳ 1886ع ۾ ٺھيو ھو ۽ اڄ ڏينھن تائين دنيا جو وڏي ۾ وڏو لوھي مجسمو ( Statue) آھي.

ھي مجسمو ھڪ عورت جو آھي، جيڪا ھڪ وڏي اسٽول Pedestal تي بيٺل آھي. سندس ساڄي ھٿ ۾، جيڪو اپو جھليل آھي، ٻرندڙ ٽارچ (ڏيئو) آھي ۽ کاٻي ھٿ ۾ 24 فوٽ ڊگھي، 13 فٽ کن ويڪري ۽ ٻہ فٽ ٿلھي ڪتاب جھڙي لوھي تختي (Tablet) آھي، جنھن تي آمريڪا جي آزادي جي اعلان (American Declaration Independence) جو سن 4 جولاءِ 1976ع رومن انگن ۾ لکيل آھي ... جيڪي انگ پراڻي زماني جي گھڙيالن تي ھوندا آھن يا اڄ بہ حيدرآباد جي ڪورٽ بلڊنگ جھڙين پراڻين عمارتن تي نظر اچن ٿا. مائيءَ کي گھٽي گھير وارو چوغو پھريل آھي، جيڪو پٽ ٻين شين وانگر ٽامي جو آھي. آزاديءَ جي مجسمي واري ھن عورت جي مٿي تي تاج رکيل آھي، جنھن ۾ 25 ڳڙکيون آھن ۽ مٿان ست ڪرڻا (Spikes) آھن. 25 دريون دنيا ۾ ملندڙ پنجويھ ڌاتن: لوھ، سون، چاندي، ٽامو، اليومينم وھير وغيره جي نشاندھي ڪن ٿيون. ڪن جو چوڻ آھي تہ 25 قيمتي پٿرن: ربي، لعل، زمرد، سفائر، عقيق، وغيره جي نشاني آھي ۽ ڇت ۾ لڳل ست ڇھنبدار ڪرڻا Spikes ستن سمنڊن جي علامت آھن. آرڪٽڪ، انٽارڪٽڪ، اتر ائٽلانٽڪ، ڏکڻ ائٽلانٽڪ، اتر پئسفڪ، ڏکڻ پئسفڪ ۽ ھندي سمنڊ. ڪن جو چوڻ آھي تہ اھي ستن کنڊن جي نشاني آھن: اتر آمريڪا، ڏکڻ آمريڪا، يورپ، ايشيا، آفريڪا، آسٽريليا ۽ انٽارڪٽڪا.

نيويارڪ ۾ چاھي باءِ روڊ اچجي يا ھوائي جھاز رستي يا پاڻيءَ جي جھاز رستي، ھي مجسمو پري کان ئي نظر اچي ٿو. ظاھر آھي ھي مجسمو اسٽول سميت 305 فٽ (يعني 93 ميٽر) آھي ۽ اھا سائيز ھڪ مجسمي لاءِ تمام وڏي آھي. ان جو اندازو توھان ان مان لڳائي سگھو ٿا تہ ھڪ ڊگھو ماڻھو 6 فٽن جو ٿئي ٿو. گھر جي اتاھين ڇت بہ 20 فٽن کان مٿي نٿي ٿئي. جيڪڏھن توھان ڪراچيءَ جي پنجويھ ماڙ عمارت حبيب بئنڪ ڏٺي آھي تہ بس سمجھو تہ آزاديءَ جو مجسمو اٽڪل ان بلڊنگ جيڏو آھي، ڇو جو حبيب بئنڪ ھن آزاديءَ جي مجسمي کان فقط اڍائي ميٽر وڏي آھي. ھن مجسمي کي رکيو بہ اھڙي ھنڌ ويو آھي، جو ڪا بہ عمارت يا منارو ھن جي اڳيان آڏ ناھي. نيويارڪ شھر (مئن ھٽن وغيره) ۾

هجي ها تہ اتي جون وڏيون عمارتون، هن جو نظارو خراب ڪري وجهن ها، پر هي سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ تي آهي جيڪو نيويارڪ شهر جي ويجهو بہ نہ آهي تہ پري بہ نہ آهي. هي ٻيٽ جنهن تي هي مجسمو آهي، لبرٽي آئلنڊ سڏجي ٿو جنهن جو 1956ع کان اڳ بيڊلو ٻيٽ (Bedloe Island) نالو هو. هي ٻيٽ نيويارڪ (مئن هٽن) جي ڏاکڻي ڪنڊ (tip) کان ہڪ ميل پري آهي. سندس ئي پرسان هڪ ٻيو تاريخي ٻيٽ ”ايلس“ (Ellis Island) نالي پڻ آهي. نيويارڪ ايندڙ ٽوئرسٽ توڙي مڪاني ماڻهو هنن ٻيٽن ڪي ڏسڻ ۽ آزاديءَ جو مجسمو ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ لاءِ نيويارڪ يا نيوجرسي کان فيريءَ ڏريعي چڪر ڏين ٿا.

هي ٻيٽ جيئن تہ سمنڊ جي وچ ۾ آهن، سو هنن ٻيٽن تي فيرين (وڏين ٻيڙين) ذريعي ئي اچي سگهجي ٿو. هونءَ تہ ڪو زمانو هو يعني اڄ کان 33 سال اڳ جڏهن آئون آخري دفعو آمريڪا مان جهاز کي وٺي پئي موٽيس، تڏهن بہ اسان پنهنجي جهاز جي لائيف بوٽ ڏريعي يا پرائيوٽ لانچن ۾ هنن ٻيٽن وٽ پئي چڪر هنيا، پر هاڻ هنگامن ۽ خراب حالتن ڪري حفاظتي تدبيرون سخت ڪيون ويون آهن ۽ ماڻهو فقط حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڪمپنيءَ جي فيرين ۾ هن پاسي اچي سگهن ٿا. اهي فيريون نيويارڪ واري پاسي بئٽري پارڪ کان ۽ نيو جرسي واري پاسي لبرٽي اسٽيٽ پارڪ کان هلن ٿيون. اهي فيريون ٻنهي ٻيٽن؛ ايلس ٻيٽ ۽ لبرٽي ٻيٽ وٽان گهمائي واپس وٺي اچن ٿيون. فيريءَ جي رٽرن ٽڪيٽ وڏن لاءِ ساڍا ٻارهن ڊالر آهي ۽ ٻارن جي ساڍا چار ڊالر آهي. باقي ٻيٽن گهمڻ يا آزاديءَ جي مجسمي ڏسڻ جي ڪابہ في ناهي. آزادي جي مجسمي ۾ ٽوئرسٽ Pedestal آبزرويشن ڊيڪ تي اچي نيويارڪ شهر جو نظارو ڪري سگهن ٿا، پرومنيڊ تي اچي مجسمي کي ويجهڙائي کان ڏسي سگهن ٿا ۽ فورٽ ووڊ (ووڊ جو قلعو) گهمي سگهن ٿا. هي مجسمو دراصل لبرٽي ٻيٽ تي سول جنگ جي ڏينهن جي ٺهيل قلعي (Wood Fort) ۾ رکيل آهي. مجسمي ۾ وڌيڪ مٿي وڃڻ جي اڄ ڪلهہ اجازت ناهي. 1969ع ۾ هڪ دفعي اسان مٿي هن مجسمي جي چٽ تائين ويا هئاسين، يعني آزادي جي ديوي جي مٿي تي رکيل چٽ تي پهچي ويا هئاسين، جنهن ۾ ٺهيل 25 ڳڙکين مان شهر جو نظارو ڪري سگهجي ٿو.

## لبرٽي ۽ ايلس ٻيٽ ۽ مجسمو

مٿي لکيو اٿم تہ لبرٽي ٻيٽ ۽ ايلس ٻيٽ سمنڊ ۾ آهن. هڪ عام ماڻهوءَ لاءِ تہ اهو سمنڊ ئي ٿيو جو پري پري تائين نيرو سمنڊ جهڙو پاڻي نظر اچي ٿو، پر جهازي دنيا سان واسطو رکندڙ ۽ جاگرافي جي شاگردن کي انهن ٻيٽن جي پوزيشن هن ريت سمجهڻ کپي، تہ مئن هٽن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان ايسٽ ندي ۽ هڊيسن ندي جتي اچي ملن ٿيون، اهو نيويارڪ بندرگاهہ جو مٿيون خليج Upper Bay سڏجي ٿو ۽ ان بعد انهن درياهن جو پاڻي سوڙهو ڳچي سمنڊ ناهي، نيويارڪ بندرگاهہ جي هيٺين خليج (lower NY Bay) ۾

پهچي ٿو. جتان پوءِ ندين جو پاڻي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ خارج ٿئي ٿو. ٻن خليجن جي وچ ۾ پاڻي جي سوڙهي گهٽي ويرزانو نئروز سڏجي ٿي، جنهن مٿان ٺهيل وڏي پل جو نالو ويرازانو نئروز برج آهي ۽ اها پل ايترو ته ڪماني واري ۽ مٿاهين آهي، جو هيٺان جهاز لنگهيو وڃن. اسان جا جهاز ائٽلانٽڪ سمنڊ جهاڳي نيويارڪ بندرگاهه جي هيٺين خليج ۾ اچي، لنگر ڪيرائين ٿا ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن يا ٻئي ڏينهن پل هيٺان لنگهي، نيويارڪ جي مٿين خليج ۾ لنگر ڪيرائي انتظار ڪن ٿا. ان بعد واري اچڻ تي جيٽيءَ سان لڳي بيهن ٿا ۽ سامان لاهين چاڙهين ٿا. جهاز ٻڌي بيهارڻ لاءِ جهاز مطابق خالي جيٽي ڪڏهن بروڪلن پاسي ملي ٿي، ته ڪڏهن مئن هٽن پاسي ۽ ڪڏهن ته ان لاءِ نيوجرسي جي بندرگاهه نيوارڪ وڃڻو پوي ٿو. مٿيان ٻئي ٻيٽ نيويارڪ بندرگاهه جي مٿيئن خليج ۾ آهن، جن ۾ ڏنو وڃي ته ائٽلانٽڪ سمنڊ جو نه پر ايسٽ ندي ۽ هڊسن نديءَ جو پاڻي آهي. ان هنڌ تي جتي جهاز لنگر ڪيرائي بيهي ٿو اتان چوڌاري وارو نظارو بيحد خوبصورت ٿئي ٿو. هڪ پاسي مئن هٽن (نيويارڪ شهر) جون اوچيون عمارتون نظر اچن ٿيون، ته ٻئي پاسي نيوجرسي جون. پر ۾ لبرٽي ۽ ايلس ٻيٽ ته پنيان ويرازانو پل، جنهن جي هيٺان لنگهي، ان هنڌ تي پهچجي ٿو.

هن آزاديءَ جي مجسمي (Statue of Liberty) جو ٺاهڻ وارو يعني مجسمي ساز (Sculptor) فرانس جو فريڊرڪ بارٿولڊي (Frederic Auguste Bartholdi) آهي. يعني هن مجسمي کي هيءَ شڪل بارٿولڊي ڏني. مجسمي کي ايو بيهارڻ ۽ مضبوط رکڻ لاءِ مجسمي جي اندر جيڪو لوهي ڍانچو Design ڪيو ويو آهي، ان جو ڊيزائينر فرانس جو مشهور ڊيزائينر اليگزينڊر گستا و ايفل آهي، جنهن پئرس جو "ايفل ٽاور" پڻ ٺاهيو هو. ڍانچي مٿان جيڪو پتل جو ڪم ٿيو آهي ۽ آزاديءَ جي مجسمي واري عورت جي نڪ نقشي کي موجوده صورت ڏني آهي، اهو سچو ڪم بارٿولڊي جو آهي. هن عورت جو مجسمو ٺاهڻ وقت بارٿولڊي اڳيان ڪهڙو ماڊل هو؟ ان لاءِ چون ٿا ته هو پنهنجي ماءُ کي سامهون ويهاري مجسمي تي ڪم ڪندو هو. پر پوءِ پوڙهي هجڻ ڪري هن جي ماءُ ٿڪجي پوندي هُئي. پوءِ هن پنهنجي مسٽريس جيني ايملي کي ماڊل ڪري رکيو، جنهن سان آخرڪار بارٿولڊي جي شادي ٿي. جيني (Jeanune Emilie) سان بارٿولڊي جي ملاقات آمريڪا جي رياست رهوڊي ٻيٽ (Rhode Island) جي شهر نيوپورٽ ۾ 1871ع ۾ ٿي هئي، جڏهن هو فرانس کان پهريون دفعو آمريڪا گهمڻ آيو هو.

چون ٿا ته بارٿولڊي آمريڪا کان پهرين مصر وارن کي سئيز ڪئنال تي هي مجسمو ٺاهي ڏيڻ لاءِ 1865ع ۾ آفر ڏني، پر مصر ايڏي پئسي (Funds) گڏ ڪرڻ جي پاڻ ۾ طاقت ساهي نه سگهيو. پوءِ آمريڪا ۽ فرانس اڳيان اها آفر رکي وئي. فرانس کي اها ڳالهه وڻي ته دوستي جي نالي ۾ اهو سنو يادگار رهندو. سو هي آزادي جو مجسمو Statue of Liberty

فرانس طرفان بين الاقوامي آزاديءَ جو تحفو آمريڪا لاءِ آهي. هن مجسمي تي نہ فقط فرانس ۽ آمريڪا کي فخر آهي، هنن وٽ انسانن جي سياسي آزادي ۽ جمهوريت جو مثاهون مان آهي، پر هن مجسمي کي Political Freedom ۽ Democracy جو نشان پڻ سمجهيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ ملڪن ۾ ماڻهن جي آزادي جي ڳالهہ ڪرڻ وارن هنن ملڪن لاءِ ڀڏي مرڻ آهي، تہ جن ڏينهن ۾ بارٿولڊي مترڪي ۽ تيشيءَ سان هن انصاف، آزادي ۽ جمهوريت جي ديويءَ کي گهڙي رهيو هو تن ڏينهن ۾ بندوقن ۾ ڀالن سان فرانس (1881ع ۾) ٿيونيشيا تي قبضو ڪري، اتي جي ماڻهن کان آزاديءَ جو حق کسيو ۽ برطانيہ (1882ع ۾) مصر تي حملو ڪري مصر کي غلام ۽ هند سنڌ جهڙا تہ ڪئي ملڪ سندن قبضي ۾ هئا، جن جي آزاديءَ جي ڳالهہ بہ نٿي ٻڌڻ چاهيائون. فقط 15 سال ان کان اڳ (1857ع) ۾ نندي ڪنڌ جي ماڻهن آزاديءَ لاءِ هٿ پير هنيو تہ ڪين هنن انگريزن اهڙا ڪلا هنيا، جو هڪ سؤ سالن تائين دٻيا رهيا. اسان وٽ عام چوڻي آهي تہ، ”ڏاڍي جي لٺ کي ٻہ مٿا.“ موچڙا کائڻ بعد بہ سر سيد احمد خان جهڙن مفڪرن ۽ سياڻن جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن جي خوشامد ڪندا رهياسين تہ توهان وڏي سرڪار آهيو، آزادي جي ڳالهہ ڪري اسان غلطي ڪئي، ڇو جو اسان جي پڇڻ لاءِ ڀي ڪا گهٽتي نہ هئي.

## مجسمي جي ڪجهہ عضون جي ماپَ

بهرحال فرانس هي تحفو آمريڪا کي خودمختياري ملڻ جي هڪ صدي پوري ٿيڻ تي ڏيڻ ٿي چاهيو. ياد رهي تہ آمريڪا ۾ انگلنڊ ۽ يورپ جي مختلف ملڪن جي حڪومتن جو قبضو هو، جنهن مان هي سڀ جيڪي آمريڪا اچي Settle ٿيا هئا، جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ هئا. هنن چاهيو ٿي تہ جيڪي آمريڪا اچي ويا آهن، انهن لاءِ آمريڪا جو ئي ملڪ آهي، چاهي اهي انگريز هجن، ڊچ هجن، پورچوگالي ۽ هسپانوي هجن يا آفريڪا کنڊ جا شيدي. هن ڌرتي تي هنن کي ئي حڪومت هلائڻ کپي، سو آخر پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجين ڏورانهين حڪومتن سان وڙهي جڙهي، پنهنجي جان آزاد ڪيائون ۽ اهو اعلان آمريڪا جي شهر فلڊلفيا ۾ 4 جولاءِ 1776ع تي ٿيو جنهن کي American Declaration of Independence سڏجي ٿو. يعني هي ڏينهن آمريڪا وارن لاءِ سمجهو تہ 14 آگسٽ 1947ع هو. هن ڏينهن تي (4 جولاءِ تي) هر سال آمريڪا ۾ موڪل ٿئي ٿي ۽ وڏي شان سان ملهايو وڃي ٿو.

ان حساب سان ڏٺو وڃي تہ آمريڪا ڪو جهونو ملڪ ناهي جيئن جپان، انگلينڊ، اسپين وغيره آهن. مصر ۽ انڊيا (نندو ڪنڊ)، شام ۽ ايران تہ تمام پُراڻا آهن. آمريڪا اڄ کان 230 سالَ اڳ 1776ع ۾ هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ نمودار ٿيو. هي اهو سال آهي جنهن ۾ سرفراز خان ڪلهوڙو کي لاٿو ويو ۽ ٻن سالن بعد (1778ع ۾) غلام نبي خان ڪلهوڙو سنڌ

جو حاڪم ٿيو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جنهن جو سن ولادت 1752ع آهي، ان وقت يعني آمريڪا کي آزادي ملڻ وقت چوويهن سالن جو هو. بهرحال انهن ئي ڏينهن ۾ (1776ع ۾) جڏهن سنڌ ۾ سرفراز خان ڪلهوڙو حڪومت ڇڏي رهيو هو، تہ انڊيا ۾ انگريزن جي مرهٽن سان ويڙهہ هلي رهي هئي ۽ فقط پنج سال اڳ بنگال جو انگريز گورنر وارين هئسنگس (Warren Hastings) مقرر ٿيو هو.

پورن سؤ سالن کان پوءِ يعني 1876ع ۾ سيالڪوٽ ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال شاعر پئدا ٿيو هو ۽ هي اهو سال آهي يعني 1876ع جنهن ۾ فرانس وارن آمريڪا جي عوام کي هي مجسمو (Statue of Liberty) تحفي طور ڏيڻ چاهيو ٿي، جو هن سال تي (1876ع ۾) آمريڪا جا ماڻهو پنهنجي آزاديءَ American Declaration of Independence جي هڪ صدي (هڪ سؤ سالن) جو جشن ملهائي رهيا هئا پر مجسمو صحيح ٽائيم تي نہ ٿي راس نہ ٿي سگهيو ۽ نيويارڪ ۾ پهچندي هن کي Assemble ڪري فڪس ڪرڻ ۾ ڏهہ سال دير ٿي وئي. هي مجسمو 1884ع ۾ فرانس ۾ ٺهي راس ٿيو ۽ پوءِ فرانس جي فوجي جهاز (فريگيٽ) اسري (Isere) نالي تي، ان کي ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪرائي نيويارڪ جي بندرگاهہ ۾ جون 1885ع ۾ پهچايو ويو. اهڙو سال ڪن لبرٽي ٻيٽ تي هن کي فڪس ڪرڻ ۾ لڳي ويو جو هي مجسمو جنهن اسٽول تي رکيو ويو آهي، اهو بہ تقريبن مجسمي جيڏو اتاهون (154 فٽ) آهي ۽ ان جي بلنديءَ جو اندازو هڪ سول انجنيئر ان مان لڳائي سگهي ٿو، تہ ان اسٽول لاءِ ستاويهہ هزار ٽن ڪنڪريٽ استعمال ٿيو. بهرحال هن مجسمي کي مڪمل طرح Install ڪري ان جي رونمائي جو جشن 28 آڪٽوبر 1986ع تي ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جو صدر گروور ڪليويلئنڊ هو.

هن مجسمي لاءِ ڇيو وجهي ٿو تہ 31 ٽن ٽامو استعمال ٿيو (هڪ ٽن ۾ سمجهو تہ 28 مڻ وزن آهي) ۽ 125 ٽن لوهہ ۽ رڪ وڌو ويو آهي. يعني اندر لوهہ آهي ٻاهران ٽامي جو تهہ آهي، يعني 2.37 ملي ميٽرن جي ٿولهہ جو تهہ. اهڙي طرح مجسمي جي ٽوٽل تور (اسٽول بنا) 225 ٽن آهي. مجسمي جي مختلف عضون جون ماپون ڪجهہ هن ريت آهن، جنهن مان پڻ هن مجسمي جي ڳراڻ ۽ اوچائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيڏي ڳري ۽ وڏي شيءِ ٺاهي، ٻئي ملڪ شفٽ ڪئي وئي آهي.

مجسمي جي نڪ جي ڊيگهہ: ساڍا چار فُٽ،

هڪ ڪن کان ٻئي ڪن تائين: ڏهہ فٽ،

شاهد آڱر جي ڊيگهہ: اٺ فٽ - يعني ماڻهوءَ جي قد کان بہ ڊگهي آڱر آهي. وچين آڱر تہ اڃا بہ فٽ ڊگهي آهي.

ٻانهن جي ڊيگهہ: 42 فٽ.

ٻانهن جي ٿولهہ: 12 فٽ.

آگر جي ننهن جي تور ساڍا ٽي پائونڊ يعنيٰ ڏيڍ ڪلو.

مجسمي جي مٿي تي رکيل تاج تائين پهچڻ لاءِ 354 ڏاڪڻيون آهن ۽ جملي ڀاويهه ماڙ آهي.

پَٽ کان وٺي استول تائين 192 ڏاڪا آهن.

**Give me you're tired, your poor**

هن مجسمي کي ڏسندڙ هميشه اهو بحث ڪندا آهن ته هن مجسمي جيڪو لوهي چوغو پاتو آهي، اهڙو جي ڪپڙي جو ٺاهيو وڃي ته ڪيترا وال ڪپڙو لڳندو. ان جو جواب هتي جي هڪ مئگزين ۾ ڪنهن درزي صاحب هن ريت لکيو آهي.

”هن مجسمي (Statue) جي جيڪا چاتي (Waist) آهي، اها 34 فٽ، ڊيگهه 111 فٽ، ڪلها 90 فٽ، ان حساب سان مجسمي جي Surface Area ٻارهن سؤ چورس وال ٿي، پر جيئن ته هي مجسمو ـ يعني آزاديءَ جي علامت واري عورت ڪنهن ٽائيٽ فٽنگ واري قميص يا شرٽ بدران هڪ ويڪري ۽ گهٽن ورن واري چوغي ۾ آهي، ان ڪري هن مجسمي تي اهڙو وڳو ٺاهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ چار هزار چورس وال ڪپڙو کپي.......“

تاريخ جي شوقينن جي دلچسپي لاءِ لکندو هلان ته جنهن سال نيويارڪ ۾ هن مجسمي جي رونمائي ٿي هئي، يعني آڪٽوبر 1886ع ۾، ان ڪانپوءِ ڇهه مهينا رکي ڪراچي ۾ سنڌ ڪاليج کليو هو ۽ ان کان ڏهاڪو کن سال اڳ 1869ع ۾ سئيز ڪئنال کليو هو ۽ ان کان ڪجهه سال اڳ 1861ع ۾ ڪراچي ڪوٽڙي ريل لائين شروع ٿي هُئي.

آزاديءَ جي هن مجسمي کي ڏسڻ بعد ماڻهو اڪثر ڪري اهو پڇندا آهن ته ان کي فرانس ۾ ٺاهڻ بعد آمريڪا ڪيئن آندو ويو ۽ هيڏي ڇپ کي جيڪا وزن جي حساب سان 225 ٽن (يعني 650 مينهُن يا 500 کن اُٺن جو وزن ٿيو) ۽ 151 فٽو ڊگهي عورت کي 154 فٽ اتاهين استول تي، جهاز تان لاهي ڪيئن رکيو ويو؟ دراصل هن مجسمي کي هڪ يڪي حصي ۾ ٺاهڻ بدران 350 ٽڪرن ۾ ٺاهيو ويو هو ۽ پاڻيءَ جي جهاز رستي فرانس کان آمريڪا موڪلڻ لاءِ انهن 350 ٽڪرن کي 214 ڪريٽن (دٻن) ۾ بند ڪيو ويو، جنهن کي نيويارڪ آڻي انهن ٽڪرن کي نٽ بولٽن، Rivets ۽ ويلڊنگ ذريعي ڳنڍيو ويو، جنهن ۾ چار مهينا لڳي ويا.

لبرٽي آئلنڊ تي ووڊ فورٽ ۾ ٺهيل استول تي، هي آزاديءَ جو مجسمو 1886ع ۾ فِٽ ڪيو ويو ۽ سؤ سال گذرڻ بعد 1984ع ۾ ان جي مرمت ۽ Restoration تي ڪم شروع ڪيو ويو ۽ 1986ع تائين هن مجسمي ۾ ماڻهن کي اندر اچڻ کان جهليو ويو. ان بعد هيئنر نائن اليون وارو جڏهن واقعو ٿيو ته هن کي وري بند ڪيو ويو، جيڪو اٽڪل 100 ڏينهن بعد عام پبلڪ جي ڏسڻ لاءِ وري کوليو ويو. پر اهو آهي ته هاڻ جيڪو به ٽوئرسٽ، هي آزاديءَ جو

مجسمو ڏسڻ لاءِ لبرٽي ٻيٽ يا پرواري Ellis ٻيٽ تي اچي ٿو، ان جي سخت چڪاس ورتي وڃي ٿي ۽ اليڪٽرانڪ Scanning بعد ڇڏيو وڃي ٿو. پوءِ بہ هنن کي مجسمي جي مٿين حصي تاج ۾ ٺاهيل درين تائين نٿو ڇڏيو وڃي.

هن مجسمي جي تر ۾ پٽل جي هڪ پليٽ تي، چوڏهن سٽن جو شعر لکيل آهي، جيڪو 1883ع ۾ ايما لئزرس (Emma Lazarus) لکيو. شعر جو عنوان آهي؛ "The New Colossus"

هن شعر جو آخري پنج ستون "گِو مي يوئر ٽائرڊ، يوئر..... پوئر.... ڪان وٽي. تمام گهڻو مشهور آهن.

**The New Colossus**

Not like that brazen giant of Greek fame,
With conquering limbs astride from land to land;
Here at our sea – washed, sunset gates shall stand
A mighty woman with a torch, whose fame
Is the imprisoned lightning, and her name
Mother of Exiles. From her beacon – hand
Glows world – wide welcome; her mild eyes command
The air – bridged harbor that twin cities fame,
"Keep, ancient lands, your storied pomp!" cries she
With silent lips. "Give me your tired, your poor,
Your huddled masses yearning to breathe free,
The wretched refuse of your teeming shore,
Send these, the homeless, tempest – tost to me,
I lift my lamp beside the golden door!"

هڪ صديءَ ڪان مٿي اچي ٿيو آهي، جو نيويارڪ جي هيءَ آزاديءَ جي ديوي (Statue of Liberty)، دنيا جو وڏي ۾ وڏو مجسمو رهيو آهي. دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ ٻيا وڏا مجسما (Statues) آهن، انهن مان هڪ تہ ٿائلنڊ جي شهر بئنڪاڪ ۾ ليٽيل گوتم ٻڌ (Reclining Buddha) جو آهي، جيڪو 151 فٽ آهي ۽ "واٽ ڦو ٻڌا" سڏجي ٿو.

روس جي شهر وول گوگراڊ ۾ 270 فٽن جو "مدر ريشيا" نالي مجسمو آهي. چين ۾ 220 فٽن جو "ليشان ٻڌا" جي نالي گوتم ٻڌ جو مجسمو آهي يا افغانستان ۾ بامي يا نالي گوتم ٻڌ جا 175 ۽ 110 فٽ ڊگها مجسما هئا، جن کي ٻہ چار سال اڳ طالبان ڊاهي ڇڏيا، پر

اهي سڀ مجسما پٿر جا هئا، جيڪي لوهه جا مجسما ٺاهڻ جي پيٽ ۾ ٺاهڻ سولا آهن. آزاديءَ جو مجسمو نج ڌاتو (لوهه ۽ ٽامي) جو ٺهيل آهي. بهرحال ان جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پڻ هنڌن تي ڌاتو جا وڏا مجسما ٺهي رهيا آهن يا ٺهڻ جو ارادو ٿيو آهي. انهن مان هڪ انڊيا ۾ ميتريا بڌ جو مجسمو آهي، جيڪو 500 فٽن جو ٺهندو ۽ ٻيو آمريڪا جي رياست ٽيڪساز جي شهر هوسٽن ۾ عورت جو مجسمو ٺهي رهيو آهي. چون ٿا تہ هي 550 فٽن جو اتاهون مجسمو ٺهي راس ٿيڻ تي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو مجسمو مڃيو ويندو. جنهن جو نالو "Spirit of Houston" رکيو ويو آهي.

هونءَ هتي اها ڳالهه لکڻ بہ دلچسپي کان خالي نہ رهندي تہ اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ 35 سال کن حبيب بئنڪ پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي عمارت رهي، جيڪا ساڍا پنجانوي ميٽر اتاهين آهي، ان بعد ٽاور وٽ اسانجي PNSC آفيس جي سامهون ٺهيل PIC ٽاور نالي عمارت جيڪا هڪ سؤ ميٽر کن اتاهين بلڊنگ رهي. گذريل سال آءِ آءِ چندريگر روڊ تي 27 ماڙ MCB ٽاور نالي عمارت ٺهي راس ٿي، جيڪا 107 ميٽر ڊگهي آهي ۽ پاڪستان جي اتاهين عمارت ليکي وڃي ٿي. هاڻ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ وارا "ڪراچي پورٽ ٽاور" نالي 450 ميٽرن جي عمارت ٺاهڻ جو ارادو رکن ٿا، جيڪا دبئيءَ جي "برج دبي" عمارت بعد دنيا جي سڀ کان مٿاهين بلڊنگ مڃي ويندي. شل اها عمارت مڪمل ٿيڻ جي منزل تي پهچي ۽ پاڪستان "اڌ ۾ ڇڏيل Project جو قبرستان" سڏجڻ جي بدناميءَ کان بچي وڃي.

## Ellis ٻيٽ بابت

هن کان اڳ واري مضمون ۾ آزادي جي مجسمي واري ايلس ٻيٽ جو بہ ذڪر آيو آهي، جيڪو هڊسن ندي جي چوڙ ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ کان اڳ واري خليج (Upper Bay) ۾، لبرٽي ٻيٽ جي پرسان آهي. هي ٻيٽ هڪ خيال کان تاريخي ۽ اهم ٻيٽ آهي جو اوڻهين صدي جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروع وارن سالن تائين، هي ٻيٽ ڌارين ملڪن کان آمريڪا ۾ اچي رهڻ وارن Immigrants لاءِ خاص بندرگاهه هو. جيڪو بہ نئون ماڻهو آمريڪا ۾ گهڙڻ چاهيندو هو، ان کي پهرين هتي اچڻو پوندو هو، جتي آمريڪا حڪومت جو اميگريشن ڊپارٽمينٽ هنن کان سوال ڪندو هو ۽ ڊاڪٽري تپاس ٿيندي هئي تہ آيا هو صحتمند آهي يا هن کي ڪي وچڙندڙ بيماريون آهن ۽ هن پنهنجي رهائش ۽ کاڌي خوراڪ لاءِ ڪجهه پئسو آندو آهي يا نہ ۽ آيا هو ڪنهن هنر کان بہ واقف آهي ۽ پورهيو ڪري پاڻ ۽ پنهنجا ٻچا پالي سگهندو يا نہ. بيمار هجڻ جي حالت ۾ Immigrants کي علاج لاءِ ڪجهه ڏينهن هن ٻيٽ جي اسپتال ۾ رکيو ويندو هو يا سندن ملڪ واپس موڪليو ويندو هو. اهڙي ريت آمريڪا ۾ گهڙندڙ هر پناهگير کي، آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ يا واپس وڃڻ کان اڳ، هن ٻيٽ تي ڪجهه ڪلاڪن کان ڪجهه ڏينهن تائين رهڻو پيو ٿي. هونءَ اهو زمانو اهڙو هو جو

آمريڪا کي گهٽن کان گهٽن ماڻهن جي ضرورت هئي ۽ سواءِ ڪجهہ بيمار ۽ ڏوهاري قسمن جي ماڻهن جي، باقي سيني کي آمريڪا ۾ رهڻ جي اجازت ملي ويئي ٿي.

هڪ آمريڪن ليکڪ لوئيس آدمڪ جو ڪتاب پڙهيو هوم، جنهن ۾ هن 1913ع ۾ هن ٻيٽ ايلس تي هڪ رات گذاري هُئي. هن پنهنجي ملڪ سلوانيا کي خيرآباد چئي، پاڻيءَ جي جهاز ذريعي يورپ کان آمريڪا آيو هو. هو ٻين Immigrants سان گڏ گڏ سڄي رات سيءَ ۾ ڏڪندو رهيو. مختلف ملڪن کان آيل مختلف ماڻهو پنهنجين پنهنجين زبانن ۾ ڳالهائيندا رهيا. هر هڪ جو اهو خواب هو تہ هن نئين دنيا ۾ رهڻ جي اجازت ملي، جتي هنن کي پنهنجو مستقبل روشن نظر آيو ٿي.

هن ٻيٽ کي ”سڏڪن جو ٻيٽ“ (The Isle of Tears) ۽ ”ٻِگل دلين جو ٻيٽ“ پڻ سڏيو وڃي ٿو. اهو ان ڪري جو ڏورانهن ڏيهن کان ڪهي آيل ڪيترن پناهہ گيرن کي هتي رهڻ لاءِ سٽيزن شپ نہ ملندي هئي ۽ هنن کي نا اُميد ٿي واپس ورڻو پوندو هو.

هن ٻيٽ Ellis لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ هتي پهچي ماڻهن پنهنجا نالا بدلايا ٿي. دراصل هنن نالا نٿي بدلايا، پر ڪيترا اڻ پڙهيل ۽ انگريزي کان اڻ واقف هجڻ ڪري، پنهنجا نالا صحيح طرح لکي نٿي سگهيا يا آمريڪا جي اميگريشن آفيس وارا هنن جي نالن جا صحيح اچار نہ سمجهڻ ڪري جيڪي ڪجهہ آين ٿي، سو رجسٽر ۾ لکي ڇڏيو ٿي ... جيئن هڪ همراهہ لاءِ مشهور آهي تہ هن جو نالو Helen Polonowyez هو، پر هن جو نالو Ellen Pollock لکجي ويو ۽ ڪيس پاسپورٽ بہ ان نئين نالي سان مليو. آمريڪا جي هڪ ٻئي ليکڪ هرمن راچرر پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ، هن جو ڏاڏو جيڪو آسٽريا (يورپ) جو يهودي هو، ان کي انگريزيءَ جو هڪ لفظ بہ نٿي آيو. هن کان جڏهن هن ٻيٽ تي پهچڻ سان نالو پڇيو ويو تہ هن سگريٽ جي گهر ڪئي تہ سموڪر آهيان. اميگريشن پوليس هن جو نالو Raucher سمجهي، ان نالي سان پاسپورٽ ٺاهي ڏنو ۽ هاڻ هن جو اولاد راچر ذات سان سڏجي ٿو معنيٰ سگريٽ ڇڪڻ وارو.

# ڊاڪٽر خميساڻي ۽ ڊاڪٽر هاليپوٽي جو احوال

هن کان اڳ هڪ هنڌ مون خالد هاشماڻيءَ جي دعوت جو احوال لکيو آهي تہ هو ورجينيا جي هڪ ايراني ريسٽورينٽ ”شمشير“ ۾ اسانکي لنچ لاءِ وٺي آيو. آيل مهمانن: انور ميمڻ، اقبال ترڪ ۽ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ ۽ ٻين جو احوال لکي چڪو آهيان، سواءِ ڊاڪٽر سليم خميساڻيءَ ۽ ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي جي. ڊاڪٽر سليم فلوريڊا رياست جي سينٽ پيٽرس برڪ ۾ نيورولاجسٽ آهي. هو اڄ ڪلهہ SANA جي فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ فئملي سان گڏ واشنگٽن آيل آهي ۽ ساڻس هڪ ٻن دعوتن ۾ پهرين بہ ملاقات ٿي چڪي آهي.

ڊاڪٽر سليم خميساڻي 45 سالن کن جو ٿيندو. پاڻ 27 آڪٽوبر 1960ع تي خيرپور ميرس ۾ ڄائو ۽ اتي ئي پڙهيو. سي اسڪول مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد 1973ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ آيو. انهن ڏينهن ۾ اڄ جو چيف منسٽر ڊاڪٽر ارباب رحيم پڻ ڪيڊٽ هو ۽ سليم کان ٻہ سال سينئر هو. سليم ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو مان مئٽرڪ ڪرڻ بعد انٽر وري ڳوٺان يعني خيرپور جي سپيريئر سائنس ڪاليج مان ڪئي ۽ پوءِ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج (SMC) مان ڊاڪٽري پڙهيو. ان بعد 1992ع ۾ F.C.P.S ڪيائين ۽ 1993ع ۾ هيڏانهن آمريڪا هليو آيو ۽ هاڻ هتي جو شهري آهي. سندس زال بہ خيرپور جي آهي ۽ سندس ڪزن ٿئي. ڪيس ڏهن سالن جو پٽ ازمير ۽ ان کان ٻہ سال ننڍي ڌيءَ نهال آهي.

ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي سان هتي پهريون دفعو ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ”منهنجا پاڻر ۽ والد هميشہ توهان جي ڳالهہ ڪندا آهن.“ ڊاڪٽر مقبول مون سان ملڻ شرط چيو، ”اڄ پهريون دفعو ملي رهيا آهيون.“

مون خالد هاشماڻي ۽ انور ميمڻ کي چيو: ”ڊاڪٽر مقبول کي خبر ناهي آئون هن سان هي ٻيو دفعو پيو ملان. پهريون دفعو جڏهن آئون مليو هئومانس تہ هو فقط ٻن سالن جو هو.“ ۽ پوءِ مقبول کي چيم: ”تنهنجي ڄم جو سال 1960ع جي لڳ ڀڳ آهي ۽ هينئر توهان پڪ 45 ورهين جا هوندائو.“

”بلڪل صحيح ٿا چئو.“ مقبول حيرت مان وراڻيو.

ڊاڪٽر مقبول ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي چيئرمين ڊاڪٽر منور هاليپوٽي ۽ اسانجي ڪلاس ميٽ محمد عالم هاليپوٽي جو ننڍو ڀاءُ آهي. ڊاڪٽر مقبول جو اصل ڳوٺ ٽنڊوالهيار آهي ۽ سندس والد صاحب ڊاڪٽر سائين ڏنو هاليپوٽو ۽ منهنجو والد گل محمد شيخ نہ فقط ننڍپڻ کان دوست رهيا، پر ڪيترائي سالَ هڪ ئي شهر ۾ نوڪري ڪيائون. سٺ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ جڏهن منهنجو پيءُ ٽنڊو ڄام ۾ وليج ايڊ ڪاليج جو پرنسپال هو

۽ ڊاڪٽر سائين ڏنو هاليپوٽو اتي جي سرڪاري اسپتال جو انچارج هو، تہ سندن وڏي پٽ عالم ۽ مون ڪئڊٽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي. انهن ڏينهن ۾ ڪئڊٽ ڪاليج عارضي طور ميرپور خاص ۾ هو، جيڪو سال پڻ بعد پيٽارو شفٽ ٿيو. اتي عالم جا ٻہ ڀيا پائر الهہ ڏنو هاليپوٽو ۽ منور هاليپوٽو پڻ آيا، جيڪي اسان کان ٻہ سال جونئر ڪلاس ۾ هُئا. 1962ع ۾ جڏهن اسين انٽر ڪري رهيا هئاسين، تہ منهنجو والد ٺٽي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو، جتي ڪجهہ مهينا اڳ عالم جو والد پڻ بدلي ٿي پهچي چڪو هو ۽ اسان اونهاري جون موڪلون ٺٽي ۾ مڪليءَ تي گذاريونسين. اُتي اسان جا گهرَ ويجها ويجها هُئا ۽ انهن ڏينهن ۾ هي ڊاڪٽر مقبول سال ڏيڍ جو هوندو، جنهن کي اسان ڪڇ تي کڻي گهمائيندا هُئاسين.

عالم هاليپوٽو وارا پاڻ ۾ اٺ پائر آهن ۽ ڀيڻ نہ اٿن. اسانجو ڪلاس ميٽ محمد عالم سڀ ۾ وڏو ڀاءُ آهي ۽ مقبول سڀني ۾ ننڍو. عالم مهراڻ مان انجنيئرنگ ڪرڻ بعد سعودي عرب جي تيل ڪمپنيءَ ARAMCO ۾ وڏو عرصو نوڪري ڪئي. منهنجي خيالَ ۾ ڏهن سالن کان بہ مٿي ۽ پوءِ پاڪستان ۾ اچي اينگرو ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪيائين. مرحوم الهہ ڏني ڪئڊٽ ڪاليج مان انٽر ڪرڻ بعد NED مان سول انجنيئرنگ ڪئي ۽ پوءِ پاڪستان آرمي ۾ انجنيئر ٿي رهيو. نوڪري دوران هن آمريڪا ۾ Structure Engineering ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي ۽ آرمي مان ڪئپٽن ٿي رٽائرڊ ٿيڻ بعد پنج ڇهہ سال مديني منوره ۾ نوڪري ڪئي. ان بعد هو رسالپور جي ملٽري ڪاليج ۾ پنج ڇهہ سال پروفيسر ٿي رهيو. ان دوران سندس والده جي طبيعت ٺيڪ نہ رهڻ لڳي، هو ڪراچي اچي پنهنجي ماءُ سان گڏ رهيو. ڪيس ننڍپڻ کان پنهنجي ماءُ سان بيحد پيار هو. نوڪري دوران بہ هو هر وقت پنهنجي ماءُ وٽ موڪلون اچي گذاريندو هو. آخري سال تہ هن پنهنجي والده جي ڏاڍي خدمت ڪئي. سندس گذاري وڃڻ تي هن کي پنهنجي اباڻي وطن ٽنڊوالهيار دفن ڪري جيئن ئي ڪراچي موٽيو تہ هن جي ٽيجهي کان اڳ ئي ڪئپٽن الهہ ڏني کي هارٽ اٽيڪ ٿيو ۽ هو اسان کان موڪلائي ويو.

ڊاڪٽر منور هاليپوٽو الهہ ڏني کان سال ننڍو آهي پر پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج ۾ ٻئي ڪلاس ميٽ ٿي رهيا. منور ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ڊو ميڊيڪل ڪاليج مان حاصل ڪئي، ان بعد انگلئنڊ هليو ويو. پاڻ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي حوالي سان سنڌ جي مشهور ترين شخصيت ليکيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر منور بعد سندس ٻن ڀائرن: منظور ۽ انور بہ پنهنجو اباڻو پروفيشن ـ يعني ڊاڪٽري ڪئي. ڊاڪٽر منظور پاڪستان جو مشهور اسڪن اسپيشلسٽ آهي ۽ ڊاڪٽر انور ماهر نفسيات آهي. ان بعد اشرف ڳوٺ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ زمينن جو ڪم سنڀالي ٿو. ان بعد امتياز آهي، جيڪو محمد عالم ۽ الهہ ڏني وانگر انجنيئر ٿيو. هو پڙهيو بہ هتان آمريڪا مان ۽ نوڪري بہ هتي ڪري ٿو. اڄ ڪلهہ نيويارڪ جي شهر الباني ۾ رهي ٿو. اسان جو هي ڊاڪٽر مقبول جيڪو سڀ ۾ ننڍو آهي، اهو آمريڪا جي رياست

اريزونيا ۾ رهي ٿو، جتي سندس زال فرناز پڻ ڊاڪٽر آهي. ڊان اخبار جي مشهور جرنلسٽ فلڪ ناز هاشمي جي هيءَ ڌيءَ ڊاڪٽر فرناز ۽ ڊاڪٽر مقبول سنڌ ميڊيڪل ڪاليج مان هڪ ئي سال 1986ع ۾ گرئجوئيشن ڪيو. 1988ع ۾ سندن شادي ٿي ۽ پوءِ ٻہ ٽي سال جناح اسپتال ۾ نوڪري ڪرڻ بعد هو 1992ع ۾ هيڏانهن آمريڪا هليا آيا ۽ ان وقت کان هتي رهن ٿا. کين ٻہ پُٽَ: وڏو پٽ شاهہ مير 15 سالن جو آهي ۽ ننڍو پُٽ ماهمير ڇهن سالن جو آهي.

ماني گهرائڻ مهل ڊاڪٽر مقبول جو هم عمر ۽ دوست ڊاڪٽر سليم خميساڻي ڪيس چئي رهيو هو تہ توهان هن ريسٽورينٽ جي ايراني ماني کائڻ پسند ڪندائو يا اڊلي ڊوسا وغيره.

اڊلي، ڊوسا، اِدي ياپم، امپا ۽ اٿاپام وغيره ڏکڻ هندستان جا روزمره جا عام کاڌا آهن، جيئن اسان وٽ پيٽ، اڦراٽو، رٻ وغيره. ڊاڪٽر مقبول جي زال ڊاڪٽر فرناز جو واسطو بہ ڏکڻ هندستان سان آهي. ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي کان پڇيم تہ سندس ساهرا ڏکڻ هندستان جي ڪهڙي زبان ڳالهائين؟ تامل، تيلگو، مليالم يا ڪنهڙ وغيره.

”چئبو تہ توهان کي اها خبر آهي. منهنجي زال جي مادري زبان ڪنهڙ آهي.“ هن وراڻيو.

”سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ جيڪي مون ڏهہ سال کن گذاريا، اتي تنهنجي ساهرن جهڙا سائوٿ انڊين تہ هئا پر اڙدو، هندي، گجراتي ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا انڊين اتي ۾ لوڻ برابر هئا.“ مون ٻڌايو مانس ۽ پوءِ ٻين کي چيم تہ سائوٿ انڊين جي هڪ ڳالهہ واکاڻ جوڳي آهي تہ پاڻ ۾ قرب محبت ۾ رهن ٿا. تامل، مليالم، تيلگو ڳالهائڻ وارو چاهي هندو هجي يا مسلمان يا عيسائي، لڳندو تہ هڪ ئي گهر جا ڀاتي هجن. ملاڪا، سنگاپور ۽ پينانگ جهڙن شهرن جي تہ هڪ ئي گهٽيءَ ۾ سائوٿ انڊين جي مسجد، مندر ۽ تامل چرچ هوندو پر مجال آهي جو هو هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائين. عيد هجي يا ڏياري، ڪرسمس ڊي هجي يا ٿائيپوسام سڀ ويس وڳا پائي، هڪ ٻئي سان ملڻ ويندا ۽ ٻين جي خوشين ۾ خوش ٿيندا.

# ٻه اکر ورلڊ سنڌي ڪانگريس بابت

گذريل مضمون ۾ ڊاڪٽر منور هاليپوٽي جي حوالي سان ورلڊ سنڌي ڪانگريس جو نالو آيو آهي. هيءَ وطن کان ٻاهر سنڌين جي هڪ تنظيم آهي، جيڪا بنيادي طرح پاڪستان جي سنڌين جي جوڙيل آهي، جنهن جو مقصد سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪرڻ، سنڌ جي مسئلن بابت پنهنجن کي ۽ دنيا کي ٻڌائڻ ۽ انهن جي حل ڳولهڻ لاءِ جستجو ڪرڻ، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ. ان کان علاوه يورپ ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين جي مسئلن جي اپٽار ڪرڻ آهي. سندن ويب سائيٽ تي ڏيکاريل بروشر موجب:

"The World Sindhi Congress (WSC) is one of the most prominent human rights education and advocacy organization for Sindh and Sindhis."

هيءَ تنظيم (WSC) ڪافي پُراڻي آهي ۽ ويهن سالن کان ته اسين ٻڌي رهيا آهيون. ٿي سگهي ٿو SANA (سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) هن کان به پُراڻي هجي، پر WSC جيئن ته انگلئنڊ ۾ شروع ٿي ۽ سندس هيڊ ڪوارٽر اتي آهي، ان ڪري اسان جهڙا ماڻهو جيڪي انگلينڊ يا يورپ جي ملڪن ۾ گهٽو ايندا ويندا رهن ٿا، هن کان يڪدم واقف ٿي ويا. ان کان علاوه هنن جون پاڪستان ۾ به وقت بوقت ڪانفرنسون ٿينديون رهن ٿيون، ان ڪري سنڌ کان ٻاهر نه نڪرندڙ به هن تنظيم کان واقف آهن. هينئر به ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻين مسئلن تي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر قادر مگسي کان علاوه انگلينڊ کان ڊاڪٽر منور هاليپوٽي پڻ تقريرون ڪيون.

مونکي لڳي ٿو ته هن تنظيم جو باني جنهن کي هن جنم ڏنو يا idea پيش ڪئي، اهو ڊاڪٽر منور هاليپوٽو ئي آهي، جو شروع شروع ۾ فقط ان جو ئي نالو نمايان هوندو هو. بهرحال وقت سان گڏ هن تنظيم کي هلائڻ وارا بدلبا رهيا آهن ۽ هن جو دائرو فقط انگلينڊ ۾ هجڻ بدران آمريڪا، ڪئناڊا ۽ سنڌ ۾ پکڙيل آهي. WSC جو اڄ ڪلهه چيئرمين صغير شيخ آهي ۽ سيڪريٽري جنرل لکومل لوهاڻو آهي. ان کان علاوه حليم ٻٽي، هدايت ڀٽو، سلمان مهر، روبينا شيخ، عبدالرحمان ڪاڪيپوٽو، رضوان ٻٽي، ثريا مخدوم، ڊاڪٽر جميل، گل سنائي وغيره مختلف شعبن کي ڏسن ٿا.

سندن انگلينڊ، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جون ائڊريسون هن ريت آهن:

England: 22 Newfields, Welwyn Garden City; Herts AL8 6YT, UK

Tel: 44 (01707) 896526

Canada: 1718 Emelita ST, Encino, CA 91316, Tel: 818 – 917 – 5910

USA: MC Gibbon Drive, Ottawa, ONK2L – 3Y4

Tel: 1 (613) 591 – 0451.

# واشنگٽن ۾ منور لغاريءَ وٽ وڃڻ جو ارادو

واشنگٽن ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي تعليم يافته انجنيئر منور لغاريءَ سان به ملاقات ٿي. هو گذريل ڏهاڪو کن سالن کان واشنگٽن ۾ جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي ۽ سنڌي ورلڊ انسٽيٽيوٽ جو باني ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي. هتي آمريڪا اچڻ تائين، مون کي هتي جي سنڌين جي مشهور ائسوسيئيشن ”سانا“ ۽ انگلينڊ جي سنڌي ورلڊ ڪانگريس SWC جي ٿوري گهڻي ڄاڻ ضروري هئي، پر منور لغاري جي WSI کان اڻواقف هوس. منور بابت پنهنجي پاڙيچي ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ کان اها واقفيت ضرور ٿي هئي ، ته هنن هڪ ئي گروپ ۾ مهراڻ مان گرئجوئيشن ڪئي ۽ سال ڏيڍ اڳ جپان ۾ ڊاڪٽر مشتاق وٽ رهيل هوس، ته منور جو هن وٽ آمريڪا کان فون ايندو رهندو هو. جپان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ فون تي ڳالهائڻ اهم ڳالهه نٿي سمجهي وڃي جو جپان ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ٽيليفون جو رابطو سپ ۾ سستو آهي، ويندي حيدرآباد کان هالا ڳالهائڻ به مهانگو آهي. سو جپان ۾ هر پاڪستاني پنهنجي ملڪ گهٽ پر آمريڪا ۾ رهندڙ ڳوٺائين، هم وطنين، ڪلاس ميٽن سان ڪچهريون ڪندو رهي ٿو ۽ پنهي ملڪن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ تعليم، نوڪري، سيمينار اٽينڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ايندا ويندا رهن ٿا. ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ به ڪجهه مهينا اڳ جپاني آفيس جي طرفان آمريڪا جي ٽوئر دوران هڪ ڏينهن منور لغاريءَ وٽ به رهي ويو هو ۽ هاڻ مونکي فون ڪري رهيو هو ته آئون واشنگٽن ۾ منور لغاريءَ سان نه فقط ملان پر رهان به ان وٽ.

ڊاڪٽر مشتاق کي خبر آهي، ته هڪ ڏارئين وٽ خاص ڪري ان ماڻهوءَ وٽ رهڻ ۾ آئون Uneasy تڪليف محسوس ڪريان ٿو، جيڪو گهڻي Show وارو هجي، ڇو جو پوءِ منهنجي پنهنجي ذاتي آزادي ختم ٿيو وڃي ۽ هر وقت ماڻهو ان خوف ۾ رهي ٿو ته هو ائين هلي جيئن ميزبان چاهي. مون اها Situation هميشه Ideal محسوس ڪئي آهي، جنهن ۾ مونکي ڪو ڪنڊ پاسو ملي وڃي ۽ مقرر وقتن تي پر تڪلف ست رڃي ملڻ بدران فرج ۾ ڊبل روٽي، جيم ۽ بيضو پيو هجي، جنهن وقت موڊ ٿئي ته ڪجهه کائڻ خاطر بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي ڊبل روٽيءَ تي مکڻ ذرو هٽي کائي ڇڏجي. گهمڻ ڦرڻ ۾ به آزادي مليل هجي، جيئن ڪٿي پنڌ ڪٿي بس يا ٽرين ۾ آزاد رلندو رهجي، جنهن وٽ وٽي بيهي خبر چار ڪجي ۽ جي لکڻ لاءِ يڪدم گهڻو مواد ملي وڃي، ته واپس پنهنجي ٺڪاڻي تي موٽي، ان کي پني تي Points ذريعي ئي سهي download ڪجي، ڇو جو رڳو مستقل هلڻ، گهمڻ، ملڻ، خبرون ڪرڻ ۽ انهن کي پني تي يا ٽيپ رڪارڊر تي preserve نه ڪرڻ، مونکي پريشان ڪريو وجهي، ته هيڏو مواد هٿ ڪرڻ بعد ان کي Save نه ڪرڻ سان ضرور ڪجهه نه ڪجهه ضايع ٿي (وسري) ويندو ۽ پوءِ اهڙي گهمڻ ۽ ملاقاتون ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو.

۽ هاڻ ڊاڪٽر مشتاق هڪ طرف ٽوڪيو کان مونکي فون ڪندو رهيو ته آئون جڏهن آمريڪا اچي نڪتو آهيان،ته سندس ڪلاس ميٽ منور سان ضرور ملان ۽ ٻئي پاسي واشنگٽن کان منور لغاري پاڻ به فون ڪندو رهيو ته آئون هن وٽ ضرور مهمان ٿيان. هن جو ارادو WSI طرفان مون سان شام ملهائڻ جو هو.

”يار جيڪڏهن تون مونکي پر تڪلف دعوتن لاءِ گهرائڻ ٿو چاهين، ته پوءِ ته اچڻ لاءِ منهنجو انڪار ئي سمجهه.“ مون ٻڌايومانس.

”يلا توهان ائين ئي اچي گهمي وڃو.“ منور فون تي چيو ۽ مونکي نيو جرسي مان وٺڻ لاءِ پاڻ پئي آيو.

”آئون دراصل دعوتون کائڻ ۽ آمريڪا گهمڻ جي ارادي سان نه آيو آهيان.“ مون کيس ٻڌايو، ”آئون اهي اهي بندرگاهه ڏسڻ ٿو چاهيان، جتي اڄ کان 33 سال کن اڳ ٽائين چار سال کن آئون جهاز هلائيندو رهيس. سو ان حساب سان بالٽيمور، فلڊلفيا، واشنگٽن کان نيو اورلينس، هوسٽن وغيره جتي ڪٿي وڃڻ چاهيان ٿو ۽ اتي رهندڙ هم وطنين جو حال احوال معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان، ته ان وقت ۽ اڄ ۾ ڪيڏو فرق آيو آهي.“

”پوءِ ته واشنگٽن ضرور اچ.“ منور چيو، ”هتي توهان کي ڪيترائي وطن جا سڄاڻو ملندا.“ ان وقت منور جي اها ڳالهه مون چرچو سمجهي، پر پوءِ خبر پيئي ته هن صحيح ٿي چيو.

آمريڪا لاءِ نڪرڻ کان اڳ سانا (سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) وارن واشنگٽن ۾ ٿيندڙ سندن سالياني گڏجاڻي جي دعوت ڏني هئي، ته اهي ٿي ڏينهن آئون هنن سان گذاريان ۽ سنڌي ادبي نشست ۾ ”سفرنامي“ جي حوالي سان مقالو به پڙهان. هڪ ٻه دفعو سانا پاران سائين عزيز ناريجو ۽ ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ صاحب پڪ به ڪندو رهيو، پر پوءِ هنن طرفان خاموشي ڏسي مون سمجهيو ته شايد ڪم ايترو Serious ناهي، پر هاڻ نيوجرسيءَ ۾ ابراهيم چنا صاحب جن جي گهر هڪ دعوت ۾ سندس پٽن خالد چنا ۽ مسعود چنا (ٻشو) جيڪي SANA جا نه فقط پراڻا ميمبر آهن، پر ان جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي به آهن، انهن ٻڌايو ته نيويارڪ ۽ نيوجرسي جا سڀ سنڌي SANA جي فنڪشن لاءِ ٽن ڏينهن جي موڪل ڪري واشنگٽن وڃن پيا ۽ مونکي ته ضرور هلڻو آهي، جو هنن جي ڇپيل پروگرام موجب مونکي مقالو به پڙهڻو آهي. ان بعد جڏهن منور لغاري جو فون آيو ته مون کيس واشنگٽن هلڻ جو پڪو پهه ٻڌايو.

”پر هينئن ڪر.“ مون منور کي صلاح ڏني، ”آئون به هتان ڏسندو رهان ٿو، توهان به ڏسندا رهو، جيڪڏهن ڪو سڄاڻو هتان نيوجرسي کان واشنگٽن وڃڻ وارو هجي، ته مونکي ٻڌائجو ته آئون هن سان گڏ ڪار ۾ هليو اچان.“

”اها  بہ ڳالهہ صحيح آهي.“ منور چيو. ٻئي ڏينهن آئون خالد چنا وارن جي اسٽور تي ويس تہ خالد کي بہ ٻڌائي ڇڏيم تہ هفتي ڏيڍ اندر ڪنهن جو فلڊلفيا يا بالٽيمور پاسي وڃڻ ٿئي تہ ٻڌائين، جيئن پوءِ باقي واشنگٽن تائين آئون پاڻ ئي هليو وڃان.

## دادو جو ابراهيم چنا نيو جرسيءَ ۾

خالد چنا ۽ سندس ننڍو ڀاءُ مسعود چنا گذريل پندرهن ويهن سالن کان هتي آمريڪا ۾ رهن ٿا ۽ هاڻ سندن والد صاحب کي هتي آڻي بہ ڪافي وقت ٿي ويو  آهي. ساڻن اسانجي تمام پراڻي سڃاڻپ آهي. منهنجي ننڍي ڀاءُ آفتاب شيخ، خالد چنا سان گڏ مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪئي، پر ان کان بہ اڳ جي  سڃاڻپ اسانجي ماسيءَ وارن (مظهر حسين گهلو) وارن جي هنن سان آهي ... جيڪي دادوءَ ۾ هڪ ئي پاڙي ۾ رهيا ٿي ۽ منهنجي زال مستوران ۽ ان جا ننڍا ڀاءُ ڀيڻ طارق گهلو ۽ سمينا گهلو جن دادوءَ ۾ سائين ابراهيم چنا جي  والده وٽ قرآن شريف بہ پڙهيا هئا.

محمد ابراهيم چنا جن دادو کان پوءِ ڪراچي ڪافي عرصو رهيا. سندن وڏن جو  ڳوٺ ”سيتا ڳوٺ“ آهي، جتي سندن والد صاحب شهباز علي چنا صاحب تپيدار بہ ٿي رهيو. ابراهيم صاحب 1936ع ۾ جنم ورتو،  مئٽرڪ دادو جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان 1953ع ۾ ڪرڻ بعد انٽر حيدرآباد جي گورنمينٽ ڪاليج مان  ڪئي. رٽائرمينٽ تائين سندن گورنمينٽ ڪو آپريٽو سوسائٽيز سان واسطو رهيو. محمد ابراهيم چنا صاحب دوستي ياري ۽ مهمانوازي ۾ سنڌ ۾ مشهور آهي. سندن ڪراچي واري گهر ۾ بہ مونکي هر وقت ڳوٺ جا مهمان نظر ايندا هئا، جيڪي پنهنجي ڪمن سانگي  ڪراچي ايندا هئا ۽ چنا صاحب جن جي  مدد بنا هنن ڳوٺ جي ماڻهن لاءِ ڪراچي جي شهر ۾ اچڻ ناممڪن ٿي پوي. چنا صاحب پنهنجي سنگت ۾ دعوتن ۽ سوشل پارٽين کان بہ مشهور آهي، جيتوڻيڪ پاڻ هميشہ سخت diet تي رهي ٿو، ان ڪري  اڄ بہ هو ستر جو انگ ٽپڻ بعد بہ سنهو،  سمارٽ ۽ صحتمند نظر اچي ٿو. ڳوٺن ۾ هر هڪ کي واندڪائي ئي واندڪائي آهي ، پر شهرن ۾ اچيو هر هڪ مشغول  ٿيو وڃي ۽ يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ملڪن جي  شهرن ۾ جتي نوڪر  چاڪر بہ نہ آهي ۽ هر ڪم پاڻ ڪرڻو ٿو پوي، اتي هر ڪو ايڏو بزي ٿيو وڃي، جو هن کي پنهنجي مائٽ مٽ لاءِ بہ  وقت ناهي. اتي شاباش هجي محمد ابراهيم چنا ۽ سندس ٻارن: خالد ۽ مسعود  کي، جو هو هر هڪ جي مدد ڪندا رهن ٿا. هر هڪ کي  پنهنجو وقت ڏيندا رهن ٿا. ٻيا ماڻهو تہ ڇنڇر  يا آچر ڏينهن موڪلن ۾ ٻن ٽن کي دعوت ڪندي بہ گهٻرائين ٿا،  جو ظاهر آهي  هتي هر شيءِ مهانگي هجڻ کان علاوه هر  هڪ جو وقت ٻڻ قيمتي آهي، پر چنا صاحب ۽ هن جا ٻار هتي آمريڪا ۾ بہ اهو پاڪستان وارو وهنوار  رکندا اچن ۽ نہ فقط موڪلن جا ڏينهن،  پر عام ورڪنگ ڊيز ۾ بہ سنڌ کان آيل ماڻهن کي ڳولي ڳولي، انهن جي دعوت ڪندا

رهن ٿا. انهن جي ڪمن ڪارين پويان صبح پهر بہ ڊوڙندا رهن ٿا. چاهي پوءِ هنن کي پنهنجي ڪاروبار کي يا پنهنجي گهر کي گهٽ ٽائيم ڏيڻو پوي. هنن کي ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ ٻين کي ڏکُ لاٿڻ ۾ واقعي خوشي ٿئي ٿي ۽ شايد قدرت بہ اهي ڳالهيون سوچي، سندن هر ڪم ۾ سٺائي ڪندي رهي ٿي. هتي آمريڪا ۾ مشهور آهي تہ اتر اوڀر وارين رياستن (يعني نيويارڪ، ميري لئنڊ، پينسلوانيا کان ورجينا، ڪينٽڪي ۽ ڪئرولينا تائين) ۾ مهمان نوازي ۽ مدد ڪرڻ ۾ هنن چنن جو مقابلو ناهي ۽ ڏکڻ اوڀر وارين رياستن فلوريڊا، جارجيا ۽ الباما کان مسي سپي، لوزيانا ۽ ٽيڪساز تائين ٽنڊو جان محمد جي ڏاهرين جو جواب ناهي. ڏاهري فئمليءَ جو مختصر احوال هيٺ هلي ڏينداسين.

## خالد ۽ مسعود چنا هاڻ انجنيئر گهٽ طبيب وڌيڪ آهن

محمد ابراهيم چنا صاحب جا هي وڏا پٽ خالد ۽ مسعود بنيادي طرح انجنيئر آهن، پر پنهنجو ملڪ ڇڏي ڊارئين ۾ هر شيءِ پنهنجي مرضي مطابق نہ ٿئي ملي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اسانجا ڪيترا نوجوان فرسٽريٽ ٿي واپس موٽيو وڃن، پر هنن نوجوانن پنهنجي گهر ۽ وطن جا سُکَ ۽ آرام وساري، سامهون آيل پهرين روزگار کي ئي لڳي ويا. خالد ۽ ڊايو تہ انهن ڏينهن ۾ نواب شاهہ جي هڪ همراهہ جو هتي جڙين ٻوٽين ۽ قدرتي کاڌن (Natural Foods) جو دڪان هو، جنهن تي هنن کي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ هو ڪجهہ سالن اندر نہ فقط پيرَ ڄمائي ويا، پر هي نئون ڪم، جيڪو سندن انجنيئرنگ فيلڊ کان بلڪل 180 ڊگريون ٻئي طرف هو، چڱي طرح سکي ويا. پڙهيل ڳڙهيل ۽ سخت محنتي تہ اڳهين هُئا، ان ڪري هن نئين فيلڊ جيڪا ميڊيڪل سان گهٽو ملي ٿي، ان ۾ بہ پڙ ٿي ويا ۽ خريدار نہ فقط پنهنجي مرضي سان شيون وٺڻ لڳا، پر پنهنجي صحت ۽ ڪمزورين مطابق هنن کان صلاح وٺي، ان موجب کاڌي خوراڪ ، ميون ۽ جڙين ٻوٽين جي چونڊ ڪرڻ لڳا. ان ڪري هنن جڏهن هڪ ٻئي علائقي ۾ پنهنجو ننڍڙو دڪان کڏيو تہ هتي جا گورا گوريون (جن کي مڪاني شيدين کان وڌيڪ صحت جو خيال رهي ٿو) جوان توڙي پوڙها، هلي اچي هنن جي دڪان تي خريداري ڪرڻ لڳا ۽ هاڻ نيوجرسي جي علائقي ۾ هنن جو تمام وڏو سپر اسٽور نئچرل فڊس جو آهي، جن ۾ ٻيا بہ ٽي چار ڄڻا ڪم ڪن ٿا. جيڪي پڻ هنن وانگر طبي ايڪسپرٽ ٿي ويا آهن ۽ هنن کي نہ فقط دنيا جي جڙين ٻوٽين، ميون مسالن ۽ آرگئنڪ کاڌن جي نالن ۽ خاصيتن جي ڄاڻ آهي، پر انهن جي نفعي نقصان ۽ مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ استعمال جي پڻ پروڙَ آهي. انهن مان هڪ نواب شاهہ جي مشهور شخصيت ڊاڪٽر ڏاهري جو پٽ مقبول ڏاهري بہ آهي، جنهن کي پڻ هن فيلڊ ۾ ڪم ڪندي ڏهاڪو کن سال ٿي ويا آهن ۽ هاڻ شايد هنن کان الڳ ٿي پنهنجو ڪاروبار ٿو ڪري. باقي لاڙڪاڻي ضلعي جو

طفيل احمد چانڊيو ۽ نواب شاهه جو شڪيل ميمڻ 1997ع کان خالد چنا جن سان ڪم ڪري ٿو.

پهرين ڏينهن کان مونکي شوق هو ته خالد وارن جو اسٽور ڏسان ته ان ۾ کهڙيون ڪاڏي پيتي جون شيون آهن يا دوا درمل طور جڙيون ٻوٽيون آهن، جن کي مهانگي قيمت تي هتي جا امير گورا خريد ڪن ٿا ۽ واقعي گذريل ڏينهن تي نه ڏسان ها، ته هرگز idea نه ٿئي ها.

خالد چنا وارن جي هن اسٽور جو نالو "هارموني نئچرل فوڊ" آهي ۽ نيوجرسي جي "مڊل ٽائون" واري علائقي ۾ آهي. شام جا اٺ ٿيڻ وارا هئا ۽ اسٽور کي بند ڪرڻ وارا هئا، پر جيئن ته پهه ٿي گراهڪ اجان موجود هئا، سو انهن کي هو ضرورت جون شيون ڏيئي رهيا هئا، تيسين اسان کي هي اسٽور ڏسڻ جو ۽ دوستن سان خبرون ڪرڻ جو موقعو ملي ويو.

خالد چنا وارن جو هي نئچرل فوڊ اسٽور يا آمريڪا توڙي يورپ ۾ پيا ان قسم جا اسٽور هڪ قسم جا پساري دڪان سمجهڻ کپن، جن ۾ دنيا جهان جون جابلو ۽ سامونڊي جڙين ٻوٽين کان علاوه هر اهو تازو توڙي سڪل ميوو يا اناج، ويندي پاجهر، جوار، ڪڻڪ، چانور جهڙيون شيون رکيل ٿين ٿيون، جيڪي بنا ڪنهن ولائتي ڀاڻ يا جيت ـ مار دوا (pesticide) جي اپايون وڃن ٿيون.

سئيڊن ۾ پوسٽ گرئجوئيشن ڪرڻ دوران اتي جي شهرن: مالمو، گوٿن برگ يا اسٽاڪهوم جي دڪانن تان اٽو وٺندا هئاسين، ته مڪاني ڪڻڪ يا ان جو اٽو اسپين يا فرانس کان امپورٽ ٿيل کان مهانگو هوندو هو.

"هي ڇا مصيبت آهي جو هتي جي ڀراڙي جي پوڪيل ڪڻڪَ يا مڪئي ايڏي مهانگي آهي. ڇا توهان جي ڌرتيءَ جي پوک ٻين کان اتم اتاهين آهي؟" اسان شڪايت ڪندا هئاسين. جواب ۾ هتي جا دڪاندار هاڻوڪار ۾ ٿي ڪنڌ ڌوڻيندا هئا.

"آخر ڇو ڀلا؟" اسان وائڙا ٿي پڇندا هئاسين. "ڇا توهان فصل کي پاڻي بدران کير تي ٿا پوکيو؟"

"نه اها ڳالهه ناهي. اسان اناج يا ميوي جي وڻن کي نه ته ولائتي ڀاڻ (Fertilizer) ڏيون ٿا ۽ نه وري پيسٽيسائيڊ (جيت مارڻ لاءِ زهريليون دوائون)، ان ڪري اسانجو اناج توڙي ميوو صحت لاءِ سٺو آهي. اهو ٿولهه، بلڊپريشر، ڊائبٽيز، ڪئنسر يا دل جون بيماريون پيدا نٿو ڪري. ان ڪري ته اسان جون عمرون سؤ سالن کان به مٿي ٿين ٿيون."

## نئچرل فوڊ واپرائڻ جو فئشن

"Natural Food" قدرتي کاڌو کائڻ جي تحريڪ يورپ توڙي آمريڪا ۾ ستر واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿي. صحت جو فڪر ڪرڻ وارن جو اهو چوڻ آهي، ته اهي شيون جن ۾

هٽرادو خوشبوئون، preservatives ۽ رنگ ملايا  وڃن ٿا، انهن کي ڪاٽڻ  کان گريز  ڪرڻ ڪپي، ويندي refined قسم جي کنڊ ۽ چاٽيل اٽي بدران  گڙ ۽ ڇاڻ مليل اٽو کائجي، جنهن ۾ مناڻ گهٽ آهي، قدرتي شيءِ آهي ۽ فائيبر گهٽو هجڻ ڪري ڊائبٽيز ۽ قبضي جهڙيون بيماريون نٿيون ٿين. ڪٽڪَ، ڪمند توڙي  ڀاڄيون ۽ ميوا ولائتي ياڻ، ڪيميڪلز ۽ پيسٽيسائيڊ (جراثيم ڪش دوائن جي ڦُهاري) بنا اپايون وڃن. اها ہي ڳالهہ آهي تہ ڪجهہ Nutritionists (کاڌي جا ايڪسپرٽ ۽ ڄاڻو) ان  جي مخالفت ڪن ٿا، پر هن پاسي جا نئچرل فوڊ جا شوقين اهڙي کاڌي کي نہ فقط صحتمند قرار ڏين ٿا، پر ساڳي وقت ماحول کي گدلاڻ کان بچائڻ ۾ بہ مدد ڪن ٿا. هنن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ صحت کي صحيح رکڻ لاءِ جيتري قدر ٿي سگهي ڍبن جو کاڌو (پوءِ اهي چاهي مٺايون ۽ چاڪليٽ هجن يا peanuts ۽ پٽاٽو چپس هجن)، نہ کائڻ کپن. گهٽو رڌل يا bake تيل کاڌو يا پراٺو رڌل کاڌو (جيئن مئڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي کاڌا آهن) نہ کائڻ کپن. خير مئڪڊونالڊ ۽ KFC کي تہ هتي جام عام ماڻهو بہ سئو نٽا سمجهن ۽ ان کي Junk Food (بيڪار ۽ پاروٿو کاڌو) سڏين ٿا.

خالد  چنا وارن جو هي نيچرل فوڊ اسٽور ڪافي وڏو آهي. ڪراچي جي آغاز سپر مارڪيٽ کان بہ وڏو ٿيندو، جنهن ۾ مختلف کاڌن ۽ شين جا سيڪشن آهن جن کي خالد، سندس ڀاءُ مسعود، طفيل چانڊيو ۽ شڪيل ميمڻ منهن ڏين ٿا. هڪ سيڪشن ۾ تہ تازا ميوا صوف، انگور، انب ۽ گدرا وغيره ۽ ڀاڄيون آهن،  جيڪي عام سبزي مارڪيٽ جي اگهہ کان مهانگيون آهن، جو اهي ميوا  ۽ ڀاڄيون بنا فرٽيلائيزر، ڪيميڪل ۽ دوائن جي پوکيل آهن. ظاهر آهي انهن  جي growth ۽ بنا ڪيميڪل جي  جيتن جراثيمن کان صاف سٿرو رکڻ ۾ محنت لڳي ٿي ۽ پوکڻ وارو في ايڪڙ جي حسابَ سان گهٽي اپت نٿو ڪري سگهي. ڪيترائي ميون  خاص ڪري انبن، ڪيلن ۽ پپيتن جون  سڪل ڦارون (slices) بہ وڪري لاءِ موجود هيون. ان سان گڏ سڪل زردالون، انجير، ڏاڙهونءَ جي ڪڻ ۽ ٻيون شيون هيون. ڪيترن ئي کاڌن، ميون، ڀاڄين وغيره جا  ڪئپسول ۽ گوريون بہ هيون جيڪي مختلف ملڪن توڙي آمريڪا جون ٺهيل آهن، جيئن تہ پپيتي جي تت جا Capsule جيڪي قبضي جي مريض لاءِ بهتر آهن.

سڀ کان دلچسپ سيڪشن جڙين ٻوٽين جي آهي، جن ۾ ڪجهہ تہ چين ۽ ڪوريا جون مشهور  جنسنگ نموني جون پاڙون ۽ Herbs آهن جيڪي اُتي جي ٿڌن جابلو علائقن ۾ ٿين ٿا، تہ ڪي تہ بلڪل اهي، جيڪي اسانکي سنڌ جي ڳوٺن ۽ رستن تي نظر اچن ٿا. جيئن تہ ٻِهَ آهن، جيڪو سنهن ڳترن ۾ ڪٽيل  خوبصورت رنگين پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ پئڪ ٿيل نظر آيو. يعني اهو خشڪ (سڪل) حالت ۾ هو طفيل ٻڌايو تہ اسان  وٽ سنڌ ۾ ٻهہ ۽ ٻيڻ جو ايڏو قدر ناهي، جيڏو هنن سڌريل ملڪن ۾ آهي.

”بلڪل مچان ٿو“ مون جواب ڏنومانس، ”ايتري قدر جو جپاني ۽ ڪورين بہ پسند ڪن ٿا ۽ پنهنجي ملڪ جا بهہ پيڻ تہ ڪايو ڪپايو ڇڏين، پر هر سال ڪروڙها رپين جا چين ۽ ملائيشيا کان امپورٽ ڪن ٿا ... جيئن پاڻ چانهہ جي پتي درآمد ڪيون ٿا. پر هنن شين جي هتي آمريڪا ۾ جيڪا ڳري قيمت آهي، اها تہ جپان جهڙي ملڪ ۾ بہ نہ آهي.“

”صحيح ٿا چئو.“ طفيل سمجهايو، ”اها قيمت ان ڪري بہ گهٽي آهي، جو هتي هر شيءِ اعليٰ ۽ هائيجينڪ نموني جي گهرائي وجي ٿي. جهاز ۽ ياڙا گهٽا آهن، دڪانن جون مسواڙون، ٽئڪس ۽ ڪم ڪرڻ وارن جا پگهار وڏا آهن، ان ڪري هر شيءِ جو اگهہ اتاهون ٿيو وجي. بي ڳالهہ تہ هي شيون هر عام ماڻهو نٿو وٺي جو گهٽي کپت ٿئي ۽ قيمت ڪجهہ گهٽ ٿي سگهي. هي شيون واپرائڻ واري هڪ ننڍڙي اقليت آهي، پر اهو آهي جو هنن شين جا شوقين وڏا امير آهن ۽ پئسو خرچ ڪندي گهٻرائين نٿا.

## طفيل چانڊئي بهڻ، بيد مشڪ ۽ لوسڻ جا فائدا ٻُڌايا

طفيل چانڊئي سان گڏ بيئل شڪيل ميمڻ بِهن جي پائوڊر ۽ ان پائوڊر مان ٺهيل ڪئپسول ڏيکاريندي چيو تہ، هي خبر اٿانوَ ڪهڙي شي آهي؟ حيدرآباد اڳيان ايڏانهن بدين، تلهار پاسي مينهوڳيءَ جي موسم ۾ پاٽي سان ڪڏا ڪوبا پرجي ويندا آهن، تہ ان گندي پاٽي جي مٿان سائي رنگ جي جيڪا سينور ٽيندي آهي، ان کي پاڻ چيٻلو ٿا سڏيون. هي پائوڊر ۽ ڪئپسول ان چيٻلي جا آهن، جنهن کي انگريزي ۾ SPIRULINA چون ٿا. اهو پائوڊر طاقت ۽ انرجي ڏيڻ سان گڏ، پيٽ جي زهريات ختم ڪري ٿو ۽ Detoxifying ڪري ٿو پر اهو آهي تہ اسان وٽ گندي پاڻ ۽ اڻ هائجنڪ حالتن ۾ پيدا ٿيل چيٻلو زهريات وارو ٿئي ٿو ۽ هتي ان کي صفائيءَ ۽ سٺائيءَ سان پيدا ڪيو وجي ٿو ۽ سائنسي طريقي سان ان جو پائوڊر ٺاهيو وجي ٿو.

طفيل چانڊئي ٻڌايو تہ اهڙي طرح بِهن ۾ ڪجهہ اهڙا جزا Ingredients آهن، جيڪي ڪئنسر جي مريض کي فرحت بخشين ٿا ۽ يوڪلپٽس جو وڻ جنهن کي پاڻ وٽ بيدمشڪ سڏين، ان جي پنن جو چورو ۽ وڻ مان نڪتل تيل گلي جي خراش ۽ ٻين خرابين لاءِ استعمال ٿئي ٿو ۽ ٿڌ زڪام ۾ ان کي سونگهيو پڻ وجي ٿو. ان کان علاوه طفيل سوچي ٻوٽي Golden Seal مان ٺهيل گوريون ۽ پائوڊر ڏيکاريو ۽ چانهہ جي ٿيلهين (Tea Bags) جهڙيون ٿيلهيون ڏيکاريندي پڇيائين: ”خبر اٿانوَ هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي؟“

”خبر ناهي“

”هن ۾ اهو سڪل گاهہ آهي، جنهن کي پاڻ لوسڻ سڏيون ٿا ۽ پاڻ وٽ گهوڙا کائين، پر هتي جا گورا آمريڪن ڪٽليءَ ۾ اهي لوسڻ جون ٿيلهيون گرم پاڻي سان وجهي، ڪاڙهو ڪري پيئن، جيڪو هڪ تہ هاضمي کي صحيح رکي ٿو ۽ ٻيو گوڏن جو سور ختم ڪري ٿو.“

اهڙي طرح ڪٽڪ جي ڇاڻ Oat Bran ۾ ڪٽيءَ (سارين تان لٿل تهہ جو سنهو پائوڊر) جا پئڪ ڏنا هُئا، جن لاءِ شڪيل ٻڌايو تہ هتي جا ماڻهو ڪئنسر ۽ قبضي جي بچاءَ لاءِ اهي کائين ٿا، جو انهن ۾ زبردست قسم جو fiber آهي. طفيل ڊائبيٽڪ جي مريضن لاءِ ڪريلن (جن کي هتي جا ماڻهو ڪڙو گدرو سڏين) ۽ ڪارن چمن (جن کي Gymnema سڏين) جا ڪئپسول ڏيکاريا، جيڪي ڊائبيٽڪ جي مريض کي شفا بخشين ٿا.

قدرتي کاڌن جا شوقين گهڻو ڪري مڇي ۽ گوشت کان بہ پرهيز ڪن ٿا ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ هتي خالد چنا جي اسٽور تي گوشت ۽ مڇي جو نعم البدل گوشت پڻ آهي، جيڪو سويابين مان ٺهي ٿو ۽ Protein based آهي.

وٽامن ۾ عام وٽامن A کان E ۽ ٻين کان علاوه جوهر ۽ ڦودني جون اڇيون گوريون پڻ هن اسٽور تي گراهڪن جي دلپسند خريداري آهي. بدهضمي ۾ يا ڪا ٽينشن واري خبر ٻڌي، پيٽ ۾ وڍ (cramps) پوڻ جو يڪ ٽڪ علاج هي ٽڪيون آهن.

طفيل چانڊيو سان خبرن دوران سنڌ ۽ اتي جي ماڻهن جون ڳالهيون ڪندي شهدادڪوٽ جي روشن کهاوڙ جي ڳالهہ نڪتي، جيڪو PIA ۾، ڪارگو آفيسر رهي چڪو آهي ۽ مشهور اديب ۽ شاعره شبنم موتيءَ جو مامو ٿئي. ”اسانجي هنن سان مائٽي ٿئي، توهان هن کي ڪيئن سڃاڻو؟“ طفيل مون کان پڇيو.

”اسانجي بہ سمجهہ تہ هنن سان مائٽي ٿي ٿئي. منهنجي زال ۽ هو پڦات ماروٽ ٿين.“ مون ٻڌايومانس.

ان تي طفيل چانڊئي ٻڌايو تہ هو ۽ عبدالستار ڏيرو (پورٽ قاسم وارو) سنڌو ٿين. يعني هنن جون زالون ڀينرون ٿيون ۽ عبدالستار ڏيرو جي ڌيءَ ناديا جي روشن کهاوڙ جي پٽ ياسر سان بہ سال اڳ شادي ٿي هئي. اهو ٻڌي مونکي تعجب لڳو تہ هيءَ دنيا ڪيتري ننڍي آهي. آمريڪا اچڻ کان اڳ روشن کهاوڙ جي گهر سندس ننهن ناديا اسانکي چيو هو تہ آمريڪا وڃو تہ سندس انڪل سان بہ ضرور ملون ۽ مون ڪيس ڪلندي چيو هو تہ آمريڪا ايڏو وڏو ملڪ آهي، جنهن ۾ سنڌ جهڙا هڪ سؤ ڪن صوبا سمائجي سگهن ۽ جيسين ڪنهن جي صحيح اَتي پَتي جي خبر نہ هجي، تہ ڪيئن ٿو ڪنهن کي ڳولهي لهجي ۽ پوءِ مون ايتري قدر جو ڪانئس سندس هن مامي جو نالو پڇڻ جي بہ تڪليف نہ ورتي ۽ اڄ اوچتو اسان جي ملاقات ٿي ويئي. مون يڪدم پنهنجي زال کي بہ ٻڌايو جنهن کي پڻ حيرت ٿي ۽ هوءَ ڪا دير شمشاد (مسز روشن کهاوڙ) ۽ ان جي ٻارن جو ڪانئس پڇندي رهي، خاص ڪري روشن جي وڏي ڌيءَ نصرت بابت جيڪا ويجهڙائيءَ ۾ پنهنجي مڙس شرجيل ڪرل (پروفيسر رشيد ڪرل جي پٽ) سان هتي طفيل جن وٽ رهي ويا آهن.

## نواب شاهہ جو شڪيل ميمڻ ۽ هن جا پائڻر پينر

۽ اکر شڪيل ميمڻ بابت لکڻ ضروري سمجهان ٿو. شڪيل ميمڻ 29 سيپٽمبر 1971ع تي نواب شاهه ۾ ڄائو ۽ گرئجوئيشن ڪرڻ بعد 1997ع کان هتي آمريڪا ۾ پنهنجي پيٽوئي خالد چنا سان گڏ نئچرل فوڊ جو ڪاروبار ڪري ٿو. شڪيل جو ان فئملي سان تعلق آهي، جن لاءِ آئون شروع ۾ به لکي چڪو آهيان، ته سنڌ جا اهي ڪٽنب تعريف جوڳا آهن، جن ۾ والدين گهٽ روزگار ۽ وڏي عيال هوندي به پنهنجي اولاد کي هر صورت ۾ تعليم جهڙي زيور سان مالا مال ڪيو. هنن ڪڏهن به پنهنجن پٽن ۽ ڌيئن ۾ فرق نه رکيو. پٽن کي لاڏلو ڪرڻ بدران هنن کي سخت ڊسيپلين ۾ رکيو ۽ هنن ۾ محنت ۽ پورهئي جي عادرت وڌي، جيئن ايندڙ اڻ ڏٺل زماني جي مشڪل حالتن کي منهن ڏيئي سگهن ۽ نياٽين کي تعليم ۽ سٺي ماءُ بڻجڻ جي سکيا ڏني. شڪيل جي والد محمد سليمان ميمڻ کي ماشاءَالله ڏهه ڪن ٻار آهن، جن ۾ ٽي پٽ ۽ ست نياٽيون آهن. وڏي ڌيءَ رخسانا خيرپور ۾ رهي ٿي، جتي سندس گهر وارو سول جج آهي. ان بعد ٽي ڌيئون ڊاڪٽر آهن. ڊاڪٽر فرزانا هتي آمريڪا جي رياست نيوجرسيءَ ۾ رهي ٿي ۽ خالد چنا جي زال آهي. ان بعد ڊاڪٽر روبينا پنهنجي مڙس ڊاڪٽر الهه ڏني ميمڻ سان گڏ نوابشاهه جي PMC ۾ ڪم ڪري ٿي، پاڻ گائناڪالاجسٽ آهي ۽ ڊاڪٽر الهه ڏنو ڪارڊيا لاجسٽ (دل جي شعبي جو ڊاڪٽر) آهي. ان بعد غزاله (ٻبلي) آهي، جنهن جو مڙس نوابشاهه جي UBL بئنڪ ۾ آهي. شڪيل کان علاوه ٻه وڏا پٽ: مقصود ميمڻ دادو ۾ مختيار ڪار آهي ۽ منصور سڪرنڊ ۾ ايريگيشن ۾ SDO آهي. شڪيل بعد ٽي پيٽيون آهن، جن مان ڊاڪٽرشبانا جيڪا ڊاڪٽر شهاب جوٽيجو جي زالَ آهي، ڪئناڊا ۾ رهي ٿي. فرحانا نوابشاهه جي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي ۽ نيلم پڻ نواب شاهه ۾ رهي ٿي، جنهن جو مڙس جاويد ميمڻ ليڪچرار آهي.

## حيدرآباد جو حڪيم نذير احمد شيخ

خالد چنا وارن جو هي ”Harmony Natural Foods“ اسٽور ۽ ٻيا ان قسم جا آمريڪا ۾ اسٽور ڏسي، جن ۾ بنا ڪيميڪل جي پوکيل اناج، پسارڪيون شيون ۽ سُتيون ڦَڪيون ڏسي، مونکي حيدرآباد جو حيڪم نذير احمد شيخ ياد ايندو آهي، جيڪو بيمارين جو علاج ديسي شين سان ڪرڻ جي حق ۾ آهي. هو جي هتي، ههڙن ملڪن ۾ هجي ته الائي ڇا ڇا اعزاز ۽ ايوارڊ حاصل ڪري ۽ هتي جا ماڻهو ڪيس پير ڪري پوڄين. بهرحال پنهنجي وطن ۾ رهي هو جيڪا مريضن جي ديسي دوائن ذريعي خدمت ڪري رهيو آهي ۽ عبرت اخبار۾ هر هفتي ميڊيڪل سان واسطو رکندڙ ڪالم (مضمون) لکي رهيو آهي، اها ڳالهه سنڌ جي ڳوناٺي توڙي پڙهيل ڳڙهيل کي هن ڏسَ ۾ educate ڪري ٿيءَ زبردست قسم جي ڄاڻ مهيا ڪري ٿي. ويجهڙائي ۾ حڪيم نذير احمد شيخ جي ڪجهه مضمون جو هڪ ڳٽڪو ”بيمارين جا سبب ۽ جديد طبي علاج“ سنڌيڪا پبلشر ڇپرائي وڏي خدمت سرانجام ڏني

آهي. اهو ڪتاب مون نہ صرف سنڌ جي گهرن ۾ پر ملائيشيا ۽ آمريڪا جي ڪيترن سنڌي هندو ۽ مسلمانن جي گهرن ۾ پڻ، انهن جي بورچيخانن ۾ رکيل ڏٺو آهي. (ان سان گڏ هڪ ٻيو ڪتاب نسرين طاهر وفائيءَ جو ”اسان ۽ اسان جو گهر “ پڻ ساڳي مشهوري ماڻي رهيو آهي. جنهن ۾ رڌ پچاءُ، گهر جي صفائي سترائي ۽ ٻارن جي ڊيان جا سوين قيمتي نسخا ڏنل آهن.) حڪيم نذير احمد شيخ صاحب جا ان سلسلي ۾ هي مضمون پڙهڻ وٽان آهن:

- انگريزي دوائن جا سائيڊ افيڪٽ
- ذهني ۽ نفسياتي بيماريون ـ معاشري جو اهم حصو
- ڪلونجي ـ دعا بہ دوا بہ.
- اِنجير، ڪجور ۽ ٿوم جا بيشمار فائدا.
- اسپنگر جي ٿهي ـ معدي لاءِ قلعي.
- عورتن جون بيماريون
- پنهنجي دل جو احتياط دل سان ڪريو.
- دَمَ ۽ قبضيءَ جا سبب ۽ علاج
- بي اولاد ماڻهن لاءِ مفيد مشورا .......... وغيره وغيره

حڪيم نذير احمد شيخ پنهنجي تيار ڪيل ديسي دوائن ڪان بہ مشهور آهي، جن مان ڪجھ هن ريت آهن:

- نذير ڪلونجي آئل
- نذير اسپغول (خالص اسپنگر جي ٿُهي)
- بينظير ڦڪي (بدهضمي، گيس، سيني جي جلن، السر، پيٽ جي سور ۽ قبضي لاءِ).

## ڪڏن تي لغڙ اُڏائيندڙ هالا جو نجم نيويارڪ ۾

ٻن ڏينهن کان پوءِ واشنگٽن کان منور لغاريءَ جو فون آيو ته هڪ همراهه نيوجرسي کان هن وٽ واشنگٽن اچي رهيو آهي. ”هن جي آفيس بلڪل توهان جي گهر ڀرسان آهي، سو توهان هن سان واشنگٽن هليا اچجو.“

”ڪير آهي“ مون پڇيومانس.

”اسانجي ئي سنگت WSI جو ميمبر آهي. سندس نالو رميش تارواڻي آهي. هو ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ اچي رهيو آهي، سندس موبائيل نمبر هي آهي.“

مون بس يا ٽرين ۾ وڃڻ کان ان ريت وڃڻ ۾ وڌيڪ سولائي سمجهي، جو بقول منور جي رميش مونکي بلڪل منور جي ٺام ٺڪاڻي تي لاهيندو ۽ منور وٽ، جيڪو مون لاءِ بلڪل نئون ماڻهو هو، ان وٽ رهڻ تي هاڻ ٿوري گهٽي همت به پيدا ٿي جو رميش بابت ٻڌائي، منور يڪدم چيو ته هن همراهه سان ته ڳالهائجو منهنجي ڀرسان ويٺو آهي. آواز مان مون نه سڃاتو پر پوءِ خبر پيئي ته هو اسانجي ڳوٺ جو بلڪ پاڙي ۾ رهندڙ محمد هاشم ميمڻ جو ڏهٽو نجم ميمڻ جيڪو هالا جي مشهور ٽيچر سائين محمد صالح ميمڻ جو نائٽي به ٿئي، جن سان پڻ اسانجي ڪٽنب جا دوستاڻا تعلقات رهيا آهن. نجم ڪي مون اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ ٽيهارو سال ڪن اڳ ڏٺو هو، جڏهن هو ننڍو ڇوڪرو هو ۽ پنهنجي هم عمر مامي واحد ڏني سان گڏ پاڙي جي ڪڏن تي لغڙ اڏائيندو رهيو ٿي. نجم جو والد ننڍي هوندي ئي گذاري ويو. سندس غريب والده ’ادي حَوُلَ‘ ڳنڍيٽيون ۽ پرت پري پنهنجي هن اڪيلي پٽ ڪي پڙهايو ٿي ۽ پوءِ ڪجهه وڏو ٿي پاڻ به صبح جو سوير اٿي تاجيون ۽ اٽت ڪري، اسڪول ۽ گهر جي خرچ ۾ مدد ڪئي ٿي. پوءِ مون ٻڌو ته هو تعليم پوري ڪري ڪمپائونڊري جهڙي نوڪري ڪري رهيو آهي ۽ شادي به ڪئي اٿس ۽ سندس زالَ زبيده جنهن سنڌ يونيورسٽي مان ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي آهي، سا پڻ هالا جي روشن تارا اسڪول ۾ ٽيچنگ ڪري گهر جي خرچ ۾ مدد ڪري ٿي. مالمو (سئيڊن) ۾ هوس ته اتي اوچتو خبر پڌم ته آمريڪا حڪومت طرفان ويزا لاءِ ڪٺا نڪتا آهن، انهن ۾ نجم ميمڻ به هڪ آهي ۽ هو نيويارڪ هليو ويو آهي. اهو ٻڌي مونکي خوشي ٿي ته نجم جهڙو پورهيت ۽ ڪفايت وارو ماڻهو آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ رهي پنهنجي قسمت بدلائي ڇڏيندو. منهنجي اها ڳالهه بلڪل صحيح نڪتي، جو جڏهن هيڏانهن آمريڪا اچي رهيو هوس، ته ڳوٺ جي ڪجهه ماڻهن نجم لاءِ ٻڌايو ته هو سادگي ۾ رهي ٽڪو ٽڪو بچائي رهيو آهي ۽ اهو ماڻهو جيڪو مسواڙ جي گهر ۾ رهيو ٿي، ان هالا ۾ ماشاءَالله هاڻ پنهنجو گهرُ ورتو آهي. ان جي مونکي ڏاڍي خوشي ۽ فخر محسوس ٿيو ته هي انهن عياش ماڻهن مان نه آهي، جيڪي پرديس ۾ جيڪي ڪمائين ٿا اهو ته چٽ ڪن ٿا،

پر ماڇھين ڳوٺان بہ گھرائيندا رھن ٿا. جنھن ڪري اسان جي ملڪ ۾ غير ملڪي ناڻو اچڻ بدران ٻاھر نڪرندو رھي ٿو ۽ ملڪ غريب ٿيندو رھي ٿو.

۽ ھاڻ اھو بہ معلوم ڪري خوشي ٿيم تہ نجم نيويارڪ ۽ بالٽيمور ڪي بہ اڌائي سال ٿيا تہ خير آباد چئي، ھتي واشنگٽن جي ڪنھن يونيورسٽي ۾ لئبررين جو جاب ڪري رھيو آھي ۽ منور لغاري وٽ ھن جي فلئٽ ۾ رھي ٿو.

”تنھنجي ھجڻ جو ٻڌي خوشي ٿي اٿم.“ مون ڪيس فون تي چيو ”منور کي تڪلف ڪري تہ ھن کي مون پاران جھلجانءِ. ظاھر آھي، توھان پاڻ بہ اڪيلا رھو ٿا، سو توھان وٽ رھڻ ٺي ڪافي آھي. ماني ٽڪيءَ جو ڪتراڳ نہ ڪجو. ڪجھ ٻاھر پاڻ ٺي پيو ڪائيندس، ڪجھ فرج ۾ رکيل مکڻ ۽ ڊبل روٽي ۽ بيضي سان نہ فقط نيرن پر لنچ ڊنر بہ پئي ٿيندي.“

”توھان فڪر ٺي نہ ڪريو. ھتي ھر شيءِ جو بندوبست آھي.“ نجم چيو.

”پر مونکي ڪوشش ڪري دعوتن ۽ ڊگھين ڪچھرين بدران گھٽو وقت آزاد ڇڏجو، جيئن آئون لکڻ پڙھڻ جو بہ ڪم ڪري سگھان.“ مون ڪيس تاڪيد ڪئي. بھرحال اھو سڪون ٿيو تہ منور تي ڪٽي منھنجي نہ ھلي، پر نجم منھنجي ھر ڳالھ مڃيندو ۽ نجم سان اڳ واٽ سجاٽپ ھجڻ ڪري easy محسوس ڪرڻ لڳس ۽ پوءِ بہ مزو نہ آيو تہ پئي ڏينھن رميش ٺاروانيءَ سان موٽي ايندس يا ٻئي ڪنھن سڃاڻوءَ وٽ ھليو ويندس يا اڳتي ھوسٽن ڏاھرين وٽ وڃي رھندس، جيڪي منھنجي اڳيان نندا ٿي وڏا ٿيا آھن.

## ٽنڊوجان محمد جو بابُو عبدالرحمان ۽ يوسف ڏاھري

جن ڏينھن ۾ 1968ع کان 1972ع تائين منھنجو ھن پاسي (ھوسٽن، نيواورلينس کان بالٽيمور نيويارڪ - ويندي ڪئناڊا تائين) وڃڻ ٿيندو ھو تہ نيويارڪ ۾ جيڪي چند سنڌ جا نوجوان رھيا ٿي، يعني اسان جا ھم عمر تن ۾ ٽنڊو جان محمد جا بہ ڏاھري ڀائر، بابو عبدالرحمان ۽ يوسف پڻ ھئا. ھو ڪنھن آمريڪي پروگرام تحت ائگريڪلچر جي ٽريننگ لاءِ مھيني اڌ لاءِ ھيوسٽن آيا ھئا، جتان پوءِ واپس وڃڻ بدران نيويارڪ ۾ رھي، اتي جي اسپتالن ۽ ھوٽلن ۾ ڪم ڪندا رھيا. اھي ڏينھن ڀلا ڏينھن ھئا ... پڇڻ واري ڪا پھر نہ ھئي. ايران ۽ ترڪي جھڙن ملڪن ۾ تہ بنا پاسپورٽ جي پيو وڃبو ھو. آمريڪا ۾ تن ڏينھن تائين اسان جا رڳو وڏا رئيس، پير سردار گھمڻ لاءِ ايندا ھئا ۽ پئسو خرچي ھليا ويندا ھئا. ھاڻ ٿورا ٿورا ٿي اسانجي مڊل ۽ ھيٺين ڪلاس جا ماڻھو اچڻ لڳا ھئا، جن جو مقصد پئسو خرچ ڪرڻ ۽ عياشي بدران، ھتي رھي محنت مزدوري ڪرڻ ۽ پئسو ڪمائڻ ھو. ڏاھري ڀائر بہ انھن شروعاتي ماڻھن مان ھئا. ھنن ھتي محنتون ۽ مختلف Jobs ڪيا. وچ ۾ ھتي جي مڪاني شيدين جي جھڳڙي ڪري ھنن کان بہ پاسپورٽ جي پڇا ٿي ۽ ويزا نہ ھجڻ ڪري کين وطن واپس ٿي موڪليائون. پر ھنن جي خوش قسمتي چئجي جو انھن ڏينھن ۾

ذوالفقار ڀٽي صاحب جو نيويارڪ ۾ دورو لڳو. هو صاحب انهن ڏينهن ۾ وزير خارجا هو. هي اسانجا همراهه هن وٽ ڊيليگيشن ٿاهي ويا، جنهن هتي جي واسطيدار ڪاتي سان ڳالهايو ۽ ڪين يڪدم گرين ڪارڊ (رهائش ۽ نوڪري ڪرڻ جواجازت نامون) وٺرائي ڏنو ۽ پوءِ ڪجهه مهينن بعد ڪين آمريڪا جو پاسپورٽ بہ ملي ويو. مٿين ڏاهري ڀائرن جنهن محنت سان هتي پورهيا ڪري پئسو بچايو ۽ جيڪا هتي رهي سادگي جي زندگي گذاري، ان جو آئون بہ شاهد آهيان. مفت جا گهمڻ ڦرڻ جهڙوڪ ميلن ملاکڙن ۽ ساموںڊي ڪنارن تي وڃڻ ۽ ملڪي سفارتخانن طرفان ٿيندڙ مفت جي دعوتن ۾ خوب ويندا هئاسين ۽ نہ فقط ويندا هئاسين، پر اتي آيل ديسي ۽ ولائتي گورين مهمانن سان گڏ بيهي فوٽو بہ ڪڍرائيندا هئاسين. اهڙي ئي هڪ پاڪستاني جي دعوت ۾ نور احمد نظاماڻي ۽ يوسف ڏاهري جي تصوير اٿم، جن ۾ هو مهمان عورتن سان بيٺا آهن ۽ UNO بلڊنگ ۾ يوسف ڏاهري منهنجي تصوير فلپين جي ڪنهن ڪاليج ڪان آيل ڇوڪرين سان گڏ ڪڍي هئي. آئون وچ ۾ بيٺو آهيان ۽ هڪ پاسي پنج ۽ ٻئي پاسي چار فلپيني ڇوڪريون بيٺيون آهن. اهي تصويرون اڄ بہ ڏسي کلندا آهيون تہ اهي  کهڙا تہ ڏينهن هئا، جن ۾ مچريل ائٽلانٽڪ سمنڊ ۽ طوفاني راتين ۾ جهاز هلائڻ وڏي ڳالهہ نہ هوندو هو، پر نيويارڪ يا لنڊن جي رستن تي واٽ ويندي ڇوڪرين سان گڏ بيهي فوٽو ڪڍرائڻ جهڙين ڳالهين، پنهنجي ڀٽاڪي دوستن جي وچ ۾ وڏو مان مرتبو رکيو ٿي.

سو بهرحال ڏاهري ڀائرن پورهيا ڪيا، پئسو بچايو ۽ ان پئسي کي پنهنجي وطن اڇي اجاين سجاين ڪاڇن ۽ شوبازيءَ ۾ وڃائڻ بدران زمينون خريد ڪيون ۽ اولاد کي پڙهايو. 1970ع ڌاري بابو عبدالرحمان جو وڏو پٽ ڊاڪٽر شفقت 14 سالن جو مس هو ۽ اجان مئٽرڪ ۾ بہ نہ پهتو هو ۽ ٻيا ٻار اڃا ننڍا هئس. بابوءَ کي ان وقت ڪان پنهنجن ٻارن جي تعليم جو وڏو فڪر هو. هو چوندو هو تہ مجبورين ڪري اسين تہ گهڻو نہ پڙهي سگهياسين پر پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيڻ منهنجي اولين ترجيح آهي.

آمريڪا طرف ڪجهہ سال جهاز هلائڻ بعد منهنجو USA ڏي اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو ۽ آمريڪا بدران جهازن کي يورپ ۽ جپان ڏي هاڪاريندا رهياسين. ڪافي سالن بعد موڪلن ۾ ڳوٺ اچڻ بعد هڪ ڏينهن نوابشاهہ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪنهن فنڪشن اٽيند ڪرڻ لاءِ وڃڻ ٿيو. جتي ان ڪاليج جي هڪ ميڊيڪل اسٽوڊنٽ ڇوڪري مون سان اچي ملي: ”آئون ٽنڊو جان محمد جي عزيزه ڏاهري آهيان، منهنجو والد ٻڌائيندو آهي تہ هو توهان سان گهڻا سال اڳ نيويارڪ ۾ مليو هو.“

مونکي اهو معلوم ڪري خوشي ٿي، تہ بابو عبدالرحمان جا نہ فقط پٽ پر ڌيئرون بہ هن جي خواهش مطابق اعليٰ تعليم وٺي رهيون آهن. مون عزيزه ۽ هن جي ڪلاس ميٽ

ڇوڪرين سان عزيزه جي والد ۽ چاچي جي ڳالهه ڪئي ته هو ڪيڏا ته محنتي آهن ۽ ڪين پنهنجي اولاد جو نه فقط اونو آهي ۽ پر پنهنجو عزم پورو ڪري ڏيکاريو اٿن.

عزيزه ٻڌايو ته سندس وڏو ڀاءُ شفقت LMC مان ڊگري حاصل ڪرڻ وارو آهي ۽ پاڻ ٻئي يا ٽي سال ۾ آهي ۽ ڪانئس هڪ سال جونيئر سندس ڀيڻ منيزا آهي. اڄ شفقت، عزيزه، منيزا ۽ ان بعد سندس هڪ ٻي ڀيڻ حليما نه فقط ڊاڪٽر آهن پر هو هڪ قسم جون ڪامياب ڊاڪٽرياڻيون آهن ۽ وڏن شهرن جي رونقن ۾ رهي نوڪري ڪرڻ بدران ڊگري ۽ ٽنڊو جان محمد جهڙن ڳوٺن ۾ نوڪري ڪري رهيون آهن. ڊاڪٽر عزيزه جي ڊاڪٽر زاهد ڪاڪيپوٽي سان شادي ٿي ۽ ٻئي ڊگري ۾ پنهنجي اسپتال هلائين ٿا. ڊاڪٽر شفقت ۽ سندس زال ڊاڪٽر فريزه ابڙو ڳوٺ ۾ ئي نوڪري ڪن ٿا. ڊاڪٽر منيزه نواب شاهه جي اسپتال ۾ رجسٽرار آهي، جيڪو سندس مڙس عبدالرزاق چانڊيئي جو ڳوٺ آهي. هتي آمريڪا ۾ فقط صديق ڏاهري رهي ٿو ۽ يوسف ڏاهري جو پٽ اسد علي يوسف ڏاهري اڄ ڪلهه گهٽو وقت ڳوٺ ۾ گذاري ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هيڏانهن (آمريڪا) جو چڪر هڻندو رهي ٿو. بابو عبدالرحمان سن 2000ع ۾ وفات ڪئي. پاڻ نه فقط ٻارن لاءِ سٺو پيءُ هو، پر سٺو دوست پڻ. بابوءَ جو ننڍو ڀاءُ پنهنجي زال ڊاڪٽر شاهناز (ڊاڪٽر فريده ابڙو جي ڀيڻ) سان گڏ آمريڪا جي رياست ٽيڪساز جي وڏي شهر هيوسٽن ۾ رهي ٿو. ساڻن گڏ ڊاڪٽر منيزه ڪانپوءِ وارو ڀاءُ فدا حسين به هتي آمريڪا ۾ رهيو ٿي، جنهن جو افسوس ته 1999ع ۾ هڪ آمريڪن شيدي ڌاڙيل هٿان قتل ٿي ويو.

صديق ڏاهري، فدا حسين کان سال ٻه ننڍو آهي. هو اوٺيهن سالن جو هو ته 1984ع ۾ هتي آمريڪا آيو. سندس شادي اسانجي دوست خورشيد ناريجو جي ڌيءَ ۽ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي عرفان ۽ فرقان جي وڏي ڀيڻ شازيا سان 1992ع ۾ ٿي، ڪيس ٽي پٽ عبدالصبور، شهريار ۽ سرفراز ۽ هڪ ڌيءَ سُندس نالي آهي. صديق، يوسف ڏاهري جي پٽ اسد ۽ سندن چاچي محمود جا هن رياست ٽيڪساز ۾ ڪيترائي اسٽور ۽ ٻيو ڪاروبار آهي، جيڪي هو ٻين ساٿين ۽ ملازمن سان گڏجي هلائين ٿا. شايد ڪو سنڌ جو رهاڪو هتي هجي، جيڪو هنن کي نه سڃاڻيندو هجي، جو جيئن شروع ۾ لکي آيو آهيان ته اتراهن رياستن ۾ مهمانوازي ۾ چنا فئملي آهي، تيئن ڏکڻ ۾ هنن جي ڏاهري فئملي.

## پاڪستان جي شيءِ مفت ۾ به نه کپي

مون واشنگٽن وڃڻ لاءِ منور لغاري جي ٻڌايل همراهه رميش ٿارواڻيءَ کي فون ڪيو. رميش ٿارواڻيءَ جو فون تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه جهڙو ڪڙڪيدار آواز ٻڌي، پهرين آئون دهلجي ويس، ته هي خبر ناهي ڪهڙي قسم جو Serious ماڻهو آهي. پر پوءِ ملاقات بعد خبر پيئي ته بيحد پيارو، حقيقت پسند انسان ۽ هر هڪ جي (چاهي ڪو هندو هجي يا

مسلمان، سنڌي هجي يا پنجابي) سچي دل سان مدد ڪرڻ وارو آهي. بعد ۾ منور لغاري بہ منهنجي ڳالهہ ٻڌي ڪليو هو ۽ چيائين تہ رميش جي ان آواز ڪري سنڌس دوست يار ڪيس صوبيدار سڏين ٿا.

رميش مونکي پنهنجي گهر ۽ آفيس جو بہ فون نمبر ڏنو ۽ اهو فيصلو ٿيو تہ آچر ڏينهن صبح جو نائين بجي ڌاري آئون سندس گهر پهچي وڃان، تہ پوءِ اتان سڌو واشنگٽن هليا هلنداسين، ڇو جو اسان جو گهر ڇڻ ڪلفٽن تي هو، تہ هن جو سهراب ڳوٺ ڏي. هاڻ هو سهراب ڳوٺ پاسي کان مون ڏي اچي پوءِ خيرپور يا دادو هلڻ لاءِ پويان پير ڪري، تنهن کان بهتر آهي، تہ آئون هن وٽ پهچي وڃان ۽ هن جا شهر جي ٽرئفڪ جا ہہ ڪلاڪ بچي وڃن. هن پنهنجا گهر جا پارَ پتا منهنجي پاڙيجي ضمير وسطڙو (هيمون) کي سمجهايا. هيمونءَ بہ فون رکي يڪدم اها Comment ڏني تہ وڏو رعب وارو پائي آهي. پر پوءِ جڏهن سندس گهر ٽرئفڪ جئم هجڻ ڪري ڪلاڪ بدران ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڏهين بجي پهتاسين، تہ هو جيترو عمر جو گهٽ هو اوترو ئي وزن جو ۽ خبر پيئي تہ هو بہ منور لغاري وانگر مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جو ئي گرئجوئيٽ آهي ... بلڪ منور کان بہ ہہ ٽي سال جونيئر آهي.

نيرن جو پروگرام رميش جي گهر هو، پر جيئن تہ اسان نائين بدران ڏهين پهتاسين، سو هو بنا پڇڻ جي اسان جي اڳيان ڪيڪ، پيسٽريون، ۽ پستا بادام رکي چوڻ لڳو تہ نيرن تہ ڪري آيا هونداءُ، پلا ڪجهہ منائي ڪائو. پاڻ ٻڌائين تہ سندس سهري جي طبيعت خراب ٿيڻ ڪري، سندس زال ڊاڪٽر ريڪا هن وٽ اسپتال رهيل آهي. ”هاڻ فقط آئون ٿو هڪ ڏينهن لاءِ هلان. هونءَ تہ مون پارن ڪري واشنگٽن ۾ رهائش لاءِ هوٽل بہ بڪ ڪري ڇڏي هئي، پر هاڻ آئون بہ رات منور وٽ ئي گذاريندس، جو سڀاڻي صبح جو واپس موٽڻو اٿم.“

”اهو تہ پاڻ سئو.“ مون کيس چيو، ”مونکي جي مزو نہ آيو تہ آئون بہ توسان موٽي ايندس.“ گهر ۾ تہ ڪير ڪونہ هو سو اٿي فرج کولي ڊبل روٽيءَ جا ہہ چار Slice ڪڍيم.

”تڪليف نہ ڪريو آئون توهان کي ڏيان“ رميش چيو.

”يار هي تنهنجا ڪيڪ پيسٽريون ۽ منائي ڪائي اجائي شگر ليول وڌائڻ نٿو چاهيان. مون نيرن نہ ڪئي آهي، سو چانهہ سان گڏ هيءَ ڊبل روٽي کائيندس.“

”پوءِ تہ پاڻ اڦراٽو تيار ڪري وٺان، مون توهان جي نيرن لاءِ ڪالهہ کان اهو سوچيو هو.“ رميش چيو.

”نہ يار هاڻ وري کهڙا اٿا ويهي ڳوهيندين، اڳهين دير ٿي وئي آهي، گاڏي کڍ تہ پڇڻ جي ڪيون.“ مون چيومانس.

”دير بلڪل نہ ٿيندي. نهيل نڪيل اڦراٽو آهي، رڳو ٻن منٽن لاءِ اوون ۾ وجهڻو آهي.“ رميش چيو ۽ پوءِ فرج مان رنگين ٿيلهي ڪڍي ان ۾ پئڪ ٿيل پنج اڌ ڪچا اڌ پڪا اڦراٽا ڪڍي، چلهہ تي رکيائين. نهيو! چئبو تہ هاڻ آمريڪا ۾ هر ديسي شيءِ ملي ٿي، جنهن لاءِ هتي

رهندڙ اسان جا ماڻهو سڪندا هئا. نانن ۾ چپاتين سان گڏ اڙاتا ۽ اڊلي ڍوسا تائين هتي وڪامن ٿا. مون پلاسٽڪ جو خالي لفافو کڻي ان تي پڙهيو. انڊيا جي ڏاکڻي صوبي تامل ناڊو جي ڪمپنيءَ جا تيار ڪيل اڙاتا هئا. مونکي حيرت ٿي ته انڊيا جي دڪاندارن، مئنوفيڪچررن، ايڪسپورٽ آفيس وارن ۽ ايئر سروسز جي ڪيڏي Coordination آهي. بمبئي، چنائي، احمد آباد ۽ دهلي ۾ هڪ ڏينهن جون تيار ڪيل نانختايون، ڪيڪ ۽ مٺايون ٻئي ڏينهن نيويارڪ، واشنگٽن ۽ هيوسٽن جي ڳوٺ ڳوٺ جي دڪانن تي پهچيو وڃن. اسان وٽ ٻاروچي باغ يا ٽنڊوقيصر کان ڪراچي انب موڪلڻ به وڏي منزل سمجهي وڃي ٿي ۽ پروارين رياستن دبئي، دوها يا ڪويت تائين ته ڪو فروٽ يا ڀاڄي موڪلڻ لاءِ ڄمار لڳيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو نيوجرسيءَ جو هڪ پاڪستاني گجراتي ميمڻ هر سال پاڪستان بدران انڊيا کان انب گهرائي ٿو.

”سائين پنهنجي ملڪ ۾ سٺو بندوبست هجي، ته ڏارين ڏي ڇو نهارجي.“ هن مونکي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”مونکي ته ڪو پنهنجي ملڪ مان ڪا شيءِ مفت ۾ موڪلي، ته به هٿ ٻڌي انڪار ڪيان جو نقصان پرڻ جي مون ۾ همت ناهي.“

”ڇو ڀلا،“ مون پڇيو هئومانس.

”هڪ دفعي پاڪستان کان انب گهرايا هئم. هتي پهچندي پهچندي ايڏي دير ٿي وئي، جو انهن ۾ ڪينئون لڳي ويو. انبن جي قيمت ۽ ڀاڙو ته ڪيسي مان ڀريم، پر انهن کنن انبن کي Dispose ڪرڻ لاءِ وڏو خرچ ڳچيءَ ۾ پئجي ويو. هتي جي قانون مطابق پهرين فيوميگيشن وارن کي اطلاع ڪرڻو پيو، جن منهنجي خرچ تي اچي انهن ڊٻن کي Fumigate ڪيو ۽ پوءِ انهن کي صحيح هنڌ تي ڊمپ ڪرائڻ لاءِ خاص ڪئريئر (مزدا) جو بندوبست ڪرڻو پيو جيڪا وچي ڏورانهين هنڌ تي ڦٽو ڪري آئي ۽ ٻي پاسي انڊيا جي هر شيءِ اک ڇنب ۾ هتي پهچيو وڃي ۽ انڊيا جا واپاري جهڙو Sample ڏيکاريندا آهن، اهڙو ئي پنيان مال پهچي ويندو آهي ۽ هر ڊٻي ۾ جهڙو مٿيون Layer سٺي شيءِ جو هوندو آهي، اهڙو هيٺ تري ۾.

## رميش ٿارواڻي ۽ مکي سروانند جو احوال

رميش ڄڏايو ته هو 27 آڪٽوبر 1967ع تي گهوٽڪيءَ ۾ ڄائو. سندس والد موهن داس ٿارواڻي اسڪول ٽيچر هو، پر هن کي ٻارن جي پڙهائيءَ جو وڏو اونو هو. هن پنهنجي ستن ئي ٻارن کي پڙهايو. رميش جا ٻه وڏا ڀائر نانڪ ۽ هريش ٿارواڻي ڊاڪٽر آهن. ڊاڪٽر نانڪ گهوٽڪيءَ ۾ ئي پريڪٽس ڪري ٿو، جتي هنن جو ڀيو نمبر ڀاءُ گوبندرام فارميسي هلائي ٿو. ڊاڪٽر هريش سنڌ ميڊيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽري ڪرڻ بعد هتي آمريڪا هليو آيو ۽ اڄ ڪلهه نارٿ ڪئرولينا رياست جي ڊيوڪ يونيورسٽي ۾ ماهر نفسيات آهي. رميش

ڪانپوءِ وارو ڀاءُ درشن ڪراچي ۾ ئي رهي ٿو، جتي هن کي ڪمپيوٽرن جو بزنيس آهي. سندن هڪ ننڍي ڀيڻ جيوانتي هائوس وائيف  آهي ۽ ٻي چندرا ڊاڪٽر آهي، جنهن جو مڙس سنيل لال پڻ ڊاڪٽر (ٻارن جي بيمارين جو ماهر) آهي. هنن جيڪب آباد ۾ ئي پرئڪٽس ڪئي ٿي، پر هاڻ دبئي وڃي رهيا آهن.

رميش پاڻ مهراڻ يونيورسٽي مان انجنيئرنگ ڪرڻ بعد هڪ ٻن هنڌ نوڪري لاءِ هٿ پير هنيو، پر مهراڻ جي گرئجوئيٽ جو ٻڌي هر هنڌ رُکو جواب ٿي مليو ۽ هو هيڏانهن هليو آيو. هتي پهريائين تہ مختلف هنڌن تي odd جاب ڪندو رهيو ۽ اهو ئي محسوس ڪيائين تہ جيڪڏهن آمريڪا ۾ سٺي نوڪري حاصل ڪرڻي آهي، تہ هتي جي سسٽم جي ئي تعليم حاصل ڪجي. سو هڪ طرف نوڪري ڪري پئسو گڏ ڪندو رهيو تہ ٻئي طرف هتي جي ناليري يونيورسٽي رٽگرز مان گرئجوئيشن بہ ڪيائين. هاڻ ڪيس هڪ انجنيئرنگ فرم ۾ سٺي نوڪري آهي. ٽي چار سال اڳ ڪراچي جي ڊاڪٽر ريڪا سان شادي ڪيائين. ريڪا ڊو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي جي گرئجوئيٽ آهي ۽ اڄ ڪلهہ هتي نيوجرسي ۾ ئي جاب ڪري ٿي. ڊاڪٽر ريڪا جو پتا واسديو گولاني ۽ ماتا شاڪان نيو جرسي جي پرواري رياست پينسلوانيا ۾ جتان ٿوري دير بعد اسان لنگهڻ وارا هئاسين، ان جي هڪ شهر لانگهارن ۾ رهن ٿا. واسديو بزنيس مئن آهي ۽ سندس ڳوٺ شايد ڪنڌڪوٽ آهي. ڊاڪٽر ريڪا کي هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻ آهي. ڀاءُ سنديپ پيءُ سان بزنيس ڪري ٿو ۽ ڀيڻ شارڊا گولاني پنهنجي مڙس سان گڏ ڊالاس ۾ رهي ٿي. ڊالاس، هيوسٽن ۽ گئلوسٽن، ڪورپس ڪرسٽي، پورٽ آرٿر، پاسادينا وغيره آمريڪا جي سڀ کان وڏي رياست ٽيڪساز جا شهر آهن، جن ۾ ڪيترائي پاڪستاني ۽ انڊين رهن ٿا. اڄ کان ٽيٽيهہ چوٽيهہ سال اڳ جڏهن اسانکي ٽيڪساز رياست جي بندرگاهن ۽ فئڪٽرين ۾ جهازن کي وٺي وڃڻو پوندو هو تڏهن بہ ڪافي هم وطني جيڪو ديسي ماڻهو ملندا هئا. اهو لفظ ”ديسي“ ڏسان پيو تہ اڄڪلهہ عام استعمال ۾ آهي. يعني پاڪستاني ۽ انڊين لاءِ استعمال ٿئي ٿو. انهن ڏينهن ۾ اهو لفظ ”ديسي“ اڃان عام نہ ٿيو هو.

ڊاڪٽر ريڪا جو چاچو يعني واسديو گولاٽيءَ جو ڀاءُ مکي سروانند سنڌ جي چاتل سڃاتل شخصيت آهي. هو هندو پئنچائت جو مکي ۽ سياستدان پڻ آهي. پاڻ 1980ع ۾ صوبائي اسيمبلي جو ميمبر بہ چونڊيو ويو هو. منهنجي ساٿس هڪ ٻہ دفعا اليڪ سليڪ الحبيب گارڊن فليٽس واري بلڊنگ (ڪلفٽن) وٽ ٿي هئي، جتي اسان جو جهازي ڪئپٽن رشيد ابڙو صاحب رهيو ٿي ۽ هاڻ ان فلئٽ ۾ انڊس مئگزين جو ايڊيٽر ۽ ڪالم نويس امير ابڙو رهي ٿو. رميش ٻڌايو تہ مکي صاحب اڄ ڪلهہ غوثپور ۾ رهي ٿو.

رميش کي ٻہ ڪکيون آهن: وڏي ٽن سالن کن جي ري وا (Reva) آهي ۽ ٻي هاڻ جائي آهي جنهن جو نالو ريت (Reet) آهي. رميش ٻڌايو تہ ڊاڪٽر ريڪا جا والدين هتي

گهمڻ آيا هئا. واسديو صاحب کي ڪالهہ دل ۾ پرابلم ٿيڻ ڪري اسپتال ۾ رهڻو پيو.، جتي رميش جي زال ۽ ننڍڙي ڌيءَ بہ ترسيل آهي. اسان گهر کي تالو هڻي اڇي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. مون پنهنجي بئگ هيمون جي ڪار مان ڪڍي رميش جي ڪار ۾ رکي ۽ اسان ڪراسنگ ٽپي ائٽلانٽڪ سٽي ۽ ڪئمڊن ڏي رخ ڪيو ۽ هيمون واپس ايڊيسن (نيوجرسي) ڏي روانو ٿي ويو.

## چڱو جو مون توهان کي جهاز گهمايو

رميش چيو تہ آچر جو ڏينهن آهي، موڪل جو ڏينهن. ڪا جلدي ڪانهي، ان ڪري آرام آرام سان گاڏي هلائيندس، ان ڪري واشنگٽن پهچڻ تائين اڍائي ڪلاڪ لڳي ويندا. آئون رميش جو منهن ڏسڻ لڳس. هو بلڪل Cool ۽ ڪمپوزڊ لڳي رهيو هو. مجان ٿو تہ منهنجو واسطو پاڻيءَ جي جهازن (Ships) سان رهيو آهي، جيڪي سيني ڪل جي سوارين کان آهستي هلن ٿا، پر نقشي تي ڏسڻ سان بہ اها idea ٿيو ٿي ويئي، تہ رميش جي گهر کان ائٽلانٽڪ سٽي، فلڊلفيا ۽ بالٽيمور لتاڙي واشنگٽن تڪو تڪو پهچڻ ۾ بہ ٽي ڪلاڪ لڳيو وڃن، پر رميش پڪ ڪنهن سرڪس جي ”موت جي کوهہ“ ۾ ڦٽ ڦٽي موٽر هلائي هوندي جو واقعي سندس اندازي مطابق واشنگٽن ايترو جلد پهچي وياسين. رستي تي پينسلوانيا جي شهر فلڊلفيا ۽ ميئريلنڊ جي شهر بالٽيمور جي هڪ ٻن گهٽين جو ڦيرو بہ ڪرايائين. سچي وات اسان سنڌ ۽ ان جي مسئلن تي ڳالهائيندا رهياسين. پنهنجي ملڪ ۾ واندڪائي هوندي بہ اخبار پڙهي نٽي ٿئي، پر هتي سالن کان پرديس ۾ رهندڙ هي همراهہ هر ڳالهہ کان پاڻ کي ڪيڏو تہ Update رکن ٿا! انٽرنيٽ ذريعي نہ فقط اخبار جي هڪ هڪ خبر پڙهن ٿا، پر مختلف فورمن، سنگتن، Yahoo گروپن ڌريعي انهن تي ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪن ٿا. سنڌ ۾ پاڻي جو مسئلو، صحت ۽ تعليم جو مسئلو، بيماري ۽ بيروزگاري جو مسئلو ... وغيره وغيره ... ان کان علاوه رسول بخش پليجو صاحب هئين ٿو چوي، ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ بشير قريشي جو هي موقف آهي. تعليم ۽ ٽيچرن بابت لياقت عزيز هي حل بيان ڪيا آهن. انعام شيخ سنڌي ادبي بورڊ ۾ نئون ساهہ ڦوڪيو آهي ... فلاڻا فلاڻا ڏسٽا وائسٽا ماٺهو نوڪري ۽ محنت ڪرڻ بدران NGO جو خيراتي پئسو هڙپ ڪري رهيا آهن.... قاضي پائرن ۽ راڄپر صاحب سنڌي جا چئنل ڪولي ماڻهن لاءِ وندر ۽ awareness پيدا ڪئي آهي..... وغيره وغيره. رکي رکي رميش جي موبائيل فون جي گهنٽي وڄي ٿي. هڪ بہ دفعو اڳيان پويان جو جائزو وٺي فون کي ڪن تي رکيو ٿي، پر پوءِ اهو جوکم جو ڪم ڪرڻ بدران پنهنجي موبائيل فون ۾ تار Plug in ڪري ايئر فون ڪن ۾ وجهي ڇڏيائين. ياد رهي تہ هتي ڊرائيونگ وقت فون کي هٿ سان ڪٽي ڪن وٽ جهلي ڳالهائڻ جي پابندي آهي، جو هڪ تہ ڳالهائڻ ڪري ماڻهوءَ

جو ذهن ڊرائيونگ کان هٽيو وڃي ۽ پيو پڻ هٽڻ بدران فقط هڪ هٿ اسٽيرنگ کي سڌو رکڻ ۽ ڪلچ بدلائڻ لاءِ وڃيو رهي.

هڪ دفعي ڪنهن جي فون اچڻ تي پنهنجي سهري جي طبيعت جو هن کي ٻڌائي، پوءِ مون بابت ٻڌائڻ لڳس تہ مونکي واشنگٽن وٺيو پيو وڃي ۽ پوءِ ڪنن مان ear phone ڪڍي موبائيل فون منهنجي حوالي ڪندي چيائين، ”منهنجو پاءُ ڊاڪٽر هريش ڪئرولينا ڪان آهي، توهان کي سڃاڻي ٿو.“ خوش خير عافيت ڪرڻ بعد چيومانس تہ توهان پڪ منهنجو ڪو ڪالم اخبار ۾ پڙهيو هوندو.

”اهو بہ پڙهندو رهان ٿو، پر توهان سا ملاقات بہ ٿيل آهي.“ هن ٻڌايو. ”ڪيئن پلا؟“ مون حيرت مان پڇيو جو آئون نہ ڪڏهن ڪنڊ ڪوٽ ويل هوس، نہ ڪئرولينا رياست ۾.

”توهان اسان کي جهاز گهمايو هو. انهن ڏينهن ۾ آئون سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ شاگرد هوس ۽ اتي جي هاسٽل ۾ رهندو هوس.“ ڊاڪٽر هريش ٻڌايو.

منهنجو جهاز جڏهن بہ ڪراچي ايندو هو تہ ڪراچي واري Stay ۾ هڪ تہ روزانو پنهنجن اديب دوستن کي جهاز تي گهرائيندو هوس، تہ اچي جهاز ڏسن ۽ ماني بہ کائين. انهن ۾ ان وقت ڪراچي ۾ قمر شهباز، تاج بلوچ، شمشير الحيدري، مرحوم جعفري، نسيم کرل جن هوندا هئا. ان کان علاوه NED، ڪراچي يونيورسٽي، ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۽ SMC جهڙن تعليمي ادارن مان اندروني سنڌ جي شاگردن کي جهاز تي وٺي ايندو هوس، جيئن هو جهاز ۽ سامونڊي زندگي کان واقف ٿين، پاڻ نہ تہ پنهنجن ننڍن پائرن، سوٽن ماساتن کي هن نوڪري لاءِ اتساهہ ڏيارين. تن ڏينهن ۾ جهاز ڏهڻ ۽ هلڻ جي ڏم لڳي پيئي هئي. هلائڻ وارن آفيسرن جي سچي دنيا ۾ ڪوٽ هئي ۽ هاڻ هريش جهاز جي اها Visit ياد ڪري، مونکي پنهنجي رياست ۾ هن جو مهمان ٿي وڃڻ لاءِ زور پري رهيو هو.

”يار چڱو جو مون توهان جهڙن نوجوانن کي جهاز گهمايو ۽ مفت جي ماني کارائي توهان تي ٽڌو ٽورو ڪيو.“ مون کلندي کيس وراڻيو، ”حياتي رهي تہ پي ڪنهن دفعي ضرور ملاقات ٿي ويندي.“

مون رميش کي ٻڌايو تہ سندس پروفيسر ۽ نيويارڪ يونيورسٽي وارو Dean ڊاڪٽر الطاف ميمڻ بہ جڏهن ڪراچي ۾ BE ڪري رهيو هو، تہ هڪ دفعي ميٺارام هاسٽل جي دوستن سان گڏ جپان کان آيل اسان جي جهاز تي آيو هو. مون کي تہ ياد ناهي، جو خبر ناهي ڪير ڪير پيا ايندا هئا، پر پاڻ جتي ٿو ملي تہ جهاز گهمڻ واري ڳالهہ ٿو ڪري، تنهنجي پاءُ ڊاڪٽر هريش وانگر ڊاڪٽر الطاف ميمڻ اڄ ڏينهن تائين خبر ناهي ڪيترن هوائي ۽ پاڻي جي جهازن ۾ سفر ڪري چڪو هوندو، پر هن کي بہ اڄ تائين اهو ٻاروتڻ وارو جهاز گهمڻ وارو واقعو ياد آهي ۽ ان مان متاثر آهي. اسانجو ڪئڊٽ ڪاليج جو انگريز

پرنسپال ڪرنل ڪومبس ان ڪري چوندو هو تہ پار ڪي هميشہ ننڍي هوندي اهڙيون شيون، شهر ۽ فيڪٽريون، ڪارخانا ڏيکارڻ کپن جو ان عمر ۾ هو صحيح معنيٰ ۾ enjoy ڪري ٿو.

## ائٽلانٽڪ سٽي جوا خانن ڪان مشهور آهي

رميش سڄي سفر ۾ ڳالهائيندو رهيو. هو سچي واٽ هِتي هُتي جون نہ فقط خبرون ٻڌائيندو هليو، پر پڇندو بہ رهيو. ڪيس سوال پڇڻ جو وڏو ڏانءُ آهي ۽ بيحد ذهين نموني جا ۽ to the point سوالَ ڪيائين ٿي. پهرين مون ٿورو offended محسوس ڪيو، پر پوءِ يڪدم سمجهي ويس تہ هن جو هر سوال سچائي، معصوميت ۽ ساڻيهہ لاءِ بي پناهہ سڪ تي مبني آهي. ٻئي جو اندر کولڻ يا ضِروري معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مختصر توريل تڪيل سوال ڪرڻ بہ هڪ وڏو آرٽ آهي. پنهنجي شاگرديءَ ۽ ماستري واري دور ۾ رميش جي مقابلي جا هن وقت فقط ٻہ ماڻهو ڌيان ۾ اٿم. هڪ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ مون سان گڏ پڙهندڙ حيدرآباد جو انور ميمڻ، جيڪو اڄ ڪلهہ ڪئناڊا ۾ آهي ۽ ٻيو نيول اڪيڊمي ۾ تعليم دوران منهنجو ڪلاس ميٽ راشد ڪاظمي. راشد ڪاظمي بہ مون وانگر جهازن جو چيف انجنيئر ٿيو ۽ پوءِ ڪئين سال مختلف ڪمپنين جا ڪارگو، پئسينجر ۽ ٽينڪر جهاز هلائڻ بعد اڄ ڪلهہ جدي ۾ هڪ سعودي عرب ڪمپني جو چيف آهي. هنن ٻن ڪي بہ رميش ٿارواٽيءَ وانگر سوال پُڇڻ جو ڏانوُ هو.

رميش جي ڳالهين مان لڳو تہ هن ڪي تعليم جو وڏو فڪر آهي. هو سنڌ جي مڙني مسئلن جو حل بنيادي طرح تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڏسي ٿو. تعليم اسان ڪي سماجي ۽ معاشي ڏٻڻ مان ڪڍي سگهي ٿي. سنڌ جي ماڻهن ڪي سنڌ جي واسطيدار ماڻهن ئي تعليم ڪان ڏور رکي جاهليت جي اونداهي سمنڊ ۾ ٿاڦوڙا هڻڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. تعليم جي favour ۾ ڳالهائڻ رميش لاءِ obvious هو، جو هن جو جنم هڪ اهڙي ڪٽنب ۾ ٿيو، جتي سندس پتا گهٽ پگهار ۽ وڏي عيال جي باوجود تعليم کي ترجيح ڏني ۽ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهي ڪري، نہ فقط پٽن ڪي پر ڌيئرن ڪي بہ پڙهايو. اڄ اها تعليم ئي آهي، جنهن ڪري هڪ پرائمري اسڪول جي ماستر جا ٻار دنيا جي امير، ماڊرن ۽ طاقتور ملڪ USA ۾ اعليٰ عهدن تي فائز آهن ۽ اهڙا ڪيترائي سرندي وارا جن قدرت طرفان مليل هر سهوليت جي باوجود پنهنجن ٻارن ڪي نہ پڙهايو ۽ انهن جي دماغ ۾ اهوئي وڌو تہ ابي ڏاڏي جون ملڪيتون جام آهن ۽ محنت ۽ علم حاصل ڪرڻ جي ضرورت ناهي، اڄ انهن جو اولاد چند ايڪڙ زمين جي ورهاڱي ۽ واٽر ڪورس جي ورچ تان هڪ ٻئي جون ٻوٽيون پٽي رهيا آهن ۽ تر جي پوليس توڙي وڪيل هنن جو کيسو خالي ڪري رهيا آهن.

”سائين چانهہ پيئڻ جو موڊ ٿئي تہ ٻڌائجو.“ جيئن ٽي وي تي گفتگو يا ڊرامي دوران ڪمرشل بريڪ ٿيندي آهي، تيئن رميش خبرن چارن جي وچ وچ ۾ چانهہ جو بہ پڇندو رهيو.

اسان هاڻ نيوجرسي جا مختلف وڏا شهر نيو ارڪ، ايلزبيٿ، نيو برنس وڪ، پرنسٽن لتاڙي نيو جرسي ۽ پرواري رياست پينسلوانيا جي بارڊر واري شهر ٽرينٽن اچي پهتا هئاسين. نيو جرسي جو هڪ بيو نئون اپرنڊڙ شهر ائٽلانٽڪ سٽي بہ جيڪو مونکي سپ کان گهٽو وٽيو آهي، بلڪل سمنڊ جي ڪناري تي آهي. هي شهر هونءَ تہ جواخانن ۽ ڪئسينن (Casinos) کان مشهور آهي، پر سمنڊ جي ڪناري تي لاس پاماس (ڪَناري ٻيٽن) وانگر هن تي بہ ٻارهوئي ماڻهن جو ميلو لڳو رهي ٿو. توهان کي هتي پانت پانت جا ميلا ملاڪڙا ۽ دنيا جا قسمين قسمين ماڻهو نظر ايندا. بهرحال هي شهر (ائٽلانٽڪ سٽي سمجهيو تہ) بلڪل ٻئي پاسي سجاول ڏي ٿيو. اسان کي سمجهيو تہ نواب شاهہ وچٽو هو ۽ هاڻ ڪوٽڙي حيدرآباد وٽ پهچي ويا هئاسين. اسان کي نيو جرسي رياست جي شهر ٽرينن کان درياهہ ٽپي، ٻئي پار حيدرآباد يعني پينسلوانيا رياست جي وڏي شهر فلڊلفيا وٽان لنگهٽو هو. هتي هنن ٻن شهر (ٽرينٽن ۽ فلڊلفيا) بلڪہ ٻن رياستن (نيو جرسي ۽ پينسلوانيا*) کي ڌار ڪرڻ لاءِ سنڌونديءَ بدران ڊيلاويئر ندي آهي.

## ڊيلاويئر ندي ۽ چيزاپيڪ خليج

هتي اهو ٻڌائيندو هلان تہ آمريڪا جي انيڪ ندين مان ڊيلاويئر (Delaware) هن تر جي مشهور ندي آهي، جيڪا ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي ۽ هن جي نالي سان ڊيلاويئر رياست بہ آهي، جيڪا ميريلئنڊ، پينسلوانيا ۽ نيوجرسي رياستن جي وچ ۾ خليج ڊيلاويئر ۾ آهي، يعني ڊيلاويئر ندي جي چوڙ وٽ، جتي هيءَ ندي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ملي ٿي. ڊلائيور رياست Rhode Island واري رياست کانپوءِ سپ کان ننڍي آهي. کيس آمريڪا جي Diamond State شايد ان ڪري ٿا سڏين، جو اها هيري وانگر ننڍي پر تمام امير رياست آهي.

ڊيلاويئر ندي چار سئو ميلن (650 ڪن ڪلوميٽرن) کان بہ ڊگهي آهي ۽ مٿان اتر کان نيويارڪ ۽ پينسلوانيا رياست جو بارڊر ٺاهيندي، هيٺ نيوجرسي ۽ پينسلوانيا جو بارڊر ٺاهي ٿي ۽ اڌ گابر کن نيوجرسي ۽ ڊيلاويئر رياستن جو بہ بارڊر ٺاهي ٿي.

نيوجرسي جي جنهن شهر ٽرينٽن وٽ اچي اسان پهتا هئاسين، اهو هن نديءَ جي ڪناري وارو شهر آهي، جتان پوءِ هيءَ ندي ڪجهہ ويڪري بہ ٿئي ٿي. مستقل ڊريزنگ (کوٽائي) ذريعي نديءَ مان گپ ۽ رڱ ڪڍي، کيس نيويگيشن لاءِ اونهو، بهتر ۽ سلامت بنايو وڃي ٿو، جو ايتري قدر جو ڪجهہ فاصلو اڳتي (ٽيهارو کن ميل سمنڊ ڏي) فلڊلفيا ۾ ڪئميڊن بندرگاهہ آهي، جتي اسان جا وڏا جهاز: مالاڪنڊ، شالامار ۽ سندربن جهڙا اچي لنگرانداز ٿيندا هئا.

آمريڪا جي هن اپرندي ڪناري تي رهندڙ اسانجا ماڻهو، يعني جيڪي نيويارڪ، نيوجرسي، ڊيلاويئر، ميريلئنڊ، پينسلوانيا ۽ ورجينا جهڙين رياستن ۾ رهن ٿا، جن کي ائٽلانٽڪ سمنڊ جو ڪنارو ڇُهي ٿو، ان کان علاوه ساموندي دنيا سان واسطو رکندڙ جهازي، جاگرافي ۽ تاريخ جا شاگرد ۽ ناول پڙهڻ جا شوقين ڊيلاويئر خليج (Bay) ۽ چيزاپيڪ خليج کان ضرور واقف هوندا.

پاڻيءَ جي جهاز ۾ جيئن ئي آفريڪا کنڊ يا يورپ کان اچجي ٿو تہ ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙڻ بعد آمريڪا جا کنڊ نظر اچن ٿا. يعني اتر آمريڪا (جنهن ۾ USA ۽ ڪئناڊا آهن) ۽ ڏکڻ آمريڪا (جنهن ۾ ڪولمبيا، برازيل، چلي، پيرُو جهڙا ڪيترائي ملڪ آهن) اچن ٿا. اسان اتر آمريڪا جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون، خاص ڪري USA جي جنهن جا نيويارڪ، نيوارڪ، بالٽيمور، فلڊلفيا ۽ نورفولڪ جهڙا بندرگاهہ سامهون اچن ٿا. جن تائين پهچڻ لاءِ خليجن ۾ گهڙڻو پوي ٿو. جيئن بنگلاديش جي بندرگاهہ چٽاگانگ ۾ پهچڻ لاءِ هندي وڏو سمنڊ لتاڙي، پوءِ خليج بنگال واري سمنڊ ۾ اچڻو پوي ٿو، جنهن ۾ ڪرنا ڦلي، هگلي ۽ گنگا ندين جهڙيون ننڍيون وڏيون نديون اچيو ڇوڙ ڪن، جن جي منهن وٽ يا ندين ۾ اندر چٽگانگ، کُلنا ۽ ڪلڪتي جهڙا بندرگاهہ آهن. تيئن هيڏانهن آمريڪا ڏي بہ وڏا خليج آهن، ڊيلاوئر بي جنهن ۾ اهم ۽ ڊگهي ندي ڊيلاوئر اچيو ٿي ڇوڙ ڪري ۽ ٻيو چيزاپيڪ بي آهي، جيڪو منهنجي خيالَ ۾ USA جو وڏي ۾ وڏو خليج ۽ ندين جو ڇوڙ (estuary) آهي، جنهن جي پاسن کان ورجينيا ۽ ميريلينڊ رياستون آهن. هن خليج ۾ ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون نديون ۽ نهرون (Streams) اچيو ٺيون ڇوڙ ڪن. هي پيالي جهڙو خليج اتر کان ڏکڻ تائين 190 ڪن ميل (300 ڪلوميٽر آهي). يعني سپ کان مٿي ميريلينڊ جي شهر Aberdeen کان وٺي جتي "سس ڪُئي حَنا" Susquehanna ندي اچيو ٿي ڇوڙ ڪري، اتان کان وٺي ائٽلانٽڪ سمنڊ تائين ۽ ويڪر ۾ بہ جتي سوڙهي کان سوڙهو آهي، اتي بہ چار ميل ڪن آهي. اهو هنڌ ميريلئنڊ جي شهر اناپولس (Annapolis) وٽ آهي. اناپولس ميريلئنڊ رياست جي گادي جو شهر بہ آهي، جتي سنڌي جو مشهور ليکڪ ۽ ملير ڊائجسٽ جو ايڊيٽر اعجاز ابڙو، لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊاڪٽر منور عباسي، دادو پاسي جو غلام مصطفيٰ پلهہ ۽ ٻيا رهن ٿا. هنن وٽ پڻ ڪجهہ ڏينهن رهڻ ٿيو، جن هن جو احوال اڳتي هلي ڪنداسين.. هتي فقط اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ آمريڪا جو هي "چيزاپيڪ بي" تمام وڏو آهي، جنهن ۾ اسان جو جهاز جيئن ئي گهڙندو هو تہ چوڌاري مختلف ملڪن جا سوين نہ پر هزارين جهاز نظر ايندا هئا ۽ هن خليج ۾ گهڙڻ کانپوءِ بہ بالٽيمور جهڙن بندرگاهن ۾ پهچڻ لاءِ خليج جي اندرين سمنڊ ۾ ڏينهن رات (چوويهہ ڪن ڪلاڪن) جي Steaming ڪرڻي پوندي هئي. خليج اندر ڪيترائي ننڍا وڏا، ظاهر ۽ لڪل ٻيٽ هجڻ ڪري ۽ چوڌاري لنگر انداز تيل جهازن جي ڪري جهاز جي نيويگيسن (جهاز کي هلائڻ) ڏکيو ڪم ٿي پوندو هو. پر اهو آهي تہ چوڌاري ڏرتي هجڻ

ڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ جي طوفانن ۾ وڏين ويرن کان بچاءُ هوندو هو. باقي سياري وارن ڏينهن ۾ جڏهن گهاٽو ڌنڌ ۽ ڪوهيڙو ڇانيل رهي ٿو ته پوءِ جهاز پاڻ هلائڻ بدران پائلٽ کي ڪٺو پوي ٿو. جهازي دنيا ۾ پائليٽ ان بحري جهاز جي ڪئپٽن کي سڏبو آهي، جيڪو بندرگاهه جي آفيس ۾ رهي ٿو ۽ هن کي ان بندرگاهه جي تفصيلي معلومات ٿئي ٿي. جيئن سانوٽي (جون، جولاءِ ۽ آگسٽ مهينن) ۾ ڌارين ملڪن جا آيل جهاز ڪراچي يا پورٽ قاسم ۾ گهڙڻ لاءِ اتان جا مڪاني پائليٽ ڪٽندا آهن. اهي پائليٽ بوٽ ۾ چڙهي کلئي سمنڊ ۾ ڌارئين ملڪ جي جهاز جي آڏرپاءُ ڪندا آهن ۽ پوءِ هن کي پنهنجي ذميواري هيٺ بندرگاهه ۾ اندر وٺي جيٽي (ڏڪي) سان ٻڌرائيندا آهن. پائليٽ مهيا ڪرڻ جي بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان لکها رپيا في وٺن ٿا. يعني بندرگاهه وارن جي سٺي ڪمائي تڏهن آهي، جڏهن هنن جي بندرگاهه جي approach ڏکي هجي يا هوا ۽ ڌنڌ هجي.

## چيزاپيڪ خليج جي پس منظر ۾ لکيل ڪتاب

بهرحال سامونڊي جهاز هلائيندڙن کي خبر آهي ته سامونڊي نوڪري جو مزو تڏهن ناهي، جڏهن ڪو جهاز وڏو يا اوچو هجي يا وري ڪو خوبصورت بندرگاهه هجي، پر جهازي تڏهن خوش آهن، جڏهن Smooth Sailing آهي ۽ اها آرمده Sailing ملاڪا جهڙي ڳچي سمنڊ Malacca Strait، ڪنهن مسي سپي جهڙي نديءَ ۾ (جتي نيو اوورلينس جو بندرگاهه آهي) يا وري ههڙن خليجن (Gulfs) ۾ رهي ٿي. هن چيزا پيڪ خليج جي ته ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي. هڪ دفعو داخل ٿيندا هئاسين ته مهينا ڇٽ. تن ڏينهن ۾ سامان لاهڻ چاڙهڻ جا اڄ جهڙا ماڊرن طريقا نه نڪتا هئا، جو ٽن چئن ڏينهن ۾ جهاز خالي ٿي وڃي يا ڀرجي وڃي. بالٽيمور لاءِ ٿورو گهڻو سامان آڻيندا هئاسين، ته ٻه ٻه ادائي هفتا اسانجو جهاز بندرگاهه ۾ هوندو هو ۽ اسين بالٽيمور اسٽريٽ تي. وري اتان نڪري ڪلاڪ ڪن جي steaming ڪري بندرگاهه کان ٻاهر لنگر ڪيرائي اچي بيهندا هئاسين. بندرگاهه ۾ وجڻ تي دل چوندي هئي ته پنهنجي جهاز جي لائيف بوٽ (لانچ) لاهي يا بندرگاهه جي لانچ کي پاڙو ڏيئي هليو وڃبو هو ۽ پوءِ هفتي اڌ بعد سامان چاڙهڻ لاءِ وري ساڳي بندرگاهه ۾ وڃبو هو يا هن خليج جي ٻين بندرگاهن: انا پولس، ڪئبرج، گلين برني يا پوٽو مئڪ (Potomac) نديءَ ۾ اندر گهڙي واشنگٽن هليا ويندا هئاسين ۽ پوءِ جڏهن هن خليج چيزاپيڪ جي بندرگاهه مان واندا ٿيندا هئاسين، ته هن خليج مان نڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ جهاز هلائي، مٿي اتر طرف ڊيلاويئر خليج ۾ گهڙي پوندا هئاسين، جتي ويلنگٽن، ڪئمبڊن ۽ فلڊلفيا جهڙن خاص بندرگاهن ۾ سامان لاهيندا چاڙهيندا يا جهاز جي repair ڪرائيندا وتندا هئاسين. يعني هن پاسي اسان جي قسمت ۾ sailing گهٽ هوندي هئي ۽ هڪ جهاز هلائيندڙ جو خواب ئي ڪهڙو آهي؟ اهوئي ته ڏينهن رات اوجاڳا ڪري سمنڊ تي جهاز هلائڻ ۽ طوفانن ۽ ويرن

ڪي منھن ڏيڻ ۾ انجڻ خراب ٿيڻ تي، ان سان مٿا ڪٽ ڪرڻ بدران جھاز بندرگاھ ۾ يا ائنڪر تي لنگر انداز حالت ۾ ھڪ ھنڌ بيٺو ھجي، جو اتي، سامان لاھڻ چاڙھڻ جو ڪم، مڪاني آفيس وارن ڪي ڪرڻو پوي ٿو. جھاز بندرگاھ ۾ آھي تہ جھاز جي انجڻ جي مرمت ۽ maintenance ڪان بہ اسان بچيو وڃون ۽ بندرگاھ جي ڪنھن ورڪشاپ يا شپ يارڊ جا ماڻھو اچيو ڪن.

بھرحال چيزاپيڪ خليج جي ھڪ پنھنجي قدرتي سونھن، تواريخي اھميت ۽ جاگرافيائي location آھي، جيڪي شيون ھن خليج جي علائقي کي مشھوري ۽ رومانيت بخشين ٿيون. بلڪ ھن خليج ۾ جھاز کي وٺي اچڻ کان اڳ مون ھن جو نالو پنھنجي دلپسند ليکڪ جيمس مچنر جي ناول ۾ پڙھيو، جنھن ناول جو نالو ئي Chesapeake آھي، جنھن ۾ مچنر ھن علائقي ۾ 1583ع کان رھندڙ فئملين بابت لکيو آھي. ھڪ دفعي ويندي ان "مورس اِن" ريسٽورينٽ ۾ وڃي ڪافي پيتي ھيم، جنھن ۾ ھن ڪتاب جو ليکڪ مچنر ھتي جي مشھور ڊش "ڳاڙھو ڪيڪڙو" ويھي کائيندو ھو. اھا ريسٽورينٽ جيمس مچنر جي نالي سان ائين مشھور آھي، جيئن سنگاپور جي 'رئفلس ھوٽل' سمرسيٽ ماھم کان، جيڪو ان ھوٽل ۾ ھفتن جا ھفتا رھي، مختلف ملڪن کان ايندڙ جھازين جون ڪھاڻيون لکندو ھو. ھن خليج (Chesapeake Bay) تي يا ان جي پس منظر ۾ ڪيترائي ناول ۽ ڪتاب لکيل آھن ۽ ضرور فلمون بہ ٺھيل ھونديون، جن مان شايد ڪيترائي واقف ھجن. ڪا فلم ھن وقت ڌيان ۾ نہ پئي اچي، پر جيمس مچنر جي مٿين ڪتاب کان علاوہ چار پنج ٻيا ڪتاب جيڪي ھن خليج جي پس منظر ۾ لکيل آھن ۽ منھنجي نظرن مان گذريا آھن، اھي ھن ريت آھن ۽ ٿي سگھي ٿو مطالعو ڪرڻ جو شوقين يا ھن خليج جي شھرن ۾ رھندڙ اسان جو ڪو ھم وطني پنھنجي معلومات ۾ دلچسپي لاءِ پڙھڻ چاھي.

1. The Waterman: A Novel of the Chesapeake Bay
   By: Tim Junkin Chesapeake Spring … By: John W. Tayler
2. The Chesapeake Bay Book: A Complete Guide
   By Allison Blake, Tom Dove
3. Chesapeake Boyhood: Memories of a Farm Boy
   By William H. Tuner
4. The Chesapeake in the Seventeenth Century
   By Thad W. Tate, David L. Ammerman
5. Shipwrecks on the Chesapeake … By Donald G. Shomette
6. Ghost Fleet and Other Tales of the Lost Chesapeake

By Donald G. Shomette

7. Pirates on the Chesapeake … A True History of Pirates, Picaroons, and Raiders on Chesapeake Bay …By: Donald G. Shomette
8. Awesome Chesapeake
By David Owen Bell, Marcy Dunn Ramsey

هونءَ چيزاپيڪ فقط هن سامونڊي خليج جو نالو ناهي، پر چيزاپيڪ ميريئلنڊ رياست جي هڪ شهر جو بہ نالو آهي، جتان هڪ ڪئنال (Canal) لنگهي چيزاپيڪ ۾ ڊيلاويئر خليجن کي ڳنڍي ٿو. جتان ننڍڙيون ٻيڙيون لنگهي، هن پاسي ڊيلاويئر رياست جي ”ڊيلاويئر سٽي“ کان وڃيو نڪرن. 1799ع ۾ آمريڪا وٽ هڪ جنگي جهاز (فريگيٽ) هو، ان جو نالو USS Chesapeake پڻ هو جيڪو هن خليج تان رکيل هو. چيزاپيڪ خليج اهو علائقو آهي، جتي 1781ع ۾ آمريڪا جي انقلابي جنگ جي فيصلي واري نيول ويڙهہ فرانس جي جنگي ٻيڙي ۽ برطانيا جي رايل نيوي وچ ۾ لڳي هئي. اڄ آمريڪا جو مشهور ”ڪال ورٿ ڪلفس“ نيو ڪليئر پاور پلانٽ پنهنجا Reactors ٿڌا رکڻ لاءِ هن خليج جو پاڻ استعمال ڪري ٿو.

## فلڊلفيا جي ڪارن (شيڊين) سان ڪير نہ پُڇي

”ڪالهہ جي ڪاوش اخبار پڙهي اٿانو؟“ ڳالهين دوران رميش تارواڻيءَ پڇيو: ” ان ۾ توهانجي ڳوٺائي ڪالم نويس منوج ڪمار ڏاڍي سٺي ڳالهہ لکي آهي.“

”پر تن ڏينهن کان هل هلان ۾ آهيان ڪمپيوٽر اڳيان ويهي اخبار پڙهڻ جو موقعو نہ مليو آهي. هونءَ منوج سماجي ۽ تعليمي مسئلن تي تمام سٺو ٿو لکي.“ مون وراڻيومانس.

”هن نظام جي تبديليءَ جي سلسلي ۾ هڪ ڳالهہ واهہ جي لکي آهي تہ اسان جي عورت کي سماج جي تبديلي ۽ ان کي بهتر ۽ انصاف پريو ٺاهڻ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ کپي. پنهنجي جدوجهد ۽ حاصلات کي عورت جي حقن تائين محدود نہ رکڻ کپي. سندن جنگ مخالف جنس سان نہ، پر ان نظام خلاف ويڙهہ هجڻ کپي جنهن جي گهاٽي ۾ اسين سڀ پيڙهجون پيا.“ رميش ٻُڌايو.

”اسان وٽ سنڌ ۾ عورت تي ٿيندڙ ظلمن کي مردن پاران ظلم ڏيکاري، عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ ڏار وڌا پيا وڃن.“

”انهن ئي ڳالهہ جي منوج نشاندهي ڪئي آهي تہ چا نام نهاد فيمينسٽ نہ ٿيون چاڻين تہ سنڌ ۾ عورت تي ظلم هن نظام جي بيماري آهي ۽ نہ ڪي ان جو بنياد بائلاجيڪل فرق آهي. اڄ يورپ ۾ تہ ڪٿي بہ عورت ڪاري ڪري نٿي ماري وڃي ۽ نہ ئي ان تي تشدد ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جو سبب اهو ناهي تہ اتي مرد جي جنس ناهي، پر ان ڪري جو اتي هاڻ اسان جهڙو جاگيرداري نظام نہ آهي، جنهن نظام عورت کي مجبور ڪيو آهي.“

”اڄ جون فيمينسٽ جڏهن ورجاءُ ڏئي چون ٿيون تہ سنڌ لکڻين جي ڪري جاگيردار، وڏيرا ۽ پوتار ردعمل نٿا ڏيکارين، تہ فيمينسٽ بلڪل صحيح آهن ... چاڪاڻ تہ سنڌ لکڻين مان جاگيردارن يا هن نظام کي ڪو بہ خطرو نہ آهي. سنڌ لکڻيون هن سماج ۽ نظام جي خلاف نہ آهن. ظالم وڏيرا، پوتار، پير مير، سردار خوش آهن تہ اها جنگ هاڻ نظام جي خلاف جنگ نہ، پر هڪ جنس جي ٻي جنس خلاف جنگ آهي ۽ اها پلي لڳي رهي ۽ عوام جو ڌيان اصل مسئلن کان هٽيل هجي. پر پڙهيل ڳڙهيل طبقو ان ڳالهہ کي سمجهي ٿو تہ ذات، قبيلن، برادرين ۽ طبقن ۾ ورهايل سنڌ هاڻ جنس ۾ ورهائجڻ لائق نہ آهي.“

”رميش! توکي ائين نٿو لڳي تہ تون ٽريڪ تان هٽي ويو آهين؟“ مون رميش کي چتاءُ ڏنو.

”ڇا مطلب؟ آئون پنهنجي ڳالهہ نہ پيو ڪريان، آئون توهانکي منوج ڪمار جي ڏيکاريل راهہ پيو ڏيکاريان.“

”آئون ان راهہ ۽ رستي جي ڳالهہ نہ پيو ڪريان، آئون تنهنجي آمريڪي حڪومت جي هاءِ ويز، ٽرن پائيڪ، انٽراسٽيٽ رستن، ٽال روڊ ۽ Access روڊن ۽ routes جي پيو ڳالهہ ڪريان تہ ڀهراڙي وٺي هلڻ بدران فلڊلفيا شهر لاءِ exit پيو وچين.“

”ها اهو رستو مون پاڻ ٺي ڪنيو آهي ... توهانکي هي شهر فلڊلفيا ڏيکارڻ لاءِ. ڏٺو مون بہ چڱي طرح نہ آهي، مڙيئي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي يا پرائي ويزا، پاسپورٽ يا سوشل ڪارڊ renew ڪرائڻو پوندو آهي تہ اچي نڪربو آهي.“

”رميش توهان مون لاءِ اجائي تڪليف ورتي. هاڻ تہ شهر اندر بہ گهڙي آيا آهيون، تہ بس مارڪيٽ اسٽريٽ تي هل تہ هڪ Starbucks جي ريسٽورينٽ ۾ ڪافي پيون، جتي جوانيءَ جي ڏينهن ۾جهاز کان شهر ايندي ويندي پيئندا هئاسين.“

”ڇئبو تہ فلڊلفيا توهان جو اچڻ وڃڻ رهيو آهي.“ رميش پڇيو.

”اچڻ وڃڻ بہ ڪو اهڙو تهڙو، هِتان هُتان ڦري گري جهاز کي وري فلڊلفيا موڙي ايندا هئاسين. منهنجي خيال ۾ مون چٽاگانگ، حيدرآباد، هالا ۽ ڪراچي جي گهٽين ۾ ايترو نہ گهاريو هوندو، جيترو هن شهر فلڊلفيا ۽ خليج چيزاپيڪ جي بندرگاهہ بالٽيمور ۾ وقت ضايع ڪيو هوندو.“

”ٻڌو اٿم تہ هتي ڪارَن جو وڏو هولڊ آهي؟“ رميش چيو.

”هولڊ ڇا ڏوڙ آهي، گورا محنتي ۽ نوڪرين ۾ آهن ... ڪارا شيدي اسان وانگر ٽوٽي ۽ رولاڪ، سو صبح پهر بہ هر گهٽي جي چوراهي وٽ ٽولا ٺاهيو ويٺا هوندا ۽ وتندا هئا ايندڙ ويندڙ سان ڪشٽ ڪندا. اسانجي هڪ جهاز تي سپ کان گهٽو ڦڏي باز Crew هتي آيو هو، تن ۾ وري هڪ مڪراني دادا هوندو هو. ڏهہ ڪن ڏينهن کان پوءِ جڏهن جهاز فلڊلفيا جي بندرگاهہ کان ٻاهر نڪتو تہ شهر کي پونڊو ڏيئي هي مڪراني دادا مونکي ٿو چوي: ”سائين

هن بندرگاهہ جا شيدي وڏا لاهہ آهن. اهي نہ هجن تہ پوءِ ٻئي نمبر تي پاڻ پاڪستاني آهيون.“

رميش وڏا ٽهڪَ ڏيئي کلڻ لڳو.

”چيومانس ”قاسو مڪراني! پلا ٻيا ماڇهو پورٽيويڪن، ميڪسيڪن، جئميڪن ۽ گئاٽمالن جيڪي پيا ڦرن، اهي ڪهڙي نمبر تي آهن؟“

وراڻيائين، ”سائين اهي سڀ پڇڙيءَ جا زميندار آهن.“

## ڊاڪٽر خورشيد چنا ۽ ڊاڪٽر نصرت قاضي آمريڪا ۾

پلا انهن ڏينهن ۾ ڪي سنڌي هتي هئا؟“ رميش پڇيو.

”نہ ايترا نہ هئا. جيڪي هئا تن جي گهڻائي نيويارڪ، هوسٽن، واشنگٽن ۽ لاس اينجلس پاسي هئي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ گرئجوئيٽ ڊاڪٽر نصرت قاضي درياهہ جي هن پار واري شهر بالٽيمور جي هڪ اسپتال ۾ هوندي هئي. اها پنهنجي ڪليگ ڊاڪٽرياڻين سان اڪثر پاڪستاني جهازن تي ايندي هئي. منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر خورشيد چنا (مئڊم امينا خميساڻي جي ننڍي ڀيڻ) بعد هيءَ ٻي سنڌي عورت ڊاڪٽرياڻي آمريڪا ۾ هئي. سنڌس لاڙڪاڻي جي قاضي فضل الله ۽ قاضي عبدالمنان وارن جي فئملي سان تعلق آهي. هوءَ پنهنجي ڊاڪٽري پروفيشن ۾ ايڏو تہ هوشيار هئي، جو جانسن هاپڪن يونيورسٽي ريسرچ هاسپيٽل وارا، جتي هوءَ ڪم ڪندي هئي، تعريف ڪندا هئا.“

اسان چانهہ تي هن شهر فلڊلفيا جون ڳالهيون ڪندا رهياسين، جيڪو سڄي آمريڪا جو پنجون نمبر وڏو شهر آهي ۽ هن ايرندي ڪناري تي نيويارڪ کان پوءِ فلڊلفيا آدمشماري ۽ واپار وڙي کان وڏي ۾ وڏو شهر آهي. بينجمن فرئنڪلن هن شهر جو رهاڪو هو. فلڊلفيا هڪ خيال کان تاريخي ۽ جهونو شهر آهي. چون ٿا تہ ارڙهين صديءَ جو ڪجهہ حصو هي شهر آمريڪا جو گاديءَ وارو شهر هو ۽ هن جي سياسي ۽ سماجي اهميت نيويارڪ ۽ بوسٽن کان بہ وڌيڪ هئي ۽ سڄي آمريڪا ۾ هن جي آدمشماري گهڻي هئي.

اسانجي جهازن جي فلڊلفيا واري مڪاني آفيس ۾، جهاز جي انجڻين جي مرمت ڪرائڻ جو انچارج مئنيجر، جيڪو ڪئيڪر سڏبو هو چوندو هو تہ هي شهر اسان ڪئيڪرن (Quaker) ٺهرايو ۽ دنيا ۾ سڀ کان گهڻا ڪئيڪر فلڊلفيا ۾ ٿي رهن ٿا.

ڪئيڪر ڪير آهن، تڏهن آئون سوچيندو هوس. ڇا بيمار ٿيڻ تي جيڪا Quaker Oats جي رٻ پيئبي آهي، اهي ساڳيا Quaker آهن. مزي جي ڳالهہ اها تہ انهن جو ناهڻ واري همراهہ جو بہ ڪئيڪرن سان واسطو آهي. ڪئيڪرس (Quakers) دراصل عيسائين جو هڪ فرقو (Sect) آهي، جنهن جو سترهين صديءَ ۾ انهن عيسائين انگلينڊ ۾ بنياد وڌو، جيڪي باقي ٻين فرقن مان مطمئن نہ هئا. هنن هن فرقي جو نالو The Religious Society of

Friends رکيو، جيکو عام طرح Quakers يا Friends سڏبو هو. هن فرقي جي ماڻهن تي باقي عيسائي پادرين ۽ گرجا گهرن طرفان ـ خاص ڪري English Puritanism جنهن کي اڄ ڪلهه Anglicanism سڏيو ٿو وڃي پابنديون لڳايون. ويندي ڪئيڪرن مٿان مارڪٽ ڪئي وئي ۽ نہ فقط برطانيا ۾، پر جتي جتي برطانيا جو راڄ هو، انهن ملڪن ۾ هنن سان ظلم ڪيا ويا ۽ جيل پريا ويا ۽ ڪيترن جو تہ قتل ڪيو ويو ... جنهن کان اسانجا تاريخ جا شاگرد چڱي طرح واقف هوندا. (هيءَ 1650ع واري ڏهي جي شروع وارن سالن جي ڳالهہ آهي) اڄ مذهبپڻي ۽ مذهب جي آزادي جي ڳالهہ ڪرڻ وارن، تن ڏينهن ۾ ڪئيڪرس کي 1698ع کان 1833ع تائين ويسٽ منسٽر جي پارليامينٽ ۾ وهڻ تي بندش هڻي ڇڏي هئي. پوءِ هو ظلم کان نجات حاصل ڪرڻ ۽ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻڻ لاءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ لتاڙي، هيڏانهن آمريڪا هليا آيا هئا ۽ هنن جي چڱي مڙس "وليم پين" پنهنجي ماڻهن جي رهائش لاءِ هن پينسلوانيا رياست جو بنياد رکيو. وليم پين 1644ع ۾ ڄائو هو ۽ 45 کن ورهين جي ڄمار ۾ آمريڪا جي، هن رياست پينسلوانيا جو پايو 1689ع ڊاري رکيو. هي سال exactly اهو آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ اسان جو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڄائو. انڊيا جو مغل بادشاهہ اورنگزيب جيڪو 1658ع ۾ شاهہ جهان جي وفات بعد تخت تي ويٺو هو، ان کي حڪومت هلائيندي 31 سالَ ٿي ويا هئا، پر سنڌس وڏن توڙي ڪيس عوام جي ڀلي جي سوچ يا جمهوري حڪومت جي idea دماغ ۾ نہ پئي آئي ۽ هيڏانهن هنن درويشن اهڙا تہ ويهي جمهوري اصول ٺاهيا، جو پوءِ انهن مان متاثر ٿي انهن کي آمريڪا جي (Constitution) ۾ شامل ڪيو ويو.

## فلاڊلفيا آمريڪا جي خوبصورت شهرن مان هڪ

وليم پين پاڻ فلاڊلفيا جي شهر ۾ ٻہ سال رهيو، هن شهر جي عمارتسازي جي پلاننگ ڪئي. وليم آمريڪا جي مڪاني ماڻهن (ريڊ انڊين) جون بہ ڪجهہ زبانون سکي ورتيون هيون ۽ هو بنا ڪنهن مترجم جي سنئون سڌو هنن سان ڳالهائيندو هو. هن جا سخت حڪم جاري ٿيل هئا، تہ ريڊ انڊين سان بہ انصاف ڪيو وڃي ۽ پوک توڙي رهائش لاءِ هنن کان زمين حاصل ڪرڻ جي عيوض هنن کي پورو پورو اجورو ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪو بہ يورپين ريڊ انڊين کي تڪليف رسائي تہ فيصلي لاءِ ٻنهي ڌرين پاران برابر جا ماڻهو وهندا. هن جي قاعدي قانون ۽ انهن تي سختي سان عمل ٿيڻ ڪري ڏوهن کي ٻنجو اچي ويو ۽ هن علائقي جهڙو امن امان آمريڪا جي ٻئي ڪنهن بہ حصي ۾ نہ هو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ 1718ع ۾ وليم پين جي وفات بعد انڊين سان اهو انصاف نہ ٿيڻ لڳو. وليم پين جا ڪجهہ ڪتاب بہ آهن، جيڪي مون هتي جي سي مينس ڪلب ۾ ڏٺا هئا ۽ ٻڌو اٿم تہ هاڻ اهي انٽرنيٽ تي Online بہ پڙهي سگهجن ٿا. پڙهڻ جي شوقين کي آئون وليم پين جا هي ڪتاب ۽ دستاويز پڙهڻ جي صلاح ڏيندس، جيڪي دلچسپ، معلوماتي ۽ تواريخي آهن:

1. The Spiritual Liberty.
2. Some Fruits of Solitude.
3. Letters to his wife, guliema.
4. A Key.
5. Early Quaker Writings

وغيره.

آمريڪا جي رياست پينسلوانيا جو هي وڏو شهر ۽ بندرگاهه فلڊلفيا، جنهن جي مشهور مارڪيٽ اسٽريٽ جي هڪ ريسٽورينٽ "اسٽار بڪس" ۾ گهوٽڪي جي رميش ٿارواڻيءَ سان گڏ آئون ڪافي پيو رهيو هوس. اسلام آباد وانگر هڪ Well Planned شهر آهي، جنهن جو وليم پين ڪئيڪر 1682ع ۾ بنياد وڌو ۽ ڊيولپ ڪيو. فلڊلفيا يوناني زبان جو نالو آهي، جنهن جي معنيٰ پائپي وارو پيار (Brotherly Love) چيو وڃي ٿو. مارڪيٽ اسٽريٽ ۽ براڊ (Broad) اسٽريٽ شهر جون اهم گهٽيون آهن، جن جو رخ اوڀر اولهه ۽ اتر ڏکڻ آهي. هي نديون شهر کي گهيرو ڪن ٿيون، هڪ ساڄي پاسي هتي جي مشهور ندي ڊيلاويئر ۽ ٻي کاٻي پاسي پهرينءَ کان گهٽ مشهور Schuylkill ندي وهي ٿي. ان کان علاوه جاگرافيءَ جي شوقينن ۽ جهاز راني سان واسطو رکندڙ همراهن لاءِ لکندو هلان ته هن شهر مان ٻه ٽي ڪوئي جي پچ جهڙيون نهرون پڻ لنگهن ٿيون، جهڙو ڪابس ڪريڪ، Wissahickon ڪريڪ ۽ پيني پيڪ ڪريڪ وغيره.

فلڊلفيا جي هڪ ٻي اهم ڳالهه ته هتي سڀ کان پهرين ريل روڊ ٺهيو. دنيا جون وڏو ٻاڦ جو انجڻيون (Steam Locomotives) ٺاهڻ وارن جي ڪمپني Baldwin لوڪو موٽو ورڪس جو هن شهر ۾ ڪارخانو هو، جيڪو پوءِ بعد ۾ ايڊي اسٽون شهر ڏي شفٽ ڪيو ويو هو.

فلڊلفيا جا رستا اسلام آباد يا ڪراچي ڊفينس سوسائٽي وانگر چوڪڙين ۾ آهن. هڪڙا اتر ڏکڻ وهن ٿا ۽ سندن نمبر ڊيلاويئر نديءَ کان شروع ٿين ٿا، وچ وارو نمبر 14 رستو براڊ اسٽريٽ سڏجي ٿو ۽ ٻيا رستا اولهه اوڀر وهن ٿا، جن ۾ مين روڊ مارڪيٽ اسٽريٽ آهي. هي شهر جڏهن ٺهيو هو ته وليم پين هن روڊ جو نالو هاءِ اسٽريٽ رکيو هو، پر هاڻ هن کي هرڪو مارڪيٽ اسٽريٽ سڏي ٿو. هن اسٽريٽ جي سڌائي (Parallel) ۾ وهندڙ رستا گهڻو ڪري وڻن جي نالن سان آهن جهڙوڪ چيسٽ نٽ اسٽريٽ، وال نٽ اسٽريٽ، اسپروس اسٽريٽ، لوڪسٽ اسٽريٽ وغيره وغيره. هڪ روڊ جو نالو Vine اسٽريٽ به آهي.

ڪافي پي اڃي ڪار ۾ ويناسين ۽ هاڻ واشنگٽن هلڻ لاءِ فلڊلفيا شهر مان ٻاهر نڪرڻ لڳاسين. سٽي هال بلڊنگ ۽ وليم پين ٽاور وٽان لنگهڻ وقت رميش کي ٻڌايم ته آخري دفعو 1972ع ۾ جڏهن اسان جو جهاز فلڊلفيا آيو هو، ته هن سڄي شهر جون فقط اهي

ٻه ڊگهيون عمارتون هيون ۽ هاڻ ته ڪيتريون ئي بلند عمارتون نظر پيون اچن. رميش ٺاروانٽيءَ ٻڌايو ته اينڊڙ ٻن سالن اندر ”لبرٽي پليس“ ۽ ”ڪامڪاسٽ سينٽر“ ٿهي راس ٿيندا، جيڪي فلاڊلفيا جون اتاهيون عمارتون ليکيون وينديون.

”راڪي ون، ٽو وغيره فلمون ڏٺيون اٿانو؟“ رميش پڇيو.

”ها انهن مان ڪجهه ڏٺيون آهن. توهان جو مطلب آهي ته انهن فلمن جو پس منظر هي شهر فلاڊلفيا آهي.“

”جي ها. ۽ هڪ تمام پراڻي فلم 1940ع جي دي فلاڊلفيا اسٽوري ۽ هڪ 1993ع جي فلم ”فلاڊلفيا“ هن شهر جي نالي پٺيان آهن.“ رميش ٻڌايو.

مٿين فلمن کان علاوه Beloved, 12 Monkeys، برڊي، ڊريسڊٽ ڪل، فئٽ البرٽ، ان هر شوز فلمون فلاڊلفيا ۾ فلمايل آهن.

رميش ٻڌايو ته فلاڊلفيا جي ڪيترن ئي يونيورسٽين ۾ پاڪستاني ۽ انڊين تعليم وٺي رهيا آهن، جن مان فلاڊلفيا يونيورسٽي، لا سالي يونيورسٽي، ڊريڪسل يونيورسٽي، هولي فئملي يونيورسٽي، آرٽ انسٽيٽيوٽ آف فلاڊلفيا وغيره فلاڊلفيا شهر اندر ئي آهن. هڪ وقت سينٽ جوزف يونيورسٽي، ٿامس جيفرسن يونيورسٽي ۽ ٽيمپل يونيورسٽي وٽان اسانجو لنگهڻ به ٿيو.

نيويارڪ، لاس اينجلس، هيوسٽن، نيو اورلينس آمريڪا جا بهترين شهر آهن ۽ اهي خوش نصيب آهن، جيڪي انهن شهرن ۾ رهي، تعليم حاصل ڪري رهيا آهن يا نوڪريون ڪري رهيا آهن، پر فلاڊلفيا ڪي پنهنجو سحر ۽ پنهنجي ڪشش آهي، تڏهن ته مارڪ ٽوين جيڪو جوانيءَ جي ڏانهن ۾ هتي جي هڪ اخبار Philadelphia Inquirer ۾ اچي ڪم ڪيو هو، هن شهر فلاڊلفيا لاءِ لکيو ته:

“Unlike New York, I like this Philadelphia amazingly, and the people in it. I saw small steam boats, with their signs up for Wissahickon and Manayunk 25 cents only”.

هن شهر فلاڊلفيا لاءِ چارلس ڊڪنس پڻ پنهنجي ڪتاب ”آمريڪن نوٽيس“ ۾ لکيو آهي ته:

“Its is handsome city, but distractingly regular. After walking about it for an hour or two, I felt that would have given the world for a crooked street. The collar of my coat appeared to stiffen, and the brim of my hat to expand, beneath its quakerly influence.”

”رميش هاڻ چڪ پنڌ ڪي. رستي ۾ اصل نه بيهجانءِ.“ مون رميش کي چتاءُ ڏنو.

”بالٽيمور ۾ به نه ؟“ رميش پڇيو.

”بالٽيمور سان سر لڳي، پر هينئر نه، سڌو واشنگٽن هلي ساهه پٽجانءِ.“

## ڪرنڊڙ تعليم ۽ ڌاڙيلن بابت لياقت عزيز جا ويچارَ

رميش هن تر جي رستن کان اهڙو ته واقف ٿي لڳو ۽ ڪي ڪي اهڙيون ته شارٽ ڪٽون ڳولي ٿي ورتائين، جو نيٺ مون ڪلندي پڇيومانس ته گذريل جنم ۾ ٽئڪسي ڊرئيور ته نه هئين؟

بهرحال نيوجرسي کان وٺي ورجينيا ۽ ڪئرولينا تائين هي رياستون ملائيشيا وانگر ڇهڇ ساوون آهن ۽ جنهن طرف نظر وٺي ٿي ۽ جنهن وقت نظر وٺي ٿي ساوڪ ئي ساوڪ نظر آئي ٿي. رکي رکي ننڍڙا شهر، هوٽلون ۽ موٽلون، ڪارخانا فئڪٽريون نظر آيون ٿي ڀهراڙي وارو ته هتي Concept ناهي. ميلن تائين چوڏاري پکيڙيلن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ به بنگلا ۽ دڪان نظر اچن ٿا ۽ خبر نٿي پوي ته ڪٿي هڪ شهر ختم ٿيو ۽ ڪٿان ٻيو شهر شروع ٿيو. گهاٽي وٽراهه يا ڪنهن ندي نهر ڪناري اڪيلو گهر ڏسي، اسان کي حيرت ٿئي ٿي ته هتي جا ماڻهو ڪيئن نه جنگلن ۾ به اڪيلا رهيا پيا آهن. رميش به اها ڳالهه محسوس ڪئي پئي.

”پاڻ وٽ سنڌ ۾ ڪيڏو خوف ۽ هراس ڇانيل آهي، ڪو هاري يا وڏيرو پنهنجين زمينن تي ائين اڪيلو گهر ٺاهي رهي سگهندو؟“ رميش حيرت جو اظهار ڪيو ۽ مون کان پڇيو ته ”ملائيشيا ۽ جپان پاسي ڪيئن آهي. اتي توهان ڪافي سال رهيا آهيو.“

”اتي به ههڙو ئي امن آهي. جيتوڻيڪ ملائيشيا جابلو ۽ گهاٽن ٻيلن جو ملڪ آهي پر اتي به ڀهراڙين ۾ توڙي جهنگلن ۾ ماڻهو سڪون سان اڪيلا رهيا پيا آهن. پنهنجيون ٻنيون ٻارا پنهنجيون فيڪٽريون ڪارخانا پيا هلائين. مرد توڙي عورتون، مجال آهي جو ڪو ڪنهن جو نالو وٺي.“ مون ٻڌايو مانس.

۽ اسان وٽ سنڌ ۾ امن امان نه هجڻ ڪري هر شيءِ ٽپ ٿيندي وڃي. ڪو زميندار چڱي طرح زمين نٿو ڏسي سگهي، ڪو ڪارخانيدار ڀهراڙيءَ ۾ فيڪٽري هڻي پنهنجي لاءِ ۽ ڳوٺاڻن لاءِ روزگار نٿو پيدا ڪري سگهي. گذريل ويهارو سالن کان سنڌ ۾ چوريون، ڌاڙا، اغوا ۽ خون ريزين جا ڪيس ايڏو وڌي ويا آهن، جو امير توڙي غريب لاءِ جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي.“

”ان سلسلي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ڪاوش ۾ لياقت عزيز جو ڪالم پڙهيو هوم.“ مون چيو.

”واهه جو لياقت لکيو آهي. اتفاق سان ان ڏينهن اهو مون به پڙهيو هو.“ رميش ٻڌايو ۽ پوءِ اسان ان بابت ڳالهائيندا هلياسين. لياقت عزيز ان ڪالم ۾ اسي واري ڏهي کان سنڌ جي تعليم جي ڪرنڊڙ ساکَ ۽ ڌاڙيلن ڳوٺن جي رهاڪن لاءِ زندگي عذاب ڪري ڇڏي آهي ان بابت لکيو آهي. هن جا ڪجهه نقطا thought provoking آهن:

- ماضيءَ ۾ حڪمران ان ڪي ڏاڙيل يا دهشتگرد سڏيندا هئا، جيڪو وطن پرست هوندو هو. قومي غيرت ۽ ڌرتيءَ جو درد رکندو هو.
- ماضيءَ جو ڏاڙيل دڳن ۽ ننگن جو رکوالو هئو. ڌرتيءَ جو درد رکندڙ ۽ ڌارين سان نفرت ڪندڙ هو.
- لاکي ڦلاڻي جهڙا ماضيءَ ۾ سنڌ جا ڏاڙيل باغيرت، با ضمير، حيا ۽ شرم جا رکوالا، ننگن جا لڄ پال، ڦرلٽ ڪندڙن جا ويري، نياڻين جي مٿي تي هٿ رکندڙ، پيڙهين ۽ معصوم ٻارن تي رحم ڪندڙ هوندا هئا. هنن جي ويڙهه هميشه وطن جي ويرين، انياءِ ڪندڙ ظالمن، نياڻين جي لڄ لٽيندڙ لٽيرن خلاف رهي. هنن هميشه حڪمرانن جي هيٺانهين ڪري فائدا حاصل ڪندڙ وڏيرن جو جيئڻ جنجال بنايو، ٻي پهچ ماٺهن جي واهر ڪئي.
- سياسي ڌرين جي اها راءِ آهي ته سنڌين ڪي ايم آر ڊي جي هلچل جي سزا ڏيڻ خاطر حاڪمن ڏاڙيل ۽ دهشتگرد پيدا ڪيا. هن وقت سنڌ ۾ هزارين ڏاڙيل موجود آهن ۽ اڪثريت مٿان پوتارن جو هٿ آهي.
- اها ڳالهه به سوچڻ جهڙي آهي، ته اڄ جا ڏاڙيل ڪڏهن به ڌارين ڪي اغوا نٿا ڪن، پر پنهنجن ئي غريب غربن، اوڙي پاڙي ۾ رهندڙ اٻوجهه ڌرتي ڄاون جو اغوا ٿيڻ معمول آهي. اڄوڪي ڏاڙيل ڪي نه ڌرتيءَ جو ننگ آهي، نه ئي نياڻين سياڻين جو حياءُ. هنن ڪي نه مائرن ۽ ڀينرن جو احساس آهي ۽ نه ئي جهور پوڙهن ۽ معصوم ابهم ٻارن جو خيال آهي. ڪيترين ئي نياڻيون سنڌ ۾ هر روز سڏڪا ڀرينديون ڏسجن ٿيون، جن جا پنهنجا بيگناهه ماريا وڃن ٿا.
- اڄ جا ڏاڙيل انسانيت ۽ اخلاقيات جا سڀ ليڪا اورانگهي چڪا آهن. هنن آڏو بهادري ۽ سورهيائي پنهنجن ئي ماڻهن ڪي لٽڻ، ڦرڻ ۽ آزارڻ ۾ آهي. جڏهن ته هنن جو رت ۽ ضمير هن مقدس مٽيءَ مان نهيل ئي نه هجي. هنن جي ساٽيهه جي سڪ، حيا ۽ شرم، دين ۽ ڌرم نيرن نوٽن، سونن لاڪيٽن، راڊو واچن ۽ بوسڪيءَ جي پٽڪن تي وڪامي ٿو وڃي.
- اڄ سنڌ جو سَنڌُ سَنڌُ هنن جي جهٽن ۽ جهڪن سان چُور چُور آهي. اڄ اسان جا نه گهر محفوظ آهن، نه ئي ونيون. هي پنهنجن جا ويري ٻين آڏو ڪنڌ نوائي هلن ٿا، پر پنهنجن ڪي ڏاڙهين ۽ ڦاڙهين ٿا. سنڌ جي زراعت، معيشيت، تعليم، امن، سک ۽ چين سڀ ڪجهه سنڌن ئي ڪارروائين سبب تباهه ٿي رهيو آهي.

## فلاڊلفيا ڪان بالٽيمور ۽ پوءِ واشنگٽن

فلڊلفيا کان پوءِ رميش تارواڻي ڪٽي ٻہ نہ ترسيو ۽ هڪ هنڌ ”سُس ڪُئي حنا“ (Susquehanna) پل ٽپي بالٽيمور پهتو، جتان پوءِ اچي واشنگٽن کان نڪتاسين، جيڪو آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ واشنگٽن ڊي سي (يعني ڊسٽرڪٽ آف ڪولمبيا) سڏجي ٿو.

اهو ان ڪري جو ٺلهو واشنگٽن چوڻ سان ڪو واشنگٽن رياست بہ سمجهي سگهي ٿو. جيڪا اتر اولهہ ۾ ڪئناڊا جي بارڊر سان مليل آهي ۽ پاسي کان آمريڪا جون اداهو ۽ اورلئنڊو رياستون آهن. ائين تہ واشنگٽن نالي انگلينڊ ۾ بہ ٻہ شهر آهن هڪ سسيڪس ۾ ٻيو ٽائين ائنڊويئر ۾. آمريڪا ۾ بہ مٿين ٻن نالن کان علاوه اوريگان رياست ۾ واشنگٽن ڪائونٽي آهي، پينسلوانيا رياست ۾ واشنگٽن ڪراسنگ ٽي (ڊيلاويئر ماٿريءَ ۾)، لوزيانا رياست ۾ واشنگٽن پارش آهي ۽ نيو هئمپشائر ۾ واشنگٽن اسٽيٽ پارڪ آهي. اهي سڀ شيون آمريڪا جي پهرين صدر جارج واشنگٽن پويان آهن.

فلڊلفيا کان بالٽيمور ايندي وقت رستي تي چيسٽر، ولمنگٽن، نيوارڪ، ابرڊين، پارڪ وائيل جهڙا شهر بہ آيا. هي ”نيوارڪ“ شهر نيو جرسيءَ وارو وڏو شهر ۽ بندرگاهہ ناهي، پر ڊيلاويئر رياست جو هڪ ننڍڙو ٽائون آهي، جنهن جي پرسان بروڪ سائيڊ پارڪ آهي. بالٽيمور وٽ هڪ سرنگهہ مان بہ لنگهڻو پيو، جيڪا شايد پاٽا پسڪو درياهہ جي هيٺان آهي جنهن درياهہ جي منهن وٽ جتي هن جو پاڻي چيزاپيڪ خليج ۾ ڊرين ٿئي ٿو، بالٽيمور شهر ٿو اچي. شايد هن سرنگهہ (Tunnel) لاءِ رميش تارواڻيءَ ٻڌايو تہ 2001ع ۾ هن ٽنل ۾ سٺ کن بوگين واري ريل اونڌي ٿي پئي هئي ۽ ڪيميڪلز کي اهڙي تہ باهہ لڳي، جو اها ڇهہ ڏينهن هلندي رهي ۽ شهر جو مرڪزي حصو بند ٿي ويو هو. سخت تپش ڪري ان ٽنل مان لنگهندڙ پاڻيءَ جا پائيپ ڦاٽي پيا هئا، جن مان نڪرندڙ پاڻيءَ کان باهہ تہ وسامي وئي، پر سچو ٽنل پاڻيءَ سان ڀرجي ويو هو جو ظاهر آهي، تہ اهو سمنڊ جي تري کان بہ گهڻو هيٺ کوٽيل آهي. ان بعد ڇا ٿيو جو باقي بچيل ڪيميڪلز جيڪي هيٺ گٽرن ۾ گڏ ٿيندا رهيا، انهن ۾ ٽن هفتن کان پوءِ ويسٽ پرات اسٽريٽ وٽ اهڙو تہ ڌماڪو ٿيو جو گٽرن جا مٺن هول (ڍڪ) مٿي هوا ۾ اڇلجي ويا.

بالٽيمور گهمڻ جي خيالَ کان آمريڪا جو بهترين ٽوئرسٽ شهر سمجهيو وڃي ٿو، پر اسان غريب ايشيائي ماڻهن لاءِ جن لاءِ سريلنڪا جو ڪولمبو ۽ ايران جو تهران بہ مهانگو آهي، انهن لاءِ خاص گهمڻ خاطر هلي ملي اڌ دنيا لتاڙي ڳرا ڀاڙا ڀري، هتي اچڻ وڏي بيوقوفي آهي.

يورپي، ڪئناڊين ۽ هتي جا مڪاني گورا ملندا آهن، تہ هتي جي بہ سؤ سال پراڻي تاريخي قلعي ”فورٽ مئڪ هينري“ جي پيا تعريف ڪندا آهن. اهي پلي پيا ڪن، اسان وٽ انهن کان پراڻا قلعا حيدرآباد ۽ ڪوٽڏيجي جهڙا موجود آهن، اسانکي انهن کي ٿي ڏسڻ

جي توفيق نٿي ٿئي، سو هي ڏسي کهڙي ڏوڙ پائينداسين. ها البت ڪو هن شهر بالٽيمور ۾ رهي ٿو، نوڪري ڪري ٿو، هتي جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ پڙهي ٿو يا مون وانگر جهاز واري نوڪري ڪري پاڻيءَ وارو يا هوائي جهاز وٺي هتي اچي ٿو، تہ پوءِ هتي جون ڪجھ مشهور شيون ضرور ڏسي جهڙوڪ: بالٽيمور مئريٽائيم ميوزيم، ميريلئنڊ سائنس سينٽر، قومي ماهي خانو (Aquarium)، بالٽيمور آرٽ ميوزيم وغيره.

بالٽيمور جون ميڊيڪل سائنس سان تعلق رکندڙ يونيورسٽيون شايد وڏيڪ ناليريون آهن، جو هتي جڏهن بہ ايندا هئاسين تہ پاڪستان جي مختلف ميڊيڪل ڪاليجن جا ڊاڪٽر ۽ پروفيسر انهن ۾ نوڪريون ڪندي يا سيمينار اٽينڊ ڪندي نظر ايندا هئا. لاڙڪاڻي جي ڊاڪٽرياڻي نصرت قاضي بہ پهريون دفعو هتي ملي، ان کان علاوه LMC جو پروفيسر محمد صالح ميمڻ ۽ سرجن انصاري بہ هتي مليا ... جيڪي خاص ڪري جانسن هاپڪنس يونيورسٽي ۾ سيمينار لاءِ آيل هوندا هئا ۽ ملاقات ٿيندي هئي. انهن ڏينهن (ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن) ۾ بالٽيمور ۾ ڊاڪٽر صالح ميمڻ جو ادب ۽ ميڊيڪل سان واسطو رکندڙ هڪ انٽرويو منهنجي هڪ سفرنامي ”تيسيتائين گڊ باءِ......“ ۾ Always a place on top جي عنوان سان اچي چڪو آهي.

## فلڊلفيا کان واشنگٽن ڊي سي

فلڊلفيا شهر ميريلنڊ رياست جو وڏو شهر آهي، جنهن جو بنياد 1729ع ۾ رکيو ويو ۽ هن شهر جو نالو ميريلئنڊ جي پهرين گورنر لارڊ بالٽيمور جي نالي آهي. 1812ع واري لڙائي، جيڪا اڄ ڪلهہ Battle of Baltimore تي سڏجي، هتي جو اهم معرڪو آهي، جنهن ۾ برطانيہ وارن جي نيول جهازن اهو بهانو ناهي، تہ بالٽيمور بندرگاهہ قزاقن جو آکيرو (A Nest of Pirates) آهي، هن شهر تي وڏو حملو ڪيو، ان کان اڳ هو (برطانيہ وارا) واشنگٽن جي شهر کي ساڙي، هتي جي رهندڙ يورپين ۾ خوف ۽ هراس پئدا ڪري چُڪا هئا. پر افسوس جو هنن جون اهي چالبازيون، جيڪي انڊيا جي جاهل راجائن ۽ شهنشاهن ۽ غريب عوام تي تہ هلي سگهيون هيون، پر هتي هلي نہ سگهيون ۽ انگريزن چڱا موچڙا کاڌا ... ويندي سندن ڪمانڊر جنرل راس بہ ڪُسجي ويو ۽ پوءِ باقي فوج ڀڄي جان بچائي. هن نيول لڙائيءَ مان Inspire ٿي هتي جي هڪ شاعر فرانسز اسڪاٽ ڪي اهو مشهور شعر لکيو، جنهن جو عنوان آهي ”The Star – Spangled Banner“ جنهن جون سٽون آمريڪا جي قومي تراني ۾ آهن. هن جنگ جو يادگار Battle Monument آهي.

بالٽيمور بابت هڪ ٻي مزيدار ڳالهہ جيڪا گهوٽڪي جي هن انجنيئر رميش ٿارواڻي ٻڌائي، تہ جڏهن يورپ پاسي کان ماڻهو آمريڪا اچڻ شروع ٿيا تہ هو آمريڪا جي مختلف هنڌن تي سيٽ ٿيندا ويا ۽ رڻ پٽ جنگل وسندا ويا، وستيون ڳوٺن ۾ ۽ ڳوٺ شهرن ۾ تبديل

ٿيندا ويا. سڀ کان پهرين جنهن شهر جي آدمشماري هڪ لک تي پهتي، اهو نيويارڪ شهر آهي ۽ ٻئي نمبر تي هي بالٽيمور ٿيو. ان بعد نيواورلينس، فلڊلفيا ۽ بوسٽن ٿيا.

بالٽيمور شهر جي عمارتن ۾ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۽ پمليڪو ريس ڪورس کان علاوه هتي جو هپوڊروم ٿيئٽر هڪ مشهور ۽ تاريخي عمارت آهي، جنهن ۾ هن سال، رميش ٻڌايو تہ Miss USA جو مقابلو ٿيو يا شايد ٿي رهيو آهي.

تعليم جي خيالَ کان تن ڏينهن ۾ بہ ۽ اڄ بہ هتي جون جيڪي يونيورسٽيون ناليريون آهن، تن مان ڪجهہ هي آهن:

مارڪن اسٽيٽ يونيورسٽي

يونيورسٽي آف بالٽيمور

يونيورسٽي آف ميريلئنڊ

ڪاپن اسٽيٽ يونيورسٽي

ٽوسن يونيورسٽي

گوچر ڪاليج.

ولا جولي ڪاليج، وغيره.

فلڊ لفيا کان بالٽيمور ائين آهي، جيئن ڪراچي کان حيدرآباد، يعني هڪ سؤ ميل کن ۽ بالٽيمور کان واشنگٽن ائين آهي، جيئن حيدرآباد کان هالا. يعني چاليهہ ميل. چاليهہ ميل آمريڪا جي ههڙن لسن ۽ ويڪرن رستن جي لحاظ کان ڪو گهٽو پنڌ ناهي. صدر ريگن جي ڏينهن ۾ ان جي نالي سان جيڪو قومي ايئرپورٽ ٺهيو، اهو واشنگٽن شهر جي بلڪ ويجهو، واشنگٽن شهر مان وهندڙ پوٽو مئڪ (Potomac) نديءَ جي اولهہ واري ڪناري تي آهي، نہ تہ واشنگٽن ۾ پهچڻ لاءِ باقي جيڪي بہ هوائي اڏا "واشنگٽن ڊليس انٽرنيشنل ايئرپورٽ" ۽ ٻيو "ٿور گڊ مارشل ايئرپورٽ" تہ واشنگٽن شهر کان چڱو پري آهن. پهريون وارو 26 ميل پري ورجينا رياست جي ڊليس (Dulles) شهر ۾ ۽ ٻيو 30 ميل پري ميرلئنڊ رياست جي بالٽيمور شهر جي ڏڪڻ ۾. هڪ دفعو اسان جي جهاز جي ڪجهہ آفيسرن کي هيوسٽن کان باءِ ايئر واشنگٽن پاڪستان ڊي جو فنڪشن ڏسڻ لاءِ اچڻو پيو هو. مڪاني آفيس وارا اسان کي جهاز تان ڪٽي، هيوسٽن جي هوائي اڏي تي واشنگٽن جي ٽڪيٽن سميت ڇڏي ويا. اڍائي ٽن ڪلاڪن بعد جڏهن اسانجو هوائي جهاز بالٽيمور شهر مٿان هيٺائين اڏام ڪري، رن وي تي لٿو، تہ اسان سمجهيو تہ اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ واشنگٽن لاءِ وري ٿو اڏامي، پر سيني چيو تہ واشنگٽن وارا بہ لهو، جو اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جهاز الباني ويندو. جهاز مان لهي ايئرپورٽ وارن کي ٽڪيٽ ڏيکاريسين تہ اسان وٽ واشنگٽن جي ٽڪيٽ آهي.

"تہ هي ٿي تہ واشنگٽن جو هوائي اڏو آهي." هنن نهہ پهہ وراڻيو "سامهون تہ واشنگٽن آهي. بس ۾ هليا وڃو."

پوءِ اسان واشنگٽن وڃڻ بدران ٽيڪسي ۾ ڏهه ميل ڪري اسانجي بالٽيمور واري شپنگ آفيس ۾ آياسين، جتي آفيس جي مئنيجر ماني کارائڻ بعد واشنگٽن ڇڏي آيو.

سو هي شهر هڪ ٻئي سان مليا پيا آهن. واشنگٽن ۾ اڌ کان وڌيڪ نوڪريون ڪندڙ ۽ دڪاندار شام ڌاري واشنگٽن شهر ڇڏيو وڃن، جو هنن پنهنجي رهائش پر واري رياست ورجينيا ۾ رکي آهي. هي ائين آهي ، جيئن ڪيترائي ماڻهو نوڪريون ۽ ڌنڌا اسلام آباد ۾ ڪن ٿا، پر رهن راولپنڊي ۾ ٿا جو اسلام آباد جو شهر نندو آهي ... رهائش ۽ کاڌو خوراڪ مهانگو هجڻ ڪري هرڪو راولپنڊي کي ترجيح ڏئي ٿو. جيئن ڪيترائي سنگاپور ۾ ڪم ڪندڙ درياهه جي هن پار واري ملائيشي شهر ’جوهور بارو‘ ۾ رهن ٿا. ويندي ڪيترا سنگاپور وارا ڀاڄيون ڀتيون ۽ گوشت مڇي وٺڻ لاءِ بہ ’جوهور بارو‘ وڃن ٿا.

## واشنگٽن شهر جا رستا ۽ گهٽيون

جيئن اسلام آباد ڪنهن بہ صوبي ۾ نہ آهي ۽ فيڊرل (سڄي ملڪ) جي گاديءَ جو هنڌ آهي، تيئن واشنگٽن جو شهر آمريڪا (USA) جي ڪنهن بہ رياست ۾ نہ آهي. رياستن کي پاڻ ۾ وڙهڻ کان بچائڻ لاءِ جيئن ڪا بہ رياست ائين نہ چوي تہ سندس شهر آمريڪا جي گاديءَ جو هنڌ (Capital) آهي، 1791ع ۾ ورجينا ۽ ميريلئنڊ رياستن جا ڪجهه حصا ڪوري ڪولمبيا ضلعو (District of Columbia) ٺاهيو ويو، جنهن ۾ هن شهر جي ڊيزائين انهن ڏينهن جي مشهور آرڪيٽيڪٽ پيري چارلس لنفانٽ (L’Enfant) ڪئي ۽ شهر جو هي نالو ملڪ جي پهرين صدر جارج واشنگٽن نالي رکيو ويو.

اسلام آباد ۽ انڊيا جي گرگاؤن ۽ نوڊيا (Nodia) وانگر يا ملائيشيا جي پتراجايا وانگر هي هڪ منصوبي هيٺ ٺهيل شهر آهي، جنهن ۾ ملڪ جو صدر، فيڊرل حڪومت جا ڪامورا، ملڪ جا نمائندا ۽ قانون ناهڻ وارا ۽ قانون کي هلائڻ وارا رهن ٿا. هڪ مزيدار ڳالهه تہ اليڪشن ٽيڻ تي ملڪ جي پنجاهہ ئي رياستن جا ماڻهو حصو وٺي سگهن ٿا، يعني ووٽ ڏيئي سگهن ٿا، پر واشنگٽن جا رهواسي هن  ملڪ جو پاسپورٽ رکندي ۽ هن ملڪ جا Citizen هوندي بہ ووٽ ڏيئي نٿا سگهن. هونءَ عام چوڻي اها آهي تہ ”نمائندگيءَ بنا ڇا جو ٽئڪس“” (No Taxation without Representation) پر هتي جي ماڻهن کي اليڪشن ۾ نمائندگي ڪرڻ جي اجازت ناهي، پر ٽئڪس کان بچي نٿا سگهن. سو ان جي طنز ۽ مزاح ۾ واشنگٽن جي ڪارين جي نمبر پليٽ تي توهان کي هيءَ سٽ ضرور نظر ايندي.

Taxation without Representation - يعني هن شهر جي رهواسين سان ڪيڏي تہ ويڌن آهي جو ٽئڪس ڀرين ٿا پر ووٽ نٿا ڏيو سگهن. هيوسٽن، نيويارڪ، لاس اينجلس جو هڪ ڪارو شيدي بوٽ پالش ڪرڻ وارو بہ آمريڪا جو صدر يا ڪانگريس جي ميمبر ٿيڻ جا خوابَ ڏسي سگهي  ٿو، پر واشنگٽن ڊي سي  جا رهاڪو هرگز نہ.

واشنگٽن شهر جون گهٽيون ۽ رستا ڪراچي جي ڊفينس سوسائٽي يا اسلام آباد وانگر آهن، جيڪي سمجهڻ سان آسان آهن پر نئين ماڻهوءَ لاءِ منجهائيندڙ پڻ آهن. آئون جڏهن پهريون ڀيرو 1969ع ۾ واشنگٽن آيو هوس، ان کان هڪ بندرگاهه اڳ ۾ منهنجي يورپي چيف انجنيئر ڪاغذ تي نقشو ٺاهي، هن شهر جا روڊ رستا سمجهايا هئا، جيڪي اجا تائين ذهن ۾ موجود آهن ۽ هاڻ اهوئي چوندس ته واشنگٽن جهڙا روڊ رستا آسان نه ٿيندا. باقي سمجهڻ بنا هڪ نئين ماڻهوءَ کي واشنگٽن ۾ جيڪو زبردست مونجهارو ٿئي ٿو، اهو ٻئي شهر ۾ نه ٿيندو هوندو. واشنگٽن ۾ توهان کو رستو پڇندائو ته مختلف ماڻهو ساڳي نالي وارا توهان کي ٽي چار جدا جدا رستا ٻڌائيندا. جيئن ڪراچي جي ڊفينس سوسائٽي ۾ هر نمبر تي (مثال طور پنجين ڪمرشل نالي) ٻه گهٽيون آهن، پر هڪ گهٽي ”لين“ سڏجي ٿي ٻي اسٽريٽ. اهڙي طرح گذري نالي ڪيترن ئي نمبرن جون گهٽيون آهن ۽ هر نمبر جي گهٽي لين به آهي، ته اسٽريٽ به. مثال طور ائين گذري لين هڪ طرف آهي ته ائين گذري اسٽريٽ ٽي ميل ڪن پري ٻئي طرف آهي. هتي واشنگٽن ۾ وري هر گهٽيءَ جي نمبر يا الفابيٽ سان گڏ طرفن جي ڪا ڪنڊ ٻڌائڻ ضروري آهي، جيئن ته ”ڏکڻ اولهه“، ڏکڻ اوڀر“، ”اتر اولهه“ يا ”اتر اوڀر.“ واشنگٽن جو شهر سمجهو ته ليوڊو راند جي گٽي وانگر آهي، جنهن جو وچ سمجهو ته Capital آهي. ڪئپيٽل آمريڪا جي هڪ اهم عمارت، آرڪيٽيڪٽ جي حساب سان تمام Impressive بلڊنگ ڪئپيٽل ٽڪريءَ تي آهي. آمريڪا جي هيءَ عمارت ائين آهي، جيئن اسلام آباد ۾ اسان جي نيشنل اسيمبليءَ جي بلڊنگ، جتي ملڪ جي نمائندن (ڪانگريس مين) ۽ سينيٽ جا چيمبر آهن. ان بلڊنگ جي وچ ۾ وڏو گنبذ آهي، جنهن جي چوٽيءَ تائين بلندي 288 فٽ آهي. گنبذ جي هيٺان 96 فٽ ڊايا ميٽر جو گول هال آهي. جيڪو Rotunda سڏجي ٿو ۽ گنبذ جي مٿان هڪ مجسمو ٺهيل آهي، جيڪو Statue of Freedom سڏجي ٿو. هيءَ بلڊنگ 1793ع ۾ ٺهڻ شروع ٿي. سينيٽ ونگ ۽ هائوس ونگ 1800ع ڌاري مڪمل ٿي ۽ آمريڪا جي ڪانگريس جي پهرئين سيشن 17 نومبر 1800ع ۾ ٿي. هن عمارت جي تصوير پنجن ڊالرن جي نوٽ پٺيان توهان ڏسي سگهو ٿا. هن عمارت ۾ آمريڪن آرٽ ۽ تاريخ جو ميوزيم به آهي، ان کان علاوه هتي ٺهيل National Statuary Hall ۾ هڪ سؤ ننڍا وڏا مجسما (Statues) به آهن. جن مان آمريڪا جي پنجاهه رياستن مان هر هڪ ٻه ٻه ڏنا. انهن ۾ سڀ ۾ وڏو مجسمو هوائي رياست طرفان ڏنل King Kamehameha I آهي.

هن عمارت ۾ ملڪ جي پهرين صدر جارج واشنگٽن لاءِ مقبرو ٺاهيو ويو هو، پر پوءِ هن جي وصيت موجب ڪيس پنهنجي ڳوٺ واري هنڌ مائونٽ ورنان دفن ڪيو ويو. هڪ آمريڪن کان پڇيو هوم ته هن عمارت جي خاص ڳالهه ڇا آهي؟

وراڻيائين:

“It stands as a monument to the American people and the government.”

شايد ان جي اها اهميت ڏسي، نائن اليون وارن کي يونائيٽيڊ ايئر لائينز اڏام نمبر 93 جي هاءِ جئڪرن واشنگٽن جي هن عمارت Capitol کي نشانو ٿي بڻايو، پر جهاز ۾ سوار مسافرن جي هاءِ جيڪرن سان ويڙهاند ڪري جهاز ان کان اڳ سمرسيٽ ڪائونٽي (پينسلوانيا) ۾ Crash ٿي ويو.

بهرحال هتي اسان واشنگٽن جي رستن ۽ گهٽين جي ڳالهه پئي ڪئي ته شهر جون سڀ گهٽيون ۽ رستا هتان شروع ٿين ٿا ۽ هيءَ بلڊنگ Capitol سمجهيو ته ليوڊو راند جي پاٽي جو وچ آهي جتان هڪ هڪ رستو هر هڪ طرف وڃي ٿو جيڪي ليوڊو جي راند وانگر واشنگٽن شهر کي چئن ڪنڊن SE (ڏکڻ اوڀر)، SW (ڏکڻ اولهه)، NE (اتر اوڀر) ۽ NW (اتر اولهه) ۾ ورهائين ٿا. مزي جي ڳالهه اها ته انهن وچ وارن رستن مان هر هڪ جو نالو ڪئپيٽل اسٽريٽ آهي، پر سڃاڻپ لاءِ هر رستي جي آخر ۾ ان جو طرف ڏکڻ، اوڀر، اتر وغيره آهي. واشنگٽن جو شهر چئن خانن ۾ ورهائجڻ بعد هر هڪ خاني ۾ ساڳي نمبر ۽ ساڳي الفابيٽ وارا رستا ۽ گهٽيون آهن. جيئن منور لغاريءَ جي رهائش ستين گهٽيءَ ۾، پلاٽ نمبر 700 تي آهي، پر ٽئڪسي واري کي فقط ايترو ٻڌائڻ سان هو توهان کي ڪڏهن به صحيح هنڌ تي وٺي نه اچي سگهندو، جو واشنگٽن ۾ ان نمبر واري گهٽي فقط هڪ نه آهي. ليوڊو راند جي چئن خانن وانگر واشنگٽن جي چئن حصن ۾ ان نمبر واريون گهٽيون آهن. ان ڪري گهٽيءَ جي نمبر سان گڏ گڏ واشنگٽن شهر جي ان حصي يعني خاني جو طرف لکڻ ضروري آهي. يعني منور لغاري واشنگٽن جي گهٽي نمبر ستين ۾ ته رهي ٿو، پر ڏکڻ اولهه (SW) واري ستين نمبر گهٽيءَ ۾.

نمبرن وانگر ٻئي طرف کان وهندڙ رستن جا نالا الفابيٽ جي اي بي سي تي رکيل آهن، جن سان پڻ طرف ٻڌائڻ ضروري آهي. هڪ مزيدار ڳالهه ته واشنگٽن ۾ ”J“ جي نالي سان ڪا گهٽي ناهي ”I“ (آءِ) کانپوءِ جيڪا گهٽي شروع ٿئي ٿي، ان جو نالو ”K“ آهي جو ان زماني ۾، جڏهن واشنگٽن شهر ٺهيو هو ۽ رستن ۽ گهٽين جي پلاننگ ڪئي وئي هئي، انگريزي جو اچار آئي ۽ J واضح طور مختلف نه هئا. هڪ ئي اچار لکيو ويو ٿي، ان ڪري فقط I نالي گهٽي ٺاهي وئي، پر J نالي نه ۽ ٻي ڳالهه ته I وارين گهٽين ۾ رهندڙ پنهنجي گهٽي جو نالو I_SW يا I_SE لکڻ بدران Eye_SW يا Eye_NW يا Eye_SE لکن ٿا، ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن فقط I لکڻ سان ڪيترا ماڻهو ان کي انگريزي اکرن جو اچار ”آئي“ پڙهڻ بدران رومن انگ ”ون“ سمجهن ٿا.

انهن انگن ۽ اکرن کان علاوه واشنگٽن ۽ آمريڪا جي سڀني رياستن نالي وڏا روڊ (Avenue) آهن، جيئن ته پينسلوانيا ايونيو، ڪنيڪٽيڪٽ ايونيو وغيره وغيره. رياستن جي نالن وارن روڊن کان علاوه ڪجهه اهم رستن جا نالا Independence اوينيو، ڪانسٽيٽيوشن

ايونيو (ان نالي وارو رستو شاهراهہ دستور شايد اسلام آباد ۾ بہ آهي، جنهن تي اڄ ڪلهہ امر جليل جو لکيل افسانو پڙهي رهيو آهيان)، Madison ڊرائيو، جيفرسن ڊرائيوِ وغيرهہ آهي.

## اڄ وري ياد آيا پنهنجا پيارا

رميش کي چيم تہ آمريڪا جي جن جن شهرن ۾ منهنجو وڃڻ ٿيو آهي، انهن ۾ سڀ کان گهٽو مونکي واشنگٽن وڻي ٿو. صاف سٿرو کليل کليل ۽ جتي ڪٿي ساوڪ ۽ پارڪ ... ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ميوزيم ۽ Monuments ... ۽ واشنگٽن ٿي هڪڙو شهر آهي، جنهن ۾ اهي شيون بنا ٽڪيٽ جي ڏسي سگهجن ٿيون. سواريءَ لاءِ سستي ۽ سولي بس سروس، ماڻهو سلجهيل ۽ پڙهيل ڳڙهيل، چاهي مڪاني ماڻهو هجن يا ڌارين ملڪن جا – ان ڪري جو هن شهر ۾ حڪومت جا اعليٰ ادارا ۽ سفارتخانا آهن. ڌارين ملڪن جا نيويارڪ ۾ بہ آهن، پر اتي جي ۽ هتي جي ماڻهن ۽ ماحول ۾ اهو فرق آهي، جيڪو ڪراچي ۽ اسلام آباد ۾. اڄ ڪيترن سالن بعد هڪ دفعو وري هن شهر واشنگٽن ۾ داخل ٿي رهيو آهيان ۽ واشنگٽن ۾ ايندي مونکي هميشہ خوشي ٿيندي آهي پر.....

”پر ڇا....؟“ رميش ٿارواٽي پڇيو ۽ مونکي لڳو تہ، هن منهنجي ڳالهائڻ جي لهجي مان اهو محسوس ڪري ورتو آهي، تہ منهنجي دل ۾ ڪو ڏک ضرور آهي.

”ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي آهي جيڪا هن شهر سان وابستہ آهي“ رميش وڌيڪ پڇيو.

”جي ها رميش،“ مون کيس ٻڌايو، ”منهنجو هڪ تمام پيارو دوست، ڪلاس ميٽ ۽ نيڪ انسان اظهر عباسي هتي دفن ٿيل آهي ... هن جو هتي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ئي لاڏاڻو ٿي ويو.“

اظهر عباسي جنهن کي سندس گهر وارا ۽ اسان پيٽارو جا ڪلاس ميٽ ”گل“ جي نالي سان پڻ سڏيندا هئاسين، هتي جي حڪومتي اداري پينٽاگون هائوس ۾ ڪم ٿي ڪيو. اظهر عباسي قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جون پنجون نمبر پٽ ۽ هاڻوڪي عبرت گروپ آف پبليڪيشن جي مالڪ اسد قاضيءَ جو وڏو ڀاءُ هو. اظهر ۽ سندس سوٽ (قاضي اڪبر جي پٽ) بشير قاضي اسان سان گڏ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو مان انٽر سائنس ڪئي، ان بعد اظهر مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پهرين بئچ سان گڏ اليڪٽرڪل انجنيئرنگ ۾ BE ڪري، ڪجهہ عرصو حيدرآباد ۾ واپڊا کاتي ۾ نوڪري ڪئي.

ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪالهہ جي ڳالهہ هجي، جڏهن 1973ع ۾ اظهر جي شادي پنهنجي ڪزن حڪيم محمد احسن جي ڌيءَ عفت سان ٿي هئي. منهنجو جهاز سرفراز رفيقي بہ انهن ڏينهن ۾ جپان کان ڪراچي آيو هو ۽ انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ اسان ڪيترن ڪلاس ميٽن اها شادي اٽينڊ ڪئي، جنهن جو نڪاح مولانا احتشام الحق ٿانويءَ پڙهايو هو. حڪيم محمد احسن، محمد محسن ۽ سندن ڀيڻ نورالنساء (اظهر جي والده) ۽ عزيز النساء

(بشير قاضي جي والده) سنڌ جي مشهور شخصيت حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو اولاد آهن. قاضي عبدالمجيد عابد، قاضي اڪبر قاضي محمد اعظم، قاضي محمد اڪرم، آپا شمس ۽ شريف النساء جو والد صاحب قاضي عبدالقيوم، حڪيم فتح محمد ۽ خليفو محمد زمان پاڻ ۾ پائرَ هئا ۽ مخدوم خليفو غلام محي الدين حڪيم جا پٽ آهن. خليفي محمد زمان جي هڪ پٽ غلام محي الدين عباسي جا ٽي فرزند پڻ حيدرآباد جون مشهور شخصيتون آهن، جن جا نالا هن ريت آهن: خانبهادر محمد عبدالعزيز عباسي، حڪيم غلام قادر ۽ محي الدين عباسي.

اظهر شاديءَ بعد هني مون لاءِ اردن (جارڊن) ويو هو، جتي تن ڏينهن ۾ سندس وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر ميجر انور عباسي الڪرڪ ۾ رهيو ٿي. جارڊن ۾ ڪجهه ڏينهن رهي، عمرو ڪري پوءِ ڪجهه ڏينهن هو بحرين ۾ رهيا، جتي اظهر جو سهرو (جيڪو سندس مامو به ٿيو) حڪيم محمد احسن حڪومت پاڪستان طرفان سفير هو. ان بعد سال ٻه حيدرآباد ۾ نوڪري ڪري 1975ع ڌاري اظهر هيڏانهن واشنگٽن هليو آيو. اظهر هونءَ ته ڪافي صحتمند هو بلڪه پيٽارو ۾ ته مختلف راندين کان علاوه باڪسنگ جو به چئمپيئن هو، پر پوءِ ڪيس سگهو ئي ڊائبٽيز ٿي پئي. اظهر اسڪول جي ڏينهن کان وٺي نماز ۽ روزي جو پابند هو، جنهن ڏينهن وفات ڪيائين اهو سال 1985ع هو ۽ رمضان جو پهريون روزو هو. پاڻ روزو رکي احتياطن انسولين جي سئي به پاڻ کي هنيائين. اٺين بجي ڌارين پنهنجي ڪار پاڻ ڊرائيو ڪري پوٽو مئڪ ندي ٽپي، واشنگٽن بوليوارڊ ۽ روٽري روڊ ڏيئي، پينٽاگون هائوس ويجهو ٿيو ته انسولين جي سئيءَ جي Reaction ڪري ڪيس سخت چڪر آيا ۽ انهن ۾ ڪار به صحيح طرح پارڪ نه ڪري سگهيو، جيڪا فٽ پاٿ تي چڙهي وئي پر ڪو ٻيو نقصان نه ٿيو. سندس شگر ليول تمام گهٽجي چڪي هُئي ۽ اهڙيءَ ايمرجنسيءَ لاءِ هو هميشه پاڻ سان ڪار جي ڊئش بورڊ ۾ ٽڪيون (ٽافيون) رکندو هو، پر ان ڏينهن سخت تڪليف ۾ هن کي اهو به هوش نه رهيو ته اهي اتي ئي پيون آهن. بريف ڪيس کڻي ٻاهر آفيس طرف ڊوڙيو رستي تي هر هڪ کان مٺي شيءِ جي گهر لاءِ ڪئنڊي ڪئنڊي (Candy) پڪاريندو رهيو، پر موجود ماڻهن مان شايد ڪنهن وٽ ڪو چاڪليٽ يا ٽافي نه هئي يا اسان جي دوست جي زندگيءَ جا ڏينهنَ اچي پورا ٿيا هئا، جو هو مٿي پنهنجي آفيس ۾ پهچڻ کان اڳ لفٽ ۾ Collapse ٿي پيو. ڪيس يڪدم ايمبولينس ۾ اسپتال پهچايو ويو، پر ساهه جو پکيئڙو ان کان اڳ آزاد ٿي چڪو هو.

ڏک جي ڳالهه اها آهي ته نه فقط اسانجي دوست اظهر جي جواني جي ڏينهن ۾ وفات ٿي، پر سندس ٻن ڀائرن اجمل قاضي (ڊاڪٽر انور ۽ ادي فيروزهه بعد قاضي عابد صاحب جو ٽيون نمبر ٻار) ۽ اصغر عباسي جي به جوانيءَ ۾ وفات هتي ئي هن شهر واشنگٽن ۾ ٿي ٿي -

هي اهي ماٺهو هوندا هئا جن سان جڏهن اڌ صدي کن اڳ 1960ع کان 1963ع تائين اظهر جي گهر وڃبو هو تہ ڪڇهريون ٿينديون هيون.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ اسانجي ڪلاس ميٽ اظهر جي ننڍي ڀيڻ فوزيا (قاضي سعيد جي زالَ) جي وفات پڻ هتي آمريڪا ۾ ٿي ٿي ۽ هوءَ ڪيليفورنيا رياست جي شهر لاس اينجلس ۾ دفن ٿيل آهي. جتي سندس هڪ پٽ جواد اڃا رهي ٿو ۽ ٻيو پٽ سجاد اڄ ڪلهہ پاڪستان ۾ آهي ۽ ڪراچيءَ مان انگريزي اخبار Regional Times ڪڍي ٿو ۽ ڌيءَ شازيہ جي شادي پڻ پاڪستان ۾ ٿي آهي.

## منور جو هڪ ڪمري وارو گهر

بالٽيمور (مئريلئنڊ) کان واشنگٽن گهڙڻ لاءِ روٽ I-95 پراڻو رستو آهي ۽ اهڙي طرح رچمنڊ (ورجينيا) کان واشنگٽن لاءِ I-95 سائوٿ هاءِ وي آهي. ان کان علاوه I-495 ڊي سي بيلٽ وي روڊ پڻ آهي. I جو مطلب انٽر اسٽيٽ روڊ آهي، يعني اهي هاءِ وي جيڪي هڪ کان وڌيڪ رياستن کي ڳنڍين ٿا. بهرحال اسان جو رميش صاحب روٽ 295 (بالٽيمور - واشنگٽن پارڪ وي) وٺي واشنگٽن ۾ پينسلوانيا ايونيو ويسٽ بائونڊ مان Exit ڪيو ۽ غير قانوني يوٽرن ڪندو انڊيپينڊنس ايونيو تائين ٿيندو، اچي ستين نمبر گهٽي SW کان نڪتو اي، بي، سي، ڊي بعد اي گهٽي هئي ۽ پوءِ F ۽ پوءِ گهٽي جي SW کان ٿورو اڳيان هلياسين تہ H گهٽي اچڻ کان اڳ پلاٽ نمبر 700 اچي ويو، جنهن تي اٺ ماڙ فليٽن واري عمارت هئي. اتي ئي پاسي ڪنڊ ۾ رميش ڪار پارڪ ڪري رهيو هو، تہ منور لغاري ۽ اسان جو ڳوٺائي نجم ميمڻ هيٺ لهي آيا، جن کي بہ گهٽيون اڳ رميش موبائيل تي اطلاع ڪيو هو، تہ اسان پنجن منٽن ۾ پهچون پيا.

منور اهڙو ئي سنهو ۽ هلڪو ڦلڪو نظر آيو، جهڙو سندس ٽي سال اڳ جو فوٽو ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جي 2003ع واري ٽماهي رسالي SINDH WATCH ۾ گذريل هفتي ڏسي چڪو هوس. منور لاءِ جيڪو ٻڌو هوم پهرين Look ۾ ئي هو اهڙو Humble ۽ نماڻو لڳي رهيو هو. نجم ننڍپڻ جي هاڻي کان ٿورو ڀريل ۽ عمر مطابق لڳو پئي، تہ هو پنجاهہ کي ويجهو اچي پڳو آهي. مون تہ ڪيس ٿيهن پنجٽيهہ سال اڳ ڏٺو هو جڏهن هو ڇوڪرو هو ۽ پاڙي جي ڪڏن تي لغڙ اڏائيندو وتندو هو. منور جو ”ون روم“ فليٽ ڀي ماڙ تي هو. ون روم معنيٰ سئيڊن ۽ جپان وانگر هڪ روم جو فليٽ هو ۽ اسان جي ملڪن وانگر نہ تہ هڪ روم جو گهر تہ هڪ روم ٽي بيڊروم ان کان علاوه ڊرائنگ روم ۽ ٽي وي لائونج تہ هوندي ئي هوندي. منور جي فليٽ ۾ گهڙياسين تہ سندس بہ مهمان (عمر شيخ ۽ عباسي صاحب) اڳهين ويٺا هئا، جن ان ڪمري ۾ رکيل اڪيلي لاڏلي صوفي تان اٿي رميش ۽ مونکي ان تي آرام سان وهڻ جي عزت بخشي ۽ پاڻ الهندي پاسي واري پٽ ۾ لڳل ڪاٺ جي رئڪ جي هيٺين خانن کي ٽيڪ

ڊيئي وينا، جتي چرچل، هٽلر، نهرو جناح، منڊيلا، ڊيگال، مائوءَ جي بايو گرافين سان گڏ جي ايم سيد، محمد صديق ميمڻ (اشفاق ميمڻ صاحب جي والد) جي زندگي جي احوال تي لکيل ڪتاب ”تان ڪي ڏونگر ڏوريان“، ڊاڪٽر ضياء دين شيخ جي والده ( ۽ سفير نجم الدين شيخ ۽ اسان جي پيٽارو جي ڪلاس ميٽ سئي گئس جي جي ايم ڊي سراج شيخ جي ڏاڏي) جي زندگي تي لکيل ڪتاب ”شيخياڻيءَ جي ڊائريءَ“، عبدالواحد آريسر جا ڪتاب ”چا تہ شخص هو“ ۽ ”ڪچيءَ ڳانا لوهہ جا“ ۽ مولانا محمد قاسم سومرو جو ڪتاب ”حضرت سائين پير وارا“ نظر اچي رهيا هئا. ٻن سيٽن وارو اهو صوفو هر وقت اوور لوڊ رهڻ ۽ ڊگهي عمر ڪري گڪو ٿي پوڙهي ماٺهوءَ وانگر هيٺ جهڪي ويو هو. سندس جوانيءَ جي ڏينهن ۾ تہ پڪ ڪارو رنگ هوندو ۽ يقينن شڪل شبيهہ ۾ بہ موچارو هوندو. پر هاڻي سندس مٿان چڙهيل ڪاري رنگ جو ليدر (چمڙو) چلر چلر ٿي لهي رهيو هو. سندس تہ ڪڏهوڪو چيلهہ چڀي ٿي چڪي هئي، پر هاڻ مٿس وهڻ وارن جي چيلهہ ٿي پڳي، ان ڪري ٿوري دير بعد جڏهن بہ پناڻ، پاڪستان کان آيل فلائيٽ ۾، پشاور کان هتي رات رهڻ لاءِ ولي خان جي پٽ اسفنديار جو منور لاءِ ليٽر ڪٽي گهڙيا، تہ مون پنهنجي عاقبت جو خير سوچي هڪ ڪي پنهنجي جاءِ ڏيئي آئون سامهون واري پٽ ۾ ڪتابن جي انهن رئڪن ڪي ٽيڪ ڏيئي وجي وينس، جن تي سياست ۽ ايڪنامڪس تي لکيل ڪتابَ هئا، جن ڏي منهنجي پٺ هجڻ ڪري انهن جا نالا پڙهي نہ سگهيس. باقي ڪاٻي پاسي واري اپرندي پٽ ۾ لڳل رئڪن ۾ رکيل ڪتابن جو اهو خانو، جيڪو منهنجي ليول ۾ هو، ان تي رکيل مختلف ادارن جي ڇپيل شاهہ جي رسالن کان علاوه شيخ اياز، تاجل بيوس، استاد بُخاري، ابراهيم منشي جا تہ سيئي مجموعا لڳا ٿي. ڪجهہ ڪتابن تي نارائڻ شيام، تنوير عباسي، علي دوست عاجز، تاج بلوچ، امداد حُسيني، ادل سومرو، زبيده ميتلو ۽ ايازگل جو بہ نالو نظر اچي رهيو هو. صوفي واري پٽ جي پويان سا آرسي لڳل هئي، جنهن هن ڪمري جي وڏي هجڻ جي ڪوڙي ساک محسوس ڪرائي ٿي، باقي ٽيئي پٽيون ڪتابن جي رئڪن سان پٽ کان ڇت تائين هيون. خبر ناهي ايترا سارا ڪتابَ جن ۾ ڪجهہ هزارَ تہ ڪٽي هتان آمريڪا مان ورتا ويا هجن، باقي سنڌي اردوءَ جا تہ پاڪستان مان ئي ڪهي هتي پهتا هوندا. در وٽ نون فٽن جي ڊگهي ۽ ٽن فٽن جي ويڪري گهٽيءَ ۾، جتي اسان اچي بوٽ لاٿا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي سامانَ جا ٿيلها سٿيا هئا، اتي مونکي ٻہ دروازا نظر اچي رهيا هئا، جن مان سمجهي ويس تہ اهي بہ بيڊرومون هونديون ۽ جنهن ۾ اسان وينا آهيون، اها ٿي وي لائونج هوندي يا ڊرائنگ ڊائننگ روم، جنهن جي ڪنڊ ۾ چئن ماڻهن جو هڪ گول (هاڻ هر شيءِ کي پُراڻو ۽ پيگل چئي منور کي ڏکوئڻ بدران ان کي ڪٽي ٿا Antique سڏيون) ٽيبل رکيل هو. شامَ جو WSI جو فنڪشن هو سو منور ٻڌائي پيو تہ اجان ٿي مهمان فلڊلفيا کان ٻيا بہ هتي اچي رهندا، پر پوءِ جڏهن منور مونکي ٽوال ڏيندي هٿ منهن ڌوئي فريش ٿيڻ لاءِ هڪ بيڊ

روم طرف اشارو ڪيو تہ ان بيڊروم ۾ باٿ روم تہ هو پر بيڊروم غائب هئي يعني چار فٽ باءِ ڇهہ فٽن جي اها باٿ روم بہ هئي تہ ٽائليٽ بہ هو. جنهن مان نڪري سامهون واري ڪمري جو در ڪوليم تہ اهو رڌڻو هو، جنهن جي هڪ پاسي ريفريجريٽر رکيل هو تہ ٻئي پاسي چلهو هو باقي ڪنڊن پاسن کان، هيٺ مٿي، ڇت وٽ، پٽ کان ٿورو مٿيرو ٿانو، ٽشو پيپرن جا دٻا، گلاس، چمچا، اتي ۾ چانورن جا دٻا، ديگڙا ڪٽڇيون، آچارن جون برنيون، ٿانون ڌوئڻ جون مويون، دوائن جون شيشون، ڪوپ ساسرون ائين رکيل هيون، جيئن هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ بدلي ٿيڻ تي ڪنٽينر ۾ سامان پئڪ ڪري جهاز ذريعي موڪلبو آهي. آرٽسٽڪ نموني سان ايتري وٿي ضرور ڇڏيل هئي جنهن مان ماڻهو در کان اندر گهڙي چلهي تائين پهچي سگهي ۽ پوءِ پاسيرو ٿي شطرنج جي گهوڙي وانگر ٻار جي وکن جهڙيون اڍائي کن وکون کڻي، نلڪي هيٺان رکيل Sink ۾ ٿانوءَ ڌوئي سگهي.

منور سان تہ آئون پهريون دفعو مليو هوس ۽ نہ هن سان فري هوس، سو پنهنجي ڳوڻائي نجم کان جڏهن هو ڪچن ۾ چانهہ ٺاهڻ ويو، تہ نموني سان پڇيو مانس تہ اسانجي اچڻ ڪري منور کي تڪليف تہ نہ ٿيندي. (اسان سان منهنجو مطلب فقط پنهنجي ذات سان هو ڇو جو مونسان گڏ آيل رميش نہ فقط منور جو پراڻو دوست آهي، پر هتي ايترا دفعا اچي ۽ رهي ويو آهي جو هُن هن فليٽَ ۾ گهڙڻ سان تمام گهڻو ’هوملي‘ پئي محسوس ڪيو. ڪيس اها بہ خبر هئي تہ اولهہ واري ڪتابن جي رئڪ مٿان دوستو وسڪي جي رکيل ٿلهي ڪتاب مٿان پيالِيءَ ۾ سوپاريون رکيل آهن، جيڪي هن ہر ٿي دفعا اتي ڦڪيون ۽ منهنجي گُهرڻ تي ڪِسنجر جي ڪتاب هيٺا رکيل مصلو ڪڍي مونکي نماز لاءِ ڏنو.

”سائين تڪليف ڇو ٿيندي، پاڻ ست ڇٽا آهيون. فنڪشن بعد ہہ يا ٽي ٻيا بہ ڪٽي اچن، تہ بہ ڏهہ ڇٽا ٿياسين. هن ڪمري ۾ هڪ دفعي رسول بخش پليجو آيو هو تہ تيرهن ڇٽا بہ ستا هئاسين ۽ شوڪت نظاماڻي تہ جڏهن بہ ٽنڊوقيصر کان ايندو آهي تہ منور جي دوستن کان علاوه شوڪت جا بہ اڌ درجن دوست سندس ڪچهري ٻڌڻ لاءِ اچي هتي ٽڪندا آهن.“ آئون چپ ٿي ويس. جپاني گهرن ۽ جهازن جي ننڍڙين ڪئبنن ۾ آئون بہ سالن جا سالَ رهيو آهيان، پر آسان انگي حساب موجب، ڪمري جي ڊيگهہ ضربيان ويڪر برابر ايراضي يا پڪيڙ ڪڍي، ان کي ٻارهن ۽ تيرهن ماڻهن سان ونڊ ڪري، اهو حساب لڳايم تہ منور جي هن فليٽ ۾ رهڻ بعد حج لاءِ روانو ٿيندڙ کي مديني ۾ تہ تڪليف نہ ٿيندي، پر مڪي جي رهائش بلڪ منيٰ جي تنبن ۾ سمهڻ جي جاءِ جيڪا ڇهہ فٽ باءِ اڍائي فٽ آهي، اها بہ ڪشادي ۽ فرحت واري محسوس ٿيندي، پر يارو جيئن چوندا آهن تہ ”گهر وڏي کان دل وڏي بهتر آهي.“ ڪنهن وٽ ڪٽي محل ماڙيون هجن، پر جي دل جو ڪنجوس آهي، تہ ان کان هي هزار ڀيرا بهتر آهي، جتي رهڻ لاءِ مالڪ قربان پيو ٿئي ۽ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نٿو ماپي. هونءَ تہ منور صاحب سندس ڪنهن دوست شاهد ٽالپر (جنهن جا ٻار حيدرآباد ويل هئا)، ان جو ٽن

ڪمرن وارو بنگلو اسان لاءِ هٿ ڪري رکيو هو پر ان جي شهر کان پري جي Location هجڻ ڪري، اتي رهڻ کان مون پهرين ڏينهن ئي منور سان ناڪار ڪري ڇڏيو هو. منور جي هن فليٽ جي ايڊريس مان مونکي نيوجرسيءَ ۾ ئي idea ٿي وئي هئي، تہ اها گهٽي ۽ هنڌ تہ ”نيشنل هال“ شهر جي مرڪز کي ائين ويجهو آهي، جيئن جبيس هوٽل يا يونائيٽيڊ هوٽل بوري بازار کان ۽ منهنجو هڪ جپاني دوست چوندو هو تہ يار الطاف ٽوڪيو گهمڻ لاءِ جيڪڏهن رهائش گنزا (شهر جو مرڪز جيئن ڪراچي جو صدر يا حيدرآباد جو حيدر چوڪ) جهڙي هنڌ تي ملي وڃي، پوءِ سمهڻ لاءِ ڪٽي ٽيبل جو خانو هجي تہ بہ بهتر. سو ههڙي هنڌ تي منور جو سينٽرلي ايئرڪنڊيشنڊ فليٽ حقيقت ۾ وڏي عياشي هو، جتان واشنگٽن گهمڻ لاءِ فقط بلڊنگ جي لفٽ ۾ هيٺ لهي مين گيٽ کان ٻاهر نڪرڻو پيو ٿي. منور جي هن فليٽ جي لوڪيشن ٽوڪيو جي گنزا کان بہ بهتر لڳي.

### واشنگٽن ۾ سنڌي شام

مٿي ٻڌائي چڪو آهيان تہ هن فليٽ کان واشنگٽن جو مشهور نيشنل مال سڌ پنڌ تي آهي. نيشنل مال هتي جو ڪو شاپنگ سينٽر ناهي، پر واڪ ڪرڻ لاءِ چِٻر جو موڪرو پٽو آهي، جيڪو ڪئپيٽال هل (Capital Hill) کان شروع ٿئي ٿو، تہ وڃيو پوٽومئڪ ندي سان لڳي. سندس هڪ پاسي Constitution ايوينيو آهي تہ ٻئي پاسي Independence ايوينيو. ڪئپيٽال هل وٽ U.S Capitol جي عمارت آهي، جنهن جو ذڪر ڪري چڪا آهيون، پر ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي لئبرري ”دي لئبرري آف ڪانگريس“ ۽ فولگر شيڪسپيئر لئبرري آهي. ان بعد ڏسڻ وٽان شيءِ ”بوٽانيڪل باغ“ آهن. ان سان لڳو لڳ آمريڪن انڊين ميوزيم ۽ نيشنل گيلري آهي. اهي جتي ختم ٿين ٿا، اتي ”Air & Space“ ميوزيم، هرش هارن ميوزيم، نئچرل هسٽري جو نئشنل ميوزيم ۽ سمٿوسن ڪئسل ۽ ميوزيم آهن. ان بعد واشنگٽن مانومينٽ آهي جيڪو ڇهہ سئو ڪن فٽ ڊگهو آهي ۽ پري پري تائين نظر اچي ٿو. ان بعد ٿورو واڪ ڪرڻ سان ٻي جنگ عظيم جو يادگار WWII Memorial آهي، جنهن بعد آخر ۾ پوٽومئڪ نديءَ جي ڪناري وٽ ”لنڪن ميموريل“ آهي.

پوٽو مئڪ ندي جي هن پاسي واري ڪناري تي ”ارلنگٽن ميموريل برج“ آهي، جتان ٽپي نديءَ جي ٻي پار Arlington وڃي سگهجي ٿو. ارلنگٽن جيتوڻيڪ واشنگٽن ڊي سي جي حد کان ٻاهر ورجينا رياست ۾ آهي، جيئن راولپنڊي اسان جي فيڊرل ڪئپيٽل اسلام آباد کان ٻاهر پنجاب صوبي ۾ آهي يا ڪوٽڙي جو شهر حيدرآباد ضلعي بدران دادو ضلعي (هاڻ ڄامشوري ضلعي) ۾ آهي، پر واشنگٽن ۾ زمين جي کوٽ ۽ ارلنگٽن جي ويجهڙائي ڪري فيڊرل حڪومت جون ڪجهہ شيون جيڪي واشنگٽن ۾ هجڻ کپن، درياهہ جي ٻئي پار ارلنگٽن ۾ آهن. پينٽاگون هائوس جنهن تي نائن اليون وارن هاءِ جئڪرن جهاز Crash ڪيو ۽

جتي اسان جي مرحوم دوست قاضي اظهر عباسي نوڪري ڪئي ٿي، اهو پڻ Arlington ۾ آهي. اهڙي طرح ارلنگٽن قومي قبرستان IWO JIMA يادگار، Cuslis_Lee مئنشن وغيره پڻ ارلنگٽن ۾ آهن. بهرحال واشنگٽن جون گهمڻ ڦرڻ جون سڀ اهم جايون منور جي فليٽ کان ويجهيون آهن. ڪيڏانهن پري وڃڻ لاءِ وري ٻه گهٽيون ڇڏي ٿيءَ ۾ L'Enfant سب وي ريلوي اسٽيشن آهي، جتان هتان جون تقريباً سڀ ڳاڙهيون، سونهريون، بلو سايون ۽ هيڊيون ريل گاڏيون لنگهن ٿيون يا پر واري جنڪشن اسٽيشن "ميٽرو سينٽر" سان ملائين ٿيون ۽ شهر ۾ هلندڙ سڀ بسون ته در وٽ ئي بيهن ٿيون.

آمريڪا جي ٻن ٽن شهرن مان واشنگٽن هڪ آهي جنهن ۾ سنگاپور، ڪوالالمپور، ٽوڪيو، لنڊن وانگر بس سروس آهي ... نه فقط آهي، پر تمام سٺو نظام آهي، نه ته سڄي آمريڪا ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لاءِ پنهنجي ڪار ڪيڏٽي پوي ٿي. گهر ۾ جيترا ڀاتي، گهٽ ۾ گهٽ اوترين ڪاريون هجڻ ضروري آهن، جو هر هڪ آفيس وڃڻ لاءِ، ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ لاءِ، دڪان يا هوٽل تي وڃڻ لاءِ، گهمڻ ڦرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي ڪار ڪيي ٿو.

آمريڪا جي مشهور عمارت وائيٽ هائوس، جنهن ۾ ملڪ جو صدر رهي ٿو ۽ سندس آفيسون آهن، اها پڻ منور جي فليٽ کان ڪار رستي ڏهن منٽن جي پنڌ تي آهي. مٿي واشنگٽن يادگار جي مناري بابت لکيو اٿم. وائيٽ هائوس هن monument جي بلڪل اتر پاسي پينسلوانيا ايوينيو تي آهي.

واشنگٽن پهچڻ واري پهرين ڏينهن شام جو ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ وارن مون سان شام ملهائڻ جو پروگرم رکيو هو جنهن جو احوال شروع ۾ لکي چڪو آهيان، ته ان ۾ ڪيترن اهڙن ڪلاس ميٽن، عزيزن ۽ دوستن سان ملاقات ٿي، جن سان مِلئي چاليهه کن سال ٿي ويا هئا، جهڙوڪ خالد هاشماڻي، عبدالعليم بروهي (جڳ جهان جو مامون جمون)، ڊاڪٽر الطاف ميمڻ گاجڻي، ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ، وائيس آف آمريڪا وارو مرتضيٰ سولنگي، حيدرآباد جي مشهور شخصيت خانبهادر محمد صديق ميمڻ صاحب جو فرزند عبدالنبي ميمڻ صاحب ۽ ٻين ڪيترن دوستن جا پٽ يا ڀاٽيجا، ڀائيٽا جن سان هتي پهريون ڀيرو ملاقات ٿي ... جهڙوڪ حيدرآباد جي مرحوم رفيق شيخ جو فرزند اعجاز شيخ، شوڪت جماڻي جي ڪزن جو پٽ عرفان جماڻي، علي رضا ميمڻ جو ڀاءُ ڊاڪٽر نواز ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي جن مان گهڻا اهي هئا، جيڪي واشنگٽن ۾ نٿا رهن، پر ورجينيا، ميريلئنڊ، پينسلوانيا، ڪينٽڪي، اوهيو وينڊي نيويارڪ کان کهي آيا هئا. منور لغاريءَ هر هڪ کي هٿ ٻڌي هن جا ٿورا وڏي واڪ پئي مڃيا، ان سان گڏ دل ئي دل ۾ آئون به سندن ٿورا مڃي رهيو هوس، جو ههڙي مشغول ملڪ ۾ پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، مون سان ملڻ ۽ منهنجا ٻه اکر ٻڌڻ لاءِ اچڻ نه فقط ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ لاءِ سندن عزت جو مظاهرو هو، پر مون لاءِ به سندن پيار هو، جنهن لاءِ آئون پڻ ٿورائتو هوس. هن دعوت ۾ آمريڪا جي (بلڪ يونائيٽيڊ نيشن جي) هڪ اهم شخصيت،

ائمبسڊر جان ڊبليو مئڪڊونالڊ کي پڻ مدعو ڪيو ويو هو، جنهن پنهنجي آرگنائيزيشن ـ جنهن جو پاڻ باني ۽ ڊائريڪٽر آهي ”دي انسٽيٽيوٽ آف ملٽي ٽرئڪ ڊپلوميسي“ جي ڪارڪردگين تي تقرير ڪرڻ کان علاوه پنهنجي نئين ڇپيل ڪتاب ”Multi Track Diplomacy“ بابت پڻ ٻڌايو.

## ائمبسڊر جان ڊبليو مئڪڊونالڊ ـ امن جو رکوالو

ائمبسڊر جان ڊبليو مئڪڊونالڊ هڪ مشهور وڪيل، ڪامياب ڊپلومئٽ، رٽائرڊ سرڪاري ڪامورو، ڊيولپمينٽ ايڪسپرٽ ۽ امن جو رکوالو آهي. سندس اهم ڪم دنيا جي سماجي، معاشي ۽ ethnic مسئلن کي ويچارڻ آهي. پاڻ پنهنجي زندگي جا ويهہ سالَ يورپ ۽ عرب دنيا ۾ گذاريائين ۽ سورهن سالَ يونائيٽيڊ نئشنس جي معاشي ۽ سماجي affairs سان وابستہ رهيو.

ائمبسڊر جان ڊبليو مئڪڊونالڊ  جارج واشنگٽن يونيورسٽي ۾ قانون جو پروفيسر ۽ جارج مئسن يونيورسٽي جو وزٽنگ پروفيسر بہ رهي چڪو آهي ۽ هينئر اتي جو صلاحڪار آهي. ان کان علاوه گرنيل ڪاليج ۾ پوليٽيڪل سائنس جو پروفيسر رهي چڪو آهي، هن جا اٺ کن ڪتابَ دنيا ۾ مشهور آهن، جن مان گهڻا ”Negotiation & Conflict Resolution“ مطابق آهن.

ائمبسڊر جان مئڪڊونالڊ جو انٽرنيشنل لئبر آرگنائيزيشن (ILO) جي ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ سئٽزرلينڊ بہ رهڻ ٿيو، جتي سندس واسطو 102 ملڪن سان هو ۽ سندس هٿ هيٺ 3200 کن ماڻهن ڪم ڪيو ٿي. پاڻ يونيورسٽي آف الِيانس جو گرئجوئيٽ آهي. صدر ريگن جي حڪومت ۾ بہ دفعا ۽ صدر جمي ڪارٽر جي ڏينهن ۾ بہ بہ دفعا يونائيٽيڊ نيشن جو سفير ٿي رهيو. تقريرن بعد مانيءَ جو دور هليو، جتي خالد هاشماڻي کي پاسي تي جهلي چيم تہ ائمبسڊر جان مئڪڊونالڊ جهڙن بين الاقوامي ماڻهن کي هي پاڻ وارو منور لغاري ڪٿان پڪڙي آيو آهي؟

خالد پنهنجو روايتي ٺهڪ ڏيندي چيو: ”بابا منور جي ڳالهہ ئي نہ پڇ. پاڻ سو سنهڙو آهي ۽ اسان سڀني جو خادم ٿيو پيو هلي، باقي سندس سڃاڻا ان ائمبسڊر جهڙا ڳرا ڳرا آهن. جيڪي منور کي پير و مرشد مڃين ٿا.“

هن دعوت ۾ بہ سئو کن ماڻهو ـ مرد توڙي عورتون، ديسي توڙي مڪاني، ريڊيو ٽي وي توڙي اخباري نمائندا هئا. ماني ورجينيا جي هڪ انڊين ريسٽورينٽ ”روي ڪباب هائوس“ تان گهرائي هئائون. هن پاسي جون پاڪستاني، بنگالي، نيپالي هوٽلون (انڊين هوٽلن سميت) انڊين سڏجن. ڪيترن جا نالا بہ انڊيا اسٽائيل تي رکيا وڃن ٿا. روي ڪباب هائوس هڪ پاڪستاني مسلمان عبدالنور جي ريسٽورينٽ آهي جنهن کي اقبال بہ سڏين.

هيءَ ريسٽورينٽ N305 گائيبي روڊ تي ارلنگٽن ۾ آهي. هن جي مالڪ جو ساڳي شهر ارلنگٽن جي ولسن بليوارڊ تي حلال گوشت جو دڪان HALAL MEAT CENTRE نالي پڻ آهي.

مانيءَ ۾ ڪيٽرن ڊشن کان علاوه نان ۽ پيزن جو پلاءُ پڻ هو. ٻه ڪن ڊش عليم بروهي پنهنجي طرفان ٻه ٺهرائي ڪٽي آيو هو ته مٿان ماني ڪٽي نه پوي. سڀني جي کائڻ بعد به ڪافي ماني بچي پيئي ۽ جيڪي فيملين بنا واشنگٽن ۾ رهيل هئا، انهن کي گهر کڻي وڃڻ لاءِ ڇيو ويو. عليم بروهي منور جي فليٽ تي ڇڏڻ وقت اسان کي به هڪ هڪ ڊش کڻڻ لاءِ چيو ۽ ان گاڏيءَ ۾ وينئل رميش ٿارواڻيءَ، نجم ميمڻ ۽ آئون پنهنجي پنهنجي پسند جو هڪ پريل ٻوڙ جو ٿري کڻي فليٽ تي آياسين.

ماني بعد منور لغاريءَ ائمبسڊر صاحب کي سنڌي ٽوپي ڏني ۽ اجرڪ مئڪڊونالڊ جي زالَ جي ڳچيءَ ۾ وڌي. بعد ۾ مونکي مليل ٽوپي لاءِ مون منور کي ڏاڍو چيو ته هو اها واپس وٺي، جيئن هن کي هتي جي ڪنهن ماٺهوءَ کي ڏيڻ ۾ ڪم اچي ويندي، آئون ته ڳوٺان ٻه وڃي وٺي سگهان ٿو ... پر هن نه مڃيو. نجم ميمڻ منهنجي ڳالهه کي زور نه وٺرايو ۽ مونکي اها تحفي طور هتي جي ياد خاطر رکڻ لاءِ چيو. ”سائين توهان فڪر ٿي نه ڪريو“ نجم پنهنجي راز واري انداز ۾ مونکي سمجهايو (اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس هر ڳالهه ڇڻ راز جي ڳالهه هجي) ”منور وٽ اهڙيون ٽوپيون ۽ اجرڪون جام پيون آهن. شوڪت نظاماڻي جڏهن به ايندو آهي ته ڍير آٽي ڏيندو اٿس ۽ اجهو هاڻ وري ايندڙ مهيني اچڻو آهي.“

## سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ هيءَ ڇوڪري ڪير آهي

واشنگٽن جو هي هال جنهن ۾ هي فنڪشن ٿيو هو، ان جي ڪنڊ ۾ ٻه ٽيبل لڳائي منهنجي ڪتابن جي نمائش ڪئي هئائون. سڀ ڪتاب ته نه هئا، پر چاليهارو کن هوندا. خالد هاشماني جيڪو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ مون سان گڏ هو تنهن مونکي سندس گهر هلي رهڻ لاءِ چيو.

”منور سان ايڏو فري نه آهيان“ مون ڪيس ٻڌايو، ”پر آئون اتي رهڻ ۾ وڌيڪ Comfortable محسوس ڪندس ۽ اهو هنڌ شهر جي وچ ۾ آهي. اڪيلي سر واڪ ڪري پيو هيڏانهن هوڏانهن ويندس.“

ساڳي وقت ماما جمون پڻ پنهنجي گهر هلي رهڻ لاءِ چيو، جو هو اڪيلو رهي ٿو (نه شادي ڪيائين نه فئملي اٿس)، پر هو پڻ خالد هاشماڻي وانگر درياهه جي هن پار يعني واشنگٽن بدران ورجينيا ۾ رهي ٿو. هڪ واري دل ۾ آيو ته منور جي فليٽ تان ٽيلهو ڪٽي خالد هاشماڻي يا عليم بروهي وٽ هليو هلان، جو اهو فڪر هيم ته منور وٽ مهمان جو گهڻو لوڊ هجڻ ڪري، بلڪ مهمانن جي لوڊ لٽل ڪري، ڪيس تڪليف نه ٿئي، پر پوءِ اهو سوچي

منور وٽ رهڻ جو فيصلو ڪيم تہ جي اهڙي ڳالهہ محسوس ڪيم تہ رميش ٿارواڻيءَ سان نيو جرسي موٽي ويندس، جو ٿوري دير اڳ هو مونکي ٻڌائي چڪو هو، تہ هو وڏيڪ ٻہ ڏينهن رهڻ بدران سڀاڻي صبح جو ئي واپس وڃي رهيو آهي.

فنڪشن جي ختم ٿيڻ ۽ مهمانن کان موڪلائڻ وقت مون خالد هاشماڻي کي پاسي تي ڪري آهستي چيو: ”يار آئون رهان سو منور وٽ ٿو، پر هن غريب وٽ مونکي تہ ڪي وهاڻا چادرون بہ نظر نہ پيئي آيا. مهمانن جي بہ لڏ لٿل اٿس. تون گهر وڃي ڪو وهاڻو چادر موڪل.“

”چٽين، آئون هتان منور کي پاڻ سان وٺي ٿو هلان، توهان ماما جمون سان فليٽ تي هلو.“

هتي اهو لکڻ رهجي ويو تہ واشنگٽن جي هن سنڌي شام ۾ مدعو ٿيل ائمبسڊر جان مئڪڊونالڊ پنهنجي تقرير ۾ ڪشمير جي مسئلي ۽ سنڌ ۾ پاڻي جي اڻاٺ تي پڻ ڳالهايو ۽ پنهنجو تجربو ٻڌائيندو رهيو ۽ پاڻي ۽ Sanitation بابت UN طرفان 1981ع کان شروع ٿيل ڏهہ سالہ پروگرام کي سپورٽ ڪندو رهيو. هن فنڪشن ۾ مڪاني صحافين کان علاوه VOA طرفان مرتضيٰ سيال ۽ نفيسہ هود ڀائي بہ هئي. هڪ آمريڪا مان نڪرندڙ پنجاب جي اخبار جو نمائندو منظور اعجاز، پاڪستاني ويڪلي جو خواجہ اشرف، سيد اديب، اعجاز سعيد ۽ ٻيا بہ ڪجهہ آمريڪا مان نڪرندڙ اردو اخبارن جا نمائندا هئا، جن مان ڪجهہ سوالہ جواب واري سيشن ۾ جڏهن ائمبسڊر سنڌ ۾ پاڻيءَ جي مسئلي ۽ حقن جي ڳالهہ ڪري رهيو هو تہ هنن هن کي ان عنوان تان هٽائي detract ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا ڳالهہ سڀني محسوس ڪئي. هو سنڌ جي سمورن سورن جو الزام ذوالفقار علي ڀٽو جي کاتي ۾ وجهڻ لڳا، جنهن جو جواب جن تواريخي facts ۽ دليلن سان ڪئناڊا کان آيل حميرا رحمان سٺي انگريزي ۽ رعبدار لهجي ۾ ڏنو، تنهن سڀني کي چپ ڪرائي ڇڏي، تہ هيءَ ننڍي عمر ۽ هلڪي ڦلڪي جسم جي ڇوڪري ڪير آهي.

## حميرا رحمان بابت ٻہ اکر

حميرا رحمان لاءِ شروع ۾ بہ لکي آيو آهيان تہ سنڌ جي مشهور شخصيت حسن علي عبدالرحمان جي ڏيءَ ۽ نجمہ رحمان ۽ غزالا رحمان جي ڀيڻ آهي. شيري رحمان پڻ سندن ڀيڻ آهي، پر ٻي ماءُ صبيحہ مان. صبيحہ جو اصل ڳوٺ ڪانپور هو، جتان هوءَ 1947ع ۾ ڪراچيءَ لڏي آئي هئي. سندس پيءُ حسن علي عبدالرحمان وٽ ليگل اسسٽنٽ ٿي ڪم ڪيو ٿي. صبيحہ ايس ايم لا ڪاليج ۾ شام وارن ڪلاسن ۾ داخلا ورتي هئي، جتي حميرا جو والد پرنسپال هو ۽ ساڳي آئيني قانون جو پروفيسر پڻ هو. حميرا جي ماءُ صغرا شيخ ڀاونداس آڏواڻيءَ جي ڏيءَ هئي، جيڪو مسلمان ٿيو هو ۽ پنهنجو نالو غلام محمد شيخ

رکيائين. حميرا جي ناني ذواليخا مسلمان پيدا ٿي، پر هن جا وڏا جيڪي مسلمان ٿيا هئا، اهي ڪرپلاڻي هئا. حميرا جي ناني پونداس آڏواڻي (غلام محمد شيخ) جي زال ۽ ڊاڪٽر شمس الدين شيخ جي زالَ غلام فاطمہ (جنهن جي memories جو سنڌي ڪتاب "شيخاڻيءَ جي ڊائري" آهي) پيٽيون ٿين. ڊاڪٽر شمس الدين جو والد پڻ آڏواڻي هو ۽ سنڌس نالو گرمکداس هو.

ڊاڪٽر شمس الدين شيخ کي غلام فاطمہ مان ٻہ پٽ ۽ پنج ڌيئون ٿيون. پٽن ۾ وڏو پٽ ڊاڪٽر ضياء الدين شيخ هو، جنهن جو هڪ پٽ سراج شيخ اسان جو پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج ۾ ڪلاس ميٽ هو ۽ هاڻ سئي گٽس ڪاتي مان رٽائرڊ ٿيو آهي. ٻيو پٽ نجم شيخ فارين سيڪريٽري آهي ۽ هتي واشنگٽن ۾ پاڪستان جو سفير بہ ٿي رهيو ۽ ٻيا ٻار ڊاڪٽر نظام، ڊاڪٽر عذرا، ڊاڪٽر اعجاز وغيره آهن.

ڊاڪٽر شمس الدين شيخ جو ٻيو پٽ سعيد شيخ هو. ڌيئن ۾ هڪ مريم هئي، جنهن جي شادي عبدالله آخوند سان ٿي، جنهن جو اولاد: اقبال آخوند، ڊاڪٽر فيروز آخوند، رشيده، حميده ۽ خورشيد جن آهن. ٻي ڌيءَ عائشہ شيخ، ٽي ڌيءَ بيگم خديجہ دائودپوٽو، چوٿين آمنہ ۽ پنجين خورشيد آهي.

حميرا رحمان ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ ڪئناڊا برانچ جي ڊائريڪٽر آهي، پاڻ يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا (برڪلي) جي گرئجوئيٽ پڻ آهي ۽ اڄڪلهہ ٽورنٽو يارڪ يونيورسٽيءَ مان پوسٽ گرئجوئيشن پئي ڪري. ساڳي وقت پاڻ آرڪيٽيڪٽ انجنيئر پڻ آهي.

## پليجي صاحب جي رلهي ۽ شوڪت نظاماڻيءَ جي اجرڪ

اسان منور جي فليٽ تي پهتاسين تہ رات جا ڏهہ ٿي چڪا هُئا. اسان کان علاوه پينسلوانيا کان آيل بہ ٻيا مهمان بہ اچي چُڪا هُئا. ايتري ۾ منور لغاري بہ اچي پهتو. پهرين ۽ پوءِ آيل مهمانن مان هر هڪ کان هو معافيون وٺندو رهيو تہ يارَ تڪليف معاف ڪجو. ڪجهہ ڪائينداٿو، ڪجهہ پيئنداٿو. هو خالد هاشماڻي وٽ وڃي هنڌ بسترا ڪٽي اچڻ بدران فنڪشن واري هالَ مان ئي هٿين خالي سڌو اچي نڪتو هو. ساٽس گڏ هن فليٽ ۾ رهندڙ نجم ميمڻ، مهمانن کي پاڻي يا ڪوڪا ڪولا پيارڻ بعد سمهارڻ جو بندوبست ڪرڻ لڳو. مونکي چيف گيسٽ جو مان ڏيندي ڪمري ۾ موجود لوڻ ۽ ڪارين مرين جهڙي رنگ جي اڪيلي صوفا تي سمهڻ لاءِ آفر ڏني وئي. آئون ان Back Breaker صوفا تي اچڻ وقت ويهي چڪو هوس سو ان ڪان پري پڃڻ تي چاهيو. نجم کي چيم تہ آئون پٽ تي ئي سمهندس.

"ڪهڙي ڪنڊ ۾؟ جيئن اتي توهان لاءِ بستر لڳايان." هن پڇيو. اها هڪ عام چوٽي آهي تہ، "انڌي! جهڙي پيڪي تهڙي ساهري". سو هن ڪمري جي چا ڪنڊ چا وچ. جڏهن

سڀ ستاسين تہ منور جو ڪمرو ماچيس جي دٻيءَ جي ياد ڏياري رهيو هو جنهن ۾ اسان سڀ ماچيس جي تيلين وانگر متو هڪ طرف تہ پير ٻئي طرف ڪري سٽل هجڻ بدران سارڊين مڇين وانگر ڪنهنجو ڪنڌ هڪ طرف هو تہ ڪنهن جا پير ٻئي طرف. مون رڳو اهو خيال ڪيو تہ پير اوپر طرف نہ تين، جو ان پاسي هتان USA کان ڪعبة الله شريف آهي.

باٿ روم جي در وٽ جيڪا ڊگهي آرسي لڳل هئي، ان کي لاهڻ سان ان آرسيءَ جيڏو دروازي جو طاق هو، جيڪو کولڻ سان اندر غار نما هڪ ڇُر هُئي، جنهن ۾ پانت پانت جا وهاڻا، چادرون، رلهيون، ڦاٽل ۽ سڄيون اجرڪون رکيل هيون، جيڪي نجم ۽ منور ويا ڪيندا ۽ اسانجي حوالي ڪندا.

”ادا اڇي هيءَ رلهي.“ هڪ ٽڪ جي ڪم واري رلهي منهنجي حوالي ڪندي نجم چيو، ”هيءَ ٽي سالَ اڳ ممتاز ڀٽو هتي آيو هو تہ ڏيئي ويو هو.“

”فلاڻا اڇي هيءَ چادر ۽ وهاڻا. رميش توکي ڇا ڏيان؟“

”تون پهرين ٻين کي ڏي.“ رميش منور کي چيو، ”پوءِ مونکي رسول بخش پليجي واري رلهي ڏجانءِ يا شوڪت نظاماڻي واري اجرڪ.“

ٺهيو هاڻ مون سمجهيو تہ منور ڇو هتين خالي موٽي آيو. هن کي جڏهن خالد هاشماڻي سندس گهر هلي  چادرون وهاڻا ڪڍڻ لاءِ چيو هوندو، تہ هن ٻڌايو هوندس تہ هن نئين آيل مهمان ”الطاف“ کي خبر ناهي، اهي شيون جام آهن ۽ واقعي اهي هنڌ بسترا جام هئا. سيني کي ملڻ بعد بہ ٻچي پيا ۽ ساڳي وقت اها بہ خبر پئجي ويئي تہ هتي کهڙا کهڙا مهمان رهي ويا آهن. هڪ زاهد مخدوم جي چادر بہ هئي، جيڪا هو ڪئناڊا کان هتي رهڻ آيو هو، تہ ڇڏي ويو هو. ان جو وچ سڙيل هو، جنهن لاءِ نجم ٻڌايو تہ سنڌ کان فلاڻو شاعر آيو هو تہ سگريٽ پيئندي جهوٽو اچي ويو هوس ۽ ساڙي وڌائين.

منور مهمانن حوالي هنڌ بسترا ڪري هڪ دفعو وري معافين ۽ معذرتن جون تسبيحون پڙهي روانو ٿيو، جو اڄ کان ٽي راتيون ضمير جي قيدين جو وائيٽ هائوس اڳيان ڌرڻو هو، جنهن ۾ هن کي بہ تقرير ڪرڻي هئي. پاڻ ٻڌائين تہ هو صبح جو ايندو يا رات جو ٻي بجي ڌاري. مون ڏٺو تہ پشاور کان آيل ٻن نوجوانن کان علاوه باقي سڀ مهمان پُرسڪون ۽ Composed نظر اچي رهيا هئا. جنهن مان لڳو تہ انهن ٻن کان علاوه باقي هتي جا ”عادي مهمانَ“ آهن. پشاور وارا ٻہ نوجوان جيڪي آمريڪا جي ”مسوري“ رياست جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ تعليم لاءِ آيل هئا ۽ PIA ذريعي هتي واشنگٽن ۾ اچڻ بعد صبح جو نائين بجي مسوري وڃڻو هون، سي ولي خان جي پٽ اسفنديار جو منور لاءِ خط کڻي آيا هئا، جيئن ڪين باقي وقت پاڻ وٽ رهائي، صبح جي فلائيٽ ۾ يونيورسٽي روانو ڪري.

سمهڻ لاءِ اجان چادرون وڇائي رهيا هئاسين تہ سڀ کان اڳ رميش چشمو لاهي ليٽي پيو. هن کي پجامو يا سليپنگ سوٽ پائڻ جي بہ ضرورت نہ هئي. هو گهران نيوجرسي

کان چڊي ۽ ٽي شرٽ پائي نڪتو هو، تہ فنڪشن ۾ بہ انهن ڪپڙن ۾ پئي هليو ۽ هاڻ انهن ۾ ئي ليٽي پيو. ليٽڻ سان وڏي واڪ چيائين:

”چڱو سائين هاڻ گڊ نائيٽ، آئون سمهان ٿو.“ ۽ اجا ہ منٽ بہ نہ گذريا تہ رميش جا کونگھارا شروع ٿي ويا. مٿان ہ ہ ٽيوب لائيٽون ٻري رهيون هيون، چوڌاري اسانجي ڳالهائڻ جا آواز هُئا، پر هي همراهہ گهاٽي ننڊ ۾ خوابن جي دنيا ۾ هليو ويو.

”عجيب ماڻهو آهي رميش!“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو، ”حق تي هي صبح جو بہ سوير اٿيو وڃي، جو هن کي پنهنجي ننڊ ۽ سجاڳيءَ تي مڪمل ڪنٽرول آهي.“

رميش ٻارواٽي سان نيو جرسي کان واشنگٽن ايندي وقت هن ٻڌايو تہ هو صبح جو سوير سج اڀرڻ کان اڳ اٿي ٿو. ”ڪجھ دير واڪ ڪرڻ بعد ڪلاڪ کن پنهنجي پسند جا ڪتاب پڙهندو آهيان، دوستن کي خط لکندو آهيان. بهرحال اهو ڪلاڪ منهنجو پنهنجي ذاتي ڪمن جو هوندو آهي، جيڪو آئون سڀ کان گهڻو enjoy ڪندو آهيان.“ هن ٻڌايو هو ۽ هاڻ سوچيان پيو تہ رميش جيڪو سوير ئي سمهيو رهي ۽ جيڪو وقت هو سمهي ٿو اهو گهاٽي ننڊ ڪري ٿو، سو صبح جو نہ فقط آرام سان سوير ئي اٿي سگهندو هوندو پر پاڻ کي fresh بہ محسوس ڪندو هوندو.

## هتي هر شيءِ اوڊر تي ورتل آهي

نجم هڪ دفعو مهمانن کان مانيءَ لاءِ وري پڇيو تہ ڪو ڪجھ ڪائڻ چاهي يا ڪير پيئڻ چاهي تہ ڪچن ۾ آهي. هن مونکي خاص طور چيو جو فنڪشن ۾ ماني کائڻ بدران آئون ماڻهن سان ڳالهائيندو رهيو هوس. آئون ٽپ ڏيئي اٿيس، هڪ پليٽ کڻي هڪ ٻريل tray مان پالڪ ۾ رڌل گوشت ڪڍي، ڊبل روٽيءَ سان کاڌم. نجم کي چيم هي اسان سڀ مڇين وانگر ڪمرو ڀري سمهي رهيا آهيون. صوفو بہ ڀرجي ويو، منور ڪٿي اچي سمهندو؟“

”سائين ان جو فڪر ئي نہ ڪريو.“ نجم چيو، ”هو هن گهٽيءَ ۾ پڪڙيل بوٽ ڪبٽ ۾ وڃي اتي ئي سمهي رهندو.“

”يار تنهنجو منور بہ عجيب ماڻهو آهي.“ مون چيو.

”صفا مولائي مڙس آهي.“ نجم ٻڌايو ، ”نہ اتس هٿ وڏائي ۽ نہ ٽيڙي ... نہ کاڌي پيتي جو شوق، نہ لٽي ڪپڙي جو احساس. جينز جي پتلون پائي سڄو ڏينهن ڏتڙيل ماڻهن جي حقن لاءِ ڊوڙندو وتي.“

مانيءَ بعد نجم کي چيم تہ پلاسٽڪ جون ٿيلهيون کڻ تہ هنن ٻوڙن جا حصا ڪري ٿيلهين ۾ وجهي Freeze ڪري رکون، جيئن پوءِ جڏهن کپي ٿيلهيءَ کي اوون ۾ گرم ڪري کائي سگهجي. اسان پنج ٿيلهيون پالڪ گوشت جون ۽ پنج ٿيلهيون ڪڪڙ جي ٻوڙ جون

ٺاهي فريز ۾ رکيون. ٽيون ٽري جيڪو ساوَن پنن ۽ سلاد سان ڀريل هو ان لاءِ نجم کان پڇيم تہ هي تو ڪنيو يا رميش.

”يار تڪڙ ۾ اهو ڪٽي مون ڪنيو.“ نجم ڪلندي چيو.

”شاباس هجنئي! ماٺهو آهين يا رنگيلو؟“ مون چيومانس، ”ان کان تہ قيمتي ڪوابن جو tray ڪٽين ها تہ هڪ ٻيو هفتو ٻاهر هوٽلن ۾ هلي کائڻ يا رڌ پچاءُ کان بچي وڃون ها.“

بهرحال ڪجهہ دير ڪچن ۾ اهي ۽ ڳوٺَ جون ڳالهيون ڪري اسان بہ اچي سمهي پياسين. صبح جو اٺين بجي نيرن تي منور بہ اچي حاضر ٿيو. پشاور وارا همراهہ پنجين بجي ئي ايئرپورٽ تي روانا ٿي چڪا هئا، ڪين نجم ٽيڪسي گهرائي ڏني ۽ هيٺ تائين ڇڏي آيو. عمر شيخ ۽ عباسي صاحب جن بنا نيران ڪرڻ جي سوير ئي پنهنجي شهر ڪئرولينا لاءِ نڪري ويا، جو ڪين آفيس وقت تي پهچڻو هو. باقي بچيلن چانهہ ۽ بيضا ٺاهي ڊبل روٽي ۽ جيم سان ويهي نيرن ڪئي. ان بعد رميش مختلف خانن مان ڪجهہ ڪتاب چونڊي منور کان پڙهڻ جي اجازت وٺي، نيوجرسي روانو ٿيو.

”ياد ڪري ڪتاب واپس ڪجانءِ.“ منور تاڪيد ڪيس.

”ڏس! اڄ ڏينهن تائين مون تنهنجو ڪو ڪتاب هيٺ مٿي ڪيو آهي؟“ رميش وراڻيو.

رات جي آيل مهمانن مان هڪ هڪ ٿي فليٽ خالي ڪندو ويو ... رهجي ويو فليٽ جو مالڪ منور، اسان جو ڳوٺائي نجم ۽ منهنجو سر. منور لغاري لاءِ فليٽ جو مالڪ لکيو اٿم. جنهن لاءِ هن کي بہ اعتراض آهي ۽ ڪنهن حد تائين حقيقت بہ آهي. هتي جي سسٽم موجب هن بئنڪ مان قرض ڪٽي هي غريباٺو هڪ ڪمري جو فليٽ ورتو آهي، جيڪو وري بئنڪ وٽ گروي (mortgage) ٿيل آهي، يعني فليٽ جا ڪاغذ پٽ ۽ مالڪي حقن جا دستاويز بئنڪ حوالي آهن، جنهن کي هو گذريل ڪيترن ئي سالن کان بئنڪ جي في (وياج، چارجز ـ جيڪي بہ سمجهيو) سان گڏ هر مهيني هِتان هَتان پئسا بچايو قسط طور ڏيندو اچي، جيڪو سلسلو اڃا خبر ناهي ڪيترا سال هوندو ۽ پوءِ بئنڪ جي حساب سان جڏهن فل Payment ٿيندي تہ پوءِ بئنڪ وارا هن فليٽ جا ڪاغذ منور صاحب جي حوالي ڪندا ۽ منور صاحب هن ويهہ باءِ سورهن فوٽ فليٽ (جنهن ۾ ڪچن ۽ باٿ روم بہ اچي وڃي ٿو) جو مالڪ ٿيندو. بقول منور جي تہ جي مسواڙ تي فليٽ ٿو وٺان تہ ان جي مسواڙ بہ هن جي قسط جي اڌ کان مٿي ٿي ٿئي ۽ ٻي ڳالهہ تہ اها مسواڙ هر سال وڌندي رهي ٿي. ان کان هن ريٽ فليٽ وٺڻ اسان لاءِ بهتر آهي. حقيقت اها آهي تہ نہ فقط منور پر اسان جا ٻيا ايشيائي يارَ دوست بہ ان ريٽ وقت پيا گذارين. ڪين ننڍا فليٽ توڙي وڏا بنگلا ضرور آهن، پر سڀ بئنڪن ۽ اوڌر ڏيندڙ ڪمپنين وٽ گروي ٿيل آهن ۽ هو سالن کان قسطون ڏيندا اچن ۽ اهڙي طرح هنن جون سواريون ـ ڪارون آهن. ڪيترا تہ اسانجا ديسي توڙي هتي جا مڪاني گورا ۽ ڪارا ٻارن جي ضد ڪرڻ تي يا پاڙي ۾ پنهنجو منهن مٿانهون ڪرڻ لاءِ ”Visit now pay later“ جي

اصول تي مختلف ٽريول ايجنسين ڪان سفر جي ٽڪيٽ ۽ ٻيو خرچ وٺي ٻارن سان گڏ ٻئي شهر يا ملڪ ۾ ”ھاليڊيز“ ملھايو اچن ۽ پوءِ پيا ڪيترا سال ان جون قسطون ڀرين. بقول نواب شاھہ جي ڊاڪٽر ڏاھريءَ جي فرزند مقبول ڏاھري جي، جيڪو ٻارھن سالن کان ھتي آھي:
”سائين قرض کان آجا ٿيون تہ بچت بہ ڪريون. ٻہ ٻہ نوڪريون ڪريون ٿا، پر سڄو پگھار گھر ۽ گاڏي جي قسطن ڀرڻ ۾ ٿو وڃي ... ٻارن جي اسڪول ۽ ميڊيڪل انشورنس ڀريان ... پاڻي ۽ لائيٽ جي بلن ڀريان ... ٽئڪسن ۽ گاڏي جي پيٽرول ڀريان خرچ ٿيو وڃي.“

## منور جي ڪار جيڪا سندس ملڪيت آھي

منور خوش آھي تہ گھٽ ۾ گھٽ ڪيس ڪار جي قسط نٿي ڏيڻي پوي ... اھا سندس پراپرٽي آھي. پر غريب وٽ ڪار اھڙي آھي جو جتي ٿو پارڪ ڪري، اتي ھن شھر جي ميونسپالٽي وارا شڪ ٿا ڪن تہ ان کي عاق/لادعويٰ ڪري تہ نہ ڇڏيو وڃي ۽ ميونسپالٽي وارن کي ان کي ڇڪرائي شھر کان ٻاھر ڪنھن اسڪرئپ يارڊ ۾ ڦٽو ڪرڻ تي خرچ ڪرڻو پوي. منھنجي خيالَ ۾ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ۽ مھانگي ۾ مھانگي شھر واشنگٽن ۾ سڀ کان جھوني، گنل ۽ unmaintained ٿيل، ۽ ٿوڙھن ٽائرن واري ڪار اسانجي منور جي آھي. اڳتي ھلي ھڪ رات ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ وارن ھتي جي ھڪ ڪانگريس مئن ٽام ٽارنيڊو کي ھڪ انڊين ھوٽل ۾ دعوت ڏني. واپسيءَ ۾ حميرا رحمان ۽ آئون منور سان گڏ موٽياسين پئي تہ ھڪ ھنڌ سندس ڪار جو ٽائر پنڪچر ٿي ويو. پاسي تي بيھاري پنڪچر ٿيل ٽائر کولڻ ٿي چاھيوسين، پر خبر پيئي تہ ان ڪار جي ڊڪيءَ ۾ جئڪ ۽ پانو بہ ناھي. رات جا ٻارھن ٿي ويا ھئا، ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ڪار واشنگٽن جي رستي تان پئي لنگھي. آخر ھڪ ڪار ڊرائيور ڪار روڪي اسانجي مدد ڪئي ۽ پنھنجو جئڪ ڏنائين، پر ڏٺوسين تہ ڊڪيءَ ۾ پيل ٽائر ۾ ھوا ئي نہ ھئي. مجبوراً ھن کي جئڪ واپس ڪري انشورنس ڪمپنيءَ کي فون ڪيوسين. اڌ ڪلاڪ کن بعد ان جي مڪينڪ اچي پنھنجي portable پمپ ذريعي پنڪچر ٿيل ٽائر ۾ ھوا ڀري، اسان کي ان جي قابل ڪيو تہ اسين ميل کن اڳيان independence ايونيو واري پيٽرول پمپ تان وڃي پنڪچر صحيح ڪرايون. جيئن تيئن ڪري اتي پھتاسين. حميرا چيس تہ چڱو جو ھاڻ پنڪچر ٿي آھي ۽ ان وقت نہ ٿي جنھن وقت آمريڪن ڪانگريس مئن ٽام ٽانڪريڊو کي گھر ڇڏڻ پئي وئين.

پر ان ۾ منور جو بہ ڏوھہ نہ ھو. ھن گھڻو ئي ٽاريو پر ٽانڪريڊو منور کي ئي چيو تہ، ڪيس گھر تائين ڇڏي اچي.

“Mr Munawar it is nice to pass a few more minutes with you.”

ٽانڪريڊو ماني دوران منور سان ڪچھري ڪرڻ باوجود ھن جي ڪمپني چاھي ٿي. ٽان ڪريڊو جيڪو USA ڪانگريس جو ڪولوراڊو رياست کان چونڊجي آيل نمائندو آھي،

سو اچ ڪلهه واشنگٽن ۾ ٿي آهي ۽ سنڌس پسند موجب هوٽل ۾ سنڌس دعوت ڪئي وئي هئي، جتي هو واڪ ڪري پهتو هو ۽ هاڻ واپس وڃڻ لاءِ منور کي چيو هئائين. پر چڱو جو خيرن سان هن کي گهر ڇڏي منور ان ريسٽورينٽ موٽيو ۽ مانيءَ جا بل چڪتو ڪري (جيڪي اسانجي ڳوٺائي ڊاڪٽر الطاف ميمڻ ڏنا) هاڻ هرڪو پنهنجي گهر روانو ٿي رهيو هو تہ منور جي ڪار رستي تي پنڪچر ٿي پئي.

”منور توکي ڪار کا چگيڙي وٺڻي پوندي.“ حميرا کيس صلاح ڏني. ”هن ۾ تون ماٺهو ٿو ڪلائين.“

حميرا کي مون ڪاليج جي ڏينهن جي ڳالهہ ٻڌائي، تہ اسان سان گڏجي توهانجو ٽورنٽو (ڪئناڊا) ۾ رهندڙ زاهد مخدوم جو وڏو ڀاءُ خالد حسين مخدوم پڙهندو هو، جيڪو پئسي ڏوڪڙ يا ڪپڙي لٽي جي معاملي ڪري غريب هو، جو سنڌس والد صاحب جسٽس مخدوم عبدلوالي صاحب انهن گادي نشين  پيرن مان آهي، جنهن پيريءَ جي پڳ ڇڏي، تعليم حاصل ڪري، نہ فقط جج ٿيو، پر پنج وقت نمازي ۽ بيحد ايماندار جج  ٿي گذاريائين. سڪي پگهار مان جهڙي دال روٽي کائي پاڻ گذر ڪندو هو تهڙو سنڌس اولاد کي رکيائين، پر سنڌس پگهار مان ٻارن جي اسڪول جون فيون ۽ تعليم جو پورائو ڪندو رهيو.

ڀين ڀائرن وانگر خالد مخدوم بہ جهڙو پڙهائيءَ ۾ هوشيار هو تهڙو عام معلومات ۾ جهجهي مطالعي ۽ معلومات رکڻ وارو، چرچائي ۽ تمام سٺو راڳي (Singer) بہ هو. هر هڪ هن سان دوستي رکڻ چاهيندو هو. فرسٽ ييئر ۾ پهتاسين تہ ڪراچي جي ڪن وڏن ڪارخانيدارن ۽ آفيسرن جا ٻار اسان جي ڪاليج ۾ داخل ٿيا، جيڪي وڏين ڪارين ۾ پيٽارو ايندا هئا ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي لئہ جي لباڙ هٽندا هئا تہ هو هيئن پنهنجي ڪارن ۾ صدر ۽ سمنڊ جي  ڪناري تي وڃن ٿا تہ اتي جون ڇوڪريون هنن تي اکن چڪن ٿين ٿيون. هڪ ڏينهن ڪلاس ۾ خالد مخدوم پنهنجي چرچائي اسٽائيل ۾ کين چيو: ”پيٽا ترسو! رڳو خالد مخدوم کي ڪراچي اچڻ ڏيو پوءِ توهان پلي مرسيڊيز ڪار ۾ هلجو خالد مخدوم گڏهہ گاڏيءَ ۾، تہ بہ ڇوڪريون لفٽ ڏينديون تہ خالد مخدوم کي.......“ سڀ ڏاڍا کليا هئاسين ۽ سنڌس اهو جملو نہ فقط اسان جي ڪلاس جي پر ڀين کي بہ جن کي ٻڌايوسين، اڄ بہ ياد آهي ۽ جڏهن بہ خالد نظر ايندو آهي تہ چوندا آهيونس ”واهہ ڙي واهہ خالد! لفٽ ملي گي تو خالد مخدوم کو چاهي وهہ گدها گاڙي ۾ هو“، سو حميرا اسان سڀ ڪٽي وڏين گاڏين ۽ وڏن بنگلن ۾ رهندا هجون، اوچا ڪپڙا پهري تيل ڦُليل ۽ فيشن ڪندا هجون، ٿان ڪريڊو جهڙو طاقتور ڪانگريس مئن جيڪو سمجهہ تہ هتي جو ولي خان يا قاضي حسين آهي، اهو بہ لفٽ ڪرائي ٿو تہ منور لغاريءَ جي طفيل. پاڻ واري هن سنهڙي سڪل منور وٽ ڪٽي پيگل ڪار ۽ هڪ ڪمري جو فليٽ آهي، جتي کيس سمهڻ لاءِ اها جاءِ ملي ٿي جتي پاڻ جيتون لاهي رکون ٿا، پر برما جي ’آنگ سان سُو‘ کان وٺي سائوٿ آفريڪا جو ’منڊيلا نيلسن‘، ۽

ايسٽ ٽيمور جو ’جوزي راموسا هورتا‘ کان وٺي روڊيشيا جو ’ڊيسيمنڊ ٽوٽو‘، هن کي ئي سڃاڻن ٿا ۽ هن سان ئي اچيو ملن. سنڌ کان شمشير، امير جليل، روبينا قريشي يا انڊيا کان ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ دبئي کان مورج مگهناڻي اچن ٿا ته اهي به منور سان ئي ملڻ اچن ٿا ... جنهن جي طفيل اسان به هنن سان ملون ٿا. يا جلال شاهه، نور الدين سرڪي، دود مهيري هجي يا آمريڪا جو ڊاڪٽر سالز برگ، واشنگٽن پوسٽ جي پاميلا ڪانسٽيل ۽ ڊائنا اورٽز ... منور لغاريءَ سان حب سان ملن ٿا ۽ منور کي نه پنهنجي شان ۽ صحت جو فڪر آهي، نه پئسي دولت جو. فڪر آهيس ته پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن جو، مظلوم ۽ ڏتڙيل انسانن جو ... پوءِ چاهي اهي سنڌ جا هجن يا پنجاب جا، آفريڪا جا يا ڏکڻ آمريڪا جا. بهرحال خالد مخدوم وانگر منور لغاري ڪٽي پڪل گاڏيءَ ۾ ٿو هلي يا غريباڻي گهر ۾ ٿو رهي، پر دنيا جا سيستدان، ليڊر، سياسي ۽ ضمير جا قيدي، آزادي جا متوالا هن کي ئي سڃاڻن ٿا. ويندي بينظير ڀٽو صاحبه ۽ ظفر جمالي صاحب به منور کي فون ڪن ٿا.

ان رات مڪينڪ ٽائر مان ٽيوب ڪڍي ڏسي چيو ته هن ۾ ايتريون چتيون لڳل آهن، جو هاڻ نئون وٺو پوندو ۽ نئين ٽائر جا دڪان سياڻي کلندا. اسان ڪار ان پيٽرول پمپ وٽ ڇڏي. هڪ ٽئڪسي ۾ حميران پنهنجي رهائش واري هوٽل ڏي رواني ٿي ۽ ٻيءَ ۾ منور ۽ آئون اچي پنهنجي هڪ ڪمري واري فليٽ تي حاضر ٿياسين. ٻئي ڏينهن منور پنهنجي پراڻي ڪار لاءِ هڪ نئون ٽائر وٺي آيو ۽ اسان وري سير ڪرڻ شروع ڪيا. منور هر وقت ان کي هلائيندي خوش هوندو هو ۽ هن ڪار جي مالڪڻ (ڪا محترمه جوٽيجو صاحبه هئي، جيڪا هتان گرئجوئيشن ڪرڻ بعد هيءَ ڪار نالي ماتر ڊالرن ۾ منور کي وڪٽي ويئي) جا ٿورا ڳائيندو رهي ٿو، ته هن جي مهرباني ڪري اڄ هو هن ڪار جو مالڪ آهي. منور جي ان ڪراڙي ڪار ۾ ان ئي جُڳ جو ٽيپ رڪارڊر پڻ لڳل آهي، ان ۾ جڏهن عابده پروين يا ابراهيم منشي جي غزلن جا ڪئسٽ هلن ٿا ته منور لغاري 15 سالن جي جلاوطني ۽ گهر وارن کان دوري به في الحال وساريو ڇڏي.

## هالا جي نجم ميمڻ جي آمريڪا پهچڻ جي ڪهاڻي

صبح جا اٺ ٿيڻ وارا هُئا. نجم ميمڻ ’اڳ ۾ ڳِنڍ ۽ پٺ تاءِ‘ ڪٻٽ مان ڪڍي مٿي ڪنيل ڪالر ۾ وڏي ۽ بوٽ کي چنڊي نوڪريءَ تي اسرڻ لاءِ موڪلايو. نجم هتي آمريڪا ۾ اچڻ بعد ڏهاڪو کن سال مختلف odd (جسماني محنت مزدوري وارا ۽ ڪچي نوڪري وارا) جاب ڪرڻ بعد هاڻ واشنگٽن جي اسٽريئر (Strayer) يونيورسٽيءَ جي لئبرري ۾ ڪم ڪري ٿو. اهوئي سندس سنڌ يونيورسٽي ۾ جاب (نوڪري) هئي ۽ انهي سبجيڪٽ ۾ هن گرئجوئيشن ڪئي آهي.

”ڪر خبر نجم آفيس ڪيئن ويندين؟“ مون پڇيومانس.

”هتان پنهنجي ستين گهٽيءَ واري سب وي ريلوي اسٽيشن تان نيلي، پيلي يا سائي ريل وٺندس ته وچي يونيورسٽي وٽ ڇڏيندي. ڪڏهن وقت هوندو آهي ۽ موسم سٺي هوندي آهي ته نيشنل مال جي وچ مان نڪري ويندو آهيان ۽ ڀاڙي جو ڊالر بچائي وٺندو آهيان.“

”اها يونيورسٽي ڪهڙي گهٽيءَ ۾ آهي؟“ مون پڇيو.

”پندرهينءَ ۾.“

”نارٿ ايسٽ پندرهين؟“ مون پڪ ڪئي.

”نه نارٿ ويسٽ.“

”ماشاءَالله“ مون مرڪندي نجم سان هٿ ملائي خدا حافظ ڪندي چيومانس، ”چئبو ته چڱو جو سنڌ يونيورسٽي ڇڏي ڏنئي. هاڻ روز واشنگٽن ميموريل (يادگار) وٽان ٿيندو، آمريڪا جي صاحب جي گهر White House وٽان لنگهين ٿو.“

نجم ۽ سندس ماءُ ادي حَوُلَ جي هالا جا هڪ بيحد شريف ۽ ايماندار محنتي گهراڻي سان واسطو آهي. نجم جي ناني انگريزن جي ڏينهن کان وٺي سُٽَ ۽ پَٽَ جو واپار ڪيو ٿي. سوسي، اوڇو، ڪاڏي ۽ گربين جهڙو ڪپڙو ٺاهڻ لاءِ هن وٽ پنهنجا هٿ جا ڪارخانا هئا. هڪ سج به پاڇا، هڪ اهڙي گهڙي آئي جو هن خاندانَ لاءِ آزمائش اچي وئي. واپار ۾ وڏا نقصان پئجي ويا ... هالا جا ڪيترائي واپاري ۽ مالڪ پاڻ پورهيت ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. نجم اڃان ٽن چئن سالن جو هو ته سندس پيءُ به هي جهان ڇڏي ويو. ماءُ ڳنڊيٽيون ۽ ائٽ هلائي پاڻ کي ۽ پنهنجو پٽ کي زنده رکيو. نجم چوٿين پنجين ڪلاس ۾ پهتو ته پاڻ ماءُ سان گڏ اسر ڏيئي اٿندو هو ۽ تاڃي پيٽي ۾ اٽٽ سان واسطو رکندڙ ڪم ڪري، پنهنجي اسڪول جي في ۽ ڪتابن جو بندوبست ڪندو هو. جتي هن جيڏا ٻار موڪلن ۾ سڄو ڏينهن گهٽين ۾ راند ڪندا هئا، اتي نجم پورهيو ڪندو هو. ڪيس دلچسپي جيڪڏهن هئي ته فقط لغڙ اڏائڻ سان. پر هي اهڙو شوق آهي جيڪو لڪي به نٽو ڪري سگهجي. جيئن ئي لغڙ اڏائڻ لاءِ گهر کان گوهي ڪندو هو ته ماٽس ڪيس ڳولڻ لاءِ نڪرندي هئي ۽ بيحد سولائيءَ سان ڪيس trace ڪري وٺندي هئي، ته ملن جي ڪڏ تي هي آهي يا ابڙن جي.

اسڪول ختم ڪرڻ بعد ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ هن هڪ ڳوٺَ ۾ ڪمپائونڊر ٿي ڪم ڪيو. شامَ جو ڪمپائونڊري ڪندو هو، صبح جو ڄامشورو يونيورسٽي لاءِ ويندو هو. لئبرري سائنس ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ بعد ڪيس اتي ئي نوڪري ملي ويئي.

”پوءِ توکي آمريڪا اچڻ جو ڪيئن خيالَ ٿيو؟“ مون پڇيو هئومانس.

”سائين آئون غريب ماڻهو، ڪڏهن ڪراچيءَ جو به نه سوچيو هوم. هڪ ڏينهن منهنجي باس سان کٽ پٽ ٿي پيئي. هن مونکي ڏاڍا دڙڪا ڏنا ۽ ڏک ۾ موڪل ڪري

حيدرآباد پنهنجي دوستَ سان وڃي سور رنم تہ  مون سان هي ظلم آهي. هو ان وقت آمريڪا وڃڻ جي ويزا لاٽريءَ جو فارم ڀري رهيو هو. هن مونکي بہ ڀرڻ لاءِ چيو.“

فارم ڀرڻ بعد نجم کي تہ ڳالهہ وسري ويئي، خبر تڏهن پيئي جڏهن ڪجهہ مهينن بعد نجم کي آمريڪن ايمبسيءَ مان خط مليو تہ هو آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ چونڊجي ويو آهي، اسلام آباد مان اچي ويزا وٺي.

”شروع شروع ۾ آئون ڀڄتر ۾ اچي ويس تہ مون ۾ ڪراچي رهڻ جي ئي سگهہ ناهي، آمريڪا ۾ ڪيئن رهي سگهندس، پر پوءِ مونکي دوستن يارن چيو تہ محنتي ماڻهو آهين هليو وڃ ۽ نيٺ اچي هتان نڪتس.“

آمريڪا جي ويزا جي لاٽري وارن کي آمريڪا ۾ رهڻ تہ ڏين ٿا، پر نوڪري، پورهيو يا واپار ڏنڌي لاءِ هنن کي پاڻ هٿ پير هڻڻو پوي ٿو. نجم کي تہ اهو بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ٽڪيٽ ڪيئن ڪجي، آمريڪا پهچي ڇا ڪجي، ڪين نہ گهر هو نہ زمين دڪان. مسواڙ جي هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهيا ٿي. زال ۽ ماءُ جا بہ چار جيڪي ڳهہ هئا، اهي وڪڻي ٽڪيٽ ورتائين. هاڻ مسئلو هو تہ آمريڪا ڪهڙي شهر ۾ لهي ۽ پهريان ڏينهن ڪهڙي ڇت هيٺان رهي، جيسين ڪو ڪيس پورهيو يا محنت مزدوري ملي ۽ پنهنجو پيٽ پالي، ان بعد ٻارن لاءِ ڳوٺ پئسا موڪلي. ڪو واقف سڃاڻو نہ پيو نڪري، جيڪو هن جي مدد ڪري. ڪو هو بہ تہ غريب جي هو ڇو مدد ڪري. پر پوءِ ڳوٺ ۾ رهندڙ منهنجي ياءُ اشفاق لکيو تہ ايئرپورٽ تي هن کي ڇڏڻ وقت هن کي ڊاڪٽر سائين ڏني هاليپوٽي جو ڪو فرزند (شايد ڊاڪٽر مقبول يا ڪو ٻيو) ملي ويو يا سندن ڪزن لطف الله هاليپوٽو، جنهن کي هن نجم جي پارت ڪئي. اڄ بہ نجم ڊاڪٽر هاليپوٽي جي فئمليءَ جا ٿورا هر وقت ڳائيندو رهي ٿو تہ ڪيئن امتياز، مقبول ۽ ٻين هنن جي مائٽن نجم کي پاڻ وٽ مهينو کن رهايو ۽ پوءِ نيويارڪ ۾ هڪ پناڻ جي هوٽل تي هن کي ڪڪڙين صاف ڪرڻ ۽ گرم تيل ۾ انهن کي فراءِ ڪرڻ جو ڪم ملي ويو. رات جو سمهڻ لاءِ بہ هن جو  هڪ گئريج ۾ بندوبست هو. نجم ٻڌايو تہ هن کي نئون آيل ڏسي دڪان جو مالڪ ڪم گهڻو وٺندو هو، پگهار گهٽ ڏيندو هو ... ”پر تڏهن بہ آئون خوش هوس. سڄو ڏينهن گرم ٻاهہ تي بيهي ڪم ضرور ڪندو هوس، پر ذهني سڪون هوندو هوم.“

نجم ٻڌايو تہ هڪ دفعو ڪڪڙيون ترينڊي هن جو ساڄو هٿ سڙي پيو تہ بہ ريسٽورينٽ جو مالڪ چوڻ لڳو تہ ”ڪم ڪرڻو اٿئي، نہ تہ پگهار تہ نہ ڏيندوسانءِ، پر نوڪري مان بہ ڪڍي ڇڏيندوسانءِ.“

”اهو مهينو مون ڏاڍيءَ تڪليفَ ۾ گذاريو.“ نجم ٻڌايو ۽ پوءِ انڪم ٽيڪس جي نالي تي جيڪي پئسا منهنجو مالڪ پيو ڪٽيندو هو، سو سڄو فراڊ هو ۽ هن تي پوليس ڪيس ٿي پيو ۽ اسان سڀني پورهيتن کي اسان کان ڪسيل پئسا واپس ڪرڻا پيا.“

ان کانپوءِ نجم هڪ هسپانوي هوٽل واري وٽ ۽ هڪ پيٽرول پمپ تي بہ ڪم ڪيو.

”اهي نوڪريون سئيون هيون يا جيڪا هينئر ڪرين ٿو؟“ مون نجم کان پڇيو.
”هينئر واري سٺي آهي.“ نجم ٻڌايو، ”ان ڪري جو هيءَ پڪي نوڪري آهي، پهريان واريون نوڪريون ODD_JOBS هئا. سڄو سال پورهيو ڪري پوءِ بہ نومبر ڊسمبر ڏاري مهيني ڪن لاءِ ڳوٺان (پاڪستان) ٿي موٽندو هوس تہ وري نوڪريءَ جي ڳولا ڪندو هوس. پوءِ ڪڏهن تہ ڪنهن دڪان، ريسٽورينٽ، پيٽرول پمپ، ڪارخاني ۾ هفتي اندر جاب ملي ويو ٿو، ڪڏهن تہ روز پيا ڌڪا ڪائيندا هُئاسين، جيسين ڪٿي روزگار ملي. اهي ڏينهن سياري جا هجڻ ڪري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ موڪل هوندي هئي ۽ هتي جي دستور موجب ڪيترائي شاگرد موڪلن ۾ نوڪري ڪن ٿا اهي بہ نوڪري جي ڳولا ۾ هوندا هئا، پوءِ سخت سيءَ ۾ هڪ دڪان مان نڪري ٻئي دڪان ۾ نوڪري لاءِ فارم ڀري ڏيٽو پوندو هو تہ من ڪٿي ڪنهن کي ضرورت هجي ۽ اسان کي ڪَٽي رکي. ڪنهن ڪنهن سال تہ ائين ٿيندو هو جو باقي بچيل پونجي بہ ختم ٿي ويندي هئي، پر نوڪري نہ ملندي هئي ... پر وري بہ شاباس هُجي انهن ٽنڊو الهيار جي هاليپوٽن کي خاص ڪري لطف الله هاليپوٽي کي جنهن وٽ اهڙن مشڪل ڏينهن ۾ مانيءَ پور وجي ڪائبو هو جيسين نوڪري ملي.“

## نجم هڪ گوريءَ سان شادي ڪئي آهي

”پوءِ هيءَ يونيورسٽي واري نوڪري ڪيئن مليئي؟“ مون نجم کان پڇيو.
”الله پلو ڪري منور لغاريءَ جو. هو پوسٽ گرئجوئيشن لاءِ نيويارڪ ، جتي مون جابس ڪيا ٿي ترسيل هو، تہ منهنجي هن سان ملاقات ٿي. مون هن سان صلاح ڪئي تہ آئون ڪجهہ وڌيڪ پڙهڻ چاهيان ٿو، جيئن هتان جي ڊگري حاصل ڪري ڪا چڱيڙي نوڪري وٺي سگهان.“
منور لغاريءَ نجم ميمڻ کي واشنگٽن جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ اچي داخلا وٺڻ ۽ سندس آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو. نجم نيويارڪ واري نوڪري ڇڏي، هتي واشنگٽن پهتو. ٻئي ڏينهن منور سان گڏجي هن Strayer University ۾ پهتو ۽ داخلا في ۽ ٻئي خرچ بابت يونيورسٽي وارن سان ڳالهائي رهيو هو تہ هن کي خبر پيئي تہ هن يونيورسٽي جي لئبرري لاءِ هڪ همراهہ کپي. اهو ٻڌي نجم داخلا وٺي پڙهڻ بدران نوڪريءَ لاءِ درخواست ڏني.
”منهنجي خيالَ ۾ آئون لَڪي هوس.“ نجم ٻڌايو، ”جو هفتي اندر مونکي نوڪري لاءِ آرڊر ملي ويو ۽ مون وڌيڪ پڙهائي ڪرڻ جوخيال لاهي، نوڪري شروع ڪئي، ڇو جو هتي پڙهائي بہ مهانگي آهي ۽ ٻہ ٻہ سبجيڪٽ پڙهڻ تي بہ لکها رپيا خرچ اچيو وڃي. هينئر خوش آهيان جو هتي واشنگٽن جهڙي شهر ۾ هڪ سٺي تعليمي اداري ۾ اها نوڪري ملي وئي اٿم، جيڪا سنڌ يونيورسٽي ۾ هئي.“
”پلا پگهار هينئر گهٽو يا پهرين؟“ مون پڇيو مانس.

”پئسن جو جي حساب لڳائبو تہ پوءِ هتي گهٽ آهي.“ نجم وراڻيو. ”هتي ڪلاڪ جا سمجهو تہ اٺ ڊالر ملن ٿا ۽ روز اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوي ٿو. چنچر ۽ آچر موڪل آهي. پهرين جيڪو بہ ڪم ڪيو ٿي، ان ۾ ڏهہ يا ٻارهن ڪن ڊالر ڪلاڪ جا مليا ٿي ۽ روز ڏهہ ڪلاڪ کن ڪم ڪرڻ بعد اوور ٽائيم بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪيوسين ٿي. پر اهو آهي تہ هتي ڪم جو صاف سٿرو ماحول آهي ۽ رهائش لاءِ بہ منور جي مهرباني آهي، جو هتي نہ فقط يونيورسٽي جي ويجهو وچ شهرَ ۾ رهيا پيا آهيون، پر هر وقت پڙهيل ڳڙهيل ۽ اهم ماڻهن سان ملاقات پيئي ٿئي. پنهنجي ملڪ ۽ دنيا جا اهي اهي سياسي ليڊر، سرڪاري ڪامورا، شاعرَ اَديبَ جن جون تصويرون هن ڪان اڳ فقط اخبار يا ٽي وي تي ڏٺيوسين، اهي جڏهن منور وٽ اچن ٿا تہ اسان جي بہ ملاقات ٿيو وڃي. ڳوٺ ايندو آهيان تہ ڪم ڪار لاءِ ممتاز ڀُٽو، رسول بخش پليجو، ٿنڀو قيصر جي شوڪت نظاماڻي صاحب جهڙن اهم ماڻهن وٽ هلي ويندو آهيان، جيڪي هتان رهي ويا آهن ۽ سائين منور لغاري صاحب جي ڪري مون تي بہ شفيق آهن ۽ مونکان بہ جيڪي پڇي ٿو آئون انهن جي خدمت ڪريان ٿو.“

”پلا ٻار اجان وٽي نٿو اچين؟“ مون پڇيو.

”ڪيئن وٽي اچان، دل تہ گهڻو ئي چوي ٿي، پر هتي جا خرچ تہ ڏسو. هتي منور وٽ مفت رهيو پيو آهيان. هو مونکي ڪم پيو اچي ۽ جيڪي ڪجهہ مون ڪان پڇي ٿو آئون هن جي مدد ڪريان ٿو. رڳو پنهنجي لاءِ هڪ ڪمري جو الڳ ڪمرو وٺي رهان تہ مهيني جو سچو پگهار اتي ئي چٽ ٿي وڃي، ٻارن کي ڇا موڪليان. چار ٻار اٿم، زالَ ۽ ماءُ. هتي آمريڪا ۾ تہ جڏهن هر هڪ ڪمائي ٿو پوءِ ٿي پورت ٿئي. اسڪولن جون فيون ڳريون، دوا درمل مهانگي. هينئر مونکي پتي جي آپريشن ڪرائڻي هئي. هتي انشورنس وارن طرفان ميڊيڪل جي باوجود مونکي ڏيڍ لک رپيا ڏيڻا پيا ٿي، ان ڪري ڪراچي وڃي سچو خرچ پاڻ پريم تہ بہ پنجويهہ هزار روپيا بل آيو. اهو آهي تہ هتي نوڪري ڪرڻ ڪري منهنجا چارئي ٻار ڳوٺ پڙهن پيا، ڪين مون وانگر رات جو ٽي بجي اٿي ٽاڃيون ۽ اوچو ڪري اسڪول جي في جا پئسا جوڙڻا نٿا پون. مون وانگر پاڙي ۾ وڃي ٽي وي نٽي ڏسڻي پوين. هر مهيني مالڪ مڪان جا دڙڪا نٿا ٻڌڻا پون. اڄ اسانکي هيٺ مٿي پڪو گهر آهي، جنهن ۾ ٽي وي ۽ ڪمپيوٽر ڪان ريفريجريٽر جهڙي سهولت آهي. پاڻ ۽ پوڙهي ماءُ کي حج ڪرايو اٿم جنهن جو اسان سوچي بہ نٽي سگهياسين. وڏو پٽ هاڻ انٽر ۾ پهتو آهي. چيو اٿمانس تہ سٺي نمبر سان انٽر يا گرئجوئيشن ڪري، پوءِ هڪ هڪ ٿي هيڏانهن ايندو وڃي ۽ هيڏانهن اچي وڏيڪ پڙهي بہ تہ جاب بہ ڪري ۽ بہ ٻار ڪن هيڏانهن اچي ويا تہ پوءِ ايتري ڪمائي ٿي ويندي جو پنهنجو گهرُ وٽي باقي گهر جا ڀاتي بہ اچي هيمشہ لاءِ رهي پون.“

”ٻار تہ ضرور چوندا هونداءِ تہ اسان بہ آمريڪا اچئون؟“ مون نجم ڪان پڇيو.

”ها، خاص ڪري ﭘہ نندا پار. باقي منهنجي زالَ ۽ وڏا ﭘہ سمجهن ٿا تہ جي آئون پاڪستان موٽي ايندس تہ مونکي ڪا پنج هزار رپين جي بہ نوڪري نہ ملندي منهنجي هتي هجڻ ڪري سياٽي کين بہ آمريڪا جو پاسپورٽ ۽ شهريت ملي ويندي. منهنجي ماءُ ۽ منهنجي زال منهنجي ڪمايل پئسي ڪي تمام خيالَ سان هلائين ٿيون ۽ هو سمجهن ٿيون تہ اها مجبوري فقط مونسان نہ، پر اسانجي ملڪ جي لکين ماڻهن سان آهي. پنهنجو ملڪ ملائيشيا، ڪوريا ويندي ويٽنام يا ٿائلينڊ جهڙو ٿي پوي تہ ٻاهر جا ڌڪا ڪائڻ لاءِ ڇو نڪرجي. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي زالَ ڪي پاڙي جون عورتون ۽ منهنجي سهري ڪي مارڪيٽ ۾ ماڻهو اهو چئي پريشان ڪندا آهن تہ نجم آمريڪا ۾ هڪ گوريءَ سان شادي ڪري ان وٽ سکيو وٺو آهي. هاڻ ماڻهن کي ڪير سمجهائي تہ اسان جي ملڪ جي ماڻهن يا ٻين ڪيترن ايشيائي ماڻهن کي ههڙن ملڪن ۾ گوري تہ ڇا، پر ڪا ڪاري بہ ڪلي نٿي ڳالهائي. هتي اسان اهي چاڪين جا ڍور آهيون جن جو ڪم سڄو ڏينهن پورهيو ڪرڻ آهي.“

منور لغاريءَ جي فليٽ تي رهيل رات وارا سڀ دوست يار هڪ ٿي پنهنجي شهر پنهنجي رياست ڏي روانو ٿي چڪا هئا. نجم بہ آفيس روانو ٿي ويو. منور مونکي پاڻَ سان گڏ آفيس وٺي هلڻ لاءِ پڇيو.

”يار هينئر نٿو نڪران.“ مون کيس چيو، ”آئون ڪالهہ واري فنڪشن ۾ مليل ماڻهن بابت ڪجهہ Notes لکي، پوءِ هيٺان ڪجهہ گهٽين جو چڪر پاٽهي پنهنجي مرضيءَ سان هٽي آرام اچي ٿو ڪريان.توهان آفيس مان ٿي اچو پوءِ شامَ جو ڪٽي چڪر تي نڪرنداسين.“

”ائين بہ صحيح آهي جيئن توهان کي easy لڳي.“ منور مونکي فليٽ جي ڊپليڪيٽ چاٻي ڏيندي چيو، ”شامَ جو خالد هاشماڻي ۽ جاويد پٽو بہ توهان سان وري ملڻ اچي رهيو آهي. پر مون چاهيو ٿي تہ توهان مون سان هلو تہ توهان کي لنچ ڪنهن هوٽل ۾ ڪرايان.“

”منور اهي تڪليفون تہ نہ ڪر. ماني هيتري فرج ۾ پيئي آهي، اها بہ تہ هوٽل جي آهي، بلڪہ هتي جي هڪ بهترين انڊين هوٽل جي. سو مانيءَ جو تہ بلڪل فڪر نہ ڪجانءِ. پوڙ جي هڪ هڪ ٿيلهي روز گرم ڪري ڪائون تڏهن بہ پاڻ ٽن چئن ڇڻ لاءِ ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ هلي. بهرحال منهنجي مانيءَ جو فڪر نہ ڪجانءِ. منهنجيون د لپسند شيون، جئم، بيضو، ڊبل روٽي ۽ مکڻ تنهنجي فرج ۾ موجود آهن. جنهن وقت بک لڳي آئون پنهنجي مرضيءَ سان پيو کائيندس.“

منور جي رواني ٿيڻ بعد آئون ڪجهہ دير گذريل ڏينهن جون ڳالهيون، خاص ڪري گذريل چوويهہ ڪلاڪن ۾ مليل ماڻهو رميش ٽارواڻي، خالد هاشماڻي، عرفان جماڻي کان اعجاز شيخ، حنيف سانگي، ڊاڪٽر سرفراز ۽ ٻين بابت سوچيندو ۽ انهن بابت ڪجهہ Points

لکندو رهيس. درياءَ مان ڏٺم تہ ٻاهر جُهڙ هو. در کولي ڏٺم تہ ٻاهر بہ ايترو ئي ٺار هو جيترو اندر ڪمري ۾ ايئر ڪنڊيشنر ڪري رهيو هو. سو جاگر پائي هٿ ۾ ڪئميرا، ڪاپي ۽ پين کڻي هيٺ رستي تي لهي آيس ۽ پہ ڪلاڪ کن هن شهر جي مختلف رستن تي ـ انهن ئي رستن تي جن تي اڄ کان ٽيهہ پنجٽيهہ سال اڳ هلندو هوس، چڪر هڻندو رهيس.. هيڏي وڏي عرصي ۾ هن شهر واشنگٽن ۾ ڪهڙو فرق آيو آهي؟ آيا هن شهر ۾ فرق آيو آهي يا نہ. يا مون ۾ فرق آيو آهي. بهرحال هن شهر جي گهٽين مان اڄ ايڪهٽ ٻاهٺ سالن جي چمار ۾ واڪ ڪري رهيو آهيان تہ مونکي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گلڪاريون ۽ خوبصورت عمارتون ٿيون نظر اچن، گرجا گهر، ميوزيم ۽ لئبرريون ٿيون نظر اچن. 1970ع يا 1971ع وارن سالن ۾ جڏهن آئون ڇوويهہ پنجويهہ سالن جو نوجوان هوس، تڏهن تہ مونکي اهي شيون ڪڏهن بہ نظر نہ آيون، تڏهن هنن رستن تي، مونکي توڙي جهاز هلائڻ وارن منهنجن دوستن کي، فقط ۽ فقط ڇوڪريون نظر آيون ٿي. اسڪرٽن ۾ ڇوڪريون، جينز ۾ ڇوڪريون، گوريون ڇوڪريون، ڪاريون ڇوڪريون، پورتوريڪن ڇنال ڇوڪريون، هسپانوي نخريليون ڇوڪريون، ماڪوڙن جهڙن وارن واري مٿي واريون ڪيوبن ڇوڪريون، قراقلي ٽوپيءَ جهڙي مٿي واريون جئميڪن حبشي ڇوڪريون .... اڄ هن شهر جي دنيا بدليل نظر اچي رهي آهي، پر ان ۾ شهر جي ميونسپالٽي جو ڪمال نہ آهي، انسان جي عمر جو حاوي ٿيڻ آهي.

شامَ جو خالد هاشماڻي مون لاءِ پنهنجي آفيس مان ڪجهہ اڇا پنا، بال پينون ۽ ٻيو اسٽيشنري جو سامان ۽ رستي تان ورتل پٽٽو چپس، Peanuts جا بہ ڊٻا کڻي آيو. منهنجي خيالَ ۾ مون لاءِ هڪ هنڌ ويهي لکڻ لاءِ بهترين گفٽ هو. ٿيٽلي چانهہ جون tea bags منور جي ڪچن ۾ جام هيون. ٿوري دير بعد حُميرا ۽ نجم بہ آفيس کان اچي ويا ۽ اسان چانهہ پي واڪ لاءِ نڪتاسين. منور لغاريءَ جي فليٽ واري ستين گهٽي SW اتر طرف نيشنل مال ڏي وڃي وڃڻ بدران، اسان خالد هاشماڻيءَ جي پٺيان ڏکڻ طرف پوٽو مئڪ ندي ڏي واڪ ڪرڻ لڳاسين ۽ پوءِ واشنگٽن چينل جي واٽر فرنٽ وٽ پهچي، ڪناري واري رستي "واٽر اسٽريٽ" تي واڪ ڪرڻ لڳاسين هلڪي شامَ جو وقت هو. هوا ۾ ڪافي خنڪي ۽ تذڪار هو. اڳيان Main Lobsterman ۽ ٽائيٽينڪ Memorial هو. مسافرن ۽ ٽوئرسٽن کي کڻي گهمائڻ واريون ٻيڙيون پوٽومئڪ ندي ڏي وڃي وري ڪين هتي Spirit Cruises جي آفيس وٽ اچي ٿي لاٿو. ٻئي پاسي کان Maine Avenue (هاءِ وي) تان ٽرئفڪ اتر ۽ ڏکڻ طرف پئي ويئي.

## ڇا اهي خوشيءَ جون ڳالهيون آهن

اسان چارئي پنجئي ڇڏا سنڌيءَ ۾ خبرون ڪندا رهياسين. پهرين آئون ۽ خالد هاشماڻي باقي ٽن ڄڻن (منور، نجم ۽ حميرا) کان اڳيان اڳيان واڪ ڪندي، پيٽارو جون ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ پوءِ پنج ئي ڄڻا هڪ قطار ۾ واڪ ڪرڻ لڳاسين. اسان جون

ڳالهيون سنڌ بابت هيون. مون ائين ملئي، جپاني، سنگاپوري، چيني دوستن سان بہ واڪ ڪئي آهي، اڄ کان ٽيهہ چاليهہَ سالَ کن اڳ جڏهن جپان جي  اجان ايڪانامي سٺي نہ ٿي هئي، ٻي جنگ عظيم جا جسماني ۽ ذهني زخم اڃا Cure نہ ٿيا هئا، هو پنهنجي ملڪ جي مسئلن جي اپٽار ڪندا هئا، ملئي پنهنجي ملڪَ ۾ گهٽ تعليمي ادارا، نوڪرين جي کوٽ، بيمارين ۽ unhygienic حالتن جا ڏُکَ سورَ ونڊيندا هئا، اهوئي حال سنگاپورين ۽ چينين جو هو. سنگاپور جون تہ ستر واري ڏهاڪي جي آخر تائين بہ حالتون بهتر نہ هيون، چوري چڪاري، بدامني ۽ ننگي عام هئي. اهڙي طرح چين جي مسڪيني واري حالت هُئي. ويچارا چيني مزور توڙي جهازي، ڪارخانن جا انجنيئر واڪ دوران پنهنجي ملڪ جي ڏکين حالتن جا سور روئندا هئا. اڄ اهي ڏڪويل  ملڪ خوش آهن. سورن جون ڳالهيون ڪرڻ بدران سکن جو ڪن ٿا ۽ ان سڄي Scenario (تناظر) ۾ جي ڏٺو وڃي تہ اسان جو ملڪ عام طور ۽ اسان جو صوبو سنڌ خاص طور جهڙو اڳ تهڙو هاڻ ڏڪويل ۽ مصيبتن جو سٽيل آهي. ڏک سورن جون ڳالهيون ٿيون ڪجن تہ واڏارو ئي واڏارو آهي. اڄ کان پنجاهہ سالَ اڳ بہ جڏهن ننڍا هُئاسين ۽ اسڪول ۾ پڙهندا هُئاسين تہ سور  رئندا هُئاسين تہ اسان سنڌ جي ٻارن لاءِ نہ سٺا اسڪول آهن، نہ پڙهڻ جا رسالا ۽ نہ ريڊيو ٽي وي پروگرام. سنڌ ۾ نہ صحت ۽ هائيجن جو ڪنهن کي خيال آهي، نہ تاريخي ورثي جو. سنڌ ۾ نہ امن امان آهي، نہ روزگار جا ذريعا ۽ اڄ هن ايڪيهين صديءَ ۾ بہ جڏهن ميڪسيڪو ۽ ويٽنام جهڙا پنٽي پيل مُلڪَ بہ الائي  ڪٿي وڃي پهتا آهن، جڏهن لي ڪئان يو ۽ مهاتير محمد جهڙن ڏارين (هڪ جا وڏا چين کان آيا هئا ٻي جا گجرات کان) بہ سنگاپور ۽ ملائيشيا کي يورپ بنائي ڇڏيو آهي. ملڪ ۾ امن امان، تعليم ۽ عدل انصاف آٽي ڇڏيو آهي، بيروزگاري، بک ۽ بيماريءَ جون پاڙون پٽي ڇڏيون آهن. اسان جي ملڪ جي حالت ان چريءَ مثال آهي، جيڪا ويرون وير وڌ آهي. اسان جون ڳالهيون اهي چورين چڪارين، ڌاڙن، اغوائن، سياسي انتقامن، سنگ چَٽين، قبيلائي جهڳڙن ۽ بدامني جون هيون، جن سنڌ کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اسان جون ڳالهيون ڪي Rosy حال ۽ مستقبل جون نہ هيون. ڇا اهي خوشي ۽ ترقيءَ جون ڳالهيون آهن تہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ انڊسٽري ناهي جو ماڻهن کي روزگار ملي سگهي.

حڪومت جي ٻي اڪيائي ٻي اسانجي سياسي ليڊرن، وزيرن ۽ نمائندن جي جاهليت، جن پنهنجي ننڍڪو عياشي خاطر فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جون مليل پرمٽون وڪڻي ڇڏيون ...۽ سنڌ ۾ Ghost غيباتي اسڪولن جون ڳالهيون ڪندا رهياسين، جيڪي ڪاغذن تي موجود آهن، پر اصل ۾ وڏيرن جون اوطاقون ٿيون پيون آهن ۽ ماستر پوتارن جا ڪلارڪ ٿيا پيا آهن ... غريب عوام سان ٿاڻن تي ظلم پيو ٿئي، ڪا چوڻ واري پهر ناهي. دشمنيون پارڻ لاءِ پنهنجين مائرن ۽ ڀينرن تي الزام هڻي، ڪين ڪارو ڪاري ڪري ماريو وڃي ٿو ... ڳوٺ ڳوٺ ۾ جعلي دوائن ۽ آلودگي ڪري عجيب بيماريون پيون ظاهر ٿين. شهرن جي گٽرن

ھر معصوم ٻار پيا مرن ... ڇا اهي خوشيءَ جون ڳالهيون آهن ... ڇا اهي ترقيءَ جون ڳالهيون آهن!؟

حميرا چيو تہ ڪالهہ سنڌي اخبارن ۽ سنڌي ٽي وي چينلن اهڙي خبر ڏني آهي، جو دنيا اڳيان اسان ڪنڌ نٿا کڻي سگهون، تہ هن صديءَ ۾ اهڙا ڪيسَ پيا ٿين. ڪنهن خون جي بدلي ۾ وڏيرن اهو فيصلو ڪيو آهي تہ خوني ڌر پنهنجيون چار نياڻيون جن مان ٽي تہ ٻن کان اٺن سالن جون آهن ۽ هڪ ٻارهن سالن جي، فوتي واري ڌر جي حوالي ڪن. يعني اڃ جي ڏؤر ۾ هڪ نياڻيءَ جي بالغ ٿيڻ کان اڳ، سندس مرضي معلوم ڪرڻ بنا ڏارين سان پرڻو ڪيو وڃي ٿو! حميرا ٻڌايو تہ ”انهن معصوم ڇوڪرين جي تصوير ڏسڻ سان مونکي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.“

حميرا جيڪب آباد پاسي جي هڪ ٻي خبر بہ ٻڌائي تہ ڪيئن هڪ همراهہ خون جو ڪيس ڪرڻ بعد پنهنجي پنجهٺ سالن جي پوڙهيءَ ماءُ کي ”ڪاري“ ڪري ماري ڇڏيو آهي.

خالد هاشماڻي چيو: ”جيتوڻيڪ ان قسم جي ماڻهن جو تعداد تمام گهٽ آهي، جيڪي پنهنجين نياڻين سان ظلم ڪن ٿا، جن وٽ ڪاروڪاري جو رواج رائج آهي، جيڪي پنهنجين نياڻين جي شادي قرآن سان ڪن ٿا، جيڪي ڌاڙا ۽ اغوائون ڪن ٿا، جيڪي ڌاڙيلن، چورن ۽ اغوا ڪندڙن جي سرپرستي ڪن ٿا، جيڪي نٿا چاهين تہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ تعليم عام ٿئي، جيڪي نٿا چاهين تہ سنڌ ۾ امن امان رهي، وغيره، پر افسوس جو انهن ماڻهن جي ڪري سنڌ کي دنيا ۾ غلط شناخت ملي رهي آهي. سنڌ جو نالو وٺڻ سان ڪو بہ ائين نٿو چوي تہ هن ڌرتي جي رهواسين سان ظلم آهي، پر اهوئي چوي ٿو تہ هيءَ اها ڌرتي آهي جنهن جا ماڻهو ڌاڙيل ۽ اغوا ڪندڙ آهن، جيڪي عورتن، پوڙهن، ٻارن ۽ نياڻين جو بہ خيال نٿا رکن. سنڌ جو نالو کڻڻ سان ڪو بہ ائين نٿو چوي تہ هت غربت، بي روزگاري، پيئڻ لاءِ گندو پاڻي، ڀڳل رستا، ڊاڪٽرن ۽ دوائن بنا اسپتالون آهن ۽ عوام سورن ۾ آهي، پر هر ڪو اهو چوي ٿو تہ هي ڪهڙو صوبو آهي جتي پنجاهہ سالَ پنهنجا سنڌي پير، مير، وڏيرا، سردار، پوتار،قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا نمائندا ٿيا، وزير ۽ وڏا وزير ٿيا، ان هوندي بہ هتي جي عوام شڪايتون ڪندي وتي......“

واشنگٽن جي ان شام جو جيتوڻيڪ موسم بهترين هئي، رستي تي ڊگهن وڻن ۽ ٻوٽن جي سڳنڌ وايو منڊل ۾ ڦهليل هُئي، پوٽو مٽڪ نديءَ جي هن واشنگٽن چينل ۾ گلن جهڙا ٻارڙا ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرڻ دوران ٽهڪڙا ڏيئي رهيا هئا، پر ديس کان ڏور رهندڙ اسان پنهنجي ڌرتي جون اهي ڳالهيون ياد ڪري ڪيڏو ڊپريشن محسوس ڪري رهيا هئاسين. سنڌ ۾ ويهي ڪو ڀلي ٻئي لاءِ چوي تہ هو آمريڪا يا يورپ جي سحر انگيز ملڪ ۾ آهي، پر اهو يورپ ۾ توڙي هتي آمريڪا ۾ رهندڙ اسانجو سنڌي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ماڻهن

تي ٿيندڙ ڏاڍاين ۽ نا انصافين جو پڌي پرديس ۾ ڪيڏو نه دکي ۽ ملول ٿيو وڃي. هو هر ليڊر، هر سياستدان ۽ هر وزير، وڏي وزير مان اها ئي اُميد رکي ٿو ته سندن ملڪ توڙي صوبي کي ملائيشيا، سنگاپور، دبئي ۽ جپان بڻائين.

## وائيٽ هائوس اڳيان احتجاج

ڪجهه دير واڪ بعد منور لغاري ۽ حميرا رحمان اسان کان موڪلايو، جو هنن کي انساني حقن جي rally ۾ شامل ٿيڻ لاءِ Laofayette پارڪ ۾ گڏ ٿي، پوءِ آمريڪا جي صدر جي سرڪاري گهر ”دي وائيٽ هائوس“ اڳيان سڄي رات تقريرون ڪرڻيون هيون ۽ نعرا هڻڻا هئا. نجم ۽ مونکي خالد هاشماڻي پنهنجي ڪار ۾ هتي جي مشهور چوراهي Dupont سرڪل وٽ نيو هئمپشائر روڊ تي هڪ ڪيفي ۾ ڪافي پيئڻ ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ وٺي آيو. ان ڪيفي جي سامهون آمريڪي يهودين جو تواريخي ميوزيم به هو. رات جو ڏهين بجي اسانکي فليٽ تي ڇڏي، پنهنجي گهر وڃڻ وقت خالد چيو ته هلو ته وائيٽ هائوس جو چڪر هڻي اچون، ته پاڻ وارا همراهه ڇا پيا ڪن.

وائيٽ هائوس اڳيان پهتاسين ته دنيا جي مختلف ماڻهن جو ميلو متل هو، جن ۾ گهڻائي انهن جي هئي، جيڪي هتي آمريڪا ۾ سياسي پناهه هيٺ رهن ٿا. هو پنهنجي حڪومتن جي ڏاڍاين ۽ ظلمن کان پڄي هتي آيا آهن ۽ پنهنجي وطن ۽ ماڻهن جي مصيبتن ۽ تڪليفن جا داد فرياد هتي جي عوام ۽ حڪومت کي ٻڌائين ٿا ته جن حاڪمن کي توهان سٺو سمجهو ٿا ۽ جن کي توهانجي آشيرواد مليل آهي، انهن جا اصل ۾ هي به ڪارناما آهن. ڪيترائي ڏکڻ آمريڪا ۽ وچ آمريڪا جي ملڪن جا هسپانوي نسل جا ماڻهو هئا، لڳي ٿو ته اتي جي ملڪن جون حڪومتون ڪجهه وڌيڪ ئي زور آور آهن. عراق، يمن، سوڊان ويندي فلپين ۽ برما جا به هئا ۽ ڪيترائي چيني نسل جا به نظر اچي رهيا هئا، جن ۾ ٿي سگهي ٿو ڪجهه منگوليا، تبت ۽ نيپال جا به ماڻهو هجن. ڪيترائي مڪاني ۽ بين الاقوامي پريس ۽ ريڊيو ٽي وي جا نمائندا هئا، جيڪي پنهنجي پنهنجي حسابَ سان هن جلسي جي ڪاروائي Cover ڪري رهيا هئا. هڪ پليٽ فارم تي واري واري تي مختلف ملڪن جا سڄاڻ ۽ دانشور تقرير ڪري رهيا هئا. جن جي اڳهين لسٽ تيار ٿيل هئي، ته ڪير ڪنهن وقت تقرير ڪندو. پاڪستان جي خاني ۾ حميرا رحمان جو نالو هو، جنهن کي ساڍي يارهين بجي تقرير ڪرڻي هئي. خالد هاشماڻيءَ چيو ته آيا آهيون ته اڳو پوءِ ان جي به تقرير ٻڌندا هلون. سندس واري اچڻ ۾ ڪي 35 منٽ مس هئا. جنهن هنڌ تي بيهي تقرير ڪئي وئي ٿي، اتي هڪ ڏکڻ آمريڪا جي عورت پاڻ کي پڃري ۾ قيد ڪري رکيو هو. سندس اکين تي پٽي ٻڌل هئي ۽ سندس هٿن پيرن ۾ زنجيرون هيون. هوءَ پاڻَ سان ٿيل ان ظلم تي احتجاج ڪري رهي هئي، جيڪو هن سان بنا ڪنهن سبب جي هن جي ملڪ جي حڪومتي

ڪارندن ڪيو هو ۽ ڪنهن نموني سان جان بچائي هتان اچي نڪتي هئي. نجم ميمڻ ان عورت جو مون کي نالو بہ ٻڌايو تہ هيءَ اها اهم شخصيت آهي، جنهن جو احوال ڪيترن اخبارن ۽ رسالن ۾ ايندو رهي ٿو. مون سندس تصوير بہ ڪڍي. نالو هن وقت ذهن تان لهي ويو آهي، تي سگهي ٿو اڳتي هلي ياد اچي وڃي تہ تصوير سان گڏ ضرور ڏبو.

ماڻهن جي پيهہ پيهان (Crowd) ۾ منور لغاريءَ تي بہ نظر پئجي وئي، جيڪو واشنگٽن پوسٽ ۽ نيويارڪ ٽائيمس جي نمائندن ۽ ٻين هتي جي مڪاني سياستدانن ۽ جرنلسٽن سان گڏ ائين فري اسٽائيل ۾ چڪر هڻي رهيو هو، ڄڻ ڳوٺ جا ماڻهو هجنس. بقول نجم ميمڻ جي ان ڪان بہ وڌيڪ ... جو هو ڪيترن سالن کان انهن جي ئي وچ ۾ رهي ٿو، انهن سان ئي گڏ هتي آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ ”انساني حقن“ تي ٿيندڙ ڪانفرنسون Attend ڪري ٿو، پنهنجي ۽ پنهنجن ماڻهن جا ڏُکَ، درد کين ٻڌائي ٿو ۽ سندن ٻڌي ٿو.

## ڊائنا آرٽز سان ملاقات

هتي آيل ضمير جي قيدين، انساني حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙن ۽ پنهنجي ملڪ جي ظالم ادارن خلاف آواز اٿاريندڙن مان جيڪي ڪجهہ ماڻهن جي نالا خالد هاشماڻيءَ ٻڌايا، انهن ۾ هڪ نيو ميڪسيڪو (آمريڪا جي رياست) جي رهواسڻ ڊائنا آرٽز (Dianna Ortiz) جو نالو مون لاءِ بيحد اهم هو. مون بہ ٽي هفتا اڳ نيويارڪ ۾ ڊائنا آرٽز جو ڪتاب “The Blindfold Eyes” پڙهيو هو. ڊائنا نيو ميڪسيڪو رياست جي رهاڪو Nun چوڪري هُئي. جنهن سان گئاٽمالا (وچ آمريڪا جي ملڪ) ۾ جيڪي صعوبتيون ٿيون ۽ اتي جي ظالم حڪومتي ڪارندن جي ٽاچر سيل مان زندهہ موٽي، ان جو احوال هن ڪتاب ۾ آهي. ڊائنا آرٽز گئاٽمالا جي اصلي باشندن مايا (Maya) جي ٻارن کي سندن ڳوٺن ۾ وڃي لکڻ پڙهڻ ۽ مذهب ڏي لاڙو ڏيارڻ ٿي چاهيو، جيڪا ڳالهہ اتي جي مڪاني سردارن، حڪومت ۽ پوليس سان مليل وڏيرن کي پسند نہ آئي. هو ڊائنا کي ڌمڪيون ڏيندا رهيا، پر پوءِ جڏهن هوءَ ٻارن کي پڙهائڻ کان نہ مڙي تہ کيس اغوا ڪري ماريو، ڪٽيو ۽ زوري زنا (Gang Rape) ڪيو ويو. جن ٽارچر ڪمرن ۾ هن کي رکيو ويو، اتي ٻيون بہ ڪيتريون ئي سندن مڪاني عورتون ۽ ٻار هئا، جن کي بيدردي سان ٽارچر ڪري ماريو ويو ٿي. ڊائنا کي دنيا جي نظرن ۾ ڏوهاري ڏيکارڻ لاءِ هن کي کهاڙي ڏني وئي تہ هوءَ ان سان هڪ ٻي قيدياڻي عورت کي ماري. هن جي انڪار ڪرڻ تي سندس هٿ جهلي ٻي عورت تي وار ڪيا ويا، جنهن مان نڪرندڙ رت جا ڦوهارا ڊائنا کي اڃ بہ ياد آهن. هن کي هڪ کَڏ ۾ جنهن ۾ رتو چاڻ مئل ۽ اڌ ڳابريون مئل عورتون هيون، ان ۾ ڦٽو ڪري مٿان ڪوئا ڇڏيا ويا هئا ۽ ڪانئس هر سوال پڇڻ مهل سگريٽن سان ڏنبَ ڏِنا ويا ٿي، جيڪي هن جي صرف سيني ۽ پٺ تي هڪ سؤ کان مٿي ڳڻيا ويا هئا. هن کي اهوئي چيو ويو ٿي تہ هوءَ اهو چوي تہ آءٌ فلاڻي انقلابي عورت آهيان ۽ هنن جي چوڻ

مطابق هوءَ ڪجهہ غلط الزام پنهنجي مٿي تي ڪٽي، جن لاءِ ڊائنا جي انڪار ڪرڻ تي هن سان وري گئنگ ريپ ڪيو ويو ٿي.

بقول ڊائنا جي جيڪڏهن هوءَ آمريڪن سٽيزن نہ هجي ها ۽ سندس مائٽ ۽ واقفڪار سندس ڪيس کي وچڻ تي آمريڪا جي پريس ۽ ڪانگريس تائين گوڙ نہ ڪن ها تہ هن کي ڪڏهوڪو ماري ڇڏين ها. بهرحال هوءَ واپس آمريڪا تہ پهچي ويئي، پر هن جو داد فرياد نہ پئي ٿي سگهيو. افسوس ۽ تعجب جي ڳالهہ اها تہ آمريڪا هوندي تہ تمام طاقتور ملڪ آهي، هن لاءِ گئاٽمالا جهڙو ملڪ ڪهڙي حيثيت رکي ٿو، پر ڊائنا جي ڪيس ۾ جيڪا سندن ئي ملڪ جي آمريڪن سٽيزن آهي، ان جو داد فرياد نہ ٿيڻ جو سبب بہ ڊائنا پاڻ ٻڌائي ٿي تہ، ”انهن ڏينهن ۾ آمريڪا گئاٽمالا جي مليٽري وارن سان هٿ هٿ ۾ ڏيئي دوست ٿيو پئي هليو. هن گئاٽمالا جي هر ڳالهہ مڃڻ ٿي چاهي جو هن گئاٽمالا جي گوريلن (مجاهدن) کي شڪست ڏيڻ جي ڳجهي پاليسي ٺاهي هئي.“

ڊائنا جي ڪيس جي ڪري گئاٽمالا حڪومت جي مليٽري جي پٽ وائکي ٿي ۽ ڊائنا پنهنجي ظلم جي ڪهاڻيءَ ۾ اهو بہ ظاهر ڪري چڪي هئي تہ گئاٽمالا جي فوجين سان گڏ آمريڪا جا بہ باشندا شامل هئا، خاص ڪري Alejandro نالي همراهہ، جنهن کان گئاٽمالا ۾ موجود آمريڪن سفارتخانو بہ واقف هو. سو هن ڳالهہ جي واءِ واءِ ٿيڻ تي آمريڪا جي حڪومت بہ بدنام ٿي.

“It was a bad publicity for the U.S Government, Whose overt foreign policy objectives in Guatemala were promoting democracy, stability and respect for human rights. My case could “Damage US interests.”

ڊائنا جيتوڻيڪ ٻين عورتن وانگر گهٽو وقت ٽاچر سيل ۾ نہ رهي، پر هن کي ايڏي بي عزتي محسوس ٿي، هن کي ايڏا Shocks ۽ صدما رسيا جو هوءَ دماغي توزان ۽ يادگيري جي قوت Damage ڪري ويٺي. هن کي بقول سندس، اڄ ڏينهن تائين ان ڪڏ ۾ اڇلايل لاشن decomposition ۽ جميل رت جي ڌپ اچي ٿي. هن کي اجان تائين پنهنجيون ۽ ٻين عورتن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. هن کي اجا تائين ٻي قيدياڻي جي جسم مان رت جو نڪرندڙ ڦوهارو نظر اچي ٿو، جڏهن هن جو هٿ جهلي کهاڙي هنئي وئي هئي.

## آئون انهن پوائنٽين ياد گيرين کان ڇوٽڪارو چاهيان ٿي

هيءَ عورت ڊائنا آرٽز جيڪڏهن هتي موجود آهي، تہ هن سان نہ ملڻ تي افسوس ٿيندو. مون منور کي سڏي هن سان ملڻ لاءِ پڇيو تہ اهو ممڪن آهي.

”سائين ڪهڙيون ٿا ڳالهيون ڪريو. هوءَ ڇو نہ ملڻ چاهيندي. اسان جو هر وقت ملڻ ٿيندو رهي ٿو، جو اسان جو ساڳيو پروجيڪٽ آهي تہ هر انسان کي هن جا حق ملڻ کپن.

مونکي اجا سوير ملي هئي، جيڪڏهن هتي  موجود آهي تہ هينئر ئو وٺي اچانس.“ منور چيو.

مونکي منور جي هام هڻڻ تي تعجب بہ لڳو تہ ڪل بہ آئي تہ منور خبر ناهي واقعي ڊائنا کي وٺي ئو اچي يا الله جي ڏني مان في الحال گشو هٽي غائب ٿي ويو آهي.

ٿوري دير ٿي تہ پري کان پهريون منور جو Stillhoute نظر آيو ۽ پوءِ ان ئي جهڙي سنهي قد ڪاٺ ۽ سڪل هاٿيءَ جي هڪ عورت جو ويجهو ٿيڻ تي ۽ پارڪ ۾ هن جلسي خاطرلڳلايل هاءِ پاور بلبن جي روشني سندن منهن تي پوڻ تي هو منور ۽ ”دي بلائينڊ فولڊ آئيز“ ڪتاب جي ٽائيٽل تي لڳل ڊائنا آرٽز جي تصوير واري عورت پاڻ جيئري جاڳندي ليکڪا نظر آئي. ٻئي هٿ هٿ ۾ ملائي ڪلندا اچي رهيا هئا. اسان واري نجم ميمڻ چيو: ”سائين ڏسو ٿا چڻ بخشو لغاري ڳوٺ ۾ ڪانوينٽ اسڪول هجي، جتي ڊائنا ۽ منور ننڍي هوندي کان گڏ پڙهيا هُجن.“

مون ڊائنا سان ملي، سندس ڪتاب جي تعريف ڪئي، تہ آئون پنهنجي ملڪ جي ليڊرن، نمائندن ۽ خاص ڪري عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙن کي Suggest ڪندس تہ هو تنهنجو ڪتاب، تنهنجي جدوجهد واري زندگي بابت ضرور پڙهن، جيئن هنن کي تنهنجي بهادري، همت ۽ سچائيءَ مان Inspiration ۽ Motivation حاصل ٿي سگهي.“

مون ڪيس پنهنجهي جاءِ تان هلي اچي اسان سان ملڻ لاءِ مهرباني چئي، جو هوءَ منور جي چوڻ تي هلي آئي هئي.

”منور جي زندگي ۽ جلاوطني اسان لاءِ روشني جي راهہ آهي.“ ڊائنا منور جي ڳچيءَ ۾ ٻانهن ورائيندي دوستي جي ناتي جو اظهار ڪيو. ”منور اسان کي مصيبتن کان ڀڄڻ بدران بردبار ٿي مشڪلن کي منهن ڏيڻ ۽ Challenges کي قبول ڪرڻ سيکاريو آهي. منور منهنجي لاءِ هڪ ڀاءُ، هڪ دوست ۽ اوندهہ ۾ روشني آهي.....“ سندس ئي چيل لفظ هتي دهرايان تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو........

Munawar is my brother, friend, light in darkness. He is my inspiration, showing me by his courage and example how to live life. He is like a part of my family.”

ان رات ڊائنا بينظير واري اها ئي ڳالهہ ڪئي تہ ڏکن جي ڊڪشنري الڳ ٿيندي آهي، جنهن کي فقط اهي  محسوس ڪري سگهن ٿا، جيڪي انهن مصيبتن مان گذريا هُجن.

”ڪنهن تي الزام هڻي هن کي برو چوڻ ۽ ڪردار ڪشي Character Assassination ڪرڻ جو سور ۽ پيڙا اهوئي محسوس ڪري سگهن ٿا،  جن سان اهي ناانصافيون ٿيون آهن. هڪ جلاوطن ماڻهو ئي ان جلاوطني جي پيڙا Feel ڪري سگهي ٿو......

جيسيتائين پاڪستان جو نمائندو اسٽيج تي اچي تقريرَ ڪري، تيسيتائين ڊائنا اسان سان گڏ ويٺي رهي. خالد ڪلندي چيس تہ محترمہ اسان تہ منور لغاريءَ کي ائين ئي ٽي سمجهيو، پر اڄ تنهنجي هن لاءِ تعريف ٻُڌي اسان کي سوچڻو پوندو.

”آئون تعريف نہ پر حقيقت ٽي بيان ڪريان.“ ڊائنا چيو، ”توهان منهنجي ڪتاب جو ديباچو شايد چڱي طرح نہ پڙهيو آهي. جنهن ۾ مون منور لغاري جو نالو ڪٽي صاف صاف لکيو آهي تہ هي انهن ماڻهن مان آهي، جن سان ڏيٺ ويٺ ڪري منهنجي ذهني زخمن کي healing نصيب ٿي آهي. مون هن جهڙن ماڻهن لاءِ بهتر سپاٽي جي لاءِ همت ۽ اميد پرائي آهي.

Lastly, I thank my God for always being there, even when I doubted his presence.”

اسان سپني هن مشهور ليکڪا، عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ۽ پنهنجن لاءِ انصاف گهرندڙ عورت سان گڏ ڪجهہ فوٽو ڪڍايا.

”دوستو مون کان اڄ بہ اهي ٽارچر نٽا وسرن، جيڪي وحشين گئاتمالا جي فوجي حڪومت ۽ اسان جي ان وقت جي حڪومت يا ان جي انٽيليجنس ايجنسين جي آشيرواد سان مون تي ۽ ٻين ڪيترن ڪمزور عورتن ۽ ٻارن تي ڪيا ٽي. آئون اڄ بہ انهن درندن جا هٿ پنهنجي جسم تي محسوس ڪريان ٿي، جن منهنجي جسم کي ائين روڙيو ٽي، جيئن ڳجهون مئل جانورن کي پٽينديون آهن. آئون انهن پوائٽن يادگيرين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿي. آئون پنهنجي لاءِ ۽ گئاتمالا جي غريب عوام لاءِ انصاف ۽ آزاديءَ جي گُهرَ ڪيان ٿي. آئون اهو پڇڻ چاهيان ٿي تہ اسان جي ملڪ (آمريڪا) جي حڪومت يا CIA گئاتمالا جي انهن ظالم فوجين جا ڏَک ڇو ڏکيا ۽ کين مڪمل Protection ڏيئي منهنجو فرياد ۽ انصاف ڇو لوڙهي ڇڏيو.“

موڪلائڻ وقت ڊائنا پنهنجي زندگيءَ جي مقصد بابت ٻڌايو:

I demand the right to a future built on truth and justice. My tortures were never brought to justice. I have a responsibility to the people of Guatemala and to the people of the world to insist on accountability where it is possible.”

## ان ٽي بش بي چين ٽي مشرف کي فون نہ ڪندو

سوڊان ۾ ٿيندڙ انساني حقن جي پائماليءَ جي رپورٽ بعد پاڪستان جو وارو آيو. خالد ٻڌايو تہ هن قسم جون گڏجاڻيون آمريڪا جي ٻين شهرن کان علاوه هن گاديءَ واري شهر ۾ وائيٽ هائوس اڳيان ٿينديون رهن ٿيون، جتي مختلف ملڪن جا ماڻهو پبلڪ پراپرٽي کي نقصان رسائڻ بنا جلوس ڪڍن ٿا ۽ لائوڊ اسپيڪر تي پنهنجا يا پنهنجن ماڻهن جا ڏک

درد آمريڪا جي حڪومت ۽ پريس اڳيان بيان ڪن ٿا. ’ورلڊ سنڌ انسٽيٽيوٽ‘ جيڪو پڻ انساني ظلمن جي خلاف آواز اٿاريندڙ ادارو آهي، ان طرفان ڪو نہ ڪو هتي تقرير ڪري ٿو. ان رات حميرا رحمان سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلمن بابت پندرهن منٽن جي تقرير ڪئي، جيڪا ٽائيپ ٿيل ٻن صفحن تي هئي، جنهن جون ڪاپيون پريس ۽ اڳيان بيٺل ماڻهن ۾ ورهايون ويون.

حميرا سنڌ ۾ ڪجهہ مهينا اڳ جيئي سنڌ متحدهہ محاذ (JSMM) جي هڪ نوجوان سنڌي نئشنسلٽ سميع الله ڪلهوڙي سان پوليس ٿاڻي تي ٿيل ٽارچر بابت ٻڌايو، جنهن جي وگهي هو ستين مارچ 2005ع تي شهيد ٿي ويو. نومبر 2004ع ۾ پوليس سميع ڪلهوڙي کي دهشتگرديءَ جي ڏوهہ ۾ جهليو هو، جنهن لاءِ هو پاڻ ۽ سندس فيملي deny ڪندا رهيا ۽ پوءِ هو پنجھتر ڏينهن لاءِ Incommunicado رهيو، جنهن ۾ هن جي اکين تي پٽي چڙهيل رهي ۽ سخت ٽارچر ڪيو ويو. جنهن جو احوال سندس موت کان اڳ ڪنهن طرح هُن پاڪستان جي هڪ جرنلسٽ اقبال ملاح سان ڪيو. بعد ۾ پوليس ان ڳالهہ تان ڦري وئي تہ ڪو هنن سميع ڪلهوڙي کي arrest ڪيو هو ۽ پاڻ وٽ ٿاڻي تي رکيو هو، جيتوڻيڪ ان ڳالهہ جا ڪيترائي اکين ڏٺا شاهد آهن، جن سميع کي پوليس جي Custody ۾ ڏٺو.

حميرا هن جو سڄو احوال تفصيل سان ٻڌايو تہ هن کي ڪيئن اونڌو لڙڪائي ماريو ويو ٿي، سندس ٽنگون چڪي نازڪ عضون تي ڏک هنيا ويا ٿي ۽ هن مرڻ کان اڳ جرنلسٽ کي ٻڌايو تہ هن کي ائين لڳندو هو چڻ ڪنهن تکي ڪاتيءَ سان ڪيس ڳترا ڳترا ڪيو پيو وڃي، ”هنن مون کي هر وقت اهو threat ٿي ڏنو تہ تنهنجي ننڍي ڌيءَ کي آڻي، تنهنجي اڳيان rape ڪنداسين ۽ تنهنجي پٽ کي تنهنجي اکين اڳيان قتل ڪنداسين.“ سميع اهو بہ ٻڌايو تہ سياري جي ٿڌين راتين ۾ جڏهن پوليس پاڻ گرم ڪپڙن ۾ هوندي هئي، هن کي الف اگهاڙو ڪري ٿڌي پٽ تي گهليندا ۽ ٿڏا هڻندا هئا. ”هنن مون کي انڌو لڙڪائي مٿان پيٽرول ٿي پريو ۽ منهنجا ڏندَ پيچي چڏيا. منهنجو هاڻ جڏهن ايڪس ري ڪرايو ويو آهي، ان ۾ منهنجون پاسراٿيون (Ribs) بہ پڳل آهن، منهنجي نظر بہ ختم ٿيندي وڃي.“ هن مرڻ کان اڳ واري ملاقات ۾ موقعو ملڻ تي جرنلسٽ کي ٻڌايو هو ”منهنجون ٻُڪيون (kidneys)ختم ٿي چڪيون آهن، جو پيشاب سان گڏ رت اچي ٿو.“

پنهنجي زخمن جو تاب نہ جهلي سميع ڪلهوڙو وفات ڪري ويو. پر پنهنجي آڊيو رڪارڊيڊ (شايد وڊيو رڪارڊ آهي) احوال ۾ هو ڪجهہ پوليس آفيسرن جا نالا بہ ٻڌائي ويو آهي، جيڪي انسانن کي ٽارچر ڪرڻ ۾ بدنام آهن، پر افسوس جو اسانجي حڪومت انهن پوليس آفيسرن جي خلاف ڪو بہ قدم نہ کنيو آهي ۽ اهي اڄ بہ مست هاٿين وانگر هلندا رهن ٿا.

حميرا اهو بہ ٻڌايو تہ هڪ ٻيو همراهہ ولي محمد راهمون جيڪو گولڊ ميڊلسٽ انجنيئر آهي، سميع ڪلهوڙي جي مقابلي ۾ ڪجهہ بهتر ڀاڳ وارو چئي سگهجي ٿو، جو هو

حڪومت جي ڏاڍاين سهڻ جي باوجود هن جو ڪنهن ريت بچاءُ ٿي ويو ۽ هن کي مئجسٽريٽ سان پاڻ ڳالهائڻ جو موقعو ملي ويو، جنهن وٽ هو سچو بلاڪيٽ سان ڏڪجي پهتو هو، ڇڻ پوليس ڪنهن خطرناڪ ڌاڙيلَ کي آندو هُجي. آزاد دنيا جا باشندو راهمونءَ جو ڪهڙو ڏوهه هو؟ راهمون جو اهو ڏوهه هو ته هن ان علائقي مان سياست ۾ اچي عوام جي خدمت ڪرڻ ٿي چاهي، جنهن مان صوبي جو وڏو وزير آهي.....“

آئون ڪڏهن حميرا جي تقرير ٻڌي رهيو هوس ته ڪڏهن رستي جي هن پار آمريڪا جي صدر صاحب جو سرڪاري گهر - وائيٽ هائوس جي عمارت ۽ ان اڳيان جهومر ڪندڙ بلب بتيون، هوا ۾ لڏندڙ ڏگها وڻَ ۽ رنگين گلن جا ٻوٽا ڏسي رهيو هوس. رات جا ٻارنهن ٿي رهيا هئا، بش صاحب ولائتي پنگ جو چڪو پي سمهي رهيو هوندو يا سمهڻ وارو هوندو. رستي جي هن پار دنيا جي ڏتڙيل عوام پئي رڙيون ڪري، جرنلسٽ ۽ انساني حقن جون تنظيمون پيون اخبارون ڪاريون ڪن ۽ دستاويز ٺاهين. منور يا حميرا جي تقرير تي هن وقت ڪو بش بي چين ٿي مشرف کي فون نه ڪندو. سپاٽي جڏهن اوساما، صدام يا ٻئي ڪنهن کي بي ادب ۽ چيو نه مڃڻ جي لاءِ دپ پٽبي ته پوءِ هي اخبارون ۽ دستاويز ڏيکاري چئبو بابا توهان جي پنهنجن ماڻهن جون شڪايتون آيون آهن ... باقي جيسيتائين آمريڪا جي حڪومت جو ڪم هلي پيو تيسيتائين ضياء صاحب جهڙو به وڏو بزرگ، مذهبي ۽ جمهوريت جو پرستار دنيا ۾ نه ٿيندو .... مون کي ته ڪجهه ائين ئي لڳي ٿو.... حميرا، منورجهڙا مختلف ملڪن جا چريا اجايون دانهون پيا ڪن. پر سوال آهي ته جيڪڏهن ايترا به چيڪ ۽ بئلنس نه هجن ته پوءِ اسان جي ايشيا ۽ آمريڪي ملڪن جون ظالم قوتون اجا به وڌيڪ ظالم ٿي پون. هينئر گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن سان ڪو ظلم ٿئي ٿو ته دنيا کي خبر ته پوي ٿي، هتي جي اخبارن ۾ ته اچي ٿو. رڪارڊ تي ته ڳالهه رهي ٿي ۽ واشنگٽن اهو شهر آهي، جتي نه فقط آمريڪا جي انتظاميہ، جيوڊيشري ۽ چونڊيل نمائندا آهن، پر سڄي دنيا جا سفارتخانا ۽ ڪيترين اهم تنظيمن ۽ ادارن جون آفيسون آهن. جن تائين ڇاڻ پهچيو وڃي. ظلم جو بروقت مقابلو ڪٽي نٿو ٿئي، پر ان کي نديو ته وڃي ٿو.........

## ان پٺيان سندس سالن جي محنت آهي

واشنگٽن ۾ منور لغاريءَ جي هڪ ڪمري واري فليٽ ۾ چڱا ڏينهن رهڻ ٿيو. پاٽيءَ جي جهازَ جي نيڙڻي ڪئبن وانگر هتي مونکي بيحد سڪون وارو ماحول مليو ۽ هن آمريڪا جي سفرنامي بابت گهٽي کان گهٽو مواد لکي ورتم. منور ٻہ ٽي ڏينهن غائب هوندو هو. ڪڏهن وائيٽ هائوس اڳيان ته ڪڏهن نيويارڪ جلسن جلوسن لاءِ هليو ويندو هو ... ڪڏهن ڪئناڊا پنهنجي WSI جي شاخَ جا پيرَ جمائڻ ۽ اتي ڪم ڪار شروع ڪرڻ لاءِ هوندو هو. اسان وارو ڳوٺائي نجم ميمڻ صبح ساڻ آفيس هليو ويندو هو ته شامَ جو دير

سان موٽي فرج ۾ رکيل ڀريون جو فريز ٿيل ڀوڙ گرم ڪري، ڊبل روٽي سان کائي، نمازون پڙهي يڪدم سمهي رهندو هو يا وري ڪنهن ڏينهن پٽ سان گڏ دال رڌي وٺندو هو يا پٽاٽا ترنيدو هو ... پوءِ ٻئي ڄڻا ماني کائڻ مهل ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين، ان بعد آئون وري لکڻ ۾ لڳي ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن نجم رستي تي يا سندس يونيورسٽي جي لئبرري ۾ ٿيل ڪنهن واقعي جو حد کان وڌيڪ تفصيلَ سان احوال شروع ڪندو هو، پر جي آئون پني ۾ منهن وجهي لکڻ ۾ مدهوش هوندو هوس، ته شريف ماڻهو پاڻ ئي ان قصي جي پچر ڇڏي، پنهنجي ڳالهائڻ جي ڪوٽا پوري ڪرڻ لاءِ امير گاجٽي کي فون ڪندو هو ۽ ان جو يا هن جي زالَ جو مٿو کائيندو هو. هو اڪثر امير سان ٽئڪسي گڏ وٺي هلائڻ جا پروگرام ٺاهيندو هو ـ يا ڪنهن ٻي نوڪري ۾ ڌنڌي جي خوابن جي تاجي پيٽو اُٿڻ شروع ڪندو هو، جنهن ۾ هن موجوده جاب کان وڌيڪ سهوليت هجي. اها هڪ عام ڳالهه آهي، جيڪا پرديسَ ۾ درپيش اچي ٿي، يعني بهتر مستقبل جا خوابَ ڏسڻ. سمنڊ تي اڪيلي سر جهاز هلائڻ مهل به اهڙا خيالَ ايندا آهن. خاص ڪري تڪليف ڏيندڙ موسم ۾ طوفاني راتين ۾. سوچڻ جو سلسلو هڪ اڻ کٽندڙ رستو وٺي پيو ويندو آهي، ته ڪيئن هن نوڪريءَ مان جان ڇڏائي ٻي ڪا ڪجي، جنهن ۾ اوپرائپ يا اڪيلائي نه هجي، جنهن ۾ سکي زندگي هجي.

بهرحال نجم کي مات ڪرائڻ ڪو ڏکيو ڪم نه هوندو هو. هو اڪثر هالا جي ڪنهاڙن، مِرچن، موڏڙن، ڊُگن ۽ تورپين جا ڊگها ۽ ساڳيا ساڳيا قصا کٽي ويهندو هو. اهي اهڙن موقعن تي آئون اڌ ڪلاڪ کن هيٺ گرائونڊ فلور تي هليو ويندو هوس. واپس ايندو هوس ته ڪمري ۾ سندس ڳالهين بدران کونگهرا هوندا هئا. اهڙيءَ طرح مون کي لکڻ پڙهڻ لاءِ اڪيلائي ۽ خاموشي ملي ويندي هئي. منور ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ نموندار ٿيندو هو ته ڏڻ معافين جا اچي وٺندو هو ته هو مونکي ڪمپني نه پيو ڏئي سگهي ۽ آئون اهو ئي ڪيس سمجهائيندي سمجهائيندي ٿڪجي پوندو هوس، ته اهوئي ته Setup مون لاءِ بهتر آهي، جنهن ۾ تون ڏينهن اڌ ملين ٿو ... هتان هتان جون خبرون ٻڌائين ٿو يا مونکي هيڏانهن هوڏانهن وٺي هلين ٿو ۽ پوءِ به ٽي ڏينهن اڪيلو ڇڏي ڏيڻ سان مونکي لکڻ جو وقت مليو وڃي ۽ وچ وچ ۾ مونکي اڪيلي سر گهمڻ جو به موقعو مليو وڃي. هونءَ به منور جو فليٽ ان ماڻهوءَ لاءِ بهترين آهي جنهن کي لکڻ پڙهڻ جو شوق هجي، ڇو جو منور جو اهو ”اڪلوتي“ ڪمري وارو فليٽ ڪتابن سان ڀريل آهي، جن ۾ تمام دلچسپ ۽ اهم ڪتاب موجود آهن. هندستان ۽ پاڪستان جي سنڌي ادب ۽ شعر و شاعري جا ڪتاب، دنيا جي اهم ماڻهن جون بايوگرافيون، سياست ۽ ايڪانامڪس تي ڪتاب، آزاديءَ جي جدوجهد تي لکيل ڪتابَ، ملڪن جي سياسي تاريخ ۽ جاگرافي جا ڪتاب، قانون جا ڪتابَ، دنيا جي ملڪن جي آئين ۽ حڪومتي نظامن تي لکيل ڪتاب ـ ڪتاب ئي ڪتاب آهن. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي هئي ته مهينو کن هن ڪمري ۾ پاڻَ کي بند ڪري ڇڏجي ۽ رڳو ڪتاب پيا پڙهجن. منور انهن

ماڻهن مان لڳي ٿو، جنهن کي نہ فقط ڪتابن رکڻ جو شوق آهي، پر پڙهڻ جو پڻ. ٽڪل هوندو تہ بہ سمهڻ کان اڳ، صبح جو اٿڻ سان يا مانيءَ کان پوءِ ڳرا ڳرا سياست، قانون ۽ آمريڪي تاريخَ جا ڪتاب کڻي نہ رڳو پڙهندو، پر انهن مان Notes بہ وٺندو. منور کي جنهن عزت سان هن ملڪ جا سياسي نمائندا، ڪانگريس مين، سرڪاري ڪامورا، مختلف ملڪن جا سفيرَ ۽ تنظيمن جا سربراهہ ملن ٿا، ان جو وڏو سبب اهوئي آهي تہ هن کي تمام گهڻي معلومات آهي. هو هر ٽاپڪ تي ڳالهائي سگهي ٿو. هو جيترو وقت بہ هتي رهيو آهي وقت وڃائڻ بدران هُن پنهنجي معلومات ۾ واڌارو آندو آهي ۽ پڙهيل ڳڙهيل ۽ سلجهيل ماڻهن سان تعلقات وڌايا اٿس. ان پٺيان سندس سالن جي محنت آهي. هتي آمريڪا ۾ منور کي نہ فقط ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جو چيئرمين سمجهيو ٿو وڃي، پر هڪ learned ماڻهو ۽ دانشور پڻ ۽ هيڏي مان ۽ رتبي هوندي بہ منور بيحد Humble انسان آهي، فزيڪلي ۽ اخلاقي طرح مضبوط انسان آهي. واشنگٽن ۽ نيويارڪ جهڙن شهرن ۾ رهي ڪري، هن جيڪو مختلف ليڪڪن جي ڪتابن مان علم حاصل ڪيو آهي ۽ هن جي جيڪا سوين سياسي، ادبي ۽ مذهبي قسم جي ماڻهن سان Interaction ٿي آهي، هن کي جيڪا UNO، آمريڪا جي حڪومتي نظام ۽ مختلف ملڪن ۽ قومن سان ٿيندڙ ظلمن جي ڄاڻَ آهي سا شايد ئي اسان جي اڄ جي ڪنهن پاڪستانيءَ کي هجي ـ ان ڳالهہ جو اعتراف حسين حقاني صاحب بہ ڪيو، جنهن سان گڏ هتي جي هڪ ڪانگريسي سيشن اٽينڊ ڪرڻ جو موقعو مليو.

**And Come out of the Land that belongs to others**

منور جي هن فليٽ واري بلڊنگ ۾ گهڻا ڪارا رهن ٿا، پر انهن ۾ آفريڪي نسل جي بدران گهڻا ڪئريبين ٻيٽن جا آهن. هيٺين فلور تي جتي رسيپشن آهي، اتي وڏي لائونج پڻ آهي، جنهن تي رکيل صوفي تي هي شام جي وقت يا صبح جو يارهين ٻارهين اچي وهندا آهن. سڀ سٺ سالن کان وڏا آهن، بلڪ ستر جي لڳ ڀڳ ٿيندا. 62 سالن جو تہ آئون آهيان ۽ مونکي ينگ مئن ڪري سڏيندا آهن. هي سڀ گهڻو ڪري اڪيلا رهن ٿا ـ تمام ٿورن جون زالون جيئريون آهن. سندن اولاد آمريڪا جي مختلف شهرن ۾ نوڪري ڪري ٿو، جتي هو پنهنجين زالن مڙسن ۽ ٻچن ٻارن سان رهن. هنن ۾ گهڻو ڪري سڀ پڙهيل ڳڙهيل آهن. ڪيترا تہ وڪيل هئا، هڪ جج آهي ۽ ڪي پروفيسر هئا. هاڻ سڀ رٽائرڊ ۽ پوڙها آهن. اڪيلي جي زندگي گذارين ٿا، ڪڏهن ڪڏهن سندن ڪا ڌيءَ يا پٽ ملڻ لاءِ اچي نڪرندو آهي. بهرحال هتي ان قسم جي ئي زندگي آهي ۽ هو وڏيڪ اميد بہ نٿا رکن. پنهنجو پاڻ ۾ ويهي ڪچهري ڪن. ڪڏهن ڪڏهن منور ۽ آئون بہ ساڻن ويهي رهندا آهيون. هڪ ٻہ عذر وارا بہ آهن، جيڪي وهيل چيئر تي پاڻهي ڪمري کان لائونج تائين اچن وڃن. گورو آمريڪن

اڄ ڪلهه جي گرم موسم ۾ چڊي پائي پيو هلندو، پر هي ڪمپليٽ سوٽ ۽ مئچنگ ٽاءِ لڳائي هٿ ۾ سگريٽ جهلي ائين نظر ايندا آهن، ڄڻ اسٽيج تي ڪنهن ڊرامي ۾ پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ پهتا هُجن. اُنهن مان هڪ جنهن جو سچو نالو ڊونالڊ پي رائيٽ (Donald P. Write) آهي ۽ سڀ ۾ گهڻو خوش مزاج آهي، اهو منور جي فلئٽ ۾ بہ اچي نڪرندو آهي. هڪ ڏينهن ٻڌائين پئي تہ هن بلڊنگ جي هڪ فلئٽ ۾ آمريڪا جي سابق صدر نڪسن جو پيءُ ۽ پوء پاڻ نڪسن بہ رهيو ۽ هي فلئٽ ان خيال کان تاريخي چئي سگهجن ٿا جو هن ۾ آمريڪا جا اهم ماڻهو رهي ويا آهن ۽ اڄ بہ رهن ٿا. ڊونالڊ پاڻ شاعر بہ آهي ۽ هر دفعي پنهنجو ڪو شعر بہ اچي ٻڌائيندو آهي. انهن شعرن مان هڪ شعر جيڪو مونکي گهڻو پسند آهي ۽ اڃان تائين ياد بہ اٿم، هن ريت آهي:

The world we live in,
Is the beautiful place
If the man put down his arms,
And begin to live in this place.
In order to do this
We must love on as brother,
And come out of the land,
That belongs to others.

# سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ آزار بڻيل اسانجا اڳواڻ

منور لغاريءَ گذريل پندرهن سالن کان وطن کان ڏور واشنگٽن ۾ جلاوطني جي زندگي گذاري رهيو آهي. هِن سال کن اڳ سندس واشنگٽن (آمريڪا مان لکيل) ڪتاب ”جلاوطني ــ جدوجهد لاءِ اتساهه“ سنڌ اڪيڊمي وارن حيدرآباد مان ڇپرايو آهي. رات ان ڪي پڙهي ڪجهه ٽڪرا نوٽ ڪيا اٿم:

- جتي ڪاميابيءَ جا موقعا هوندا آهن اتي ناڪاميءَ جا سببَ پڻ ٿين ٿا. مڪمل ڪو بہ ناهي، پر بهتر انسان اهوئي آهي جيڪو انهن ناڪامين جي ڪارڻن تي قابو پائي وٺي. انهن ناڪامين جي سبب تي اهو ئي قابو پائي سگهندو جيڪو سياست جي علم کي نہ رڳو سائنس سمجهندو، پر ان کي ڪامرس ۽ آرٽ بہ ليکيندو......
- ...... بدقسمتيءَ سان سائين جي ايم سيد تاريخ جون سچائيون لکندي بہ عوامَ کان منهن موڙيو ۽ ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ بينظير ڀُٽو عوامي حمايت هوندي بہ تاريخ ۽ قومن جي وجود کي پٺي ڏيئي ويٺا.
- اخبارون ڪنهن حد تائين عوام جي شعور لاءِ اڪيون هجن ٿيون، پر وري سرڪاري اشتهارن جي آسري ۽ سرڪاري پاليسين جي مجبورين تحت هنن کي هلڻو پوي ٿو. جيسيتائين عوام جي اڳيان صحيح قيادت جو تصور، اعتماد ۽ ڀروسو نہ ايندو تيسيتائين ڀجيرو قيادت عوام جي روحن ۽ وڪريل ڪارڪنن جي سچائيءَ کي بلڊوز ڪندي رهندي. ڪارا چشما، ڪاٽن جو اڇو وڳو، انگلش بوٽ، وسڪي جي بوتل، پرمٽ، پلاٽ ۽ ٺيڪي جي چڪر ۾ قوم فروشي جو ڌنڌو چالاڪي ۽ مڪاري سان ٿيندو رهندو.

  قوم فروشو! جاگيردارو! حڪمرانو، وڏيرو! بي ايمان سياستدانو، رشوت خور ڪامورو! غريبن ۽ مسڪينن کي پنهنجي اقتدار جي ڏاڪڻ نہ بڻايو. اهڙو وقت ايندو جو اها ڏاڪڻ توهان جي محل جي ڪرڻ جو سبب ٿيندي.
- پٽائي کي رڳو درويش واري حيثيت جو سرٽيفڪيٽ نہ ڏيو، پر هو هڪ عالم، فلاسافر، مفڪر، ڏاهو ۽ تاريخ جي هڪ تمام وڏي عظيم حيثيت رکندڙ عظيم شخصيت هو.
- اڄ پنهنجي شهريت ڀلي ڪهڙي بہ هجي پر پنهنجي قوميت سنڌيت آهي. پاڻ رهندا ڪهڙي بہ ملڪ ۾ هُجون، پر پنهنجو ملڪ، وطن، يا ساٿيهه سنڌ آهي.

- پٽائي وٽ پلاٽ ۽ پرمٽ ڪونہ هُئا. هن وٽ پٽ هئي. هن وٽ گاڏي نہ پر گوڏا هُئا، پنڌ هو، پيرن پنڌ. هن مٽن جا، سرن جا سودا پئي ڪيا. هو وڪامڻ لاءِ ڪنهن درٻار تي بيٺل نہ هو. تاريخ جو رکوالو هو، سنڌ جو رکوالو هو. محبت جو سپاهي هو، ڪڏهن ڪڏهن آئون پنهنجو پاڻ کي ۽ ڪي ٻيا ماٺهو پڇندا آهن تہ هاڻ تون آمريڪا ۾ رهين ٿو، جديد ٽيڪنالاجي واري دنيا ۾ پوءِ بہ سنڌ لاءِ جدوجهد ۽ پٽائيءَ جا بيت ڇو ٿو جهونگارين؟

تڏهن منهنجي دل ۾ اهوئي اچي ٿو تہ:

محبت وڏو آ مامري........

- سنڌ رڳو هڪ تجربيگاهہ ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي. جيڪڏهن تجربيگاهہ ۾ رهي تہ بہ ٺيڪ آهي پر سياٽي ميوزيم جو حصو ٿي تہ رڳو تاريخ جو هڪ حصو هوندي. آخر ان نا اميدي، مايوسي ۽ بي حسي جو سبب ڇا آهي ۽ ان سوال جو جواب ڪھڙو آهي. رستو وڃائي ويٺا آهيون ۽ منزل جي بہ خبر نہ آهي، هرڪو پاڻ کي صحيح سمجهي ويٺو آهي.

جنگ رڳو معاشي هجي تہ ڇئون ڪاتي گدري تي آهي، پر جنگ وجود جي آهي. تنهنڪري ڪاتي ڪنڌ تي آهي. ان ۾ ڏاهپ، بهادري، شهادت، ايشيا جو دماغ ۽ قومي رهنما ڇا ڏيئي سگهيا آهن؟ بس اهوئي تہ انهن قوم جي ڪنڌ تي ڪاتي رکرائي ڇڏي آهي، تنهن ڪري جياپي جي جنگ ڏگهي نظر اچي ٿي. صورتحال منهنجي اڳيان سوال جي نشاني ٿي بيٺي آهي.........

- سنڌ هاري ڪميٽي ۽ عوامي تحريڪ کان پوءِ ترقي پسند پارٽي آهي، جنهن کي سنڌ جي ڪيڊر ۽ عوام ۾ پذيرائي ملي. قادر مگسي جي قيادت پسند پارٽي جي جدوجهد کي گهٽو ئي مانُ مليو، پر غلط حڪمت عملين ڪري عوام ۾ پنهنجي وڏندڙ اثر کي برقرار رکي نہ سگهيا. انهن ٺنهي تحريڪن سنڌ ۾ قومي شعور کي تنظيمي، عوامي جدوجهد جي شڪل ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
- ڪن کي ڇڏي، گهٽي قدر سياسي مگٽهارن ئي سنڌي عوام ۽ ڪارڪنن جي جدوجهد جي سوديبازي، سنڌي عوام ۽ ڪارڪنن جي جدوجهد سان بي ايماني ۽ تين وال ڪيو آهي. جنهن ڪري جدوجهد کي ڪارگر نتيجا ناهي ڏيئي سگهي. پر دنيا جي ٻين حصن ۾ ائين ناهي. اتي جي ليڊرشپ اخلاق، بهادري، اعليٰ گٽن، سچائين ۽ حقيقت پسندي جو مظاهرو ڪيو آهي.

سياسي مگٽهارن کي گهرجي تہ شرنائين ۽ دهلن کي بند ڪن ۽ روايتي سياست جيڪا روزگار، واپار ۽ عادت تي بيٺي آهي، ان کي ان مان ڪڍي فرض ۽ ذميواريون نڀائين.....

- ...... سياسي مگٽهارن کي گهرجي تہ هو پهرين پنهنجا پير سڌا ڪن تڏهن ئي ماڻهو، ڪارڪن، عوام ۽ دنيا انهن تي اعتبار، ڀروسو، يقين ۽ ويساهہ ڪندي.
- يونيورسٽي جي زماني ۾ هڪ همراهہ هوٽل تي ماني کائي دنگ ڪرڻ بعد وڃڻ لڳو. هوٽل واري چيس تہ سائين بل ڪير ڏيندو؟
- چيائين: لکي ڇڏ.
- هوٽل واري چيس: سائين پويون بل بہ آهي.
- اڳواڻ وراڻيس: اهو ڊاهي ڇڏ.
- اهو همراهہ ڪجھ عرصو اڳ ۾ ڪنهن چڱي ڀلي عالمي تنظيم جو اڳواڻ هو. اهڙا اڳواڻ يونيورسٽي ۾ بہ آزار هئا ۽ پوءِ بہ سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ آزار بڻيل آهن. دنيا ۾ هاڻ سنڌ جي عالمي سياست ۾ گند ڪرڻ لاءِ اڳيان اڳيان آهن.

## پيڙي پيڙي پٽ، سورائٽي سندرو

منور لغاريءَ سان ڳالهہ ٻولهہ دوران مختلف شين لاءِ سندس Views ۽ Comments ۽ سوالن جا جواب:

چا اهو ضروري آهي تہ ولايت ۾ رهندڙ هر ماڻهو کي وطن جو احساس ٿئي ٿو؟

منور: وطن ڇڏيندڙ ماڻهوءَ کي وطن جو احساس تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو ان متعلق سوچي ٿو. جيڪڏهن سوچڻ ڇڏي ڏي تہ هو احساس، ۽ ڪيفيتن جي زنجيرن کان آزاد ٿي ويندو. پر اهو تمام مشڪل آهي. جن بہ ماڻهن پنهنجن انهن احساسن، ڪيفيتن کي خود اعتمادي، نظم ضبط ۽ پر عزم طريقي سان استعمال ڪيو تہ انهن ضرور تبديلي آندي.

ماڻهو وطن سان محبت ڇو ٿو ڪري؟ آزادي ڇا آهي ۽ ان جي ڪيتري حد هجڻ گهرجي؟ سنڌ لاءِ ڪهڙي جدوجهد ڪرڻ کپي ـ حقن واري جدوجهد يا مشڪل آزادي ... وري امن پسند طريقا استعمال ڪجن يا گوريلا جدوجهد، ٻاهرين قوتن تي ڀاڙڻ گهرجي يا نہ؟ مدد لاءِ ٻاهرئين طاقتن کي آماده ڪجي يا نہ؟ سنڌ جي وڏيري جو انقلاب ۾ ڪهڙو ڪردار بيهندو؟ سنڌ جا وڏيرا هوندئن تہ قوم کي تين وال ڪن ٿا، پر ڪن مان چڱي اميد بہ رکي سگهجي ٿي؟ ان لاءِ ڪهڙي لائين رکڻ گهرجي؟ ڪئين سوال دماغ تي بار ٿيو بيهن. انهن سوالن مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، پر جان ڇڏائي نہ سگهندو آهيان، پوءِ لطيف پڙهندو آهيان، جيڪو آٿت ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ:

پيڙي پيڙي پٽ، سورائٽي سندرو.

سورن جو سندرو بہ پاڻ پٽ. ٻئي ڪنهن کان نہ پٽراءِ ۽ ڇڪي پٽ، متان وچ رستي تي کلي نہ پئي. ڀٽائي تي سوچيندي سوچيندي منهنجي من ۾ هي خيال تري ٿو اچي، تہ وڏن

مسئلن جي آخري ڪاميابيءَ جو مدار نندن سوالن جي صحيح ۽ انصاف پٽاندڙ فيصلن ڪرڻ تي منحصر آهي.....

آئون پاڻ کي انهن خواهشن جو غلام قطعي بڻائڻ لاءِ تيار نہ آهيان، جيڪي ماڻهوءَ کي ننڍڙو بڻائي ڇڏين. تاريخ، وقت، عوام ۽ ضمير جي اڳيان ڏوهي ۽ گناهگار بڻايو ڇڏين.

ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ ۽ ڏاڏو محرم ڏاڍو ياد ايندو اٿم. اهي ننڍپڻ جا ڏينهن جڏهن آئون ڳوٺ ۾ وٽن مان ڪاٿيون وڍيندو هوس، جهارَ هڪليندو هوس، ڳڙ ڪڍندو هوس .... آئون هڪ هاريءَ جو پٽ آهيان جنهن هاريءَ کي سچو شاهہ جو رسالو ياد هو، جيڪو هن مونکي پڙهايو. ڏاڏا سان گڏ مال چارڻ ويندو هوس. مال جو وٿاڻ گڏ ڪندو هيس. امان ۽ چاچيءَ واريون ڦٽيون چونڊڻ وينديون هيون ۽ شامَ جو ڊگهي گاڏيءَ ۾ سڀني لاهيارين جون ڀريون ڪچي اوطاق تي اينديون هيون. اسانکي جيڪو ٽڪو پئسو خرچي ملندي هئي، ٻيا ٻار ان ئي وقت واڻئي جي دڪان تان ڪٽمنڙو يا ڪتل ڳڙي وجي وٺندا هئا. آئون اهو ٽڪو ٽڪو بچائي پوءِ سٺي سليٽ، پين يا ڪو ڪتاب وٺندو هوس. مون ڪڏهن بہ پاڻ کي ڪاڏي جي شيءِ تي نہ هيرايو.

## آمريڪا ۾ سنڌين جون تنظيمون ۽

## ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (WSI)

آمريڪا ۾ سنڌين جون ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون تنظيمون آهن، مثال طور:

- سنڌي ائسوسيئيشن آف فلوريڊا
- مشيگان ائسوسيئيشن آف سنڌي
- سنڌي سيا آف جارجيا
- سنڌي ائسوسيئيشن آف لانگ آئلئنڊ
- سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ ۽ سائوٿ ڪارولينا.
- سنڌي ائسوسيئيشن آف نيو جرسي.
- سنڌي ائسوسيئيشن آف دي ٽراءِ اسٽيٽ
- سنڌي ائسوسيئيشن آف واشنگٽن ڊي سي
- سنڌي ائسوسيئيشن آف ڪيليفورنيا
- سنڌي سرڪل آف نيويارڪ......... وغيره وغيره.

انهن ۾ ڪيترين تہ تمام پراڻيون آهن، جيڪي نںڍي ڪنڊ جي ورهاڱي بعد سنڌي هندن پاڻ سان هڪ ٻئي ۾ Contact ۾ رهڻ ۽ هڪ ٻئي جي سڏ سماءَ لهڻ لاءِ ٺاهيون. اهي تنظيمون گهڻو ڪري ثقافتي سماجي، علمي ۽ گهٽي حد تائين مذهبي مقصدن تائين محدود رهن ٿيون.

مٿين تنظيمن کان علاوه ستر ۽ اسي واري ڏهي جون ٺهيل تنظيمون ورلڊ سنڌي ڪانگريس WSC ۽ سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا SANA آهي، جيڪي پاڪستان کان هتي نوڪرين ۽ واپار وڙي لاءِ آيل سنڌي مسلمانن ۽ هندن جون ٺهيل آهن. انهن تنظيمن جو ڪم سنڌ جا مسئلا ڪڍڻ، انهن جو حل ڳولڻ ۾ مدد ڪرڻ، پرديسَ ۾ آيل سنڌين جي رهنمائي ۽ اخلاقي مدد ڪرڻ ۽ سالَ ۾ هڪ يا ٻہ سوشل گڏجاڻيون ۽ ميلا لڳائڻ آهي ... خاص ڪري سانا ان ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ هر سال ڪنهن نئين شهر ۾ ٽي چار ڏينهن هڪ ئي هوٽل ۾ رهي ادبي، ڳائڻ وڄائڻ، سياسي ۽ ٻارن جون الڳ محفلون رکڻ آهي، جنهن ذريعي هڪ ٻئي جي ڄاڻ سڃاڻ ٿئي ٿي ۽ سڱابندين ۾ بہ مدد ملي ٿي، نہ تہ پرديسَ ۾ رهندڙ سنڌين جو وڏو مسئلو ٻارن لاءِ Suitable رشتا ڳولڻ آهي. خاص ڪري انهن والدين لاءِ جن کي نياڻين جو اولاد آهي. ورلڊ سنڌي ڪانگريس ۽ سانا ٻئي تنظيمون ميمبر شپ جي بنياد تي قائم آهن.

مٿين سيني سنڌي تنظيمن ۾ ڏٺو وڃي تہ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (WSI) ننڍي عمر جي آهي، جنهن جو بنياد ويجهڙائيءَ ۾ (1997ع ڌاري) پيو آهي. اها هڪ رجسٽرڊ تنظيم آهي، جنهن جي هيڊ آفيس آمريڪا جي گادي واري شهر واشنگٽن ڊي سي ۾ آهي. هن جون برانچون انگلينڊ کان علاوه هن سال ڪئناڊا ۾ بہ ٺهي آهي. هن تنظيمَ جو باني منور لغاري آهي، جيڪو بنيادي طرح سول انجنيئر آهي. ڪئناڊا واري برانچ جي سرپرست حميرا رحمان آهي، جيڪا پروفيشن جي لحاظ کان آرڪيٽڪيٽ انجنيئر آهي. WSI جي بروشر مطابق:

WSI is committed to achieving human rights for Sindhis of Sindh through a non-violent advocacy, activist and academic campaign.

WSI جو گهڻو ڪم ڪار بورڊ آف ڊائريڪٽرس جي معرفت هلايو وڃي ٿو. WSI جو دارو مدار ميمبر شپ تي نہ پر والنٽيرئس تي آهي. اڄ ڪلهہ هيٺ ڏنل ماڻهو بورڊ آف ڊائريڪٽرس تي آهن.

- زاهد مخدوم ـ صدر
- سنيتا مکي ـ ميمبر
- مقبول عالياڻي ـ جنرل سيڪريٽري
- سهيل انصاري ـ خزانچي
- منور لغاري ـ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ۽ باني
- قادر بخش جتوئي ـ ميمبر
- رميش ٺاروائي ـ ميمبر

هيءَ تنظيم ”SINDH WATCH“ نالي مئگزين بہ ڪڍي ٿي جنهنجا مختلف ملڪن ۾ نمائندا آهن. ”سنڌ واچ “ جو مکيہ ڪم سنڌين کي هڪ ٻئي جي خبر چار ڏيڻ، سنڌ سان لاڳاپيل مختلف مسئلا جيڪي ماحوليات، ميڊيڪل، تاريخ، سياست، انساني حقن، ثقافت، ٻولي، تعليم، معاشيات مطلب تہ زندگي جي هر شعبي سان سلهاڙيل آهن، تن کي لکت ۾ آندو وڃي ٿو. ”سنڌ واچ“ مئگزين جو مکيہ مقصد اهو بہ آهي تہ مختلف سنڌي تنظيمن، گروپن ۽ ماڻهن جي وچ ۾ هڪ پائيدار ڳانڍاپو پيدا ڪجي. سنڌ واچ سنڌين جي پهرين عالمي مئگزين آهي.

## انٽرنيٽ تان ورتل

ڪجهہ ڏينهن اڳ انٽرنيٽ تي هن تنظيم جي باني منور لغاريءَ جو تعارف (Profile) نظر مان گذريو، جيڪو پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ هوبهو ڏئي رهيو آهيان:

Munawar Laghari, Executive Director of the World Sindhi Institute (WSI) and International Representative of SINDH WATCH, a quarterly magazine published by WSI, holds a Bachelor's degree in Civil Engineering from Mehran University of Jamshoro, Sindh. Born in 1964, he has spent most of his life advocating for human rights and humanitarian causes. In the process of his struggles, he scarified his academic career, family relations and ties to his land. As retribution for his advocacy work in Sindh in 1980s and 1990s. Pakistani forces held Laghari captive and tortured him. Due to threats of continuous persecution, Laghari escaped Sindh, leaving behind his parents, brother, cousins and friends, and sought asylum in the United States, where he has lived since 1994. Mr. Laghari is a founding member of the Torture Abolition and Survivors Support Coalition (TASSC). Laghari is also a member of the United Nation Association National Capital Area (UNA_NCA). On behalf of the World Sindhi Institute. Laghari received in 1999 Blue Ribbon Award Presented by UNA_NCA. In recognition of Laghari's dedication and devotion to the cause of human rights, The Washington Times ran a story on him on June 26, 2000, the International Day for the support for Torture Victims. Mr Laghari has testified before the Congressional Human Rights Caucus on the International Day in support of Torture Victims (1999). He has also testified before the subcommittee on Foreign Operations, Export Financing and Related Programs and the house committee on Appropriations (2000), as well as to the World Summit in Durban, South Africa (2001).

# پاڪستاني سفير جنرل جهانگير ڪرامت
## سان ملاقات

واشنگٽن ۾ رهڻ دوران هڪ ڏينهن هتي رهندڙ اسانجي پاڪستاني سفير جنرل جهانگير ڪرامت سان به ملڻ ويس، جنهن جو احوال شروع ۾ به لکي چڪو آهيان. اسانجي پاڪستاني ايمبسي (سفارت خانو) اچ ڪلهه انٽرنيشنل ڪورٽ واري علائقي ۾ آهي جيڪو هتي جي مشهور يونيورسٽي UDC جي پر ۾ آهي. زمين دوز ريلوي رستي هتي پهچڻ لاءِ وان نيس ريلوي اسٽيشن تي لهڻ ڪپي، جتي Red Line واري گاڏي پهچي ٿي، جنهن ۾ چڙهڻ لاءِ توهان شهر جي ڪنهن به ڪنڊ کان ڪنهن به ريل ۾ چڙهي، ميٽرو سينٽر ريلوي اسٽيشن تي اچي ريڊ لائين ريل ۾ سوار ٿي سگهو ٿا، جيڪا اڳيان "فرينڊشپ هائيٽس وائيٽ فلنٽ Twin Brook، راڪ وائيل ۽ شيڊي گروو ريلوي اسٽيشن تائين هلي وڃي ٿي.

يورپ، جپان، ڪئناڊا ۽ آمريڪا جي ٻين شهرن وانگر هتي واشنگٽن ۾ به مختلف ڪمپنين ۽ مالڪن جون پرائيويٽ ريل گاڏيون هلن ٿيون، جن جا رنگن تي نالا آهن. جهڙوڪ ريڊ لائين، آرينج لائين، بلو لائين، گرين لائين، ييلو لائين وغيره. واشنگٽن جون ٿي چار ريلوي اسٽيشنون اهڙيون به آهن، جيڪي ڪوٽڙي ۽ روهڙي وانگر جنڪشنون آهن، جتي به يا وڌيڪ رنگن ۽ routes واريون ريلون گذرن ٿيون، جيئن ڪراچي مان ايمپريس مارڪيٽ، ريگل چوڪ، ٽاور نرسري ۽ گذري جهڙن بس اسٽاپن تان مختلف علائقن ڏي ويندڙ بسون ملن ٿيون. واشنگٽن شهر جا اهي هنڌ: ميٽرو سينٽر، پينٽاگان، Rosslyn، فورٽ ٽاٽن، چائنا ٽائون وغيره آهن. يونين اسٽيشن به واشنگٽن جي مشهور ريلوي اسٽيشن (Sub Station) آهي، جيتوڻيڪ هتان فقط Red گاڏي لنگهي ٿي، پر هيءَ اسٽيشن اها آهي، جتي ٻين شهرن ۽ رياستن کان ايندڙ گاڏيون به بيهن ٿيون. جيئن هڪ ٻه دفعا مونکي نيويارڪ ۽ فلڊلفيا کان ٽرين رستي، واشنگٽن اچڻو پيو ته انهن گاڏين مونکي واشنگٽن شهر جي هن ريلوي اسٽيشن Union Station تي اچي لاٿو. جتان پوءِ هڪ دفعي بس ذريعي ۽ هڪ دفعي شهر جي سب وي ريل گاڏيءَ ذريعي، شهر جي مختلف هنڌن تي پهتس. يونين اسٽيشن جي ٻاهران ٺهيل ڪولمبس سرڪل نالي چوراهي ۾، شهر جا ڪيترائي اهم ايوينيو ۽ روڊ اچيو ٿا ملن، جهڙوڪ لوزيانا ايوينيو، ڊيلاويئر ايوينيو، مئساچوسيٽ ايوينيو، فرسٽ اسٽريٽ NE، ايف اسٽريٽ نارٿ ايسٽ، ايف اسٽريٽ NW، نارٿ ڪئپيٽال ايوينيو وغيره.

ان ڏينهن پاڪستاني سفارتخاني ۾ وڃڻ لاءِ مون به سب وي ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪيو. پاڪستان ايمبسي جي پر ۾ ملائيشيا جي ايمبسي آهي، جنهن جي سفير سان پڻ مليس.

انهن ۾ڻهي سفارتخانن جي پر ۾، آفريڪا جي ڪنهن ملڪ سوڊان يا نائجيريا جي ايمبسي آهي ۽ سامهون اسرائيل جي آهي. شايد اسرائيل جي سفارتخاني جي ڪري، هي سڄو ٽڪرو سيڪيورٽي جي مختلف ايجنسين جي نمائندن سان ڀريل رهي ٿو ۽ پنهنجي سفارتخاني تائين پهچڻ ۾ مونکان هڪ ٻن هنڌ پڇا ڳاڇا ضرور ٿي.

هن کان اڳ جڏهن واشنگٽن آيو هوس تہ اسانجي ايمبسي شايد مئساچوسيٽس ايوينيو وٽ هئي. اهو سال 1972ع يا 1973ع جي شروعات هئي. تن ڏينهن ۾ هتي اسانجي ملڪ جو سفير صاحبزادا يعقوب خان هو. ان کان اڳ هو ايسٽ پاڪستان (هاڻ بنگلاديش) جو گورنر بہ ٿي رهيو. 1982ع کان 1991ع تائين جرنل ضياءَ ۽ بينظير ڀُٽو جي ڏينهن ۾ پڻ هو فارين منسٽر ٿي رهيو. منهنجي ساٿس 1987ع ۾ ملائيشيا ۾ ملاقات ٿي، جڏهن ملائيشيا ۾ ڪامن ويلٿ ملڪن جا وزير اعظم ۽ انگلنڊ جي راڻي ايلزيبيٿ آئي هئي. سندس احوال ۽ تصويرون منهنجي ملائيشيا واري سفرنامي ۾ آهن. واشنگٽن ۾ پاڪستاني ايمبسيءَ جي هن نئين عمارت جي ورانڊي واري ڀت تي صاحبزاده يعقوب خان جي لڳل تصوير آئون غور سان ڏسان ٿو. هو 1996ع ۽ 1997ع ۾ وري فارين منسٽر ٿيو ۽ ان بعد يونائيٽيڊ نيشن ۾ پاڪستان جو نمائندو بہ ٿي رهيو. آئون سندس ساڄي ۽ کاٻي پاسي ۾ ٻين سفيرن جون تصويرون ڏسان ٿو، جيڪي هن کان اڳ ۽ پوءِ آمريڪا جا سفير ٿي رهيا. انهن ۾ اسان جي ڪلاس ميٽ سراج دين شيخ جي ڀاءُ نجم دين شيخ جي تصوير پڻ آهي، جڪو 1990-91ع ڌاري هتي جو سفير هو. ان کان اڳ هو ڪئناڊا ۾ جرمنيءَ جو رهيو ۽ آمريڪا بعد هو ايران جو سفير ٿي رهيو. ان کانپوءِ نجم صاحب 1994ع کان 1997ع تائين فارين سيڪريٽري ٿي رهيو. 1999ع ۾ هن سرڪاري نوڪري تان رٽائرمينٽ ورتي.

## مليحا لوڌي ۽ اشرف جهانگير قاضي بہ هتي هئا

هن سفارتخاني جي ڀت ۾ لڳل تصوير ۾ آخر ۾ مليحا لوڌي ۽ اشرف جهانگير قاضيءَ جون تصويرون آهن. مليحا اڄ ڪلهہ انگلينڊ ۾ پاڪستاني سفير آهن. ان کان اڳ هوءَ هتي جي سفير هئي. مليحا لوڌي آمريڪا ۾ سڀ کان گهٽو عرصو 1994ع کان 1997ع تائين ۽ 1999ع کان 2002ع تائين سفير ٿي رهي. پاڻ ايڪانامڪس ۾ B.Sc ڪرڻ بعد 1980ع ۾ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس (LSE) مان پي ايڇ ڊي ڪيائين. ان بعد اتي ٿي (LSE ۾) هن پنج سالَ پڙهايو ۽ پوءِ پاڪستان اچي ”دي مسلم“ اخبار جو ڪم سنڀاليائين ۽ ڪجهہ عرصي بعد هن پنهنجي اخبار ”دي نيوز انٽرنيشنل“ ڪڍي.

مليحا لوڌي ايشيا جي پهرين عورت آهي، جيڪا اخبار جي ايڊيٽر ٿي. 1994ع ۾، آمريڪا جي مشهور هفتيوار ٽائيم ميگزين دنيا جا هڪ سؤ اهم ماڻهو چونڊيا هئا، جيڪي هن صديءَ (ايڪهين صديءَ) جي بهتريءَ ۽ خوشحاليءَ ۾ نمايان ثابت ٿيندا، يعني اهي

ٽائيم رسالي جي اسٽڊي ۽ ريسرچ مطابق Global Pacesetters ۽ ليڊر ثابت ٿيندا. مليحا لوڌيءَ جو نالو پڻ انهن ۾ آهي ۽ پاڪستان مان فقط سندس نالو ئي انهن 100 ڄڻن ۾ شامل آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مليحا لوڌي اسانجي ملڪ جي بيحد تعليم يافتہ, ذهين, ڄاڻو ۽ سمجهدار عورت آهي, جنهن جو مثال ڏئي سگهجي ٿو ۽ چئي سگهجي ٿو تہ اهو ضروري ناهي تہ هر فيلڊ ۾ رڳو مرد پنهنجو پاڻ کي قابل سمجهي سگهن ٿا, پر عورتون پڻ اڳيان اڳيان آهن. مليحا لوڌيءَ جي ذِڪر جون اسانجي ملڪ ۽ معاشري ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي عورتون آهن, جن مان ڪجهہ تہ آئون بہ سڃاڻان ٿو, جن کي جيڪڏهن ٻاهران ۽ اعليٰ قسم جي تعليم ملي ها, حالتون سازگار ملن ها يا صحيح وقت تي صحيح موقعا ملي سگهن ها تہ هو بہ دنيا جي نظرن ۾ مليحا وانگر پاڻ ثابت ڪري ڏيکارين ها, انهن ۾ ڪجهہ هي آهن: ماهتاب راشدي, مرحوم رضيہ بوندري (ٻَٽي)” حميرا رحمان, نفيسہ هوديائي, زاهده شيخ, زبيده ميتلو, سلطانا صديقي, نور الهديٰ شاهہ, جنت منگهاڻي, سلما لغاري, انيتا شاهہ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جن جا رڳو آئون نالا ڪٺي سگهان ٿو ۽ جن کان آئون واقف آهيان, اهڙيون ٻيون بہ اڻ ڳڻيون هونديون, جن کي آئون نٿو سڃاڻان.

واشنگٽن واري پاڪستاني سفارتخاني جي ورانڊي واري ڀت تي لڳل سابق سفيرن جي فوٽن جي قطار ۾ آخري فوٽو اشرف جهانگير قاضي جو آهي. يعني اڄ ڪلهہ جي سفير جنرل جهانگير ڪرامت کان اڳ اشرف قاضي صاحب هو. هاڻ سندس پرسان جنرل صاحب جي تصوير لڳندي ... جلدي ملي وٺانس. اسانجا آمريڪا ۾ رهندڙ سفير سواءِ مليحا جي ڏاڍو تڪڙا تبديل ٿيندا رهيا آهن. جيسين آئون هن آمريڪا جي سفر بابت لکان ۽ ڪتاب ڇپجي, تيسين هن ڀت ۾ هڪ ٻن فوٽن جو اضافو ضرور ٿي ويندو. في الحال قاضي صاحب ٽائين دنگ آهي.

جهانگير اشرف قاضي صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات ٽوڪيو جپان ۾ ٿي, بلڪ گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهي جي آخري سالن ۾, جڏهن منهنجو جهازن کي جپان وٺي وڃڻ يا جپان ۾ ٺهندڙ نون جهازن جي نظرداري ڪرڻ جي سلسلي ۾, ٽوڪيو ۾ رهڻ ٿيندو هو. ٽوڪيو ۾ اسانجي پاڪستاني ايمبسي ۾ قاضي صاحب قونصلر هو ۽ خيرپور وارو ظفر شيخ صاحب (جيڪو اڄ ڪلهہ الجيريا, مالي ۽ موريطانيا جو سفير آهي) سيڪريٽري هوندو هو. اسان جي ملڪ جي نئين جهاز ”مالا ڪنڊ“ جي لانچنگ Ceremony بہ قاضي صاحب ڪئي. هو اڪثر اسانجي جهاز تي پنهنجي يورپي زال سان گڏ ايندو هو. قاضي صاحب عمر ۾ مون کان بہ سالَ ڪن وڏو ٿيندو, جو هن جو سن پيدائش 1942ع آهي اُن وقت ڪيس بہ ٻارَ هُئا.

جهانگير اشرف قاضي ٽوڪيو کان علاوه قاهره, ڪوپن هيگن, طرابلس ۽ لنڊن ۾ مختلف ڊپلومئٽڪ عهدن تي رهيو. پاڻ شام, ايسٽ جرمني, روس ۽ انڊيا جو سفير

(ambassador) ٿيڻ بعد سيپٽمبر 2002ع ۾ آمريڪا جو سفير ٿيو. اڄ ڪلهه هو يونائيٽيڊ نيشن جي سيڪريٽري جنرل جو عراق لاءِ خاص نمائندو آهي. هن کان اڳ وارو Sergia Vieria جيئن ئي ڪنال هوٽل واري بم ڌماڪي ۾ مارجي ويو ته UN جي جنرل سيڪريٽري ڪوفي عنان جولاءِ 2004ع ۾ هن جي جاءِ تي قاضي صاحبَ کي مقرر ڪيو. ڪجهه عرصو اڳ ـ اها تاريخ به ياد اٿم ـ آچر 22 آگسٽ 2004ع واري ڪاوش اخبار ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر صاحب جو هڪ ڪالم پڙهيو هوم، جيڪو تاريخ جي آئيني ۾ بلوچستان جي بلوچن بابت آهي. ان ۾ هن قاضي جهانگير اشرف صاحب جي فئمليءَ جو به ذڪر ڪيو آهي...... ”جنرل يحيٰ ﷺ خان جي ڏينهن ۾ جڏهن صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊيون ٿيون ته انهن ۾ گهٽائي سان بلوچ قومپرست نواب خير بخش مري، مير غوث بخش بزنجو، سردار عطاءُ الله مينگل، ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ ۽ ٻيا کٽي آيا. ان اليڪشن ۾ هڪ خاتون ”جينيفر موسيٰ“ نالي به قومي اسيمبليءَ جي سيٽ کٽي هئي. اها محترمه نواب خير بخش مريءَ جي سس آهي. اها به قومپرست بلوچن سان گڏ هئي.......

”ڪوئيٽا جي ويجهو ٻه پٺاڻ پائر رهندا هئا. انهن جا ميوي جا باغَ هئا. هڪ جو نالو قاضي موسيٰ ۽ ٻئي جو قاضي عيسيٰ هو. ٻئي پائر اوائل ۾ ليگي هئا. قاضي موسيٰ ڪنهن ڪم سان آئرلينڊ ويو، اتي هن جي ملاقات جينيفير سان ٿي. جوڙي جي محبت ٿي وئي. هنن شادي ڪئي ۽ پوءِ مائي ”جينيفر موسيٰ“ بڻجي اچي بلوچستان پهتي. هن جو هڪ پٽ جهانگير اشرف قاضي آهي، جيڪو ڪيترن ملڪن ۾ پاڪستان جو سفير رهڻ بعد هن وقت ڪيس عراق ۾ اقوام متحده و جو عيوضي ڪري موڪليو ويو آهي......“

## آئون ائين ئي اچي آمريڪا پهتو آهيان

جهانگير ڪرامت صاحب ڪجهه پنهنجيون خبرون ڪندو رهيو، ڪجهه مونکان پڇندو رهيو. ٻڌايومانس ته ائين ئي ڪجهه مهينن لاءِ ڏورانهين ڏيهه ۾ ماضيءَ جي راهن کي يا سمجهيو ته جوانيءَ جي ڏينهن کي trace ڪندو هتي پهتو آهيان. تعليم ختم ڪري جيئن ئي مئرين انجنيئر جي حيثيت سان جهاز هلائڻ جي نوڪري شروع ڪيم ته پهريون سال اڌ روس ۽ اوڀر يورپ واري روٽ تي رهڻ بعد هن پاسي بدلي ٿي. جنهن به جهاز تي چاڙهيو ويس ٿي، ان کي ڪئريبن ٻيٽن: ڪيوبا، ويسٽ انڊيز، برمودا وغيره کان USA جي بندرگاهن ۾ وٺي اچڻو پيو ٿي. اهو سلسلو 1972ع تائين هلندو رهيو. اڄ 33 سالن بعد پاڻيءَ وارو جهاز هلائي آمريڪا اچڻ بدران، هڪ پئسينجر جي صورت ۾ هوائي جهاز رستي هتي پهتو آهيان ۽ انهن انهن بندرگاهن ۽ شهرن ۾ ٽرين، بس يا ڪار ذريعي وڃي رهيو آهيان، جن ۾ تڏهن ساموندي نوڪريءَ دوران منهنجو رهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ٿيو هو.

جهانگير ڪرامت هڪ پڙهيل ڳڙهيل فوجي هجڻ سان گڏ اصول پرست انسان آهي. هن اصولن تحت پنهنجي فوجي نوڪري تان بہ استعيفا ڏئي ڇڏي. هو نہ منهنجو باس آهي نہ دوست، پر منهنجي پيٽارو جي ڪيترن دوستن ۽ ڪلاس ميٽن جو ڪنهن نہ ڪنهن دور ۾ باس رهي چڪو آهي. جهڙوڪ ليفٽيننٽ جنرل سيد پرويز شاهد، ڪرنل مسعود عزيز، ڪرنل غلام محي الدين، برگيڊيئر اڪرم، برگيڊيئر مختيار وغيره وغيره جن جوءِ مونکي منهنجي دل ۾ هن لاءِ عزت منهنجي دوستن ۽ ساٿين ڪري آهي جو جنرل جهانگير جون ڳالهيون مون هنن کان ئي ٻُڌيون.

جنرل جهانگير ڪرامت نيشنل ڊفينس ڪاليج، ڪمانڊر اينڊ اسٽاف ڪاليج ۽ آمريڪا جي فورٽ ليون ورٿ واري جنرل اسٽاف واري ڪاليج جو گرئجوئيٽ آهي. هن جي پوسٽ گرئجوئيشن ”انٽرنيشنل رليشن“ ۾ ٿيل آهي. پاڻ آڪٽوبر 1988ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين، جڏهن جوائنٽ چيف آف اسٽاف جو چيئرمين ۽ چيف آف آرمي اسٽاف هو. پاڻ ٻين عهدن کان علاوه DGMO (ڊائريڪٽر جنرل آف مليٽري آپريشن ۽ چيف آف جنرل اسٽاف پڻ ٿي رهيو.) هن سعودي عرب ۾ اتي جي آرمي ٽروپ کي پڻ ڪمانڊ ڪيو هو.

آرميءَ مان رٽائرمينٽ وٺڻ ڪانپوءِ جنرل جهانگير ڪرامت آمريڪا جي اسٽئنفورڊ يونيورسٽي ۽ واشنگٽن جي بروڪنگ انسٽيٽيوشن ۾ Visiting fellow جي حيثيت سان پڙهايو. پاڻ پاڪستان پولو ائسوسيئشن جو صدر بہ رهي چڪو آهي. آرميءَ ۾ سندن واسطو 13 لانسرس Cavalry ريجمينٽ سان آهي.

جنرل صاحب مون لاءِ چانهہ ۽ ڪيڪ وغيره گهرايا هئا ۽ اسان هن شهر وانشنگٽن جي اڄ جي ۽ ماضيءَ جي دور جون ڳالهيون ڪندا رهياسين، جڏهن منهنجي جهاز جا هي رستا ۽ راهون هيون ۽ جنرل صاحب جو تعليم خاطر ۽ بعد ۾ پڙهائڻ خاطر آمريڪا جي هن شهر واشنگٽن ۾ ٻين ۾ اچڻ ٿيو ٿي. مون وٽ ان وقت موجود، پنهنجو سفرنامو ”ملائيشيا ڪي دن“ جنرل صاحب کي ڏنو، جنهن ۾ ڪوالالمپور ۾ رهندڙ اسان جي پاڪستاني سفير جنرل نسيم جي تصوير ڏسي، ان بابت ۽ جنرل عالم جان محسود بابت احوال ڪندا رهياسين، جنهن اسان کي ڪئڊٽ ڪاليج جي ڏينهن ۾ مئپ ريڊنگ (Military Science) جهڙو آپشنل سبجيڪٽ پڙهايو. دنيا کي منهن ڏيڻ لاءِ انگريزي زبان ۾ نہ رڳو پڙ ٿيڻ جي اهميت ٻڌائي، پر اسان کي انگريزي ڳالهائڻ جي پرئڪٽس ڪرائڻ لاءِ هن هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ بہ ڪمپلسري ڪري ڇڏيو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان جي عالم جان محسودتي سخت ڪاوڙ هوندي هئي جنهن هر وقت انگريزي ڳالهائڻ جي پابندي وجهي، اسان جي هڪ ٻئي سان ڪچهري ڪرڻ جو ئي مزو خراب ڪري ڇڏيو هو پر پوءِ محسوس ٿيو ۽ اڄ ڏينهن تائين ڏسان پيو تہ نہ فقط دنيا ۾، پر پنهنجي ملڪ ۾ بہ هلي رڳو انگريزي پئي. ڪامياب اهو ٿو وڃي جيڪو انگريزيءَ ۾ پڙ آهي. اهوئي سبب آهي جو هر روز گهٽجڻ بدران ”بابا بلئڪ شيپ ـ

هئو يو ائني وول“ ٽائيپ ڪانوينٽ اسڪول وڏي رهيا آهن، جن ۾ گهٽائي اسانجي سياستدانن، فوجين، وڏيرن، سردارن، سرڪاري ڪامورن جي ٻارن جي آهي ۽ غريب جي ٻار ڪي سنڌي ۽ اڙدو جي ويڙهاند ۾ مشغول رکيو ويو آهي. اڄ بہ آفيسن، انٽرويوئن، ڪورٽن وغيره ۾، جتي ڪٿي انگريزيءَ جو بول بالا آهي، تڏهن تہ ملائيشيا ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن بہ سڄي ملڪ ۾ ميڊيم آف انسٽرڪشن انگريزي ڪري ڇڏيو آهي. عرب ملڪن ۾ توڙي جپان، ناروي، سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ انگريزي سکڻ تي زور پريو پيو وڃي، جن ملڪن ۾ هڪ ڊاڪٽر ۽ انجينئر ڪان انگريزي پڙهائڻ وارو ٽيچر ٽيوشن سميت گهڻو ڪمائي رهيو آهي.

ڪجھ دير ماٺ ۾ رهڻ بعد جنرل صاحب ڪم ڪار جو پڇيو. هن شايد سمجهو تہ آئون جو سيڙجي ساڻن ملڻ آيو آهيان، خاص ڪري نيويارڪ ڪان (جتي اسان جي ملڪ جو قونصل خانو آهي، جيڪو پڻ سفير جي هٿ هيٺ ڪم ڪري ٿو) سو ضرور ڪو پاسپورٽ جو يا ڪو ٻيو مسئلو هوندو.

”نيو يارڪ جي آفيس ۾ ڪو ڪم ڪار هجي تہ هارون شوڪت کي فون ڪريان.....“ جنرل صاحب چيو.

مون ڪيس مهرباني چوندي هڪ دفعو وري ٻڌايو تہ آئون ائين ئي هتي آمريڪا اچي پهتو آهيان ۽ مختلف جايون ڏسي ۽ ماڻهن سان ملي هليو ويندس ۽ پوءِ گهر پهچي اهي ڳالهيون اخبار ۾ ڪالم طور لکندس.

## نان ڊپلومئٽ جنرل صاحب سان ڪهڙا ويهي سور سليان......

”پلا پاڪستان ڪيئن لڳو؟“ جنرل صاحب پڇيو. خبر ناهي هن اهو سوال ائين ڪچهري وڌائڻ خاطر ڪيو يا هن واقعي منهنجي راءِ ٿي معلوم ڪرڻ چاهي. جواب ڏيڻ بدران آئون بسڪيٽ کائڻ لڳس ۽ منهنجي چانھ لاءِ آٽيندڙ ڪئنبرل جي گوريءَ واري همراھ کي پاٽي پيارڻ لاءِ چيم ... ۽ جنرل کي جواب ڏيڻ بابت سوچڻ لڳس. جنرل صاحب مونکان شايد اهو ٿي پڇڻ چاهيو تہ سياسي طرح هينئر پاڪستان ڪيئن ٿو لڳي يعني صحيح معنيٰ ۾ جمهوريت اچي وئي آهي......! يا شايد معاشي طرح ٿو پڇڻ چاهي تہ پاڪستان جي ايڪانامي هاڻ سڌري وئي آهي.....! يا شايد تعليمي طور يا اخلاقي طور.....! آئون سياست جو شاگرد نہ آهيان، نہ پنهنجي ملڪ جي حالتن ڪان چڱي طرح واقف آهيان، جو منهنجي سڄي زندگي ملڪ ڪان ٻاهر رهي آهي. آئون ڪيئن ٿو ان، سوالَ جو انصاف سان جواب ڏيئي سگهان. آئون ڪيئن ٿو هن دور کي گذريل دور سان ڀيٽ ڪري سگهان، جڏهن تہ مون پنهنجو ملڪ چڱي طرح ڏٺو ئي ناهي. ٻڌو اٿم تہ پنجاب ۾ وڏي ترقي ٿي آهي. تعليم، ڪارخانا، روڊ، رستا، فصل، ٻنيون، هر ڳالھ مان خوشحالي نظر اچي ٿي ... هوندو، ضرور هوندو، پر منهنجو جنهن علائقي سنڌ سان تعلق آهي، اهو تہ گذريل پنجاھ سالن ڪان

ڏسان پيو تہ ”اتي ئي آهين، جتي اوهان ڇڏيو“ ... بلڪ ويتر پنتي پيل نظر اچي ٿو. ايڪهين صديءَ ۾ بہ اسين تعليم، صحت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، امن امان، اخلاق ۾ ڪيترو پنتي هليا ويا آهيون. اسان جي ڳوٺن ۾ جتي ٻيڙي سگريٽ ڇڪڻ کي غلط سمجهيو ويندو هو، اتي اڄ واسطيدار اثارٽين ۽ اثر رسوخ رکندڙ وڏن جي ڇانوَ ۾ چرس ۽ شراب جو ڪاروبار عام هلي رهيو آهي، جوا ۽ ٻچڙو پيشو ڄڻ تہ legalized ٿي ويو آهي. بيماري، بک ۽ بيروزگاري اسان جي معاشري کي ڄڻ تہ وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ڇڏيو آهي..... ۽ پنهنجي سورن جي ڪنهن کي دانهن ڏجي.... ڪنهن کي بہ ڪٽي ڇڏ - يعني ملڪ جي وڏن عملدارن ۽ حاڪمن کي توڙي غير ملڪي مبشرن ۽ دانشورن کي، تہ جواب اهو ئي ملي ٿو تہ سرڪار تہ اسڪولن ۽ اسپتالن لاءِ جام فنڊ ڏئي ٿي، توهان جا ئي وڏيرا، سردار اسڪول نتا هلڻ ڏين ۽ انهن کي اوطاقون ناهيو ويٺا آهن. توهانجا ئي پير، مير ۽ واسطيدار نمائندا اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ نرسن ۽ ڊاڪٽرياڻين جي زندگي حرام ڪيو ڇڏين. پوليس جي شڪايت ڪر تہ اهوئي جواب ٿو ملي تہ توهان جا ئي چونڊيل ميمبر پنهنجي مرضي سان اهڙن صوبيدارن کي رکرائين ٿا. هڪ دفعي نارويءَ ۾ ان تي اچي بحث هليو تہ فيڪٽريون ۽ ڪارخانا سڀ پنجاب ۾ لڳايا وڃن ٿا سنڌ ۾ ڇو نہ؟ جواب اهو ئي مليو تہ انهن جو پرمٽون تہ سنڌ جي وزيرن ۽ ميمبرن کي بہ مليون، پر پوءِ انهن پنهنجن ڳوٺن ۾ ڪارخانا هٽي پاڻ کي ۽ عوام کي خوشحال بنائڻ بدران نڙڪو عياشي ڪئي، يعني پرمٽون ٻين کي وڪٽي پئسا وٺي گهمي ڦري ڪائي ڪپائي ڇڏيائون.

ملائيشيا جي هڪ ملئي دوست کي چيم اسان جي ماڻهن جو بہ توهان ملئي ماڻهن وانگر ائگريڪلچر سان واسطو آهي ۽ بنيادي طرح ڳوٺن ۾ رهڻ وارا آهيون. انگريزن طرفان آزادي ملڻ بعد توهان تہ ترقي ڪئي، اسان اتي ئي آهيون.“

”پوءِ ان ۾ ڪنهنجو ڏوهہ آهي؟“ جواب بدران هن سوال ڪيو.

”ڪنهن جو ڏوهہ آهي؟“ مون هن کان سوال طور پڇيو.

”توهان جو ئي ڏوهہ آهي. اسان جي ملڪ ملائيشيا کي جڏهن آزادي ملي تہ اڌ کان وڌيڪ نمائندا ۽ وزير غير ملئي يعني چيني هئا. چيني پئسي وارا ۽ بزنيس مين هئا. زمينون، دڪان ۽ واپار تي هنن جو قبضو هو. اسان هاري ۽ گهٽ پڙهيل هئاسين. پوءِ اسان هر فيلڊ ۾ محنت ڪئي. اسان جا جيڪي نمائندا هئا، جيتوڻيڪ انهن ۾ بہ ڪيترا وڏيرا ٽائيپ ۽ سردار هئا، پر سڀني هن ڌرتيءَ ۽ ڌرتي جي رهواسين جي خدمت ڪئي. توهانجي ملڪ کي آزادي ملڻ وقت سڀ کان خوشنصيب توهان سنڌي هئائو جو سنڌ اسيمبلي ۾ نوي سيڪڙو کان مٿي سنڌي مير، پير، وڏيرا، سردار، نمائندا هئا، ويندي گذريل صدي جي آخر تائين پنجاهہ سال کن توهان جا سنڌي وزير ۽ وزير اعليٰ رهيا، پوءِ بہ سڄي سنڌ تہ ڇا انهن وزيرن جا ڳوٺ بہ نہ سڌريا، تہ ان ۾ ٻين کي ڏوهہ ڇو ٿا ڏيو. توهان پنتي ڇو رهجي ويا آهيو،

ان جا سبب جيسين identify نہ ڪندائو، تيسين بهتري آڻي ڪونہ سگهندائو. ائين اڪيون پوري ٻين ڪي ڏوهہ ڏيڻ سان سڀ صحيح ڪونہ ٿي ويندو. غور ڪندائو تہ اڄ بہ توهان جي غريب عوام ڪي توهانجا پنهنجا ئي تباهہ ڪري رهيا آهن..... پوءِ چاهي اهو توهانجو وڏيرو ۽ سردار هجي يا ڏاڙيل ۽ سرڪاري ڪامورو. اهي صحيح ٿي وڃن تہ پوءِ ٻي ڪنهنجي ڪهڙي مجال جو اوهان ڏانهن اک کڻي ڏسي، پوءِ اها ملڪي طاقت هجي يا خارجي....“

چڱو جو جنرل صاحب جو ڪو ضروري فون اچي ويو ۽ هو ان ۾ اهڙو لڳي ويو، جو فون ڪرڻ بعد هن کي اها ڳالهہ ياد نہ رهي تہ هن ڪو مونکان سوال ڪيو هو ۽ منهنجي ان قسم جي سوال جو جواب ڏيڻ کان جان ڇٽي ويئي ۽ هونءَ بہ جنرل صاحب سان هن وقت ڪهڙيون ويهي ڏکن دردن جون ڳالهيون ڪريان. جنرل جهڙو هڪ سفير جيڪو نان ڊپلومئٽ آهي، ان غريب جي تہ پنهنجي ئي نوڪري پڪي ناهي. آمريڪا ۾ سفير ٿي رهڻ واري نوڪري تہ ويتر ڪچي اٿس. مليحا لوڌي صاحبا ئي خوش نصيب هئي، جو هتي ڪجهہ وڌيڪ سالَ ڪڍي ويئي......

# ڪجھ ٻٽي قوميت بابت

هتي Dual Nationality (ٻٽي قوميت) بابت لکندو هلان، جنهن لاءِ اسانجا هتي رهندڙ پاڪستاني ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ منهنجا پڙهندڙ پڇندا رهن ٿا تہ آيا هڪ ئي وقت هڪ پاڪستاني پنهنجي ملڪ ۽ آمريڪا جو شهري ٿي سگهي ٿو يعني هو ٻنهي ملڪن جا پاسپورٽ رکي سگهي ٿو. هتي اچي واسطيدار سيڪشن مان پڇا تي معلوم ٿيو تہ اهي آمريڪن پاسپورٽ رکندڙ هتي جا شهري جيڪي اصل پاڪستان جا آهن "ٻٽي قوميت" رکي سگهن ٿا، يعني آمريڪي پاسپورٽ سان گڏ پاڪستاني پاسپورٽ بہ رکي سگهن ٿا. پاڪستاني پاسپورٽ لاءِ apply ڪرڻ لاءِ هنن کي اوريجنل آمريڪن پاسپورٽ جنهن ۾ Country of Origin وري خاني ۾ "پاڪستان" لکيل هُجي، جمع ڪرائڻو پوندو ۽ ان سان گڏ اوريجنل پاڪستاني شناختي ڪارڊ (تازو نہ هجي تہ پراڻو ئي سهي) پڻ ڏيڻو پوندو. ان سان گڏ ڪجھ فارم پڻ جيڪي پاڪستاني سفارتخاني يا قونصل خاني مان حاصل ڪري سگهجن ٿا يا ايمبسي جي ويب سائيٽ Consular Services سيڪشن تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. بقول پاڪستان ايمبسيءَ جي:

The dual nationality arrangement has been arrived at after consultation between the two governments and has the full approval of both governments.

اڄ کان پنجٽيھ چاليھ سال اڳ جڏهن آئون هتي هوس، تہ انهن ڏينهن ۾ ٻٽي قوميت بدران هڪ ئي وٺڻي پيئي ٿي، يعني يا آمريڪن پاسپورٽ يا پاڪستاني. ڪيترائي پاڪستاني جن آمريڪا ۾ هميشہ لاءِ رهڻ نٿي چاهيو، انهن پاڪستاني پاسپورٽ ئي prefer ڪيو ٿي. "آخر آمريڪا ۽ پاڪستان ۾ ڪهڙو فرق آهي؟" هنن چيو ٿي. پاڪستان ۾ هر شيءِ آمريڪا کان سستي آهي، سک چين آهي، تعليم ۽ نوڪريون آهن، سٺي موسم ۽ روزگار آهي. شهرن کان علاوه ڳوٺ بہ صاف سٿرا ۽ پرسڪون آهن. پاڪستاني پاسپورٽ تي جنهن ملڪ ۾ وٺي ان ۾ هر ڪو وڃي سگهيو ٿي. ايران ۽ ترڪيءَ جهڙن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ تہ پاسپورٽ جي بہ ضرورت نہ هئي، جو RCD معاهدي هيٺ ٽنهي ملڪن جا ماڻهو آزاد هئا تہ هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ پيا اچن وڃن. هن کان اڳ بہ لکي چڪو آهيان تہ ويندي 1980ع تائين جپان جهڙن ملڪن ۾ ۽ 1990ع تائين ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ فقط ٽڪيٽ خريد ڪرڻي پيئي ٿي. انهن ملڪن جي هوائي اڏن تي پهچڻ شرط ٽن ٽن مهينن جي ويزا ملي وئي ٿي، جيڪا پوءِ اميگريشن آفيس مان وڌرائي پڻ ويندي هئي. سٺ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ ۽ ستر جي شروع وارن سالن ۾ آمريڪا ۾ جيڪي اسانجا سڄاڻو هئا، تن مان ڪيترن ئي، جهڙوڪ: ٽنڊوقيصر جي رئيس نور احمد نظاماڻي يا

جهڙي جي مرحوم مير مبارڪ ٽالپر جهڙن پنهنجا آمريڪن پاسپورٽ واپس ڪري پاڪستاني ورتا ۽ اچي وطن ڪان نڪتا.

پر اڄ جي ڪنهن پاڪستاني آمريڪن ڪان پڇجي ٿو تہ جيڪڏهن توهان کي ٻٽي قوميت جي اجازت نہ هجي، تہ ڪهڙي ملڪ جو پاسپورٽ prefer ڪندائو، تہ هر هڪ بنا ڪنهن هٻڪ جي آمريڪن پاسپورٽ جي حق ۾ ڳالهائي ٿو ۽ ان لاءِ هنن وٽ پختا دليل آهن........ ”آمريڪن پاسپورٽ سان آئون جڏهن چاهيان پنهنجي وطن گهمڻ لاءِ اچي سگهان ٿو. نہ فقط پاڪستان پر دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بنا ويزا جي وڃي سگهان ٿو. آمريڪا جي پاسپورٽ تي آئون هر ملڪ ۾ VIP آهيان ۽ منهنجو خيال رکيو وڃي ٿو ۽ ان ملڪ جي حڪومت هڪ آمريڪن سٽيزن کان ڊڄي ٿي. پاڪستاني پاسپورٽ واري کي ڌارئين ملڪ ۾ پاڪستان جو سفارتخانو بہ نٿو پڇي. اهوئي سبب آهي جو اسانجا ڪيترائي هم وطني انڊيا، ملائيشيا، عربن ملڪن جي جيلن ۾ پيا سڙن، ڪين نہ ان ملڪ جي حڪومت ٿي پڇي ۽ نہ پنهنجي ملڪ جو سفارتخانو ـ ۽ نہ وري ڪين سولائيءَ سان نوڪري ئي ملي ٿي. هڪ ماڻهو پاڪستان مان ڊگري حاصل ڪري ٿو ۽ ٻيو ساڳي ڊگري آمريڪا مان حاصل ڪري ٿو. آمريڪا مان ڊگري حاصل ڪرڻ واري کي ٻين ملڪن ۾ تہ نوڪري مليو وڃي، پر آمريڪا ۾ بہ هن کي تعليم يافتہ مڃي نوڪري ڏني وڃي ٿي ۽ هو آمريڪن ڊگري حاصل ڪرڻ وارو جيڪڏهن آمريڪا جي قوميت رکي ٿو، يعني هن کي جيڪڏهن آمريڪا جو پاسپورٽ آهي تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. ملائيشيا ۽ برونائي کان ڪويت ۽ سعودي عرب، جپان، هانگ ڪانگ کان سئيڊن، ڊئنمارڪ جتي ڪٿي هن کي نوڪري ملڻ جا وڏا موقعا آهن. آمريڪا جي پاسپورٽ وارو جڏهن چاهي حج عمرو ڪري سگهي ٿو. هن کي اهو نٿو انتظار ڪرڻو پوي تہ آيا هن جو حج لاءِ پڪو نڪرندو يا نہ..... ساڳين ڳالهين لاءِ ساڳي ماڻهوءَ کي پاڪستاني پاسپورٽ تي دنيا جو ڪو بہ ملڪ ايڏي ويلڪم نٿو ڪري. پاڪستان کان تہ انڊيا جو پاسپورٽ وڌيڪ طاقت رکي ٿو.......“

## آمريڪا ۾ پاڪستان جو سفارتخانو ۽ قونصل خانا

آمريڪا ۾ اسانجي ملڪ جو سفارتخانو هن شهر واشنگٽن ۾ آهي، پر جيئن تہ آمريڪا جو ملڪ وڏو آهي، ان ڪري آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ پاڪستان جا قونصل خانا آهن، جيئن ڏورانهَن شهرن کان واشنگٽن اچڻ بدران اسانجا پاڪستاني ويجهي واري قونصل خاني ۾ وڃي پاسپورٽ، ويزا، شناختي ڪارڊ يا ٻين مسئلن جو حل ڪرائي سگهن. اهي قونصل خانا (Consulates) هنن شهرن ۾ آهن:

1. نيو يارڪ ۾ 12East 65Street تي.
   فون نمبر: 212-879-5800, 212-517-7541

2. لاس اينجلس (ڪئليفورنيا)، Los Angles, CA_90024 10850 Wilshire Blvd Suit 1250,
فون نمبر: 310-441-0161, 310-446-6695
3. شڪاگو: Illinois 60601 333 North Michigan Ave, Suit 728 Chicago
فون نمبر: 312-781-1831, 312-781-1833
4. هيوسٽن (ٽيڪساز) 11850 Jones Road Houston _ Texas 77070
فون نمبر: 281-890-2223
5. بوسٽن: Massachusetts 02090 558 Clapboard tree Street West Wood,
فون نمبر: 617-266-6666

## پير جي ڳوٺ جو ڪليم خلجي ۽ سندس پائر پينروڻ

واشنگٽن ۾ پاڪستاني سفير جنرل جهانگير ڪرامت وٽ چانهه پي ساڻس گڏ ٿي چار فوٽو ويهي ۽ بيهي ڪڍرائڻ کانپوءِ موڪلايم. سندس ڪمري کان ٻاهر نڪتس تہ سفير صاحب جي سيڪريٽري ٻڌايو تہ ڪليم خلجي اچي ويو آهي ۽ پنهنجي آفيس ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.

واشنگٽن ۾ اسانجي پاڪستاني سفارتخاني ۾ اٽڪل پنجاهہ سٺ کن ماڻهو ڪم ڪن ٿا، جن ۾ ماشاءَالله ٻہ سنڌي جوان بہ آهن. هڪ شاهد ڪلهوڙو ۽ ٻيو ڪليم خلجي. ٻئي ڄڻا آفيس جي ڪم سان ٻاهر ويل هئا، پر ڪليم منهنجي اچڻ جو ٻڌي موٽي آيو هو.

ڪليم خلجي جو تعلق پير جي ڳوٺ سان آهي. پير جو ڳوٺ هڪ ننڍڙو ٽائون آهي، پر هن ڳوٺ جي ڪيترن ئي پڙهيل شخصيتن کان سنڌ جا ماڻهو واقف هوندا. ٻہ چار آئون بہ سڃاڻان ٿو. هڪ تہ اسان جي پيٽارو جو ساٿي ائڊمرل بخت علي جماڻي آهي. فوج ۾ هڪ ٻيو همراهہ جيڪو پڻ وڏي عهدي تي پهتو ڊاڪٽر نظام الدين ڏانور آهي، جنهن هينئر ويجهڙائيءَ ۾ برگيڊيئر جي پوسٽ تان رٽائرمينٽ ورتي آهي ۽ ان ئي جهڙو پير جي ڳوٺ جو هڪ ٻيو نيڪ انسان ۽ برگيڊيئر ڏانور جو ڪلاس ميٽ محمد بچل سانگري آهي، جو پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ DIG آهي. پير جي ڳوٺ جو اسان جو هڪ ٻيو يار ڊاڪٽر ستار هاشم ميمڻ نيورو سرجن آهي، جنهن جي صدر ڪراچيءَ ۾ پنهنجي اسپتال آهي ۽ هتي جو ئي هڪ ٻيو ڊاڪٽر اظهر شيخ نالي آهي، جيڪو JPMC (Jinnah Postgraduate Medical Centre) ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر آهي.

ڪليم خلجيءَ جو هتي واشنگٽن ۾ هي ٻيو دفعو آهي. پهريون دفعو هو پاڪستان حڪومت طرفان هتي آيو هو. سندس خاص سبجيڪٽ ايڪانامڪس آهي. آمريڪا ۾ ٽي چار سال رهڻ دوران هن کي شايد آمريڪا جي Citizenship بہ ملي وئي ۽ ان سان گڏ هن

پنهنجي سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گرئجوئيشن بہ ڪري ورتي هئي ۽ پوءِ جڏهن هو پاڪستان موٽيو تہ سال پڻ بعد اسانجي سفارتخاني کي ايڪانامڪس جي ماهر جي ضرورت پيئي ۽ هنن چاهيو ٿي تہ ان لاءِ ڪو آمريڪن شهري رکيو وڃي. ڪليم خلجيءَ بہ apply ڪيو جو هاڻ هو بہ آمريڪن شهري هو ۽ هن وٽ ڊگري بہ آمريڪا جي هئي. ان پوسٽ لاءِ هو چونڊجي ويو ۽ پاڪستان واري نوڪري مان استعيفا ڏيئي، هاڻ ڪجهہ سالن کان هتي واشنگٽن ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. ڪليم هن وقت چاليهہ کن ورهين جو ٿيندو جو سندس ڄم جو سال 1965ع آهي. پاڻ مئٽرڪ پير جي ڳوٺَ مان ڪرڻ بعد انٽر خيرپور جي سپيريئر سائنس ڪاليج مان ڪئي ۽ بي ڪام گورنمينٽ غزالي ڪاليج لطيف آباد مان ۽ ايم ڪام شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي تہ ڪيس اسلام آباد منسٽري آف ڪامرس ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ پوءِ 1994ع کان وٺي 1999ع تائين هتي واشنگٽن ۾ پاڪستان ايمبسيءَ ۾ ڪمرشل سيڪريٽري ٿي رهيو. ان بعد جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ نوڪري تان استعيفا ڏئي پوءِ وري هيڏانهن هليو آيو. ڪليم کي چار ٻار آهن. وڏو پٽ عبدالله تيرهن سالن جو ٿيندو ۽ ٽي ڪڪيون: اريڪا، سحري ۽ اسري آهن، جيڪي هتي آمريڪا جي اسڪولن ۾ پڙهن ٿا.

ڪليم خلجيءَ جو قصو بہ آئون ان ڪري ڪٽي وينو آهيان، جو هن فئمليءَ تعليم کي مانُ ڏنو ۽ ڳوٺ ۾ هجڻ جي باوجود جتي هنن کي ائڊمرل بخت علي جماڻي وانگر لالٽين تي پڙهڻو پيو ٿي ۽ اسڪول لاءِ روزانو وڏو فاصلو پيرين پنڌ ڪري وڃڻو پيو ٿي، هنن دل نہ هاري ۽ پائر پيٺيون تعليم وٺندا رهيا. بنا ڪنهن شڪ جي ان Credit جو مستحق سندن والد محمد يوسف صاحب بہ آهي جيڪو صاحب جيتوڻيڪ پاڻ ڪڏهن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين مان نہ پڙهيو، پر هن هر صورت ۾ چاهيو ٿي تہ سندس ڇهہ پٽ ۽ پنج نياڻيون اعليٰ کان اعليٰ تعليم حاصل ڪن. سندن ننڍي عمر (اٽڪل چاليهہ سالن جي ڄمار ۾) وفات ٿي ويئي ۽ هو پنهنجي اولاد کي وڏين نوڪرين ۾ نہ ڏسي سگهيو.

ڪليم خلجي جو والد صاحب جنهن جو روزگار ڪپڙي جو ڪاروبار هو، جنهن جو اوڄو آڏاڻن ذريعي ڪيو ويو ٿي، هڪ عالم هو، جنهن ڳوٺ جي ٻارن کي معنيٰ سان قرآن مجيد پڙهايو ٿي. سندن وڏو پٽ حبيب الله بہ مهراڻ مان BE (سول انجنيئرنگ) ۾ ڪرڻ کان اڳ عربي ۽ فارسي پڙهيو ۽ ڪٽوري ڳوٺ جي مشهور استاد مولوي شهاب الدين وٽ عالم جو ڪورس ڪيائين. مولوي شهاب الدين، الهہ آباد يونيورسٽي مان پڙهيو ۽ خيرپور جي ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول ۾ ٽيچر هو، جنهن وٽ غوث علي شاهہ ۽ قائم علي شاهہ جهڙا ماڻهو پڻ پڙهيا. ڪليم جو هي وڏو ڀاءُ حبيب الله اڄ ڪلهہ حيدرآباد ۾ رهي ٿو ۽ واپڊا ۾ انجنيئر آهي. هتي آمريڪا ۾ رهندڙ ڪيترن کي شايد اها خبر نہ هجي تہ ڪليم پاڻ بہ قرآن جو ياد حافظ آهي. ڪليم جي ڇئن ڀيڻن مان هڪ ڀيڻ ڊاڪٽر رضيہ ڪئنادا ۾ رهي ٿي، جنهن

جي شادي ڪجهه سالَ اڳ سکر جي مشتاق مهر صاحب جي فرزند محمد علي مهر سان ٿي هئي. محمد علي پڻ انجنيئر آهي ۽ ڪجهه سالَ حيدرآباد ۾ نوڪري ڪرڻ بعد هيڏانهن ٽورنٽو (ڪئناڊا) هليو آيو. ڪيس بہ پٽ آهن، ٻن سالن جو عمر ۽ سال ڪن جو عزيز. حيدرآباد ۾ رهندڙ حبيب الله بعد ڪليم جي باقي ڇئن ڀائرن مان رحمت الله جنهن ايم اي ايڪانامڪس ۾ ڪئي، ڪراچي ۾ پاڪ انشورنس ڪمپنيءَ ۾ آهي، ثناءُالله سکر جي ڪنهن بئنڪ ۾ آهي، نعمتِ الله سنڌ يونيورسٽي جي فائين آرٽس ڊپارٽمينٽ ۾ پڙهائڻ جو ڪم ڪري ٿو ۽ ڊاڪٽر عنايت Gastroenterology جو ماهر ڊاڪٽر آهي ۽ ڪراچي جي ”ڪراچي نئشنل هاسپيٽل“ ۾ آهي. ڪليم سڀني ڀائرن ۾ ننڍو آهي.

## اهڙي جينٽري سان ٿي ڄاڻ سڃاڻ ٿيندي

واشنگٽن ۾ رهڻ دوران منور لغاري هڪ بہ دفعو پنهنجي ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ WSI جي آفيس ۾ بہ وٺي هليو، جتي هڪ ڪمري ۾ پاڻ ۽ عبدالعليم بروهي ويهي ٿو. ٻئي ۾ ٿي ڪن ڄڻا هتان جا مڪاني آمريڪن ڪلارڪ ۽ جونيئر آفيسر ڪم ڪن ٿا. منور ٻڌايو تہ سنڌ جو مشهور ڪالم نويس ۽ جرنلسٽ حسن مجتبيٰ جيڪو ڪجهه سالن کان شايد ڪنساس يا اڪولاهوما رياست ۾ رهي ٿو. ان سنڌس آفيس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رضامندو ڏيکاريو آهي ۽ ٻن ٽن هفتن بعد پراڻي جاب کي ڇڏي WSI وارن سان گڏ هتي اچي ڪم ڪندو.

منور جو بہ نہ فقط فلئٽ پر هيءَ آفيس پڻ مرڪزي هنڌ تي آهي. WSI جو هيڊ ڪوارٽر آمريڪا جي ڪنهن ڪنڊ پاسي واري رياست جي ڪنهن پاسيري ۽ گمنام علائقي ۾ هجي ها تہ شايد ايتري محسوس نہ ڪئي وڃي ها، پر هيءَ تنظيم نہ فقط دنيا جي اهم ۽ طاقتوار ملڪ آمريڪا (USA) ۾ آهي، جيڪو ملڪ چاهي ٿو (زباني طور ئي سهي) تہ جمهوريت هجي، آزادي هجي، ڪنهن جي بہ حقن تي ڌاڙو نہ هنيو وڃي، پر ان جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن ۾ آهي، جتي آمريڪا ۾ سمجهو تہ پارليامينٽ، عدليہ ۽ انتظاميہ جون آفيسون آهن ... جتي ملڪ جو صدر، فوج جا اعليٰ عملدار، جج ۽ ٻيون آمريڪا جون اهم شخصيتون رهن ٿيون ... جتي پينٽاگون ۽ وائيٽ هائوس آهي، جتي دنيا جي سڀني ملڪن جا سفير رهن ٿا، جتي ڌارين ملڪن جا حاڪم آمريڪا جي صدر سان ملڻ ۽ پنهنجن سفارتخانن ۾ ميٽنگون ڪرڻ اچن ٿا. ان حساب سان واشنگٽن دنيا جو هڪ اهم ۽ مرڪزي شهر آهي، جتي ڪا معمولي ڳالهہ ٿي ٿئي تہ نہ فقط آمريڪا جا ماڻهو، پر دنيا جا ماڻهو ڪن ڪڙا ڪن ٿا. اهو ائين آهي جيئن سنڌ جي ڪنهن گهوٽڪي يا قمبر جهڙن ضلعن مان جج اغوا ٿي وڃي تہ بہ مڙيئي خير آهي. اهوئي سوچي تہ اتي ئي هوندا، حڪومت ائڪشن ڪٽندي هفتا لڳايو ڇڏي، پر اسلام آباد جي ڪانسٽيٽيوشن ايوينيو جهڙي رستي تي ڪو ٻار ڦٽاڪو (Fire Cracker) ڇوڙي تہ ان جي آوز کي بم کان وڌيڪ اهميت ڏئي سڀ ادارا متحرڪ ٿي ويندا.

اهوئي حال ۽ اهميت آمريڪا جي هن شهر واشنگٽن جي آهي. جتي منور، خالد هاشماڻي ۽ عبدالعليم بروهيءَ جهڙا چند ماڻهو پلي ڪارڊ کڻي منو پيل. شازيہ خالد يا شائستہ عالماڻيءَ سان ٿيندڙ ظلمن خلاف اچيو نعرا هڻن تہ ڪيترن ئي وڏين وڏين اخبارن ۽ ٽي وي چينلن جا نمائندا Coverage لاءِ پهچيو وڃن.

واشنگٽن ڊي سي (آمريڪا جو فيڊرل ڪئپيٽل) اسلام آباد وانگر ڪو تمام وڏو ناهي، ان ڪري ڪيترين فيڊرل نوعيت جو آفيسون درياهہ (پوٽو مئڪ ندي) جي ٻئي پار ورجينيا رياست ۾ آهن. پر منور لغاري وارا ان ۾ بہ خوش نصيب آهن جو سندن آفيس 15 گهٽي NW ۾ بلڪل وائيٽ هائوس جي پرسان آهي ۽ جنهن بلڊنگ پلاٽ نمبر 733 تي سندن آفيس (سوٽ نمبر 700) آهي. ان بلڊنگ ۾ ٻيون بہ انيڪ ملڪي ۽ غير ملڪي آفيسون اهڙي نوعيت جي ادارن ۽ تنظيمن جون آهن، جن جو واسطو انسانن جي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ٽين دنيا جي عورتن سان ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿارڻ، سياسي يا جنگي قيدين کي ٽاچر کان بچائڻ وغيره آهي جن جا باني يا سربراهہ هتي امير آمريڪن يا اعليٰ عهدي وارا رٽائرڊ عملدار آهن.جيئن آمريڪا جو سابق صدر جمي ڪارٽر آهي يا وري هن ملڪ جا سَفير. يو اين او جا ماڻهو آهن. ان قسم جي ماڻهو سان ملي ملي منور جا نہ فقط هنن سان، پر هتي جي نمائندن ۽ ڪانگريس مين سان بہ تمام دوستاڻا تعلقات ٿي ويا آهن. بقول منور جي هن جو اڌ ٽائيم تہ ڪئپيٽل بلڊنگ ۾ گذري ٿو. جتي سينيٽ ۽ آمريڪن هائوس جا ميمبر يعني آمريڪا جي سيني رياستن جي نمائندن سان هن جي هر وقت عليڪ سليڪ ٿيندي رهي ٿي. هڪ ڪانگريس جي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ منور مونکي پاڻ سان وٺي هليو جتي حسين حقانيءَ سان بہ ملاقات ٿي. اتي بہ منور جي ايٽري ڏيٺ ويٺ ڏسي مونکي منهنجو مامو ياد اچي ويو. جيڪو مرحوم مئٽرڪ تائين ڪو مس پڙهيو ۽ پنهنجو اباڻو ڏنڊو هوٽل هلائيندو رهيو. اسان ننڍا هئاسين تہ حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن وٽ سندس هوٽل سنڌ زميندار نالي تي ويندا هئاسين. واپسيءَ تي ساٽس گڏ گهر (گاڏي کاتي) موٽبو هو تہ رستي تي حجام، رنگ وارو، مستري، پان وارو جيڪو ملندو هو، اهو ماما کي يا ماما هن کي ڪيڪار ڪندو هو. اسان پاڻيجا کلي ٽوڪيندا هئاسين تہ ماما ڪو پڙهيل ڳڙهيل آفيسر بہ ڪو سڃاڻو اٿاوَ؟ تہ کلي چوندو هو تہ بابا سڄو ڏينهن اسٽيشن روڊ تي هوٽل واري دخل تي ويهبو تہ اهڙي ئي جينٽريءَ سان ڄاڻ سڃاڻ ٿيندي ... سو منور جي آفيس ۽ ڪم جي نوعيت ۽ اٿڻي ويهڻي اهڙي هنڌ تي هئي، جتي رڳو هن جي هن ملڪ جي سينيٽرن، ڪانگريس مين، ناميارن وڪيلن، ججن، اعليٰ عملدارن يا وري دنيا جي ملڪن جي سفيرن سان ملاقات ۽ عليڪ سليڪ ٿي ٿي. هن مونکي ڪيترائي دلچسپ سياسي ۽ ادبي قسم جا ماڻهو ملايا، جن جو احوال اڳتي ٻي ڪنهن هنڌ ڏبو يا آمريڪا جي ٻئي سفرنامي ”ڳوٺ بخشو لغاري کان بالٽيمور“ ڪتاب ۾ ڏبو. هتي فقط هڪ ڪانگريس مئن ٽام ٽانڪريڊو جو

مختصر ذڪر ڪنداسين، جنهن سان گڏ منور وارن جي هڪ رات ڊنر هئي، جيڪا اٽينڊ ڪرڻ لاءِ آئون بہ گڏ هليس.

## آمريڪن ڪانگريس مئن ٽام ٽانڪريڊو سان ڊنر

ٽام ٽانڪريڊو هتي جو هڪ ڪڙڪيدار قسم جو ريپبليڪن پارٽيءَ جو آمريڪن سياستدان ۽ 1999ع کان يونائيٽيڊ اسٽيٽس هائوس جو نمائندو آهي. هن کان آمريڪا ۾ رهندڙ ڌاريان، خاص ڪري اهي جيڪي غير قانوني طرح هتي رهن ٿا (جن ۾ گهڻائي ڏکڻ آمريڪا ۽ ڪئريبين ٻيٽن جي هسپانوي نسل جي آهي) ڪَنُ هڻن ٿا. اهي هن کي بلڪل پسند نٿا ڪن، جو هي ڌارين ملڪن کان ماڻهو جي ايندڙ لوڏ جي بلڪل خلاف آهي. هن جو اهوئي موقف آهي تہ هجڙيءَ طرح ڌارين ماڻهن کي هن ڌرتيءَ تي اچڻ جي کلئي آزادي ڏني ويندي، تہ پوءِ هتي نہ رڳو نائن اليون جهڙا حادثا ٿيندا رهندا، پر هڪ ڏينهن اهو بہ اچي ويندو جو مڪاني ڪلچر بہ تباهہ ٿي ويندو. ڪيترا مڪاني آمريڪن هن کي بيحد پسند بہ ڪن ٿا، جو هو هن جي ڳالهہ کي Sensible سمجهن ٿا. ان نفرت ۽ چاهت ڪري ٽام ٽانڪريڊو آمريڪا جو بيحد پاپيولر ۽ اهم ڪانگريس مين ٿي پيو آهي. ايتري قدر جو هن صاف صاف صدر بش کي بہ چيو آهي ، تہ آمريڪا ۾ ايندڙ غير قانوني ماڻهن جي خلاف حڪومت سخت قدم نہ کڻندي تہ هن کي پنهنجي پارٽيءَ ۾ بہ مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ هن 2008ع واري صدارتي اليڪشن ۾ صدر جي چونڊ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ يعني صدر ٿيڻ لاءِ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي.

اسانجا ڪي پاڪستاني بہ ٽام ٽانڪريڊو کي پسند ڪن ٿا، تہ ڪي بنهہ نہ. خاص ڪري اهي جن جا گرين ڪارڊ ۽ پاسپورٽ نہ ٺهيا آهن. ان ڪري ڪي منور جي ٽانريڪڊو سان دوستيءَ کي سٺو سمجهن ٿا تہ ڪي خراب. سٺو سمجهڻ وارن جو اهوئي موقف آهي تہ ٽانڪريڊو اصول جي ڳالهہ ٿو ڪري. غير قانوني Immigrants مان هن جو وڏو اشارو اسپيني ماڻهن طرف آهي، جيڪي روزانو وڏي تعداد ۾ ميڪسيڪو جو بارڊر ٽپي آمريڪا (USA) اچن ٿا ۽ ڏوهن ۾ اضافو آڻين ٿا. ايشيا جي ملڪن ۾ بہ خاص ڪري اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ مختلف ملڪن برما، انڊيا، بنگلاديش، افغانستان وغيره وغيره کان غير قانوني Immigrants اچڻ ڪري ڏوهہ وڌيا آهن. سو ٽانڪريڊو وانگر اسانجي ملڪ ۾ بہ ڪو تکڙو ايم اين اي يا وزير هجڻ کپي. ان کان علاوه ٽانڪريڊو کي، خاص ڪري سنڌي ۽ بلوچ ان ڪر ي پسند ڪن ٿا، جو هو سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿاري ٿو ۽ ظالمن خلاف نفرت جو اظهار ڪري ٿو ۽ پنهنجي ٻين ساٿين ۽ حڪومت کي پڻ ان کان آگاهہ ڪندو رهي ٿو. شايد اها ئي ڳالهہ آهي جو هي ڪانگري مئن ٽام ٽانڪريڊو منور جي سٺن دوستن مان هڪ آهي ۽ ساڳي وقت ٽانڪريڊو جو منور لاءِ اهو Opinion آهي تہ منور پنهنجي Cause

سان سچو، Sincere، تعليم يافتہ ۽ قانون ڪان ڇاڙو ۽ ڏکن تي هريل ۽ هڪ سادگي پسند ماڻهو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ Material World ڪي اهميت نہ ٿو ڏئي ۽ نہ ان مان متاثر ٿو ٿئي.

ٽام ٽانڪريڊو سان ڊنر جو پروگرام ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينيو واري “The Bombay club” نالي واري انڊين ريسٽورينٽ ۾ رکيل هو. منور ان ڏينهن آفيس مان سوير پنجين بجي ڌاري گهر آيو ۽ چانهہ پي مونکي پاڻ سان وٺي، پنهنجي گاڏيءَ ۾ نڪتو.

”رستي تان هوٽل مان حميرا رحمان کي کڻي وري آفيس ٿا هلون، جتي نيويارڪ کان آيل ڊاڪٽر الطاف ميمڻ ۽ سندس زال شمع بہ انتظار پيا ڪن. پوءِ اتان سڌو انڊين ريسٽورينٽ ۾ هلنداسين.“ منور اعلان ڪيو.

## يوگا ذريعي بہ ماڻهن خوب پئسو ڪمايو آهي

منور پنهنجي سٽين گهٽي وٺي، مئسي چيوسٽس ايونيو تي آيو DuPont Circle واري چوراهي وٽ پهچي، ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينيو تي آيو، جتي فلوريڊا ايوينيو ۽ Le Roy اسٽريٽ ڪراس ڪرڻ بعد هوٽل هاءِ لينڊ آئي، جنهن ۾ حميرا رهيل هئي. ڪيس اسان اڳواٽ فون ڪيو تہ پهچڻ وارا آهيون، هيٺ هوٽل جي در وٽ اچي انتظار ڪر پر ان روڊ تي ڪجهہ منٽ اڳ ڪو حادثو ٿيڻ ڪري ايڏي تہ ٽريفڪ جٽم تي ويئي هئي، جو وڏيڪ اڳتي رڙهڻ جو انتظار ڪرڻ بدران منور هڪ گهٽيءَ ۾ ڪار کي پارڪ ڪري، پاڻ هوٽل ڏي ڊوڙ پائي ويو ۽ حميرا کي وٺي آيو ۽ اتان ئي گاڏيءَ کي موڙي هِتان هُتان ٿيندو اچي پينسلوانيا ايوينو ۽ نيويارڪ ايونيو کان نڪتو، جتان سندس WSI جي آفيس ويجهي هئي، جيڪا 15 گهٽي NW تي آهي. شامَ جو وقت ۽ آفيسن کان موڪل ٿيڻ ڪري جتي ڪٿي ٽريفڪ جو لوڊ گهڻو هو يا شايد سندن آفيس جي 15 نمبر گهٽيءَ کان پرواري چوڏهين گهٽي وڌيڪ ويڪري آهي، ان ڪري منور کي اتي جيئن ئي هڪ ڪار جي نڪرڻ تي پارڪنگ جي جاءِ ملي، تہ پنهنجي ڪار کي اتي نهڪائي، ٻاهر لڳل پارڪنگ ميٽر ۾ ڪجهہ سڪا پارڪنگ في جا وجهي، پاڻ هتان هتان گهتون هٽي پنهنجي آفيس ڏي ڊوڙيو، جتي ڊاڪٽر الطاف ۽ آفيس جو اسٽاف اسان سان گڏ هلڻ لاءِ انتظار ۾ هو. رستي جي ٻي پار ڊاڪٽر الطاف جي ڪار پارڪ ٿيل نظر اچي رهي هئي. منور مونکي ۽ حميرا کي پنهجي سدا ملوڪ ڪار (جيڪا اڳهين لکي چوڪ آهيان تہ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ضرور سهٽي ۽ صحتمند هوندي، پر هاڻي ڪيس پيريءَ جي Old Age بيمارين ڪوڪلو ڪري رکيو هو) ۾ اسان کي پنج منٽ وهڻ لاءِ چئي روانو ٿيو هو ۽ مٿان اسان تي اها ٻاجهہ ڪري ويو جو گاڏيءَ کي اسٽارٽ رکي ايئرڪنڊيشن آن ڪري ويو هو، پر لڳو ٿي تہ سندس ڪار جي ايئرڪنڊيشنر جي ڪمپريسر جون نہ فقط Rings ختم ٿي ويون هيون، پر منجهس فريان (Freon) گئس جي بہ ڪوتَ هُئي يا تہ گذريل ٻن ٽن ڏينهن ڪان

نيوجرسي کان ڪئرولينا تائين  هلندڙ سخت گرميءَ جي لهر ههڙن ڪارين جي ايئرڪنڊيشنرن تي اثر انداز ٿي هجي، جيڪي هونءَ هتي جي نارمل موسم ۾ ”ڏڪو پير پيران“ ئي سهي پر هليا ته پئي.

آئون ڪار جي اڳين سيٽ تي وينو هوس يعني هوا ڏيندڙ Blower جي منهن سان منهن ملائي، ته به مزو نه پئي آيو. جيئن تيئن ڪري ڏهه منٽ گذاريم. اسان جو ماٺهو ڪٽي واهي پانڊيءَ ۾ هجي يا واشنگٽن ۾ سندس پنج منٽ معنا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ.

”حميرا آئون ته ٻاهر نڪري ٿو بيهان. تون به جي ٻاهر نڪرين ته ڪار جي انجڻ بند ڪري چاٻي ڪڍي نڪرجانءِ. متان منور جي ڪار چاٻيءَ بنا لاڪ ٿي وڃي ته سورن ۾ پئجي ويندا سين. ٻاهر ڏسين ٿي ڇا حالت آهي، نظر اچي ٿي ڪا خالي ٽئڪسي؟“

”ڇا ڪجي.“ حميرا ڪي گهڙيون سوچي ڪار اندر وهڻ جو فيصلو ڪيو.

”پوءِ اڳيان مون واري سيٽ تي اچي ويهو. توهان کي گرمي نه ٿيندي. اسانکي هڪ ته ڪمپليٽ سوٽ به ماري رکيو آهي.“ مون حميرا کي چيو ”ههڙي گرميءَ ۾ اڄ واشنگٽن جي رستن تي آهي ڪو سوٽ ۽ ٽائي وارو ـ سڀ نِڪرن (چڏين) ۾ پيا هلن.“

هي پروگرام هفتو اڳ ڪو ٺهيو هو، جڏهن واشنگٽن ۾ ٿڌڪار هئي، پر منور جو هر صورت ۾ اهو حڪم هو ته مرد ماڻهو سڀ سوٽ پائي اچن ۽ هاڻ مرد ماڻهن جو پگهر ڪڙين کان پئي ٽميو. آئون ٻاهر ڏان يوگا (Dahn Yoga) سينٽر اڳيان ٺهيل آڏ هيٺان اچي بيٺس، جتي جيتوٽيڪ دڪان ۾ لڳل ايئرڪنڊيشنر جي گرم هوا نڪري رهي هئي، پر آڏ جي ڪري ڇانو هئي ۽ ڪجهه ٿڌڪار هو. رستي تان گاڏيون لنگهيون ٿي ته هوا جو جهوٽو به لڳو ٿي. اندر دڪان ۾ يوگا ۽ حجامت جو ڪم ٿيو ٿي. ان وقت ڪو به گراهڪ موجود نه هو ۽ شيشي جي وڏين درين مان دڪان جي شايد مالڪڻ ۽ ٽئي حجام ڇوڪريون ڪچهري ڪري رهيون هيون. آئون پنيرو بيهي رستي تان لنگهندڙ ڪارين کي ڏسڻ لڳس. حجام گراهڪ نه اچڻ ڪري، لڳو ٿي ته ڪافي وقت کان هي حجام ڇوڪريون مکيون ماري رهيون هيون. ايتري ۾ هڪڙي ٻاهر نڪري آئي ۽ مونکان پڇيو:

“Want to have haircut”

ولايت ۾ هيئر ڪٽ مهانگي  هجڻ ڪري مون جهڙا ڏارين ملڪن جا ٽوئرسٽ ته ڇا، پر هتي جا مڪاني آمريڪن ۽ هتي نوڪريون ڪرڻ وارا به جلدي جلدي اهو شوق نه ڪن. منهنجي مٿي تي هونءَ ئي نالي ماتر وار ۽ ٻيو ته نيو جرسي جي اوڪ وڊ ٽري علائقي مان هن دفعي (واشنگٽن اچڻ کان به ڏينهن اڳ) منهنجو گذر ٿيو ته اتان هيئر ڪٽ ڪرائي هيڏانهن آيو هوس. اوڪ وڊ ٽري روڊ تي انڊيا جي گجرات صوبي جا حجام سڄي آمريڪا ۾ گهٽ پئسن يعني ٻارهن ڊالرن (750 رپين) ۾ هيئر ڪٽ ڪرڻ کان مشهور آهن. مون حيرت

مان هن DAHN يوگا سينٽر جي گوري حجام ڇوڪريءَ ڏي نهاريو تہ منهنجي مٿي تي رهيو ئي ڇا آهي جو هاڻ وڏيڪ هيئر ڪٽ ڪندي، تہ پاڻ بہ شڪي تي مرڪي ڏنائين.

”پلا يوگا ۾ Interested آهيو؟“ هن پڇيو.

”هن وقت تہ نہ آهيان.“ مون وراڻيو مانس ۽ پاڻ اندر وڃي در وٽ رکيل يوگا بابت سندن ڇپيل بروشرن مان هڪ کڻي مون کي ڏئي وئي. مون مهرباني چوندي ورتو مانس ۽ پوءِ اتي ئي بيهڻ بدران روڊ تي واڪ ڪرڻ بهتر سمجهيم ۽ منور جي ڪار ڪي وڃ ٿاهي، ويھ پنجويھ قدم اڳيان پٺيان هلڻ لڳس، تہ جيئن سوٽ پهريل منور جيئن ئي آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري نازل ٿئي تہ آئون ڪيس ۽ هو مونکي ڏسي سگهي ۽ مونکي هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ ۾ وڏيڪ وقت نہ وڃائي.

حجام ڇوڪريءَ کي مليل هن بروشر مان اهو فائدو ٿيو تہ آئون ان ٿلهي پاڻي واري بروشر کي هٿ جي پنکي (وڃڻي) طور استعمال ڪرڻ لڳس، جنهن جي مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل هو تہ يوگا ٽينشن دور ٿو ڪري، Flexibility پيدا ٿو ڪري (الائي ڇا جي Flexibility) ۽ ٿولھ ٿو گهٽائي. يوگا بہ عجيب ڊراما شيءِ اهي، جنهن ذريعي اسانجي ننڍي کنڊ جي ماڻهن پنهنجن سان گڏ يورپين ۽ آمريڪن کي بہ خوب بيوقوف بنائي پئسو ڪمايو ۽ هاڻ اهي گورا پنهنجن گورن کي پيا اُلو بنائين.

## نيويارڪ جي بخارا هوٽل جي مٺائي

پوري مني ڪلاڪ بعد منور مينهن واچ ڪندو پهتو. سندس پٺيان قطار ۾ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ، سندس زال شمع، ان پٺيان WSI جي آفيس جي هتي جي آمريڪن صلاحڪار ميريم جنهن جي هٿ ۾ اڇي رنگ جي شفاف ٿيلهي هئي، جنهن ۾ اندر پيل سامان اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي نظر اچي رهي هئي ۽ ان جي پويان ۽ سڀ کان آخر ۾ جڳ جهان جو مامو جمون (پوليس S.P عبدالعزيز بروهي جو فرزند ۽ مشهور سنڌي مزاح نگار حليم بروهيءَ جو پاءُ عبدالعليم) هو، جنهن کي نہ فقط حيدرآباد سنڌ ۾ پر هتي بہ سنڌي، بلوچ، مهاجر ۽ هتي جا مڪاني گورا ماما جمون ٿا سڏين. جمونءَ جي ڪڇ ۾ ڇڳي خاص وڏي ڪاري هئي، جيڪا جيتوڻيڪ پرت ۽ ڪٽ ورڪ جي ڪپڙي سان ڍڪيل هُئي، جيڪو ڪپڙو ڪنوار جي اکئي جهڙو لڳي رهيو هو، جيڪو ميندي ۽ هئڊ هٽي هن کي ونواھ ۾ وهڻ وقت ڏيڏو آهي، پر ان جي پاسي کان بہ خوبصورت ڊبڪيون ۽ وڃڻو بہ نظر اچي رهيو هو. ڊاڪٽر الطاف کان پڇيم:

”ڪاريءَ ۾ ڇا آهي. واسينگ نانگ تہ نہ آهي؟“

”مٺائي آهي، رستي تي نيويارڪ مان بخارا هوٽل تان وٺندو آيو آهيان.“ الطاف ٻڌايو.

”ڪانگريس مئن ٿام ٿانڪريڊو ٿلهو آهي يا سنهو؟“ مون عليم بروهيءَ کان پڇيو.

”ٿلهو آهي.“

”ڊائيٽنگ نٿو ڪري ڇا؟“ مون پڇيو.

”اها ته ڪندو هوندو، پر ڪيس مٺائي پسند آهي.“ ڊاڪٽر الطف ميمڻ ٻڌايو، ”گذريل دفعي پاڻ جڏهن اسان جي دعوت ڪئي هئائين ته منور ڪي خاص مٺائي لاءِ چيو هُئائين.“

”ڏاڍي ڳالهه ٿي!“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. ”هنن به چڱن چڱن سان ڪٺي دوستيون ڳنڍيون آهن.“ ڊاڪٽر الطاف کي چيم: ”جيڪڏهن آمريڪا جي اينڊز صدارتي اليڪشن ۾ ٽانڪريڊو واقعي آمريڪا جو صدر ٿي ٿو وڃي ته پاڻ واري هن بخشو لغاري ڳوٺ جي سنهڙي منور لغاريءَ جي وڏي لئه ٿي ويندي، جنهن سان هن جي ذاتي دوستي آهي.“

ڊاڪٽر الطاف روايتي ٿهڪ ڏيندي چيو: ”اها مونکان خاطري وٺ ته هي ٽان ڪريڊو ڇا منور لغاري پاڻ آمريڪا جو صدر ٿي وڃي ته به هي اهو ئي عجز ۾ نئڙت جو مجسمو رهندو. نوڪر پٽيوالي سان به جهڪي جهڪي ادب سان پيو ڳالهائيندو. منور جي ٻي ڪا خواهش يا ڪو خواب ناهي، سواءِ ان جي ته منهنجو وطن خوشحال ٿئي ۽ ان جي غريب رهواسين سان ظلم ۾ ڏاڍ بند ٿين. ڪين انصاف ۽ حق ملن.“

مٺائيءَ جي ڳالهه اچي نڪتي آهي ته اهو به ٻڌائيندو هلان ته اڄ کان پنجٽيهہَ چاليهہ سالَ کن اڳ اسان جهازَ کي آمريڪا وٺي ايندا هُئاسين ته آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جا سڀ سڄاڻو هم وطني پنهنجي ديسَ کان مٺائيءَ ۽ آچار جهڙيون شيون آڻڻ لاءِ چوندا هئا. هاڻ ته مٺائي جا دڪان ۽ انڊين هوٽلون آمريڪا جي شهر شهر ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾ نظر اچن ٿيون. ويندي هنن هوٽلن (ريسٽورينٽن ) ۾ مانيءَ سان گڏ مٺي (Sweet Dish) ۾ ڪلفي، فالودو، آئيس ڪريم، ڪسٽرڊ ۽ جيلي سان گڏ هر قسم جي مٺائي به تيار ٿئي ٿي ۽ اهي پاڪستاني ۽ انڊين ڪاڌا نه فقط اسان ديسي ماڻهو، پر هتي جا مڪاني گورا به وڏي شوقَ سان کائين ٿا.

اسانجي ڳوٺَ جو پروفيسر صاحب ڊاڪٽر الطاف گاجٽي ميمڻ جيڪو الباني جي ڪنهن يونيورسٽي ۾ Dean آهي، نيويارڪ جي علائقي بروڪلن مان جنهن بخارا نالي ريسٽورينٽ تان مٺائي وٺي آيو هو، اها 41 ايوينيو ۽ چوٿين گهٽيءَ جي ڪراسنگ وٽ آهي. رڳو نيويارڪ جي پنج باروز (جن کي ڪٺي ضلعا سمجهو ـ جيئن ڪراچي پنجن ضلعن ۾ ورهايل آهي) ۾ بخارا نالي ڪيترين ئي ريسٽورينٽون نظر اچن ٿيون. هڪ ته بروڪلن ۾ ڪوني آئلنڊ ايوينيو تي آهي. بلڪه ان ئي روڊ تي ڪجهه اڳتي ڏهہ کن بلاڪ اڳتي هڪ ٻي به بخارا ريسٽورينٽ آهي. هڪ نيويارڪ جي فلشنگ واري علائقي ۾ ڪئنس بليوارڊ تي آهي ته هڪ 49 نمبر گهٽيءَ ۾ به آهي. ان کان علاوه نيويارڪ شهر جي 58 نمبر گهٽيءَ ۾ پڻ بخارا نالي ريسٽورينٽ آهي.

## ته اسانجو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي

هونءَ انڊين هوٽلون جيتريون هتي آمريڪا ۾ آهن، اوترائي دلچسپ انهن جا نالا آهن. هڪ ڏينهن نيويارڪ جي هڪ بارو (حصي) مئن هٽن جا چڪر هڻندي انڊين هوٽلن جا نالا لکندو ويس، جيڪي هن ريت آهن: اجنتا، دربار، آنگن، گانڌي تندور، ڪلڪتا، متالي، روپالي، مغل، پنا، انڊين پويلين، انڊين اوون، مدراس محل ۽ هڪ نالو Passage to India بہ آهي، جيڪا 197_E_6 رستن جي ڪراس سيڪشن تي آهي. ڪجھ بيا اهڙا دلچسپ نالا نيوجرسي ۾ پين هنڌن تي نوٽ ڪيم: اڪبر، امروٽي، اشوڪا، چاند محل، دابا جئسي (اڄ ڪلھ مشهور ڊرامي جي اداڪارا نالي مارڪوني ايوينيو تي اسلين ٽائون ۾ آهي، جتي آئون رهان ٿو) جوتي، مهاراجا، پوجا، مهاراني، شير پنجاب (ايڊيسن شهر ۾ اوڪ ٽري روڊ تي)، رنگولي، نمسڪار ۽ هوبو ڪين شهر ۾ واشنگٽن اسٽريٽ تي هڪ انڊين هوٽل آهي، جنهن جو نالو India on the Hudson آهي .

اهڙي طرح هتي واشنگٽن ۾ بہ انڊين ريسٽورينٽون جام آهن، جو ننڍي ڪنڊ جي رهاڪن کان علاوه هتي جي آمريڪن گورن کي بہ هنن ريسٽورينٽن جو کاڌو پسند آهي، جيڪو دراصل ڪشميري ۽ نارٿ انڊين کاڌو چئي سگهجي ٿو. جيئن پهرين بہ ٻڌائي چڪو آهيان تہ هنن ريسٽورينٽن مان ڪيتريون پاڪستانين ۽ بنگلاديشن جون بہ آهن، پر اهي سڀ "انڊين" سڏجن ٿيون ۽ اهڙين مان هڪ وائيٽ هائوس پرسان ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينو تي "The Bombay Club" نالي انڊين ريسٽورينٽ آهي جنهن ۾ اسان هن وقت وڃي رهياهئاسين.

اسين 15 نمبر گهٽي تي وائيٽ هائوس اڳيان ٺهيل Lafayette پارڪ جي بلڪل ويجها بيٺا هئاسين، جنهن پارڪ جي ٻي ڪنڊ وٽ جتي ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينيو اچي ٿو ملي، اتي هيءَ "دي بامبي ڪلب" انڊين ريسٽورينٽ آهي. يعني اوستائين پهچڻ ۾ ڏهن منٽن جو بہ پنڌ ناهي. ٿورو اڳيان ورمانٽ ايوينيو NW تي هلي ڪاٻي پاسي ايچ اسٽريٽ NW وٺي ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينيو تي پهچڻو هو، يعني ايلفي (زيب النساءِ) اسٽريٽ تي ٺهيل شالامار سينٽر کان عبدالله هارون روڊ تي جبيس هوٽل اچڻو هو. في الحال سڀ قطار ۾ بيٺا رهياسين، ڪاريءَ سان گڏ عبدالعليم بروهي، اجرڪ ۽ ٽوپي واري لفافي سان ميريم پٺ. سڀ گرميءَ ۾ سوٽن ۾ هئاسين. منور هڪ ٻئي آفيس واري سان بحث ۾ هو. عليم بروهيءَ چيو تہ ماٺهو اسان کي ڏسي الائي ڇا پيا سوچيندا هوندا. الطاف ميمڻ چيو ماٺهن کي ڪهڙي خبر تہ اسان ڪهڙي ملڪ جا آهيون، هتي اسان کان وڌيڪ ڇريا پورٽوريڪن، جئميڪن، اطالوي ۽ بيا الائي ڪهڙا ويسَ وڳا پايو، سفري ٿيلها ڳچيءَ ۾ ڪنيو پيا هلن.

خبر پيئي تہ بحث ان ڳالھ تي پئي هليو تہ ڪار ۾ هلڻ بدران پنڌ هلجي، جو هڪ تہ گهٽي ٽرئفڪ ڪري ڪار کان اڳ پنڌ پهچي سگهبو ۽ بيو تہ هوٽل اڳيان ٿي سسگهي ٿو پارڪنگ جي جاءِ نہ ملي. اهو فيصلو صادر ڪري منور تہ اڳيان اڳيان لائيٽ جي سگنل وٽان

روڊ ڪراس ڪرڻ لاءِ نڪري ويو. باقي خلق جنهن جي اڳواٽي عليم بروهيءَ پئي ڪئي، تنهن ٻه چار وڪون اڳيان هلي جيئن ڪجهه سيڪنڊن لاءِ هن ٽرئفڪ ۾ ناپر آئي ته هن وچ تان ئي ڪٽي رستو ڪراس ڪيو. اسان ٻه ان پنيان تڪڙو تڪڙو رستو ٽپي پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳاسين ته ڪنهن ٽرئفڪ جي پوليس واري ڏسي ته نه ورتو ۽ ڪٽي سزا طور هڪ هڪ کان پنجاهه ڪن ڊالر ڏنڊ نه اوڳاڙي. ڊاڪٽر الطاف کي چيم ته يار هاڻ ته مڇ ته جنهن کي خبر نه هوندي ان کي ٻه پئجي وئي هوندي ته اسان جو ڪهڙي ملڪ سان تعلق آهي.

رستو ٽپي حميرا ۽ شمع چيو ته پنڌ ڪري ٿورو آهي پر سخت گرمي آهي، منور کي ڪپي ته گاڏين ۾ وٺي هلي. ڳالهه ته اسان مردن کي ٻه وٽي. ڊاڪٽر الطاف چيو ته هاڻ قاعدي قانون تي هلندڙ منور صاحب سگنل وٽان رستو ٽپي هيڏانهن پهچي ته چئي ٿا ڏسونس. تيسين اسان خبرون چارون ڪرڻ لڳاسين. پنهنجي ڳوٺائي ڊاڪٽر الطاف سان پهرين ٻه ٻه دفعا ملي چڪو هوس، اڄ هو پنهنجي زال شمع سان گڏ نيويارڪ کان آيو هو، تنهن سان عليم بروهي ۽ آئون خوش خير عافيت ڪندا رهياسين.

## شمع ۽ اسان جو ناناڻو خاندان

”ڪيئن آهي ماسي جنت؟“ شمع کان مون سندس والده جو پڇيو، جنهن لاءِ هن ٻڌايو ته وڏي عمر ڪري چاق نٿي رهي ۽ گهر ۾ ئي رهي ٿي.

”ادي فخرالنساءِ، نجما ۽ ٻيا پائر پينرون ڪيئن آهن؟“ مون پڇيومانس.

”آئون ۽ ننڍي ڀيڻ پروين هتي نيويارڪ ۾ آهيون، باقي ٻيا سڀ سئڪرامينٽو (Sacramento) ۾ رهن ٿا.“ هن ٻڌايو.

سئڪرامينٽو اولهه واري پاسي جي رياست ڪئليفورنيا جي گاديءَ جو شهر آهي. جيتوڻيڪ ڪئليفورنيا جو وڏي ۾ وڏو شهر لاس اينجلس آهي، پر آمريڪا جي هر رياست جو Capital وڏي شهر کي نه ڪيو ويو آهي، جيئن نيويارڪ رياست جو ڪئپيٽل نيويارڪ شهر بدران الباني آهي، ٽيڪساز جو هيوسٽن بدران آسٽن آهي، نيو جرسي جو نيوارڪ بدران ٽرينٽان آهي ۽ پينسلوانيا جو فلڊلفيا بدران هئرس برگ آهي.

عبدالعليم بروهي (ماما جمون) وانگر شمع کي ٻه آئون اٽڪل چاليهه پنجيتاليهه سالن بعد ڏسي رهيو هوس. ننڍي هوندي اسان پنهنجي ڳوٺ هالا کان پنهنجن ناناڻن ۾ حيدرآباد ايندا هئاسين، ته اسان جي ناني پنهنجي پائرن جي گهر وٺي هلندي هئي. منهنجي ناني مريم مغل (جيڪي مرزا پڻ سڏائين) هئي ۽ نانو سومرو هو. نانيءَ جا چار پائر مرزا عبدالرحمان مغل (جنهن جو پٽ جسٽس حامد علي مرزا، رشيد وغيره ٿيا)، ماما حاجي مغل (اقبال، لطيف، تنوير افروز وارن جو والد جيڪو ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڊو جام ۾ پروفيسر هو)، مرزا محمد (ٽي وي ۽ ريڊيو آرٽسٽ مشتاق مغل، سلطان، نور احمد، چاچي زرينه ۽

ربينا وارن جو والد) ۽ مرزا شير علي مغل (مقبول، نذير مغل سنڌ يونيورسٽيءَ وارو وائيس چانسلر وغيره جن جو والد) ۽ هڪ ڀيڻ خير بانو هئي. منهنجي ناني محمد حسن سومرو جي هڪ ڀيڻ پُڦو غلام فاطمہ جا ٻار عبدالعليم بروهي، مشهور مزاحيہ ليکڪ حليم بروهي، آپا تاج (حنيف صديقي جي گهرواري ۽ شفيق صديقي ۽ ڊاڪٽر فهميہ قلباڻي جي ماءُ)، افروز، نعيم ۽ ساران هئا. جن وٽ اسان صدر واري گهر ۾ ويندا هئاسين ۽ قلعي ۾ سندن ٻي ڀيڻ ڦڦو زينت (جنهن جا ٻار عرض محمد شيخ، آپا شمس، ادي قمر، قمر الدين وغيره هئا) جي گهر ويندا هئاسين.

حيدر آباد جي راڻي باغَ ۾ جڏهن بہ ويندا هئاسين، تہ اتي اسانجي نانيءَ جي سڳي سوٽ ماسي جنت جو گهر هو. ماسي جنت جي گهر بہ نانا ۽ نانيءَ جي ڀين ڀائرن ڀينرن جي گهرن وانگر ماشاءَالله ڪافي ٻار هر عمر جا هوندا هئا ۽ اسان ڀائر ڀينرن توڙي اسانجي ماسيءَ جي ٻارن کي اتي بہ مزو ايندو هو ۽ هي ماسي جنت جو گهر اسان جي ڳوٺائي ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جي گهرواري شمع جو گهر هو. ماسي جنت پاڻ نانيءَ وانگر مغل هئي ۽ مرزا جان محمد مغل جي ڀيڻ هئي ۽ شمع جو پيءُ چاچو محمد خان بلوچ هو.

شمع وارا پاڻَ ۾ ڏهہ ڀائر ڀينر آهن. وڏي فخر النساءَ موري جي نثار شاهہ صاحب جي زالَ آهي ۽ ٻيو نمبر نجمہ آهي، جنهن جي شادي مشتاق مغل (ٽي وي ريڊيو آرٽسٽ) جي پٽ لعل بخش سان ٿي ۽ پوءِ شمع آهي، جنهن بعد پروين آهي. پروين جي شادي اسانجي نانيءَ جي ڀاٽيجي محمد علي (مرزا حامد علي جج جو پاءُ) سان ٿي، ان بعد نسرين (ڪڪي) ۽ سمي آهي. ڀائرن ۾ اسلم، اڪرم، اشرف (جنهن جي زالَ حامد علي مرزا ججَ جي ڌيءَ فراح آهي) ۽ نويد آهي.

هن سيني ۾ يعني اسانجي ناناٽيءَ مائٽيءَ ۾ پهرين اسان جي نانيءَ جو ڀاٽيجو نذير مغل (شير علي مغل جو پٽ ۽ سابق وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي) سٺ واري ڏهي ۾ آمريڪا آيو ۽ پوءِ 1968ع يا 1969ع ڌاري اسان پهريون دفعو جهاز کي آمريڪا وٺي پهتا هئاسين تہ نذير مغل جو ڀاءُ بشير مغل پهتو. شمع وارن مان شمع ۽ فخر النساءِ پهرين آمريڪا پهتيون، هي اهي ڏينهن هئا جو آمريڪا ۾ رهندڙ بہ واپس پنهنجي وطن پئي موٽيا، پر هنن دور انديشيءَ کان ڪم ورتو. آمريڪا جو Citizen ٿيڻ بعد هنن پنهنجي والدين کي گهرايو جو اولاد کي پاسپورٽ ملڻ تي ماءُ پيءُ کي آسانيءَ سان مليو وڃي ۽ انهن ڏينهن ۾ تہ تمام سولي ڳالهہ هئي ۽ پوءِ شمع جي والدين کي جڏهن سال ٻن بعد آمريڪا جي Citizenship ملي وٺي تہ پوءِ هنن پنهنجن باقي ٻارن کي بہ گهرائي ورتو، ڇو جو آمريڪا جو پاسپورٽ ملڻ بعد پنهنجي صرف انهن ڀاءُ ڀيڻ کي گهرائي سگهجي ٿو، جيڪي 18 سالن کان ننڍا هجن. شمع ۽ فخرالنساءَ کي جڏهن USA جو پاسپورٽ مليو تہ ان وقت سندن ڀائر ڀيٽيون 18 سالن کان وڏا ٿي چڪا هئا، جن کي پوءِ سندن ماءُ پيءُ گهرائي ورتو. هن وقت

شمع جا سڀ ٻارَ پڙهيل آمريڪا ۾ آهن. سڀني جون شاديون ٿي ويون آهن ۽ ماشاءَ الله سڀ خوش آهن. بلڪ سندن ٻار بہ هاڻ اچي شاديءَ لائق ٿيا آهن. الطاف ۽ شمع پنهنجي وڏي پٽ امر ۽ سنڌوءَ لاءِ هتي USA ۽ سنڌ ۾ ڪنوار ڳوليندا وتن.

## واشنگٽن جي ننڍن ريسٽورينٽ ۽ ان جا کاڌا

منور لغاري سگنل وٺان ڦري اسان وٽ پهتو تہ سڀني پنڌ هلڻ بدران ڪارن ۾ هلڻ لاءِ چيو. پوءِ ڪي ڊاڪٽر الطاف جي ڪار ۾ تہ ڪي منور جي مڙهہ ڪار ۾، جنهن ڪي اڳيان هلڻ لاءِ چيوسين تہ جيئن وچ رستي تي پڙ ڪڍي بيهي رهي تہ خبر تہ پئجي وڃي ۽ يڪدم اڳتي ڊڪائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، جو هاڻ وقت تمام ٿورو هو ۽ خاص مهمان ڪانگريس مئن ٿام ٽانڪريڊو جي اچڻ ۾ ڪو اڌ ڪلاڪ بہ نہ هو.

هوٽل ”دي بامبي ڪلب“ ۾ پهتاسين، تہ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جا ٻيا ميمبر مهمان مليا، جن ۾ خالد هاشماڻي، گجرات انڊيا جو هڪ سنڌي پراوين ۽ سندس زال پانيا اگروال، ڪراچي جو نوجوان انجنيئر ۽ WSI لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪندڙ مقبول عالياڻي ۽ سندس زالَ، ٿائلينڊ جي هڪ سنڌي فئملي جي هڪ نوجوان خاتون ايڪتا چڱاڻي، جيڪا آمريڪن پاسپورٽ رکندڙ آهي ۽ WSI جي آفيس ۾ ملازم آهي ۽ حيدرآباد پاسي جو نوجوان انجنيئر شاهد ٽالپر هو. شاهد ٽالپر ڪافي سالن کان هتي واشنگٽن ۾ رهي ٿو ۽ هتي جي هڪ مشهور انجنيئرنگ ڪمپني URS ڪارپوريشن ۾ ڪم ڪري ٿو. پروفيشن جي لحاظ کان هو اسٽرڪچر انجنيئر آهي.

هيءَ انڊين ريسٽورينٽ هوندءَ ڏسڻ ۾ ڪٽي ايڏي وڏي ڪولوسل ٽائيپ ناهي، پر هن گاديءَ واري شهر ۾ پنهنجي Location ڪري وڏي اهميت رکي ٿي ... يعني جيڪا ملڪ جي صدر جي آفيس ۽ سرڪاري گهر وٽ هجي ۽ جنهن جي پرسان شهرَ جا اهم روڊَ ـ پينسلوانيا ايوينيو، نيويارڪ ايوينيو، ڪنيڪٽي ڪٽ ايوينيو، ٽريزري ڊپارٽمينٽ Lafayette پارڪ، بليئر هائوس، ڊيڪٽر هائوس جي پرسان هجي، ان جي چا ڳالهہ ڪجي. اتان تہ سڄو ڏينهن ملڪ جي ڪانگريس مين، ججن، اعليٰ سرڪاري عملدارن ۽ تاجرن جو ٿي لنگهہ ٿيندو هوندو. جتي جي زمين جي قيمت ۽ Investment مطابق هوٽل جي مالڪ ڪافيءَ جي قيمت ست ڊالر يعني 425 رپيا (اڄ ڪلهہ آمريڪن ڊالر سٺ ايڪهٺ رپين اندر آهي)، چئن گلاب جامن جي قيمت 6 ڊالر، ڪلفيءَ جي قيمت ست ڊالر، هڪ آلو پراٺي جي قيمت 3 ڊالر ۽ ربڙيءَ جي پياليءَ جي قيمت 7 ڊالر ۽ گجرن جي حلوي جي قيمت 6 ڊالر في پيالي في ماڻهو رکي آهي.

آئون هوٽل جي مينو تي لکيل مختلف ڊشن جا نالا پڙهان ٿو، جيڪي هتي جا گورا انگريزَ، هسپانوي، فرينچ وغيره خبر ناهي ڪيئن اچاريندا هوندا. ڪجهہ نالا جيڪي اجان ياد اٿم:

آلو پاچي.

بيگن پرتا.

پنير پالڪ.

پنجابي دال مکني.

لچا پراٺا. لوبيا ۽ کمپ ڪي سبزي.

پياز ڪلچا...... وغيره.

هوٽَلَ جي ديوار تي مختلف راجائن جون تصويرون لڳل آهن، جن جي پڳڙيءَ، مان شان کي ڏسي، آئون سمجهان ٿو تہ اهي ڪي راجا يا نواب آهن، پر هوٽل جو ٻئرو ٻڌائي ٿو تہ اهي هوٽل جي مالڪ ۽ ان جي وڏن جون تصويرون آهن. هڪ پٽ تي وڏن اکرن ۾ انهن اهم معزز مهمانن جا نالا لکيل نظر آيا، جيڪي هتي  ماني کائي ويا آهن. ڪيترن سياستدانن، سائنسدانن، فلمي اداڪارن ۽ رانديگرن جي نالن کان آئون اڻ واقف هوس. اسان لاءِ تہ هي ٺام ٺانڪريڊو بہ وڏي ڳالهہ آهي، جيڪو هن ريسٽورينٽ ۾ بخشو لغاري جي منور ۽ هالا جي گاجٽين جي گهٽيءَ جي الطاف گاجٽي ميمڻ جي سڏ تي ماني کائڻ پيو اچي. پاڻ ايندڙ صدارتي اليڪشن وڙهڻ جو ارادو رکي ٿو ۽ منجهس Potential بہ آهي ۽ جي آمريڪا جو صدر ٿيو ٿو وجي تہ هن ريسٽورينٽ وارا ٻئي دفعي هن هوٽل جي Routine Repair ۽ رنگ روغن وغيره ڪرائڻ وقت ٺانڪريڊو جو نالو ٽاپ تي لکرائيندا. في الحال نالن جي ميڙ ۾ اهڙا نالا ڳوليان ٿو، جن بابت پهرين ٻڌي چڪو آهيان. آمريڪا جو نائيپ صدر رچرڊ چيني، انڊين ڊاڪٽر ۽ ليکڪ ديپڪ چوپڙا، فلمي اداڪار هئريسن فورڊ، بروس ويليمز، ڊيمي مور، گولڊ هان، سياستدان نيلسن منڊيلا وغيره.

ها، هوٽل ۾ تيار ٿيندڙ ڊشن مان ڪجهہ ٻيا نال:

ڪشمير لئمب روگن جوش.

مالا بار لوبيسٽر.

ڪيرالا فش ڪَري.

بمبئي ٿالهي.

سموندري ٿالهي.

سِيخ ڪباب.

سيوَ پوري آف بامبي.

گوئان شرمپ مسالا وغيره. جيڪو انڊيا جي پورچوگالي رياست گوا (GOA) جو ڊش چيو وڃي ٿو.

## اِنَ ڏنگي ماڻهوءَ سان ملاقات ڪيئن ٿي؟

منور ۽ سندس سيني ساٿين مونکي لک عزتون ڏئي، ٽانڪريڊو جي ساڄي يا کاٻي پاسي واري ڪنهن ڪرسيءَ تي وهڻ لاءِ زور پريو، پر ڪين اهو چئي آخر ۾ پڇڙي واري ڪرسيءَ تي، شاهد ٽالپر کان پوءِ وڃي وينس تہ پائي هي توهان جو شو آهي، پير صاحب جي ويجهو توهان ٿي ويهو. اسان کي هڪ اخبار رپورٽر ٿي سمجهو، جنهن جو ڪم واقعي جي مٿاڇري لقاءَ جو احوال ڏيڻ هجي. دراصل مون بہ لڳاتار هفتي کان منور جي فريزر ۾ رکيل پاروٺو پوڙ ۽ پالڪَ پاڇي ڪائي ڪائي اڄ هتي پنهنجو وات کولي ڪانئس ڳالهائڻ جو ڪم وٺڻ بدران کائڻ جو ڪم وٺڻ ٿي چاهيو. جو هتي آيل مهانگا مال تڪلف تڪلف ۾ واپس بہ ڪجي ويندا. پر جيئن ٿي مانيءَ جو دور شروع ٿيو ۽ خاص مهمان خالد هاشماڻي، منور، الطاف ميمڻ ۽ خاص طور ماما جمون (عليم بروهي) سان خبرون ۽ چرچا ڪري بس ڪيائين ـ جن سان لڳو ٿي تہ هو هنن سان ڪافي دفعا ملي چڪو آهي ـ ۽ مقبول عالياڻيءَ سان پڻ. تہ پوءِ باقي گهٽ واقفڪارن ۽ مون جهڙن نون ماڻهن جو سندس پر ۾ ويٺل خالد هاشماڻي تفصيل سان تعارف ڪرائڻ شروع ڪيو ۽ هر هڪ کي ٽان ڪريڊو هڪ دفعو وري هٿ جي لوڏي سان ڪيڪاريو. منهنجي واري اچڻ تي خبر ناهي خالد هاشماڻي پيٽارو جي دوستي نڀائڻ خاطر ڪهڙن پولن سان تعريف ڪئي يا ٽانڪريڊو خود بہ ليکڪن کان ڪو متاثر ٿي لڳو جو ان تعارف پڌڻ بعد موٽ ۾ مونکي فقط هٿ لوڏ ڪرڻ بدران سوال مٿان سوال ڪرڻ لڳو. جيڪي هوٽل ۾ وڄندڙ ميوزڪ ۽ پين ٽيبلن تان ماڻهن جي ايندڙ آوازن جي گوڙَ ۾ ڊئريڪٽ پڌي نٿي سگهياسين، جيڪي مقبول عالياڻيءَ ٽرانسفر ٿي ڪيا. نيٺ هڪ وڏيڪ ڪرسي خالد هاشماڻي ۽ ٽام جي پرسان رکرائي، مون کي اتي ويهڻ لاءِ چيو ويو. هو دراصل منهنجي ليکڪ هجڻ ۽ منهنجي ڪتابن جي تعداد مان هيڪاندو متاثر ٿي ويو. پاڻ پڌايائين تہ کيس بہ لکڻ جو ڏاڍو شوق آهي ۽ سندس هڪ ڪتاب آمريڪا جي مشهور فلاڻي پبلشر ڪالوراڊو رياست مان ڇپيو آهي. هاڻ کيس ڪير پڌائي تہ يار اسان سنڌيءَ جا ليکڪ آهيون، جن کي پنهنجي ملڪ ۾ ئي ڪا recognition ناهي ۽ اسانجا ڪتاب علي نواز گهانگهري جهڙا درويش صفت ڪنڊياري مان ڇپائيندا آهن، جن جو ڇپڻ بہ مسئلو تہ کپائڻ بہ مسئلو! هزار کن ڪاپيون ڇپرائي اڌ سنڌ جي دڪاندارن ڏي موڪليندو آهي تہ اڌ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊرياري ۾ پانڊي ۾ رکندو آهي ۽ پوءِ جي همت ڪري سال اندر وٺ وٺان نہ ڪندو آهي تہ distribute ڪيل ڪتابن جا پئسا دڪاندار ڪائي ويندا اٿس ۽ اسٽور ڪيل ڪتابن جا پنا اڏوهي چٽ ڪري ويندي اٿس. پر هتي هر پڙهيل ڳڙهيل ملڪ جا باشندي وانگر هي

جوان بہ ليڪڪن مان متاثر هو، جيئن اسانجي وطن جا وڏا وڏا پوتار ۽ پير مير ٿاڻي جي SHO يعني صوبيدار مان هوندا آهن.

”هاڻ آمريڪا جي هن سفر بابت الطاف لکندو.“ خالد ٻڌايس.

”مون بابت بہ لکجان ۽ تصوير بہ ڏجان.“ ٽانڪريڊو چيو.

”ضرور.“

”مون بابت تنهنجو ڇا Opinion آهي؟ ٽانڪريڊو مانيءَ دوران تقريباً آخر ۾ هڪ سوال ڪيو.

”مون لاءِ توهان عزت ۽ احترامَ لائق آهيو، جو توهان اسان جي سنڌ جي ڏکن دردن کان واقف آهيو. توهان انهن جي ڳالهہ ٿا ڪريو. هر اهو ماڻهو جيڪو انسانن جي حقن ۽ انصاف جي ڳالهہ ڪري ٿو، اهو مون لاءِ اهم آهي.“

آمريڪا جو هي ڪانگريس مئن جيڪو اڌ ڪلاڪَ کان اسان وارن يارن سان ڳالهائي رهيو هو، ان مونکي واقعي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو تہ هو ڪالاباغ ڊيم ۽ پاڻيءَ جي مسئلن کان وٺي سنڌ ۽ بلوچستان سان ٿيندڙ ناانصافين کان واقف آهي! ايتري قدر جو هو سنڌ جي Ghost اسڪولن کان بہ واقف آهي تہ سنڌ ۾ غريب عوام کي تعليم نٿي ملي. فقط ڪاغذن تي اسڪول موجود آهن باقي حقيقت ۾ اهي وڏيرن جون اوطاقون آهن، جتي سرڪار کان پگهار کڻندڙ ٽيچر ٻارن کي تعليم ڏيڻ بدران ڳوٺ جي پوتار جي ٽهل ٽڪور ڪن ٿا. هن آمريڪن قومي نمائندي اُهي سڀ ڳالهيون ميڊيا تان ٻُڌيون يا ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ جهڙن تنظيمن کان ـ جن کي سنڌُ( ۽ ان جي غريب ماڻهن سان همدردي آهي، جيڪي چاهين ٿا عوام جو ڀلو ٿئي، اهي آگاهي ڏيندا هوندا. هونءَ سنڌ جي مسڪين ۽ مظلوم جي درد جي آهہ جيتوڻيڪ سندس ووٽ کٽي چونڊجي آيل ناظم يا اسيمبليءَ جو نمائندو نٿو ٻڌي، پر هنن جي پيڙا جي پڪار WSI جهڙين تنظيمون، سنڌي اخبارون ۽ سنڌي ٽي وي چينل دنيا تائين پهچائين ٿا، جن ۾ پوءِ منير سانگي، امير بخش ۽ شاهد سومرو جهڙن صحافين جون جيتوڻيڪ جانيون بہ قربان ٿيو وڃن، پر بقول سکر جي وڪيل فتاح ملڪ جي هاڻ اهو وقت اچي رهيو آهي. جو ڦيٿو تيزيءَ سان سنڌ جي ظالم وڏيري، سردار، پوتار جي خلاف ڦرندو وڃي ۽ رسي هنن جي ڳچين جي چوڌاري سوڙهي ٿيندي وڃي.

اسڪولن ۽ اسپتالن جي خراب ڪارڪردگي بابت نوٽيس وٺندي هن ڪانگريس مئن جنهن کي ڪيترائي پنهنجا ۽ پراوا اڌ مغزي ۽ خر دماغ سمجهن ٿا پر ڪانگريس ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، ٻڌايو پئي تہ هو ڪجهہ ڪوششون وٺي رهيو آهي يا شايد ورتيون اٿس، جنهن ڪري ڪافي چرپر ٿي آهي. سندس ڪيتريون ڳالهيون جيڪي هن منور ۽ ڊاڪٽر الطاف ڏي منهن ڪري ڪيون ٿي، اهي آئون جيتوڻيڪ چڱيءَ طرح نہ پئي ٻڌي سگهيس، پر

ايترو محسوس ڪيم پئي تہ هن کي سنڌ ۽ بلوچستان جي مسئلن حل ڪرڻ سان دلچسپي ۽ واقفيت آهي.

”توهان ڪالوروڊو ضرور اچو؟“ هن مونکي دعوت ڏني.

”پئي دفعي آمريڪا آيس تہ ضرور ايندس، اتي منهنجو هڪ دوست ۽ هن جذباتي انسان خالد هاشماڻيءَ جو ڪلاس ميٽ پروفيسر رامچند اوڏ گذريل ٽيهن سالن کان ڪالوروڊو يونيورسٽيءَ ۾ آهي.“ مون کيس ٻڌايو.

ٻئي ڏينهن صبح ساڻ رام چند کي فون ڪري ٻڌايم تہ رات تنهنجي علائقي جي نمائندي ٽانڪريڊو سان خالد هاشماڻيءَ ۽ مون ڊنر ڪاڌي هئي. وڏو ٺهڪ ڏئي چيائين، ”ان ڏنگي ماڻهوءَ سان توهان جي ملاقات ڪيئن ٿي؟“

## جابلو رياست جوهي رهاڪو ڳالهائڻ جو ڪروآهي.....

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ٽام ٽانڪريڊو ”ڏنگو ماڻهو“ ۽ ”مٿي ڦريل“ جهڙن لقبن سان سڏيو وڃي ٿو، پر اهڙا ڏنگا ۽ چريا ماڻهو ئي ڪڏهن ڪڏهن دنيا جون تقديرون ڦيرايو ڇڏين. ڊيموڪريٽڪ گورنر ڊڪ لام (Dick Lamm) پڻ ڪنهن دور ۾ ٽام کي Crazy سڏيندو هو، اڄ هو ٽام جي ڪيترين پاليسن سان سهمت آهي، خاص ڪري غير قانوني اميگريشن خلاف، ٽانڪريڊو اهو ماڻهو آهي جنهن صدر بل ڪلنٽن طرفان وائيٽ هائوس ۾ نون چونڊيل ڪانگريس مين کي ڏنل دعوت ۾ اهو چئي دعوت کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ:

“Bill Clinton is not a real president”

۽ ماڳهين ان ڳالهہ تي ڊگهي Controversy شروع ٿي وئي هئي.

ٽانڪريڊو (سڄو نالو ٿامس جيرالڊ ”ٽام“ ٽانڪريڊو) 20 ڊسمبر 1945ع تي آمريڪا جي وچ واري رياست ڪالوراڊو جي شهر ڊينور ۾ ڄائو. آمريڪا جي پيالي جهڙي شڪل جي نقشي جي بلڪل هيٺين تر واري ۽ پڪيڙ ۾ سڀ کان وڏي رياست ٽيڪساز آهي، جنهن جي ڪاٻي پاسي يعني اولهہ طرف نيوميڪسيڪو رياست آهي. ان جي بلڪل مٿان ڪالوراڊو (Colorado) رياست آهي، جتان جو ٽانڪريڊو چونڊيل نمائندو آهي.

ڪالوراڊو (صحيح اُچار آهي: ڪال - اُهہ - راڊ - اوهہ) رياست هڪ جابلو رياست آهي، جنهن ۾ پنجاهہ کان مٿي جابلو چوٽيون (Peaks) چوڏهن هزار فٽ بلندي جي لڳ ڀڳ آهن. مينهن گهٽ پوي ٿو. ڪجهہ ننڍيون وڏيون نديون آهن، جن ذريعي پڻ پوک ٿئي ٿي، خاص ڪري ڪڻڪ جي. هتي جا Ranches ڍڳين، مينهن، رڍن جا واڙا مشهور آهن. ڪالوراڊو رياست آمريڪا جي ٽن رياستن (باقي ٻہ رياستون آهن ويومنگ ۽ اتاهہ) مان هڪ آهي، جن جا بارڊر ويڪرائي ڦاڪ (Latitude) ۽ ڊگهائي ڦاڪ (Longitude) آهن. ڪالوراڊو رياست اولهہ کان اوڀر ٽائين 102 ڊگريون ويسٽ کان 109 ڊگريون ويسٽ آهي ۽ ڏکڻ کان اتر طرف

(يعني هيٺ ڪان مٿي) 37 ڊگريون نارٿ ڪان 41 ڊگريون نارٿ تائين آهي. هن رياست (Colorado) جي پکيڙ ٻہ لک ستر هزار چورس ڪلوميٽر آهي، يعني تقريباً سنڌ صوبي ڪان ٻيڻي ٿي چو تہ سنڌ جي ايراضي هڪ لک چاليھ هزار چورس ڪلوميٽر آهي. (۽ سڄي پاڪستان جي اٺ لک چورس ڪلوميٽر ايراضي آهي) ڪلوراڊو رياست جي گادي جو هنڌ ڊين ور Denver آهي، جيڪو رياست جو وڏي ۾ وڏو شهر پڻ آهي، جتي ٽانڪريڊو ڄائو ۽ بنيادي تعليمَ حاصل ڪئي ۽ پوءِ يونيورسٽي آف نادرن ڪولوراڊو مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ڊگري حاصل ڪئي، جيڪا گريلي شهر ۾ آهي.

ٽانڪريڊو پنهنجو ڪئريئر هڪ ٽيچر جي حيثيت سان شروع ڪيو ۽ ڊين ور شهر جي هڪ ڊريڪ جونيئر هاءِ اسڪول (Drake Junior High School) ۾ جاگرافي پڙهائيندو هو. 1976ع ۾ پنهنجي رياست جي اسيمبلي واري چونڊ ۾ هو سيٽ کٽي ويو جتي هن ٻہ ٽرم پورا ڪيا. 1981ع ۾ جڏهن رونالڊ ريگن آمريڪا جو صدر ٿيو تہ هن ٽانڪريڊو حوالي، سندس رياست جو تعليم کاتو ڪيو. ٽانڪريڊو وڏي ٻش جي ڏينهن تائين ان عهدي تي رهيو ۽ نہ فقط تعليم جو معيار بهتر ۽ ماڊرن ڪيائين، پر اجاين سجاين ماڻهن کي کڏي ملازمن جو تعداد جيڪو سندس اچڻ وقت 225 هو تنهن کي 60 جي انگ تي وجي بيهاريائين.

ٽانڪريڊو 1999ع ڪان وٺي US هائوس جو نمائندو چونڊبو اچي. هن لاءِ پنهنجن توڙي ڌارين جو اهو Opinion آهي تہ جابلو رياست جو هي رهاڪو ڳالهائڻ جو ڪرو آهي ۽ جيڪي اندر آهي اهو ٻاهر آهي. ٽائيم يا شايد نيوز ويڪ هن لاءِ لکيو هو تہ :

"Tom Toncredo is a firebrand politician, who doesn't mince words but who speaks about little except immigration, multiculturalism and the clash of civilization."

ٽانريڪڊو لاءِ اهو بہ چيو وجي ٿو تہ:

"As a state legislator, Toncredo earned a reputation for slashing social services, backing social conservative positions, and cutting taxes."

## دلپي سنگھ سانڌ ۽ مئبم ڪوسا

هونءَ هن ڪانگريس مئن (ٽانڪريڊو) جا ابا ڏاڏي اٽليءَ ڪان آيا. سندس مادري زبان اطالوي آهي. بهرحال آمريڪا سڄو ڌارين ماڻهن جو ملڪ آهي، جتي نہ فقط انگلينڊ، اسپين، فرانس، پورچوگال، جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ڪان پر آفريڪا ۽ ايشيا جا بہ ڪيترائي آهن، جن مان ڪي ٽام ٽانڪريڊو وانگر اسيمبلي (US House) جا ميمبر پڻ آهن. دليپ سنگھ سانڌ نالي هڪ انڊين سک پهريون ايشيائي آمريڪن آهي، جيڪو يونائيٽيڊ

اسٽيٽس هائوس آف Representatives جو سن 1957ع کان 1963ع تائين ميمبر ٿي رهيو. دليپ سنگهه پنجاب جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڇڇل وادي ۾ 1899ع ۾ ڄائو. 1919ع ۾ يونيورسٽي آف پنجاب مان مئٿس ۾ B.A ڊگري حاصل ڪرڻ بعد هو بريڪلي جي يونيورسٽي آف ڪئليفورنيا مان ائگريڪلچر جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آمريڪا آيو. پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ رهڻ دوران هن ٻه ڊگريون حاصل ڪيون. هڪ 1922ع ۾ Ph.D ڪئي. ان بعد پاڻ هتي آمريڪا ۾ ئي رهي پيو ۽ مئٿمئٽيشن سان گڏ هن ٻني ٻاري (ٻوڪ) جي ڪم ۾ به ڪاميابي حاصل ڪئي. هو سٺو بزنيس مئن، جج ۽ آخر ۾ آمريڪا جو ڪانگريس مئن ٿيو. هن ڪئليفورنيا مان ڊيموڪريٽ پارٽي طرفان ريپبليڪن جئڪلين اودلم جو مقابلو ڪيو ۽ سيٽ کٽي ويو. اهڙي طرح هن ٻئي ٽرم ۾ به اليڪشن کٽي. مئي 1962ع ۾ کيس ڏينهن لڳي ويو ۽ ان بعد اڌ رنگ ڪري پاڻ ڳالهائي نه سگهندو هو. هلندو به ٻئي جي مدد سان هو، ان ڪري هن جو سياسي ڪئريئر اتي ختم ٿي ويو ۽ پورن ڏهن سالن بعد وفات ڪيائين.

دليپ سنگهه سانڍ جا لکيل ڪتابَ وڏي شوق سان پڙهيا وڃن ٿا. جن مان هڪ کان ته انگي حسابن جي دنيا جا شاگرد واقف هوندا، جنهن جو نالو:

"The Periodical Solution of Differential Equations" آهي جيڪو دراصل هن Ph.D جي ٿيسز خاطر لکيو هو. ان کان علاوهه هيٺيان ٽي ڪتا دلچسپ نوعيت جا آهن:

1. گانڌي ـ دي مئن ائنڊ هز ميسيج
2. ماءِ مدر انڊيا، ۽
3. "ڪانگريس مئن فرام انڊيا." اهو ڪتاب سندس آتم ڪهاڻي آهي ۽ آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي ديسي ماڻهن (انڊيا، پاڪستان، بنگلاديش جي رهاڪن) کي دليپ سنگهه جو اهو ڪتاب پڙهڻ لاءِ صلاح ڏيندس. هي ڪتاب دليپ سنگهه جي جدوجهد، غمين، خوشين، شڪستن ۽ حاصلات سان ڀرپور هڪ سادي سودي زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي، ته ڪيئن هڪ ويهن سالن جو انڊيا جو هڪ ڳوٺاڻو ڇوڪرو ست سمنڊ لتاڙي، آمريڪا پهتو ۽ ٽيهارو ڪن سالن بعد ان ملڪ جو ڪانگريس مئن ٿيو. هن پنهنجي ماءُ ۽ زالَ جي ساراهه ڪئي آهي. ماءُ جيڪا اڻ پڙهيل هوندي به هن لاءِ مستقل Inspiration رهي ۽ آمريڪن زال مئڊم ڪوسا جنهن هن سان ان وقت شادي ڪئي، جڏهن هن ڪي نه گهر هو نه پئسو، نه نوڪري هئي، نه مستقبل پر بقول دليپ سنگهه جي هڪ گوري ۽ مغرب جي عورت هجڻ جي باوجود هوءَ دليپ سان وفادار ۽ خدمتگذار ٿي رهي. هوءَ آخر تائين مڙس جي سچي دل سان خدمت چاڪري ڪندي رهي. رڊيارڊ ڪپلنگ جو هڪ مشهور قول آهي ته:

"East is east and west is west, and never the twain shall meet."

دليپ سنگهه سانڊ جي معاملي ۾ اهول قول بنهه غلط ثابت ٿيو جو جڏهن مشرق جو سانڊ ۽ مغرب جي ڪوسا پاڻ ۾ مليا تہ ڪين ٿي خوبصورت ٻار ٿيا، جيڪي ملڪ جي اهم عهدن تي آهن.

## هيءَ ڊنر ڇڱي مهانگي پيئي

پاڻ وري اچون پنهنجي مهمان ڪانگريس مئن ٽام ٽانڪريڊو تي جنهن مانيءَ دوران پنهنجي ڪتاب بابت ٻڌايو هو، جنهن جو نالو Mortal Danger In آهي. خالد هاشماڻيءَ ٻڌايو تہ هونءَ هو اڪثر پنهنجي زال جئڪي سان ايندو آهي . سندس شادي 1977ع ۾ ٿي ۽ کيس ٻہ ٻار Ray ۽ Randy نالي آهن ۽ ٿي ڏهٽا پوٽا.

ڊنر ختم ٿيڻ ۽ اجرڪ پائڻ بعد ٽام ٽانڪريڊو منور کي سندس گهر تائين ڇڏڻ لاءِ چيو: "ان بهاني توسان ڪجهہ گهڙيون اجان ٻہ وڌيڪ ڪچهري ٿي ويندي." هو پارڪنگ جي مسئلي ڪري ٽئڪسي ۾ يا دوست کان لفٽ وٺي ان هوٽل ۾ پهتو هو. الطاف ميمڻ ۽ خالد هاشماڻيءَ گهٽو ئي منور کي چيو تہ پنهنجي جنازي جهڙي جَنهر ڪار کي ڪٽي وچڻ بدران سندن ڪٽي وجي، پر هو خالد مخدوم وانگر مڪمل اعتمادَ سان پنهنجي ڊِڳي گاڏي ڪاهي ويو تہ پوءِ سندس موٽڻ تائينِ اسين هوٽل جي در ۾ اکيون وجهي ويٺاسين. هوٽل جا ٻئرا هڪ هڪ ڪري پليٽ ۽ پوءِ گڪلاس ڪٽي ٽيبل صاف ڪرڻ لڳا، پر منور جو نہ پتو نہ پار. مانيءَ جو آرڊر ٻہ پاڻ ڪيو هئائين ۽ هوٽل جي ٻئرن کي ٻہ پريشاني هئي تہ بل جي ادائگي ڪرڻ وارو خاص ماڻهو اهوئي آهي، پر جڏهن ڪافي دير ٿي وئي تہ هوٽل جو ڪئشير بل وارو فائيل ڪٽي اسان جي ٽيبل کي چڪر هڻڻ لڳو. ماما جمونءَ چيو، "لڳي ٿو منور کي بل ناهي ڏيڻو."

"ان جو تہ في الحال فڪر ناهي." ڊاڪٽر الطاف ڪئشير کان بل وٺي پنهنجو پٽون کوليندي چيو، "اسانکي رڳو اهو آهي تہ ڪٿي واشنگٽن جي ڪنهن مين روڊ تي منور جي ڪار نہ بيهي وئي هجي."

"پوءِ منور ٽام ٽانڪريڊو کي اسٽرينگ ويل تي ويهاري ڪار کي پاڻ ڌڪو ڏيئي پاسي تي ڪندو." خالد هاشماڻيءَ چيو.

"موٽر سائيڪل هجي ها تہ پوءِ مڃڻ جهڙي ڳالهہ آهي." الطاف چيو، "منور ۾ ايتري ڪٿي آهي طاقت جو ڪار کي ڌڪو ڏئي سگهي. ان ڪم لاءِ معزز مهمان کي ئي سورن ۾ وڌو هوندائين."

اسان چرچا پوڳ ڪري رهيا هئاسين تہ اتي منور منهن ڪڍيو. سيني دير جو سبب پُڇيو. خبر پيئي تہ ٽانڪريڊو جي چوڻ تي هو هن وٽ ڪافي پيئڻ لاءِ ترسي پيو هو.

بهرحال منور جي ڪار ايستائين تہ خراب نہ ٿي، پر هوٽل مان نڪري جڏهن هو حميرا ۽ مونڪي ڪٽي موٽڻ لڳو تہ سندس ڪار جو ٽائر ضرور پنڪچر ٿي پيو. جنهن جو احوال شروع ۾ ڪنهن هنڌ ڪري چڪو آهيان.

هن ڊنر بعد، جنهن جي خبر انٽرنيٽ ذريعي SANA ۽ WSI جي گروپ ميل ذريعي آمريڪا ۾ رهندڙ پنهنجن پراون کي يڪدم پئجي ويئي. ڪيترائي WSI جا ميمبر فون ذريعي يا روبرو منور سنا شڪايتون ڪندا رهيا تہ هن ڪين چو نہ سڏايو. هو بہ ڪٽي ڊنر جو Share ڏين ها. ڪجهہ کي تہ اهو بہ اعتراض هو تہ هن ڪانگريس مئن جو Immigrants لاءِ رويو صحيح ناهي، جنهن جي جواب ۾ ڊنر ڪائيندڙ اهو چئي ٻين کي Convince ڪري رهيا هئا، تہ ٽانڪريڊو جي اهائي تہ ڳالهہ اسان کي پسند آهي، تہ هو غير قانوني لڏ پلاڻ کي پسند نٿو ڪري، جو اها شيءِ ڏوهن جو سبب بڻجي ٿي ۽ ڏٺو وڃي تہ اسانجي ملڪ پاڪستان ۾ بہ ۽ خاص ڪري ڏاکڻي صوبي (سنڌ) ۾ غير قانوني طور آيل ڌارين ماڻهن صوبي لاءِ مسئلا پيدا ڪيا آهن.

بهرحال ٽن چئن ڏينهن بعد وڃي شڪوهہ شڪايتون ۽ فونن جون گهنٽيون بند ٿيون ۽ ان ڪانپوءِ اچا ڏينهن ٻہ بہ ڪو مس سڪون جي گذريو تہ منور مٿان اچي شامت ڪڙڪي ۽ غريب دڙڪن هيٺ اچي ويو. ٿيو ڇا جو ٽام ٽانڪريڊو جيڪو ريڊيو ۽ ٽي وي تي بہ اڪثر ايندو رهي ٿو، تنهن جو اوورلئنڊ "ٽاڪ - ريڊيو اسٽيشن" AM50_WFLA تان هڪ انٽرويو نشر ٿيو، جنهن ۾ سوال پڇندڙ نائن اليون واري حادثي جي حوالي سان هن کان جڏهن بار بار پڇيو تہ مسلمان هيئن اسانجي ملڪ ۾ اچيو اسانجا ماڻهو ۽ عمارتون تباهہ ڪريو وڃن.

"هاڻ هو هرگز نہ ڪري سگهندا. اسين الرٽ آهيون." هن جواب ڏنو.

"پر فرض ڪريو مسلمان اسان جي شهرن تي نيوڪليئر (ائٽم بم) سان حملو ڪن تہ پوءِ؟"

"جيڪڏهن ثابت ٿي ٿو وڃي تہ اسان بہ هنن جي پاڪ شهرن تي حملو ڪنداسين."

ٽام ٽانڪريڊو چيو ۽ بعد ۾ اهو ئي چيو تہ هن جو اهڙي جواب ڏيڻ سان مطلب مليل Threat کي retaliate ڪرڻ هو.

بهرحال جيڪي ڪجهہ چيو سو ٽام ٽانڪريڊو چيو. جنهن جو جوابدار بہ هو هجڻ کپي، پر هيڏانهن اسان وارا يار منور تي بگڙي پيا. منور جي فلئٽ جو فون جنهن کي نہ وڃڻ ڪري ٻن ڏينهن کان زنگ لڳي رهيو هو، ان جون هڪ دفعو وري صبح شامَ گهنٽيون وڄڻ لڳيون. منور پاڻ تہ سڄو ڏينهن آفيس بلي يا شامَ جو ماڻهن جي ڪمن پويان، فلئٽ تي موجود نجم ميمڻ يا آئون فون کڻون تہ هر اهو ماڻهو جيڪو هي ڊنر ۾ شامل نہ هو، اهو منور ۽ ان جي سنگتين تي چڙ پيو ڏيکاري (اهو بہ شڪر جو منهنجي ۽ حميرا جي گهڻن کي خبر نہ

هئي تہ ان ڊنر ۾ بنا Share ڊيٽ جي ٻہ مهمان، هڪ ڪئناڊا کان ٻيو هڪ هالا کان ٻہ هو) دل ۾ چيم تہ منور ٻہ سندس ساٿين کي هيءَ ڊنر چڱي مهانگي پئي.

# آمريڪي حڪومت جو ڍانچو

آخر ۾ ٻه چار ستون ڪانگريس، سينيٽ، يونائيٽيڊ اسٽيٽس هائوس بابت انهن ماڻهن لاءِ لکڻ چاهيان ٿو، جن کي انهن لفظن بابت مونجهارو آهي. مونکي ٻه ڪنهن زماني ۾ اهي شيون يا پوليٽيڪل سائنس جا ٻيا اصطلاح ۽ ٽرم جهڙوڪ يوني ڪئمرل يا بائو ڪئميرل وغيره سمجهه ۾ نه ايندا هئا ۽ مونجهارو محسوس ڪندو هوس.

دنيا جي هر جمهوري ملڪ ۾ قانون سازيءَ جا ادارا آهن، جن جا ميمبر عوام چونڊي ٿي. ظاهر آهي ڪو قانون ٺاهڻ لاءِ يا ٺهيل قانون ۾ وقت ۽ حالتن مطابق ڦير ڦار آڻڻ لاءِ سڄي ملڪ جا ماڻهو گڏ ٿي ته فيصلو نه ڪندا، پر انهن طرفان چونڊيل نمائندا ئي اسيمبليءَ ۾ ويهي بحث مباحثو ڪري پوءِ جيڪا ڳالهه گهڻن کي بهتر لڳي، ان تي يڪراءِ فيصلو ڪري سگهن ٿا ۽ پوءِ جيڪو قانون ٺاهيو وڃي ٿو، ان بابت ملڪ جي ٻئي اهم اداري عدليه کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو، جيئن اها ڏوهاريءَ کي ملڪ جي ان قانون موجب سزا ٻڌائي ۽ ان سزا کي execute ڪرائڻ لاءِ ملڪ جو ٽيون اهم ادارو انتظاميه آهي، جنهن ۾ پوليس کاتو وغيره اچي وڃي ٿو.

هتي اسان قانون سازي اداري جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون، جيئن اسانجي ملڪ ۾ نئشنل اسيمبلي ۽ سينيٽ آهي. يعني اسان وٽ قانون کي پاس ڪرڻ لاءِ ٻه ادارا آهن. ڪو به قانون نئشنل اسيمبليءَ جي ميمبرن جي آئين مطابق مئجارٽي قبول ڪرڻ بعد سينيٽ ۾ موڪليو وڃي ٿو، جنهن جا ميمبر جيڪي سينيٽر ٻه سڏجن ٿا، اهي ان بل يا قانونَ جي جاچ پڙتالَ ڪري پوءِ ان قانون کي فائنل ڪن ٿا، يعني اسانجي ملڪ ۾ جڏهن ٻه ڌريون راضي ٿين ٿيون، پوءِ قانون پاس ٿئي ٿو، اهڙي سسٽم کي Bicameral Legislature سڏجي ٿو. باءِ (Bi) لئٽن لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻه ۽ ڪئمرل معنيٰ چيمبر يا گهر اهي ملڪ جيڪي ننڍا آهن، ساڳي قوم، مذهب، زبان ۽ رسم رواج سان تعلق اٿن ... يعني Homogeneous قوم آهي ته انهن ملڪن ۾ هڪ ئي قانون ساز ادارو ٿئي ۽ سينيٽ جهڙو مٿيون ادارو نه ٿئي ۽ اهو Unicameral سڏجي.

پاڪستان جي هيٺين چئمبر يعني نئشنل اسيمبليءَ ۾ 342 ميمبر آهن، جيڪي ملڪ جي مختلف صوبن ۽ قبائلي علائقن مان آدم شماري مطابق چونڊيا وڃن ٿا. جيئن پنجاب صوبي جي آدمشماري گهڻي آهي ته نئشنل اسيمبليءَ ۾ اتي جي ميمبر جو تعداد سڀ کان گهڻو آهي. پر مٿين هائوس يعني سينيٽ ۾ ميمبرن يعني سينيٽرن جي چونڊ صوبي جي آدمشماري بدران هر صوبي مان هڪ جيترا ميمبر کنيا وڃن ٿا. اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ جي سينيٽ ۾ هڪ سؤ ميمبر يعني هر صوبي مان 25 ميمبر کنيا وڃن ٿا. صدر ملڪ جو وڏو Head

of State ۾ فوج جو ڪمانڊر ان چيف ٿئي ۽ وزير گھڻو ڪري نئشنل اسيمبلي ۾ ملڪ جي وڏي سياسي پارٽيءَ جو ليڊر ٿئي.

آمريڪا (USA) جو قانون ساز ادارو (پارليامينٽ) يعني ”دي ڪانگريس آف دي يونائيٽيڊ اسٽيٽس“ باءِ ڪئميرل آهي. جنهن ۾ هڪ ”The House of Representatives“ آهي، جيئن پاڻ وٽ نئشنل اسيمبلي آهي يا انڊيا ۾ ”لوڪ سڀا“، ملائيشيا ۾ ”ديوان رعيت“ ۽ انگلينڊ ۾ ”هائوس آف ڪامنس“ آهي ۽ ٻيو Senate آهي، جيئن پاڻ وٽ به ساڳي نالي سينيٽ سان آهي، انڊيا ۾ ان مٿاهين قانوني اداري جو نالو ”راجيا سڀا“ آهي. ملائيشيا ۾ ”ديوان نگارا“ ۽ برطانيہ ۾ان جو نالو House of Lords آهي.

اسان وٽ پاڪستان ۾ توڙي ملائيشيا ۾ سائوٿ آفريڪا، ڪئناڊا يا سٽزرلينڊ ۾ صوبن، رياستن يا Cantons جو پارليامينٽري نظام Unicameral آهي، پر آمريڪا (USA) جي رياستن جو ليجسليچر (سواءِ نيبراسڪا رياست جي) باءِ ڪيمرل آهي. انڊيا جي به ڪجھ رياستن جو Bicameral ليجسليچر (پارليامينٽ) آهي، جن کي وڌان سڀا (Legislative Assembly) ۽ وڌان پريشاد (Legislative Council) سڏجي ٿو.

بهرحال آمريڪا جي پارليامينٽ جنهن کي هي ڪانگريس سڏين ٿا (جپاني Diet، اسپين وارا Cortes Generals ۽ فلپين وارا فلپيني ڪانگريس) ان جي هڪ حصي جنهن کي House of Representatives سڏين ٿا، ان ۾ آمريڪا جي مختلف رياستن جي ضلعن مان آدمشماريءَ جي حسابَ سان 435 ميمبر چونڊيا وڃن ٿا. هي ميمبر ڪانگريس مين سڏجن ٿا، جيئن ٽام ٽانڪريڊو يا دليپ سنگھ سانڌ جيڪي ڪولوراڊو ۽ ڪئليفورنيا رياست جي ضلعن مان چونڊيل نمائندا آهن. هي نمائندا ٻن سالن جي ٽرم لاءِ چونڊيا وڃن ٿا، ان بعد وري اليڪشن ٿئي ٿي.

آمريڪا جي ڪانگريس جو ٻيو قانون ساز ادارو سينيٽ آهي. آمريڪا جون 50 رياستون آهن، هر رياست مان سينيٽ لاءِ ٻہ ميمبر چونڊيا وڃن ٿا، چاهي رياست جي آدمشماري ڪيتري بہ هجي. يعني آمريڪا جي سينيٽ ۾ هڪ سؤ سينيٽر آهن. هنن مان هر هڪ جو ڇهن سالن جو ٽرم ٿئي ٿو، پر انهن جي چونڊ ڇهن سالن بدران هر ٻن سالن بعد ٿئي ۽ ٽيون حصو يعني ٽيٽيهہ ڪن سينٽر هر ٻئي سال بدلجن ٿا. اهوئي سسٽم اسان وٽ پاڪستان ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي.

ڪانگريس جي هنن ٻن هائوسن (جيڪي لوئر ۽ اپر هائوسز سڏجن ٿا)، کي پاور هائوس آف ريپريزينٽيٽو کي آهن تہ ڪي اپر هائوس يعني سينيٽ کي. مثال طور ملڪ جي صدر کي عدليہ يا انتظاميہ جي وڏين نوڪرين تي ڪنهن کي بہ رکڻ وقت سينيٽ کان صلاح ۽ مرضي پڇڻي پوي ٿي. ساڳي وقت Ratification of Treaties لاءِ پڻ سينيٽ جي صلاح ۽ مرضي ضروري آهي. پر ڪي ڪي شيون اهڙيون آهن، جن ۾ House of Representative

جي هلي ٿي جيئن تہ ريوينيو وڏائڻ لاءِ Bills ۽ ان کان علاوه Impeachment Proceedings پڻ هن هائوس مان پاس ڪيا وڃن ٿا.

هائوس ۽ سينيٽ جا اجلاسَ واشنگٽن ۾ جنهن عمارت ۾ ٿين ٿا، ان جو نالو ڪئپيٽال آهي ۽ شهر جي وچ ۾ آهي. گنبذ واري هن عمارت جو احوال شروع ۾ اچي چڪو آهي، جنهن جي اتر پاسي واري ونگ ۾ سينيٽ جون آفيسون ۽ ميٽنگن جو هال آهي ۽ ڏکڻ پاسي هائوس آف Representatives يعني آمريڪا جي ڪانگريس مين جون آفيسون ۽ اجلاسَ لاءِ هال آهي. آمريڪا جي آئين مطابق ملڪ لاءِ ٺاهيل ڪو بہ قانون ٻنهي چئمبرس (يعني هائوس ۽ سينيٽ ) مان پاس ٿيڻ ضروري آهي. ملڪ جو وائيس پريزيڊنٽ سينيٽ جو صدر قرار ڏنو ويندو آهي.

منهنجي خيالَ ۾ اسان جهڙي هڪ Lay-Man لاءِ آمريڪي حڪومت جي ڍانچي جي ايتري معلومات ڪافي آهي.

**Photo Captions of New Hala Khaa New York**

آمريڪا ۾ ننڍي ڪنڊ جا رهواسي جيڪي ”ديسي“ سڏجن ٿا
آمريڪا ۾ رهندڙ بوهرين جي شاديءَ جي رسم.
نيويارڪ (بروڪلن) جي مسجد جو امام رضا پنهنجي زال ۽ ٻار سان گڏ پنهنجي گهر ۾.
امام صاحب نماز ۽ نڪاح پڙهڻ کان علاوه نون چاول ٻارن جا نالا پڻ رکي ٿو. نيويارڪ جي هڪ مسلمان عورت پنهنجي ٻار تي امام کان نالو رکرائي رهي آهي.
آمريڪا خوبصورت مسجدن جو بہ ملڪ آهي.
مٿي لاس اينجلس جي مسجد عمر ۽ هيٺ واشنگٽن جي هڪ مسجد ڪالوراما اسلامڪ سينٽر.
آمريڪا ۾ هر ٽوئرسٽ جو خواب ڊزني لئنڊ ڏسڻ آهي. ڊزني لئنڊ ۾ آيل ماڻهن جو مِڪي مائوس سان گڏ فوٽو.
نيويارڪ ۾ رهندڙ انڊيا جي مشهور ليکڪہ جهمپا لاهيري
1969ع جي هڪ يادگار تصوير. نيويارڪ جي اتاهين عمارت (ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ) تي ورتل الطاف شيخ ۽ نور احمد نظاماڻيءَ جي تصوير.
مشهور ليکڪہ ۽ عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ڊائنا آرٽز سان گڏ WSI جو چيئرمئن منور لغاري.
منور لغاري جي هٿن ۾ ڊائنا آرٽز جو ڪتاب: دي بلائينڊ فولڊس آئيز.
ڊاڪٽر مئل وقاصي ۽ علي نواز ميمڻ نيويارڪ ۾.
واشنگٽن ۾ ”ملٽي ٽرئڪ ڊپلوميسي“ ڪتاب جي رونمائي تي الطاف شيخ ڪتاب جي ليکڪ ائمبسڊر مئڪڊو نالڊ سان گڏ.
آمريڪا جي ڪانگريس مئن ٽام ٽانڪريڊو سان گڏ ليکڪ.
اسانجي ڳوٺ جو ڊاڪٽر انور پٺو، شفيق صديقيءَ سان گڏ ڪئليفورنيا ۾.
سانا جي فنڪشن ۾ پروفيسر جاويد پٺو، رسول بخش پليجو، ڪمپيوٽر پروگرامن جو ماهر ماجد پرڳڙي صاحب ۽ ليکڪ.
نيو جرسي ۾ هڪ پاڪستانين جي ريسٽورنٽ جيڪا عورتون هلائين ٿيون.
الطاف شيخ واشنگٽن ۾ منور لغاريءَ سان گڏ.
ليکڪ پاڪستان جي سفير جنرل جهانگير ڪرامت سان گڏ واشنگٽن ۾ پاڪستان جي سفارتخاني اندر
واشنگٽن ۾ سانا جي فنڪشن جي ادبي سيشن ۾ اسٽيج تي ويٺل رسول بخش پليجو ۽ الطاف شيخ.

دادو جو انجنيئر خالد چنا پنهنجي ڪنوار سان گڏ نيو جرسيءَ ۾.
اصل مامو (عبدالعليم جمون بروهي) ۽ سندس پاٽيجي (آپا تاج جي ڌيءَ ڊاڪٽر فهيمہ قلباڻي)، پر آمريڪا ۾ بہ جمون سيني جو مامو آهي.
نورالنساءِ گهانگهرو نيويارڪ ۾.
ڪليم خلجي واشنگٽن ۾.
ڊاڪٽر الطاف ميمڻ جو پاءُ ڊاڪٽر پرويز صوفي ۽ ان جي فئملي
حنيف سانگي سندس گهر واري ڪلثوم ناريجو ۽ سندن ٻار
خالد هاشماڻي، قلباڻي فئمليءَ سان گڏ
شازيہ خشڪ سان گڏ آمريڪا ۾ رهندڙ ڪجهہ سنڌي عورتون جن ۾ ثريا پنهور، ڊاڪٽر ليليٰ ڪِيريو ۽ ساران نمايان آهن
پڪنڪ دوران ليڪڪ ۽ ٻيا گهر ڀاتي
مقبول عالياڻي ۽ سندس گهر واري ۽ پٽ سان گڏ ليڪڪ
مقبول هاليپوٽو، ڊاڪٽر خميساڻي، خالد هاشماڻي، ڊاڪٽر الطاف، انور ميمڻ، منور لغاري، اقبال ترڪ ورجينا، آمريڪا ۾
نيويارڪ ۽ نيو جرسي ۾ رهندڙ- ساچي ڪان ڪاٻي:
ڊاڪٽر ڪامران حميراڻي، ثمير وسطڙو ۽ ڊاڪٽر نور راڄپر
نديم جوٽيجو جي گهر دعوت ۾ ساچي ڪان ڪاٻي:
مسز مستوران الطاف، مسز سميرا نديم ۽ مسز ڊاڪٽر نور راڄپر
سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي انتظاميہ ڪميٽي جا ميمبر: ڊاڪٽر مٺل وقاصي، ڪوه شير، عزيز ناريجو ورجينا آمريڪا ۾
ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جو پراڻو ساٿي خالد هاشماڻي
جنهن سان ڪئين سالن بعد واشنگٽن ۾ ملاقات ٿي
مسز مسرور راڄپر ۽ مسز ڊاڪٽر ڪامران هميراڻي نديم جوٽيجو جي گهر دعوت ۾
فلڪ شير جي ملئي زال سارا جيڪا سنڌي ڳالهائي ٿي
پنهنجي ساهيڙي مسز مسعود چنا سان گڏ
منور لغاريءَ جي فلئٽ تي آيل مهمانن عباسي صاحب ۽ عمر شيخ سان گڏ منور لغاري ۽ ليڪڪ
هڪ دعوت ۾ ڊاڪٽر سرفراز، حنيف سانگي ۽ ليڪڪ
انور ميمڻ، الطاف شيخ ۽ ڊاڪٽر الطاف ميمڻ، ورجينا آمريڪا ۾
محترمہ سعيده ابڙو مهمانن سان گڏ
واشنگٽن جي هڪ سنڌي فنڪشن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌي عورتون

سانا جي فنڪشن ۾ آيل ڪجهہ سنڌي عورتون
سانا جي فنڪشن ۾ آيل شازيہ خشڪ سان گڏ فلڪ شير ۽ ليکڪ
نفيسہ هودڀائي ۽ جاويد پٺو طرفان ڏنل دعوت ۾
ليکڪ، منور لغاري ۽ حميرا رحمان
سلطان لغاري، فلڪ شير، سني پنهور ۽ رسول بخش پليجو

آمريڪا جا اصلي رهاڪو ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي هڪ آرٽسٽ جي نظر ۾
1916ع جي هڪ تصوير. ڪوهستاني ريڊ انڊين سردار آمريڪا جي اصلي باشندن جي سر ۽ ساز جو رڪارڊ ٻُڌي رهيو آهي. (فوٽو: لائبرري آف ڪانگريس جي ٿورن سان)
مائونٽ رش مور تي آمريڪا جي چئن مشهور صدرن جي مورتي جيڪا جبل کي ٽُڪي ٺاهي وئي آهي
ٿامس جيفرسن جي مورتي
ٿام ٿانڪريڊو
رميش ٿارواڻي
اسانجي ڪاليج جي ڏينهن جو هيرو آمريڪا جو صدر جان. ايف ڪينيڊي جيڪو صدر ٿيڻ کان اڳ نيول آفيسر هو
رونالڊ ريگن جيڪو هتي پنهنجي گهوڙي کي ڪرڪڙو پيو ڪري، آمريڪا جو صدر ٿيڻ کان اڳ فلمن ۾ اداڪار هو
جيفرسن بلڊنگ واشنگٽن
آمريڪا ۾ هلندڙ ٽئڪسيءَ جو نمونو
واشنگٽن شهر جي مرڪزي عمارت The Capitol جنهن جي پيڙهه جو پٿر 1793ع ۾ جارج واشنگٽن رکيو
1870ع ۾ آمريڪا ۾ هلندڙ ٻاڦ گاڏي
الیناس آمريڪا ۾ هندن جو هڪ مندر
نيويارڪ (نيو جرسي) جي هڪ مسجد
آمريڪا جون اتاهون عمارتون
ساڄي پاسي واري شڪاگو جي Sears ٽاور آهي، جيڪا 1974ع ۾ ٺهي. ان کان پوءِ نيويارڪ جا جاڙا (Twin) ٽاور هئا جيڪي 1972ع ۾ ٺهيا هئا. انهن جي ڊهڻ بعد هاڻ وري ٻئي نمبر تي نيويارڪ جي اتاهين بلڊنگ ايمپائر اسٽيٽ بلڊنگ ٿي پئي آهي جيڪا 1931ع جي ٺهيل آهي. ان بعد ڪرسلر ۽ وول ورٿ بلڊنگ آهي
آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ توهان کي يهودي امير واپاري پنهنجي روايتي لباس ۾ نظر ايندا
ڪجهه يهودي واپاري بروڪلن (نيويارڪ) جي مارڪيٽ ۾
آمريڪا جا ماڻهو اسان کان وڌيڪ جشن ملهائڻ لاءِ توڙي احتجاج طور ريلي ڪڍي رستن تي اچن ٿا پر امن امان ۾ رُخنو نٿا وجهن
آمريڪا ۾ گجراتي عورتون شام جي وقت ٽولا ٺاهي
ڪچهريون ڪن

ايڊيسن (نيوجرسي) جي هڪ مسجد ۾ جمعي نماز بعد امام ۽ مولوي سان ورتل تصوير.
ساڃي پاسي: آمريڪا جي بئنڪ جو مئنيجر نديم جوڻيجو ۽ ڪاپي پاسي ليکڪ
نيويارڪ جي مشهور پُل ويرازانو نئروز برج
آزاديءَ جي مجسمي اڳيان جهاز گذري رهيو آهي
واشنگٽن جي هڪ انڊر گرائونڊ ريلوي اسٽيشن ۾ ليکڪ
واشنگٽن ۾ وائيٽ هائوس اڳيان هڪ عورت احتجاج طور پاٽ کي هٿ ڪڙيون هڻي عورتن جي حقن لاءِ دنيا کي آگاهه ڪري رهي آهي
ساڳي بلڊنگ ۾ رهندڙ ڊونالڊ پي رائيٽ سان گڏ ڊونالڊ شاعر پڻ آهي
ڪڏهن ڪڏهن جماعتن جو تعداد ايترو وڌي وڃي ٿو جو مسجد کان ٻاهر مين روڊ تي صفون ٺاهڻيون پون ٿيون
نيويارڪ جي علائقي بروڪلن جا مسلمان ڊئنمارڪ جي اخبار خلاف مظاهرو ڪري رهيا آهن
لاڙڪاڻي جو علي نواز ميمڻ صاحب پنهنجي گهر واريءَ سان گڏ هڪ سنڌي فنڪشن ۾ سائوٿ يونيورسٽي جي لوگو پرسان ليکڪ
هڪ ٻي يادگار تصوير: عبدالعليم بروهي جو ٻيو مامون (اسانجي ناني جو ننڍو ڀاءُ) سيٺ لالا الهه ڏتو سومرو پنهنجي زال زرينه مغل ۽ ٻارن: اختر، اقبال، انور ۽ ويٺلن ۾ رضيه، خادم ۽ پروين سان گڏ
”دي بلائينڊ فولڊس آئيز“ ڪتاب جو ٽائيٽل ڪور
آمريڪا ۾ رهندڙ اعليٰ تعليم يافته سنڌين مان هڪ پروفيسر آغا گل
عراق جي جنگ ۾ مارجي ويل آمريڪي فوج جي هڪ پاڪستاني آرمي ڪئپٽن جي واشنگٽن ۾ قبر
عبدالعليم بروهي جو والد عبدالعزيز بروهي ۽ سندس زال (اسان جي ناني جي ڀيڻ غلام فاطمه) جي هڪ يادگار تصوير (1943ع)
اسان جو نانو سيٺ محمد حسن سومرو (ڪاٻي پاسي) سندس فئوريٽ ڀاٽيجو عبدالعليم بروهي (ڀڻي غلام فاطمه جو پٽ ساڄي پاسي)
سال 1972ع نيويارڪ: فلمي اداڪار ڪمال سليم شاهه، پروين شاهه ۽ ٻارن سان گڏ
سال 1969ع نيويارڪ، پاڪستان سفارتخاني طرفان ملهايل پاڪستان ڊي تي يوسف ڏاهري، نور احمد نظاماڻي ۽ ٻيا مهمان
الطاف شيخ ۽ سندس پيارو جو دوست نور احمد نظاماڻي اڄ کان پنجيتاليهه سال اڳ نيويارڪ ۾

نيويارڪ جي ٻن اوچين عمارتن تي حملو ٿيڻ وقت
منور لغاري جا والدين
ائٽلانٽڪ سٽي ۾ بنگلاديشي عورتن جو هڪ وڏو دڪان
منور لغاري پنهنجي آفيس ۾ مهمانن سان گڏ
نيو جرسيءَ ۾ نواب شاه جي ميمڻ جي دڪان ۾ دڪان جي مالڪ عورتن سان گڏ وچ ۾
بيڻل مسز مستوران الطاف
نيويارڪ شهر جي هڪ گهٽي
اسانجي ڳوٺ جو نجم ميمڻ واشنگٽن ۾
نيويارڪ جي اسٽاڪ ايڪسچينج بلڊنگ اڳيان
واشنگٽن ۾ ملهايل سنڌي شام ۾ آيل مهمان
آمريڪا ۾ حبيب آمريڪن بئنڪ اڳيان جنهن جو مئنيجر نديم جوڻيجو آهي
ڊاڪٽر سليم خميساڻي پنهنجي زال سان گڏ
الطاف شيخ سان گڏ جهاز هلائيندڙ آغا ظفر هاڻ آمريڪا ۾ رهي ٿو ۽ سندس زال زيب
النساء هالا جي تعليمي ماهر سائين غلام رضا پٽو جي ڌيءَ آهي
آمريڪا جي فوج ۾ پهريون سنڌي آفيسر حنيف سانگي ۽ فلڪ شير جو ياءُ ڪوه شير
هيمون (ضمير) وسطڙو ۽ الطاف شيخ بروڪلن (نيويارڪ) جي هڪ هوٽل اڳيان جتي حلال
کاڌو Serve ڪيو وڃي ٿو
شمع (مسز ڊاڪٽر الطاف ميمڻ) پنهنجين پيننن سان گڏ SANA جي فنڪشن ۾
ڊاڪٽر مٺل وقاصي، ڪوه شير ۽ ڊاڪٽر قلباڻي
ساڄي کان کاٻي: نيويارڪ (آمريڪا ۾) سارا (مسز فلڪ شير) جيڪا ملائيشيا جي آهي پر
سنڌي صاف ڳالهائي ٿي،... مسز سلطان لغاري ۽ الطاف شيخ جي ڌيءَ مريم جيجل (مسز
ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ)
هالا جي ڊاڪٽر عذرا ڪيريو (مسز ڊاڪٽر رمضان انڙ) ۽... (مسز سلطان لغاري)
الطاف شيخ واشنگٽن ۾ ابراهام لنڪن جي مورتي اڳيان ان پٿر وٽ جنهن تي ”آءِ هئو اي
ڊريم“ لکيل آهي
آمريڪا جي هڪ سنڌي فنڪشن ۾ شازيہ خشڪ ۽ مسز ڊاڪٽر سرفراز ميمڻ
هالا جي ڊاڪٽر ليلان ڪِيريو (مسز ڊاڪٽر رمضان اُنڙ) شازيہ خشڪ ۽ هڪ ٻي ساهيڙيءَ سان
گڏ بالٽيمور ۾
منهنجي والد نيويارڪ رياست جي ڪارنيل يونيورسٽي اٿيڪا مان M.Sc ڪئي
فلڪ شير جا پٽ پنهنجي اسڪوائش ڪوچ سان گڏ
رٽگرز يونيورسٽي جي اسٽوڊنٽ سڪينہ چانڊيو آزاديءَ جي مجسمي اڳيان

الطاف شيخ، حميرا ۽ منور لغاري
زيرو گرائونڊ نيويارڪ_ احسن ڪجھ مڪاني نيويارڪرن سان
ڊاڪٽر الطاف ميمڻ پنهنجي پٽن سان گڏ نيويارڪ ۾
ڊاڪٽر نور راڄپر، ڊاڪٽر ابڙو ۽ عاطف (ڪونج) جا پار نيو جرسي آمريڪا ۾ هڪ دعوت ۾
مسٽر ۽ مسز نديم جوڻيجو سانا جي فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ لاءِ واشنگٽن ۾
مسز ڊاڪٽر نور راڄپر، مسز مسرور راڄپر ۽ پار
نديم جوڻيجو جي گھر آيل مهمانن ۾ ثمير وسطڙو ۽ ڊاڪٽر علي ابڙو
نديم جي گھر دعوت ۾ اسماعيل حميراڻي سان به ملاقات ٿي، جيڪو پنهنجي ڊاڪٽر پٽ ۽ ڌيئن سان ملڻ لاءِ نيويارڪ آيل هو
طفيل چانڊيو ۽ ثمير وسطڙو
الطاف شيخ نوابشاهه جي شڪيل ميمڻ سان گڏ جيڪو 10 سالن کان خالد چني سان گڏ قدرتي جڙين ٻوٽين جو بزنيس سنڀالي ٿو
نيو جرسي جو مزمل (ولد محمد يوسف) جنهن ننڍي عمر ۾ آمريڪا ۾ قرآن حفظ ڪيو آهي
پريالو (خيرپور) جو عاشق لاکو جيڪو بالٽيمور (ميري لئنڊ) ۾ رهي ٿو
شيزان هوٽل جي مسجد ۾ ڀرين جمعي تي خطبو پڙهندڙ امام محمد يوسف
ثمير وسطڙو جيڪو نيو جرسي جي شهر Avenil ۾ رهي ٿو
فلڪ شير پنهنجن دوستن سان گڏ فلڊلفيا ۾
الطاف شيخ ۽ سندس ڪلاس ميٽ انور ميمڻ 1963ع ۾ ڪئڊٽ ڪاليج ڇڏڻ بعد هتي ورجينا ۾ ڀريون دفعو مليا
نيويارڪ جو بندرگاهه، مختلف پيٽ، پُليون ۽ نديون
هڊسن نديءَ جو وهڪرو